
سنڌ جا سپوت

جلد پهريون

(ڪراچي کان ڪشمور تائين)

سرزمين سنڌ جي بزرگن، عالمن، قارين ۽ حافظن، اديبن ۽
سياسي سماجي رهنمائن جي زندگي ۽ ڪارنامن ۽
تصنيفي ۽ تبليغي خدمتن تي تفصيلي ڪتاب



مؤلف

مولانا چوهان سليم الله سنڌي

ڊائريڪٽر مولانا عبيدالله سنڌي اڪيڊمي راجو گوٺ

ڇپائيندڙ

مدرسه عربيه دارالتعليم حماديه
راجو گوٺ ضلع شڪارپور

سنڌ جا سپوت

جلد پهريون

مؤلف
مولانا چوهان سليم الله سنڌي

سنڌ جا سپوت اڪابرين جي نظر ۾:

حضرت سائين عبدالصمد هاليجوي لکن ٿا "مولانا سليم الله چوهان ۾ هڪ ڪتاب نالي "سنڌ جا سپوت" عالمن بزرگن جي سوانح حيات تي سهيڙيو آهي. الله تعاليٰ کان دعا آهي ته هن ڪتاب کي مقبوليت عطا فرمائي."

حضرت سائين سراج احمد شاه امروٽي لکن ٿا: "فاضل نوجوان ليکڪ محترم مولوي سليم الله چوهان قلم ۽ ڪاغذ سان ڳنڍ ٻڌي رکڻ ۾ تازي ڪاوش "سنڌ جا سپوت" مان ظاهر خير آهي."

ڊاڪٽر مفتي محمد ادريس سومرو لکن ٿا: "علم جا ڏاڍي ته ڪوڙ آهن پر انهن ۾ قلم ڏاڍي ٿي ۽ ٻيو برابر آهن جن مان مولانا سليم الله چوهان به هڪ آهي. هن کان اڳ هن ماهنامه رسالو ۽ هفتي ۽ اخبارن ۾ ڪالم ۽ هفتن ۾ مضمون اردو ڪتاب جو ترجمو ۽ هن مستقل ڪتاب لکندو رهيو آهي. سنڌ جي سپوتن بابت مولانا چوهان صاحب جو تڪيل هي ڪتاب اڳتي هلي ڪم وارو ثابت ٿيندو ۽ پڙهندڙن لاءِ شمار ٿيندو."

ڊاڪٽر مفتي عبدالقيوم سنڌي لکن ٿا: "اسان جا مجاهدن، ڄاڻوڙ نوجوان عالمن ۾ اسان جو عزيز دوست مولانا سليم الله چوهان به آهي. سندس تازو جوڙيل ڪتاب سنڌ جا سپوت آهي. ڪتاب سرسري نظر مان گذريو. منهنجي خيال ۾ چڱو سمجهي ۽ سهيڙي اٿئين جنهن تي مولانا جس لهڻي."

قائد سنڌ علامه راشد محمود سومرو لکن ٿا: "مولانا سليم الله چوهان ڏاڍو ۽ قابل ڄاڻوڙ محقق ۽ ليکڪ آهي. سندس علمي ڪارنامن تي ڪيس جس هجي."

مولانا محمد رمضان ڦلپوٽو لکن ٿا: "مولانا سليم الله چوهان العيه جذبي سان سرشار ٿي موجوده دور جي سنڌ جي ڄاڻو عالمن جا "سوانحي خاڪا" "سنڌ جا سپوت" جي نالي سان ڪٺا ڪيا آهن."

سنڌ جا سپوت

(جلد پهريون)

(ڪراچي کان ڪشمور تائين سرزمين سنڌ جي بزرگن،
عالمن، قارين، حافظن، اديبن ۽ سياسي سماجي رهنمائن جي
زندگي، ڪارنامن ۽ تصنيفي توڙي تبليغي خدمتن
تي تفصيلي ڪتاب)

ٻيو ايڊيشن اضافو شده

مؤلف

مولانا چوهاڻ سليم الله سنڌي

ڊائريڪٽر مولانا عبيدالله سنڌي اڪيڊمي

زير نگراني

حضرت مولانا سائين محمد رمضان ڦلپوٽو

شيخ الحديث جامعہ دينيہ دارالهدیٰ نيڙهي

ڇپائيندڙ

مدرسہ عربيہ دارالتعليم حماديہ

راڄوڳوٺ ضلع شڪارپور فون: 03043015260

ڪتاب جو نالو: سنڌ جا سپوت
مؤلف: مولانا چوهاڻ سليم الله سنڌي
زير نگراني: حضرت مولانا سائين محمد رمضان ڦلپوٽو
صفحا: 400
ڪمپوزنگ: محمد ابوبڪر عمر چوهاڻ
آزاد ڪمپوزنگ سينٽر راڄو ڳوٺ
ڇاپو پهريون: جمادي الثاني 1442 هجري، مطابق فيبروي 2021ء
ڇاپو ٻيو: رمضان المبارڪ 1442هجري مطابق مئي 2021ء
ناشر: مدرسہ عربيہ دارالتعليم حماديہ، راڄوڳوٺ ضلع شڪارپور
قيمت: -/800 روپيا

ملڻ جا هنڌ

درگاهہ عاليہ قادريہ راشديہ حماديہ هاليجي شريف پنو عاقل، مولانا نصرالله هاليجوي، حماديہ خيرالمدارس شادي شهيد روڊ خيرپورميرس، حافظ عبدالڪريم ڦلپوٽو، مدرسہ عربيہ دارالعلوم باگو ڦلپوٽو، نزد پير جو ڳوٺ، مولانا مفتي طاهر محمود سومرو جامعہ اسلاميہ اشاعت القرآن والحديث لاڙڪاڻو، مفتي احسان الله ڳمپيرجامعہ ابن عباس پير مگيون نزد نيڙهي باءِ پاس، سنڌيڪا اڪيڊمي بي 24 نيشنل آٽو پلازه مارسٽن روڊ ڪراچي، مولانا عبدالجبار چاچڙ، استاذالحديث جامعہ تعليم القرآن حماديہ نيڙهي، صديق حيدر ڪتاب گهر، نزد مين گيٽ گهٽي هاءِاسڪول شڪارپور، مولانا سعيد احمد شاهہ بخاري جامعہ اسلاميہ بدرالعلوم حسينيہ بخاري محلہ ٻچل شاهہ مياڻي سکر، مولانا محمد احمد مهر مدرسہ اصحاب صفہ رضہ لکي غلام شاهہ، حافظ گل محمد مري بلوچ، خطيب بخارا جامع مسجد گمٽ. 03023138083، مولانا هدايت الله اڄڻ، ڪسان ڪالوني گمبٽ، مولانا شفيع محمد اڄڻ، مدرسہ دارالعلوم اويسيہ سائيٽ ايريا سکر، مولانا مصعب حسن عباسي مدرسہ عربيہ درگاهہ عاليہ قادريہ حسنيہ شاهہ پور چاڪر، ڊاڪٽر اي جي انصاري ڪريم ڪلينڪ شهيد سرفراز چوڪ ڪاشيرام پل جيڪب آباد، مولانا مسعو احمد سومرو قديمي مدرسہ لاڙڪاڻو، مفتي سفيان محمود ڪورائي جامعہ عائشہ صديقہ دوڙ شهر، مولانا فياض احمد ميمڻ جامعہ فيض العلوم قاسميہ نيڙهي باءِ پاس. مولانا شعيب الرحمٰن کهڙو حيدرآباد، مولانا خدابخش اڄڻ ڊٻ مهر شاهہ، ماهوار شريعت سکر، محمد چوهاڻ مدرسہ عربيہ دارالتعليم حماديہ راڄو ڳوٺ 03008538889، مولانا محمد انور ڪوهارو خيرپور ناٿن شاهہ، مولانا مفتي فضل الرحمٰن اڄڻ مهتمم مدرسہ عربيہ قوت الاسلام ڊٻ باءِ پاس

انتساب

آئون پنهنجي هن حقير ڪوشش کي انهن سڀني، مهربانن ۽ ڪرم فرمائن جي نالي ڪرڻ جي سعادت ماڻيان ٿو. جن جي نگراني، رهبري ۽ سائي هيٺ مون کي لکڻ جو حوصلو ۽ همٿ ملي. انهن مبارڪ هستين ۾

پير طريقت حضرت مولانا حافظ سائين عبيدالله هاليجوي،
محقق العصر استاذالعلماء حضرت مولانا ڊاڪٽر مفتي محمد ادريس سومرو،
عرب دنيا ۾ علم جي جوت جلائيندڙ محقق العصر استاذالعلماء
حضرت مولانا مفتي ڊاڪٽر پروفيسر حافظ قاري عبدالقيوم سنڌي،
مفسر قرآن حضرت مولانا سائين محمد رمضان ڦلپوٽو،
جديد سنڌ جو ليکڪ ۽ ڏاهو محترم نور احمد ميمڻ،
استاذالعلماء حضرت مولانا ڪليم الله کهڙو،
جانشين حضرت قاسمي حضرت مولانا محمد اسماعيل قاسمي،
استاذالعلماء حضرت مولانا مفتي حبيب الله پناڻ،
جانشين مناظر اسلام حضرت مولانا سعيد احمد شاه بخاري
۽ حضرت والد گرامي صوفي خدا بخش چوهاڻ رحہ
باني مدرسہ عربيہ دارالتعليم حماديہ گلشن حضرت سنڌي رحہ شامل آهن.

خاڪپاءِ حضرت سنڌي رحہ

ابو محمد چوهاڻ سليم الله سنڌي

ڊائريڪٽر مولانا عبيدالله سنڌي اڪيڊمي

مصنف جا ٻيا اهم ۽ مشهور ڪتاب

حديث سمجهڻ جا اصول ۽ قانون
حضرت مولاناخير محمد جالنڌري / مولانا چوهاڻ سليم الله سنڌي

اتحاد اُمت
خطاب: حضرت مولانا مفتي محمد شفيع عثماني/ مولانا چوهاڻ سليم الله سنڌي

خلاصة القرآن
ليکڪ :حضرت مولانا محمد اسلم شيخوپوري رحہ/ سنڌيڪار :مولانا چوهاڻ سليم الله سنڌي

زال ۽ مڙس جا حق
گهريلو زندگيءَ کي خوشگوار بڻائڻ لاءِ بهترين ۽ لا جواب ڪتاب.
جنهن جي پڙهڻ ۽ عمل ڪرڻ سان گهر جنت جو ڏيک ڏيندو

عشره مبشره
ليکڪ :حضرت مولانا محمد اسلم شيخوپوري رحہ/ سنڌيڪار :مولانا چوهاڻ سليم الله سنڌي

حضرت عمر رضہ جا 100 قصا
مؤلف: شيخ محمد صديق منشاوي/ سنڌيڪار: مولانا چوهاڻ سليم الله سنڌي

حضرت عثمان غني رضہ جا 100قصا
مؤلف: مولانا خرم يوسف/ سنڌيڪار: مولانا چوهاڻ سليم الله سنڌي

حضرت علي رضہ جا سؤ قصا
مؤلف: شيخ محمد صديق منشاوي/ سنڌيڪار: مولانا چوهاڻ سليم الله سنڌي

تبليغي جماعت ۽ ان جي دعوت جا اصول ۽ ادب
مصنف: حضرت مولانا محمد يوسف ڪاندهلوي رحہ/ سنڌيڪار: مولانا چوهاڻ سليم الله سنڌي

قبر جو عذاب
ترتيب ۽ سهيڙيندڙ: مولانا چوهاڻ سليم الله سنڌي

شهيد ڪربلا
افادات: حضرت مولانا مفتي محمد شفيع رحہ/ سنڌيڪار: مولانا چوهاڻ سليم الله سنڌي

امام مهدي ڪڏهن ايندو؟
ليکڪ: حضرت مفتي نظام الدين شامزئي رحہ/ سنڌيڪار: مولانا ابو محمد چوهاڻ سليم الله سنڌي

امت جون مائرون
ليکڪ: حضرت مولانا چوهاڻ سليم الله سنڌي

نبي ڪريم ﷺ جن جون نياڻيون
مولانا چوهاڻ سليم الله سنڌي

حافظ محمد طاهر سنڌي
مرتب: ابو محمد چوهاڻ سليم الله سنڌي

جمعيت جو جهنڊو:حديثن جي روشنيءَ ۾
سنڌيڪار: مولانا چوهاڻ سليم الله سنڌي

فهرست

باب پهريون
سنڌ جي درگاهن جي سجاده نشينن جو تعارف

باب ٻيو
سنڌ جي مدرسن، اسڪولن ۽ ڪاليجن جي استادن جو تعارف

باب ٽيون
مصنفن ۽ ليکڪن جو تعارف

باب چوٿون
سياسي اڳواڻن ۽ رهنمائن جو تعارف

باب پنجون
سنڌ جي قارين ۽ حافظن جو تعارف

باب ڇهون
سماجي ورڪرن جو تعارف

تقريظ

امام المجاهدين مرشد الموحدين ولي ڪامل پير طريقت رهبر شريعت
حضرت مولانا سائين عبدالصمد هاليجوي دامت برڪاتهم

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ وَكَفٰى وَالصَّلٰوةُ وَسَلَامٌ عَلٰى عِبَادِهِ الَّذِيْنَ اصْطَفٰى اَمَّا بَعْدُ

الله تعاليٰ جو هيءُ دين اسلام قيامت تائين رهڻو ۽ هلڻو آهي. اهي ماڻهو ڀاڳن ڀريا آهن، جيڪي دين اسلام، قرآن شريف ۽ رسول الله ﷺ جنجي سنت مطهره جي مٿان عمل ڪن ٿا ۽ پنهنجي سڄي زندگي قرآن ۽ سنت جي مطابق گذاريائون.

قرآن ۽ سنت جي تعليم عالمن سڳورن وٽان ملندي. عالمن جون ديني خدمتون اجاگر ڪرڻ سان مسلمانن جي دلين ۾ انهن جي عزت ۽ احترام اجا وڌندو، جنهن جي نتيجي ۾ مسلمان ٻائرن ۾ علم حاصل ڪرڻ ۽ عمل صالح جو جذبو اڀرندو.

مولانا سليم الله چوهاڻ بہ هڪ ڪتاب نالي "سنڌ جا سپوت"عالمن سڳورن جي سوانح حيات تي سهيڙيو اٿس.

الله تعاليٰ ڪان دعا آهي تہ هن ڪتاب کي مقبوليت عطا فرمائي ۽ اسان سڀني کي پنهنجي قرآن شريف ۽ رسول الله ﷺ جن جي سنت مطهره جي مٿان عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. آمين!

(حضرت مولانا سائين
عبدالصمد هاليجوي دامت برڪاتهم

تقريظ

قائد سنڌ حضرت علامہ راشد محمود سومرو
جنرل سيڪريٽري جمعيت علماءِ اسلام صوبہ سنڌ

خدمات علماءِ سنڌ هڪ تمام ڏگهو عنوان ۽ موضوع آهي. جنهن تحت ڪيترائي ڪتاب لکجي سگهجن ٿا. خدمات علماءِ سنڌ تي ڪيترن ئي عالمن قلم ڪنيو آهي، مختلف وقتن ۾ سنڌ جي عالمن جي سوانح حيات ۽ خدمات تي ڪتاب مارڪيٽ ۾ ايندا رهن ٿا. انهن ئي ڪتابن ۾ جمعيت علماءِ اسلام جي جاڪوڙي ڪاهوڙي، جفا ڪش ۽ سرگرم ڪيترن ئي ڪتابن جي مصنف حضرت مولانا محمد رمضان صاحب ڦلپوٽو صاحب جن ڪتاب "*خدمات علماء سندھ اور جمعيت العلماء*" جمعيت علماء اسلام ۽ سنڌ جي عالمن تي هڪ بهترين املهہ ڪتاب لکي مڃتا ماڻي چڪو آهي.

اهڙيءَ ريت سنڌ جي نوجوان قلمڪار برادرم مولانا سليم الله چوهاڻ صاحب موجوده سنڌ جي عالمن جي سياسي توڙي سماجي، تعليمي توڙي تبليغي، تدريسي توڙي تصنيفي، خدمتن تي هڪ نئين ۽ نرالي انداز ۾ "سنڌ جا سپوت" جي نالي سان ڪتاب اسان جي آڏو آندو آهي.

جنهن لاءِ مولانا سليم الله چوهاڻ صاحب سڄي سنڌي قوم پاران واڌاين ۽ شاباس جو حقدار آهي، جنهن سنڌي عالمن جي خدمات کي اجاگر ڪيو آهي.

مولانا سليم الله چوهاڻ لائق ۽ فائق، جاڪوڙي محقق ۽ ليڪڪ آهي. سندس علمي ڪارنامن تي ڪيس جس هجي. هڪ ناياب علمي مجموعو سنڌ جي برک عالمن (سپوتن) تي سندس تاريخ ۾ هڪ نئين باب جو آغاز آهي. آئون سجهان ٿو مولانا موصوف جو هي ڪتاب تاريخ ۾ هڪ نئون اضافو آهي، ان تي آئون مولانا موصوف کي مبارڪباد پيش ڪريان ٿو. ڪيس رب ڪريم مزيد توفيق عطا فرمائي آمين.

تقريظ

حڪيم الاسلام فقيه سنڌ

حضرت مولانا مفتي عبدالوهاب چاچڙ دامت برڪاتهم

شيخ الحديث جامعہ دارالعلوم الشريعہ روهڙي

نَحْمَدُهُ الْعَظِيْمَ وَنُصَلِّيْ عَلٰى رَسُوْلِهِ الْكَرِيْم

نحمدالله العظيم ونصلي عليٰ رسولہ الڪريم

امابعد سنڌ جي علماء تي تمام ٿورو ڪم ٿيو آهي پر ڪجھ وقت کان انهيَ پاسي علماء لکڻ شروع ڪيو آهي. ماهوار ”شريعت“ هڪ ضخيم سوانح حيات نمبر شايع ڪيو هو، چوڏهين صدي جا سنڌي عالم ۽ حال حيات علماء سنڌ جي انٽرويو (حالات ۽ خيالات انٽرويو) جو سلسلو بہ ماهوار ”شريعت“ جو گهڻي وقت کان هلندڙ آهي پر اهو بہ ڪافي نہ آهي.

مولانا سليم الله چوهاڻ سنڌ جا سپوت جي نالي سان سنڌي عالمن جو هڪ ضخيم ڪتاب جمع ڪيو آهي، جيڪو جامع ڪتاب آهي.

الله تعاليٰ کان دعا آهي تہ انهيَ ڪتاب کي قبوليت عامہ نصيب فرمائي ۽ مصنف کي مزيد ڪم ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي آمين

(مولانا مفتي) عبدالوهاب چاچڙ

مديراعليٰ ماهوار ”شريعت“

۽ شيخ الحديث جامعہ عربيہ دارالعلوم الشرعيہ روهڙي

تقريظ

پير طريقت رهبر شريعت

حضرت مولانا سيد سراج احمد شاهہ امروٽي

باسمہ تعاليٰ

نَحْمَدُهُ وَنُصَلِّيْ وَنُسَلِّمُ عَلٰى رَسُوْلِهِ الْكَرِيْم

فاضل نوجوان، ليکک محترم مولوي سليم الله چوهاڻ قلم ۽ ڪاغذ سان شغف ٿا رکن. تازي ڪاوش “سنڌ جا سپوت” مٿان تذڪره خير آهي.سنڌ جي عالمن تي لکڻ جي تمام گهڻي ضرورت آهي، ڇو تہ سنڌ جي عالمن جون ديني، تبليغي، سياسي ۽ سماجي لحاظ کان شاندار ڪردار رهيو آهي، ان ضرورت کي محسوس ڪندي اسان جي ساٿي مولانا سليم الله چوهاڻ جن سنڌ جي جيئرن بزرگن، عالمن، حافظن، سياسي ۽ سماجي رهنمائن جو تعارف ۽ خدمات کي سهيڙي سنواري سينگاري ڪتابي صورت ۾ “ سنڌ جا سپوت” نالي سان لکيو آهي. مانواري ساٿي برادرم مولانا سليم الله چوهاڻ جن اهم وقتائتو قدم کنيو اٿائين. جنهن لاءِ آئون کيس دعا ئي ڪريان ٿو تہ الله پاڪ سندس قلم ۽ علم ۽ عمر ۽ بخت کي مزيد ترقي نصيب فرمائي. (آمين)

فقط والسلام

سيد سراج احمد شاهہ امروٽي

تقريظ

حضرت مولانا ڊاڪٽر عبد القيوم سنڌي

ام القريٰ يونيورسٽي، مڪ مڪرم

بسم الله الرحمن الرحيم

قُلۡ هَلۡ يَسۡتَوِي الَّذِيۡنَ يَعۡلَمُوۡنَ وَ الَّذِيۡنَ لَا يَعۡلَمُوۡنَ [الزمر: 9]

ترجمو: (اي پيغمبر) چئو ته علم وارا ۽ بي علم (پاڻ ۾) برابر ٿيندا ڇا؟

بني آدم جي هر فرد جو الله تعالىٰ وڏو مان ۽ مرتبو ڪيو آهي، انسانيت هڪ عظيم درجو آهي، جنهن ۾ بنو آدم سڀ برابر آهن پر مؤمن تن ۾ سڀ کان مٿانهان ڪيا اٿس، جن ۾ رنگ وبوء، جِنس ۽ جِلد جو ڪو فرق نه رکيو اٿس، وڏي ۾ وڏي پرک ايمان آهي، ايمان سان آدم ڄائو انسان آهي، نه ته حيوان يا حيوان کان به بدتر آهي، جيئن قرآني فرمان آهي ته:

اَمۡ تَحۡسَبُ اَنَّ اَكۡثَرَهُمۡ يَسۡمَعُوۡنَ اَوۡ يَعۡقِلُوۡنَ ؕ اِنۡ هُمۡ اِلَّا كَالۡاَنۡعَامِ بَلۡ هُمۡ اَضَلُّ سَبِيۡلًا ﴿۴۴﴾ [الفرقان: 44]

ترجمو: ڇا توهين ڀانيو ٿا ته منجهانئن گهڻا ٻڌن ٿا يا سمجهن ٿا؟ اِهي رڳو ڍورن وانگر آهن بلڪ اُهي وڌيڪ گمراهه آهن.

انسان جي تخليق کان پوء نشو ونما ۽ تعليم وتربيت جا مختلف مراحل گذريا آهن، جن ۾ سنڌ ۽ سنڌين جو وڏو ڪردار رهيو آهي، سنڌ پوري دنيا ۾ ثقافتي اعتبار کان هڪ مجيل مرڪز رهيو آهي، جنهن جو ڪو به انڪار نه ٿو ڪري سگهي.

سنڌ جي ڏاهن به هر ميدان ۾ پاڻ مڃايو آهي، علم ۽ ڏاهپ جي هر ميدان ۾ دنيا کين چڱيء طرح سڃاڻي ٿي، دليل ڏيڻ جي ڪا ضرورت ئي ناهي، سياست هجي يا ثقافت، صنعت هجي يا تربيت، سائنس هجي يا

حڪمت، پورهيت هجي يا قيادت سنڌي توهان کي هر پليٽ فارم تي ڪنهن به قوم کان پٺتي نظر نه ايندا.

سنڌ جا ديني عالم سڀورا به ڪنهن قوم کان پٺتي ناهن، ناسازگار حالات جي باوجود سنڌي قوم جي ٻچڙن جي تعليم ۽ تربيت ۾ جيڪا جاکوڙ جهنگ جهر سنڌي عالم ڪري رهيو آهي سا جهاد کان گهٽ ناهي.

اهڙن مجاهدن، جاکوڙي نوجوان عالمن مان اسان جو عزيز دوست جناب مولانا سليم الله چوهاڻ صاحب (سلمہ الله) به آهي، مختصر عرصي کان سندس ويجهڙائپ نصيب ٿي، ڏاڍو قربائتو ماڻهو نظر آيو، سندس ڪاوشون ۽ ڪارنامان ڏسي دل بهار بهار ٿي پئي، پنهنجي ڳوٺاڻي ماحول ۾ رهندي ديني مدرسو قائم ڪيون ويٺو آهي ۽ گڏوگڏ صحافت جي ترڪندڙ ميدان ۾ به پنهنجا پير ڦٻايون ويٺو آهي، انهيء سلسلي ۾ ڪجھ رسالا جوڙي ۽ مقالا لکي چڪو آهي، انهيء سلسلي جي هڪ ڪڙي سندس تازو جوڙيل رسالو (سنڌ جا سپوت) آهي، جنهن جي ڇپائڻ جو پڪو پهه پچايون ويٺو آهي، رسالو سرسري نظر مان ڪڍيم، منجهس جيڪا ڄاڻ سموهي ۽ سهيڙي اٿئين تنهن تي مولانا جس لهڻي، الله تعالىٰ سندس انهيء محنت کي شرف قبوليت سان نوازي ۽ مزيد ديني امور ۾ سندس رهنمائي فرمائي. وآخر دعوانا ان الحمد لله رب العالمين.

١٩ رجب المرجب ١٤٤٢ ھ
٣ مارچ ٢٠٢١ ع

ڊاڪٽر عبد القيوم سنڌي
مڪه مڪرمه

چڱا اکر

محقق العصر، شيخ الحديث
حضرت مولانا ڊاڪٽر محمد ادريس السندي دامت برڪاتهم

علم جا ڌڻي تہ ڪوڙ آهن پر انهن ۾ قلم ڌڻي اٽي ۾ لوڻ برابر آهن، جن مان مولانا سليم الله چوهاڻ بہ هڪ آهي. جنهن جامعہ اسلاميہ شمس الهديٰ ڪولاب جيئل (خيرپور ميرس) مان فارغ التحصيل ٿي، شهادة العالميہ ماڻي قلم هٿ ۾ جو کنيو آهي، سو اڄا تائين پيو هلي. پوءِ ڪڏهن ماهنامہ رسالو، تہ ڪڏهن اخباري ڪالم، تہ ڪڏهن ڪنهن اردو ڪتاب جو ترجمو، تہ ڪڏهن مستقل ڪتاب لکندو رهيو آهي. جن مان ڪيترائي ڪتاب ڇپجي منظرعام تي اچي مقبوليت ماڻي چڪا آهن. حالانڪ ڪتاب لکڻ تمام ڏکيو ڪم آهي، وري ان کي ڇپرائي پڌرو ڪرڻ تہ الله امان! جنهن بہ پبلشر وٽ ڪٽي وڃ تہ انهن جا پنهنجا نخرا. پوءِ بہ هن نوجوان ليکڪ مولانا سليم الله چوهاڻ صاحب همت نہ هاري، صبر جو سنڌرو ٻڌي، ڪم ڪندو رهيو. هڙان وڙان خرچ ڪري پنهنجا ڪتاب اشاعت ۾ آڻيندو رهيو. هيستائين هن ٥٠ کن ڪتاب لکيا آهن. جن مان ويهارو ڪتاب قارئين آڏو آڻي چڪو آهي. اهو ڏينهن بہ ڏور ناهي، جڏهن سندس شمار ڪثيرالتاليف مصنفن ۾ ٿيندو.

قارئين جي هٿن ۾ هن وقت ”سنڌ جا سپوت“ نالي سان جيڪو ڪتاب آهي، سو ٻن سون جي لڳ ڀڳ سنڌ جي بزرگن، عالمن، قارين، حافظن، اديبن ۽ سماجي رهنمائن جي احوال زندگي، ڪارنامن ۽ تصنيفن توڙي تبليغي خدمتن تي مشتمل آهي. جن مان اڪثر حال حيات آهن. وفات پاتل عالمن تي تہ هر ڪو لکي ٿو پر حال حيات شخصيتن تي گهٽ لکيو وڃي ٿو. بقول مسرور:

دنيا ۾ ٿي دستور اڪثر اهو
ڪبو ياد مردن کي ويندي ڪان پوءِ

انهن ليکڪن مان اڪثر اهي آهن، جيڪي هن ڪالمن جي صورت ۾ مختلف اخبارن ۾ لکيون، جن کي گڏ ڪري، ان سان ٻين اهم عالمن جي سوانح شامل ڪري ڪتابي صورت ۾ آڻي، هُن سنڌ واسين تي احسان ڪيو آهي. ڪتاب ڇهن بابن تي مشتمل آهي.

باب پهريون: خانقاهن جا سجاده نشين
باب ٻيو: مَدرسن، اسڪولن ۽ ڪاليجن جا استاد
باب ٽيون: مصنف، ليکڪ، قلمڪار
باب چوٿون: سياسي اڳواڻ ۽ رهنما
باب پنجون: قراء حضرات ۽ حافظ سڳورا
باب ڇهون: سماجي ورڪر

ياد رهي تہ ”سنڌ جا سپوت“ نالي سان هڪ ڪتاب ڊاڪٽر ميمڻ عبدالغفور سنڌي بہ لکيو هو. جيڪو سندس هٿ اکري ۽ ڇپيل صورت ۾ راقم الحروف وٽ موجود آهي جنهن ۾ هڪ سؤ ١٠٠ مشاهير سنڌ جو تذڪرو ڪيو آهي پر هِن ۽ هُن ڪتاب ۾ هڪ فرق آهي تہ ڊاڪٽر صاحب جن شخصيتن جا احوال زندگي لکيا آهن، سي شهرت ماڻيل آهن. جڏهن تہ مولانا سليم الله چوهاڻ جي هن ڪتاب ۾ اڪثريت اهڙين سنڌي شخصيتن جي آهي جيڪي شهرت کان ڪوهين ڏور آهن، جن کي هن ڪتاب ۾ ذڪر ڪري چڻ تہ مولانا چوهاڻ صاحب انهن کي دوام ڏنو آهي.

ٻيو فرق هي آهي تہ ڊاڪٽر ميمڻ صاحب جو ڪتاب مذڪور هڪ سؤ سپوتن مان ڪتاب لکڻ وقت ٥، ٦ زنده هئا. جڏهن تہ مولانا سليم الله چوهاڻ صاحب جي هن ڪتاب ۾ مذڪور هڪ سؤ چاليهہ سپوتن مان ٥، ٦ وفات پاتل ۽ باقي سڀ حال حيات آهن.

ٽيون فرق هي آهي تہ ڊاڪٽر صاحب جن رڳو سو مشاهير جو تذڪرو ڪيو آهي. جڏهن تہ مولانا چوهاڻ صاحب جن سؤ کان وڌيڪ غير معروف عالمن جو بہ تذڪرو ڪيو آهي.

مولانا سليم الله چوهاڻ صاحب هن ڪتاب لکڻ ۾ جيڪا محنت ڪئي آهي، ان جو قدر و قيمت مان ڄاڻان ٿو چوتہ زنده شخصيتن کان

انٽرويو وٺڻ، حال احوال جمع ڪرڻ، سو بہ سنڌي ماڻھن ڪان تمام ڏکيو ڪم آھي.

جيڪڏھن سنڌ جي ھر ضلعي سان لاڳاپيل بزرگن، عالمن، استادن، قلمڪارن، سياسي اڳواڻن، قارين ۽ سماجي ورڪرن جي احوال زندگي کي گڏ ڪري ڪتابي صورت ۾ پڌرو ڪجي تہ ھوند سنڌ جي تاريخ جو ھڪ اھم حصو محفوظ ٿي پوي، انھيءَ ڏس ۾ ھر ضلعي جا قلمڪار ۽ ليکڪ متوجہ ٿين. جيڪو مواد ھاڻي ھٿ ڪري سگھبو، سو بعد ۾ دستياب ٿي نہ سگھندو ۽ نہ ان جي باري ۾ انھن شخصيتن جا اھل واولاد تعاون ڪندا. اڳ ۾ ئي اسان سنڌ جي تاريخ جو اھم حصو اھڙي طرح وڃائي چڪا آھيون، حتيٰ ڪہ مير علي شير قانع ٺٽوي بہ پنھنجي ڪتاب تحفة الڪرام ۾ ڪافي علماء، فضلاء، زعماء بابت ھڪ پن سٽن ڪان مٿي نہ ٽپي سگھيو آھي.

سنڌ جي سپوتن بابت مولانا چوھاڻ صاحب جو لکيل ھيءَ ڪتاب اڳتي ھلي ڏاڍو مان ماڻيندو ۽ بھترين تذڪرو شمار ٿيندو. اسان ڪانئس اميد رکون ٿا تہ اھڙو سلسلو جاري رکيو اچي، پين بہ ھڪ سؤ شخصيتن جو تذڪرو لکي. الله جي در دعا آھي تہ ھن ڪتاب کي قبول ۽ مقبوليت فرمائي. آمين

محمد ادريس السندي
قاسميہ لائبريري ڪنڊيارو

۲۰ رجب ۱۴۴۲ھ
۵ مارچ ۲۰۲۱ع
ضلع نوشھرو فيروز

تقريظ

استاذالعلماء حضرت مولانا محمد رمضان ڦلپوٽو

شيخ الحديث جامعہ دينيہ دارالھديٰ ٺيڙھي (حبيب آباد) خيرپور ميرس

اِنَّ الْحَمْدُ لِلّٰہِ نَحْمَدُہٗ وَنُصَلِّیْ عَلٰی رَسُوْلِہِ الْکَرِیْمِ اَمَّا بَعْدُ

الله تبارڪ و تعاليٰ سيدنا رسول الله ﷺ کي ختم نبوت جھڙي پارائي ”خاتم الانبياء“ جي بلند ۽ بالا، ارفع ۽ اعليٰ منصب ۽ درجي تي فائز فرمايو. سيدنا رسول الله ﷺ جن جي ختم نبوت جي صدقي ھن دين اسلام جي چوڪيداري ۽ پھريداري جو ڪم ھن امت جي عالمن سڳورن جي حوالي ٿيل آھي.

الحمد لله ھن امت مرحومہ جي عالمن سڳورن ھر دور ۾ دين اسلام جي ھر شعبي ۾ اھم خدمتون سرانجام ڏئي پاڻ ملھايو ۽ پاڻ نڀايو اٿن.

اسان جي سونھاري سنڌ جي عارفن، بزرگن، عالمن، فاضلن، مصنفن، مبلغن، ليکڪن ۽ مجاھدن عالمن، ٻي اسلامي دنيا جي بيدار مغز، با شعور، سجاڳ ۽ زنده دل عالمن سان ڪلھو ڪلھي ۾ ملائي دين اسلام جي زرخيز زمين کي پنھنجي دل ۽ دماغ جي تازي تواني رت سان ريج ڏئي سدائين سائو ۽ ساوڪ رکيو اٿن. فجزاھم الله خيرا و شڪر الله مساعيھم. آمين.

ھن ڳالھ جي ضرورت آھي ۽ شايد ھر دور ۾ ضرورت رھندي تہ ٻي اسلامي دنيا جي عالمن وانگر سنڌ ڌرتي جي عارفن، عالمن، فاضلن وغيره جي سوانح حيات کي لکي ڪتابي شڪل ۾ محفوظ بڻائجي. جيئن اسان جو ايندڙ نسل پنھنجي وڏڙن جي روشن ڪارنامن ڪان آگاھ رھي.

اسان جي علمي ۽ قلمي ميدان جي ساٿي برادرم مولانا سليم الله چوھاڻ صاحب انھيءَ جذبي سان سرشار ٿي موجوده دور جي سنڌ جي چوٽيءَ جي عالمن جا ”سوانحي خاڪا“ ”سنڌ جا سپوت“ جي نالي سان گڏ ڪيا اٿس.

الله تعاليٰ کان دعا آهي تہ مولانا جو هي ڪتاب مقبول ۽ منظور فرمائي ۽ اسان سنڌ واسين کي هن مان لاڀ لٽڻ، (فيض حاصل) ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ پڻ سنڌ جي ٻين عالمن کي پنهنجي علم ۽ قلم جي ذريعي محنت، جد و جهد ۽ ڪوشش ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي جيئن پهرين وحي:

الَّذِىۡ عَلَّمَ بِالۡقَلَمِۙ﴿۴﴾ (العلق: ۴)

تي عمل ٿئي، جنهن عمل لاءِ الله تعاليٰ قرآن شريف ۾ فرمايو آهي:

مَنۡ عَمِلَ صَالِحًا مِّنۡ ذَكَرٍ اَوۡ اُنۡثٰى وَهُوَ مُؤۡمِنٌ فَلَنُحۡيِيَنَّهٗ حَيٰوةً طَيِّبَةً‌ ۚ وَلَنَجۡزِيَنَّهُمۡ اَجۡرَهُمۡ بِاَحۡسَنِ مَا كَانُوۡا يَعۡمَلُوۡنَ﴿۹۷﴾

ترجمو: جنهن چڱو عمل ڪيو (پوءِ) اهو مرد هجي يا عورت ۽ اُهو مومن هوندو تہ ضرور کيس پلي حياتي ڏيئي جيارينداسون، ۽ جيڪي ڪندا هئا تنهن جو بدلو ضرور کين تمام ڀلو ڏينداسون.

اسان جي سنڌ جي جهونن عالمن هن علمي ۽ قلمي ميدان ۾ پاڻ ملهايو ۽ هر ٻوليءَ ۾ اڪيچار ڪتاب لکي اسان لاءِ جهجهو ذخيرو ڇڏي ويا آهن ۽ راهہ عمل جي لاٽ ٻاري ويا آهن. ساڻ هلندو رهي لاٽ ٻرندي جيان اسين سنڌ جي موجوده دور جي نوجوان عالمن کي قلم ۽ ڪاغذ هٿ ۾ ڪٽي ڪتابي دنيا ۾ اچڻ جي اخلاص ڀري، ڀرپور ۽ مانائتي دعوت ڏيون ٿا.

۲۲ ذوالقعده ۱۴۴۱ هجري
۱۴ جولائي ۲۰۲۰ء
مساءَ يوم الثلاثاءِ

احقرالعباد محمد رمضان ڦلپوٽو
شيخ الحديث
جامعہ دينيہ دارالهديٰ ٺيڙهي،
۽ مهتمم مدرسہ عربيہ دارالعلوم حماديہ
باگو ڦلپوٽو، نزد پير جو ڳوٺ تحصيل ڪنگري، ضلع خيرپور ميرس.

منظوم پيٽا

شاعر اسلام مولانا جوهر بروهي

سنڌ جا سپوت بيشڪ سهڻو ڪتاب آهي
ليکڪ سليم صاحب عالي جناب آهي

تحرير جي صداقت حق سچ جي صدا آ
هر لفظ ۾ نفاست جو انتخاب آهي

علماء حق جون ڳالهيون ۽ تذڪرو نرالو
ٻـ هزار ايڪويهہ ۾ هي انقلاب آهي

تاريخ کي سهيڙيو نئين طرز ساڻ سائين
سچ سونهن سان سنواريل ڇا آب و تاب آهي

اڄ جي لکت تہ ايندڙ نسلن جي آ امانت
هر ورق نور واسيل چڻ آفتاب آهي

سنڌڙي سدا سلامت تحرير ٿي گواهي
تحفو هي سنڌ ملڪ لءِ پڻ لا جواب آهي

همت خلوص جذبو حرفن ۾ آ سمايل
جوهر ڪتاب سارو نوري نصاب آهي

پيش لفظ

سرزمين سنڌ پنهنجي ظاهري توڙي باطني خوبين سان هر دور ۾ مالا مال رهي آهي. سرزمين سنڌ ۾ عالمن، فاضلن، مفسرن، محدثن، اديبن ۽ سياسي رهنمائن ۽ ليڊرن توڙي سماجي ورڪرن جو وڏو مرڪز رهيو آهي، ڇاڪاڻ تہ سنڌ باب الاسلام آهي، جن پنهنجي خداداد صلاحيتن جي ڪري سنڌ ڌرتيءَ جو ڳاٽ ۽ مان اوچو ڪيو آهي. اهڙن عالمن توڙي ديني ادارن تي ڪم ڪرڻ لاءِ مستقل طور ڪتاب ۽ دفتر لکڻ جي ضرورت آهي.ان ڪري مون هي موضوع منتخب ڪيو.

زير نظر ڪتاب اصل ۾ انهن تعارفي خاڪن جو مجموعو آهي، جيڪي ڪجھ سالن کان لڳاتار روزاني "پاڪ سنڌ" سکر، ۽ روزاني "سڪار" ڪراچي ۾ شايع ٿيندا رهيا. جيئن تہ اهي تعارفي خاڪا اخبارن جي فائلن ۾ موجود ۽ محفوظ آهن. ان ڪري ڪن مهربان سڄڻن پاران هي مشورو بار بار مليو تہ انهن شايع ٿيل خاڪن کي گڏ ڪري نظر ثاني ڪري نئين ترتيب سان ڪتابي صورت ۾ شايع ڪجي تہ جيڪو مواد اخبارن ۾ ٽڙيل پکڙيل آهي، اهو پڙهندڙن جي خدمت ۾ هڪ هنڌ ڪتابي صورت ۾ ملي. انهن مهربان سڄڻن جي مشوري کي مان ڏيندي انهن ئي شايع ٿيل تعارفي خاڪن کي نئين سر نظر ثاني ڪري ڪتابي صورت نالي "سنڌ جا سپوت" پڙهندڙن جي هٿن ۾ آهي.

ڪتاب ۾ اڪابر جو تعارف بہ آهي تہ اصاغر جي سوانح حيات بہ. جتي ڪتاب ۾ پڙهندڙن کي ديني مدرسن جي استادن جو تعارف پڙهڻ لاءِ ملندو تہ اتي اسڪولن ۽ ڪاليجن جي استادن جو بہ تعارف پڙهڻ لاءِ ضرور ملندو. سياسي اڳواڻن جو تعارف آهي تہ سماجي ورڪرن جو بہ تعارف شامل ڪيو آهي. قارين ۽ حافظن جو تعارف بہ آهي تہ مصنفن، ليکڪن ۽ قلمڪارن جو بہ تعارف آهي.

ڪي شخصيتون گهڻ رخي آهن، انهن جي عمومي حيثيت جهڙي پاسي نظر آئي تہ انهن کي ان باب ۾ شامل ڪيو آهي.

ڪتاب ۾ اسان کي جنهن بہ شخصيت بابت جيتري معلومات ملي آهي، اسان ان معلومات جي آڌار تي ڪتاب ترتيب ڏنو آهي، ڪنهن شخصيت بابت چڱو مواد مهيا ٿي ويو آهي، ڪنهن شخصيت بابت گهٽ مواد ملي سگهيو آهي. بهرحال جيترو بہ مواد ملي سگهيو آهي، سو غنيمت سمجهندي هن ڪتاب ۾ شامل ڪيو آهي. اميد تہ پڙهندڙ اسان جي هن اڻ پوري ڪوشش جو قدر ڪندا.

امام المجاهدين، مرشدالموحدين، پيرطريقت رهبر شريعت حضرت مولانا سائين عبدالصمد صاحب هاليجوي دامت برڪاتهم العاليہ جن جا دعائيہ ڪلمات ڪتاب کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا.

قائد سنڌ حضرت علامہ راشد محمود سومرو جن پنهنجي بي پناھ مصروفيتن جي باوجود ڪتاب جي لاءِ تقريظ لکي عنايت ڪيائون فجزاه الله عني خيرا.

حڪيم الاسلام حضرت مولانا مفتي عبدالوهاب چاچڙ جن جو بہ نهايت ئي ٿورائتو آهيان، جنهن پنهنجي بي پناھ مصروفيت جي باوجود ڪتاب جي لاءِ تقريظ لکي ڏنائون.

مولانا ڊاڪٽر مفتي محمد ادريس سومرو، جن شاندار مقدمو "چڱا اکر" لکي منهنجي حوصلہ افزائي فرمائي.

۽ عرب دنيا ۾ علم جي جوت جلائيندڙ محقق العصر استاذالعلماء حضرت مولانا مفتي ڊاڪٽر پرفيسر حافظ عبدالقيوم سنڌي جن بہ تقريظ لکي احقر تي احسان عظيم فرمايو.

هن ڪتاب جي تياري ۽ ترتيب توڙي نظر ثانيءَ ۾ استاذالعلماء حضرت مولانا سائين محمد رمضان ڦلپوٽو جن جو ڀرپور سهڪار شامل رهيو آهي.

ڪتاب جي ترتيب، لکڻ ۽ ڪمپوزنگ کان ويندي سڀني مرحلن ۾ تمام گهڻا ڪشالا ڪڍڻا پيا آهن. خاص ڪري عالمن کان انٽرويو ۽ حالات وٺڻ ۾ تمام گهڻي تڪليف ڪرڻي پئي آهي. اسان جا سنڌي ڀائر جيڪي لکڻ پڙهڻ کان بنہ واقف نہ هوندا آهن، اهي تڪڙ ۾ تنقيد ڪندا آهن. مون کي هڪ شخصيت جي معلومات وٺڻ خاطر ڪيترائي سفر ڪرڻا پيا، ڪي ظاهري ڪسري نفسي ڪن پيا، ڪي ان ڪم کي اجايو سمجهن پيا. ڪن پيارن انسان تہ حد کان وڌيڪ منهنجي حوصلہ افزائي فرمائي. ڪن سڄڻن تہ وري مايوس ڪيو. بهرحال ڪتاب لکڻ، ڇپائڻ ۽ عام ڪرڻ ننڍو ڪم نہ

آهي. زير نظر ڪتاب تہ سنڌ جي تاريخ جو هڪ اهم حصو آهي، هي ڪنهن هڪ ماڻهو جو ڪم نہ آهي، تنهن ڪري هن ڪم ۾ هر هڪ ساٿي پنهنجو حصو شامل ڪري مون سان ٻانهن ٻيلي ٿئي.

ان ڪان سواءِ شاعر اسلام حضرت مولانا جوهر بروهي جو بہ ٿورائتو آهيان، جنهن ڪتاب جي لاءِ منظوم تاثرات عنايت ڪيا. زير نظر ڪتاب ۾ جن مهربان سڄڻن جي دامي، درمي ۽ سخني سهڪار شامل رهيو آهي. انهن مهربانن ۾ مولانا مفتي شفيع محمد اڄڻ صدر مجلس تحفظ ختم نبوت سنڌ، مولانا عبدالقدوس ميمڻ مٽياري، مولانا مفتي احسان الله ڳمپير نيڙهي، حضرت مولانا عبدالغفور مهر، مولانا شعيب الرحمٰن کهڙو، مولانا فياض احمد ميمڻ نيڙهي، مولانا عرفان احمد ميمڻ نيڙهي، مولانا مفتي ولي الله مهر، برادرم مولانا محمد احمد مهر، برادرم حافظ ظهور احمد اڄڻ، حافظ ثناء الله اڄڻ ڏڀ مهر شاهہ.

برادرم مولانا مفتي حبيب الرحمٰن ڪوسو خيرآبادي صاحب جن تہ واهہ جو ڪمال ڪيو جو ڪتاب جي ترتيب ڏيڻ ڪان ويندي پروف ريڊنگ، نظر ثاني، سيٽنگ ۽ ٻين ٽڪنيڪل ڪمن ۾ ڀرپور ساٿ ڏنو.

ان ڪان سواءِ ڪتاب ۾ آيل تقريبا هر شخصيت جي تعارف سان گڏ ان جو رابطو نمبر بہ ڏنو اٿم، جيئن ڪو دو ست انهن شخصيتن تي جيڪڏهن وڌيڪ ڪم ڪرڻ گهري تہ انهن سان رابطي ڪرڻ ۾ ڏکيائي نہ ٿئي، نمبر ڏيڻ جو ٻيو مقصد هي بہ آهي تہ جيڪڏهن انهن شخصيتن ڪان ڪهڙي بہ حوالي سان رهنمائي حاصل ڪرڻ گهري تہ ڪانئنس رهنمائي حاصل ڪري سگهي.

۽ پنهنجي مهربان دوستن مان محترم جناب علي جان چوهاڻ، محترم جناب حبيب الله چوهاڻ، ڊاڪٽر عبدالفتاح چوهاڻ، محترم حافظ رياز علي چوهاڻ، محترم حماد الله چوهاڻ، محترم اسد الله چوهاڻ، محترم ميان افضل خان چوهاڻ، محترم پنهل چوهاڻ، نعت خوان محترم فضل الرحمٰن اڄڻ، محترم ريان احمد کهڙو.

ان ڪان سواءِ آئون ڏاڏي امان حاجاڻي هاجره (الله تعالي ڪيس صحت عطا فرمائيس) ڪي بہ وساري نٿو سگهان، جنهن ڪتاب جي ڇپائيءَ جي لاءِ بطور قرض حسنہ جي پنجاهہ هزار عنايت ڪيا. ان ڪان سواءِ پنهنجي رفيقہ حيات محترمہ ام محمد چوهاڻ جيڪا ڪتاب جي منظر عام اچڻ لاءِ دعائون گهرندي رهي. ڪتاب لکڻ وقت منهنجي سٺي نموني خدمت پڻ ڪندي

رهي شال رب ڪريم ڪيس عمر دراز ۽ صحت ڪاملہ عطا فرمائيس. آمين.

هتي محترم جناب سيٺ گل حسن چوهاڻ مرحوم ڪي بہ وساري نٿو سگهان، جيڪو پنهنجي زندگيءَ ۾ مون سان مالي امداد پڻ ڪندو رهندو هو، ان ڪان سواءِ پاڻ پنهنجي زندگيءَ ۾ ٻين نيڪ ڪمن سان گڏ و گڏ يتيم ٻارن جي پروش ۽ پالنا ڪندو رهيو، ديني ڪمن ۾ جهڙوڪ جلسن وغيره مالي سهڪار ڪندو رهندو هو. شال الله تعاليٰ سندس قبر کي جنت جو باغ بڻائيس آمين.

آخر ۾ آئون پنهنجي والدين جي لاءِ دعاگو آهيان جنهن مون کي دين جي تعليم ڏياري، ديني ڪمن لاءِ وقف ڪري ڇڏيائون. حضرت والد گرامي صوفي خدابخش چوهاڻ رحہ جن تہ منهنجي لاءِ هڪ بهترين ديني ادارو مدرسہ عربيہ دارالتعليم حماديہ راڄو ڳوٺ جي صورت ۾ قائم ڪري وڌيڪ دين جو ڪم ڪرڻ لاءِ راهہ هموار ڪري ويا آهن. الله تعاليٰ انهن کي جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام ۽ درجو عطا فرمائي.

۽ پنهنجي چاچا فقير عبدالله حسيني ڪي بہ وساري نٿو سگهان، جيڪو منهنجي لاءِ ڇپر ۽ ڇانءُ آهي. جيڪو حضرت والد گرامي جي وفات ڪان پوءِ منهنجي هر قسم سرپرستي ڪندو رهي ٿو. الله تعاليٰ سندن سايو دير تائين رهائي. آمين.

پنهنجي ننڍي چاچا محترم فقير محمد سومر چوهاڻ مرحوم ڪي بہ وساري نٿو سگهان جيڪو تازو هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو آهي. الله تعاليٰ ان جي قبر کي بہ جنت جو باغ بڻائي آمين.

زير نظر ڪتاب جو جلد پهريون پڙهندڙن جي هٿن ۾ آهي، ٻيو جلد تي بہ تيزيءَ سان ڪم ٿي رهيو آهي، الله تعاليٰ جي توفيق ۽ نصرت سان اهو بہ جلد منظر عام تي اچي ويندو. پڙهندڙن جي خدمت ۾ نماڻي گذارش آهي تہ هو اسان سان قلمي، جاني ۽ مالي سهڪار فرمائين.

فقط خاڪپاءِ حضرت سنڌي

ابو محمد چوهاڻ سليم الله سنڌي بن صوفي خدابخش چوهاڻ

ڊائريڪٽر مولانا عبيدالله سنڌي اڪيڊمي راڄو ڳوٺ
خادم مدرسہ عربيہ دارالتعليم حماديہ راڄو ڳوٺ
جنرل سيڪريٽري تحفظ ختم نبوت سنڌ
صدر مجلس علم و قلم حيدرآباد
رڪن مجلس عمومي تعلقہ لکي غلام شاهہ
خطيب جامع مسجد اقصيٰ راڄو ڳوٺ
فاضل جامعہ اسلاميہ شمس الهديٰ ڪولاب جيئل خيرپور ميرس

باب پهريون

سنڌ جي درگاهن جي سجاده نشينن جو تعارف

هن باب ۾ اسان سنڌ جي مشهوردرگاهن
جي بزرگن ۽ عارفن جو تعارف پيش ڪنداسون

امام المجاهدين پير طريقت رهبر شريعت
حضرت مولانا سائين عبدالصمد هاليجوي

سنڌ ڌرتيءَ تي الله تعاليٰ جو فضل ۽ ڪرم آهي، جو سنڌ ڌرتيءَ تي هر دور ۾ اهل الله، دين جي عالمن جنم ورتو آهي. اهڙن عالمن جو شمار ڳڻپ کان مٿي آهي. اهڙن ئي اهل الله ۽ حقاني عالمن جي جماعت جو اڳواڻ هاليجي شريف جو روح روان، پير طريقت رهبر شريعت، حضرت مولانا سائين عبدالصمد هاليجوي دامت برڪاتهم جن جو نالو نمايان آهي، هتي پڙهندڙن جي خدمت ۾ حضرت سائين جن جو مختصر تعارف پيش ڪجي ٿو:

نالو ۽ نسب

حضرت مولانا سائين عبدالصمد بن حضرت مولانا حافظ محمود اسعد بن قطب الاقطاب حضرت مولانا سائين امام حمادالله هاليجوي اپريل ١٩٤٣ء ڌاران هاليجي شريف ۾ پيدا ٿيا. سندن نالو "عبدالصمد" سندن ڏاڏي قطب الاقطاب حضرت مولانا سائين امام حماد الله جن تجويز فرمايو.

تعليم ۽ تربيت

حضرت سائين عبدالصمد هاليجوي دامت برڪاتهم جن تعليم جي شروعات درگاهه عاليه قادريه راشديه حماديه ۾ ڪئي، قرآن مجيد ناظره ۽ درس نظاميءَ جا شروعاتي ڪتاب پنهنجي والد بزرگوار حضرت مولانا سائين حافظ محمود اسعد جن وٽ پڙهيا. ان کان پوءِ بائيجي شريف ۾ امام الصرف حضرت مولانا عبدالمجيد لنجاري وٽ پڙهيا، ان کان پوءِ وري پيهر هاليجي شريف ۾ حضرت مولانا محمد صديق هنجراهه ميرڪ وارن وٽ تعليم جو سلسلو جاري رکيو ۽ مولانا عبدالغني جاجروي ۽ حضرت مولانا سائين عبدالڪريم قريشي بير شريف وارن جن وٽ به پڙهيا. ان کان پوءِ جامعه مدينة العلوم حماديه پنو عاقل ۾ به سال پڙهڻ کان پوءِ جامعه اشرفيه لاهور جو رخ ڪيائون ۽ ١٩٦٨ء ۾ شيخ الحديث حضرت مولانا

رسول خان جن وٽان دوره حديث شريف پڙهي مڪمل ۽ باضابطه عالم دين ٿي ويا.

حضرت سائين بحيثيت مدرس

حضرت سائين تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ جامعه مدينة العلوم حماديه پنو عاقل ۾ تدريس جو اهم ڪم سرانجام ڏيندا رهيا. ان کان پوءِ هاليجي شريف ۾ به تعليم جو سلسلو جاري رکيائون، ٢٠٠٠ء کان ٢٠٠٣ء تائين شيخ الحديث جي منصب تي فائز رهيا. سندن مشهور شاگردن ۾ حضرت مولانا سائين عبدالماجد هاليجوي، حضرت مولانا سائين عبدالواجد هاليجوي، مولانا الله بخش ڪلهوڙو صالحاڻي، مولانا نصر الله جسڪاڻي، حضرت مولانا سائين عبيدالله هاليجوي (سندن فرزند) مولانا شير محمد پهوڙ، مولانا عبدالعزيز ڪوسو ۽ مولانا محمد سليمان انڊڙ شامل آهن.

گادي نشين جي حيثيت سان

جيئن ته هاليجي شريف سنڌ جي هڪ نهايت ئي مشهور ۽ پراڻي درگاهه آهي، جتي تزڪيه ۽ تصوف جون سُتيون ملنديون آهن. هن درگاهه جا باني مباني قطب الاقطاب حضرت مولانا سائين امام حماد الله هاليجوي جن هئا، سندن جي وفات کان پوءِ هن درگاهه عاليه قادريه راشديه ۽ حماديه کي سندن جاءِ نشين حضرت مولانا حافظ محمود اسعد جن سنڀاليو. هن وقت ان ساڳي درگاهه کي حضرت مولانا سائين عبدالصمد هاليجوي دامت برڪاتهم العاليه انهيءَ رنگ ۽ ڍنگ سان پنهنجي وڏڙن جي فيض جي پالوٽ ڪري رهيا آهن ۽ درگاهه عاليه قادريه راشديه حماديه کي ڏينهون ڏينهن ترقي جي طرف گامزن ڪرڻ ۾ حضرت سائين عبدالصمد هاليجوي دامت برڪاتهم العاليه پنهنجو ڀرپور ڪردار نڀائي رهيا آهن. سالڪن جي تربيت ڪري رهيا آهن.

سياسي اڳواڻ جي حيثيت سان

جيئن ته جميعت علماء اسلام سان وابستگي حضرت سائين عبدالصمد هاليجوي دامت برڪاتهم العاليه جن کي ورثي ۾ ملي آهي.

سندن والد حضرت مولانا سائين حافظ محمود اسعد سکر ڊويزن جي امير جي عهدي تي رهي چڪا آهن. سندن ڏاڏو قطب الاقطاب حضرت مولانا سائين امام حماداللّٰه هاليجوي رحہ جمعيت علماء اسلام جي باني رهنمائن مان هئا. ان ڪري حضرت سائين عبدالصمد هاليجوي دامت برڪاتهم العاليہ جن بہ درس ۽ تدريس سان گڏوگڏ سياست جي ميدان ۾ بہ پنهنجي وڏڙن جي جانشينيءَ جو حق ادا ڪري ڇڏيو آهي، ۽ جماعت جي پيغام کي عام ڪرڻ ۾ پنهنجي سڄي زندگي ڏئي ڇڏي آهي.

حضرت سائين جن تحريڪن ۾ حصو ورتو آهي اهي هي آهن: تحريڪ ختم نبوت ۱۹۷۴ء ۾، تحريڪ نظام مصطفيٰ ۱۹۷۷ء ۾ ۽ تحريڪ بحالي جمهوريت (ايم آر ڊي) ۾ حضرت سائين جن ڀرپور ڪردار نڀايو. ۱۹۹۲ ۾ حضرت سائين جن کي مرڪزي مجلس شوريٰ جو رڪن مقرر ڪيو ويو. جڏهن تہ ۱۹۸۵ء ۾ حضرت سائين جن ضلعي امير مقرر ٿيا. ۽ ۱۹۹۰ء ۾ حضرت مولانا سائين نورمحمد سجاولي امير صوبي سنڌ جي وفات کان پوءِ هن وقت تائين مسلسل صوبي سنڌ جا امير ۽ مرڪزي مجلس شوريٰ جي رڪن جي عهدن تي فائز آهن. جڏهن تہ حضرت سائين جن ۱۹۸۸ء ۽ ۱۹۹۰ء جي قومي انتخابات ۾ پنو عاقل ۽ گهوٽڪي کان قومي اسيمبلي جي سيٽ تي جمعيت علماء اسلام جا اميدوار بڻيا. ۱۹۹۳ء ۾ سکر مان خورشيد شاهہ جي مقابلي ۾ قومي اسيمبلي جو اليڪشن وڙهيو ۽ حضرت سائين جن ٻي پوزيشن تي رهيا.

حضرت سائين جن درس ۽ تدريس، تصوف ۽ طريقت ۽ سياست کان سواءِ پنهنجي وڏڙن جي علمي مواد کي سهيڙڻ، سنوارڻ ۽ عام ڪرڻ جو تمام گهڻو جذبو اٿن. هن وقت تائين حضرت سائين پنهنجي عظيم ڏاڏي قطب الاقطاب حضرت مولانا سائين امام حماد اللّٰه هاليجوي رحہ جن جي علمي خطبات نالي خطبات هاليجوي ۽ ملفوظات شريف تحفة السالڪين جي نالي سان تحقيق ۽ تخريج ڪري شايع ڪري چڪا آهن.

جنهن جا ڪيترائي ايڊيشن ڇپجي منظر عام تي اچي چڪا آهن. ان کان سواءِ حضرت سائين جن نهايت علمي ادبي ذوق جا مالڪ آهن، پاڻ هر وقت علمي ۽ تصنيفي ڪم ڪندڙن کي ڀرپور نموني همت افزائي ڪندا رهندا آهن. حضرت سائين جن ڪيترن ئي ڪتابن تي تقريظون پڻ لکيون آهن اهو بہ پنهنجي جاءِ تي هڪ اهم ڪم پڻ آهي.

مولانا سائين سراج احمد شاهہ امروٽي

03003126152

سنڌ جي عالمن جو تذڪرو ۽ تعارف لکجي ۽ واديءِ مهراڻ جي عظيم درگاهہ عاليہ قادريہ راشديہ امروٽ شريف جي بزرگ جو تعارف نہ لکجي تہ ڪتاب ۽ تاريخ اڻ پوري هجڻ جي شڪايت ضرور ڪندو. ان ڪري هتي امروٽ شريف جي سجاده نشين حضرت مولانا سائين سراج احمد شاهہ امروٽي جن تعارف پيش ڪجي ٿو.

نالو ۽ نسب

حضرت مولانا سائين سيد سراج احمد شاهہ امروٽي جنوري ۱۹۵۳ء جي لڳ ڀڳ حويلي سيد نظام الدين شاهہ امروٽ شريف ضلع شڪارپور ۾ ولي ڪامل امام المجاهدين حضرت مولانا سيد محمد شاهہ امروٽي جي گهر ۾ اک کولي.

تعليم ۽ تربيت

درگاهہ عاليہ قادريہ راشديہ امروٽ شريف ۾ وڏڙن جو مدرسو قائم ٿيل آهي، جتي حضرت مولانا سائين سراج احمد شاهہ امروٽي پنهنجي تعليم جي شروعات ڪئي. اتي حضرت مولانا سائين سراج احمد شاهہ امروٽي جن ناظره قرآن مجيد ۽ فارسيءَ جا شروعاتي ڪتاب پڙهيا ۽ درس نظاميءَ جي وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ جي مختلف ديني درسگاهن جهڙوڪ: مدرسہ عربيہ مدينة العلوم پنو عاقل، مدرسہ عربيہ جامعہ العلوم غفرانيہ ڀريا روڊ، مدرسہ بدرالعلوم رحيم يار خان ۾ تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ ۱۹۷۷ء ۾ دوره حديث جي لاءِ ثاني دارالعلوم ديوبند جامعہ دينيہ دارالهديٰ ٺيڙهي (حبيب آباد) ضلع خيرپور ميرس ۾ داخلا ورتي. انهيءَ دوران ئي ۱۹۷۷ء ۾ اليڪشن جي مهم هلي رهي هئي. انهيءَ اليڪشن ۾ سندن والد بزگوار امام المجاهدين سيد محمد شاهہ امروٽي جن بہ اميدوار هئا. انهيءَ اليڪشن مهم ۾ حضرت مولانا سيد سراج احمد شاهہ

امروٽي جن جو وڏو ڀاءُ حضرت مولانا سيد منير احمد شاه امروٽي (جيڪو ان انتخابي مهم کي ڀرپور نموني سان هلائي رهيو هو) کي ظالمن مدرسہ ۾ داخل ٿي شهيد ڪري ڇڏيو. ان عظيم حادثي جي ڪري حضرت مولانا سائين سراج احمد شاه امروٽي جي تعليم جو سلسلو عارضي طور تي بند ٿي ويو. ۽ ١٩٨٦ع ۾ پيهر جامعہ دينيہ دارالهديٰ ٺيڙهي ۾ داخلا وٺي پنهنجي تعليم مڪمل ڪري انهيءَ سال ئي سند يافتہ مولوي ٿي ويا.

مولانا صاحب بحيثيت استاد

جيئن تہ حضرت سائين سراج احمد شاه امروٽي ديني تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ درگاه عاليہ قادريہ راشديہ ۾ پنهنجي وڏڙن جي قائم ڪيل مدرسي ۾ ديني تعليم جو سلسلو شروع ڪيو. حضرت مولانا سائين سراج احمد شاه امروٽي جن پنهنجي انهيءَ مدرسي ۾ ڪيترائي سال ديني تعليم ڏيندا رهيا. سياسي، سماجي، خانقاهيءَ ۽ ٻين ڪيترن ئي مصرفيتن جي ڪري پاڻ هن وقت نہ ٿا پڙهائين.

سائين جن بحيثيت سياسي اڳواڻ

مولانا سعيد احمد رائي پوري ۽ ان جي ساٿين جڏهن جمعيت طلباء اسلام ۾ خال ۽ بحران پيدا ڪيو تہ حضرت مولانا مفتي محمود رحہ جن جي حڪم تي حضرت مولانا سائين سراج احمد شاه امروٽي جن مولانا سعيد احمد رائي پوري ۽ ان جي ساٿين کي افهام ۽ تفهيم جي ذريعي مسئلي کي حل ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي، پر مسئلو حل نہ ٿيو تہ حضرت مولانا سائين سراج احمد شاه امروٽي جن جمعيت طلباء اسلام جي تنظيم کي نئين سر اپاري سکر ۾ جمعيت طلباء اسلام صوبي سنڌ جو اجلاس طلب ڪيو. جنهن ۾ حضرت مولانا سائين سراج احمد شاه امروٽي جن کي جمعيت طلباء اسلام صوبي سنڌ جو صدر چونڊيو ويو. ان مان معلوم ٿيو تہ حضرت مولانا سائين سراج احمد شاه امروٽي جن جمعيت علماء اسلام جي ذيلي تنظيم جمعيت طلباء اسلام ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو. تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ پاڻ جمعيت علماء اسلام ۾ باقاعده طور تي شامل ٿي اهم عهدن تي ڪم ڪري پاڻ ملهايو. پاڻ مختلف ضلعي عهدن ۽ ذميوارين کان سواءِ صوبي سنڌ جا نائب امير جي عهدي تي رهيا آهن.

جڏهن تہ ١٩٩٠ع، ١٩٩٩ع، ٢٠٠٢ع، ٢٠١٠ع ۽ ٢٠١٤ع ۾ مرڪزي مجلس شوريٰ جا رڪن بہ رهيا آهن. ان کان سواءِ حضرت مولانا سائين سراج احمد شاه امروٽي جن اليڪشن ۾ بہ ڀرپور حصو وٺندا رهيا آهن. ضلع ڪونسل شڪارپور جو ميمبر بہ منتخب ٿيو. جڏهن تہ قومي اسيمبلي جي لاءِ بہ جماعتي پليٽ فارم تان ظالمن ۽ دين جي دشمنن جو ڀرپور مقابلو ڪيو.

سائين جن گادي نشين جي مسند تي

١٩٨٧ع ۾ سندن والد بزرگوار حضرت مولانا سائين محمد شاه امروٽي جن جي وفات کان پوءِ کين درگاه عاليہ قادريہ راشديہ امروٽ شريف جو سجاده نشين مقرر ڪيو ويو. ننڍي عمر ۾ئي قطب الاقطاب حضرت مولانا سائين امام حمادالله هاليجوي جن جي هٿن تي بيعت ڪئي. حضرت سائين جن جي وفات کان پوءِ مولانا عبدالهادي دين پوري ۽ مولانا اسعد مدني سان تعلق قائم ڪيو. پاڻ هن وقت امروٽ شريف جي درگاه جا سجاده نشين آهن سالڪن جي تربيت ڪري رهيا آهن.

علامہ احمد ميان حمادي

نالو ۽ نسب

مولانا حافظ احمد ميان حمادي بن مولانا محمود حسين بن قطب الاقطاب حضرت مولانا سائين حماد الله هاليجوي رحہ سنڌ جي مشهور درگاه هاليجي شريف نزد پنو عاقل ۾ پهرين رمضان المبارڪ ١٣٥٤هجري مطابق ١٩٣٣ع ڌاران پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

ابتدائي تعليم پنهنجي ڏاڏي قطب الاقطاب حضرت مولانا سائين حماد الله هاليجوي رحہ ۽ پنهنجي والد بزرگوار حضرت مولانا محمود حسين هاليجوي رحہ جن وٽ حاصل ڪيائون. ديني علوم جي تڪميل جامعہ دينيہ دارالهديٰ ٺيڙهي (حبيب آباد) مان ڪيائون. سندن مشهور استادن ۾ حضرت مولانا شمس الحق افغاني رحہ مولانا عزيزالله ميمڻ رحہ، مولانا

امداد الله ميمڻ رحه، مولانا قطب الدين انڍڙ رحه شامل آهن. ان کان سواءِ پاڻ ۱۹۶۴ع ڌاران اڪيڊمي علوم الاسلاميه ڪوئيٽا ۾ مولانا شمس الحق افغاني رحه جن وٽ پي ايڇ ڊي پڻ ڪيائون، خلافت ۽ بيعت قطب الاقطاب حضرت مولانا سائين حماد الله هاليجوي رحه ۽ شهيد اسلام حضرت مولانا محمد يوسف لڌيانوي رحه جن مليل اٿن.

علامه احمد ميان حمادي جون ديني ۽ مذهبي خدمتون

علامه احمد ميان حمادي دامت برڪاتهم العاليه جن جيئن ته هڪ روحاني ۽ علمي گهراڻي جا چشم ۽ چراغ آهن. ان ڪري ديني علوم جي فراغت کان پوءِ پاڻ مختلف ديني توڙي مذهبي خدمتن جي لاءِ پنهنجي پاڻ کي وقف ڪري ڇڏيائون. سندن تحريڪ ختم نبوت ۾ قائدانه ڪردار رهيو آهي. پاڻ تحريڪ ختم نبوت ۾ ۱۹۵۳ع ڌاران جيل ۾ به ويا، سندن خصوصيت قاديانين جي لاءِ محاذ قائم ڪرڻ آهي. ڪين الله تعاليٰ قاديانين جي خلاف ڪم ڪرڻ جو جيڪو جوش ۽ جذبو مليو آهي، سو نهايت ئي ساراهه جوڳو آهي. پاڻ محڪمه اوقاف ۾ ۱۹۶۱ع ۾ بطور امام ۽ خطيب مقرر ٿيا. منڍ ۾ پاڻ سکر شهر جي معصوم شاهه مينار واري مسجد ۾ مقرر ٿيا. اتي پاڻ لڳ ڀڳ ڏهن سالن تائين امامت ۽ خطابت جا جوهر پيئي ڏيکاريا. ان کان پوءِ ۱۹۷۰ع کان هن وقت تائين ٽنڊو آدم ۾ محڪمه اوقاف سنڌ جي ضلعي جامع مسجد ۾ بطور امام ۽ خطيب مقرر ٿيا. پاڻ نهايت ئي بلند مرتبي جا عالم دين، مجاهد، بي باڪ، نڊر ۽ حقاني عالم آهن. جو پاڻ سرڪاري ملازمت ۾ رهندي ڪنهن به مصلحت جو شڪار نه ٿيا. وڏي واکي حق ڳالهائڻ سندن فطرت ثاني اٿن. پاڻ وقت جي جابر حڪمران کي به حق چوڻ کان ڪيٻائيندا نه آهن. برملا حق چوندا رهندا آهن. پاڻ تحفظ ختم نبوت جي ڪم کي پهريون ٽنڊو آدم ۾ منظم ڪيو. ان کان پوءِ سڄي سنڌ ۾ اهڙو منظم ڪيو، جو قاديانين جي خباثتن کان هر هڪ مسلمان چڱي طرح واقف ٿي ويو. سندن انهن خدمتن جي ڪري عالمي مجلس تحفظ ختم نبوت جي طرفان ڪين سنڌ جو امير ۽ مرڪزي شوريٰ جو رڪن مقرر ڪيو آهي. پاڻ هن وقت تائين انهن عهدن تي آهن. ان کان سواءِ پاڻ هر سال ٽنڊو آدم ۾ تحفظ ختم نبوت جي عنوان سان نهايت ئي جوش ۽ جذبي سان تمام وڏو جلسو ڪرائيندا رهندا آهن. جنهن ۾ عالمي مجلس تحفظ ختم

نبوت جي مرڪزي اڳواڻن سان سان گڏوگڏ جمعيت علماء اسلام جا مرڪزي اڳواڻ پڻ شامل آهن. هن جلسي ۾ شهيد اسلام حضرت علامه ڊاڪٽر خالد محمود سومرو رحه جن به تشريف فرما ٿيندا هئا. جڏهن ته سندن شهادت کان پوءِ سندن جانشين حضرت علامه راشد محمود سومرو جن به هن جلسي کي رونق بخشيندا رهندا آهن. ان کان سواءِ پاڻ هڪ ننڍڙو ڪتابڙو "گستاخ رسول ﷺ کے دورخ" اردو ۾ لکي قاديانين جي خباثتن کي بي نقاب ڪيو. بهرحال پاڻ نهايت ئي گهڻ رخي شخصيت جا مالڪ آهن. سندن هر هڪ رخ تي مستقل جدا مضمون لکجي سگهجي ٿو. هتي سندن مختصر تعارف پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪيو آهي. پاڻ نبوت جي اهميت ۽ قاديانين جي فتني کان آگاهه ڪرڻ خاطر وقت جي حڪمرانن کي خط لکي ان نازڪ مسئلي کان آگاهه ڪيو. ان کان سواءِ پاڻ وفاق المدارس العربيه پاڪستان جا شوري جا ممبر، سنڌ هاءِ ڪورٽ طرفان ثالثي مقرر آهن. پاڻ هزارين فيصلا ڪيا. ماڻهن جا گهر آباد ٿيا. ۽ ماهوار لولاڪ ملتان، هفتيوار ختم نبوت ڪراچي جا منتظم پڻ آهن. ان کان سواءِ ٽنڊو آدم جي آس پاس جي ڪيترن ئي مدرسن جي نگراني ۽ سرپرستي پڻ ڪري رهيا آهن.

مولانا سائين عبيدالله هاليجوي

03023128200

نالو ۽ نسب

حضرت مولانا سائين عبيدالله بن حضرت اقدس مولانا سائين عبدالصمد صاحب بن حضرت سائين مولانا حافظ محمود اسعد بن حضرت قطب الاقطاب امام الوقت حضرت اقدس سائين حماد الله نور الله مرقده بن حضرت مولانا محمود بن حماد الله اول بن محمد پريو بن عبدالله ذات انڍڙ وينل هاليجي شريف تحصيل پنو عاقل ضلعو سکر،سندن پيدائش ۱۳۸۲ھ مطابق ۱۹۶۲ع هاليجي شريف ۾ ٿي.

تعليم ۽ تربيت

جڏهن چئن پنجن سالن جي عمر ۾ چڱي طرح ڳالهائڻ شروع

ڪيائون تہ پنهنجي والده ماجده جن وٽ بغدادي قاعدو پڙهيو. قاعدو ۽ ابتدائي پارو پنهنجي مدرسي جي اُستاد مولانا غلام سرور ڪلهوڙي وٽ پڙهيائون. اُن ڪان پوءِ پنهنجي مسجد جي اُستاد حافظ خدا بخش (نابينو) ڪلهوڙو وٽ ڪجهہ سيپارا پڙهيا.

اُن ڪان پوءِ قرآن مجيد ۽ آخري پارو اُستاد تاج محمد انڊڙ وٽ پڙهيائون ان ڪان پوءِ حضرت مولانا عمر الدين سهنڊڙي جي ڳوٺ لڳ شڪارپور پڙهڻ لاءِ ويا. جتي حضرت استاد حافظ مير محمد سهنڊڙي وٽ سورة زمر تائين پڙهيا. ان ڪان پوءِ خيرپور ميرس ۾ استاد حافظ الله ڏنو جن جي مدرسي جيمدرسہ حفظ القرآن ۾ قرآن پاڪ حفظ مڪمل ۱۲ ربيع الثاني اربع جي ڏينهن ڪيائون

ان ڪان پوءِ عربي پڙهڻ جي شروعات پنهنجي ئي مدرسي هاليجي شريف ڪان ۱۹۷۵ع ۾ ڪيائون. پهلي فارسي ۽ ارشاد الصرف حضرت اُستاد تاج محمد سهنڊڙو جن وٽ پڙهيا.

سندن ڏاڏا سائين ڪين گهر ڪان ٻاهر امروٽ شريف پڙهڻ لاءِ موڪليو. ڪين حضرت اُستاد دوست علي لڪڻ امروٽ شريف پهچايو. جتي پاڻ پهريون قرآن مجيد جو دورو پڪو ڪيو. اُن ڪان پوءِ اُستاد دوست علي لَڪڻ ڪين هاليجي شريف واپس وٺي آيو ۽ ڏاڏا سائين ڪي پڪ ڏياريائون تہ هاڻي ميان عبدالله جو دور پڪو آهي.

ان ڪان پوءِ سندن ڏاڏا سائين جن سندن منزل ٻڌڻ شروع ڪيو. دور ايڏي سختي سان ٻڌندا هئا جو ڪڏهن ڪڏهن ۱۰-۱۰ پاره پڙهي ويندا هئا. حضرت جن جا مُريد چُپ ڪيون وينا هوندا هئا.حضرت ڏاڏا سائين جن پاڻ جيد حافظ هئا. سو باريڪ غلطيون بہ پڪڙيندا هئا. حضرت جن قرآن مجيد ٻڌڻ مهل مستغرق هوندا هئا.سو پهريائين مصلي پڙهائڻ لاءِ مختلف جاين تي موڪليائون. جيئن سندن روبرو پڙهڻ واري هٿڪ دور ٿئي.

سن ۱۹۸۵ع ۾ مستقل هاليجي شريف جي مسجد ۾ تراويحن پڙهن لاءِ مقرر ڪيائون ۽ سندن سامع حضرت سائين جن پاڻ هوندا اهئا.

پاڻ پنهنجي مسجد شريف ۾ تراويحون ۱۹۸۵ع ۾ شروع ڪيائون. مسلسل ۲۶ سال درگاهہ جي مسجد شريف ۾ پڙهايائون يعني ۲۰۱۲ع تائين. سواءِ هڪ سال ۲۰۰۷ع ۾ بيمار ٿي پيا. انهيءَ سال تراويحون نہ پڙهائي سگهيا.

عربي پڙهڻ جي شروعات ۱۹۷۷ع ڪان ڪيائون. پنهنجي مدرسي مدينة العلوم حماديہ پنو عاقل ۾ صرف جو دورو. نحو مير شرح مائة عامل تفسير جلالين شريف جو سماع اُستاد عبدالحليم ناظم مدرسہ مدينة العلوم وٽ ڪيائون. ۱۹۷۹ع ۾ حضرت مولانا شبير احمد جن پنهنجي ڳوٺ اُلرا ۾ مدرسو ڪوليو پاڻ اتي انهيءَ مدرسي ۾ نور الايضاح ڪافيہ تيسير المنطق وغيره پڙهيا.

۱۹۸۰ع ۾ سندن ڏاڏا سائين جن پنهنجي مدرسي هاليجي شريف ۾ عربي جي تعليم لاءِ مولانا امين الله صاحب، مولانا احمد صاحب، حضرت مولانا سائين عبدالصمد دامت برڪاتهم. حضرت سائين جن عبدالماجد صاحب، حضرت سائين مولانا عبدالقيوم صاحب جن ڪي مقرر فرمايو. اُن وقت هاليجي شريف وارو مدرسو وڏي اَوج تي هو. دوره حديث تائين اسباق هئا.

۱۹۹۰ع ۾ پنهنجي والد حضرت مولانا سائين عبدالصمد دامت برڪاتهم جن حضرت سائين حافظ محمود اسعد جن جي روبرو بخاري شريف پڙهائيندا هئا. سائين عبيدالله جن بہ ٻين طالبن سان گڏ دوره حديث پنهنجي والد حضرت مولانا سائين عبدالصمد دامت برڪاتهم جن وٽ پڙهي پورو ڪيو.

۱۹۹۰ع ۲ شوال ۱۴۱۳ع ۾ حضرت ڏاڏا سائينؒ جو انتقال ٿيو. انهيءَ ڪري مهمانن جا گهڻي آمد رفت جي ڪري اُن سال پڙهائڻ جو موقعو نہ مليو.

۱۹۹۴ع ۾ سندن والد حضرت مولانا سائين عبدالصمد دامت برڪاتهم جن مولانا محمد عظيم ڪان اجازت وٺي مدرسہ مدينة العلوم پني عاقل جي نظامت سندن حوالي ڪئي. ۱۹۹۹ع ۾ سندن والد حضرت مولانا سائين عبدالصمد دامت برڪاتهم جن ڪوئيٽا ۾ جامع مسجد جو بنياد رکيو. انهيءَ جي تعمير جي ذميداري ۲۰۰۵ع ۾ سندن حوالي فرمائي. انهيءَ سال ۲۰۰۵ع ۾ خيرپور شهر ۾ مدرسہ حماديہ خيرالمدارس جو بنياد سندن والد حضرت مولانا سائين عبدالصمد دامت برڪاتهم جن رکيو. ۽ ۲۰۱۲ع تائين اُن جو انتظام پاڻ سنڀاليائون.

اُن ڪان پوءِ سن ۲۰۱۳ع ڪان وٺي پنهنجي والد حضرت مولانا سائين عبدالصمد صاحب جن خيرپور جي مدرسي جون ذميداريون سندن حوالي

ڪيون. الحمدلله هن وقت تائين مدرسي جي خدمت نهايت ئي جوش ۽ جذبي سان ڪري رهيا آهن. ۲۰۱۳ع ۾ مدرسي جو الحاق وفاق المدارس سان ٿيو. ۽ هڪ پرائمري اسڪول بہ طلباءِ جي ابتدائي تعليم لاءِ کوليائون

هن مدرسي لاءِ فقير عزيز الله شيخ زمين وقف ڪئي. مدرسي تي نالو پنهنجي مرشد حضرت سائين حماد الله نور الله جي نالي تي مدرسہ حماديہ رکيائون. خير المدارس جو اضافو بعد ۾ ڪيو ويو آهي، ڇاڪاڻ تہ پوري پاڪستان ۾ حضرت وڏن قطب الاقطاب امام وقت حضرت سائين حماد الله نور الله مرقده جي نالي سان سوين مدرسا منسوب آهن.

پهرين سال ئي دوره حديث ٿيو. دوره حديث لاءِ حضرت اُستاد مفتي غلام قادر ٽيڙهي وارن کي مقرر ڪيو ويو. حضرت مفتي صاحب جي دوره جو ٻڌي ڪافي طلباء دوري حديث جا پهچي ويا. هن وقت بہ عربي جا ڪتاب آهن. حفظ ۽ ناظره جو شعبو آهي. ۱۳۰ مسافر طلباءَ رهائش پذير آهن. جن جو کاڌو خوراڪ، ڪپڙو لٽو، دوا دارون ۽ غريب طلباءَ لاءِ ڪرائي طور وظيفي جو بندوبست آهي. مقامي طلباءَ بہ صبح شام تعليم پرائيندا آهن ۽ رات جو پنهنجي گهر هليا ويندا آهن.

بيعت

پهرين بيعت پنهنجي ڏاڏي سائين حضرت سائين حافظ محمود اسعد نور الله مرقده جن سان اٿن. انهن جئين سندن ديني علم جي لاءِ ڪوشش ورتي ائين سندن باطني تزڪيہ لاءِ بہ متوجهہ هوندا هئا. حضرت ڏاڏا سائين جن تعليم جي دوران ئي فارغ وقت ۾ ذڪر سمجهائيندا هئا. جيڪڏهن ڪا ڪسر رهجي وئي هئي تہ اها سندن والد صاحب جن پنهنجي شفقت سان پوري فرمائي.

اولاد

(۱) وڏو فرزند مولانا مفتي فضل الله صاحب جيڪو ڪراچي ۾ پڙهائيندو آهي. (۲) مولانا حافظ نصر الله، پنهنجي مدرسي جامعہ حماديہ خيرالمدارس خيرپور ميرس ۾ پڙهائيندو آهي. جمعي نماز جي خطابت ۽ پڙهائڻ سندس حوالي آهي ۽ پڻ پنهنجي مدرسي جو ناظم بہ آهي. (۳) قاري سعد الله، حفظ ۽ قرائت کان پوءِ هن وقت عربي پڙهندو آهي.

مولاناسائين محمد يعقوب مهر

هي دنيا جو جهان آهي، هتي ڪي ايندا ڪي ويندا. روزانو هزارين انسان جنم وٺن ٿا، هزارين انسان وفات ڪري پنهنجي مالڪ حقيقي جا مهمان ٿين ٿا. هي ياد رهي تہ هر هڪ انسان جو جنم توڙي وفات هڪ جهڙو نہ هوندو آهي. ڪن انسانن جو جنم هزارين خوشيون کڻي ايندو آهي، جيڪي اڳتي هلي پنهنجي خداداد صلاحيتن جي ڪري سندن نالو ڏيهان ڏيهہ روشن ۽ جرڪندڙ رهندو آهي، اهڙن ئي انسانن جي وفات ڪنهن حادثي کان گهٽ نہ هوندو آهي، جن جي وفات سان هڪ وڏو خال پيدا ٿي ويندو آهي. اهڙن ئي نيڪ ۽ پيارن انسانن مان واديءِ مهراڻ جو عظيم اسلامي، روحاني پيشوا، سياست، سيادت، قيادت ۾ هڪ عظيم نالو پير طريقت رهبر شريعت، قطب الاقطاب حضرت مولانا سائين حمادالله هاليجوي جن جو خليفو، هزارين عالمن جو استاد ۽ رهبر، منهنجو محسن ۽ منهنجو مربي، حضرت مولانا سائين محمد يعقوب مهر سومراٽي شريف وارا ۲۷ صفر المظفر ۱۴۳۹ هجري مطابق ۱۷ نومبر ۲۰۱۷ء جمعة المبارڪ جي ڏينهن وفات ڪري لکين شاگردن ۽ مريدن کي سوڳوار ڇڏي ويا آهن. اهڙا انسان جيتوڻيڪ هن فاني جهان مان ظاهري طور تي لاڏاڻو ڪري ويندا آهن، پر اهي ئي پيارا ۽ سڀاڳا انسان مري ڪري بہ پنهنجي ڪردار، اعليٰ اخلاق ۽ نيڪ ڪم جي ڪري هميشہ جيئرا هوندا آهن، اهڙن انسانن جي لاءِ سنڌ جي سدا حيات شاعر شاهہ عبداللطيف سورهن آنا سچ ۽ صحيح فرمايو آهي:"مري ٿيا نہ مات" ۽ "هوندا سي حيات" مري ڪري بہ زندهہ هوندا آهن.

اڄ حضرت سائين محمد يعقوب مهر جن کي ﷬ عليہ لکندي قلم ۽ هٿ ڏڪي رهيا آهن، اکيون آليون آهن، دل ڏکايل آهي. پر انسان ڪري بہ ڇا ٿو سگهي هي قدرت جو اٽل قانون آهي، هن جهان ۾ جيڪو آيو آهي، سو وڃڻ لاءِ آيو آهي. هر شيءِ فنا آهي فقط رب جي ذات کي بقا آهي. ان ڪري اهڙن عظيم انسانن جي وفات تي دل ڏکايل ضرور ٿيندي آهي، پر اهڙن نيڪ بخت انسانن جو ذڪر خير پڙهي دل کي تسلي ۽ آٿت ضرور ملندي آهي. حضرت سائين محمد يعقوب مهر سومراٽي شريف وارن تي لکڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو.

نالو ۽ نسب

حضرت سائين محمد يعقوب بن مولانا عبدالحي بن مولانا محمد يعقوب عرف عبدالله ذات مهر ڳوٺ سومراٽي شريف لڳ رستم ضلع شڪارپور ۱۹۳۳ مطابق ۱۳۵۳ هجري ڌاران پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

جيئن تہ حضرت سائين مولانا محمد يعقوب مهر سومراٽي شريف وارن جي وڏڙن جو هڪ علمي گهراڻو رهيو آهي ان ڪري حضرت سائين محمد يعقوب مهر جن بہ تعليم جي شروعات پنهنجي ناني مولانا عبدالقيوم ۽ مامي مولانا عبدالستار جن جي نگرانيءَ ۾ پنهنجي ئي مدرسي ۾ ٿي. حضرت سائين محمد يعقوب مهر جن حضرت مولانا عبدالعزيز سهنڊڙي، حضرت مولانا عبدالڪريم بهلڪاٽي تنگواٽي وارن، حضرت مولانا ثناءالله گهوٽڪي وارن ۽ حضرت مولانا قاضي محمد عثمان ٽريچاٽي وارن وٽ علم حاصل ڪيو. قاضي محمد عثمان دارالعلوم ديوبند جو فارغ التحصيل هيو. حضرت سائين محمد يعقوب مهرجن سچو علم انهن ئي ذڪر ڪيل عالمن کان حاصل ڪيو. سندن فراغت ۱۹۵۱ء ڌاران ٿي. سندن فراغت ۽ دستار بنديءَ ۾ وڏا وڏا عالم آيا هئا، جنهن ۾ قطب الاقطاب حضرت سائين امام حمادالله هاليجوي بہ شامل هئا.

حضرت سائين مدرس جي حيثيت سان

پنهنجي مدرسي مدرسہ عربيہ ڪنزالعلوم سومراٽي شريف ۾ پڙهائڻ ۽ نبوي فيض ورهائڻ ۾ مصروف نظر اچن ٿا. آئون پاڻ حضرت سائين جن وٽ ڪجھ سبق پڙهيا اٿم، ان لحاظ کان منهنجا بہ استاد ۽ مربي آهن. سندن پڙهائڻ جو انداز نهايت ئي تحقيقي هوندو هو، پڙهائڻ وقت جڏهن بہ نبي ڪريم ﷺ جن جو نالو مبارڪ اچي ويندو هو تہ پاڻ نهايت ئي ادب ۽ محبت سان پاڻ ڪريم ﷺ جن جو نالو مبارڪ ڪڻندا هئا ۽ صلي الله عليہ وسلم چوندا هئا. ان کان سواءِ پڙهائي جو انداز نهايت ئي سولو ۽ سهنجو هوندو هيو، جو هر قسم جي طالب

علم کي سندن پڙهائي سمجھ ۾ اچي ويندي آهي. سندن مشهور شاگردن ۾ مولانا محمد يوسف بروهي خاران، مولانا محمد هاشم بروهي شهداد ڪوٽ، مولانا عبدالغفور پٽو، مولانا عبدالسميع ڪنڊڪوٽ، مولانا محمد اسماعيل لاشاري جهٽ پٽ، مولانا شفيع محمد لاشاري جهٽ پٽ، مولانا غلام حسين لاشاري، مولانا محمد اڪرم پينگر جهٽ پٽ، مولانا رحيم بخش جتوئي ۽ ٻين ڪيترن ئي علم جي اڃايلن حضرت سائين جن وٽ علم حاصل ڪري پنهنجي پنهنجي علائقي ۾ دين جي جوت جلايون وينا آهن.

حضرت سائين ڪامياب سياستدان جي حيثيت سان

حضرت سائين محمد يعقوب مهر جن جو تعلق پاڪستان جي مشهور مذهبي، ديني ۽ سياسي جماعت جمعيت علماء اسلام سان مرڻ گهڙي تائين رهيو، پاڻ منڊ ۾ رستم جا نائب مقرر ٿيا، ان کان پوءِ رستم جا امير پڻ منتخب ٿيا. اهڙي طرح ضلعي سکر جا نائب امير ۽ ضلعي سکر جا امير جي عهدن تان جمعيت علماء اسلام جي پليٽ فارم پرپور ڪردار ادا ڪيو. ان کان سواءِ حضرت سائين محمد يعقوب مهر جن مختلف وقتن ۾ اليڪشن ۾ پڻ ڀرپور ڪردار ادا ڪري پنهنجي شاندار تاريخ رقم ڪري ڇڏي. جهڙوڪ: مرحوم ذوالفقار علي ڀٽي جي دور ۾ صوبائي اسيمبلي جو فارم سردار غوث بخش مهر جي مقابلي ۾ ڀرايائون، قومي اتحاد جي ڪري حضرت سائين عبدالڪريم بير شريف وارن، حضرت سائين محمد شاهه امروٽي ۽ حضرت مولانا سائين حافظ محمود اسعد جي حڪم سان جماعت جي حق ۾ دستبردار ٿيا.

۱۹۹۷ء ۾ لکي شڪارپور جي ٽڪ تي ڊاڪٽر محمد ابراهيم جتوئي جي مقابلي ۾ بيٺا، جمعيت علماء اسلام جي هر تحريڪ ۾ ڀرپور حصو ورتائون، جهڙوڪ: ايم آرڊي جي تحريڪ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيائون. ان کان سواءِ سندن آخري ڀيرو غالبا ۲۰۱۳ء ڌاران اليڪشن ۾ ڀرپور حصو ورتو، سندن بيعت قطب الاقطاب حضرت سائين حمادالله هاليجوي جي هٿن تي ٿيل هئي.

مولانا سائين عبدالعزيز قريشي

03002424019

سنڌ جي مشهور روحاني ۽ اصلاحي، تبليغي ۽ تعليمي، سياسي توڙي سماجي لحاظ کان پير شريف جي سرزمين جو وڏو مقام ۽ مرتبو آهي. پير شريف سنڌ جي مشهور درگاهن ۾ هڪ تاريخي ۽ قديمي درگاه پڻ آهي. جتي امام العصر حضرت مولانا سائين عبدالڪريم قريشي جن هڪ پاسي تعليمي، تدريسي، تبليغي، سياسي توڙ سماجي ميدان ۾ اڻ مٽ نقش ڇڏيا آهن. سندن وفات کان پوءِ سندن جانشين حضرت مولانا سائين عبدالعزيز صاحب قريشي دامت برڪاتهم العاليه جن پنهنجي عظيم والد ۽ مربي جي هر ميدان تي ترجماني ۽ نمائندگي ڪندي نظر اچن ٿا. پڙهندڙن جي خدمت ۾ حضرت مولانا سائين عبدالعزيز صاحب قريشي جن جو تعارف پيش ڪجي ٿو.

نالو ۽ نسب

حضرت مولانا سائين عبدالعزيز قريشي بن امام العصر حضرت مولانا سائين عبدالڪريم قريشي ١٧ آگسٽ ١٩٥٦ء پير شريف ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

ابتدائي تعليم پرائمري جا پنج درجا پير شريف جي اسڪول مان پاس ڪري ديني تعليم جي شروعات پنهنجي عظيم والد امام العصر حضرت مولانا سائين عبدالڪريم قريشي جن جي قائم ڪيل ديني اداري مدرسه عربيه سراج العلوم پير شريف۾ پنهنجي عظيم والد جي نگراني ۾ تعليم حاصل ڪيائون. مڪمل درس نظامي به انهي مدرسي ۾ پڙهيو. ١٤٠١ هجري مطابق ١٩٧٩ء ۾ دستار بندي مڪمل عالم بڻجي ويا. سندن دستار فضيلت واري جلسي ۾ قائد جمعيت حضرت مولانا مفتي محمود رحه جن تشريف فرما ٿيا. ان کان سواءِ ڪين ڏاڏا استاد حضرت مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي رحه جن کان اعزازي سندالاجازة به مليل اٿن. بيعت پنهنجي عظيم والد امام العصر حضرت مولانا سائين عبدالڪريم قريشي

رحه جن سان ڪيائون ۽ حڪمت ۽ طب به پنهنجي والد امام العصر حضرت مولانا سائين عبدالڪريم قريشي رحه جن کان سکي اٿائون. ڇاڪاڻ ته سندن خاندان ۾ ڪيترن ئي پيڙهين ۾ حڪمت ۽ طب هلندي اچي ٿي، پاڻ ماهر نباض آهن. ديني تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي ئي مادر علمي ۾ درس ۽ تدريس جو سلسلو شروع ڪيائون. تعليم ۽ تعلم سان گڏو گڏ سالڪن جو تزڪيه نفس به ڪندا رهندا آهن.

سندن سياسي تعلق جميعت علماء اسلام سان آهي، ڇاڪاڻ ته جمعيت علماء اسلام سان تعلق ڪين پنهنجي عظيم والد امام العصر حضرت مولانا سائين عبدالڪريم قريشي رحه کان مليو اٿن. پاڻ ڪيترائي پيرا جمعيت علماء اسلام ضلعي لاڙڪاڻي جا امير پڻ رهي چڪا آهن. جڏهن ته پاڻ ١٩٩٥ء ۾ مرڪزي ناظم ٿيون مقرر ٿيا، ۽ ١٩٩٩ء کان لڳاتار هن وقت تائين مرڪزي شوريٰ جا رڪن ٿيندا اچن ٿا. ٥ جنوري ١٩٩٩ء ۾ پنهنجي عظيم والد امام العصر حضرت مولانا سائين عبدالڪريم قريشي جي وفات کان پوءِ سندن خليفا ۽ جانشين مقرر ٿيا آهن ۽ مدرسي جو اهتمام به سندن ئي حوالي آهي.

مولانا سائين عبدالله پهوڙ

03003132145

اسان جي سنڌ جي عظيم درگاهن ۾ درگاه جرار پهوڙ جي تاريخي، سياسي، سماجي، تمدني، تعليمي ۽ تدريسي توڙي تصنيفي خدمتن جو وڏو باب آهي. هن درگاه عاليه قادريه راشديه جا روح روان حضرت سائين خليفه احمد دين جن هئا، انهن جي وفات کان پوءِ هن درگاه عاليه قادريه راشديه کي حضرت مولانا سائين محمد عالم پهوڙ جن باقاعده طور سنڀاليو، سندن وفات کان پوءِ حضرت مولانا سائين محمد عالم پهوڙ جن جي لائق ۽ فائق فرزند حضرت مولانا سائين عبدالله پهوڙ دامت برڪاتهم العاليه هن درگاه کي باقاعده طور تي سياسي، سماجي، تعليمي، تبليغي ۽ تصنيفي اهڙي انداز ۾ خدمتون سرانجام ڏنيون، جو رهندي دنيا تائين هن درگاه عاليه قادريه راشديه جو نالو نمايان ۽ زنده ۽ جاويد رهندو.

هتي حضرت مولانا سائين عبدالله پهوڙ صاحب دامت برڪاتهم العاليہ جن تعارف، سياسي، سماجي، تبليغي ۽ تعليمي ۽ تدريسي خدمتن جي جهلڪ پيش ڪجي ٿي.

حضرت مولانا سائين عبدالله پهوڙ پير طريقت رهبر شريعت حضرت مولانا سائين محمد عالم پهوڙ جي گهر درگاه عاليہ قادريہ راشديہ جرار پهوڙ ضلع شڪارپور ۾ ١٩٧١ء ڌارن پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

حضرت مولانا سائين عبدالله پهوڙ جن پنهنجي تعليم پنهنجي عظيم والد حضرت مولانا سائين محمد عالم پهوڙ ۽ ٻين وڏن استادن کان مدرسہ عربيہ محمديہ درگاه جرار شريف ۾ ديني علم پرائي ١٩٩۴ء سيني علمن جي تڪميل ڪري دوره حديث پڙهي مڪمل باضابطہ عالم دين بڻجي ويو.

مولانا صاحب بحيثيت استاد

جيئن تہ حضرت مولانا سائين عبدالله پهوڙ صاحب جن پنهنجي مادر علمي مدرسہ عربيہ محمديہ ۾ ئي تعليم ۽ تدريس جو سلسلو شروع ڪيو. ان مدرسي ۾ تعليمي ۽ تدريسي خدمتون سرانجام ڏيڻ لڳا. پاڻ پنهنجي انهيءَ مادر علمي ۾ سيني علمن جي تعليم ۽ تدريس ڏيندا رهندا آهن، پنهنجي والد حضرت مولانا سائين محمد عالم پهوڙ صاحب جن جي وفات کان پوءِ پنهنجي وڏڙن جي قائم ڪيل ديني اداري مدرسہ عربيہ محمديہ جي اهتمام جون سڀ ذميواريون مٿن اچي ويون، پر ان جي باوجود پاڻ اهتمام سان گڏ تعليمي ۽ تدريسي ذميواريون چڱي نموني نڀائي رهيا آهن.

مولانا صاحب بحيثيت خطيب

جيئن تہ حضرت مولانا سائين عبدالله پهوڙ دامت برڪاتهم العاليہ جن مڪمل عالم دين آهن، پاڻ تعليم ۽ تدريس جي سرگرميءَ سان تبليغي ميدان ۾ بہ شهسوار آهن. پاڻ سنڌ بلوچستان ۽ ٻين ڪيترن ئي علائقن ۾ دين جي تبليغ جي سلسلي ۾ جهد مسلسل ۽ سفر ڪندا رهندا آهن. الله تعاليٰ حضرت مولانا سائين عبدالله پهوڙ دامت برڪاتهم العاليہ

جن کي موقعي مناسبت سان بيان ۽ تقرير ڪرڻ جو اهڙو ملڪو عطا ڪيو آهي جو پاڻ مجمع تي ڇائنجي ويندا آهن. تقرير جو انداز نهايت وڻندڙ ۽ دل تي نقش ڇڏيندڙ هوندو آهي، تقرير نهايت ئي جامع پُر مغز ۽ اثرائتي هوندي آهي.

مولانا صاحب بحيثيت سياسي اڳواڻ

حضرت مولانا سائين عبدالله پهوڙ دامت برڪاتهم العاليہ جن کي جمعيت علماء اسلام سان وابستگي ورثي ۾ ملي آهي. سندن والد بزرگوار حضرت مولانا سائين محمد عالم پهوڙ جمعيت علماء اسلام جا سرگرم ۽ فعال رهنما هئا. ان ڪري حضرت مولانا سائين عبدالله پهوڙ دامت برڪاتهم العاليہ جن تي بہ پنهنجي وڏڙن جو اثر ٿيو جو پاڻ بہ تعليم کان فراغت حاصل ڪرڻ پوءِ جمعيت علماء اسلام جي پليٽ فارم تان سياسي عمل ۾ ڀرپور حصو ورتو. حضرت مولانا سائين عبدالله پهوڙ دامت برڪاتهم العاليہ جن ترتيب وار مختلف عهدن تان ڪم ڪندي ضلعي امارت تائين پهچي ويا. پاڻ هن وقت ضلعي شڪارپور جا امير، جمعيت علماء اسلام صوبي سنڌ جا ناظم ۽ مرڪزي مجلس شوريٰ جا رڪن بہ آهن.

ان کان سواءِ پاڻ جيئن تہ ضلع شڪارپور جا امير آهن ۽ سياسي اڳواڻ جي حيثيت جا مالڪ آهن، ان ڪري پاڻ ماڻهن جي مسئلن جي حل ڪرڻ خاطر شرعي فيصلا بہ ڪندا آهن. حضرت مولانا سائين عبدالله پهوڙ دامت برڪاتهم العاليہ جن هن وقت تائين ڪيترائي شرعي فيصلا ڪيا آهن، انهن جو تعداد بہ تمام گهڻو آهي. پاڻ پنهنجي علائقي جا قاضي ۽ منصف پڻ آهن. سندن ڪيل تاريخي ۽ شرعي فيصلن کي گڏ ڪجي تہ هڪ وڏو ڪتاب تيار ٿي سگهي ٿو. ان کان سواءِ پاڻ پنهنجي وڏڙن جي علمي مواد کي سهيڙڻ ۽ شايع ڪرڻ جو بہ وڏو جذبو اٿن. هن وقت پنهنجي وڏڙن جي علمي مواد کي پنج ڪتاب شايع ڪرائي چڪو آهي

(١) سفينة السالڪين. (حضرت سائين خليفہ احمد دين جي سوانح حيات ۽ ملفوظات)

(٢) الباقيات الصالحات في تحفة الذاڪرين والذاڪرات

(۳. ۴) زادالسالڪين. (سوانح حيات ۽ ملفوظات حضرت مولانا سائين محمد عالم پهوڙ جي سوانح حيات ۽ ملفوظات ٻن جلدن ۾)

(۵) جن ريجهايو الله. هي ڪتاب نصيحت آموز واقعن تي مشتمل آهي، هي ڪتاب سندن تصنيف ۽ تاليف آهي.

مولانا مفتي محمد مصعب حسن عباسي

03002246692

سجاده نشين درگاهِ عاليه قادريه راشديه حماديه حسنيه شاهپور چاڪرشريف، پاڻ جيد ۽ متحرڪ سرگرم عالمِ دين آهن، پاڻ انتهائي احسن طريقي سان پنهنجي ڏاڏي قطب الاقطاب سرتاج الاولياء حضرت مولانا محمد حسن عباسيؒ جي تحريڪ "تعلق مع الله" جي مشن کي انتهائي تحرڪ سان هلائي ڪري زنده جاويد رکيو پيا اچن، واضح رهي ته حضرت مولانا محمد حسن عباسيؒ کي معرفت جي امانت ۱۹۲۸ع ۾ صرف اٺن سالن جي عُمر مبارڪ ۾ بلا واسطه طور تي برصغير جي جنگ آزادي جي امام قطب الاقطاب حضرت مولانا سيدنا تاج محمود امروٽيؒ کان مليل هُئي. بعد ۾ حضرت امروٽيؒ جي اجل خلفاء ڪرام قطب الاقطاب حضرت مولانا حماد الله هاليجويؒ ۽ امام الاولياء حضرت مولانا احمد علي لاهوريؒ پڻ به کين مسند خلافت عطا ڪئي ۲۰۱۲ .ع ۾ سندن وفات کان بعد وڏي فرزند ۽ خليفه سرتاج الاولياء حضرت مولانا احمد حسن عباسيؒ کي جماعت سڳوري جا نشين مقرر ڪيو، جيڪي ۲۰۱۹ع ۾ داعي اجل کي لبيڪ چئي دارِ فاني ڇڏي ويا ته پوري جماعت سڳوري سندن وڏي فرزند حضرت مولانا مفتي محمد مصعب حسن عباسي دامت برڪاتهم کي درگاهه شريف جو سجاده نشين مقرر ڪيو، موصوف ابتدائي تعليم پنهنجي والد صاحب ۽ ڏاڏي سائينءَ جي نگرانيءَ ۾ حاصل ڪئي. بعد ۾ اعليٰ تعليم ملڪ جي مختلف مايا ناز تعليمي ادارن مان حاصل ڪيائون، پاڻ وفاق المدارس العربيه پاڪستان ۽ جامعه اسلاميه ڪلفٽن ڪراچي جا فارغ التحصيل آهن پاڻ عالمِ اسلام جي مفتي اعظم مفتي حبيب الله شيخؒ جا پڻ تلميذِ خاص رهيا آهن. سائين جن درگاهه شريف تي هر مهيني سوا لک آيت ڪريمه جو ورد ڪرائيند اآهن،

جنهن ۾ پوري سنڌ ۽ ملڪ جي مختلف حصن مان عقيدت مند ۽ جماعت سڳوري گهڻي تعداد ۾ شريڪ ٿيندي آهي.

پاڻ مريدن کي بيعت، اذڪار، لطائف ۽ افڪار جا سبق ڏئي سلوڪ جون منزلون طئي ڪرائيند اآهن .پاڻ امروٽيؒ جي جماعت جي ڏک سک ۽ خوشي غمي ۾ پيش پيش هوندا آهن، موصوف علماء حق جي تحريڪ "جمعيتعلماءاسلام" جي سرگرمين ۾ سرگرم هوندا آهن، ياد رهي ته سندن والد گراميؒ ۽ ڏاڏا سائينؒ جمعيت علماء اسلام صوبه سنڌ جا تاحيات سرپرست رهيا. موصوف جامعة الحسن ڪراچي جا مدير به آهن، موصوف ملڪي سطح تي مختلف سرگرمين سان گڏ عالمي سطح تي به اسلامي ڪاز ۽ مسلمانن لاءِ سرگرم آهن، پاڻ مسلم دنيا جي عظيم مايا ناز اسڪالر ۽ مظلوم مسلمانن لاءِ بين الاقوامي طو رتي پاڻ پتوڙيندڙ "بوسنيائي جهاد جي هيرو" حضرت اقدس سيد سليمان احمر دامت برڪاتهم جا دست راست آهن، حضرت سائين پڻ عالمي سطح تي مظلوم فلسطينين جي آواَ ز فلسطين پيس فائونڊيشن (PPF) جا سرگرم اڳواڻ ۽ بوردِ آف گورننگ جا ميمبرآهن. سائين جن بين الاقوامي سطح تي قيادت پيدا ڪندڙ عالمي تنظيم" ٽائم-ليڊر" جا بہ سرگرم اڳواڻ آهن.

حافظ محمد نواز ڪوسو

03023183908

حضرت سائين پير شريف وارن جا صحبتي ۽ فيض يافتہ، حضرت سائين پير شريف وارن جي خليفي حضرت مولانا عبدالهادي بروهي جن کان خلافت ۽ مليل اٿن، پاڻ درگاهه عاليہ قادريہ راشديہ حماديہ ڪريميہ نوازيہ جا باني مباني پڻ آهن.

نالو ۽ نسب

حافظ محمد نواز بن حاجي صحبت خان بن سردار خان بن نصير خان ڪوسو ۱۹۴۹ء ڏاران ڳوٺ نصير خان ڪوسو (جيڪو هاٽي حاجي فيض محمد ڪوسو جي نالي سان مشهور آهي) ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

پرائمري باهو ڪوسو جي اسڪول ۾ پڙهيا. ان دوران پاڻ ناظره قرآن مجيد حافظ ثناء الله چنو ۽ سندس ڀاءُ حافظ الله ورايو چني جن وٽ پڙهندا رهيا. انگريزي به باهو جي مڊل اسڪول ۾ اٺين درجي تائين پڙهيا. جڏهن ته ميٽرڪ ٺل هاءِ اسڪول مان ممتاز (A.1) درجي ۾ پاس ڪيائون. ان کان پوءِ سکر اسلاميہ ڪاليج ۾ ٻه سال فسٽ ايئر ۽ سيڪنڊ ايئر پاس ڪيائون، ان کان پوءِ ٻه سال ڄام شوري جي پرائيوٽ يونيورسٽي مان بي اي ڪيائون، حفظ قاري عبدالفتاح ڀُٽي جن وٽ پڙهيا، حفظ جي ٻين استادن ۾ قاري محمود موچي، قاري عبدالواحد سومرو شامل آهن، جڏهن ته حفظ قرآن قاري حبيب الله ٻنگر جن وٽ پڙهي پورو ڪيائون.

پاڻ ڪيترائي سال حضرت سائين عبدالڪريم ٻير شريف جي خدمت ۽ صحبت ۾ رهيا، سائين جن کان سلوڪ ۽ تصوف جا اسباق پڻ وٺندا رهيا. ان دوران ڪين حضرت سائين جن جي ملفوظات لکڻ جي به سعادت نصيب ٿين. سندن جمع ڪيل ملفوظات مان هڪ حصو ٻه سو ملفوظات تي مشتمل شايع ٿي چڪو آهي، ٻيا جلد به جلدي منظر عام تي اچي ويندا. ان کان سوا پاڻ ماهوار شريعت سکر جي ابتدائي ليکڪن مان آهن، ماهوار شريعت ۾ سندن ڪيترائي سنڌي عالمن جا انٽرويو (حالات ۽ خيالات) شايع ٿي چڪا آهن. ان کان سواءِ سندن ليک ماهوار الفاروق سنڌي ڪراچي، ماهوار الحماد اردو ڪراچي ۽ ماهوار القاسم ڪوٽڙي ۾ پڻ شايع ٿيندا رهندا آهن.

پاڻ هن وقت پنهنجي ڳوٺ جي جامع مسجد ۾ امامت ۽ خطابت سان گڏ و گڏ سالڪن جي پڻ تربيت ڪندا رهندا آهن. سندن خاص خليفن ۽ مريدن ۾ محترم جناب قاري عبدالرشيد اوڳاهي محراب پور وارو شامل آهي. پاڻ پنهنجي ڳوٺ کي جنگل مان منگل بڻائي ويٺا آهن. آئون پاڻ به سندن ڳوٺ وڃي سندن زيارت سان مشرف ٿيو آهيان. ڪين ڪيترن ئي بزرگن جي پڻ زيارت نصيب ٿي اٿن.

باب ٻيو

سنڌ جي مدرسن، اسڪولن ۽ ڪاليجن جي استادن جو تعارف

هن باب ۾ اسين ديني مدرسن، اسڪولن ۽ ڪاليجن جي استادن جو تعارف پيش ڪنداسون.

مولانا محمد ابراهيم ميمڻ

لاڙ جو لال پير طريقت رهبر شريعت، استاذالعلماء هزارين عالمن جو استاد، باب الاسلام ٺٽي جو باني مباني، مهتمم جمعيت علماء اسلام ضلعي ٺٽي جو سرپرست ۽ متصوف بزرگ

نالو ۽ نسب

مولانا محمد ابراهيم بن مولانا عبدالله ميمڻ **۱۹۴۳**ع ڌاران سجاول شهر پر سان ڳوٺ آدم سمون ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

پرائمري مدرسہ هاشميہ جي اسڪول ۾ پاس ڪيائون، ديني تعليم جي شروعات بہ انهيءَ مدرسي، مدرسہ دارالفيوض الهاشميہ سجاول ۾ ٿي ڪيائون. پاڻ انهيءَ مدرسي ۾ موقوف عليہ تائين پڙهيا. هڪ سال جامعہ قادريہ رحيم يارخان دوره حديث ڪراچي جي مشهور ديني مدرسي جامعة العلوم الاسلاميہ بنوري ٽائون ۾ پڙهيائون. جڏهن تہ پاڻ حافظ الحديث حضرت مولانا عبدالله درخواستي ۽ حضرت مولانا عبدالغني جاجروي جن وٽ دوره تفسير پڙهيائون. سندن مشهور استادن ۾ استاذالعلماء حضرت مولانا نور محمد سجاولي، محدث العصر حضرت مولانا محمد يوسف بنوري، مولانا عبدالله ميمڻ (سندن والد) حضرت مولانا محمد ادريس ميرٺي، حضرت مولانا فضل محمد سواتي، حضرت مولانا انور شاه هزاروي ۽ حضرت مولانا حبيب الله سمون شامل آهن.

پاڻ استاذالعلماء حضرت مولانا نور محمد سجاولي جي هٿن تي بيعت ڪيائون، سندن وفات کان پوءِ حضرت مولانا عبدالواحد (خليفہ مجاز قطب الاقطاب حضرت مولانا سائين حمادالله هاليجوي مهتمم جامعہ حماديہ شاه فيصل ڪالوني ڪراچي) جي هٿن تي بيعت ڪيائون

مولانا صاحب بحيثيت استاد

ديني علوم جي فراغت کان پوءِ پاڻ پنهنجي مربي ۽ استاد حضرت مولانا نور محمد سجاولي جن جي حڪم سان مختلف ديني مدرسن ۾ پڙهائي چڪا آهن، جهڙوڪ: مدرسہ عربيہ مدينة العلوم پيڊو شريف، جامعہ مفتاح العلوم حيدرآباد، جامعہ دارالفيوض الهاشميہ سجاول ۾ ڪيترائي سال پڙهيائون، انهن سڀني مدرسن ۾ پاڻ دوره حديث تائين ڪتاب پڙهايائون. **۱۹۸۴**ع ڌاران پنهنجي مربي ۽ استاد حضرت مولانا نور محمد سجاولي جن جي حڪم سان ٺٽي ۾ باب الاسلام جي نالي سان مدرسو قائم ڪيائون، جتي اڄ ڏينهن تائين پاڻ پنهنجي قائم ڪيل ديني اداري ۾ دين جي شمع روشن ڪيون ويٺا آهن.

سندن مشهور شاگردن ۾ حضرت مولانا محمد صالح الحداد (شيخ الحديث جامعہ قاسميہ گلشن حضرت قاسمي سجاول)، حضرت مولانا محمد حسين شاه سجاولي (ايڊيٽر ماهوار الفاروق ڪراچي)، حضرت مولانا نذير احمد عمراڻي (رئيس دارالفتاء جامعہ قاسميہ گلشن حضرت قاسمي سجاول) حضرت مولانا محمد عمر مگسي، حضرت مولانا علي احمد مگسي، حضرت مولانا محمد سليم عاطف وري، حضرت مولانا محمد حسن ٿهيم، حضرت مولانا تاج محمد ناهيون (امير جمعيت علماء اسلام ضلع حيدرآباد) حضرت مولانا ڊاڪٽر سيف الرحمٰن آرائين، حضرت مولانا حفيظ الرحمٰن انڙ، حضرت مولانا محمد ابراهيم صديقي، حضرت مولانا غلام مصطفيٰ لغاري، حضرت مولانا محمد اسماعيل پتافي، حضرت مولانا عبدالوهاب بلوچ، حضرت مولانا عبدالمتين قريشي ۽ مفتي محمد راشد ميمڻ شامل آهن. انهن کان سواءِ بيشمار سندن شاگرد آهن جيڪي مختلف محاذن تي ڪم ڪري رهيا آهن.

سياسي تعلق جمعيت علماء اسلام سان اٿن. پاڻ ڪڏهن بہ عهدن جي ذميواري نہ ڪنيائون، البت ٺٽي ضلعي جي خوب سرپرستي ڪن ٿا. بہ پيرا جمعيت علماء اسلام جي پليٽ فارم تان پي ايس ۸۴ ۾ پرپور حصو ورتائون. جڏهن تہ سندن هڪ ڪتاب تصنيف ٿيل اٿن جيڪو "مقدمة الحديث" جي نالي سان پڻ شايع ٿيو آهي. هي ڪتاب اردو ۾ آهي، دوره حديث جي شاگردن جي لاءِ نهايت ئي مفيد، جامع هجڻ سان گڏو گڏ بيمثال ۽ لاجواب پڻ آهي.

مولانا منظور احمد سومرو

03003279329

امام العصر حضرت سائين پير شريف وارن جا فيض يافته، ڪهنه مشق استاد، علوم عقليه ۽ نقليه جو ماهر ۽ ماهر نبض شناس فقه ۽ فتويٰ ۾ مڪمل دسترس رکندڙ استاذالعلماء هزارين عالمن جو استاد بلڪ پاڻ هن وقت ڏاڏا استاد جي حيثيت بڻجي چڪا آهن. هتي سندن تعارف پيش ڪجي ٿو.

نالو ۽ نسب

حضرت مولانا منظور احمد بن حاجي عبدالهادي ذات سومرو ڪنڊيارو شهر ۾ ۱۹۴۴ء ڌاري پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

ابتدائي تعليم قرآن پاڪ ۽ حفظ قاري غلام علي جن وٽ مڪمل ڪرڻ کان پوءِ ۱۹۶۰ء ڌاران پير شريف ۾ امام العصر حضرت مولانا سائين عبدالڪريم قريشي جن جي خدمت ۾ تعليم حاصل ڪيائون. ياد رهي ته حضرت سائين پير شريف وارا درس نظاميءَ جو ڪورس تمام گهڻو ڏکو هيو، جيڪو ٻارهن سالن ۾ پورو ٿيندو هيو، پر حضرت سائين پير شريف وارا فرمائيندا هئا ته اهڙو ڪو ذهين ۽ هوشيار شاگرد هجي ته مان ان کي ٻارهن سالن جو ڏکو ڪورس ستن سالن ۾ پڙهايان، حضرت مولانا سائين منظور احمد سومرو دامت برڪاتهم نهايت ئي هوشيار ۽ ذهين هئا، جو حضرت سائين پير شريف وارن جو ٻارهن سالن وارو ڪورس ستن سالن ۾ پڙهي پورو ڪري ۱۹۶۷ء ڌاران باضابطه عالم دين بڻجي ويا. سندن ساٿين ۾ حضرت مولانا عطاء الله مگريو قمبر وارا، حضرت مولانا نثار احمد پتافي ۽ حضرت مولانا عبدالقادر بروهي شامل آهن.

مولانا صاحب بحيثيت استاد

سائين جن درس نظامي جي تڪميل ڪرڻ کان پوءِ مختلف ديني

مدرسن ۾ تعليم ڏئي چڪا آهن، جهڙوڪ: مدرسه عربيه اشرفيه شڪارپور ۾ هڪ سال پڙهايائون، ان کان پوءِ پليجاڻي ڳوٺ مريد سهاڳ ۾ هڪ سال پڙهايائون، ان کان پوءِ ڏگڙي وارا حضرت مولانا سائين غلام مصطفيٰ قاسمي جن وٽ آيا چيائون ته اهو استاد اسان کي ڏيو، پنهنجي مربي ۽ محسن امام العصر حضرت سائين پير شريف وارن جي مشوري ۽ حڪم سان ڏگڙي ويا، جتي اٺ سال لڳاتار پڙهايائون. ڏگڙي کان پوءِ کين خيال ٿيو ته ڳوٺ ۾ منهنجي زمين آهي، ان کي سنڀاليان، پاڻ انهيءَ سلسلي ۾ پنهنجي ڳوٺ ڪنڊيارو آيا، حضرت سائين جن پيرشريف وارن کي خبر پئي ته سندن هونهار شاگرد پڙهائڻ کي ڇڏي ڳوٺ رهن ٿا. ان دوران دادو وارن کي به هڪ استاد جي ضرورت هئي ته حضرت سائين پير شريف دادو وارن کي مولانا منظور احمد سومرو ڏنو، دادو جي قديمي مدرسي دارالفيوض المحمديه ۾ حضرت سائين پير شريف وارن جي حڪم سان بطور استاد مقرر ٿيا، پاڻ انهيءَ مدرسي ۾ ۳۰ سالن کان لڳ ڀڳ تعليم ڏئي رهيا آهن، جتي پاڻ صدر مدرس، شيخ الحديث جي منصب تي فائز آهن، اتي پاڻ سڀني درس نظامي جي فنون جا ڪتاب پڙهيائون، شاگردن جو تعداد شمار کي مٿي آهي. هتي ڪجهه مشهور ۽ اهم شاگردن جو ذڪر ڪجي ٿو.

مولانا قمرالدين بروهي بلوچستان، مولانا عبدالباقي ملاح ڪوٽڙي، مولانا عبدالله سولنگي، مولانا طالب حسين ڏيپارجا، مورو. مولانا عنايت الله بروهي خيرپور ناٿن شاهه، مولانا محمد انور ڪوهارو، مولانا غلام الله چانڊيو، گرڪڻ، ميهڙ. مولانا عبدالستار چانڊيو، گرڪڻ، ميهڙ. مولانا بحر الله چانڊيو.

سياسي لحاظ کان سندن تعلق جمعيت علماء اسلام سان آهي، پاڻ جڏهن ڏگڙي ۾ هوندا هئا ته تڏهن ضلع ٿرپاڪر جا جنرل سيڪريٽري هئا، دادو ۾ گذريل ۳۰ سالن کان بنا مقابلي جي امير ٿيندا پيا اچن. پاڻ مضبوط عالم دين هئڻ سان گڏو گڏ سٺا مفتي پڻ آهن، سندن جاري ڪيل فتوائن جو تعداد تمام گهڻو آهي، ان سان گڏو گڏ بهترين مصنف ۽ ليکڪ پڻ آهن، سندن هڪ ڪتاب اردو ۾ "دعا اور درود" تصنيف ٿيل آهي، درس نظامي جي مختلف ڪتابن تي علمي حواشي به لکيا اٿئون، جيڪي پنهنجي جڳهه تي هڪ شرح جي حيثيت رکن ٿا. مختلف ديني رسالن ۾ مضمون نويسي پڻ ڪري چڪا آهن. جهڙوڪ: ماهوار شريعت سکر، ماهوار القاسم ڪوٽري، (هن احقر کي هي به اعزاز حاصل آهي ته پاڻ منهنجي رسالي

القاسم لاءِ مضمون لکيائون) ماهوار بيداري حيدرآباد، ترجمان اسلام ۾ سندن مضمون شايع ٿيل آهن، شايع ٿيل مضمون خالص علمي، تحقيقي ۽ فقهي مسائل تي مشتمل آهن، انهن کي گڏ ڪجي تہ هڪ سٺو ڪتاب ٿهي سگهجي ٿو. ان ڪان سواءِ مختلف عالمن جي ڪتابن تي تقريظون پڻ لکيون آهن، انهن جو تعداد بہ چڱو پلو آهي، پاڻ منهنجي هڪ ڪتاب خلاصة القرآن تي نهايت جاندار ۽ مانائتي تقريظ لکي منهنجي همت ۽ حوصلہ افزائي فرمايائون.
پاڻ هڪ شادي ڪيائون، جيڪا حضرت مولانا علي محمد حقاني جي واسطي سان ٿي. اولاد ۾ ٽي پٽ وحيد احمد، مصطفيٰ احمد، مجتبيٰ احمد ۽ هڪ نياڻي.

مولانا جان محمد راڄپر

03063342417

پنهنجي سڄي ڄمار درس ۽ تدريس لاءِ ارپيندڙ، معقولات ۽ منقولات جو ماهر ۽ امام، هزارن جي تعداد ۾ عالمن جو استاد، درس نظاميءَ جي سڀني ڪتابن جو ماهر، ڪتابن جون عبارتن جو عبارتون ڪين ياد هونديون اٿن، جڏهن بخاري شريف پڙهائيندا آهن، ابن حجر عسقلاني ۽ علامہ عيني جون سڪون لاهيندا آهن. اهڙي نموني سان جڏهن نحو جو ڪتاب پڙهائيندا آهن ابن حاجب رحہ ۽ علامہ جامي جون جهلڪيون ڏيندا آهن.

نالو ۽ نسب

مولانا جان محمد بن سبحان علي راڄپر ١٩٤٥ع ڌاران ڳوٺ جيئندو راڄپر نزد محراب پور ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان پاس ڪيائون ۽ فائنل ڳوٺ پير نهاءُ نزد محراب پور مان پاس ڪري ديني تعليم جي شروعات سنڌ جي مشهور ديني اداري جامعہ شمس العلوم ڪرڙاهہ ضلع خيرپور ميرس مان ڪيائون، وڌيڪ تعليم جي حصول جي لاءِ سنڌ ۽ پنجاب جي مختلف ديني مدرسن جو رخ ڪيائون. جهڙوڪ: شاهہ پور جي پير ۾ ٻرهوڻ جي

مدرسي، پڪا چانگ جي مدرسي، جامعہ مدينة العلوم پنوعاقل، قاسم العلوم گهوٽڪي مان تعليم حاصل ڪندي تڪميل گماٽي ۾ مولانا منظور احمد نعماني جن وٽ ڪيائون. دوره حديث جي لاءِ ارادو هو تہ آئون دارالعلوم ديوبند پڙهڻ وڃن، پر ان سال هند ۽ پاڪ جي جنگ ٿي، ان ڪري پاڻ ديوبند وڃي نہ سگهيا، پنهنجي استاد حضرت مولانا علي محمد حقاني جن جي مشوري سان جامعہ اشرفيہ لاهور مان ١٩٦٥ع ڌاران دوره حديث پڙهي مڪمل عالم بڻجي ويا. سندن مشهور استادن ۾ حضرت مولانا علي محمد حقاني، حضرت مولانا مظهر الدين انڍڙ، حضرت مولانا عبدالهادي ميمڻ، حضرت مولانا رسول خان ۽ حضرت مولانا محمد ادريس ڪانڌلوي شامل آهن.

مولانا جان محمد راڄپر بحيثيت استاد

پاڻ ديني علوم جي فراغت ڪان پوءِ سنڌ جي مختلف مدرسن ۾ پڙهائي چڪا آهن. جهڙوڪ: پنهنجي مادر علمي جامعہ شمس العلوم ڪرڙاهہ ضلع خيرپور ميرس، جامعہ اشرفيہ سکر ۽ جامعہ مفتاح العلوم حيدرآباد ۾ ڪيترائي سال شيخ الحديث جي مسند تي رهي چڪا آهن، جامعہ اسلاميہ ڪلفٽن ڪراچي، جامعہ حماديہ ٽنڊو آدم، جامعہ عثمانيہ ۽ جامعہ عمر فاروق حيدرآباد ۾ تعليم ڏئي چڪا آهن. هن وقت پنهنجي مادر علمي جامعہ شمس العلوم ڪرڙاهہ ۾ شيخ الحديث آهن. پاڻ جيئن تہ سڄي ڄمار پڙهڻ ۽ پڙهائڻ ۾ گذاري آهي، ان ڪري شاگردن جو تعداد تمام گهڻو آهي. هتي ڪجهہ اهم ۽ مشهور شاگردن جو ذڪر ڪجي ٿو. مولانا ذوالفقار احمد انڙ (شيخ الحديث جامعہ حماديہ شاهہ فيصل ڪالوني ڪراچي)، مولانا مفتي حبيب الله پٺاڻ (نائب مهتمم مفتاح العلوم حيدرآباد)، مولانا مخدوم روشن صديقي (مهتمم جامعہ عمر فاروق قاسم آباد حيدرآباد)، مولانا عبدالحق ڪوثر ڪرڙاهہ، مولانا غلام مصطفيٰ جمالي (شيخ الحديث جامعہ اسلاميہ ڪلفٽن ڪراچي) مولانا مختيار احمد جمالي (مهتمم جامعہ اسلاميہ سعيد آباد) مولانا عبيدالله پٿو، مولانا مفتي خالد محمود جوڻو، مولانا زين العابدين (خطيب جامع مسجد رابطہ اسلام آباد) مولانا عبدالغفور نهڙيو (مهتمم جامعہ حماديہ عمر ڪوٽ) ۽ مولانا علي شير حيدري انهن ڪان سواءِ بيشمار شاگرد آهن جيڪي مختلف مدرسن ۾ استاد آهن.

بيعت

سندن پهرئين بيعت قطب الاقطاب حضرت مولانا سائين حماد الله هاليجوي وارن سان ٿيل اٿن، سندن وفات کان پوءِ حضرت مولانا سائين محمد حسن عباسي شاه پور وران سان انهن جي وفات کان پوءِ حضرت مولانا عبدالواحد ڪراچي وارن سان بيعت ڪيائون.

ان کان سواءِ تصنيف ۾ درس نظاميءَ جي مشهور ڪتاب شرح جامي تي عربي ٻوليءَ ۾ بهترين حاشيو فوائد ضيائيه لکيو اٿائون، جيڪو اڻ ڇپيل آهي ۽ بخاري شريف جي پڙهايل سبقن کي سندن شاگردن ترتيب ڏئي تقرير بخاري جي نالي سان جامعه اسلاميه ڪلفٽن ڪراچي طرفان شايع ٿيو آهي.

مولانا عبدالحڪيم پناڻ

03037540004

نالو ۽ نسب

مولانا عبدالحڪيم بن مولانا حاجي خان محمد پناڻ پهرين جولاءِ ۱۹۴۷ع ڌاران ڳوٺ غلام حيدر پناڻ ڊنگ چاچڙ تعلقه ۽ ضلع گهوٽڪي ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

ابتدائي پرائمري پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائون، ان کان پوءِ ڏيٽا پيا جي اسڪول ۾ داخلا ورتائون، جتي سنڌي جا ست درجا پاس ڪرڻ کان پوءِ ٽي درجا انگريزي پڻ پڙهيا. جڏهن ته ديني تعليم جي شروعات پنهنجي والد محترم مولانا حاجي خان محمد پناڻ جن وٽ شروع ڪيائون، پنهنجي والد صاحب جن وٽ قرآن شريف پڙهيو. ميٽرڪ پاس ڪرڻ کان پوءِ درس نظامي سنڌ جي مختلف مدرسن ۾ پڙهيا، جهڙوڪ جامعه قاسم العلوم گهوٽڪي، مدرسه عربيه مدينة العلوم پنو عاقل سکر، دارالعلوم هالجي شريف مان تعليم حاصل ڪندي دوره حديث جامعه حماديه مظهرالعلوم منزل سکر ۾ ۱۹۷۴ع ڌاران سيني علمن جي تڪميل ڪري

سند شهادت العالميه حاصل ڪيائون. سندن استادن ۾ حضرت مولانا عبداللطيف پناڻ (سندن وڏو ڀاءُ) حضرت مولانا محمد مراد هاليجوي رحه، حضرت مولانا مفتي عبدالوهاب چاچڙ شامل آهن.

مولانا عبدالحڪيم پناڻ بحيثيت استاد

ديني علوم جي فراغت کان پوءِ پاڻ سنڌ جي مختلف ديني مدرسن ۾ تعليمي ۽ تدريسي خدمتون سرانجام ڏئي چڪا آهن، جهڙوڪ لاڙڪاڻي جي مدرسي ۾ ٽي سال، جامعه عربيه شمس العلوم ڪرڙاهه ضلع خيرپور ميرس ۾ هڪ سال، جامعه حماديه مظهرالعلوم منزل گاهه سکر ۾ سانده ٽي سال پڙهائي چڪا آهن. ڪين ۱۹۸۷ع ۾ سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ ڄام شورو سبجيڪٽ اسپيشلسٽ جي طور تي سرڪاري نوڪري ملي، جتي پاڻ ۳۰ سال خدمتون سرانجام ڏيڻ کان پوءِ ۱۹ هين گريڊ ۾ ۲۰۱۶ع ۾ ريٽائر ٿيا. ريٽائر ٿيڻ کان پوءِ به پاڻ ديني اداري سان جڙيا رهيا. پاڻ هن حضرت مولانا ڊاڪٽر مخدوم محمد روشن صديقي جي مدرسي، جامعه عمر فاروق گلشن بختاور قاسم آباد حيدرآباد ۾ صدر مدرس ۽ شيخ الحديث جي منصب تي فائز آهن. جتي پاڻ بخاري شريف سان گڏ و گڏ ٻيا سبق پڻ پڙهائي رهيا آهن. ڪين اولاد ۾ هڪ پٽ صهيب احمد جيڪو مهراڻ يونيورسٽي ڄام شورو مان بي اي ڪئي اٿس ۽ هڪ نياڻي اٿس.

ان کان سواءِ پاڻ بهترين ليکڪ ۽ محقق پڻ آهن. سندن قلم مان ڪيترائي تحقيقي مضمون لکجي چڪا آهن.

مولانا مير محمد هنجراه ميرڪ وارو

03003144785

امام العصر حضرت سائين پير شريف وارن کان فيض حاصل ڪندڙ، سنڌ جي مختلف علائقن ۾ فيض جي پالوٺ ڪندڙ، جهر جهنگ ۾ قرآن ۽ حديث جو پيغام کي عام ڪندڙ، ڪهنه مشق، تجربيڪار،عالمن جو آفتاب، هزارن عالمن جي استاد حضرت مولانا سائين مير محمد ميرڪ وارن جو تعارف پيش ڪجي ٿو.

نالو ۽ نسب

حضرت مولانا مير محمد بن محمد مراد ذات هنجراه ميرڪ لڳ هنگورجا ضلع خيرپور ميرس ۾ ۱۹۴۹ء ڌاران پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

پرائمري تعليم ميرڪ ۾ حاصل ڪري،پنهنجي مامي حضرت مولانا محمد صديق صاحب سان گڏجي هاليجي شريف ويا، جيڪو ان وقت هاليجي شريف ۾ مدرس هئو. هاليجي شريف ۾ قرآن پاڪ حفظ ڪري ۱۹۶۳ء ڌاري پير شريف آيا. منڍ کان آخر تائين امام العصر حضرت مولانا سائين عبدالڪريم قريشي وارنوٽ پڙهيا. ۱۹۶۹ء ڌاران فارغ التحصيل ٿيا.

پير شريف ۾ تعليم حاصل ڪرڻ دوران طالبن ۾ جو پاڻ ۾ اختلاف ٿي پيو. ان ڪري حضرت مولانا سائين مير محمد هنجراه جن حضرت سائين عبدالڪريم پير شريف وارن کان اجازت گهري ته ڪٿي ٻئي هنڌ پڙهڻ وڃان. سائين جن فرمايو ته: ڪنهن انسان جي آڱر ڪپجي ته ان کي ڪيترو ايذاءُ ايندو؟ جيڪڏهن توهان مدرسي کي ڇڏي ويندؤ ته مون کي ايتري تڪليف پهچندي. پوءِ مسلسل پير شريف رهي تعليم مڪمل ڪيائون. پير شريف پڙهندي حفظ جي شاگردن کي به پڙهائيندو هئو. (سوانح حيات حضرت سائين پير وارا صفحو ۱۱۵)

مولانا مير محمد ميرڪ وارا بحيثيت استاد

ديني تعليم جي فراغت حاصل ڪرڻ کان پوءِمختلف ديني مدرسن تعليم جا فرائض سرانجام ڏئي چڪا آهن. جهڙوڪ: مدرسہ عربيہ بدرالعلوم نري مير واهہ، مدرسہ عربيہ حزب الابرار چڪ شهر، ۱۹۷۳ء تائين چڪ ۾ پڙهيائون.جڏهن ته ۱۹۷۴ء ۾ پنهنجي ڳوٺ ميرڪ ۾ مدرسو نالي مدرسہ عربيہ ارشادالعلوم قائم ڪيائون، جتي پاڻ هن وقت تائين انهيءَ مدرسي ۾ ديني علمن جي فياضي ڪري رهيا آهن. سندن مشهور ۽ اهم شاگردن ۾ مولانا عبدالحميد مهاجر شيخ الحديث جامعہ بنوريہ سائيٽ ڪراچي، مولانا محمد ادريس سومرو ڪنڊيارو، مولانا عبدالعزيز ڪلوڙ، مولانا عبيدالرحمٰن عباسي، (بلال جامع مسجد سنڌ يونيورسٽي ڪالونيءَ

۾ خطيب آهن) مولانا ناظم الدين لاڙڪ خطيب جامع علامہ آءِ قاضي مسجد سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو، مولانا محمد قاسم هنجراه(جيڪو ميرڪ جي مدرسي ۾ استاد آهي) مولانا محمد راشد هنجراه شامل آهن.

سندن سياسي تعلق جمعيت علماء اسلام سان اٿن، جمعيت علماء اسلام ضلعي خيرپور ميرس جا ڪيترائي ڀيرا ناظم عمومي ۽ امير پڻ رهي چڪا آهن. پاڻ بهترين خطيب پڻ آهن، خطابت جي حوالي سان مختلف علائقن ۾ قرآن ۽ حديث جو پيغام عام ڪرڻ ۾ پاڻ ملهائي رهيا آهن.

مولانا الهي بخش ٿانوري

03003139910

"سنڌ جو نديم" جي لقب سان مشهور، جهر جهنگ ۾ قرآن ۽ حديث جي پيغام کي عام ڪندڙ، مرد قلندر، درويش صفت انسان دوستن جو دوست، دلبر رهنماءآهن.

نالو ۽ نسب

مولانا الٰهي بخش بن غلام نبي ذات ٿانوري ۱۹۴۷ء ڳوٺ ڏڀ ٿانوري تعلقي لکي غلام شاهه ضلع شڪارپور ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

دنيوي تعليم پرائمري ۽ فائنل پنهنجي ڳوٺ ۾ پاس ڪرڻ کان پوءِ ديني تعليم جي شروعات به پنهنجي ڳوٺ جي مسجد ۾ ڪيائون، بعد ڳوٺ ۾ حضرت مولانا عبدالغفور ٿانوري جي محنت ۽ سان هڪ ديني ادارو قائم ٿيو. قرآن پاڪ پڙهڻ کان پوءِ پنهنجي ڳوٺ جي ئي مدرسي ۾ قاري دين محمد مهاجر وٽ تجويد پڙهيائون، قاري دين محمد مهاجر جي شوق ڏيارڻ سان ديني تعليم حاصل ڪيائون، ابتدائي ديني تعليم فارسي ۽ ڪنز ڪافيہ تائين حضرت مولانا عبدالغفور جن وٽ پڙهيائون، وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ جي ٻين ديني مدرسن جو رخ ڪيو. جهڙوڪ: درگاهه جرار شريف، درگاهه هاليجي شريف ۽ جامعہ حماديہ مظهرالعلوم

منزل گاھ سکر مان تعليم حاصل ڪندي آخرڪار سنڌ جي نهايت ئي قديمي ديني درسگاھ جامعہ دينيہ دارالهديٰ ٺيڙهيءَ ۾ ١٩٧٢ع مان دوره حديث مڪمل ڪري سند يافتہ مولوي ٿي ويا.

سندن مشهور استادن ۾ حضرت مولانا سائين خليفہ احمدالدين کيهر، حضرت مولانا سائين محمد عالم پهوڙ، استاذالعلماء حضرت مولانا مظهرالدين انڍڙ، استاذالعلماء حضرت مولانا مفتي عبدالوهاب چاچڙ، استاذالعلماء حضرت مولانا محمد مراد هاليجوي، استاذ العلماء حضرت مولانا عبداللطيف پناڻ، استاذالعلماء حضرت مولانا عبدالهادي ميمڻ، استاذالعلماء حضرت مولانا مفتي غلام قادر ميمڻ، استاذالعلماء حضرت مولانا مفتي امدادالله ميمڻ ، استاذالعلماء حضرت مولانا عزيزاحمد ميمڻ شامل آهن.

فراغت کان پوءِ سنڌ جي مختلف مدرسن ۾ ديني تعليم ڏئي چڪا آهن جهڙوڪ: پيرڪڻ ۾ هڪ سال امامت ۽ خطابت سان درس نظامي جي تعليم ڏئي چڪا آهن. ٻہ سال مدرسہ انوار التوحيد آباد لاڪا ۾ شاھ خالد ڪالوني سکر جي جامع مسجد ۾ امامت ۽ خطابت جا فرائض سرانجام ڏئي چڪا آهن. جڏهن تہ پاڻ هن وقت جامع عثمان غني مسجد جا نگران متولي آهن. ان کان سواءِ جمعيت علماء اسلام سٽي سکر جا جنرل سيڪريٽري بہ رهي چڪا آهن، ۽ تنظيم اهل سنت علماء ديوبند جا صدر پڻ آهن.

ياد رهي تہ ١٩٨٢ع ڌاران حضرت مولانا محمد مراد صاحب هاليجوي جن جي صدارت ۽ نگرانيءَ ۾ اجلاس ٿيو. ان اجلاس جو مقصد هيو تہ خطيبن جي هڪ تنظيم جوڙي وڃي تہ جيئن عوام جي عقائد جي درستگي ٿئي، ان تنظيم جو پهريون صدر مولانا الٰهي بخش ٿانوري جن مقرر ٿيا، جيڪي هن وقت تائين ان تنظيم جا صدر آهن.

مولانا الٰهي بخش صاحب جن جو شاگردي دور کان وٺي خطابت جو شوق رهيو آهي، ان ڪري پاڻ خطابت جي ميدان ۾ تمام گهڻي ترقي ڪئي اٿائون. پاڻ سنڌ ۾ نديم جي لقب سان ڄاتا ۽ سڃاتا ويندا آهن، سندن خطابت ۾ سُر بہ هوندو آهي جوش ۽ جذبو بہ سمايل هوندو آهي، اصلاحي پهلو بہ هوندو آهي تہ وري سياسي ۽ حالات حاضره جي لحاظ کان بہ معلومات هوندي آهي. سندن خطابت جو چرچو سنڌ بلڪ بلوچستان تائين بہ آهي.

مولانا سراج احمد جمالي

030031393339

نالو ۽ نسب

مولانا سراج احمد بن حاجي عبداللطيف، ذ ات جمالي ١٩٥٤ع جنت ڳوٺ تعلقي ڳڙهي ياسين ضلعي شڪارپور ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

مولانا سراج احمد جمالي صاحب جن تعليم جي شروعات پنهنجي ڏاڏي جي قائم ڪيل ديني مدرسي مدرسہ عربيہ قاسم العلوم جنت ڳوٺ ۾ ڪيائون. (ياد رهي تہ هي مدرسو استاذالعلماء حضرت مولانا سائين عبدالعزيز پانڊوي جن جي سرپرستيءَ ۾ هلندو هيو) وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ جي مختلف ديني مدرسن جو رخ ڪيو. جهڙوڪ: مدرسہ عربيہ انوارالعلوم سکر، جامعہ اسلاميہ سراج العلوم پير شريف، جامعہ دارالفيوض هاشميہ سجاول مان تعليم حاصل ڪندي دوره حديث جامعہ دينيہ دارالهديٰ ٺيڙهي ۾ ١٩٧٧ع ۾ مڪمل ڪري دستار ٻڌي عالم دين بڻجي ويا.

سندن مشهور استادن ۾ استاذالعلماء حضرت مولانا سائين عبدالعزيز پانڊوي، امام العصر حضرت سائين عبدالڪريم قريشي، استاذالعلماء جامع المعقول والمنقول حضرت مولانا سائين عبدالغفور قاسمي، حضرت مولانا عبدالغفور جتوئي، حضرت مولانا عطاء الله مگريو، حضرت مولانا محمد عمر مگسي، حضرت مولانا قطب الدين انڍڙ، حضرت مولانا عبدالحي گهوٽو، حضرت مولانا غلام قادر ميمڻ، حضرت مولانا عبدالحميد ڪنڊواهڻ، حضرت مولانا شبير احمد پٽو ۽ مولانا دوست محمد جمالي شامل آهن.

مولانا سراج احمد جمالي بحيثيت استاد

ديني تعليم جي تڪميل ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي مادر علمي ۽ پنهنجي ڏاڏي جي قائم ڪيل مدرسي مدرسہ عربيہ قاسم العلوم جنت

ڳوٺ تعلقي ڳڙهي ياسين ضلعي شڪارپور ۾ ٽي سال تعليم ڏنائون. ان کان پوءِ ١٩٧٥ع ۾ سکر ۾ هڪ ادارو مدرسہ عربيہ سراج العلوم عزيزيہ قائم ڪيائون، جنهن جو بنياد امام العصر حضرت سائين پير شريف وارن ۽ حضرت مولانا مفتي محمود صاحب جن رکيو. جتي اڄ سوڌو تعليم ڏئي رهيا آهن، پاڻ انهيءَ مدرسي جا باني، مهتمم، صدر مدرس ۽ شخ الحديث جي منصب تي فائز آهن.

مشهور شاگرد

سندن مشهور ۽ اهم شاگرد هي آهن. مولانا سرفراز احمد جمالي، (استاد مدرسہ عربيہ سراج العلوم عزيزيہ سکر) مولانا امتياز احمد جمالي (استاد ۽ عربي شعبي جا هيڊ جامعہ عمر گڏاپ ٽائون ڪراچي) مولانا عبدالغفار الرو (مدرسہ عربيہ سراج العلوم عزيزيہ سکر) مولانا زبير احمد جمالي، (مدرسہ عربيہ سراج العلوم عزيزيہ سکر) مولانا عبدالرشيد الرو پڪا چانگ، مولانا خليل احمد بروهي، اوستہ محمد بلوچستان.

سندن سياسي تعلق جمعيت علماء اسلام سان آهي، شاگردي واري دور ۾ پاڻ جي ٽي آءِ يونٽ الرو جا صدر رهي چڪا آهن. پاڻ هن وقت جمعيت علماء اسلام تعلقي سکر جا نائب امير پڻ آهن.

پاڻ جيئن تہ مدرس آهن، ان ڪري درسي ڪتابن جي ڪجھ ڪتابن جا شرح بہ لکيا اٿئون، جهڙوڪ: نحومير جو اردو شرح سو صفحن تي مشتمل آهي، ارشادالصرف جو اردو شرح ٨٢ صفحن تي مشتمل آهي، ان کان سواءِ پاڻ بهترين شاعر پڻ آهن، سندن شاعري هزارن کان وڌيڪ آهي، شاعري سنڌي، اردو، بلوچي ۽ سرائيڪي ٻولين تي مشتمل آهي. سندن شاعريءَ کي الحاج امدادالله ڦلپوٽي، حاجي سلطان احمد چني، مسڪين عيوض، نعمت الله سولنگي ۽ شهيد امتياز احمد ڦلپوٽي ڳائي آهي.

مولانا جان محمد سومرو

03023670363

عالم فاضل، ڪاتب، (خطاط) پنهنجي ڳوٺ جي قديمي مدرسي، مدرسہ عربيہ دارالسلام جامع مسجد محمد آباغ ۾ علم جي جوت جلائيندڙ، حالات حاضره تي گهري خبر رکندڙ، بيدار دماغ، علم جو

پنڊار، دُرويش صفت انسان هتي سندن مختصر تعارف پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪجي ٿو.

نالو ۽ نسب

مولانا جان محمد بن دلدار بن ساماڻو بن وارث ڏنو بن فاضل بن ٻڍو سومرو ١٥ مارچ ١٩٥٥ مطابق ١٣٧٥ هجري ڌران ڳوٺ محمد آ باغ تعلقہ خانپور ضلع شڪارپو ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

پرائمري پنج پنهنجي ڳوٺ جي اسڪول مان پاس ڪيائون. ديني تعليم جي شروعات بہ پنهنجي ڳوٺ جي قديمي مدرسي دارالفيوض يوسفي ۾ ڪيائون ۽ استاذالحفاظ حافظ سلطان احمد سولنگي جن وٽ پاڻ قاعدو، ناظره قرآن مجيد ۽ حفظ بہ انهيءَ مدرسي ۾ ڪيائون. ١٩٦٩ع ڌاران قرآن مجيد حفظ مڪمل ڪري حفظ جي دستار ٻڌائون. ان کان پوءِ فارسي پنج ڪتاب استاذالعلماء حضرت مولانا محمد اسماعيل لاشاري رحہ جهڻ پٽ وارن وٽ پڙهيا. ان کان پوءِ ضلعي شڪارپور جي نهايت قديمي درسگاه مدرسہ عربيہ ڪنزالعلوم سومراٽي شريف ۾ داخلا ورتائون جتي پاڻ پير طريقت رهبر شريعت حضرت مولانا سائين محمد يعقوب مهر رحہ جن وٽ گلستان ۽ بوستان پڙهيا. ان کان پوءِ ارشادالصرف استاذالعلماء حضرت مولانا عبدالڪريم کهڙي جن وٽ ساڳئي مدرسي ۾ پڙهيا. پاڻ سومراٽي شريف ۾ سانده ڇھ سال پڙهيا. اتي سندن ٻين استادن ۾ حضرت مولانا محمد عمر کهڙو رحہ، حضرت مولانا محمد موسيٰ مهر (جيڪي هن وقت بشيرآباد محترم جناب تاج محمد شيخ جي مدرسي ۾ صدر مدرس، شيخ ۾ انچارج پڻ آهن) شامل آهن. ان کان پوءِ پاڻ مفتاح العلوم عزيزيہ پيرجو ڳوٺ (ڪنيرن واري اندرئين مدرسي) ۾ پڙهڻ ويا. اتي استاذالعلماء حضرت مولانا عبدالڪريم کهڙو ۽ استاذالعلماء حضرت مولانا خوش محمد گلال جن وٽ پڙهيا، ان کان پوءِ جامعہ اشرفيہ سکر ۾ پڙهڻ ويا. جتي استاذالعلماء حضرت مولانا جان محد راڄپر، حضرت مولانا قاري خليل احمد بنڌاڻي ۽ حضرت مولانا محمد اسحاق پيپو جن وٽ پڙهيا. ان کان پوءِ ساڳيو ئي مفتاح العلوم عزيزيہ پيرجو ڳوٺ (ڪنيرن واري

اندرئين مدرسي) ۾ پڙهڻ ويا. ان کان پوءِ سندن استاد، استاذالعلماء حضرت مولانا عبدالڪريم ڪهڙو رحہ جن ڪي جامعہ عربيہ شمس العلوم ڪرڙاهہ تعلقہ ٺري مير واهہ ضلع خيرپور ميرس ۾ بطور استاد ۽ شيخ الحديث مقرر ٿيا تہ پاڻ پنهنجي مربي ۽ محسن استاذالعلماء حضرت مولانا عبدالڪريم ڪهڙو سان گڏجي ڪرڙاهہ پڙهڻ آيا. پاڻ انهيءَ مدرسي ۾ دوره حديث پڙهي سيني علم جي تڪميل ڪري ٧ رجب المرجب ١٤٠٠ هجري مطابق ٢٢ مئي ١٩٨٠ع ڌاران عالم دين بڻجي ويا. ڪرڙاهہ ۾ سندن استادن ۾ حضرت مولانا رشيد احمد سومرو رحہ حضرت مولانا عبدالحق ڪوثر قريشي شامل آهن.

مولانا جان محمد سومرو بحيثيت استاد

پاڻ ديني علوم جي فراعت کان پوءِ پنهنجي ئي مادر علمي مدرسہ عربيہ دارالسلام جامع مسجد محمد آ باغ ۾ تعليمي، تبليغي ۽ اصلاحي خدمتون سرانجام ڏيڻ لڳا. فراغت کان پوءِ لڳاتار انهيءَ مدرسي ۾ پڙهائي رهيا آهن. ابتدا ۾ رڳو ناظره قرآن پاڪ جي تعليم هئي. پاڻ انهن ئي مدرسي ۾ طالبن تي خوب محنت ڪري درس نظامي جي شروعات بہ ڪئي، سندن ئي محنت، ڪوشش ۽ جاکوڙ ۽ اخلاص سان مدرسو ترقي ڪري عربي جي تعليم موقوف عليہ تائين پاڻ ئي استاد رهيا آهن، دوره حديث کان سواءِ سڀ ڪتاب پاڻ اڪيلي سر انهيءَ مدرسي ۾ پڙهائيندا رهيا آهن. سندن شاگرن جو شمار تمام گهڻو آهي. ان کان سواءِ پاڻ بهترين خطاط (ڪاتب پڻ آهن، جنهن زماني ۾ ڪمپيوٽر جو وجود بہ نہ هو، ان زماني ۾ اشتهار جي ڪتابت هٿ سان ٿيندي هئي، پاڻ ان فن جا اما آهن. پراڻي زماني ۾ هر اشتهار تي ”جان قلم محمد آ باغ“ لکيل نظر ايندا هئا. سندن اکر موتيءَ داڻا آهن. پاڻ جيئن تہ هن وقت لکڻ ڇڏي ڏنو آهي. پر تنهن هوندي بہ سندن هٿ اکري موتيءَ داڻا آهن.

اولاد ۾ ٽي پٽ (١) مولانا عبدالشڪور سومرو (جيڪو بنوري ٽائون ڪراچي جو فاضل ۽ جامعہ اسلاميہ ڪلفٽن ڪراچي مان تخصص في الفقهہ ڪيو اٿائون هن وقت ڳوٺ جي مسجد جو امام آهي) (٢) عبداللطيف ٽيون نمبر پٽ ننڍي پڻ ۾ ئي وفات ڪري ويو آهي.

سندن بيعت حضرت مولانا حافظ سائين محمود اسعد هاليجوي رحہ سان ٿيل آهي.

مولانا محمد صالح الحداد

03003505677

سجاول شهر جي مرڪزي حيثيت جو مالڪ، علم ۽ عرفان جو پيڊار، استاذالعلماء حضرت مولانا عبدالغفور قاسمي جن جي وفات کان پوءِ جامعہ قاسميہ سجاول ۾ علم جي شمع پاريندڙ، تعليمي، تبليغي، سياسي توڙي سماجي خدمتون سرانجام ڏيندڙ

نالو ۽ نسب

مولانا محمد صالح بن مولانا نورمحمد سجاولي سجاول شهر ضلع ٺٽي ١٩٤٨ع ڌاران ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

پاڻ ابتدائي تعليم پنهنجي عظيم والد حضرت مولانا نور محمد سجاولي جن جي نگرانيءَ ۾ شروع ڪئي. ابتدائي تعليم دارالفيوض هاشميہ سجاول مان حاصل ڪيائون. ان کان پوءِ مدرسہ عربيہ مدينة العلوم پيندو شريف مان تعليم حاصل ڪري ڪراچي جي مشهور ديني دسگاهہ جامعة العلوم الاسلاميہ علامہ بنوري ٽائون ڪراچي مان ١٩٧٤ع ڌاران دوره حديث پڙهي مڪمل عالم دين بڻجي ويا. جڏهن تہ شيخ التفسير حضرت مولانا احمد علي لاهوري جن وٽ تفسير ۽ ڪجهہ علوم مفتي محمود جن وٽ بہ پڙهيا.

سندن مشهور استادن سندن والد مولانا نور محمد سجاولي، حضرت مولانا عبدالغفور قاسمي، حضرت مولانا محمد يوسف بنوري ۽ حضرت مولانا محمد ابراهيم سجاولي شامل آهن.

مولانا صاحب بحيثيت استاد

فراغت کان پوءِ جامعہ دارالفيوض الهاشيمہ گلشن حضرت قاسمي ۾ شيخ الحديث ۽ صدر مدرسين جي منصب تي فائز آهن. جتي پاڻ بخاري شريف ۽ ترمذي شريف ۽ ٻين فنون جا ڪتاب پڙهائي رهيا آهن.

سندن شاگرد سڄي ملڪ ۾ پکڙيل آهن، جيڪي دين مبين جي خدمت ۾ مشغول آهن. هتي سندن ڪجھ مشهور ۽ اهم شاگردن جو ذڪر ڪجي ٿو.

حضرت مولانا محمد اسماعيل قاسمي (مهتمم جامعہ قاسميہ سجاول) حضرت مولانا محمد صالح خليق (خطيب جامع مدينہ مسجد ڪلهوڙا ڪالوني حيدرآباد) حضرت مولانا سعيد احمد شاھ بخاري، (مهتمم ۽ صدر مدرس جامعہ اسلاميہ بدرالعلوم حسينيہ بچل شاھ مياڻي سکر) حضرت مولانا عبدالباسط شاھ، (مهتمم جامعہ عائشہ صديقہ ٽل ۽ جنرل سيڪريٽري جمعيت علماء ضلع جيڪب آباد) حضرت مولانا نور محمد بروهي (استاد الحديث و رئيس دارالافتاءُ جامعہ مفتاح العلوم منگهوپير ڪراچي) حضرت مولانا فياض احمد ميمڻ ۽ (مهتمم جامعہ فيض العلوم قاسميہ ٽيڙهي باءِ پاس) ان کان سواءِ ڪيترائي شاگرد آهن، پنهنجن علائقن ۾ دين جي خدمت مشغول آهن.

جڏهن تہ حضرت مولانا محمد صالح الحداد جو سياسي تعلق جمعيت علماء اسلام سان آهي، پاڻ جمعيت علماء اسلام جا نائب امير آهن. جڏهن تہ روحاني تعلق پهرين بيعت حضرت مولانا عبدالله درخواستي سان ٿيل آهي، ان جي وفات کان پوءِ پاڻ پنهنجي والد حضرت مولانا نورمحمد سجاولي جن سان بيعت ڪئي.

مولانا عبدالعزيز ڪلوڙ

03003266194

ڪيترن ئي عالمن جو استاد، درس نظامي جو بهترين مدرس مختلف ديني مدرسن ۾ تعليمي فرائض سرانجام ڏيندڙ حضرت مولانا مير محمد ميرڪ وارن جو خاص شاگرد ۽ فيض يافتہ.

نالو ۽ نسب

مولانا عبدالعزيز بن حاجي علي شير بن محمد بخش ڪلوڙ ڳوٺ ملان چٽو ڪلوڙ تعلقو گهوٽڪي ۾ ١٩٥٧ع ڌاران پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

ابتدائي تعليم ڳوٺ ملان چٽو ۾ استاد مولا بخش ڪلوڙ جن وٽ قرآن شريف ناظره پڙهيو سنڌي پرائمري گورنمينٽ اسڪول ڳوٺ ملان چٽو ۾ پنج درجا پاس ڪيائون، جڏهن تہ پهلي فارسي گلستان ڳوٺ ملان چٽو ۾ مولانا غلام رسول ڪلوڙ جن وٽ پڙهيا ۽ بوستان مولانا ثناءُالله سنگهر جن وٽ قادر پور جي مدرسي دارالسعادت ۾ پڙهيا، عربي شروعات مدرسہ مظهر العلوم باغ چنا ۾ مولانا غلام رسول چني وٽ هدايت النحو تائين پڙهيا. ان کان پوءِ گهوٽڪي جي مدرسي رحم واري ۾ پڙهيا، ان کان پوءِ غوثپور جي مير سندر خان جي دڙي ۾ حاجي سندراڻي جي مدرسي ۾ پڙهيا، ان کان پوءِ سنڌ جي مشهور ۽ قديمي ديني درسگاھ جامع ارشاد العلوم ميرڪ ۾ استاد العلماءِ حضرت مولانا مير محمد ميرڪ وارن جي خدمت ۾ رهي سڀني علمن جي تڪميل ڪري ١٩٧١ع ڌاران دوره حديث پڙهي سند يافتہ مولوي ٿي ويا فراغت کان پوءِ پنجاب ۾ مولانا منظور احمد نعماني جن وٽ جامعہ حبيبيہ انوريہ طاهر والي ۾ تڪميل ڪيائون جڏهن تہ سندن پيو استاد مولانا الله بخش بہ هيو. ان کان پوءِ استاذ العلماءِ حضرت مولانا علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي رحہ جن وٽ شاھ ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد ۾ شاھ ولي الله محدث دهلوي رحہ جو فلسفو ۽ امام انقلاب مولانا عبيدالله سندي جي طرز تي تفسير پڙهيو، ان کان سواءِ ١٩٩٢ ۾ شاھ عبداللطيف يونيورسٽي ۾ ايم اي اسلامڪ ڪلچر ڪيائون.

مولانا عبدالعزيز ڪلوڙ بحيثيت استاد

ديني تعليم جي فراغت کان پوءِ پنهنجي مربي، محسن ۽ استاد، استاذ العلماءِ حضرت مولانا مير محمد ميرڪ وارن جي حڪم تي پنهنجي مادر علمي جامعہ ارشاد العلوم ميرڪ ۾ ڏھ سال سانده علم جي پالوٽ ڪندا رهيا، ان کان پوءِ پنهنجي مربي، محسن ۽ استاد، استاذ العلماءِ

حضرت مولانا مير محمد ميرڪ وارن جي حڪم تي جامعه اسلاميه حماديه اسٽيشن روڊ خيرپور ميرس ۾ تعليمي تدريسي فرائض سرانجام ڏنائون. پاڻ هن وقت پنهنجي علائقي جي مشهور ديني اداري جامعه دارالعلوم حماديه ڳوٺ مسو ڪلوڙ ۾ استاد ۽ صدر مدرس جي حيثيت سان جي مشهور ديني اداري جامعه دارالعلوم حماديه ڳوٺ مسو ڪلوڙ ۾ استاد ۽ صدر مدرس جي حيثيت سان دين مبين جي خدمت ۾ مصروف عمل آهن. سندن شاگردن جو تعداد تمام گهڻو آهي. هتي ڪجهه مشهور شاگردن جو ذڪر ڪجي ٿو. مولانا مفتي اصغر علي آرائين، مولانا شفيع محمد اڇڻ، مولانا علي اصغر لاڙڪ، مولانا محمد راشد رباني، مولانا محمد قاسم هنجراه، مولانا سليم الله سومرو ۽ ان کان سواءِ ڪيترائي شاگرد وٽن پڙهيا آهن جيڪي پنهنجن علائقن ۾ دين مبين جي خدمت ڪري رهيا آهن.

اولاد ۾ چار پٽ صفي الله، نجي الله، ذبيح الله، حمدالله ۽ هڪ نياڻي آهي. سندن سياسي تعلق جمعيت علماء اسلام سان اٿن.

مولانا محمد صالح خليق بروهي

03003034398

حضرت مولانا محمد صالح خليق انهن عالمن ۾ آهن، جيڪي پنهنجي زندگي الله تعاليٰ سماج ۽ مخلوق لاءِ وقف ڪري ڇڏيندا آهن. مولانا محمد صالح خليق هڪ جرئت مند بهادر ۽ هر دلعزيز انسان آهن. پنهنجو هجي توڙي پرايو، دوست هجي يا دشمن هر هڪ سان ڪلي ۽ مرڪي ملڻ سندن عادت ۽ طبيعت آهي. هتي سندن مختصر تعارف پيش ڪجي ٿو:

نالو ۽ نسب

حضرت مولانا محمد صالح خليق بن بهرام خان ضلع نواب شاهه ۾ **١٩٥١**ع پيدا ٿيو.

تعليم ۽ تربيت

حضرت مولانا محمد صالح صاحب پنهنجي تعليم جي

شروعات مدرسه دارالتوحيد ڳوٺ غلام ڪيريو ضلع سانگهڙ ۾ ڪئي، جڏهن ته وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ جي مشهور ۽ اهم مدرسن جو رخ ڪيو، جهڙوڪ: مدرسه نورالهديٰ سٺ ميل ضلع نواب شاهه، جامعه دينيه دارالهديٰ ٺيڙهي، مدرسه عربيه تفهيم القرآن نواب شاهه، جامعه اسلاميه شمس الهديٰ ڪولاب جيئل ضلع خيرپور ميرس، دارالفيوض سجاول.

١٩٨٠ع ۾ جامعه مفتاح العلوم حيدرآباد ۾ سڀني علمن جي تڪميل ڪري دستار بندي عالم بڻجي ويو. سندس مشهور استادن ۾ حضرت مولانا سائين غلام محمد پنهور رح ڪولاب جيئل وارا، حضرت مولانا محمد امين ميمڻ ٺيڙهي، حضرت مولانا عبدالهادي ميمڻ ٺيڙهي، حضرت مولانا عبدالله سجاولي، حضرت مولانا سائين عبدالغفور قاسمي، حضرت مولانا محمد صالح الحداد، حضرت مولانا جمال الدين (فاضل دارالعلوم ديوبند) حضرت مولانا عبدالرئوف ۽ حضرت مولانا عبدالمجيد لنجاري شامل آهن.

مولانا صاحب بحيثيت استاد

حضرت مولانا محمد صالح خليق صاحب درس نظاميءَ مان فراغت حاصل ڪرڻ کان پوءِ مختلف ديني مدرسن ۾ پڙهايو آهي، جنهن جو وچور هن ريت آهي: مدرسه عربيه انوارالعلوم سمون مگسي ضلع سانگهڙ، مدرسه عربيه مظهرالهديٰ سرهاڙي ضلع نواب شاهه، ڳوٺ محمد علي هاليپوٽو، ڳوٺ جماندار نورمحمد بروهي تعلقه سڪرنڊ ضلع نواب شاهه، مدرسه عربيه امينيه سٽيزن ڪالوني حيدرآباد ۽ ممتاز المدارس حيدرآباد.

هن وقت پاڻ مدينه جامع مسجد مدينه ڪلهوڙا ڪالوني ۾ خطيب ۽ امام آهن، جتي هر جمعي تي اصلاحي بيان ڪندا آهن. پاڻ روزانو سومهڻي کان پوءِ درس قرآن به ڏيندا آهن،

پاڻ مصنف به آهن، سندس هڪ اڌ ڪتاب قرائت خلف الامام جي رد ۾ تصنيف ٿيل آهي، جيڪو اڻ ڇپيل آهي۽ ماهوار رهبر شريعت حيدرآباد جا سرپرست ۽ ڪالم نگار پڻ آهن. سماجي ۽ سياسي ڪمن ۾ سرگرم نظر ايندا آهن، هن وقت جمعيت علماء اسلام حيدرآباد سٽي جا سرپرست پڻ آهن.

مولانا مفتي محمد خالد ميمڻ

03003041493

هالا ۽ ان جي آس پاس علم ۽ عمل جي لاٽ ٻاريندڙ، درس نظاميءَ جي تعليم ۽ تعلم سان گڏو گڏ تصنيف، تاليف ۽ تبليغ جي ميدان ۾ پان ملهائيندڙ

نالو ۽ نسب

مولانا مفتي محمد خالد بن حافظ عبد الرحمٰن بن حافظ خالق ڏنو بن حافظ عبد اللطيف ميمڻ ٣١ جنوري ١٩٥١ع ڌاران هالا ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

پرائمري پاس ڪري ٻارهن سالن جي عمر ۾ جامعہ دارالعلوم الحسينيه شهداپور ۾ شعبہ حفظ ۾ داخلا ورتائون، ٽن سالن ۾ قرآن ڪريم حفظ مڪمل ڪيائون. جامعہ خيرالمدارس ملتان ۾ حضرت قاري رحيم بخش جن وٽ گردان ڪيائون. جڏهن تہ درس نظامي پڙهڻ جي شروعات کان موقوف عليہ تائين جامعہ دارالعلوم الحسينيه شهداپور ۾ پڙهيا.دوره حديث شريف جامعہ خيرالمدارس ملتان ۾ ١٩٧٣ و ١٩٧٤ ڌاران مڪمل ڪري عالم دين بڻجي ويا. سندن استادن ۾ حضرت قاري محمد يوسف جن وٽ قرآن ڪريم مڪمل حفظ ڪيائون. حضرت مولانا قاري رحيم بخش جن وٽ گردان ڪيائون.حضرت علامہ مولانا محمد شريف ڪشميري ، حضرت مولانا مفتي عبدالله ڊيروي، حضرت مولانا مفتي عبد الستار صاحب، حضرت مولانا عتيق الرحمٰن صاحب، حضرت مولانا نذيراحمد، حضرت مولانا محمد صديق ۽ حضرت مولانا محمد شريف جالنڌري مهتمم جامعہ خير المدارس ملتان شامل آهن.

مولانا صاحب بحيثيت استاد

ديني علوم جي فراغت کان پوءِ ست سال ١٩٨٠ تائين منياري ۽ ڪپڙي جو دڪان هلائيندا رهيا، انهيءَ دوران مختلف مسجدن ۾ درس قرآن مجيد ۽ درس حديث شريف ۽ جمعنتي واعظ بنا تنخواه جيڪندا رهيا. ۽ ١٩٨٠ ۾ ڪجھ مهينن تي مشتمل قضا ڪورس جامعہ دارالعلوم

ڪورنگي ڪي ايريا ڪراچي ۾ ڪيائون. ١٩٨١ کان ١٩٩٠ تائين جامعہ دارالعلوم ڪراچي ۾ فتویٰ ۽ تدريس جا فرائض سرانجام ڏنائون.جامعہ دار العلوم الاسلاميہ هالا جو بنياد١٩٩٠ء تي پيو. ١٩٩٠ء کان هن وقت تائين پنهنجي انهيءَ مدرسي ۾ ديني علوم جي پالوٽ ۾ مصروف آهن، پاڻ انهيءَ مدرسي ۾ شيخ الحديث، دارالافتاء ۽ مهتمم جي منصب تي فائز آهن. سندن شاگردن جو تعداد تمام گهڻو آهي.

درس ۽ تدريس کان سواءِ پاڻ تصنيف ۽ تاليف بہ ڪن ٿا، سندن شايع ٿيل ڪتاب هي آهن. معارف القرآن مصنف مفتي اعظم مفتي محمد شفيع صاحب جو سنڌي ترجمو ،زڪوات جا مسائل ۽ فضائل، حج جا مسائل ۽ فضائل، روزي جا مسائل ۽ فضائل، شاديءَ جي سوکڙي، شيطان جي ٻانگ، عورت ۽ پردو وغيره جي تاليف ڪري چڪا آهن ۽ شايع ٿيل آهن.

ان کان سواءِ حضرت مولانا مفتي رشيد احمدۓ حضرت مولانا حڪيم شاه محمد اختر ۽ ڪجھ ٻين بزرگن جي مختلف رسالن جا پڻ ترجما ڪيا اٿائون.

بيعت

دوره حديث شريف واري سال حضرت مولانا شيخ العارفين محمد عبدالله بهلوي جن جي هٿ تي بيعت ڪيائون.ان کان پوءِ ڪجھ عرصو بعد شيخ المشائخ حافظ اسعد هاليجوي جن جي هٿ تي بيعت ڪيائون. ان کان پوءِ مرشد المجاهدين حضرت مولانا مفتي رشيد احمد صاحب لڌيانوي جن جي هٿ تي بيعت ڪيائون.سندن وفات کان پوءِ خواجہ حاجي محمد حسين خليفہ مجاز حضرت بهلوي صاحب جن جي هٿ تي بيعت ڪيائون. سندن وفات کان پوءِ حضرت خواجه خان محمد ڪنديان شريف جن لطائف سته جي اجازت ڏني. ان کان پوءِ حضرت شيخ العرب و العجم حضرت مولانا شاه حڪيم محمد اختر صاحب جن جي هٿ تي بيعت ڪيائون. سندن وفات کان پوءِ حضرت شاه سيد عشرت جميل مير جن جي تربيت ۾ رهيا.

پاڻ هن وقت هالا ۽ ان جي آس پاس ۾ علم ۽ عمل جي لاٽ ٻاريون وينا آهن، پاڻ هڪ پاسي بهترين مدرس، مصنف، خطيب هئڻ سان گڏو گڏ متصوف بزرگ ۽ مصلح پڻ آهن. پاڻ جتي ظاهري علوم جي پالوٽ ڪري رهيا آهن اتي پاڻ سالڪن جي باطني تربيت پڻ ڪري رهيا آهن.

مولانا مفتي عبدالغفار جمالي

03003150626

جامعه اشرفيه سکر جو شيخ الحديث ۽ دارالافتاء جو رئيس، فقه ۽ حديث جو برک عالم، اعليٰ انسان، با ڪمال شخصيت، امام العصر حضرت مولانا سائين عبدالڪريم قريشي رحه جو فيض يافته هزاران عالمن جو استاد

نالو ۽ نسب

مولانا عبدالغفار بن عبداللطيف بن الحاج غازي خان جمالي جنت ڳوٺ تعلقي ڳڙهي ياسين ضلعي شڪارپور ۾ ۱۹۵۱ع پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

تعليم جي شروعات پنهنجي ڳوٺ جي مدرسي قاسم العلوم جنت ڳوٺ ۾ مولانا دوست محمد جمالي رحه جن وٽ ڪيائون. ان کان پوءِ مولانا عبدالوهاب پنهوار جن وٽ پڙهيا، ان کان پوءِ درس نظامي جي ابتدائي ڪتاب کان درجه ثالثه تائين قاسم العلوم ۾ ئي پڙهيا، ان کان پوءِ مدرسه عربيه تعليم الدين پريالو ۾ پڙهيا، ان کان پوءِ سراج العلوم پير شريف ۾ ۱۳۹۵ هجري ڏران امام العصر حضرت مولانا سائين عبدالڪريم قريشي رحه ۽ حضرت مولانا عبدالقادر بروهي رحه حضرت مولانا عطاء الله مگريو،جن وٽ دوره حديث پڙهي مڪمل عالم دين بڻجي ويا. جڏهن ته حضرت علامه غلام مصطفيٰ قاسمي رحه،حضرت مولانا سائين عبدالغفور قاسمي، حضرت مولانا محمد طاهر نعماني جن وٽ به فنون پڙهيا. اهڙي ريت مناظر اسلام حضرت مولانا عبدالستار تونسوي رحه جن وٽ رد شيعت، مولانا محمد امين اوڪاڙوي رحه جن رد غير مقلديت، مولانا نورالحسن بخاري رحه جن وٽ رد بريلويت پڙهيا. جڏهن ته سندن ٻين استادن ۾ حضرت مولانا شبير احمد جتوئي رحه، حضرت مولانا عبدالغفور جتوئي رحه، حضرت مولانا عبدالحميد مهر ڪنڊو واهڻ وارا، حضرت مولانا تاج محمد جتوئي، حضرت مولانا عبدالرشيد نعماني رحه، حضرت

مولانا غلام محمد پنهور حضرت مولانا محمد سرفراز خان صفدر حضرت مولانا مفتي غلام قادر ميمڻ، حضرت مولانا مفتي محمد تقي عثماني جن مولانا عبدالغفار جمالي جن جا سندالاجازت استاد آهن

مولانا عبدالغفار جمالي بحيثيت استاد

فراغت کان پوءِ پاڻ درس ۽ تدريس جي محبوب مشغلي سان سلهاڙجي ويا. پاڻ ڪيترن ئي مدرسن ۾ تدريسي ۽ تعليمي خدمتون سرانجام ڏئي چڪا آهن. جنهن جو تفصيل هن ريت آهي. ڏهرڪي ۾ قطب الاقطاب حضرت سائين حماد الله هاليجوي رحه جن جي خليفي حضرت مولانا قاري عبدالقادر لغاري رحه جي مدرسي ۾ ٻه سال پڙهيائون. جڏهن ته ۱۵ سال حضرت مولانا سيد عبدالله شاهه بخاري جي مدرسي جامعه اسلاميه بدرالعلوم حسينيه بخاري محله بچل شاهه مياڻي سکر ۾ پڙهيائون. ان کان پوءِ هڪ ڪراچي جي مشهور ديني مدرسي جامعة العلوم بنوري ٽائون ڪراچي ۾ پڙهيائون. ان کان پوءِ جامعه عمر رضه ڪراچي ۾ تخصص في الافتاء ڪرايائون ان سان گڏ و گڏ پاڻ جامعه رحمانيه دالعلوم ڪراچي ۾ شيخ الحديث جي منصب تي فائز پڻ رهيا. جڏهن ته پاڻ ڪيترن ئي سالن کان لڳاتار جامعه اشرفيه سکر جا شيخ الحديث ۽ دارالافتاء جا رئيس پڻ آهن. سندن مبارڪ هٿن مان تصحيح ٿيل فتوائن جو تعداد هزارن کان وڌيڪ آهي. جڏهن پنهنجي هٿن سان لکيل فتوائن جو تعداد به سون کان وڌيڪ آهي. ان کان سواءِ سندن پڙهايل درس ترمذي کي سندن نامياري شاگرد بردارم مولانا ڊاڪٽر محمود الحسن چنڙ جن ترتيب ڏنو آهي، جيڪو ٻن سو صفحن تي مشتمل آهي. جڏهن درس ترمذي جو مقدمو مولانا جن پاڻ لکيو آهي، جيڪو پنجاهه صفحن تي پکڙيل آهي.

سندن شاگردن جو تعداد تمام گهڻو آهي هتي مشهور ۽ اهم شاگردن جو ذڪر ڪجي ٿو. مولانا عبدالفتاح ميمڻ پريالو، مولانا محمد عالم لنڊ مهتمم جامعه دارالعلوم رحمانيه ڪراچي، مولانا عبدالرحمٰن لنڊ شيخ الحديث جامعه دارالعلوم رحمنايه ڪراچي، مولانا محمد الياس لنڊ، مولانا قمر الدين لنڊ، مولانا ازير احمد جمالي، مولانا ذوالفقار احمد مهر، مولانا ثناء الله شيخ استاد جامعه حيدريه خيرپور ميرس، مولانا سيد سعيد احمد شاهه بخاري مهتمم جامعه اسلاميه بدرالعلوم حسينيه بخاري محلو بچل

شاهه مياڻي سڪر، مولانا علي اڪبر ٽنيو استاذالحديث جامعہ اسلاميہ اشاعت القرآن والحديث لاڙڪاڻو، مولانا ڊاڪٽر محمود الحسن چنڙ، مولانا محمد طارق حسين مهر، مولانا ثناء الله جمالي ڪوٽ مير محمد، مولانا احمد الدين ڪولاچي، مولانا امداد الله جمالي، مولانا امتياز احمد جمالي، مولانا حبيب الرحمٰن ڪوسو، مولانا جميل احمد جمالي، مولانا عطاء الرحمٰن جمالي، مولانا سلمان بنوري، مولانا محمد يوسف بن مولانا ڊاڪٽر عبدالرزاق اسڪندر شامل آهن. جيڪي پنهنجن علائقن ۾ دين جي خدمت ۾ مصروف آهن.

مولانا احمد علي مهر

03163259520

نالو ۽ نسب

حضرت مولانا احمد علي بن حاجي واحد بخش مهر **۱۹۵۹**ع ڳوٺ عبدو تعلقو لڪي ضلعو شڪارپور ۾ پيدا ٿيا. سندس وڏڙن جو تعلق وطن جي آزادي جي امام حضرت مولانا سائين تاج محمود امروٽي ۽ خليفہ احمد الدين جرار شريف ۽ درگاهه سومراٽي شريف جي بزرگن سان رهيو آهي.

تعليم ۽ تربيت

ناظره قرآن پاڪ پنهنجي ڳوٺ ۾ استاد مولوي الله بخش سومري وٽ پڙهيو. فارسي، پنج ڪتاب بہ وٽس پڙهيائين.مدرسہ حزب الابرار چڪ ۾ مولانا سائين مير محمد هنجراهه صاحب وٽ محمود نامہ ۽ سڪندر نامہ ۽ مولانا سائين حزب الله وٽ مالا بد منہ، گلستان، بوستان ۽ بدائع پڙهيائين. استاد مولانا امير الدين ملاح، ڳاڙهڪو ملا علي پنو عاقل وارن وٽ ساڳي مدرسي ۾ ڪتاب الصرف ۽ ارشاد الصرف جو ڪجهه حصو پڙهيائين.

مولانا شاهنواز باجڪاڻي وٽ ساڳي مدرسي ۾ ارشادالصرف مڪمل ڪيائين ان ڪان پوءِ ڪجهه سال معاشي مجبورين ڪري گهر ۾ رهيو ۽ ٻڪريون چاريندو رهيو. ڪجهه سالن ڪان پوءِ نيڙهي مدرسي جامعہ دينيہ دارالهديٰ ۾ داخل ٿيو. جتي ارشاد الصرف پيهر مولانا سائين عبدالهادي ميمڻ وٽ پڙهيو. ساڳي سال ۾ ئي نحومير امام الصرف والنحو مفتي

غلام قادر نيڙهي وارن وٽ پڙهيو. مير ڪافي، منية المصلي، القرائت الرشيدة بہ پڙهيائين. ان ڪان پوءِ مسلسل اٺ سال ساڳي مدرسي دارالهديٰ نيڙهي ۾ درس نظامي مختلف استادن وٽ پڙهندو رهيو. مدرسي ۾ داخلا وٺڻ ۾ مولانا محمد امين ميمڻ نيڙهي وارن ۽ حافظ عبدالمجيد رستم وارن جي اصرار جو دخل هو. ان وقت نيڙهي مدرسي ۾ پڙهائيندڙ استادن ۾ مولانا قاري عزيز احمد، مولانا عبدالهادي ميمڻ (شيخ الحديث مدرسہ نيڙهي) مولانا مفتي غلام قادر (نوشهرو فيروز) مولانا محمد امين ميمڻ نيڙهي، مولانا عبدالحي گهوٽو(گهوٽڪي) مولانا محمد بلال موروجو (لڳ دريا خان مري) مولانا حزب الله ميمڻ (نيڙهي) مولانا هدايت الله ۽ قاري محب الله مدنيشامل هيا.

دوره حديث ڪان هڪ سال اڳ حبيب آباد طاهر والي نزد ٽنڊو محمد پناهه ضلعو رحيم يارخان ۾ مولانا منظور احمد نعماني وٽ فنون جي ڪتابن جي تڪميل لاءِ سال پڙهيو. دوره تفسير حضرت مولانا عبدالغني جاجروي وٽ موڪلن ۾ بہ سال ساندهه پڙهيو. علم ميراث، موڪلن ۾ مولانا عبدالهادي وٽ پڙهيو. دوره حديث شريف لاءِ ڪراچي ويو، پر ڪجهه وقت رهي ساڳيو وري جامعہ دينيہ دارالهديٰ نيڙهي ۾ رهي دوره حديث شريف پڙهي دستاربندي ڪيائين.

بزرگن سان تعلق

تعليم دوران حضرت مولانا محمد شاهه امروٽيسان تربيتي ۽ تنظيمي لاڳاپيل رهيا. طريقت ۾ پنهنجي استاد مولانا عبدالهادي ميمڻ سان تعلق رهيس. تعليم دوران ڪجهه وقت جمعيت طلباء اسلام جي تنظيمي ڪمن ڪارن ۾ بہ پڻ مصروف رهيو.

مولانا صاحب بحيثيت استاد

ديني علمن جي تڪميل ڪرڻ ڪان پوءِ مختلف مدرسن ۾ ديني تعليم ڏئي چڪا آهن. جهڙوڪ: جامعہ فاروقيہ آغا بدرالدين ڪالوني نئون پنڊ سڪر، (جنهن جا باني حضرت مولانا سائين محمد يعقوب سومراٽي وارا هئا) جامعہ فاروقيہ سڪر ۾ لڳ ڀڳ ڏهه سال پڙهايائون. ان مدرسي ۾ ٽي پيرا دوره حديث شريف جا مڪمل ڪتاب اڪيلي سر پاڻ پڙهايائون.

ان ڪان پوءِ ٻہ سال جامعہ انوارالعلوم شڪارپور روڊ سکر ۾ فنون جا ڪتاب ۽ حديث شريف جي ڪتابن مان ترمذي شريف جو درس ڏنائون. ان ڪان پوءِ مير بابل خان جي مدرسي سراج العلوم جيڪب آباد ۾ چار سال پڙهايائون. جيڪب آباد ڪان بعد مدرسہ پير شاخ متصل باهو ڪوسو تعلقو ٺل (جيڪو جيڪب آباد ضلعي ۾ نهايت ڳوٺاڻي علائقي ۾ هجڻ جي باوجود، ٻي نمبر تي مدرسو آهي) ۾ چار سال پڙهايائون، آخري سال ۾ دوره حديث شريف بہ پڙهايائون.

ان ڪان پوءِ جامعہ مفتاح العلوم حماديہ فيض واهہ خيرپور ۾ ٽي سال پڙهايائون. ان دوران ڳاڙهي موري ۾ مدرسہ بنات ۾ بہ پڙهايائون. ان ڪان پوءِ مدرسہ عثمانيہ (دارالعلوم) سکر ۾ پهريان بنين ۽ بنات ۾ هڪ سال ڪان پوءِ رڳو درس نظامي شعبہ بنين ۾ شيخ الحديث ۽ صدرمدرسين طور بخاري شريف ڪان علاوه فنون جا مختلف ڪتاب پڙهائيندا رهن ٿا.

ان ڪان سواءِ ٢٠٠٧ ڪان وٺي هن وقت تائين سکر ٽائون شپ جامع مسجد ۾ امامت ۽ خطابت جون ذميداريون سرانجام ڏئي رهيا آهن.

مولانا عبدالعزيز بروهي

03008952904

نالو ۽ نسب

مولانا عبدالعزيز بن خان محمد بروهي ١٩٥٩ء. ٦. ١١. ڏاران پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

مدرسہ دارالعلوم عزيزيہ رتو ديرو، مدرسہ عربيہ مدينة العلوم پنو عاقل ۽ درگاهہ هاليجي شريف ڪان تعليم حاصل ڪندي جامعہ دينيہ دارالهديٰ ٺيڙهي مان دوره حديث پڙهي مڪمل عالم دين بڻجي ويا.

سندن مشهور استادن ۾ حضرت مولانا مظهرالدين انيڙ رحہ، حضرت مولانا قطب الدين انيڙ رحہ، حضرت مولانا عبدالهادي قاضي رحہ، حضرت مولانا محمد مراد هاليجوي رحہ ۽ حضرت مولانا عبالطيف پناڻ شامل آهن.

مولانا عبدالعزيز بروهي بحيثيت استاد

پاڻ ديني علم جي فراغت ڪان پوءِ مختلف ديني مدرسن ۾ مدرس ٿي مختلف علوم ۽ فنون جا ڪتاب پڙهائي چڪا آهن. جهڙوڪ: مدرسہ عربيہ احياء العلوم شڪارپور، مدرسہ عربيہ دالفيوض جيڪب آباد، جامعہ اسلاميہ اشاعت القرآن والحديث دودائي روڊ لاڙڪاڻو، مدرسہ عربيہ دالعلوم عزيزيہ رتوديرو، مدرسہ عربيہ دارالفرقان رتوديرو پاڻ وقت جامعہ مفتاح العلوم منگهو پير ۾ شيخ الحديث جي منصب تي پڻ فائز رهي چڪا آهن. سندن شاگرد بي شمار آهن. جڏهن تہ پاڻ ڪيترن ئي درسي ڪتابن تي حاشيہ پڻ لڳايا اٿائون. ديني مدرسن ڪان سواءِ پاڻ مختلف ڪاليجن ۾ اسلاميات جا ايسوسي ايٽ پرفيسر رهي چڪا آهن. پاڻ هن ريٽائرڊ ٿي چڪا آهن. جامعہ مفتاح العلوم منگهو پير ۾ تعليمي ۽ تدريسي خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن.

مولانا عبدالله عابد سنڌي

03337264338

نالو ۽ نسب

مولاناعبدالله عابدبن مولانا نصرالله بن مولانا غلامرسول بن ميانجي عبدالرزاق سومراٽي ولادت ١٠ اگسٽ ١٩٥٩ء.پيدائش شڪارپور

تعليم ۽ تربيت

پرائمري ڪان مئٽرڪ تائين ڳڙهي خيرو ضلع جيڪب آباد ۾ حاصل ڪيائون، گريجويشن شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان ڪيائون. حفظ قرآن مجيد مدرسہ دارالقرآن شڪارپور ١٩٧١. فارسي ۽ عربي جا ڪتاب پنهنجي والد محترم جن مولانا نصرالله جن وٽ مدرسہ باب الهدي ڳڙهي خيرو۾.

١٩٧٦ ۾ پير شريف ۽ قمبر علي خان ۾ مولانا عطاءُ الله صاحب وٽ، جتي مولوي نورمحمد جمالي، مولوي عباس چنو، مولوي محمد صديق

مغيري، مولوي حڪيم فضل الله ابڙو سندن هم سبقي هئا.

شڪارپور ۾ مولانا عبدالله مهر صادق وانڍ وارو، جتي مولوي عبدالحي مهر، حافظ محمد هاشم پهوڙ گڏهئا.

۱۹۷۴ء ۾ محبوب ڳوٺ ۾ مولانا عبد الواحد مهر، مولانا حاجي علي مهر وٽ، جتي مرحوم مولوي عبدالحميد مهر ڏاراڻي وارا. حافظ هدايت الله مهر، مولوي تاج محمد سومرو سبي وارو، مولوي عبدالحميد لاشاري جهٽ پٽ ساڻن هم سبقي هيا.

مدرسہ بحر العلوم نقشبنديہ واري تڙ سکر ۾مولانا مظهر الدين انڊڙ صاحب وٽ فسلفو پڙهيومولانا فتح محمد قاسمي، حافظ رفيق احمد بروهي. مولوي محمد احسن جتوئي جن استاد رهيا.

۱۹۸۰ ۾ جامعہ علوم اسلاميہ بنوري ٽائون ڪراچي ۾ دورو حديث ڇھ مهينا ۽ ڇھ مهينا جامعہ اشرفيہ سکر ۾

مولانا سنڌي صاحب بحيثيت استاد

ديني علوم جي فراغت کان پوءِ پاڻ سنڌ جي مختلف ديني مدرسن ۾ ديني تعليم ڏنائون. جهڙوڪ حاجي پانڌي جوکيو ڳوٺ ڪراچي ۾، ۽مدرسہ بحر العلوم نقشبنديہ واري تڙ سکر.

جڏهن تہ **۱۹۸۸**ء کان مختلف سرڪاري ڪاليجن ۾ اسلاميات جي سبجيڪٽ جا استاد رهيا. **۱۹۹۵**ء کان گورنمينٽ ايليمينٽري ڪاليج آف ايجوڪيشن مين سکر ۾.

۱۹۷۲ جميعت طلباءِ اسلام، **۱۹۷۴** تحريڪ ختم نبوت ۾ حصو ورتو.

اصلاحي تعلق

حضرت اقدس شاه عبدالعزيز راءِ پوري رحمہ الله سان سرگوڌا ۾ دست بيعت. انهن جي جانشين حضرت اقدس شاه سعيد احمد راءِ پوري سان وابستگي ۽ هنيئرموجود مسند نشين حضرت شاه عبدالخالق آزاد راءِ پوري دامت برڪاتهم سان تعلق آهي.

مولانا محمد عالم لنڊ

ناگوري ۽ آس پاس ۾ توحيد جي لاٽ ٻاريندڙ، جامعہ دارالعلوم رحمانيہ ناگوريءِ پاڻ ۽ پنهنجي پيئرن سميت علم ۽ عرفان جي شمع ٻاريون وينا آهن.

نالو ۽ نسب

مولانا محمد عالم بن عبدالله لنڊ ڳوٺ امام بخش لنڊ نزد يارو لنڊ تعلقو ميرپور ماٿيلو ضلع گهوٽڪي **۳. ۳. ۱۹۶۱**ء ڏاران پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

قرآن پاڪ، فارسي ۽ عربيءَ جا ابتدائي ڪتاب پنهنجي ڳوٺ امام بخش لنڊ جي مدرسي مدرسہ عربيہ شمس العلوم نزد يارو لنڊ تعلقو ميرپور ماٿيلو ضلع گهوٽڪي ۾ ڪيائون. جڏهن تہ وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ جي مختلف مدرسن جو رخ ڪيو. جهڙوڪ: جامعہ قاسم العلوم گهوٽڪي، دارالعلوم اسعديہ ڪوٽ سبزل، جامعہ اسلاميہ بدرالعلوم حسينيہ بچل شاه مياڻي سکر مان تعليم حاصل ڪندي دوره حديث جامعہ دينيہ دارالهديٰ ٺيڙهي (حبيب آباد) مان **۱۹۸۴**ء ڏاران پڙهي سند يافتہ مولوي ٿي ويا.

سندن مشهور استادن ۾ حضرت مولانا مفتي غلام قادر ميمڻ رحہ، حضرت مولانا عبداللطيف پناڻ، حضرت مولانا نعيم الله پناڻ، حضرت مولانا خليل احمد شاه (مهتمم جامعہ قاسم العلوم گهوٽڪي)، حضرت مولانا عبدالغفار جمالي، حضرت مولانا عبدالحي گهوٽو ۽ حضرت مولانا محمد بلال موروجو شامل آهن.

مولانا صاحب بحيثيت استاد

ديني علوم جي فراغت کان پوءِ پاڻ پنهنجي ئي مادر علمي ۾ مدرسہ عربيہ شمس العلوم ڳوٺ امام بخش لنڊ نزد يارو لنڊ تعلقو ميرپور ماٿيلو ضلع گهوٽڪي ۾ ٽي سال بنا تنخواه جي تعليم ڏنائون. ان کان پوءِ **۱۹۸۷**ء

ڏاران ڪراچي آيا، مختلف مساجد ۽ مدارس ۾ تعليم ڏيڻ کان پوءِ ١٩٩٠ع ڏاران ڪانوڙ ۾ هڪ ديني ادارو مدرسہ عربيہ انوار التوحيد قائم ڪري اتي اٺ سال دين جي خدمت ڪيائون، پاڻ اهو مدرسو اشرف العلوم وارن جي حوالي ڪري ڇڏيو. هن وقت اهو مدرسو انهيءَ مدرسي جي شاخ آهي.

١٩٩٠ع ڏاران ناگوري ڳوٺ حاجي عبدالواحد لغاري ۾ مدرسو دارالعلوم رحمانيہ نالي قائم ڪيائون. مدرسي جو سنگ بنياد حضرت مولانا مفتي محمد نعيم مهتمم جامعہ بنوريہ سائيٽ ڪراچي جن رکيو. هن مدرسي ۾ تعليم، تبليغ سان گڏوگڏ سماجي ڪمن ۾ مصروف آهن.

سندن مشهور شاگردن ۾ مولانا قمرالدين لنڊ (استاد جامعہ دارالعلوم رحمانيہ ناگوري سپر هاءِ وي ڪراچي) مولانا عبدالجبار لنڊ (امام ۽ خطيب بحريہ ٽائون ڪراچي) مولانا عبدالقيوم لنڊ، مولانا محمد الياس گبول، مولانا حبيب الله پناڻ قلعہ عبدالله ۽ مولانا شمس الله ڪوئيٽا وارو شامل آهن.

مولانا عبدالرحمٰن لنڊ

03222293566

درس نظاميءَ جي لاءِ پنهنجي پاڻ کي وقف ڪندڙ، ڪهنہ مشق مدرس، فقھ ۽ فتويٰ تي مهارت تامہ حاصل ڪندڙ شيخ الحديث جي منصب تي فائز

نالو ۽ نسب

مولانا عبدالرحمٰن بن عبدالله ١٩٦٢ع ڏاران ڳوٺ امام بخش لنڊ نزد يارو لنڊ تعلقو ميرپور ماٿيلو ضلع گهوٽڪي ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

ناظره، حفظ قرآن استاد فيض محمد عباسي رحہ جن وٽ ڪيو. پرائمري پنج پنهنجي ڳوٺ امام بخش لنڊ نزد يارو لنڊ تعلقو ميرپور ماٿيلو ضلع گهوٽڪي ۾ پاس ڪيائون، ابتدائي تعليم پنهنجي ئي ڳوٺ امام بخش لنڊ جي مدرسي مدرسہ عربيہ شمس العلوم مان ڪيائون. جڏهن

تہ وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ سنڌ جي مختلف ديني مدرسن جو رخ ڪيو. جهڙوڪ: جامعہ قاسم العلوم گهوٽڪي، جامعہ اسلاميہ بدرالعلوم حسينيہ ٻچل شاهہ مياڻي سکر مان تعليم حاصل ڪيائون جڏهن تہ طاهر والي پنجاب مولانا منظور احمد نعماني جن وٽ تڪميل ڪيائون. دوره حديث ڪراچي جي مشهور ديني مدرسي جامعة العلوم الاسلاميہ بنوري ٽائون ١٩٨٩ع ڏاران مڪمل ڪري سند يافتہ مولوي ٿي ويا.

سندن مشهور استادن ۾ حضرت مولانا سيد مصباح الله شاهہ (شيخ الحديث جامعة العلوم الاسلاميہ بنوري ٽائون ڪراچي) حضرت مولانا ڊاڪٽر حبيب الله مختار، حضرت مولانا مفتي محمد يوسف لڌيانوي، حضرت مولانا مفتي ڊاڪٽر نظام الدين شامزئي ، حضرت مولانا ڊاڪٽر عبدالرزاق اسڪندر، حضرت مولانا سيد عبدالله شاهہ بخاري، مولانا مفتي عبدالحق چنہ، مولانا خليل احمد شاهہ، مولانا عبداللطيف پناڻ ۽ مولانا مفتي عبدالغفار جمالي شامل آهن.

مولانا عبدالرحمٰن لنڊ بحيثيت استاد

پاڻ ديني علوم جي فراغت کان مختلف ديني مدرسن تعليمي ۽ تدريسي خدمتون سرانجام ڏئي چڪا آهن. جهڙوڪ: جامعہ اسلاميہ بدرالعلوم حسينيہ ٻچل شاهہ مياڻي سکر ۾ سانده اٺ سال پڙهيائون، ان کان پوءِ ١٩٩٨ع کان هن وقت پاڻ پنهنجي ڀاءُ حضرت مولانا محمد عالم لنڊ جن جي قائم ڪيل ديني اداري جامعہ دارالعلوم رحمانيہ سپر هاءِ وي ڪراچي ۾ صدر مدرس، شيخ الحديث ۽ دارالافتاء جا رئيس پڻ آهن، هن مدرسي ۾ پاڻ اٺ ڀيرا دوره حديث تائين ڪتاب پڙهائي چڪا آهن.

سندن شاگردن جو تعداد تمام گهڻو آهي، هتي سندن مشهور شاگردن جو ذڪر ڪجي ٿو. مولانا محمد الياس لنڊ (استاد جامعہ دالعلوم رحمانيہ سپر هاءِ وي ڪراچي) مولانا سعيد احمد شاهہ بخاري (مهتمم جامعہ اسلاميہ بدرالعلوم حسينيہ ٻچل شاهہ مياڻي سکر) مولانا امداد الله جمالي، مولانا عبدالستار قاضي، مولانا عبدالقيوم لنڊ ۽ مولانا عبدالحق لنڊ (استا دجامعہ دارالعلوم رحمانيہ سپر هاءِ وي ڪراچي) انهن کان سواءِ ٻيا بہ ڪيترائي شاگرد آهن، جيڪي دين توڙي سماجي ڪمن ۾ رڌل آهن.

سندن سياسي تعلق جمعيت علماء اسلام سان آهي ۽ روحاني تعلق بيعت حضرت مولانا سائين عبد الڪريم قريشي پير شريف واران سان ٿيل اٿن.

مولانا عبدالرحمٰن لنڊ صاحب کي ڇهه پٽ آهن. (۱) مولانا حافظ حبيب الرحمٰن، (۲) مولانا خليل الرحمٰن، (۳) عزيزالرحمٰن (۴) حافظ محمد ابوبڪر، (۵) محمد تقي (۶) محمد انس جيڪي زير تعليم آهن.

مولانا عبيدالرحمٰن عباسي

03023214733

نالو ۽ نسب

حضرت مولانا حافظ عبيدالرحمٰن عباسي بن يارمحمد **۱۵** مئي **۱۹۶۱** ڌاران ڪنڊيارو شهر ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

حضرت مولانا حافظ عبيدالرحمٰن عباسي پرائمري پنج درجا پاس ڪرڻ کان پوءِ ديني تعليم جي شروعات پنهنجي والد بزرگوار يارمحمد جن وٽ قرآن پاڪ ۽ تعليم الاسلام پڙهي. ان کان پوءِ حفظ به پنهنجي ئي شهر ڪنڊياري ۾ پڙهڻ شروع ڪيو، جڏهن ته حفظ مڪمل دادو شهر جي عظيم ديني اداري دارالفيوض محمديه ۾ **۱۹۸۰**ء ۾ پورو ڪري حفظ جي دستار ٻڌائين. ۽ تجويد جا سبق حضرت مولانا قاري رفيق احمد مگرئي وٽ پڙهيا اٿس، ان کان پوءِ درس نظامي جي تعليم ارشادالعلوم ميرڪ ۾ ۽ جامعه اسلاميه سراج العلوم پير شريف ۾ مختلف وقتن ۾ تعليم حاصل ڪري آخر ڪار **۱۹۸۶**ء ڌاران مدرسه عربيه ارشادالعلوم ميرڪ ۾ سنڌ جي مشهور ۽ جيد عالمن کان علم پرائي سند يافته مولوي ٿيو. سندن مشهور استادن ۾ امام العصر، استاذالعلماء حضرت مولانا سائين عبدالڪريم قريشي پيرشريف وارا، استاذالعلماء حضرت مولانا سائين مير محمد هنجراهه ميرڪ وارا، استاذالعلماء حضرت مولانا عبدالقادر بروهي خضدار وارو، استاذالعلماء حضرت مولانا محمد موسي عباسي، استاذ العلماء حضرت مولانا مفتي محمد ادريس سومرو، استاذالعلماء حضرت مولانا

عبدالڪريم ڪوسو، استاذالعلماء حضرت مولانا عبدالحميد مهر ڏراٽي وارا شامل آهن.

مولانا صاحب بحيثيت استاد

حضرت مولانا حافظ عبيدالرحمٰن عباسي صاحب ديني تعليم پرائڻ کان پوءِ مختلف ديني مدرسن ۾ تعليم ڏئي چڪا آهن. حضرت مولانا حافظ عبيدالرحمٰن عباسي جيئن ئي ديني تعليم مان فارغ ٿيو ته ڪيس نواب شاهه ضلع ۾ ڳوٺ ست پڙي ۾ پڙهائڻ جو موقعو مليو. جتي پاڻ ڪيترائي سال ديني تعليم ڏيندا رهيا. **۱۹۸۹**ء سنڌ يونيورسٽي ۾ خطابت ۽ امامت ملي، جتي پاڻ هن وقت سنڌ يونيورسٽي ڪالوني جي جامع مسجد بلال ۾ امام ۽ خطيب آهن. امامت، خطابت سان گڏ حضرت مولانا عبيدالرحمٰن عباسي جن انهيءَ مسجد ۾ روزانو سومهڻي کان پوءِ جماعتن کي درس قرآن ڏيندا آهن. پاڻ انهيءَ مسجد ۾ هڪ قرآن پاڪ جو ختم درس ۾ پڙهائي چڪا آهن، جڏهن ته پاڻ ماهوار صراط مستقيم لاڙڪاڻي ۾ سيرت النبي قدم بقدم سلسلو پڻ لکي چڪا آهن. پاڻ امامت، خطابت سان گڏو گڏ لکڻ سان به دلچسپي رکن ٿا.

مولانا عبيدالرحمٰن عباسي جو تعلق پاڪستان جي مشهور سياسي جماعت جمعيت علماء اسلام سان آهي. پاڻ شاگردي واري زماني ۾ جمعيت علماء اسلام جي ذيلي تنظيم جمعيت طلباء اسلام ۾ ڀرپور حصو ورتو، فراغت کان پوءِ عملي طور تي جمعيت علماء اسلام ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات پاڻ پتوڙيندا رهيا. ڄام شوري ضلعي جي اڪابرين مان آهن. ڄام شورو ضلعو ٺهڻ کاڻ پوءِ حضرت مولانا عبيدالرحمٰن عباسي ڄام شوري جي بنيادي ۽ اهم حيثيت ۽ ڪردار جو مالڪ آهي. ڄام شوري ضلعي ۾ سندن ڪرادر قائدانه رهيو آهي. جمعيت علماء اسلام تعلقي ڪوٽڙي جا جنرل سيڪريٽري پڻ رهي چڪا آهن. پاڻ هن وقت جمعيت علماء اسلام ڄام شورو جا سرپرست آهن. انهن ديني توڙي سياسي خدمتن کان سواءِ پاڻ پنهنجي علائقي ڪنڊياري ۾ هڪ عظيم ديني ادارو به هلائين ٿا. ڄام شورو ۾ ڪيترن ئي جلسن جي سرپرستي ۽ نگراني پڻ ڪندا آهن.

پروفيسر ڊاڪٽر مولوي عبدالله ڪوسو

ڊاڪٽر عبدالله ڪوسو ولد حاجي واحد بخش ڪوسو ضلعي سانگهڙ تعلقہ شهدادپور ڳوٺ دوست محمد ڪوسو ۾ **۰۵-۰۲-۱۹۶۵**ع تي ڄائو. سندس ابتدائي پرائمري تعليم ڳوٺ جي استادن وٽان ئي ٿي، جنهن ۾ قرآن مجيد سندس چاچي حافظ خير محمد وٽ ۽ پرائمري تعليم سندس مامي استاد محمد خان، استاد عبيد الله ۽ استاد سڪندر ڪوسو وٽ ٿي.

پوءِ ديني تعليم لاءِ لاڙڪاڻي ۾ تعلقہ قمبر علي خان ڳوٺ پير شريف ۾ مشهور قادري سلسلہ جي بزرگ حضرت سائين عبدالڪريم قريشي وٽ ٿي. ڪجھ وقت هنگورجا ۾ ڳوٺ ميرڪ ۾ استاد مير محمد هنجراه وٽ بہ تعليم حاصل ڪيائون ۽ پوءِ دوره حديث جامعة العلوم الاسلاميہ بنوري ٽائون ۾ وفاق المدارس بورڊ تحت امتحان ڏئي مولوي فاضل ڪورس ڪئي. مزيد فلسفہ پڙهڻ جي لاءِ علامہ غلام غلام مصطفىٰ قاسمي وٽ تڪميل ڪئي، ان دوران هن اسڪول ۽ ڪاليج جا بہ امتحان پاس ڪيا. سندن استادن ۾ استاد حافظ خير محمد خيرآبادي ڪوسو، استاد محمد خان ڪوسو، استاد عبيد الله ڪوسو، استاد سڪندر ڪوسو، استاد مولوي عبدالواحد ڪوسو(سندن پاڻ)، استاد مولانا عبداللطيف ڪوسو، استاد مولانا لياقت ڪوسو ۽ استاد مولانا فقير محمد ڪوسو مٿين سمورن استادن جو تعلق تعلقہ شهدادپور سان آهي، ان ڪان علاوه پير طريقت، شيخ التفسير مولانا عبدالڪريم قريشي پير شريف لاڙڪاڻو، مفتي مولانا عبدالقادر بروهي خضدار، مبلغ الاسلام استاد العلماء مولانا مير محمد ميرڪ هنگورجہ، مفتي اعظم مولانا ولي حسن ٽونڪي، مولانا صوفي بابا ادريس صاحب، صاحبِ سياست و شريعت (سابق وزير اعلىٰ پاڪستان) مولانا مفتي محمود (وَالد مولانا فضل الرحمان)، چيئرمين شاه ولي الله اڪيڊمي ۽ رويت هلال ڪاميٽي حضرت علامہ غلام مصطفىٰ قاسمي صاحب ۽ ممبر اسلامي نظرياتي ڪاؤنسل حضرت مولانا مفتي محمد ادريس سومرو وغيره جن شامل آهن.

تدريس جي شروعات

۱۹۸۰ع ڌاري ڳوٺ دوست محمد ڪوسو جي مدرسہ دارالعلوم ۾ ديني

تعليم پڙهائڻ سان ڪئي، بعد ۾ سنڌ يونيورسٽي سنڌالاجي ۾ اسسٽنٽ لائبريرين جي ملازمت ڪرڻ شروع ڪيائين. ۽ پوءِ **۱۹۹۲**ع ۾ سنڌ گورنمينٽ ايجوڪيشن ۾ **۱۷**اهين گريڊ ۾ ملازمت ڪرڻ شروع ڪيائين. هن وقت بہ ايجوڪيشن ڊيپارٽمينٽ ۾ **۱۹** گريڊ ۾ پروفيسر آهن، ان دوران ايم فل ۽ پي ايچ ڊي ۾ داخلا ورتي ۽ **۲۰۰۲**ع ۾ اسلامي ڪلچر ۾ ڊاڪٽريٽ جي ڊگري حاصل ڪرڻ جو اعزاز ماڻيائين، سندس مقالو مخدوم جعفر بوبڪاني جي حيات وخدمات سنڌي ادبي بورڊ بہ ڇاپيو. هن پنهنجي دوست، اسڪالر اسلامي نظرياتي ڪائونسل جي ممبر مولانا ڊاڪٽر مفتي محمد ادريس سومرو صاحب ڪنڊياري وارن سان گڏجي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان قلمي ڪتابن جي فهرست ۽ معلومات سهيڙڻ ۾ ڀانهن ڀيلي رهيو جيڪو سنڌي ادبي بورڊ ٽن جلدن ۾ “خزينةالمخطوطات” جي نالي سان ڇپيو، سنڌ آرڪائيوز ڪراچي ۾ ڊاڪٽر نبي بخش جي مخطوطات جي فهرست ۾ بہ ڀانهن ڀيلي رهيو، جيڪو مخطوطات ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي نالي سان ڇپيو، ڊاڪٽر ڪوسي جا مضمون ماھ نامہ شريعت، الفاروق العربي سنڌي وغيره ۾ ڇپيا آهن سنڌ يونيورسٽي ۾ عربي اسڪالرز جي مقالن جي نظر ثاني ۾ سندس گهڻو حصو رهيو.

باقي وقت ڊاڪٽر ڪوسي بنا ڪنهن معاوضي جي ديني مدرسن ۾ پڙهائيندو رهيو، جنهن ۾ مدرسہ ڪامارو اسٽيشن ٽنڊو الهيار، مدرسہ دارالعلوم دوست محمد ڪوسو، مدرسہ فتحيہ شهدادپور، مدرسہ عائشہ للبنات، مدرسہ الفرقان لياري ڪراچي، جامعہ قاسميہ يوسف ڳوٺ ڪراچي، جامعہ ندوة العلوم بلديہ ٽائون ڪراچي ۽ مدرسہ جامعہ عائشہ صديقہ للبنات سوسائٽي شهدادپور شامل آهن، ۽ دارالعلوم ملدسي شهدادپور ۾ مدرسہ کوليائون.

علمي سفر

مڪتبہ قاسميہ لائبري ۾ گهڻو وقت رهي ڪري پي ايچ جي ٿيسز ۽ خزينہ مخطوطات جو مسوده ٺاهيو، ان دوران شوقيہ طور ۽ مطالعہ جي اضافي لاءِ ڪافي لائبرين ڏانهن علمي سفر ڪري علمي استفادو ڪيو. مطالعي جي شوق ۽ ذوق جي بنا تي سندس ذاتي لائبريري رحمانيہ لائبريري جي نالي سان مشهور آهي ان لائبريري ۾ هن وقت ڏھ هزار ڪان مٿي ڪتاب موجود آهن.

سندس چارئي پٽ مولوي عبدالرحمان، مولانا فضل الرحمان ساجد، مفتي حبيب الرحمان خيرآبادي ۽ مفتي مجيب الرحمان آهن. جيڪي چارئي مدرسہ انوارالعلوم ڪنڊيارو مان ديني تعليم جو ڪورس مڪمل ڪري مختلف مدرسن ۽ مسجدن ۾ خدمت گذار آهن ۽ ٽي نياڻيون بہ بنات جي مدرسہ بنات مان پڙهي عالمات آهن.

مولانا مفتي سليم الله قاضي

03062505401

نالو ۽ نسب

حضرت مولانا مفتي سليم الله قاضي ولد ڪليم الله ذات قاضي. سندن ولادت ۱۹۶۳ء ۾ ٿي، سندن تعلق نيڙهيءَ جي مشهور قاضي خاندان سان آهي.

تعليم

۱۹۷۹ ۾ ميٽرڪ ڪرڻ کان پوءِ سنڌ جي ديوبند نيڙهيءَ شهر جي مشهور ۽ معروف ۽ قديمي مدرسي دارالهدي نيڙهيءَ ۾ ديني تعليم حاصل ڪئي، جتي هن سڀني علمن جهڙوڪ تفسير، حديث، فقه، منطق، فلسفو ۽ تاريخ وغيره جي تڪميل ڪري **۱۹۸۸**ء ۾ فراغت حاصل ڪري سند يافتہ مولوي ٿيا. ۽ قاضي صاحب جن شاه عبداللطيف يونيورسٽيءَ مان اسلاميات ۾ ايم اي ڪئي.

سندن مشهور ۽ معروف استادن ۾ حضرت مولانا عبدالحي گهوٽو (فاضل دارالعلوم ديوبند) حضرت مولانا مفتي غلام قادر ميمڻ، حضرت مولانا هدايت الله، حضرت مولانا حزب الله ميمڻ شامل آهن. هتي مناسب معلوم ٿئي ٿو تہ نيڙهيءَ جي مدرسي جو مختصر تعارف پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪريان، جنهن کي مون سنڌ جو ديوبند لکيو آهي. نيڙهيءَ مدرسي جو بنياد**۱۳۳۲** هجريءَ مطابق **۱۹۲۳**ء ڌاران پيو. هن مدرسي جو افتتاح ۽ نالو " دارالهديٰ" وطن جي آزاديءَ جي امام حضرت مولانا سيد تاج محمود شاه امروٽي جن رکيو هو، ڇاڪاڻ تہ مدرسي جو باني قاضي

عبدالله حضرت سائين جن جي خاص مريدن ۽ تعلقدارن ۾ هو، شروع ۾ هي مدرسو قاضي عبدالله پنهنجي خرچ تي هلائيندو هو، هڪ ڀيري حضرت سائين سيد تاج محمود شاه امروٽي جن آيا ۽ فرمايائون تہ مدرسي جي لاءِ چندو ڪريو، ڇاڪاڻ تہ مدرسي جو خرچ وڌي ويندو. ان کان پوءِ چنده مهم شروع ٿي وئي، سڀ کان پهريون چندو بہ حضرت سائين امروٽيءَ جن ڏنو هو، جيڪو ڏهہ آنا هو، حضرت سائين جن جي دعا بہ فرمائي. ان کان پوءِ هي مدرسو ڏينهون ڏينهن ترقي ڪندو رهيو آهي. هن وقت تائين نيڙهي مدرسي جي فاضلن جي تاريخ لکجي تہ هن جي فاضلن جو تعداد هزارن ۾ هوندو، نيڙهي مدرسي جي تاريخ، ڪردار ۽ اهميت تي حضرت مولانا اسدالله شيخ جن شاه عبداللطيف يونيورسٽيءَ مان ايم فل ڪئي آهي. جنهن مان اندازو ٿي ويندو تہ نيڙهي جو مدرسو واقعي سنڌ جو ديوبند آهي.

حضرت مولانا بحيثيت مدرس

جيئن تہ حضرت مولانا مفتي سليم الله قاضيءَ جن سڄو علم نيڙهيءَ جي انهيءَ مشهور ۽ معروف ۽ قديمي مدرسي ۾ حاصل ڪيو. ان ڪري کيس پڙهائڻ جو موقعو بہ انهيءَ مدرسي مان مليو. **۱۹۸۸**ء کان هن وقت تائين لڳاتار نيڙهيءَ جي مدرسي استاد جي حيثيت سان مختلف علمن ۽ فنن جا ڪتاب جهڙوڪ تفسير، حديث، فقه، اصول فقه، منطق، فلسفو وغيره پڙهائڻ ۾ مصروف آهن. پاڻ پڙهائڻ ۾ سنو ۽ بهترين تجربو رکن ٿا، جو فراغت کان پوءِ لڳاتار پڙهائڻ جي محبوب ۽ پياري مشغلي رُڌل آهن. ان سان گڏوگڏ **۱۹۹۷**ء ۾ ڪميشن پاس ڪري اسلاميات شعبي جا ليڪچرار بڻيا ۽ هن وقت اسٽنٽ پروفيسر جي طور تي ڪم ڪري رهيا آهن.

حضرت مولانا بحيثيت ليکڪ ۽ ڪالم نگار

پاڻ مختلف وقتن ۾ سنڌ جي مشهور رسالن ۾ لکيو، جهڙوڪ: ماهوار الحماد، ماهوار الحبيب نيڙهي، (هي رسالو نيڙهيءَ مان مولانا محمد سليمان طاهر جي ادرات ۾ هڪ شمارو نڪتو)، ماهوار آبادگار حيدرآباد، هي رسالو بہ مولانا محمد سليمان طاهر جي ادرات ۾ ڪيترائي سال هلندو رهيو آهي، اڃا تائين پنهنجي آب ۽ تاب سان جاري ۽ ساري آهي. ماهوار الرحيم حيدرآباد هي رسالو علامہ غلام مصطفيٰ قاسميءَ جي نگرانيءَ ۽ ادارت ۾ نڪرندو

هيو. ماهوار القاسم ڪوٽڙي، هي رسالو احقر راقم الحروف جي ادارت ۾ ڪوٽڙيءَ کان نڪرندو هيو، هن وقت عارضي طور بند آهي. هنن مشهور ۽ معروف رسالن ۾ قاضي صاحب جا مضمون شايع ٿيندا رهيا آهن. سندن مضمون سماجي خرابين جهڙوڪ ڪارو ڪاري جي رسم، طلاق جي مسئلن تي عام ماڻهن جي ڀلائيءَ لاءِ لکيل آهن. سندن تصنيفات ۾ هڪ پي ايڇ ڊي ٿيسز به آهي، قاضي صاحب حضرت علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي جن جي نگرانيءَ ۾ سنڌ يونيورسٽي مان 1998ء ۾ پي ايڇ ڊي مڪمل ڪري پي ايڇ ڊي ڊاڪٽر بڻيو. سندن تحقيقي مقالي عنوان آهي" اسلامي فقه ۾ فتويٰ نويسيءَ جو فن" (خصوصي طور تي سنڌ ۾ فتويٰ نويسيءَ جو فن) هن وقت پاڻ نيڙهيءَ جي مدرسي استاد هجڻ سان گڏوگڏ تصنيف ۽ تاليف جي ڪمن ۾ رُڌل آهن.

مولانا حماد الله وساڻ

03013420284

نالو ۽ نسب

مولانا حمادالله بن عبدالمجيد بن دريا خان بن بهرام خان وساڻ ڳوٺ نواب وساڻ تعلقہ خيرپور ميرس ضلع خيرپور ميرس ۾۱ آگسٽ ۱۹٦۷ ڌاران پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

پرائمري گورنمينٽ پرائمري اسڪول وساڻ ۽ مئٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڏڀ مهر شاهه مان پاس ڪري ديني تعليم جي شروعات ڪيائون. پاڻ جن مدرسن مان ديني تعليم حاصل ڪئي، اهي هي آهن: مدرسہ شمس الهدايت ڏڀ مهر شاهه، مدرسہ فيض الهديٰ عظمت ڪانڌڙو ۽ احمد پور جي تعلقي ڪنگري مان حاصل ڪندي سنڌ جي مشهور ديني ۽ اسلامي مرڪز جامعہ اسلاميہ شمس الهديٰ ڪولاب جيئل ضلع خيرپور ميرس ۾ ۱۹۸۸ء ۾ سيني علمن جي تڪميل ڪري سند يافتہ مولوي ٿي ويا.

سندن مشهور استادن ۾ استاذالڪل حضرت مولانا غلام محمد پنهور، حضرت مولانا محمد حسن پنهور، حضرت مولانا عبدالشڪور

پنهور، حضرت مولانا عبدالڪريم ڪوسو، حضرت مولانا مفتي عبدالقادر پنهور، حضرت مولانا عبدالقادر شيخ، حضرت مولانا عبدالله ڦلپوٽو ۽ حضرت مولانا نورمحمد بروهي شامل آهن.سندن پرائمريءَ جي استادن ۾ استاد عبدالمجيد وساڻ (سندن والد مرحوم صاحب) استاد پير بخش مگريو ۽ استاد محمد عيدل اڇڻ موساڻيجا نالا اچن ٿا.

مولانا صاحب بحيثيت استاد

ديني علوم جي فراغت کان پوءِ پاڻ تعليم جي شعبي سان لاڳاپيل آهن.۱۹۸۸ع ۾ ئي پرائمري استاد ٿيا، ان وقت دوره حديث به پڙهندا هيا. ۱۹۸۹ع ۾ (O.T) ٽيچر ٿيا، گورنمينٽ هاءِ اسڪول کهڙا ۾. ۱۹۹۰ع ۾ بدلي ڪرائي گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڏڀ مهر شاهه ۾ آيا. ۱۹۹۴ع ۾ وري بدلي ڪرائي گورنمينٽ هاءِ اسڪول حاجي نواب وساڻ ۾ آيا، هن وقت ان اسڪول ۾ پڙهائي رهيا آهن ۽ رهائش به ان ڳوٺ جي پيرسان ئي پنهنجي زمين تي آهي.

۱۹۸۹ع کان وٺي ۱۹۹۴ع تائين پنهنجي ڏاڏي جي ڀاءُ حڪيم عبدالواحد وساڻ وٽ حڪمت شروع ڪيائون. ان جي اجازت سان ۱۹۹۴ع ڳوٺ ڇوڏاهو ۾ يوناني دواخانو کوليائون، ان جو افتتاح به استاد حڪيم عبدالواحد جن ڪيو. هن وقت پنهنجي رهائش تي ئي حڪمت خانو اهي ۽ حڪمت سکڻ دوران حڪمت ايجوڪيشن سوسائٽي مان حڪمت جو ڪورس به ڪيائون. ڊپلوما ان اسلامڪ ميٿڊ ۽ پيا به ڪورس الٽرنيٽو ميڊيڪل ڊاڪٽر ۽ (M.D.E.H) جو به ڪورس ڪيائون.

ان کان سواءِ تعلقي ڪوٽ ڏجيءَ ۾ اچڻ کان پوءِ ڳوٺن ۾ وڃي ديني تبليغ ۽ وعظ ڪندا رهندا آهن. هينئر ماشاء الله وساڻن جي ڳوٺن ۾ جامع مسجدون به آهن ۽ انهن ۾ پيش امام به رکيل آهن. ان کان سواءِ پوري تعلقي جي قومن ۾ تبليغ جاري آهي ۽ جمعيت علماء اسلام جي ڪارڪن جي حيثيت سان ڪم ڪن ٿا.

اولاد

چار پٽ ۽ ٦ نياڻيون آهن، پٽن جا نالا: (۱) فهيم الله (۲) شفقت الله (۳) ڪفايت الله (۴) حبيب الله.

مولانا محمد اسماعيل سومرو

03013882567

منهنجو محسن ۽ مربي، نامر نمود ڪان ڪوهين پري، ديني تعليم پرائڻ ڪان پوءِ مختلف علائقن ۾ تدريسي ۽ تعليمي خدمتون سرانجام ڏئي چڪا آهن. هتي سندن مختصر تعارف پيش ڪجي ٿو.

نالو ۽ نسب

مولانا محمد اسماعيل بن الله بخش سومرو ۲۵ جون ۱۹۷۰ع ڳوٺ محمد آباغ ۾ تعلقه خانپور ضلع شڪارپو ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

ناظره قرآن پاڪ پنهنجي ڳوٺ جي قديمي مدرسي ۾استاد سلطان احمد سولنگي (جيڪي نابينا هئا) جن وٽ پڙهيا. ان ڪان پوءِ پنهنجي ڳوٺ جي نهايت ئي قديمي مدرسي، مدرسه عربيه دارالسلام جامع مسجد ۾ مولانا جان محمد سومري جن وٽ فارسي جا ڪتاب پهلي فارسي، پنج ڪتاب، گلستان، بوستان، تحفه نصائح ۽ عربي جا ڪتاب درجه ثانويه عامه تائين اتي پڙهيا. ان ڪان پوءِ پنهنجي استاد حضرت مولانا جان محمد سومري جن جي مشوري ۽ حڪم سان ضلعي خيرپور ميرس جي نهايت ئي قديمي مدرسي جامعه عربيه شمس العلوم ڪرڙاهه ۾ پڙهڻ ويا، ان مدرسي جا سرپرست ۽ روح روان استاذالعلماء حضرت مولانا رشيد احمد سومرو رحه جن هئا. انهيءَ مدرسي ۾ سڀني علمن جي تڪميل ڪري ۱۴۱۴ هجري مطابق ۱۹۹۴ع ڏاران مڪمل عالم دين بڻجي ويا. سندن مشهور استادن ۾ شيخ الحديث حضرت مولانا عبدالحق ڪوثر قريشي، شيخ الحديث حضرت مولانا عبدالحق لاشاري، شيخ الحديث حضرت مولانا عبدالرحمٰن ڦل، شيخ الحديث حضرت مولانا غلام نبي سولنگي شامل آهن.

مولانا محمد اسماعيل سومرو بحيثيت استاد

ديني علوم جي فراغت ڪان پوءِ پاڻ مختلف مدرسن ۾ تعليمي ۽ تدريسي

خدمتون سرانجام ڏئي چڪا آهن. جهڙوڪ: جامعه فاروقيه نئون پنڊ سکر جنهن جو مهتمم حضرت مولانا غلام حسين لاشاري جن هئا، هن وقت مولانا غلام حسين لاشاري صاحب رحه جن جو پٽ مولانا حفيظ الله لاشاري مهتمم آهن. ان ڪان پوءِ چڪ شهر جي نهايت ئي قديمي مدرسي مدرسه حزب الابرار چڪ ۾ پڙهايو اٿن. ان ڪان پوءِ پاڻ پنهنجي اباڻي ڳوٺ جي قديمي مدرسي دارالسلام ۾ پڙهايائون، هن مدرسي جا مهتمم سندن والد گرامي الله بخش سومرو رحه جن هئا، سندن وفات ڪان پوءِ مدرسي جو اهتمام ۽ نگراني سندن حوالي آهي. پاڻ مدرسي جامهتمم به آهن ته استاد به آهن.

سندن مشهور شاگرد مولانا عبدالفتاح سڏايوجامع مسجد محمدي بلال ڪالوني ڪراچي ۾ امامت ۽ خطابت سان گڏ قرآن پاڪ جي تعليم ۾ مصروف آهن. مولانا اسدالله پيپو چڪ، مولانا اسدالله ابڙو نائب مهتمم مدرسه حزب الابرار چڪ، مولانا حفيظ الله لاشاري مهتمم جامعه فاروقيه سکر، مولانا عبدالخالق ٻرڙو ٺل ۽ احقر راقم الحروف سليم الله چوهاڻ مهتمم مدرسه عربيه دارالتعليم حماديه راڄو ڳوٺ.

ان ڪان سواءِ سندن سياسي تعلق پاڪستان جي جمهوري پارٽي ۽ حقاني عالمن جي جماعت جمعيت علماء اسلام مولانا فضل الرحمٰن گروپ سان اٿن. پاڻ جمعيت علماء اسلام جا يو سي ڪان ويندي ضلعي سطح تائين ممبر آهن.

۽ بيعت جيئن سندن والد گرامي الله بخش سومري صاحب جن جو تعلق قطب الاقطاب حضرت مولانا سائين حمادالله هاليجوي رحه وارن سان هو. ان ڪري سندن والد گرامي جن جي حڪم مطابق حضرت سائين عبدالصمد هاليجوي جن جي هٿن تي بيعت ڪيائون.

اولاد ست پٽ ۽ ٻه نياٽيون اٿن.

مولانا شفيع محمد انڊڙ

03313175560

درس ۽ تدريس ۾ پنهنجي زندگي وقف ڪندڙ، نام نمود ڪان ڪوهين پري، اسلاف جي نشاني، حالات حاضره تي گهري نظر رکندڙ

نالو ۽ نسب

مولانا شفيع محمد بن محمد سچل بن مبارڪ اندڙ ۱۹۶۴ع ڌاران هاليجي شريف ۾ پيدا ٿيا. پر سندن استاد ۽ مربي حضرت مولانا قاري خليل احمد بنڌاڻي رحه جن ڪين محمد شفيع سڏيندا هئا.

تعليم ۽ تربيت

ابتدائي تعليم دارالعلوم عثمانيه واري ڳوٺ ۾ حاصل ڪيائون. (جيڪو ڳوٺ هاٽي فوجي چانوٽي ۾ اچي ويو آهي) حضرت مولانا محمد عظيم اندڙ جن وٽ قرآن پاڪ ۽ ابتدائي فارسي ۽ عربي جا ڪتاب پڙهيائون. ان کان پوءِ مولانا عبدالستار اندڙ ۽ مولانا عبدالرحمٰن ميمڻ جن وٽ پڙهيا. ان کان پوءِ مولانا محمد ابراهيم لغاري رحه ۽ مولانا عبدالله ابن آزاد پنو جن وٽ دارالعلوم ڳڙهي چاڪر لڳ جروار تعلقه ميرپور ماٿيلو ۾ پڙهيا. ان کان پوءِ ڳوٺ صلاحي چاچڙ لڳ پنو عاقل ۾ مولانا شرف الدين چاچڙ ۽ مولانا محمد يوسف سمائر جن وٽ پڙهيا. ان کان پوءِ ثانويه عامه کان موقوف عليه تائين جامعه اشرفيه سکر ۾ حضرت مولانا قاري خليل احمد بنڌاڻي رحه، حضرت مولانا راحت علي هاشمي (جيڪو هن وقت دارالعلوم ڪورنگي ڪراچي جو ناظم آهي) حضرت مولانا عبدالحق شيخ الحديث جامعه اشرفيه سکر، حضرت مولانا عبدالحڪيم، حضرت مولانا جان محمد راڄپر اڳوڻو شيخ الحديث جامعه مفتاح العلوم حيدرآباد، مولانا عبدالهادي شيخ جن پڙهيا. دوره حديث جامعه حماديه مظهرالعلوم منزل سکر ۾ ۱۹۸۹ع ڌاران سيني علمن جي تڪميل ڪري مڪمل عالم دين بڻجي ويا. سندن ٻين استاد ۾ مولانا محمد مراد هاليجوي رحه، مولانا عبدالحڪيم پناڻ، مولانا محمد قاسم ملتاني (فاضل جامعه قاسم العلوم ملتان) شامل آهن.

مولانا شفيع محمد هاليجوي بحيثيت استاد

پاڻ جڏهن جامعه حماديه مظهرالعلوم منزل سکر ۾ دوره حديث پڙهندا هئا، ان دوران ئي اتي ئي پڙهائيندا هئا. فراغت کان پوءِ اتي ئي پاڻ مدرس مقرر ٿيا. استاد سان گڏ وڏ مدرسي جي حساب ڪتاب ۽ آڊٽ جي

ذميواري به مٿس رکي وئي. ان کان سواءِ پاڻ پنهنجي استاد مولانا محمد مراد هاليجوي رحه جن فتاويٰ ۾ پاڻهن ٻيلي پڻ رهيا. فتوائن کي گڏ ڪرڻ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيائون.

جڏهن ته پاڻ بهترين ليکڪ ۽ مضمون نگار پڻ آهن. سندن ليک مختلف رسالن ۾ شايع ٿيندا رهندا آهن. ان کان سواءِ پاڻ ڏهن سالن تائين جامعه حماديه مظهرالعلوم منزل گاهه جي ترجمان رسالي ماهوار النصيحت جا ايڊيٽر پڻ رهيا آهن. پاڻ هن وقت جامعه اشرفيه ۾ استاذالحديث ۽ دارالافتاء جي ذميواري سان گڏ و گڏ حضرت مولانا قاري جميل احمد صاحب جن جا صلاحڪار ۽ مشير پڻ آهن.

سندن شاگرد ۾ مولانا عرفان احمد ميمڻ، مولانا عبدالسلام قريشي، مولانا عبدالحميد، مولانا محمد شاهد، مولانا عبدالوڪيل مولانا عبدالوحيد ٻرڙو، مولانا محمد عاصم، مولانا سليم الله، مولانا منير احمد چاچڙ، مولانا عبدالواجد ميراڻي، مولانا امتياز احمد، مولانا عبدالستار سومرو، مولانا عبدالمالڪ چنو، مولانا عمران احمد عباسي، مولانا عبدالرئوف حيدري، مولانا عبدالباسط ميراڻي، مولانا عبيدالله ساوند، مولانا نذير احمد جتوئي، مولانا علي مراد ملڪ، مولانا امداد الله بن مولانا غلام الله هاليجوي، مولانا فدا حسين ڊول، مولانا فهيم مظهر آرائين، مولانا غلام علي آرائين شامل آهن.

مولانا نذير احمد چنڙ

03013836687

نالو ۽ نسب

مولانا نذيراحمد چنڙ بنرئيس حافظ عبدالحق چنڙ ڳوٺ رئيس مبارڪ چنڙ تعلقو ميرپور ماٿيلو ضلع گهوٽڪي، اسڪول جي ريڪارڊ موجب ۱۹۶۵ع ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

قرآن مجيد جي تعليم حافظ ٿيڻ تائين پنهنجي عظيم والد درويش

صفت انسان جي قائم ڪيل ديني مدرسي ۾حاصل ڪئي. پرائمري تعليم جي شروعات نئون ڳوٺ چنڙ ۾پنهنجي مامي محمد پيرل چنڙ وٽ ڪئي، جتي چار درجا پاس ڪري پنجين درجي لاءِ ڳوٺ دودو نائچ ۾ استاد حافظ آدم نائچ وٽ داخل ٿيو.

پنج درجا پاس ڪري ديني تعليم جي حصول لاءِ مدرسه شمس العلوم مولوين جي وستي ضلع رحيم يارخان ۾ داخل ٿيا، ٿورڙي عرصي کان پوءِ علائقي جي مشهور معروف عالم دين خيرالمدارس جي فاضل علامه مرحوم مولانا عبدالقادر چاچڙ پنهنجي ڳوٺ دولت چاچڙ ۾ مدرسه شمس الهديٰ جو بنياد رکيو ته مولوين جي وستي مان واپس اچي چاچڙ صاحب جي مدرسي ۾ داخلا ورتي، اُتي درجه هدايه تائين تعليم حاصل ڪري وڌيڪ تعليم لاءِ ملڪ جي مشهور مدرسي خيرالمدارس ملتان وچي داخلا حاصل ڪئي، جتي ٽي سال دوري حديث تائين اُتان جي مشهور عالمن جهڙوڪ مولانا انور شاهه ڪشميري جي مايه ناز شاگرد شيخ الحديث مولانا محمد شريف ڪشميري، مولانا محمد صديق، مولانا مفتي محمد انور(مرتب خيرالفتاوي)، مولانا مفتي عبدالستار رحمهم الله وغيره جن وٽ رهي علمي فيض حاصل ڪيو ۽ علم حديث جي سند حاصل ڪئي.

ديني تعليم جي فراغت کان پوءِ ڪجهه عرصو مولانا عبدالقادرچاچڙ جي مدرسي شمس الهديٰ ۾ عربي جا ڪتاب پڙهايا ۽ ان سان گڏ پنهنجي ڳوٺ جي مسجد ۾في سبيل الله امامت ۽ خطابت به سنڀالي، جيڪا اڄ ڏينهن تائين انجام ڏئي رهيا آهن. ١٥ فيبروري ١٩٨٦ ۾سنڌ گورنمينٽ اسڪول ايجوڪيشن کاتي جي ماتحت هاءِ اسڪول حيات پتافي ۾عربي جا استاد مقرر ڪيا ويا، ان وقت کان اڄ تائين انهي اسڪول ۾ اٺويهه گريڊ ۾ پنهنجي خدمات سرانجام ڏئي رهيا آهن، ديني تعليم جي شاگردن مان سندن ننڍو ڀاءُ ڊاڪٽر محمودالحسن چنڙ نمايان آهي (جيڪو هن وقت گورنمينٽ ايليمينٽري ڪاليج آف ايجوڪيشن سکر ۾ بطورليڪچرر ڪم ڪري رهيو آهي) ۽ دنيوي تعليم مان ڊاڪٽر عبدالجبارميراڻي آهن (جيڪوهن وقت عرب ملڪ بحرين ۾بطورسرجن پنهنجون خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي).

مولانا صاحب سنڌي، اردو فارسي جو ڄاڻو آهن پر عربي ادب ۽ زبان سان تمام گهڻو چاهه اٿن، عربي جا تمام گهڻا ڄاڻو به آهن ۽ عربي زبان

تي لکڻ پڙهڻ ۾ڪافي مهارت حاصل ڪئي جيڪا سندن قابل تعريف آهي، عرب جي مشهورعالمن، ادران جهڙي طرح رابطه عالم اسلامي ۽ پاڪستان جي مشهور ادارن سان عربي زبان ۾ خط ۽ ڪتابت پڻ ڪئي اٿن. جيڪي خط سندن ياد گير طورمحفوظ اٿن،

مولانا صاحب وٽ ڪتب تفسير، حديث، فقه، لغت جي ڪتابن جو ڪافي ذخيرو موجود آهي، خاص ڪري علامه ابن تيميه رحه ۽ علامه ابن قيم رحه جا ڪتاب گهڻي ڀاڱي موجود آهن ۽ انهن ٻنهي عالمن جي ڪتابن سان تمام گهڻو چاهُ اٿن ۽ انهن جي ڪتابن کي گڏ ڪرڻ جو وڏو شوق به اٿن.

سندن لائبريري ۾ موجود جنهن ڪتاب کي به مطالعي لاءِ کڻون ٿا ته اُن وقت حيرانگي ٿئي ٿي جڏهن انهن ڪتابن تي جڳهه جڳهه عربي زبان ۾ حاشيا لڳل نظر اچن ٿا، اها شئي مولانا جي وسعت مطالعي جي دليل آهي ته لائبريري ۾ موجود سڀ ڪتاب مولانا جي نظر مان گذري چڪا آهن.

درس نظامي جي تدريس ٿوري ڪرڻ جي باوجود به مذاهب اربعه کان چڱي طرح واقف آهن جن کان هن وقت تدريس نه ڪرڻ وارا اڪثر طور ڄاڻ نه رکندا آهن، جامعه اشرفيه جي مفتي مولانا عبدالغفار جمالي دامت برڪاته جن جي جڏهن مولانا سان ملاقات ٿي ۽ علمي گفتگو جو سلسلو شروع ٿيو ته مذاهب اربعه تي ڳالهه ٿي جمالي صاحب حيران ٿي پڇا ڪئي مولانا! مذاهب اربعه ڪيئن اوهان کي ياد آهن؟ تنهن تي مولانا نذير احمد چيو ته سائين! منهنجي اڪثر عادت مطالعي جي آهي، ۽ عشاء جي نماز کان پوءِ روزانو ۽ اسڪول ڊيوٽي جي فراغت ٽائيم ۾ مطالعو ڪندو رهندو آهيان انهي ڪري الله جي فضل سان مون کي اهي شيون ياد آهن.

١٥رجب المرجب ١۴١٩ھ۾حيات پتافي شهر۾قرآن مجيد جي تعليم جي اشاعت جي سلسلي ۾ هڪ مدرسو اشاعت القرآن والحديث المحمديه نالي قائم ڪيو جتي الله جي فضل ۽ ڪرم سان ڪيترن ئي طالب علمن قرآن شريف ياد ڪيو ۽ ناظرا پڙهيو، جيڪو سلسلو اڄ تائين جاري آهي.
دنيوي تعليم مان ايم اي اسلامڪ ڪلچر ۽ بي ايڊ جي ڊگري شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان حاصل ڪئي آهي.

مولانا اصغر علي آرائين

03008319122

ڏينهن رات درس ۽ تدريس لاءِ پاڻ کي وقف ڪندڙ، تجربيڪار، ماهر استاد ڪيترن ئي سالن کان تدريسي شعبہ سان لاڳاپيل آهي.

نالو ۽ نسب

مولانا اصغر علي بن نذير احمد آرائين ١٩٦٦ء ١٢ ١٥ محبت ديرو جتوئي تعلقو ڪنڊيارو ضلعو نوشهرو فيروز ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

پرائمري ۽ مڊل تائين پنهنجي ڳوٺ ۾ پاس ڪيائون، ديني تعليم ارشادالعلوم ميرڪ ۾ حاصل ڪيائون، درس نظاميءَ جو مڪمل ڪورس انهيءَ مدرسي کان ڪيائون، جڏهن تہ درس نظاميءَ دوران پاڻ مناظر اسلام حضرت مولانا عبدالستار تونسوي جن وٽ رد مذاهب باطلہ جو ڪورس پڻ ڪيائون.

سندن مشهور استادن ۾ حضرت مولانا مير محمد ميرڪ وارا، حضرت مولانا ڊاڪٽر مفتي محمد ادريس سومرو، حضرت مولانا عبدالعزيز ڪلوڙ ۽ حضرت مولانا عبدالڪريم ڪوسو سٽ ميل وارا شامل آهن.

مولانا صاحب بحيثيت استاد

ديني تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ مولانا فضل الله ڦلپوٽي جي مدرسي مدرسہ عربيہ دارالعلوم فضليہ وسريو واهڻ پڙهايائون، اتي پهرئين ئي سال ابتدا کان موقوف عليہ تائين ڪتاب پڙهايائون، ٻئي سال ان ساڳئي مدرسي ۾ پاڻ اڪيلي سر دوره حديث جا ڪتاب پڙهايائون، ان کان پوءِ ١٩٩١ء کان هن وقت تائين لڳاتار پاڻ جامعہ حماديہ خيرپور ميرس پڙهائڻ ۾ مصروف آهن. مدرسي جو انتظام ۽ اهتمام بہ سندن ئي حوالي آهي. سندن مشهور شاگردن ۾ مشهور مبلغ مولانا عبدالله عباسي، مولانا، مولانا محمد قاسم هنجراه،استاد جامعہ ارشادالعلوم ميرڪ (فرزند حضرت

مولانا مير محمد هنجراه ميرڪ) مولانا عبدالماجد هنجراه استاد جامعہ حماديہ خيرپور ميرس حماديہ (فرزند حضرت مولانا مير محمد هنجراه ميرڪ)،مولانا محمد ادريس پيٽو، مولانا شفيع محمد اڇڻ، (مهتمم مدرسہ عربيہ دارالعلوم اويسيہ سائيٽ ايريا سکر مهتمم دارالعلوم حماديہ ڳوٺ قلندر بخش پناڻ نزد راهوجا، مولانا حبيب الرحمٰن انڍڙ امام ۽ جامع مدني مسجد سوسائٽي سکر ۽ مولانا فضل الرحمٰن اڇڻ (مهتمم مدرسہ عربيہ قوة الاسلام باءِ پاس ڊپ مهر شاهہ) شامل آهن.

ان کان سواءِ سياسي تعلق جمعيت علماء اسلام سان اٿن، جمعيت علماءِ اسلام سٽي خيرپور جي مختلف عهدن تي رهي چڪا آهن، ١٩٩٥ء کان ٢٠٠٥ء سٽي خيرپور ميرس جا نائب امير ۽ ٢٠٠٥ کان ٢٠١٨ء تائين سٽي خيرپور ميرس جا امير پڻ رهي چڪا آهن، هن ضلعي خيرميرس.

اصلاحي تعلق حضرت سائين عبدالڪريم پير شريف سان ٿيل اٿن.

ان کان سواءِ ڪجھ ڪتاب پڻ لکيا اٿائون جهڙوڪ:

1. اہل بیت کی آپس میں رشتے داریاں۔
٢. ڪتاب الايمان (اردو)
٣. فضائل ابوبڪر صديق (سنڌي)
٤. حديث زبير بن عوام (اردو)
٥. احڪامالآيات (عربي)
٦. ذخيرة الموده شرح قصيدة البرده (هي ڪتاب قصيده البره جو تفصيلي، تحقيقي ۽ علمي شرح آهي جيڪو ٻن جلدن ۾ ترتيب هيٺ آهي، جلدي شايع ٿي منظر عام تي اچي ويندو)

ان کان سواءِ پاڻ سماجي ۽ بهبودي ڪمن ۾ بہ ڀرپور ڪردار ادا ڪن ٿا.

مولانا قاري جميل احمد بنڌاڻي

03008310931

پنهنجي عظيم والد استاذالعلماء شيخ القرآن مفسر قرآن، حضرت مولانا علامہ قاري خليل احمد بنڌاڻي جن جي نيابت ۽ ترجماني ڪندي سکر شهر جي مرڪزي حيثيت ٻڌجي چڪا آهن. پاڻ نهايت ئي جاڪوڙ،

ڪاھوڙي ۽ ھر دل عزيز انسان آھن، پاڻ پنھنجي والد عظيم والد صاحب جون سڪون لاھي رھيا آھن.

نالو ۽ نسب

مولانا قاري جميل احمد بن حضرت مولانا قاري خليل احمد بن قاري رحيم بخش بن حاجي وزير خان بن محمد صالح بن پيرا خان بن نورا خان بنڊاڻي ١٥ مئي ١٩٦٨ع ڌاران سکر ۾ پيدا ٿيا.

بنڊاڻي قوم ذات وغيره نہ آھي بلڪ سندن قبيلي وارا ماڻھو قد آور ۽ جسامت وارا ھوندا ھئا، ھو سيلاب وغيره ۾ بند ٻڌندا ھئا ۽ وڏيون وڏيون عمارتون بہ تعمير ڪندا ھئا، انھيءَ ڪري ان وقت جي حڪومت ھنن جفاڪش ماڻھن کي بنڊاڻي (بند ٻڌڻ وارا) لقب ڏنو.

قاري رحيم بخش وقت جي مايہ ناز ۽ مشھور قاري حامد حسين فتح پوريوٽ مسجد دھلي ۾ حفظ ۽ قرآت جي تعليم حاصل ڪئي.

قاري رحيم بخش پاڪستان ٺھڻ کان پوءِ دھلي کان پھريون احمد پور شرقيہ آيو ۽ ان کان بعد سکر اچي ھتي مستقل رھائش اختيار ڪئي .

سکر ۾ قاري صاحب مدينہ مسجد ڪپڙا مارڪيٽ ۾ اچي امامت ۽ خطابت ڪئي.

تعليم ۽ تربيت

قرآن پاڪ جي ابتدائي تعليم پنھنجي عظيم والد صاحب حضرت مولانا قاري خليل احمد صاحب جن وٽ شروع ڪيائون. جڏھن تہ قرآن پاڪ حفظ سکر جي مشھور قاري استاذالقراء قاري ظفرالحق جن وٽ باغ حيات علي شاھ ۾ ١٩٨٤ع ڌاران مڪمل ڪيائون. ان کان پوءِ درس نظامي سنڌ ۽ پنجاب جي مختلف ديني مان حاصل ڪيائون. جھڙوڪ جامعہ اشرفيہ سکر، جامعہ دارالعلوم ڪراچي، جامعہ عثمانيہ رحيم يار خان مان تعليم حاصل ڪندي دوره حديث جامعہ اشرفيہ لاھور ۾ سيني علمن جي تڪميل ڪري ١٩٩٣ع ڌاران سند يافتہ مولوي ٿي ويا. سندن مشھور استادن ۾ حضرت مولانا قاري خليل احمد بنڊاڻي (سندن والد گرامي) حضرت مولانا محمد يوسف اڃڻ، حضرت مولانا عبدالله، حضرت مولانا محمد موسىٰ، حضرت مولانا حضرت مولانا مفتي محمد تقي عثماني، حضرت مولانا عبدالرئوف سکروي ۽ حضرت مولانا محمد سرور شامل آھن.

مولانا قاري صاحب بحيثيت استاد

ديني علوم جي فراغت کان پوءِ ڪيترائي سال جامع مسجد الله والي ۾ امامت، خطابت، درس ۽ تدريس جا فرائض سرانجام ڏنائون. ان کان پوءِ برطانيہ جي مشھور شھر ھيڊرس فيلڊ جي مشھور جامع مسجد عثمان ۾ امامت، خطابت، درس ۽ تدريس جا فرائض سرانجام ڏئي چڪا آھن (ياد رھي تہ ھن مسجد ۾ مناظراسلام حضرت مولانا لعل حسين اختر جن بہ امامت ۽ خطابت جا فرائض سرانجام ڏئي چڪا آھن) حضرت مولانا قاري جميل احمد بنڊاڻي پنھنجي عظيم والد صاحب جي وفات کان پوءِ پاڻ برطانيہ کي ڇڏي پاڪستان اچي ويا ۽ پاڪستان ۾ ئي تعليمي، تبليغي ۽ سماجي خدمتون ڪري رھيا آھن. جيئن تہ سندن والد گرامي استاذالعلماء حضرت مولانا قاري خليل احمد صاحب بنڊاڻي جن سکر جي مرڪزي جامع مسجد جا خطيب ۽ جامعہ اشرفيہ سکر جا ناظم اعلىٰ مدرس ھئا، ان ڪري حضرت مولانا قاري جميل احمد جن بہ پنھنجي والد صاحب جي نيابت ڪندي سکر جي مرڪزي جامع مسجد جاخطيب، جامعہ اشرفيہ سکر جا ناظم اعلىٰ ۽ استاد آھن. پاڻ نھايت ئي تجربيڪار استاد آھن، بھترين مايہ ناز استاد ھئڻ سان گڏوگڏ بھترين خطيب پڻ آھن. سندن خطابت جو انداز پنھنجي والد صاحب جيان اٿس. خطاب سريلي ۽ جوشيلي انداز ۾ ڪندا آھن. ماشاء الله ٿوري ئي عرصي ۾ پنھنجي عظيم والد صاحب جي جڳھ پري چڪا آھن. ماڻھو پري پري کان کھي وٽن خدمت ۾ حاضر ٿيندا آھن، ڪائنن محبت ۽ پيار وٺي واپس ورندا آھن.

مولانا عبد الغفور مھر

03003184188

درس ۽ تدريس، تعليم ۽ تعلم ۾ خدمتون سرانجام ڏيندڙ، مدينة العلوم لکي غلام شاھ ۾ فيض ارپيندڙ، جيڪو ھن وقت پنھنجي قائم ڪيل ديني اداري جامعہ عبدالله بن مسعود رضي الله عنه فراش موڙ سکر ۾ ڪوپ ڪوڙي علم جي اڃايلن کي سيراب ڪرڻ ۾ ڏينھن رات جتن ۽ جاکوڙ ڪري ي رھيو آھي. ھتي سندن تعارف پيش ڪجي ٿو.

نالو ۽ نسب

مولانا عبدالغفور بن الله ڏنو ذات مهر ۲۸_۱۲_۱۹۷۰ ڌاران رستم شهر ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

ابتدائي تعليم مڊل تائين رستم شهر جي اسڪول ۾ حاصل ڪري ديني تعليم جي شروعات به رستم شهر جي نهايت قديمي ديني اداري دارالفيوض ۾ ڪيائين، وڌيڪ تعليم جي لاءِ سنڌ جي مختلف ديني ادارن جو رخ ڪيائين جهڙوڪ: مدرسه عربيه ڪنزالعلوم سومراٽي شريف، جامعه حماديه مظهرالعلوم کهڙا، مدرسه عربيه حزب الابرار چڪ، جامعه فاروقيه سکر، جامعه اسلاميه بدرالعلوم ٻچل شاهه مياڻي سکر، جامعه حماديه مظهرالعلوم منزل گاهه سکر ۽ مدرسه عربيه احياء العلوم ظاهر پير ۾ تعليم حاصل ڪندي سنڌ جي نهايت ئي قديمي ديني درسگاهه جامعه دينيه دارالهديٰ ٺيڙهي ۾ ۱۴۱۵ هجري ڌاراندوره حديث پڙهي فارغ التحصيل ٿيا. جڏهن ته درس نظامي کان سواءِ پاڻ مختلف فنون جا ڪتاب جنهن کي تڪمله چئجي ٿو، وقت جي جيد عالمن کان پڙهيو اٿس ۽ دوره تفسير جامعه نصرة العلوم گوجرانواله ۾ پڙهيو اٿس.

سنڌن مشهور استادن ۾ استاذالعلماء حضرت مولانا محمد اسماعيل ميمڻ، استاذالعلماء حضرت مولانا مفتي غلام قادر ميمڻ، استاذالعلماء حضرت مولانا محمد مراد هاليجوي، استاذالعلماء حضرت مولانا عبدالڪريم کهڙو، استاذالعلماء حضرت مولانا محمد سرفراز خان صفدر ۽ استاذالعلماء حضرت مولانا عبدالغفار جمالي ۽ حضرت مولانا نذيراحمد مهر شامل آهن.

مولانا صاحب بحيثيت استاد

حضرت مولانا عبدالغفور صاحب مهر جن ديني تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ سنڌ جي مختلف ديني ادارن ۾ تعليم ڏئي چڪا آهن، جهڙوڪ: مدرسه عربيه حفظ القرآن حماديه خيرپور ميرس ۾ ست سال تعليم ڏئي چڪا آهن، مدرسه مدينة العلوم لکي غلام شاهه، مدرسه عربيه دارالعلوم

عثمانيه ڳوٺ فراش ۽ جامعه حماديه مظهرالعلوم منزل گاهه سکر ۾ تعليم ڏئي چڪا آهن. جڏهن ته هن وقت پنهنجي قائم ڪيل ديني اداري جامعه عبدالله بن مسعود ؓ ۾ ديني تعليم ۾ مصروف آهن. سنڌن مدرسه جو سنگ بنياد استاذالعلماء حضرت مولانا محمد مراد هاليجوي جن ۲۰۰۴ء ۾ رکيو ۽ مدرسي جي مسجد شريف جو سنگ بنياد استاذالعلماء حضرت مولانا عبدالڪريم کهڙي جن رکيو.

سنڌن مشهور شاگردن ۾ مفتي عبدالشڪور ڪوسو (استاد جامعه دينيه دارالهديٰ ٺيڙهي)، مولانا محمد اڪبر بکراڻي (استاد جامعه حماديه مظهرالعلوم منزل گاهه سکر) مولانا فضل الرحمٰن جعفري ۽ مولانا محمد نواز مهر شامل آهن.

سنڌن مدرسي ۾ درس نظامي جي تعليم سان گڏوگڏ ۲۰۱۹ء کان دوره تفسير به پڙهايو ويندو آهي، جيڪو مولانا صاحب پاڻ پڙهائيندا آهن. سنڌن قائم ڪيل اداري ۾ جڳ مشهور عالم دين پڻ تشريف فرما ٿيا آهن، جهڙوڪ : حضرت مولانا محمد سالم مهتمم دارالعلوم ديوبند، حضرت مولانا سائين محمد يعقوب مهر سومراٽي شريف وارا، حضرت مولانا سائين عبدالقيوم هاليجوي مرڪزي نائب امير جمعيت علماء اسلام حضرت مولانا ڊاڪٽر خالد محمود سومرو، حضرت مولانا عبدالغفور حيدري، حضرت مولانا راشد محمود سومرو، حضرت مولانا مفتي ڪفايت الله خيبر پختون خواهه، حضرت مولانا جان محمد راڄپر، حضرت مولانا سائين عبد الله ڀهوڙ، برک عالم دين حضرت مولانا محمد رمضان ڦلپوٽو ۽ ٻيا به ڪيترائي عالم سڳورا سنڌن مدرسي ۾ تشريف فرما ٿي چڪا آهن.

مولانا عبدالغفور مهر صاحب جو سياسي تعلق جمعيت علماء اسلام سان آهي، شاگردي واري دور ۾ پاڻ جمعيت علماء اسلام جي ذيلي تنظيم جي ٽي آءِ يونٽ منزل گاهه سکر جا صدر رهي چڪا آهن. جڏهن ته جمعيت علماء اسلام يونٽ جعفرآباد ضلع سکر جا ٻه ڀيرا امير به رهي چڪا آهن، هن وقت پاڻ جمعيت علماء اسلام يونٽ جعفرآباد جا سرپرست آهن.

بيعت

مولانا عبدالغفور مهر صاحب جن جي بيعت ولي ڪامل پير طريقت رهبر شريعت حضرت مولانا محمد حسن عباسي شاهه پور چاڪر وارن سان

ٿي اٿن، تصنيف ۽ تاليف جي حوالي سان مولانا صاحب کان عرض ڪيم تہ ڪلندي فرمايائون تہ منهنجا شاگرد منهنجي تصنيف آهن. الله تعالىٰ مولانا صاحب کي وڌيڪ دين جي خدمت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. آمين.

مولانا محمد اسماعيل قاسمي

03003481618

قاسمي نسبتن جو امين، قاسمي صاحب جو حقيقي ترجمان ۽ وارث، تدريسي ۽ تعليمي ميدان ۾ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيندڙ، علم ۽ فيض جي پالوڙ ڪندڙ

نالو ۽ نسب

مولانا محمد اسماعيل قاسمي بن عبدالغني ميمڻ، سجاول شهر ۾ ١٩٧٢ع ڌارن پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

جيئن تہ حضرت مولانا محمد اسماعيل قاسمي پاڻ ۽ سندن خاندان هڪ علمي حيثيت جو مالڪ آهي، سندن چاچو استاذالعلماء حضرت مولانا عبدالغفور قاسمي جڳ مشهور عالم دين ۽ ڪيترن ئي عالم جو استاد هو، ان ڪري حضرت مولانا محمد اسماعيل قاسمي تعليم جي شروعات پنهنجي چاچي استاذالعلماء حضرت مولانا سائين عبدالغفور قاسمي جن جي ئي نگراني ۽ سرپرستي ۾ ڪيائين.

حضرت مولانا محمد اسماعيل قاسمي جن پنهنجي عظيم چاچي جي مدرسي دارالفيوض هاشميہ سجاول ۾ ديني علم پڙهندا رهيا، آخري ٻہ سال ڪراچيءَ جي مشهور ۽ بين الاقوامي مدرسي دارالعلوم ڪراچي ۾ رهي پنهنجي تعليم مڪمل ڪيائين، حضرت مولانا محمد اسماعيل قاسمي سيني عملن جي تڪميل ڪندي مختلف عالمن جهڙوڪ: استاذالعلماء حضرت مولانا عبدالغفور قاسمي ، شيخ الاسلام حضرت مولانا مفتي محمد تقي عثماني، استاذالعلماء حضرت مولانا مفتي محمد رفيع عثماني

۽ ٻين کان پڙهي **١٩٩١ع** ڌاران دستار بندي سند يافتہ مولوي ٿيا. هتي سندن ديني توڙي سماجي، تعليمي توڙي تبليغي خدمتن تي هڪ جائزو پيش ڪجي ٿو.

مولانا صاحب بحيثيت مدرس

جيئن تہ حضرت مولانا محمد اسماعيل قاسمي جن هڪ باقاعده ۽ مضبوط عالم دين آهن، پاڻ معقولات توڙي منقولات جي فن جا ماهر عالم دين آهن. فراغت کان پوءِ پاڻ پنهنجي عظيم چاچي استاذالعلماء سائين عبدالغفور قاسمي جن جا علمي پانهن پيلي ٿي درس ۽ تدريس ۾ مصروف نظر اچن ٿا، پاڻ سني پائي جا استاد آهن، پڙهائڻ جو انداز اهو ساڳيو ئي پنهنجي عظيم چاچي استاذالعلماء حضرت مولانا عبدالغفور قاسمي وارو ئي آهي، فصاحت ۽ بلاغت جي ميدان جا شهسوار آهن. ڳالهائڻ ۾ رواني ۽ ميٺاج اهڙو جو ٻڌندڙ سندن بيان کان متاثر ٿيڻ کان سواءِ رهي نہ ٿو سگهي، ان ڪري سندن شاگردن جو حلقو تمام وسيع آهي.

مولانا صاحب بحيثيت خطيب

پاڻ جيئن تدريس جي ميدان جا ڏٽي آهن، تيئن خطابت جي ميدان جا بہ ڏٽي ۽ شهسوار آهن، تقرير ۾ ڪتابن جا حوالا ۽ عبارتون باقاعده ڪين ياد هونديون اٿن. سندن تقرير جو انداز نهايت ئي عالمانہ ۽ محققانہ هوندو اٿن. سندن ڪيل تقريرن جو ڪاٿو ڪرڻ تہ مشڪل ٿيندو، چاڪاڻ تہ پاڻ گهڻي وقت کان خطابت جي ميدان ۾ عوام توڙي خواص کي نج ۽ خالص علمي مواد ڏئي رهيا آهن. هر موضوع ۽ عنوان تي سندن تقريرون ٿيل آهن، جيڪڏهن انهن کي گڏ ڪجي تہ هڪ وڏو ڪتاب تيار ٿي سگهي ٿو.

ان کان سواءِ پاڻ پنهنجي عظيم چاچي ۽ استاد، استاذالعلماء حضرت مولانا سائين عبدالغفور قاسمي جن جا حقيقي ۽ صحيح جانشين پڻ آهن، پاڻ هن وقت سجاول جي قديمي مدرسہ مدرسہ دارالفيوض هاشميہ جا مهتمم آهن ۽ سجاول شهر جي اهم ۽ مرڪزي شخصيتن ۾ شمار ٿين ٿا.

مفتي محمد طاهر هاليجوي

03013409357

هاليجي شريف جو چشم ۽ چراغ تعليمي، تبليغي ۽ تدريسي خدمتون سرانجام ڏيندڙ

نالو ۽ نسب

حضرت مولانا مفتي محمد طاهر بن حضرت مولانا سائين عبدالصمد هاليجوي دامت برڪاتهم بن حضرت مولانا سائين حافظ محمود اسعد بن حضرت مولانا سائين حمادالله هاليجوي. حضرت مولانا مفتي محمد طاهر هاليجوي جن ١٠_٠٢_١٩٧٦ ڌاري درگاهه هاليجي شريف ۾ پيدا ٿيو.

تعليم ۽ تربيت

جيئن ته حضرت مولانا مفتي محمد طاهر هاليجوي جن هڪ مشهور علمي روحاني گهراڻي ۾ پيدا ٿيو. سندن وڏڙن جو تعليمي، تبليغي، سياسي، سماجي، مطلب ته هر ميدان ۾ اهم ڪردار رهيو آهي. سندن تعليم ۽ تربيت به وڏڙن جي نگراني هيٺ ٿي آهي. هاليجي شريف سان نسبت ۽ تعلق رکندڙ عالمن وٽ تعليم حاصل ڪيائون. سندن تعليم جي شروعات به هاليجي شريف سان نسبت ۽ تعلق رکندڙ عالمن ڪان ڪيائون، فارسي جا ابتدائي ڪتاب حضرت مولانا سائين محمد عمر سهنڊڙو جن وٽ پڙهايائون. (حضرت مولانا سائين محمد عمر سهنڊڙو جن جو وڏن حضرت هاليجويءَ وارن سان تعلق هيو) ان ڪان پوءِ سنڌ جي مختلف مشهور ۽ اهم مدرسن ڪان تعليم حاصل ڪندي جهڙوڪ: مدرسه عربيه تعليم الدين پريالو شهر، جامعه حماديه مظهرالعلوم کهڙا، جامعه اشرفيه سکر، مدرسه عربيه دارالفيوض ڪنڊ ڪوٽ، مدرسه عربيه مدينة العلوم حماديه پنو عاقل شهر ۾ ١٩٩٧ء ڌاران سڀني علمن جي تڪميل ڪندي سند يافته مولوي ٿي ويا. فراغت حاصل ڪرڻ ڪان پوءِ ڪراچيءَ ۾ سنڌ جي ماهر عالم دين مفتي حبيب الله شيخ جن وٽ ١٩٩٨ء ڌاران مفتيءَ جو ڪورس به ڪيائون. فراغت ڪان پوءِ پاڻ پڙهڻ ۽ پڙهائڻ، تبليغ ۽ فتويٰ ۾ مصروف رهن ٿا.

مفتي صاحب بحيثيت مدرس

مفتي محمد طاهر هاليجوي جن سنڌ جي مشهور علمي ۽ روحاني گهراڻي جا چشم ۽ چراغ آهن، فراغت ڪان پوءِ پنهنجي وڏڙن جي قائم ڪيل ديني مدرسي ۾ مدينة العلوم پنو عاقل ۾ استاد ۽ مدرس آهن، جتي پاڻ تفسير، حديث، فقه، اصول فقه، منطق، سڀني فنن ۽ علمن جا ڪتاب پڙهائي رهيا آهن، سندن پڙهائي جو طريقو سولو ۽ شفقت وارو اٿن، پڙهائڻ ۽ سمجهائڻ جو طريقو ته نهايت ئي وڻندڙ ۽ دل ۾ نقش ڪندڙ آهي.

مفتي صاحب بحيثيت مفتي

مفتي محمد طاهر هاليجوي جن سنڌ جي مشهور ۽ هاڪاري عالم ۽ مفتي اعظم مفتي حبيب الله شيخ جن وٽ فتويٰ جو ڪورس پڙهيو آهي، فتويٰ ڏيڻ جي لاءِ جيڪي شيون اهم آهن، انهن ۾ وسيع مطالعو، حالات حاضره تي گهري نظر، فقہ جي ڪتابن مان مسئلي کي سمجهڻ ۽ ان مان نتيجو ڪڍڻ ضروري هوندو آهي، اهي سڀ خوبيون مفتي محمد طاهر ۾ موجود آهن، ان ڪري ڪين فتويٰ ۾ به سٺو ملڪو اٿن.

ان ڪان سواءِ مفتي محمد طاهر هاليجوي جن بهترين خطيب آهن. خطابت جي حوالي سان سنڌ، بلوچستان ۾ پنهنجي خطابت جو سڪو مڃائي چڪا آهن، سندن خطابت ۾ هڪ اهم ڳالهه هي آهي ته پاڻ هاليجي شريف جي جامع مسجد جا ڪيتري وقت ڪان خطيب آهن، هر جمعه سندن تقرير ۽ خطاب هاليجي شريف ۾ ٿيندو اٿن.

مولانا حڪيم عبداللطيف مهر

03003136542

بهترين تجربيڪار مدرس، ماهر نبض شناس حڪيم، ڪيترن ئي سالن ڪان لکي شهر جي مدرسي اصحاب صفه رضه قرآن ۽ حديث جي تعليم ڏئي رهيا آهن ۽ پڻ قرآن پاڪ جو تفسير پڙهائي رهيا آهن.

نالو ۽ نسب

مولانا حڪيم عبداللطيف بن جناب حاجي سلطان احمد مهر ١. ٩. ١٩٦٥ع ڌاران ڳوٺ نموهرو ضلع شڪارپور تعلقہ لکي ۾ پيدا ٿيا. ننڍپڻ کان کان سڀاجها ۽ سلڇڻا هئا، پاڻ ٻڌائيندا آهن تہ سڀ ٻار راند روند ڪندا هئا پر آءُ ذڪر ۾ مصروف هوندو هيس.

ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ نموهوري جي قديم مدرسي مدرسہ عربيہ ارشاد القرآن ۾ حاصل ڪيائون، جنهن جو بنياد ١٩٦٠ ڌاري رکيو ويو، علائقي جو قديم ۽ معياري تعليمي مرڪز رهيو آهي.

ابتدائي تعليم جن استادن کان حاصل ڪئي انهن ۾ مولانا عبدالغفور ٿانوري ۽ مولانا جمال الدين مهر سرفهرست آهن، قابليت ۽ استادن جي اعتماد جو هي عالم هيو جو دوران طالبي استادن جي اجازت ۽ سندن نگراني ۾ ننڍن درجن ۾ سبق بہ پڙهائيندا هئا، اعليٰ تعليم لاءِ ڪوئيٹہ جي مدرسي بحرالعلوم بہ ويا جتي وقت جي وڏن عالمن کان ڪسب فيض ڪيائون. ان کان علاوه اتي مولانا آغا محمد عيسىٰ کان بہ تعليم ورتائون.بعد ۾ آخري درجا جامعہ اشرفيہ سکر ۾ پڙهيائون، استادن ۾ دارالعلوم ديوبند جي فاضل مولانا قطب الدين جن جو نالو نمايان آهي.

پاڻ سڀني علمن کان تڪميل ڪري پنهنجي ڳوٺ جي ئي مدرسي، مدرسہ عربيہ ارشاد القرآن نموهرو مان ١٩٨٦ع ڌاران عالم دين بڻجي ويا.

فراغت کان پوءِ سنت تدريس جي پيشي ۾ لڳي ويا، ٽيهارو سالن کان وٺي اهو مبارڪ سلسلو جاري آهي، پهلي فارسي کان بخاري شريف تائين سڀ ڪتاب پڙهائي چڪا آهن، شاگردن ۾ مولانا ابوبڪر ڪاڪيپوٽو، مولانا فضل الرحمان ڪاڪيپوٽو، مولانا علي محمد سهندڙو، مولانا انعام الله سهندڙو، مولانا سليم الله سنڌي (هن ڪتاب جو ليکڪ) شامل آهن. ان کان علاوه ويهن سالن کان وٺي سالانہ موڪلن ۾ پابندي سان چاليھ ڏينهن جو دوره تفسير پڙهائيندا آهن، جن ۾ سنڌ ۽ بلوچستان جي طالبن سميت مختلف طبقن سان لاڳاپيل وڏي انگ ۾ شرڪت ڪندا آهن.

علمي ۽ درسي مصروفيتن کان علاوه حلال روزگار ۽ گذرسفرلاءِ حڪمت (طب) جو پيشو بہ ڪندا آهن، الله پاڪ انهن ۾ سائين جن کي خاص

ملڪو ڏنو آهي ۽ پاڻ وڏا حاذق نبض شناس حڪيم آهن، رب پاڪ سندن هٿ ۾ وڏي شفا رکي آهي، سنڌ، بلوچستان سميت پرڏيھ ويل سنڌي بہ دوا وٺڻ لاءِ ايندا رهندا، سونهاري سنڌ جا وڏا وڏا بزرگ جهڙوڪ سائين محمد يعقوب، مولانا عبدالله شاهہ بخاري، مولانا ڊاڪٽر خالد محمود سومرو شهيد سميت ڪوڙ سارا بزرگ بہ پنهنجو علاج ڪرائيندا رهيا آهن.عالمن ۽ طالبن جو مفت ۾علاج ڪندا آهن.

پاڻ تمام گهڻي خوبين ۽ اوصافن جا مالڪ آهن، الله پاڪ جا ذاڪرآهن، پابندي سان قادري سلسلو جو ذڪر ڪندا آهن، نماز باجماعت جا ايڏا پابند آهن، سفر ۾ هجن يا حضر اهو معمول ناهن ڇڏيندا. جن بزرگن سان ويجهو تعلق رهيو آهي ان ۾ سائين محمد عالم پهوڙ، سائين محمد يعقوب مهر، مولانا غلام قادر پنهوار، پير طريقت رهبر شريعت حضرت مولانا سائين عبدالصمد هاليجوي شامل آهن.

ان کان سواءِ پاڻ پاڻ جمعيت علماء اسلام جا فعال رڪن رڪين آهن ۽ جمعيت علماء اسلام تعلقي لکي جا سنيئر نائب امير آهن. تعلقي جي عمومي جي اجلاسن ۾ تربيتي، اصلاحي ۽ سياسي بيان ڪندا رهندا آهن.

مفتي حبيب الله پٺاڻ

03000055686

جامعہ مفتاح العلوم حيدرآباد تعليم ۽ تدريس جي حوالي سان پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيندڙ، مختلف علمي ۽ ديني توڙي سياسي ۽ سماجي ڪمن ۾ قائدانہ ڪردار ادا ڪندڙ، مدرس بہ آهن، تہ مصنف بہ، مهتمم بہ آهن تہ مقرر بہ، ان سان گڏوگڏ متصوف بزرگ بہ آهن ۽ڏتڙيل عوام جي خدمت سان سرشار، اٻوجھ ماروئڙن جي سهائيتا ڪندڙ، هر دلعزيز شخصيت جو مالڪ مرڪڻو ۽ کلڻو انسان، پنهنجي مٿي تي هر وقت دستار سجائيندڙ، سندن پڳ ٻڌڻ جو طريقو ۽ اسٽائيل يعني ور وڪڙ دل کي ڇُهي ويندا آهن. مولانا مفتي حبيب الله پٺاڻ صاحب جو تعارف پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪجي ٿو.

نالو ۽ نسب

مفتي حبيب الله بن عزيز الله بن عبدالله خان بن محمد بن خليفه محمد صديق بن خليفه شهاب الدين بن علامه عبدالرحمٰن بن عبدالله آغا خيل ۱۹۷۳ع ڌاران صوبي بلوچستان ضلع پشين ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

ابتدائي تعليم پنهنجي علائقي ۾ حاصل ڪيائون، پرائمري ضلع پشين ۾ حاصل ڪيائون، ان ڪان بعد حيدرآباد ۾ ميٽرڪ تائين تعليم حاصل ڪيائون ۽ جامعه عربيه مفتاح العلوم ٽاور مارڪيٽ حيدرآباد مان حفظ القرآن الڪريم مڪمل ڪيائون. ان ڪان بعد جامعه علوم الاسلاميه علامه بنوريه ٽائون ڪراچي ڪان درجي متوسط جو امتحان وفاق المدارس جو ڏنو، ان ڪان بعد وري ٻيو دفعو تعليم حاصل ڪرڻ جي نيت سان استادن جي حڪم تي خاص طور استاد العلماء حضرت مولانا عبدالرؤف (مرحوم) مهتمم جامعه عربيه مفتاح العلوم ۽ حضرت مولانا محمد عباس (مرحوم) جي حڪم تي جامعه عربيه مفتاح العلوم حيدرآباد ۾ داخلا ورتي ۽ صرف ۽ نحو ۾ تقريباً ٻه سال لڳايا. قرآن الڪريم جي مڪمل ترڪيب حضرت مولانا محمد عباس (مرحوم) وٽ پڙهيائون.

ان ڪان بعد جامعه فاروق اعظم فيصل آباد ۾ هڪ سال تعليم حاصل ڪيائون. ان ڪان پوءِ تقريبا ڏيڍ سال ڪنري ضلع عمرڪوٽ ۾ تعليم حاصل ڪيائون، ان ڪان پوءِ خان پور پنجاب ۾ استاد العلماء شيخ التفسير والحديث حضرت مولانا منظور احمد نعماني ڪان ٻه سال تعليم حاصل ڪيائون. خانپور ۾ مختصر معاني شرح عقائد، خيالي، توضيع التلويح، مسلم الثبوت، شرح جامي ۽ مختلف فنون جا ڪتاب پڙهيا. ان ڪان بعد علوم ۽ فنون جو مرڪز ظاهر والي پنجاب شيخ الحديث حضرت مولانا منظور احمد نعمانيؒ وٽ پورو سال تعليم حاصل ڪيائون. جنهن ۾ قرآن شريف جو ترجمو ۽ تفسير ۽ بخاري شريف، مڪمل جلالين شريفين فنون مڪمل، قاضي حمدالله، ملا حسن، صدرالشمس بازغه پسندي ۽ فنون تڪميل حضرت استادن ڪان حاصل ڪيائون ۽ ان ڪان سواءِ ملڪ جي مشهور خانقاه هاليجوي شريف ۾ ٻه مهينا قرآن ڪريم جو تفسير

حضرت مولانا استاد منظور احمد نعماني صاحب وٽ پڙهيو ۽ خانقاه جون برڪتون به حاصل ڪيون ۽ تخصص في الفقہ الاسلامي استاذ العلماء، شيخ الحديث مفتي اعظم حضرت مولانا مفتي شيخ حبيب الله صاحب ڪان حاصل ڪئي ۽ استاذ العلماء حضرت مولانا مفتي نظام الدين شامزئي ڪان تخصص في الفقه الاسلامي افتاء واري سال استفادو ڪندا رهيا. ۲۰۰۰ ڌاران پاڪستان جي مشهور ديني درسگاه دارالعلوم حقانيه اڪوڙه خٽڪ ۾ سيني علمن جي تڪميل ڪري سند يافته مولوي ٿي ويا.

مولانا صاحب بحيثيت استاد

پاڻ ديني علوم جي فراغت ڪان پوءِ ۲۰۰۱ع ڪان جامعه عربيه مفتاح العلوم حيدرآباد ۾ درس و تدريس جي شعبي سان منسلڪ آهن. جتي پاڻ سيني علمن جا ڪتاب پڙهائي رهيا آهن. ۱۸ سالن ڪان درس ۽ تدريس جي خدمت سرانجام ڏئي رهيا آهن. پاڻ هن وقت جامعه مفتاح العلوم حيدرآباد جا نائب مهتمم ۽ روح روان آهن. ان ڪان سواءِ ٻين ڪيترن ئي مدرسن جا مهتمم پڻ آهن. جهڙوڪ: مدرسه جامعة الاسلاميه دارالعلوم گل افشان ۽ جامعه خاتم النبيين نوناري ڳوٺ لطيف آباد حيدرآباد
۽ جمعيت علماءِ اسلام ضلع حيدرآباد جا نائب امير به آهن ۽ صوبائي مجلس شوريٰ جا ميمبر به آهن.

مولانا محمد افضل جوڻو

03003091704

نالو ۽ نسب

مولانا محمد افضل بن گل محمد جوڻو ۱۹۷۳ع ڌاران قاضي احمد لڳ جوڻا موري ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ جوڻا موري ۾ ڪيائون. جڏهن ته وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ مختلف مدرسن جو رخ ڪيائون. جامعه

اعزازالعلوم گول مسجد سکر ۾ قرآن پاڪ حفظ استاذالقراء قاري حمزه علي ڪانهر جن وٽ ١٩٨٥ع ڌاران مڪمل ڪيائون. جامعہ اعزازالعلوم گول مسجد ۾ سندن ٻيو استاد سندن وڏو ڀاء استاذالقراء قاري خير محمد جوڻو عرف دوروش بہ هو. قرآن حفظ ڪرڻ کان پوءِ پاڻ استاذالقراء قاري امير الدين انور رحہ جن وٽ سندن مدرسي جامعہ مدنيہ تجويد القرآن گهوٽڪي ۾ تجويد پڻ پڙهي. حفظ مڪمل ڪرڻ کان پوءِ پاڻ عربي جي جي شروعات ضلعي شڪارپور جي نهايت ئي قديمي مدرسي حزب الابرار چڪ شهر ۾ استاذالعلماء حضرت مولانا محمد اسماعيل ميمڻ جن وٽ شروع ڪيائون. ان کان پوءِ پاڻ جامعہ فاروقيہ نئون پنڊ سکر، جامعہ اسلاميہ بدر العلوم حسينيہ بچل شاھ مياڻي سکر، جامعہ حماديہ مظهر العلوم منزل گاھ سکر مان تعليم حاصل ڪندي جامعہ دارالفيوض الهاشميہ سجاول ۾ ١٩٩٣ع ڌاران سيني علمن جي تڪميل ڪندي مڪمل عالم دين بڻجي ويا.
جڏهن فراغت کان پوءِ پاڻ طاهر والي پنجاب ۾ استاذالعلماء حضرت مولانا منظور احمد جن فنون جي پڻ تڪميل ڪئي. سندن مشهور استادن ۾ استاذالعلماء حضرت مولانا عبدالغفور قاسمي رحہ، حضرت مولانا مفتي شفيع محمد انڍڙ، حضرت مولانا محمد صالح الحداد، حضرت مولانا عبدالرئوف قريشي، حضرت مولانا عبدالله ٿهيم شامل آهن.

مولانا محمد افضل جوڻو بحيثيت استاد

پاڻ جيئن تہ درس نظامي جا اڪثر ڪتاب استاذالعلماء حضرت مولانا محمد اسماعيل ميمڻ جن وٽ پڙهيا، ان ڪري فراغت کان پوءِ پاڻ پنهنجي مربي ۽ محسن استاذالعلماء حضرت مولانا محمد اسماعيل ميمڻ جن جي نگراني هيٺ جامعہ حماديہ نزد خاڪي شاھ پل ۾ ڏھ سال پڙهيائون. ان کان پوءِ مدرسہ عربيہ نورالهديٰ گچيرو روڊ مورو ۾ هڪ سال پڙهيائون. جڏهن تہ پاڻ ٢٠٠٩ع ڌاران نادرن باءِ پاس مائي ڳاڙهي روڊ ڪراچي ۾ هڪ عظيم الشان ديني ادارو جامعہ قاسميہ قائم ڪيو. جتي پاڻ ديني علوم جي تعليم ۾ مصروف آهن. سندن شاگرد بيشمار آهن. جيڪي پنهنجن علائقن ۾ دين جي مختلف شعبن ۾ مصروف آهن. هتي ڪجھ مشهور شاگردن جو ذڪر ڪجي ٿو. مولانا فياض احمد ميمڻ، مولانا خالد محمود جوڻو، مولانا يار محمد جوڻو، مولانا خليق الزمان ڪورائي، مولانا عبدالڪريم ميمڻ،

مولانا محمد حسن پنهان مدرس رياض العلوم حيدرآباد، مولانا مسعود احمد ڪانهر، مولانا فيض محمد مدني، مولانا حفيظ الرحمٰن عمراڻي ڪراچي، مولانا غلام مجتبي جوڻو شامل آهن.

مولانا قمرالدين لنڊ

03002575705

پنهنجي استادن حضرت مولانا محمد عالم لنڊ صاحب ۽ حضرت مولانا مفتي عبدالرحمٰن لنڊ صاحب جن جو ٻانهن ٻيلي ٿي سندن ئي مدرسي ۾ ديني لاٽ ٻاريندي سماجي ڪمن پڻ مصروف نظر اچن ٿا.

نالو نسب

مولانا قمرالدين بن عبدالرحيم لنڊ ڳوٺ امام بخش لنڊ نزد يارو لنڊ تعلقي ميرپور ماٿيلو ۾ ١٩٧٥.١.١. ڌاران پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

ابتدائي تعليم پنهنجي ئي ڳوٺ امام بخش لنڊ مان حاصل ڪري وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ جي مختلف مدرسن جو رخ ڪيائون جامعہ قاسم العلوم گهوٽڪي، جامعہ اسلاميہ ڪلفٽن ڪراچي، جامعہ اسلاميہ بدرالعلوم حسينيہ بچل شاھ سکر مان تعليم حاصل ڪندي دوره حديث جامعہ دينيہ دارالهديٰ ٺيڙهي مان پڙهي ١٩٩٧ع ڌاران مڪمل عالم دين بڻجي ويا.
سندن مشهور استادن ۾مولانا مفتي غلام قادر ميمڻ رحہ، مولانا مفتي حبيب الله شيخ، مولانا سائين عبدالله شاھ بخاري رحہ، مولانا نورمحمد جمالي رحہ، مولانا مفتي عبدالرحمٰن لنڊ، مولانا مفتي مولانا غلام مصطفيٰ جمالي، مولانا حزب الله ميمڻ، مولانا مفتي عبدالغفار جمالي، مولانا عبدالحق چنو رحہ، مولانا احتشام الحق آرائين، مولانا سلطان احمد جمالي رحہ، مولانا محمد عالم لنڊ، مولانا نعيم الله پنهاڻ، مولانا شبير احمد سولنگي، مولانا فارق احمد، مولانا غلام رباني آرائين

شامل آهن. جڏهن تہ ٺيڙهي ۾ دوره حديث دوران قاري عبدالڪريم ميمڻ رحہ جن وٽ تجويد بہ پڙهيائون. ان کان سواءِ پاڻ اديان باطلہ جو دورو مناظراسلام حضرت مولانا علي شير حيدري رحہ جن وٽ پڻ پڙهيو آهي.

مولانا قمرالدين لنڊ بحيثيت استاد

جيئن تہ پاڻ ديني علوم جي فراغت کان پوءِ پنهنجي استادن سان گڏ تعليم ۽ تدريس جو ڪم ڪن ٿا. پاڻ فراغت کان پوءِ جامعہ دارالعلوم رحمانيہ ۾ استاد آهن جتي پاڻ قرآن، حديث، فقھ ۽ اصول فقھ جا ڪتاب پڙهائي رهيا آهن.

مولانا نعمت الله نعماني

03003152913

ڪولاب جيئل شهر کي مرڪزي، تاريخي، مذهبي ۽ سياسي توڙي سماجي لحاظ کان تمام وڏي حيثيت آهي، ڇاڪاڻ تهجبال العلم، استاذالعلماء حضرت مولانا شاه محمد ميمڻ ، استاذالعلماء محدث ڪبير مفتي اعظم پاڪستان حضرت مولانا غلام محمد پنهور ۽ استاذالعلماء حضرت مولانا محمد حسن پنهور جهڙن برک عالمن جي ڪري ڪولاب جيئل شهر کي مرڪزي حيثيت حاصل ٿي. سندن وفات کان پوءِ سندن ئي شاگرد حضرت مولانا مفتي عبدالقادر پنهور ڪولاب جيئل جي مدرسي جي اوج ۽ ترقي کي بحال رکيو. مفتي صاحب جي وفات کان پوءِ ان جي ئي شاگرد حضرت مولانا نعمت الله نعماني صاحب پنهنجن استادن جي مشن ۽ پروگرام کي ساڳئي جذبي، جرئت، همت ۽ دليري سانکم کي اڳتي وڌائڻ ۾ ترِ جيترو بہ نہ هٽيو، بلڪ اڳ کان اڳرو ٿي ڪولاب جيئل شهر جي مرڪزي، تاريخي، سياسي تعليمي ۽ تبليغي حيثيت کي بحال رکيو. ۽ ڪولاب جيئل جي مدرسي جي ڳاٽ کي اوچو ڪيو. هتي سندس تعارف پيش ڪجي ٿو.

نالو ۽ نسب

مولانا نعمت الله بن جان محمد پنهور شيخ طيب تعلقي ڪنگري ضلع خيرپور ميرس ۾ ١٩٧٠ء ڌاران پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ شيخ کان ڪيائون، جڏهن تہ وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ جي مختلف ديني مدرسن جو رخ ڪيائون. جهڙوڪ جامعہ اسلاميہ شمس الهديٰ ڪولاب جيئل، جامعہ ارشادالعلوم ميرڪ، جامعہ بدرالهديٰ ڪنب، مان تعليم حاصل ڪندي دوره حديث جامعہ دينيہ دارالهديٰ ٺيڙهي ١٩٩١ ڌاران دستاد ٻَڌي سند يافتہ مولوي ٿي ويا.

سندن مشهور استادن ۾استاذالڪل حضرت مولانا غلام محمد پنهور، استاذالعلماء حضرت مولانا مفتي غلام قادر ميمڻ، حضرت مولانا حفيظ الله پنهور، حضرت مولانا مير محمد مير وارا، استاذالعلماء حضرت مولانا مفتي محمد ادريس سومرو، حضرت مولانا مفتي عبدالقادر پنهور شامل آهن.

مولانا نعماني بحيثيت استاد

ديني علوم مان فراغت حاصل ڪرڻ کان مختلف ديني مدرسن ۾ تعليمي فرائض سرانجام ڏئي چڪا آهن. جهڙوڪ مدرسہ عربيہ نورالهديٰ گڇيرو روڊ مورو، جامعہ رياض العلوم لطيفيہ، گهنوار مهر لڳ قاضي احمد ۽ هن وقت پنهنجي مادر علمي جامعہ اسلاميہ شمس الهديٰ ڪولاب جيئل ۾ صدر مدرس، شيخ الحديث ۽ ناظم اعلي جي منصب تي فائز آهن. پاڻ پنهنجي مادر علمي ۾ علم جي جوت جلايون ويٺا آهن.

سندن بيشمار شاگرد آهن جيڪي پنهنجن علائقن ۾ دين جي شمع ٻاريون ويٺا آهن. سندن مشهور شاگرد هي آهن:مولانا فضل الرحمٰن اڄڻ (مهتمم مدرسہ عربيہ قوة الاسلام باءِ پاس ڊپ مهر شاه)، مولانا خان محمد ڪيريو صاحب جامعہ انوارالعلوم ڪنڊيارو، مولانا سيف الله درس جامعہ انوارالعلوم رحمانيہ سمون مگسي سرهاڙي، مولانا عبدالسميع پنهورجامعہ اسلاميہ شمس الهديٰ ڪولاب جيئل، مولانا نثار احمد پنهور مدرسہ عربيہ بدرالهديٰ محمديہ مدئجي، ڊاڪٽر حميدالله پٽو (پي ايڇ ڊي اسلاميات اسسٽنٽ پروفيسر سنڌ يونيورسٽي ڪيمپس ميرپورخاص)

درس ۽ تدريس کان سواءِ پاڻ ڪولاب شهر جي مسئلن کي بہ حل ڪندا رهندا آهن. تصنيف ۽ تاليف ڏانهن وڪ وڌائي اٿن. سندن تازو هڪ تسهيل النحو شايع ٿي منظر عام تي اچي چڪو آهي. ٻيا ڪتاب بہ زير ترتيب اٿن.

مولانا ظهور احمد ميمڻ

03003008050

درس ۽ تدريس سان گڏوگڏ تبليغي خدمتون سرانجام ڏيندڙ، اخلاق ۽ ڪردار جو مالڪ سادو ۽ سچو انسان

نالو ۽ نسب: مولانا ظهور احمد بن حاجي لعل محمد ميمڻ **۱۹۷۲ء** ڌاران هالا شهر ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

تعليم جي شروعات جامعة العلوم منصوره ۾ ڪيائون، جتي ڪجھ سال درس نظامي پڙهڻ ڪان پوءِ مدرسہ عربيہ رائيونڊ ۾ **۱۹۹۳ء** ڌاران سيني علمي جي تڪميل ڪيائون. تعليم ڪان فراغت ڪان پوءِ هڪ سال تبليغ ۾ لڳاياٺون، هڪ سال مدرسہ عربيہ رائيونڊ مرڪز ۾ اتان جي استادن ڪان تعليمي تربيت حاصل ڪيائون. سندن مشهور استادن ۾ حضرت مولانا خليل احمد رباني (فاضل دارالعلوم ديوبند جيڪو مولانا رشيد احمد لڌيانوي رحہ جو پاءُ ۽ استاد هيو) حضرت مولانا جمشيد علي رائيونڊ (فاضل دارالعلوم ديوبند حضرت مولانا حسين احمد مدني جو شاگرد) حضرت مولانا خليل احمد ڪورائي (مولانا عبدالڪريم ڪورائي "المعروف مولوي ڪهاڙو" جا پوٽا هئا) حضرت مولانا آغا محمد مينگل (سابق استاد جامعة العلوم بنوري ٽائون ڪراچي) شامل آهن.

مولانا ظهور احمد ميمڻ بحيثيت استاد

ديني علوم جي فراغت ڪان پوءِ پاڻ هالا جي مشهور ديني مدرسي دارالعلوم الاسلاميہ هالا ۾ **۱۹۹۵ء** ڪان **۲۰۱۰ء** تائين استاد رهيا جتي هداية النحو ڪان ترمذي شريف تائين ڪتاب پڙهاياٺون، **۲۰۱۰ء** ۾ هالا شهر ۾ پنهنجي مدرسي جو بنياد رکيو، سندن مدرسي جو سنگ بنياد مشهور تبليغي بزرگ حاجي عبدالوهاب جن پنهنجن هٿن سان رکيو. **۲۰۱۰ء** ڪان هن وقت تائين پاڻ انهيءَ مدرسي جا صدر مدرس، شيخ الحديث ۽ مهتمم آهن. جتي پاڻ شاگردن کي قرآن، حديث، اصول حديث، فقه، اصول فقه ۽ ٻين فنن جا ڪتاب پڙهائي

رهيا آهن. پڙهائڻ سان گڏوگڏ تبليغ جي حوالي سان بہ سندن بهترين ڪردار رهيو آهي. پاڻ سنڌ جي مختلف علائقن ۾ تبليغ جي سلسلي ۾ديني ۽ اصلاحي جلسن جو سينگار آهن، سندن تقرير جو انداز نهايت ئي دلپزير، جاذب ۽ اصلاحي هوندو آهي. ان ڪان سواءِ تصنيف ۽ تاليف ۾ خدمتون سراهڻ جوڳيون آهن. سندن شايع ٿيل ڪتابن ۾ صحابہ جو شان اهل بيت جي نظر ۾ ۽ اهل بيت جو شان صحابہ جي نظر ۾، اسماء خواص دردن جي دوا ۽ ٺماهي احياء دين جا ايڊيٽر پڻ آهن. جڏهن تہ حضرت مولانا حڪيم اختر صاحب جن جي ٽن رسالن جو سنڌي ترجمو ڪيو اٿائون، جيڪي پڻ شايع ٿي چڪا آهن. جهڙوڪ: اصلي پيري مريدي، پياري نبيﷺ جون پياريون سنتون ۽ عورتن جا حق شامل آهن.

روحاني تعلق حضرت مولانا انعام الحسن ڪانڌلوي جن سان پهرئين بيعت ڪيائون ان جي وفات ڪان پوءِ سيد نفيس الحسيني رحہ سندن وفات ڪان پوءِ حضرت مولانا عبدالحفيظ مڪي ۽ اان جي وفات ڪان پوءِ حضرت مولانا عزيزالرحمٰن هزاروي رحہ جن سان بيعت ڪيائون. پوين ٻنهي بزرگن ڪان ڪين اجازت ۽ خلافت بہ مليل اٿن.

مولانا سعيد احمد شاھ بخاري

03003151356

مناظر اسلام حضرت مولانا سيد عبدالله شاھ بخاري جن جو جانشين ۽ علمي وارث، پنهنجي عظيم والد جي نمائندگي ۽ ترجماني ڪندڙ.

نالو ۽ نسب

مولانا سيد سعيد احمد شاھ بن مناظر اسلام حضرت مولانا سيد عبدالله شاھ بخاري **۱۳۹۵** هجري مطابق **۱۹۷۵ء** ڌاران بچل شاھ مياڻي سکر ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

تعليم جيابتدائي پنهنجي ئي والد صاحب جي ديني مدرسي بچل شاھ سکر ۾ ڪيائون، قرآن پاڪ حفظ پنهنجي ئي مدرسي جامعہ اسلاميہ

بدرالعلوم حسينيه بخاري محلہ بچل شاهہ ۲۵ ربيع الاول ۱۴۱۰ هجري مطابق ۲۶ آڪٽوبر ۱۹۸۹ء ڌاران مڪمل ڪيو. جڏهن تہ درس نظامي جا شروعاتي ڪتاب فارسي مولانا نور محمد جمالي جن وٽ پڙهيا. خامسہ تائين پنهنجي ئي مدرسي ۾ پڙهيا.مزيد ديني علوم جي حاصل ڪرڻ لاءِ مختلف سفر ڪيائون جهڙوڪ دارالعلوم اسعديہ ڪوٽ سبزل، دارالفيوض الهاشميہ سجاول جهڙن عظيم ديني ادارن ۾ رهي وقت جي جبال العلم کان تعليم حاصل ڪندي آخري سال جامعہ دينيہ دارالهديٰ ٺيڙهي ۱۴۲۲ هجري مطابق ۲۰۰۱ ڌاران دوره حديث مڪمل ڪري عالم دين بڻجي ويا. سندن دستار واري جلسي ۾ قائد ملت اسلاميہ حضرت مولانا فضل الرحمٰن صاحب جن تشريف فرما ٿيا. بخاري شريف جي آخري حديث جي عبارت مولانا سعيد احمد شاهہ جن پڙهي، اهو سندن لاءِ اعزاز آهي.

دوره حديث کان فراغت حاصل ڪرڻ کان پوءِ هڪ سال جامعہ سراج العلوم عزيزيہ جمالي محلہ بچل شاهہ مياڻي سکر مولانا عبدالغفار جمالي جن وٽ تخصص في الفقهہ والفتويٰ جو ڪورس ڪيائون. جڏهن تہ جامعہ انوارالهديٰ حيدريہ لقمان خيرپور ميرس ۾ وقت جي امام رازي مناظر اهل سنت حضرت مولانا علامہ علي شير حيدري جن وٽ رد مذاهب باطلہ پڙهيائون.

سندن مشهور استادن ۾ مناظر اسلام حضرت مولانا سيد عبدالله شاهہ بخاري استاذالعلماء حضرت مولانا مفتي غلام قادر ميمڻ، فيلسوف اسلام حضرت مولانا عبدالغفور قاسمي ، استاذالعلماء حضرت مولانا غلام محمد سومرو، استاذالعلماء حضرت مولانا سلطان احمد جمالي ، حضرت مولانا حسين احمد گبول ، حضرت مولانا رفيق احمد بنگلاڻي، استاذالعلماء حضرت مولانا مفتي عبدالرحمٰن لنڊ، حضرت مولانا غلام مصطفيٰ جمالي، حضرت مولانا هدايت الله ميمڻ، حضرت مولانا حزب الله ميمڻ، حضرت مولانا نعيم الله پناڻ ۽ حضرت مولانا شبيراحمد سولنگي شامل آهن.

مولانا صاحب بحيثيت استاد

ديني علوم جي فراغت کان پوءِ پاڻ پنهنجي ئي والد صاحب جن جي قائم ڪيل ديني مدرسي بچل شاهہ مياڻي سکر ۾ بطور استاد آهن، جتي پاڻ ديني علوم ۽ درس نظاميءَ جا ڪتاب پڙهائي رهيا آهن. پاڻ پنهنجي مدرسي فراغت کان پوءِ مسلسل پڙهائڻ ۾ مصروف آهن.

پنهنجي عظيم والد مناظر اسلام حضرت مولانا سيد عبدالله شاهہ بخاري جن جي وفات کان پوءِ مدرسي جا مهتمم بہ آهن. ان کان سواءِ پاڻ پنهنجي عظيم والد جي هر ميدان تي ترجماني ۽ نمائندگي ڪندي نظر اچن ٿا. پاڻ مقرر بہ آهن تہ مناظر بہ، مدرس بہ آهن تہ مهتمم بہ. سندن سياسي تعلق جمعيت علماء اسلام سان آهي. پاڻ جمعيت علماء اسلام فعال ۽ سرگرم رڪن آهن.

مولانا نورمحمد بروهي

03002912930

نالو ۽ نسب

مولانا نورمحمد بن شير علي بروهي ۱۹۷۲ء ڌاران پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

ابتدائي تعليم روضة العلوم نورالهديٰ شهداد پور کان شروع ڪيائون. وڌيڪ تعليم جي حصول جي لاءِ سنڌ جي مختلف مدرسن جو رخ ڪيائون، جهڙوڪ: جامعہ حماديہ مظهرالعلوم ڪهڙا، جامعہ اسلاميہ بدرالعلوم حسينيہ بچل شاهہ مياڻي سکر مان تعليم حاصل ڪندي جامعہ دارالفيوض هاشميہ سجاول مان ۱۹۹۵ء ڌاران دوره حديث پڙهي مڪمل عالم دين بڻجي ويا. درس نظامي جي فراغت کان پوءِ فقيهہ اعظم حضرت مولانا مفتي حبيب الله شيخ جن جي نگرانيءَ ۾ تخصص في الفقهہ الاسلامي (مفتي جو ڪورس) ڪيائون.

سندن مشهور استادن ۾ حضرت مولانا عبدالڪريم ڪهڙو رحہ، حضرت مولانا محمد عمر ڪهڙو رحہ، حضرت مولانا عبدالغفور قاسمي رحہ، حضرت مولانا عبدالغفار جمالي، حضرت مولانا حضرت مولانا نورمحمد ميمڻ، حضرت مولانا محمد صالح الحداد، حضرت مولانا مفتي نذيراحمد عمراڻي، حضرت مولانا جان محمد راڄپر ۽ حضرت مولانا عبداللطيف پناڻ رحہ شامل آهن.

مولانا نورمحمد بروهي بحيثيت استاد

پاڻ ديني علم جي تڪميل ڪرڻ کان پوءِ مختلف ديني مدرسن ۾ تعليم ڏئي چڪا آهن. جهڙوڪ: تعليم الاسلام گلشن اقبال ڪراچي، مدرسه مظهرالعلوم کڏو ڪراچي، دالعلوم جيواني بلوچستان، دارالعلوم نوراني مسجد صرافه بازار ڪراچي ۾ تعليمي فرائض سرانجام ڏئي چڪا آهن. پاڻ هن وقت جامعه مفتاح العلوم منگهو پير ۾ استادالحديث هئڻ سان گڏو گڏ دالافتاءُ جا رئيس پڻ آهن.

مولانا عبدالقدوس ميمڻ

03003794066

درس ۽ تدريس سان لاڳاپيل، علم جي جوت جلائيندڙ

نالو ۽ نسب

مولانا عبدالقدوس بن محمد ابراهيم ميمڻ ۱۹۷۰ع ڌاران ڳوٺ شهمير جي وسين ضلع مٽياري ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

تعليم جي شروعات پنهنجي ئي ڳوٺ کان ڪيائين، پرائمري، ناظره قرآن پاڪ پنهنجي ڳوٺ ئي ۾ پڙهي ڪري حفظ قرآن پاڪ مدرسه مدينة العلوم پيندي شريف حافظ خان محمد سومري جن وٽ ڪيو.

عربي تعليم سنڌ جي مختلف مدرسن جهڙوڪمدرسه عربيه مدينة العلوم پيندو شريف ۽ دار الفيوض الهاشميه سجاول کان علم پرائيندي سنڌ جي مشهور ۽ قديمي ديني درسگاهه باب الاسلام ٺٽي ۾ ۱۹۹۰ع دوره حديث پڙهيمڪمل عالم دين بڻجي ويا.

سندن مشهور استادن ۾ حافظ محمد حسن ميمڻ ، حضرت مولانا رحيم بخش ڪنڀار، حضرت مولانا محمد عباس نهڙي، حضرت مولانا نور محمد سجاولي ، حضرت مولانا عبدالغفور قاسمي ۽ حضرت مولانا محمد ابراهيم ميمڻ شامل آهن.

مولانا صاحب بحيثيت استاد

جيئن ته مولانا عبدالقدوس ميمڻ درس نظاميءَ جا مڪمل عالم آهن، سندن استادن جو مٿس اعتماد به آهي، ان ڪري ڪيس پڙهائڻ جي لاءِ به جڳهه پنهنجي استاد حضرت مولانا عبدالغفور قاسمي صاحب جن وٺي ڏني، پهريون تقرر به حضرت مولانا عبدالغفور قاسميجن جي حڪم سان مطلع العلوم ڍگهڙي ۾ ۱۹۹۱ع ڌاران به سال اتي درس نظاميءَ پڙهايائين، ان کان پوءِ ۱۹۹۳ع ۾ مٽياري جي مشهور مدرسه، مدرسه عربيه معروفيه (ڪوٽ واري مسجد) ۾ به پنهنجي استاد حضرت مولانا عبدالغفور قاسمي جن جي حڪم سان بطور استاد مقرر ٿيا آهن. هن وقت تائين انهيءَ مدرسي ۾ علمي شمع ٻاريون وينا آهن، انهيءَ مدرسي ۾ پاڻ درس نظاميءَ جا سيئي ڪتاب پڙهايا اٿائون، چار ڀيرا دوره حديث جا ڪتاب پڙهائي چڪا آهن.

سندن مشهور شاگرد مولانا غلام حسين منگواڻو (استاد مدرسه عربيه معروفيه (ڪوٽ واري مسجد) مٽياري، مولانا بدرالدين ميمڻ استاد ۽ مهتمم مدرسه عربيه معروفيه (ڪوٽ واري مسجد) مٽياري)،مولانا نجيب الله ميمڻ استاد مدرسه عربيه معروفيه (ڪوٽ واري مسجد) مٽياري، مولانا عتيق الرحمٰن ميمڻ استاد مدرسه عربيه معروفيه (ڪوٽ واري مسجد مٽياري) ان کان سواءِ ٻيا به ڪيترائي شاگرد آهن، جيڪي پنهنجن علائقن ۾ دين جو ڪم ڪري رهيا آهن.

تعليم ۽ تدريس سان گڏوگڏ پاڻ تصيف ۽ تاليف ۾ به پنهنجون صلاحيتون صرف ڪن ٿا. سندن شايع ٿيل ڪتاب هي آهن.

۱. آخرت جو توشو (منبهات ابن حجر عسقلاني جو سنڌي ترجمو)
۲. قيامت جون نشانيون
۳. دارالعلوم ديوبند جو مختصر تعارف
۴. نور العينين في افضليت الشيخين

انهن ڪتابن کان سواءِ ٻيا ڪتاب به زير ترتيب آهن جيڪي اڻ ڇپيل جي صورت ۾ وٽن موجود آهن.

مولانا عرفان احمد ميمڻ

03009313626

علم جي اڃايلن کي سيراب ڪندڙ، پنهنجي قائم ديني اداري ۾ ديني علمن جي تعليم ڏئي رهيا آهن.

نالو ۽ نسب

مولانا عرفان احمد بن عبدالقادر ميمڻ ١٩٧٥ع ڌاران ٽيڙهي شهر ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

پرائمري ٽيڙهي مين اسڪول ۾ پڙهيا ۽ ميٽرڪ هاءِ اسڪول ٽيڙهي ۾ پڙهيائون. جڏهن ته ديني تعليم جي شروعات ناظره ۽ حفظ مدرسه عربيه تعليم القرآن ٽيڙهي ۾ ڪيائون، حفظ جي تڪميل قديمي جامع مسجد ٽيڙهيءَ ۾ ١٩٨٨ع ۾ ڪيائون.

وڌيڪ تعليم پرائڻ لاءِ سنڌ جي مختلف ديني مدرسن جهڙوڪ جامعه اسلاميه بدرالعلوم حسينيه بچل مياڻي سکر، حفظ القرآن حماديه خاڪي شاهه پل خيرپور ميرس ۽ جامعه اشرفيه لاهور مان علم پرائيندي جامعه حماديه مظهرالعلوم منزل گاهه سکر مان ١٩٩٩ع ۾ دوره حديث پڙهي سند يافته مولوي ٿي ويا. جڏهن ته پير شريف ۾ ڪجھ سبق جهڙوڪ حجة الله البالغه ۽ امام شاهه ولي الله محدث دهلوي جو فلسفو امام العصر حضرت مولانا سائين عبدالڪريم قريشي جن وٽ پڙهيا، ۽ تڪملہ حبيب آباد طاهر والي پنجاب ۾ ڪيائون. دوره حديث مڪمل ڪرڻ کان پوءِ ٢٠٠٠ع ڌاران تخصص في الفقه والفتويٰ جو ڪورس فقيهه اعظم حضرت مولانا مفتي حبيب الله شيخ جن وٽ جامعه اسلاميه ڪلفٽن ڪراچي ڪيو.

تخصص في الافتاء ۾ سندن مقالي جو عنوان هو: "کرنسی نوٹ کی اہمیت وشرعی حیثیت" جيڪو اڻ ڇپيل جي صورت ۾ موجود ۽ محفوظ اٿس.

سندن مشهور استادن ۾ حضرت مولانا محمد اسماعيل ميمڻ، حضرت مولانا محمد موسيٰ روحاني بازي ، حضرت مولانا منظور احمد نعماني، حضرت مولانا محمد مراد هاليجوي ، حضرت مولانا حضور الدين بروهي، حضرت مولانا محمد ابراهيم ڪورائي، حضرت مولانا محمد قاسم ملتاني ، حضرت مولانا علي محمد سهنڊڙو ۽ حضرت مولانا شفيع محمد انڙ شامل آهن.

مولانا صاحب بحيثيت استاد

ديني تعليم پرائڻ کان پوءِ جامعه اسلاميه تعليم القرآن حماديه ٽيڙهي ۾ بطور مدرس ۽ استاد آهن. پاڻ انهيءَ مدرسي ۾ تفسير، حديث، فقهه، اصول فقهه ۽ ٻين فنون جا ڪتاب پڙهائي رهيا آهن. پاڻ ان ئي مدرسي جا مهتمم، شيخ الحديث ۽ صدر مدرس پڻ آهن. جڏهن ته ٽيڙهيءَ جي بنات مدرسي ۾ سندن ئي اهم ڪردار آهي، بنات ۾ هڪ سو کان وڌيڪ عالماٽيون شاگردياڻيون اٿن.

سندن مشهور شاگردن ۾ مولانا عبدالقادر ميمڻ (استاد جامعه اسلاميه تعليم القرآن حماديه ٽيڙهي)، مولانا عبدالباسط انڙ (استاد جامعه اسلاميه تعليم القرآن حماديه ٽيڙهي)، مولانا عبدالصمد شيخ ليڪچرار آئي بي ڪاليج اباوڙو، مولانا صغير احمد پنهور (استاد مدرسه عربيه عطاء العلوم رپڙي) ۽ قاري عبدالستار انڙ (استاد جامعه اسلاميه تعليم القرآن حماديه ٽيڙهي) شامل آهن.

بيعت

سندن پهرئين بيعت حضرت سائين عبدالڪريم قريشي پير شريف واران سان ڪيائون. سائين جن جي وفات کان پوءِ مولانا فضل ڪريم ٽوٻي صوابي جن سان بيعت ڪيائون ۽ ڪانئن خلافت به مليل اٿن ۽ مسڪين پور مظفر ڳڙهه پنجاب جي درگاهه جي گادي نشين حضرت مولانا محمد شاهه قريشي جن کان به خلافت مليل اٿن

سياسي تعلق جمعيت علماء اسلام اٿن، پاڻ جمعيت علماء اسلام يونٽ جا امير ۽ جنرل سيڪريٽري به رهي چڪا آهن. ان کان سواءِ پاڻ شهري مسئلا حل ڪرڻ ۾ پڻ ڀرپور ڪردا ادا ڪري رهيا آهن.

مولانا عبدالجبار چاچڙ

03003140671

مرڪنڊڙ ۽ ڪلنڊڙ، نيڪ سيرت ۽ صورت، جامعہ اسلاميہ تعليم القرآن حماديہ ٺيڙهيءَ ۾ علم جي جوت جلائيندڙ هر دلعزيز انسان.

نالو ۽ نسب

مولانا عبدالجبار بن محرم خان چاچڙ ڳوٺ واحد بخش چاچڙ لڳ ڪنڊرا تعلقي روهڙي ۽ ضلعي سکر ۾ ١٩٧٦ء ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

ديني تعليم جي شروعات قاعده ۽ ناظره سان مدرسہ عربيہ تعليم القرآن ٺيڙهي ۾ ڪيائون. حفظ جي تڪميل بہ انهيءَ ساڳئي مدرسي ١٩٨۴ء ڌاران ڪيائون. عربي ۽ فارسي جي شروعات جامعہ دينيہ دارالهديٰ ٺيڙهي ۾ ڪيائون. جڏهن تہ وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ جي مختلف ديني مدرسن جو رخ ڪيائون، جهڙوڪ مدرسہ عربيہ حزاب الابرار چڪ، جامعہ اسلاميہ بدرالعلوم بچل شاهہ مياڻي سکر، جامعہ فاروقيہ نئون پنڊ سکر، جامعہ حماديہ مظهر العلوم منزل گاهہ سکر،مدرسہ عربيہ احياء العلوم ظاهر پير مان تعليم حاصل ڪندي دوره حديث سنڌ جي نهايت ئي قديمي ۽ ديني درسگاهہ جامعہ دينيہ دارالهديٰ ٺيڙهيمان ١٩٩۴ء ۾ پڙهي سند يافتہ مولوي ٿي ويا. جڏهن تہ جامعة العلوم الاسلاميہ علامہ محمد يوسف بنوري ٽائون مان بہ دوره حديث ڪيائون. ۽ جامعہ نصرة العلوم گوجرانوالہ ۾ دوره تفسير پڙهيو اٿن.

سنڌن مشهور استادن ۾ استاذالعلماء حضرت مولانا محمد اسماعيل ميمڻ، استاذالعلماء حضرت مولانا مفتي غلام قادر ميمڻ، حضرت مولانا محمد مراد هاليجوي، حضرت مولانا سرفراز خان صفدر ۽ استاذالعلماء حضرت مولانا عبدالغفار جمالي شامل آهن.

مولانا صاحب بحيثيت استاد

چاچڙ صاحب جن درس نظامي مڪمل ڪرڻ کان پوءِ سنڌ جي مختلف ديني مدرسن ۾ تعليمي فرائض سرانجام ڏئي چڪا آهن، جهڙوڪ دارالقرآن قديمي جامع مسجد ٺيڙهي ۾ ڏهہ سال صدر مدرس جي حيثيت سان تعليمي فرائض سرانجام ڏئي چڪا آهن. جڏهن تہ پاڻ هن وقت جامعہ اسلاميہ تعليم القرآن حماديہ ۾ بطور مدرس ۽ ناظم تعليمات آهن، جتي پاڻ سپيني علوم ۽ فنون جا ڪتاب پڙهائي رهيا آهن، ان کان سواءِ پاڻ جامع مسجد ماشاء الله پيٽرول پمپ جا امام ۽ جامع مسجد شهيد ٺيڙهيءَ جا خطيب پڻ آهن.

سنڌن مشهور شاگردن ۾ مولانا عبدالشڪور ڦلپوٽو، مولانا عبدالله انصاري استاد ڳاڙهي موري، مولانا عبدالقادر ميمڻ(استاد جامعہ اسلاميہ تعليم القرآن حماديہ ٺيڙهي)،مولانا عبدالرزاق چاچڙ (خطيب جامع عرفات مسجد خيرپور ميرس)، مولانا محد ابراهيم پيو (استاد جامعہ دينيہ دارالهديٰ ٺيڙهي)، مولانا عبدالحميد تنيو (استاد جامعہ ابن عباس پير مڱيون، مولانا خليل الرحمٰن ميمڻ (خطيب جامع مسجد ماشاء الله پيٽرول پمپ ٺيڙهي)، مولانا محمود الحسن لغاري، مولانا شفيق الرحمٰن چاچڙ (خطيب جامع مسجد سينٽر جيل خير پور ميرس) ان کان سواءِ ٻيا بہ ڪوڙ شاگرد آهن جيڪي پنهنجن علائقن ۾ دين جو ڪم ڪري رهيا آهن.

مولانا رياض احمد پهوڙ

03003580308

نالو ۽ نسب

مولانا رياض احمد بن محمد ڪامل پهوڙ ڳوٺ مصري پهوڙ تعلقہ ٺل ضلع جيڪب آباد ۾ ١٩٧٨ء ڌاران پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

پرائمري پنهنجي ڳوٺ مان پاس ڪري ديني تعليم جي شروعات بہ

پنهنجي ئي ڳوٺ مصري پهوڙ ۾ حضرت مولانا محمد صالح پهوڙ رحہ جن وٽ ڪيائون. ابتدائي ڪتاب فارسي گلستان، بوستان ۽ حضرت مولانا محمد صالح پهوڙ رحہ جن وٽ پڙهيا. وڌيڪ تعليم جي حصول جي سنڌ جي مختلف ديني مدرسن جو رخ ڪيائون. جهڙوڪ: سراج االعلوم جيڪب آباد (جيڪو بابل خان جڪراڻي جو مدرسو آهي) دارالفيوض رستم، دارالفيوض ڪنڌ ڪوٽ، دارالعلوم اسعديہ ڪوٽ سبزل ۾ پڙهندي سيني علمن جي تڪميل ڪري ڪراچي جي نهايت ئي اعليٰ ديني اداري جامعہ دارالعلوم ڪراچي ۲۰۰۱ ڌاران عالم دين بڻجي ويا. سندن مشهور استادن ۾ حضرت مولانا صوفي عبدالواحد شيخ رحہ، حضرت مولانا احمد علي مهر، حضرت مولانا نعيم الله پناڻ، حضرت مولانا شبير احمد سولنگي، حضرت مولانا واحد بخش سڏايو، شيخ الاسلام حضرت مولانا مفتي محمد تقي عثماني، مفتي اعظم پاڪستان حضرت مولانا مفتي محمد رفيع عثماني، حضرت مولانا محمود اشرف عثماني، حضرت مولانا عبدالله برمي، حضرت مولانا رشيد اشرف سيفي، حضرت مولانا افتخار احمد شامل آهن.

مولانا رياض احمد پهوڙ بحثيت استاد

مولانا صاحب ديني علوم جي فراغت کان پوءِ مختلف ديني مدرسن ۾ بطور استاد رهي چڪا آهن. جهڙوڪ: هڪ سال باهو ڪوسي جي مشهور مدرسي ۾ ان کان پوءِ ۲۰۰۳ء ڌاران ميرپور شهر ۾ پنهنجي مدرسي جو بنياد رکيائون. مدرسي جو نالو مدرسہ عربيہ رياض العلوم حماديہ رکيائون. اتي نهايت ئي محنت سان تعليمي فرائض سرانجام ڏنائون. ان کان پوءِ ۲۰۰۵ء ڌاران نوري آباد ۾ ليبر ڪالوني ۾ امامت ۽ خطابت سان گڏوگڏ جامعہ دارالعلوم صديق اڪبر رضہ ۾ بطور صدر مدرس رهيا. ۲۰۰۸ء ڌاران جامعہ اسلاميہ ڪلفٽن ڪراچي ۾ ٻہ سال پڙهيائون، ان کان پوءِ دولت القرآن سرجاني ٽائون ڪراچي ۾ پڙهيائون. ان کان پوءِ ۲۰۱۰ء کان ۲۰۱۹ ٽائين جامعہ دارالعلوم امير حمزه نزد گلشن معمار ۾ استاد رهيا. جتي پاڻ دوره حديث ٽائين ڪتاب پڙهيائون. سندن مشهور شاگردن ۾ مولانا مفتي فريد احمد پهوڙ، مولانا محمد صفر ٻمبل، مولانا نثار احمد بروهي، مولانا منير احمد بروهي، مولانا فداء الرحمٰن افغاني، مولانا محمد ابراهيم افغاني شامل آهن.

ان کان سواءِ پاڻ بهترين ليکڪ پڻ آهن. پاڻ اسان جي رسالي ماهوار القاسم جي ابتدائي مضمون نگار آهن. پاڻ هن وقت پنهنجي ڳوٺاڻي مدرسي مدرسہ عربيہ رياض العلوم حماديہ ۾ ديني تعليم ڏيڻ ۾ سرگرم آهن. پاڻ مدرسي جا باني بہ آهن، مدرس بہ آهن مهتمم بہ آهن، نگران بہ يعني ڪرتا ڌرتا پاڻ ئي آهن. سندن ٻانهن ٻيلي سندن ڀائر محترم جان محمد پهوڙ، محترم لال محمد پهوڙ ۽ قاري امير احمد پهوڙ پڻ آهن.

مولانا شفيع محمد اڇڻ

03013427263

نالو ۽ نسب

مولانا شفيع محمد بن محمد ميرل ذات اڇڻ، ڳوٺ الله وسايو اڇڻ، ضلع خيرپور۾ ۱۹۷۱ء ڌاري پيدا ٿيو.

تعليم ۽ تربيت

حضرت مولانا شفيع محمد اڇڻ جن پنهنجي تعليم جي شروعات پنهنجي ڳوٺ الله وسايو اڇڻ کان ڪئي، وڌيڪ تعليم جي لاءِ سنڌ جي مختلف مشهور ۽ معروف ديني درسگاهن ۾ داخل ٿي تعليم حاصل ڪيائين. پاڻ جن مشهور ديني درسگاهن ۾ تعليم حاصل ڪئي، انهن ۾ جامعہ مظهرالعلوم حماديہ کهڙا ۽ جامعہ حماديہ خيرپور ميرس شامل آهن. سنڌ جي مشهور عالمن، استادن ۽ بزرگن وٽ پڙهي ۱۹۹۷ء ڌاران سيني علمن جي تڪميل ڪري سند يافتہ مولوي ٿي ويو.

سندن مشهور ۽ معروف استادن ۾ استاذالعلماء حضرت مولانا عبدالڪريم کهڙو، استاذالعلماء حضرت مولانا محمد عمر کهڙو، استاذالعلماء حضرت مولانا نعيم الله پناڻ، استاذالعلماء حضرت مولانا مير محمد ميرڪ وارو، استاذالعلماء حضرت مولانا سائين محمد رمضان ڦلپوٽو صاحب، حضرت مولانا عبدالعزيز ڪلوڙ، حضرت مولانا عبدالقادر شيخ ۽ حضرت مولانا مفتي اصغر علي آرائين شامل آهن.

مولانا صاحب بحيثيت مدرس

ديني تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ سنڌ جي مشهور ديني درسگاهن ۾ ديني علم پڻ پڙهائي چڪا آهن. پاڻ ڪجھ سال جامعہ حماديہ خيرپور ميرس، جامعہ دارالعلوم الشرعيہ روهڙي، مدرسہ عربيہ بيت الحڪمت ايئر پورٽ روڊ سکر ۽ مدرسہ عربيہ حسينيہ ٻيرلوءِ، مدرسہ عربيہ دارالعلوم اسعديہ سرحد (عمر ڏهو) ۽ دار ارقم سنڌي سوسائٽي سکر ۾ ديني تعليم ڏئي چڪا آهن.

سندن مشهور شاگردن ۾ مولانا عبدالفتاح چنو مهتمم مدرسہ عربيہ دارالعلوم اسعديہ سرحد (عمر ڏيهو) مولانا عبدالسميع پهوڙ، مولانا حامدالله اڄڻ، مولانا سليم الله شيخ، مولانا ڪليم الله پٽو، مولانا نويد احمد ڪٽبر ۽ حافظ راهب علي اوڳاهي شامل آهن.

ان کان سواءِ پاڻ ٻن بهترين ديني ادارن مدرسہ دارالعلوم اويسيہ سائٽ ايريا سکر ۽ دارالعلوم حماديہ ڳوٺ قلندر بخش پناڻ نزد راهوجا جا مهتمم آهن، جتي پاڻ ديني تعليم جي لاءِ هر وقت ڪوشان رهندا آهن.

ياد رهي تہ مولانا شفيع محمد اڄڻ جن پنهنجي مدرسي جو بنياد سن ٢٠٠١ء تي رکيو. سنگ بنياد ٻن مشهور وڏين شخصيت کان رکرايو. هڪ استاذالعلماء حضرت مولانا سائين ميرمحمد ميرڪ وارو، ٻي وڏي شخصيت استاذالعلماء حضرت مولانا قاري خليل احمد ، خطيب جامع مسجد بندر روڊ سکر، سندن مدرسو ديني مدرسن جي بورڊ ”وفاق المدارس العربيہ پاڪستان“ ۾ الحاق پڻ ٿيل آهي.

مولانا صاحب بحيثيت ڪالم نگار

پاڻ بهترين ڪالم نگار ۽ ليکڪ پڻ آهن. سندن مضمون سنڌ جي مشهور ديني رسالن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿيندا رهندا آهن. جهڙوڪ: ماهوار النصيحت سکر، ماهوار رهبر شريعت حيدرآباد ۽ روزاني سنڌ ايڪسپريس حيدرآباد جي اسلامي پرچي ۾ هر جمعہ تي سندن مضمون شايع ٿيندا آهن. ان کان سواءِ درسي ڪتابن جا ڪجھ شرح بہ لکيل اٿن جهڙوڪ: ارشادالصرف ۽ نحومير جيڪي اڻ ڇپيل آهن. جڏهن تہ پاڻ ابن حجر عسقلاني جي جڳ مشهور ڪتاب منبهات جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو اٿائون، جيڪو پڻ ڇپائيءَ جي مرحلي ۾ آهي.

مولانا حبيب الرحمٰن انڙ

03003142637

نالو ۽ نسب

مولانا حبيب الرحمٰن بن حافظ تاج محمد انڙ هاليجي شريف ۾ ١٩٧٦ء ڌاران پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

پرائمري پنهنجي هاليجي شريف مان پاس ڪيائين، جڏهن تہ قاعدو، ناظره قرآن پاڪ ۽ حفظ جا ١٩ پارا بہ هاليجي شريف ۾ استاد حافظ دوست علي لکڻ وٽ پڙهيائون، جڏهن تہ باقي رهيل پارا گمبٽ ۾ حافظ امير احمد سومري وٽ مڪمل حفظ ڪيائون.درس نظامي مختلف ديني مدرسن جامعہ دينيہ دارالهديٰ ٺيڙهي، جامعہ حماديہ خيرپور ميرس، مان تعليم حاصل ڪندي ڪراچيءَ جي مشهور ديني درسگاھ جامعہ بنوريہ سائيٽ ڪراچي مان ٢٠٠٢ء ڌاران سيني علمن جي تڪميل ڪري سند يافتہ فارغ التحصيل ٿيا.

سندن مشهور استادن ۾ استاذالعلماء حضرت مولانا مير محمد ميرڪ وارو، استاذالعلماء حضرت مولانا عبدالعزيز ڪلوڙ، حضرت مولانا مفتي اصغر علي آرائين، حضرت مولانا نعيم الله مهتمم جامعہ بنوريہ سائيٽ ڪراچي، حضرت مولانا حزب الله ميمڻ، حضرت مولانا قاضي سليم الله ميمڻ، حضرت مولانا عبيد الله هزاروي، حضرت مولانا عبدالحميد آرائين شامل آهن.

مولانا صاحب بحيثيت استاد

پاڻ ديني علوم جي فراغت کان پوءِ تدريس سان لاڳاپيل آهن. پاڻ جامعہ سراج العلوم باءِ پاس سکر ۾ مدرس آهن، جتي ڪيترن ئي سالن کان تفسير، حديث، فقھ، اصول فقھ ۽ ٻين فنون جا ڪتاب پڙهائي رهيا آهن. سندن مشهور شاگرد هي آهن. مولانا امتياز احمد جمالي، مولانا عبدالغفار الرو، مولانا عبدالرشيد جاگيراڻي، مولانا زبير احمد جمالي، مولانا حبيب الله جتوئي، مولانا مطيع الرحمٰن شامل آهن. ان کان سواءِ جامع مدني مسجد سوسائٽي سکر ۾ امام ۽ خطيب آهن، پاڻ درس قران پڻ ڏيندا رهندا آهن.

مولانا ثناء الله پٽو

03003429057

حافظ، عالم، خطيب، مدرس ۽ ڪيترن ئي خوبين سان مالا مال نهايت ئي جاکوڙي انسان.

نالو ۽ نسب

حضرت مولانا ثناء الله بن حضرت مولانا عبدالرحمٰن پٽو ١٩٧٥ء ڌاران جنو شريف تعلقہ ۽ ضلع شڪارپور ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

پنهنجي ڳوٺ جني شريف ۾ پرائمري پاس ڪري ديني تعليم جي شروعات بہ پنهنجي ڳوٺ پنهنجي ئي والد صاحب جي قائم ڪيل ديني اداري مدرسہ عربيہ دارالسلام ۾ ڪيائين. جامعہ حماديہ مظهر العلوم کهڙا ۾ پڻ تعليم حاصل ڪيائين. ۽ دوره تفسير وقت جي يگاني عالم حضرت مولانا سرفراز خان صفدر (فاضل دار العلوم ديوبند) جن وٽ گوجرانوالہ ۾ پڙهيو اٿن ۽ حضرت مولانا مفتي محمد جاجروي جن وٽ بہ رحيم يار خان ۾ دوره تفسير پڙهيو. جڏهن تہ سنڌ جي ديوبند جامعہ دينيہ دارالهديٰ ٺيڙهي ۾ ١٩٩٧ء ڌاران دوره حديث پڙهي فارغ التحصيل ٿيا. درس نظامي مڪمل ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي والد استاذالعلماء حضرت مولانا عبدالرحمٰن پُٽي جن وٽ قرآن پاڪ حفظ ڪيائون

سندن مشهور استادن ۾استاذالعلماء حضرت مولانا مفتي غلام قادر ميمڻ ، حضرت مولانا عبدالعزيز ملڪ، حضرت مولانا حزب الله ميمڻ، حضرت مولانا محمد رمضان ڦلپوٽو، حضرت مولانا عبدالڪريم ڪهڙو، حضرت مولانا غلام مصطفيٰ جمالي، حضرت مولانا هدايت الله ميمڻ، حضرت مولانا قاضي سليم الله، حضرت مولانا غلام اصغر پٽي، حضرت مولانا عبيدالله سولنگي شامل آهن.

مولاناصاحب بحيثيت مدرس

پاڻ درس نظامي مڪمل ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي ئي والد صاحب استاذالعلماء حضرت مولانا عبدالرحمٰن پٽي جي قائم ڪيل ديني اداري مدرسہ عربيہ دارالسلام جني ۾ ديني تعليم ڏيڻ لڳا. ان سان گڏو گڏ پاڻ پنهنجي ئي ڳوٺ جني جي جامع مسجد جا خطيب پڻ آهن ۽ پنهنجي مدرسي جي مسجد شريف ۾ رمضان المبارڪ ۾ تراويح پڙهائڻ جو معمول اٿن، جيڪو اڄ سوڌو جاري آهي. جڏهن تہ سياسي تعلق جمعيت علماء اسلام سان اٿن ۽ پاڻ جمعيت علماء اسلام تعلقي شڪارپور جا سنيئر نائب امير، يوسي جنو جا امير، صوبائي ۽ ضلعي عمومي جا ممبر پڻ آهن. ۽ سندن روحاني تعلق حضرت مولانا عبدالحفيظ مڪي سان آهي.

مولانا مسعود احمد سومرو

03362732720

مولانا علي محمد حقاني رحہ جو جانشين، سندن علمي وارث، صاحب اخلاق، علم ۽ عمل جو مجسمو، جامعہ اسلاميہ اشاعت القرآن والحديث لاڙڪاڻي جو استاذالحديث، جامعہ اسلاميہ قديمي مدرسي جو مهتمم، فاروقي مسجد جو امام ۽ خطيب

نالو ۽ نسب

مولانا مسعود احمد بن استاذالعلماء حضرت مولانا علي محمد حقاني رحہ ڳوٺ عاقل لڳ لاڙڪاڻي شهر ۾ ١٩٧٧ء ڌاران پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

پاڻ تعليم جي شروعات پنهنجي والد محترم حضرت مولانا علي محمد حقاني جن وٽ ڪئي. رابعہ تائين جامعہ اسلاميہ اشاعت القرآن لاڙڪاڻي ۾ پڙهيا. ان پوءِ سنڌ جي مختلف ديني مدرسن جو رخ ڪيائون. جهڙوڪ جامعہ عربيہ مفتاح العلوم حيدرآباد، جامعہ دارالفيوض الهاشميہ

سجاول، جامعہ دارالعلوم اسعديہ ڪوٽ سبزل، مان تعليم حاصل ڪندي جامعہ دارالعلوم ڪراچي مان ٢٠٠٠ء ڌاران سيني علمن جي تڪميل ڪري مڪمل عالم دين بڻجي ويا. جڏهن تہ پاڻ طاهر والي پنجاب ۾ مولانا منظور احمد نعماني جن وٽ فنون جي تڪميل پڻ ڪئي. سندن استادن ۾ مولانا امان الله جمالي، مولانا مفتي غلام رسول عباسي، مولانا نعيم الله پناڻ، مولانا شبير احمد سولنگي، مولانا سائين عبدالغفور قاسمي رحہ. مولانا محمد صالح الحداد، مولانا مفتي محمد رفيع عثماني، شيخ الاسلام مولانا مفتي محمد تقي عثماني، مولانا مفتي محمود اشرف عثماني شامل آهن.

مولانا مسعود احمد سومرو بحيثيت استاد

پاڻ ديني علوم جي فراغت کان پوءِ پاڻ پنهنجي ئي مادر علمي جامعہ اسلاميہ اشاعت القرآن لاڙڪاڻي ۾ درس نظامي پڙهائي رهيا آهن. پاڻ انهيءَ مدرسي ۾ استاذالحديث آهن. سندن شمار وڏن استاد ۾ ٿيندو آهي. پاڻ انهيءَ مدرسي ۾ دوره تفسير ڇهہ پيرا پڙهائي چڪا آهن. سندن شاگردن جو تعداد تمام گهڻو آهي. جڏهن پاڻ پنهنجي مدرسي جامعہ اسلاميہ قديمي مدرسي جا مهتمم ۽ صدر مدرس پڻ آهن، جيڪو بنين ۽ بنات ۾ ڪم ڪري رهيو آهي. جنهن ۾ تقريبا ٧٠ مسافر طلباء زير تعليم آهن. ان کان پاڻ ناشر بہ آهن، پاڻ مڪتبہ ابو خالد شهيد رحہ جا باني مباني آهن. جنهن تحت ڪيترائي علمي، اصلاحي ۽ درسي ڪتاب پڻ شايع ڪري چڪا آهن. سندن اداري مڪتبہ ابو خالد شهيد رحہ پاران شايع ٿيل ڪتاب هي آهن. (١) شان مصطفيٰ (٢) مقامات فضليہ، (٣) ڏاڙهي ڪوڙائڻ کان بچو، مولانا عطاء الله بن ابي بڪر عباسي جو ڏاڙهيءَ بابت نهايت ئي بهرين مواد تي مشتمل آهي. (٤) پاڪدامن جواني، (٥) شرعي پردي جي اهميت، شرح جامي هي ڪتاب مولانا حفيظ الله آرائين جو شرح جامي تي سنڌيءَ ترتيب ڏنل آهي، جيڪو اصل ۾ مولانا جان محمد راڄپر صاحب جن جا افادات آهن، (٦) مهربان رب کي ڪيئن پرچايون. نبوي خط، هي ڪتاب اصل ۾ منصوره جي عالم محدث امام ابو جعفر ديبلي سنڌي جو عربيءَ نبي ڪريمﷺ جن جي مبارڪ خطن تي مشتمل مڪاتيب النبيﷺ جي نالي سان مخطوط کي محقق العصر پروفيسر ڊاڪٽر مولانا حافظ عبدالشهيد نعماني جن تحقيق ۽ تخريج ڪري تفصيلي مقدمي

سميت فرامين نبويﷺ جي نالي سان اردو ۾ شايع ڪيو، جنهن جو سنڌي ترجمو احقر راقم الحروف نبويﷺ خط جي سان ترجمو ڪيو، جنهن کي مولانا مسعود احمد صاحب جن پنهنجي اداري مڪتبہ ابو خالد شهيد رحہ پاران شايع ڪيو آهي.

مولانا مسعود احمد صاحب جن اولياء اتقياء سان تعلق ۽ نسبت رهي آهي، اهي آهن. حضرت مولانا خواجہ خان محمد ڪنديان شريف، حضرت مولانا عزيز الرحمٰن هزاروي رحہ اسلام آباد، حضرت مولانا شاهہ حڪيم محمد اختر رحہ، حضرت مولانا شاهہ عبدالله فيروز ميمڻ شامل آهن.

ان کان سواءِ پاڻ نهايت ئي بهترين خطيب پڻ آهن. پاڻ جلسن ۽ جمعن تي خطاب ڪندا رهندا آهن، سندن خطابت جو انداز نهايت اثرائتو ۽ دل پزير هوندو آهي. سندن تقرير ۾ گهڻو زور خوف خدا ۽ آخرت جي تياري بابت هوندو آهي. ان کان سواءِ پاڻ بهترين مضمون نگار پڻ آهن، سندن ليک ماهوار صراط مستقيم لاڙڪاڻو، ٿماهي العلم سکر ۽ ٻين رسالن ۾ شايع ٿي چڪا آهن.

مولانا محمد راشد ڪوسو

نالو ۽ نسب

مولانا محمد راشد بن عبيدالله ڪوسو ٢٥ مئي ١٩٧٠ء ڌاري ڳوٺ دوست محمد ڪوسو تعلقہ شهدادپور ضلع سانگهڙ ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ پڙهيا. سندن والد استاد عبيد الله پرائمري ماستر ۽ تمام بهترين پانهو هيو. سندن پورو خاندان تعليم سان وابستہ آهي.

وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاء سنڌ جي مختلف ديني مدرسن جو رخ ڪيائون. رابعہ تائين جامعہ ارشاد العلوم ميرڪ ۽ محراب پور مان تعليم حاصل ڪندي دوره حديث حيدرآباد جي مشهور ديني مدرسي جامعہ عربيہ مفتاح العلوم مان مڪمل عالم دين بڻجي ويا.

سندن مشهور استادن ۾ حضرت مولانا ميرمحمد هنجراهه، حضرت مولانا ڊاڪٽر مفتي محمد ادريس سومرو، حضرت مولانا جان محمد راڄپر، حضرت مولانا مفتي شمس الرحمان ۽ حضرت مولانا عبدالرئوف شامل آهن.

مولاناصاحب بحيثيت استاد

ديني علوم جي فراغت کان پوء ڪين پنهنجي ئي مادر علمي ۾ جامعہ عربيہ مفتاح العلوم ۾ پڙهائڻ جو موقعو مليو. پاڻ وڏي محنت ۽ شوق سان پڙهائيندا هئا. پاڻ انهي مدرسي ۾ صرف ۽ نحو کان ويندي هدايہ تائين ڪتاب پڙهايائون. اتي ساندهہ ٢٢ سال تدريسي خدمتون سر انجام ڏنائون. ان کان سواءِ سچل سرمست ڪاليج حيدرآباد ۾ بہ ليڪچرار هئا. اولاد ۾ ڪين پنج پٽ ۽ ڇهہ نياڻيون آهن. سندن دلي خواهش هئي تہ سندس اولاد عالم ٿئي. الحمد لله سندن ٻہ پٽ مولوي صدام حسين انقلابي ۽ محمد عميس عالم ٿيا آهن. سندن وفات ١٢ سيپٽمبر ٢٠١١ مدرسي اندر دل جو دورو پوڻ سبب ٿي.

مولانا ثناء الله سومرو

03013150955

مولانا ثناء الله سومرو شيخ جڳ مشهور عالم دين حضرت مولانا محمد قاسم سومرو صاحب جي گهر ۾ ١٩٧١ء ڌاري پيدا ٿيو. سندن گهراڻو علم جي ڪري گهڻو مشهور آهي.

تعليم ۽ تربيت

سندن والد صاحب ڪين سن ١٩٨٦ء ۾ جامعہ اسلاميہ دارالفضل هالاڻي ۾ ديني تعليم لاء ڇڏيو،جتي استاد قاري فتح محمد، قاري عبدالستار، ۽ قاري گل محمد صاحب جن وٽ ڇئن سالن جي عرصي ۾ مڪمل قرآن مجيد حفظ ڪيو.

درس نظامي جي تعليم مدرسہ ارشادالعلوم ميرڪ ۽ جامعہ انوارالعلوم ڪنڊيارو ۾ سنڌ جي مشهور عالمن ۽ استادن جهڙوڪ

استاذالعلماء حضرت مولانا سائين مير محمد ميرڪ وارا، استاذالعلماء حضرت مولانا مفتي محمد ادريس سومرو، استاذالعلماء حضرت مولانا عبدالعزيز ڪلوڙ حضرت مولانا عبدالاحد ڪبر، حضرت مولانا عبدالعليم گهانگرو جن کان سڀني علمن جي تڪميل ڪري دستار بند مولوي ٿي ويو. فراغت کان پوءِ سڪرنڊ شهر ۾ مدينہ مسجد ۽ مدرسہ اشعة العلوم ۾ عربي ۽ حفظ جي شعبي ۾ تعليمي فرائض سرانجام ڏئي چڪا آهن. ۽ ٻہ سال جامعہ فاطمة الزهراء للبنات ڪنڊيارو ۾ نياڻين کي تعليم ڏنائون.

سن ٢٠٠٢ء کان جامع مسجد بلال، سنڌ يونيورسٽي ڪالوني حيدرآباد ۾ امامت ۽ خطابت جا فرائض سرانجام ڏئي رهيا آهن. جتي سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد جا ڪتاب تصحيح پڻ ڪندا آهن. اهڙي طرح درس قرآن مجيد ۽ خطابت جي ڪري لکيل پڙهيل، توڙي عوامي حلقي ۾ گهڻو مشهور آهن. پاڻ روزانو سومهڻي کان پوءِ درس قرآن پڻ ڏيندا آهن.

مولانا صاحب بحيثيت ڪالم نگار ۽ ليکڪ

جيئن تہ حضرت مولانا ثناء الله سومرو صاحب درس نظامي جو مڪمل عالم دين آهي، پاڻ ٻين اهم خوبين سان گڏوگڏ لکڻ پڙهڻ سان سڻو شوق رکن ٿا. سنڌ جي مشهور رسالن جهڙوڪ: ماهوار گل ڦل سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، ماهوار القاسم ڪوٽڙي، ماهوار الفاروق ڪراچي ۾ سندن مضمون ۽ مقالا شايع ٿيا آهن. ان کان سواءِ درس نظاميءَ جي مشهور ڪتابن مان ارشادالصرف ۽ نحومير جا سولي سنڌي ۾ شرح پڻ لکيا آهن، جيڪي اڃا تائين ڪتابي شڪل ۾ ڇپجي نہ سگهيا آهن.

ان کان سواءِ پنهنجي مسجد شريف ۾ لائبريري پڻ قائم ڪئي اٿائين، جنهن ۾ تقريبا هر موضوع تي ڪتاب موجود آهن.

مولانا محمد علي فاروقي

03113592886

فاروقي نسبتن جو حامل، بيدار دماغ، خطابت ۽ درس ۽ تدريس ۾ پاڻ ملهائيندڙ، نيڪ سيرت ۽ صورت هتي سندن تعارف پيش ڪجي ٿو.

نالو ۽ نسب

محمد علي فاروقي بن حاجي واحد بخش مهر ۱۹۷۳ع ڌاران ڳوٺ عبدو ضلع شڪارپور ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

ابتدائي تعليم پنهنجي ئي ڳوٺ عبدو ضلع شڪارپور ۾ شروع ڪيائون. ناظره قرآن مجيد حضرت مولانا الله بخش سومري رحہ جن وٽ پڙهيا. ان کان پوءِ جامعہ دينيہ دارالهديٰ ٺيڙهي (حبيب آباد) ۾ حضرت مولانا عبدالبصير بروهي جن وٽ فارسي ۽ ڪجھ عربي ڪتاب پڙهيا. ان کان پوءِ مدرسہ عربيہ حزب الابرار چڪ شهر ۾ حضرت مولانا محمد اسماعيل ميمڻ جن عربي جا ڪتاب پڙهيا. ان کان پوءِ مدرسہ عربيہ محمدي پير جو ڳوٺ ۾ حضرت مولانا محمد هارون بنگلاڻي جن وٽ پڙهيا.ان کان پوءِ جامعہ فاروقيہ نئون پنڊ سکر ۾ پڙهيا. ان ئي مدرسي ۾ سيني علمن جي تڪميل ڪري دوره حديث پڙهي عالم دين بڻجي ويا. سندن مشهور اهم استادن ۾ حضرت مولانا احمدعلي مهر، حضرت مولاناعبدالقادر بنگلاڻي، حضرت مولانا مولا بخش نون، حضرت مولانا محمد ابراهيم لاشاري ۽ حضرت مولانا ثناء الله ڪاڪيپوٽو شامل آهن. فراغت کان پوءِ پاڻ مختلف علائقن ۾ ديني تعليم ڏئي چڪا آهن. جڏهن تہ جمعيت تعليم القرآن سکر شاخ ۾ تقريباً ۱۳ سال ساندهہ پڙهايائون. پاڻ هن وقت پنهنجي ڳوٺ عبدو جي جامع مسجد ۾ امامت، خطابت سان گڏو گڏ ٻارڙن کي قرآن پاڪ جي تعليم ڏيڻ ۾ مصروف آهن. ان کان سواءِ پاڻ انهيءَ مسجد ۾ درس قرآن پاڪ بهڏيندا رهندا آهن. سندن سياسي تعلق جمعيت علماء اسلام سان اٿن. پان نهايت ئي جاکوڙي انسان آهن، هر وقت محنت ۽ جاکوڙ سان دين جو ڪم ڪري رهيا آهن.

مولانا عبدالغني چوهاڻ

03009318281

نالو ۽ نسب

مولانا عبدالغني چوهاڻ بن امير بخش ۱۹۷۴ع ڌاران پيدا ٿيو.

تعليم ۽ تربيت

مولانا عبدالغني چوهاڻ صاحب پنهنجي تعليم جي شروعات سکر شهر جي قديمي ديني درسگاهہ جامعہ مخزن العلوم نزد ٿرمل پاور هائوس سکر کان ۱۹۸۰ع ڌاران ڪئي. ۱۹۸۳ع ۾ قرآن ڪريم حفظ مڪمل ڪيائون، ان کان پوءِ درس نظاميءَ جي شرعات بہ ساڳئي مدرسي کان ڪئي، مختصر القدوري تائين انهيءَ مدرسي ۾ پڙهيا. بعد ۾ وڌيڪ علم حاصل ڪرڻ لاءِ سکر جي جامعہ حماديہ مظهر العلوم منزل گاهہ سکر ۾ داخل ٿي سيني علمن جي تڪميل ڪري دستار بڌي ۱۹۹۲ع ۾ سند يافتہ مڪمل عالم ٿي ويو.

سندن مشهور استاد هي آهن: مولانا محمد هاشم چوهاڻ (باني و مهتمم جامعہ مخزن العلوم نزد ٿرمل پاور هائوس سکر) مولانا محمد مراد هاليجوي (مرڪزي نائب امير جمعيت علماء اسلام) مولانا محمد ابراهيم ڪورائي، مولانا علي محمد سهندڙو، مولانا محمد اسماعيل ميمڻ، مولانا عبدالڪريم شيخ رحہ ۽ مولانا عبدالرحمٰن سومرو شامل آهن.

مولانا صاحب بحيثيت استاد

جامعہ حماديہ مظهرالعلوم منزل گاهہ سکر ۾ ڪيترن ئي سالن کان مدرس ۽ استاد آهن، جتي پاڻ قرآن ۽ حديث، فقهہ ۽ اصول فقهہ، تاريخ، منطق ۽ فسلفو پڙهائي رهيا آهن. پاڻ انهيءَ مدرسي ۾ مدرسي جي استاد هئڻ سان گڏ مدرسي جا ناظم پڻ آهن.

مولانا صاحب بحيثيت ليکڪ ۽ ڪالم نگار

پاڻ لکڻ کي بہ وقت ڏين ٿا، ان حوالي سان سندن ليک سنڌ جي مشهور رسالن توڙي اخبارن ۾ شايع ٿيا آهن. جهڙوڪ: ماهوار النصيحت سکر، روزاني هلال پاڪستان ڪراچي ۾ سندن مضمون شايع ٿيا آهن. ان کان سواءِ پاڻ بہ پيپرا يونين ڪائونسل نمبر ۱ ناظم ٿي چڪا آهن. پنهنجي دور ۾ علائقي جي بهترين خدمت ڪيائون

ان کان سواءِ مولانا عبدالغني چوهاڻ صاحب هن وقت سنڌ يونيورسٽي مان ايم فل پڻ ڪري رهيا آهن.

مولانا اقبال احمد سومرو

03003414225

نالو ۽ نسب

مولانا اقبال احمد بن مولانا علي محمد حقاني ذات سومرو سندن پيدائش لاڙڪاڻي ۱۷_ ۳_ ۱۹۷۲ع ۾ ٿي.

تعليم ۽ تربيت

جيئن تہ مولانا اقبال احمد سومرو جن جو والد گرامي سنڌ جو برک عالم دين حضرت مولانا علي محمد حقاني هيو، جيڪو تمام بهترين عالم هو، ڪين سيني علمن تي مڪمل دسترس حاصل هوس، جنهن وٽ ڪئي علم جي اڃارن علم حاصل ڪيو. ان ڪري مولانا اقبال احمد سومري جن بہ پنهنجي تعليم جي شروعات پنهنجي عظيم والد حضرت مولانا علي محمد حقاني جن وٽ ڪئي، مولانا اقبال احمد جن فارسي، اردو ۽ عربيءَ جا اهم ڪتاب پنهنجي عظيم والد حضرت مولانا علي محمد حقاني ۽ ٻين استادن جهڙوڪ: حضرت مولانا محمد امين ميمڻ ، حضرت مولانا غلام مصطفيٰ اظهر ، ۽ مولانا غلام رسول عباسي دامت برڪاتهم جن وٽ پڙهي آخري سال دورهءِ حديث سنڌ جي ديوبند جامعہ دينيہ دارالهديٰ ٺيڙهيءَ ۾ ۱۴۱۵ هجري ڌاران مڪمل ڪري سنڌ جي وڏن عالمن جهڙوڪ استاد العلماء حضرت مولانا غلام قادر ميمڻ ، حضرت مولانا حزب الله ميمڻ، حضرت مولانا غلام مصطفيٰ جمالي جن وٽ حديث شريف جا آخري ڪتاب دستار بَڌي سند يافتہ مولوي ٿي ويو. ان کان سواءِ سنڌ يونيورسٽي کان ۱۹۹۳ع ڌاران اسلامڪ ڪلچر ۾ ايم اي پڻ ڪئي.

مولانا صاحب بحيثيت استاد

پاڻ درس نظاميءَ کان فارغ ٿيڻ کان پوءِ پنهنجي والد صاحب جي قائم ڪيل ديني اداري جامعہ اسلاميہ اشاعت القرآن والحديث دوادئي روڊ لاڙڪاڻي ۾ ڪافي وقت اڳ پڙهايائون.پاڻ فارسي ۽ رياضي جو ماهر آهن، انهيءَ ڪري پاڻ فارسي جا سٺا ۽ قابل استاد آهن.پاڻ جامعہ اسلاميہ

اشاعت القرآن والحديث دوادئي روڊ لاڙڪاڻي ۾ ڪيترائي سال استاد ۽ ناظم جي حيثيت سان ڪم ڪيو آهي، جنهن زماني آئون لاڙڪاڻي پڙهندو هوس ان زماني ۾ مولانا جن ناظم جي حيثيت سان ڪم ڪري رهيا هئا. هن وقت عربي گورنمنٽ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي ۾ عربي ٽيچر آهن، پاڻ اسڪول ۾ بہ ٻارڙن کي توحيد ۽ سنت جي تعليم ڏئي رهيا آهن.

سندن مشهور شاگرد هي آهن: حضرت مولانا مسعود احمد سومرو لاڙڪاڻو، حضرت مولانا عبدالباسط آرائين لاڙڪاڻو، حضرت مولانا سليم الله عباسي.

هن وقت پاڻ بہ ديني ادارا سنڀالي رهيا آهن، هڪ ڪراچيءَ ۾ آهي، ٻيو سندن ئي شهر لاڙڪاڻي ۾ آهي. جتي پاڻ ٻنهي مدرسن جي اهتمام ۽ انتظام سنڀالي رهيا آهن.

مولانا مفتي عبدالواحد چاچڙ

03012539311

ماهوار شريعت سکر جو ايڊيٽر ۽ جامعہ دارالعلوم الشريعہ روهڙيءَ جو ڪرتا ڌرتا،

نالو ۽ نسب

مولانا عبدالواحد بن مولانا مفتي عبدالوهاب بن مولانا عبدالقادر بن مولانا نورمحمد ڪنڊوي بن ملا ڪرڙ بن محمديوسف بن محمديعقوب ۱۵جنوري۱۹۷۵ع مطابق ۲محرم الحرام ۱۳۹۵هہ ڳوٺ مولوي محمد يوسف چاچڙ لڳ قادرپور تعلقو گهوٽڪي ۾ پيدا ٿيا، مولانا جن جو خاندان علمي خاندان آهي، جنهن ۾ ڪيترائي عالم فاضل ٿي گذريا آهن ۽ هن وقت هن خاندان ۾ وڏي تعداد ۾ عالم سڳورا ۽ مفتي صاحبان موجود آهن.

تعليم ۽ تربيت

مولانا قرآن مجيد ناظره ۽ پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ حاصل ڪئي، پرائمري تعليم پنهنجي علائقي جي مشهور استاد علي انور چاچڙ

وٽ پرائي، سندس وڏن ڀائرن مولانا ڊاڪٽر عبدالقادر ۽ مولوي عبدالحق به انهيءَ استاد وٽ پرائمري تعليم پڙهيا هئا.

١٩٨٥ع ۾ پنهنجي والد صاحب جن جي قائم ڪيل مدرسي جامعه عربيه دارالعلوم الشرعيه روهڙي ۾ پنهنجي والد صاحب جن جي شفقت ۾ تربيت ۾ عربي تعليم جو آغاز ڪيائون جتي سندس ٻئي وڏا ڀائرمولانا ڊاڪٽر عبدالقادر ۽ مولوي عبدالحق به پڙهندا هئا جن جي به شفقت سبب علم جو هي سفر زياده آسان ٿي ويو. هن مدرسي ۾ فارسي جا اڪثر ڪتاب مولانا عبدالواحد شيخ ٽريچاڻوي رحه وٽ پڙهيا مولانا عبدالواحد بهترين ۽ مشهور ڪاتب هو ان وقت ڪيترائي ڪتاب سندس ڪتابت ٿيل مطبعن طبع ڪيا هئا ۽ ڪجھ ڪتاب پنهنجي والد سڳوري وٽ پڙهيا، ارشادالصرف مولاناعبدالحي گانگهرو وٽ پڙهي جيڪو مولانا عبدالمجيد لنجار جو پيارو ۽ قابل شاگرد آهي. بقايا ڪتاب درجه رابعه تائين هن مدرسه ۾ پڙهيا جن مان اڪثر ڪتاب پنهنجي والد سڳوري وٽ پڙهيا، جن ۾مختصر قدوري، ڪافيه، شافيه ۽ شرح جامي شامل آهن. ۽ ڪجھ ڪتاب مولاناعبدالحي گانگهرو ۽ مولانا محمداسماعيل چاچڙ وٽ پڙهيا.

١٩٩٢ع ۾ سنڌ جي مشهور ديني درسگاهه جامعه اشرفيه سکر ۾ درجه خامسه ۾ داخلا ورتائون، جتي قرآن جي ترجمي جا پهريان ١٠ پاره ۽ هدايه اول مولانا اسلام الدين آرائين رحه وٽ ۽ ديوان متنبي مولانا مفتي عبدالمجيد دينپوري شهيد رحه وٽ، حسامي مولانا عبدالمالڪ پيري رحه وٽ ،مختصرالمعاني مولانا عبدالرحمان سومرو رحه وٽ پڙهي. درجه سادسه ۾ هدايه ثاني مولانا عبدالرحمان سومرو رحه وٽ، ديون حماسه مولانا عبدالمالڪ پيري رحه وٽ، جلالين مولانا قاري خليل احمد رحه وٽ، سراجي مولانا محمدطيب وٽ، التوضيح والتلويح ۽ ميبذي شيخ الحديث مولانا عبدالحي گهوٽو رحه وٽ پڙهي.

درجه موقوف عليه ۾ بيضاوي شريف مولانا علم الدين بلوچ رحه وٽ، هدايه ثالث مولانا عبدالمجيد دينپوري شهيد رحه وٽ، هدايه رابع شيخ الحديث مولانا عبدالحق رحه وٽ ۽ مشڪواة شريف جلد اول مولانا عبدالحميد مهر ڪندو واهڻ واري وٽ ۽ مشڪواة ثاني مولانا مفتي محفوظ وٽ پڙهي.

دوره حديث ۾ صحيح بخاري اول مولانا علم الدين بلوچ رحه وٽ

صحيح بخاري ثاني مولانا عبدالحق رحه وٽ ۽ ترمذي شريف مولانا مفتي عبدالمجيد دينپوري رحه وٽ صحيح مسلم جلد اول استاد مولانا قاري خليل احمد رحه وٽ صحيح مسلم جلد ثاني مولانا عبدالمالڪ پيري رحه وٽ، ابودائود شريف مولانا عبدالرحمان سومرو رحه وٽ سنن ابن ماجه ۽ سنن النسائي مولانا نذيراحمد رحه وٽ پڙهيا. سندس فراغت ١٩٩٦ع جي شروعات ۾ ٿي.

فراغت کان بعد تڪميل لاءِ طاهر والي پنجاب ويا جتي مولانا منظور احمد نعماني ۽ مولانا الله بخش رحه وٽ تڪميل جا ڪتاب حمدالله، قاضي مبارڪ، ملا عبدالغفور ۽ خيالي پڙهيا. طبيعت جي ناچاڪي جي ڪري صرف پهرين شش ماهي تائين پڙهيا. اتي سندس هم سبق ساٿي مولانا عبدالباسط لاڙڪاڻوي، مولانا محموداحمد ڪورائي دوڙ، مولاناعبدالله چاچڙ سکر ۽ مولانا محمد يحيٰ جاگيراڻي دبر وارو ۽ پنجاب جي مختلف علائقن جا ڪجھ ساٿي هئا.

١٩٩٦ع جي آخر کان تاحال الحمدلله پنهنجي والد صاحب جي قائم ڪيل مدرسه جامعه عربيه دارالعلوم الشرعيه روهڙي ۾ تدريسي خدمتون سرانجام ڏيئي رهيا آهن. ١٩٩٨ع کان قائم ڪيل مدرسة البنات ۾ به سبق پڙهائي رهيا آهن.

ماهوار شريعت سکر جا جولاءِ ٢٠٠٧ کان ايڊيٽر آهن. خاص ڪري ٢٠١٠ع ۾ سندس وڏي ڀاءُ مولانا ڊاڪٽر عبدالقادر جن جي گهوٽڪي بدلي ٿي وڃڻ کان پوءِ وارا شريعت رسالي جاسمورا شمارا سندس والد مولانا مفتي عبدالوهاب جن جي نگراني ۾مولانا عبدالواحد جن ترتيب ڏيئي قارئين تائين پهچائن ٿا.

مولانا جن شاعري به ڪندا آهن سندس شاعري ماهوار صراط مستقيم لاڙڪاڻو ۽ ماهوار شريعت سکر ۾ شايع ٿي آهي ۽ سنڌ جي مشهور نعت خوانن خاص ڪري الحاج امدادالله ڦلپوٽو پڻ سندس نهيل شعر چيا آهن.

مولانا جن جو سياسي تعلق جمعيت علماء اسلام سان آهي ، هن وقت به جمعيت علماء اسلام تعلقي روهڙي جا امير آهن.

سندس بيعت حضرت مولانا پيرذوالفقاراحمد نقشبندي جن سان ٿيل آهي.

مولانا جن ڪافي عرصي کان مختلف موضوعن تي مضمون لکندا رهن ٿا.

سنڌس ڪجھ ڪتاب شايع ٿيل آهن جن ۾ (۱) ماتم جي شرعي حيثيت يعني اتخاذ الماتم من الماثم جو سنڌي ترجمو. (۲) ترجمو حاصل رسالہ اتخاذ الماتم من الماثم (۳) عربي ٻولي جو آسان قاعدو.

ڪافي ڪتاب غيرمطبوعہ آهن جن ۾ (۱) استحاب رفع اليدين في الدعاء بعد المكتوبة (عربي) (۲) مات عامل سنڌي منظوم (۳) ارشادالصرف سنڌي ترجمو (۴) ۱۰۰ملفوظات حافظ پير ذوالفقاراحمد نقشبندي سنڌي ترجمو (۵) مولانا محمدحيات سنڌي جي شرح نووي جو سنڌي ترجمو. ۽ ٻيا بہ ڪيترائي ڪتاب شامل آهن. ان کان سواءِ پاڻ ماهوار شريعت سسکر جا ايڊيٽر ۽ ماهوار شريعت جي سلسلي اوهان جا سوال جا جواب بہ پنهنجي والد محترم مولانا مفتي عبدالوهاب چاچڙ جن جي نگرانيءَ ۾ لکندو رهندو آهي. ۽ ماهوار شريعت ۾ مستقل مضمون پڻ لکندو رهي ٿو.

مولانا قمرالدين ملاٽو

03213101680

نالو ۽ نسب

مولانا قمر الدين بن مولانا دين محمد بن محمد پنهل بن پيينو ملاٽو ۱۱ ربيع الاول ۱۳۹۱ هجري ۱۹۷۱ پيينو ملاٽو ديھ گهري پوسٽ آفيس سلطانپور تعلقہ پنو عاقل ضلع سکر پيدا ۾ ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

ابتدائي تعليم پنهنجي والد محترم وٽ قرآن پاڪ ناظره ۽ دينيات مڪمل طور تي حاصل ڪئي پنج ڪلاس اسڪول ڳوٺ محمد امين مهر ۾ استاد پياري سمائر وٽ حاصل ڪئي بعد ۾ والد محترم پڇا ڪئي تہ هاءِ اسڪول ۾ پڙهندي يا حافظ قرآن ٿيندي الله تعاليٰ مون کان حافظ قرآن لاءِ الفاظ چورايا، پوءِ وڏي ڀاءُ مولانا عزيزالله سان گڏجي سکر اچي ڳول مسجد بئراج ڪالوني ۾ استاد قاري محمد اسماعيل ميمڻ جن وٽ تجويد

سان قرآن پاڪ جي شروعات ڪيائون ۽ هڪ پارو عم جو حفظ ڪيائون بعد ۾ پنو عاقل مدرسہ مدينة العلوم لوڙهي واري ۾ ڀاءُ مولوي ثناءُ الله سان گڏ داخلا ورتي حفظ جا نو پارا اتي قاري شاھ محمد رحيم يار خان واري وٽ حفظ ڪيائون. انهيءَ سال منزل گاھ سکر ۾ داخلا ٿي ڪجھ مهينن کان پوءِ مدرسہ منزل گاھ ۾ استاد قاري عبدالحليم انڊر مدرسہ مدينة العلوم علي واهڻ نزد روهڙيءَ ۾ پڙهائڻ لاءِ ويو پاڻ بہ ان ساڻس گڏجي مدرسي ويا، جتي پاڻ حفظ قرآن مڪمل ڪيائون بعد ۾ گهوٽڪي رحم واري ۾ سائين قاري امير الدين ملڪ وٽ تجويد پڙهيا، بعد ۾ مدرسہ مدينة العلوم پنو عاقل ۾ استاد عبدالحليم چنا جن وٽ پهلي فارسي ۽ ڪريما پڙهيائون، پنو عاقل ۾ جميعت طلباءِ اسلام ۾ سرگرم ڪارڪن جي طور تي ڪم ڪيائون، پنو عاقل فوجي ڇاوڻي نامنظرو جي چاڪنگ ڪندي ساڻن گڏ قمر الدين ڪولاچي بہ گرفتار ٿيو. باقي فارسي جامعہ حماديہ مظهرالعلوم منزل گاھ ۾ استاد ڪريم بخش چڪرو وٽ نام حق پند نامو گلستان بوستان پڙهيا، جامعہ حماديہ مظهرالعلوم منزل گاہ ۾ شيخ الصرف ونحو مولانا محمد اسماعيل پرِيالوي وٽ ارشاد الصرف نحومير ماة عامل عبدالرسول شرح ماة عامل، هدايت نحو پڙهيا. هڪ سال خيرپور ميرس ۾ مدرسہ حفظ القرآن حمايہ ۾ ڪافيہ قال اقول ساڳئي استاد وٽ پڙهيا. قدوري مولانا عبدالاحد ڪٻر وٽ تيسيرالمنطق ايسا غوجي مولانا عبدالله بليدي وٽ پڙهيا باقي دور حديث تائين جامعہ حماديہ مظهرالعلوم منزل گاھ ۾ مڪمل ڪيائون حضرت مولانا محمد مراد هاليجوي رحہ، مولانا حضور الدين مولانا محمد ابراهيم ڪورائي، مولانا محمد قاسم ڪبير والا مولانا علي محمد سهنڊڙو مولانا عبدالحي چنو سندن استادن ۾ شامل آهن دوره حديث ۱۹۹۹ ۾ مولانا فضل الرحمٰن صاحب جي هٿان دستار فضيلت ٿي،

فراغت کان پوءِ جامع اسلاميہ ڪلفٽن ڪراچي ۾ شيخ الحديث حضرت مولانا مفتي حبيب الله جن وٽ تخصص في الفقہ (مفتي جو ڪورس) ڪيائون.

مولانا قمرالدين ملاٽو بحيثيت استاد

۲۰۰۰ کان ۲۰۱۰ تائين مدرسہ منزل گاھ ۾ استاد رهيا ان کان علاوه آچر گهٽيءَ سکر ۾ هڪ ادارو بنات جو قائم ڪيو.

مولانا عبدالفتاح سڏايو

03003387908

نالو ۽ نسب

مولانا عبدالفتاح بن مولانا نصير محمد سڏايو ڳوٺ غلام حيدر سڏايو عرف منڊوءَ جي وانڍ ضلع شڪارپور پوسٽ آفيس همايون شريف ۾ ۴ جنوري ۱۹۷۷ ڏاران پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

ننڍپڻ ۾ ئي سکر بچل شاهه مياٽي ۾ لڏي رهائش اختيار ڪيائون. ناظره قرآن پاڪ بچل شاهه ۾ قاري شمس الدين ملڪ (مرحوم) وٽ پڙهي پورو ڪيائون. پرائمريءَ جي تعليم به بچل شاهه جي گورنمنٽ اسڪول ۾ حاصل ڪيائون. فارسيءَ جي تعليم پنهنجي والد حضرت مولانا نصير احمد سڏائي وٽ حاصل ڪيائون. پوءِ ارشاد الصرف جامعه فاروقيه ۾ استاد مولانا ذوالفقار انڙ جن وٽ پڙهيا، پوءِ هڪ سال شڪارپور ۾ پنهنجي والد صاحب وٽ ۽ مدرسه حبيبيه ۾ به رهيا بعد ۾ ۱۹۸۹ع کان وٺي ۱۹۹۴ع تائين جامعه فاروقيه ۾ موقوف عليه تائين تعليم حاصل ڪيائون. ۱۹۹۵ع ۾ نيڙهي شريف ۾ دوره حديث پڙهي سيني علمن جي تڪميل ڪري سند يافته مولوي ٿي ويا.

سندن مشهور استاد هي آهن: حضرت مولانا مفتي استاد غلام قادر ميمڻ، حضرت مولانا غلام مصطفيٰ جمالي، حضرت مولانا حزب الله ميمڻ، حضرت مولانا هدايت الله ميمڻ، حضرت مولانا غلام حسين لاشاري، حصر مولانا احمد علي مهر، حضرت مولانا عبدالقادر بنگلاٽي، حضرت مولانا مولا بخش نون، حضرت مولانا حاجي علي مهر.

مولانا صاحب بحيثيت استاد

ديني علوم جي فراغت کان پوءِ پاڻ پڙهڻ پڙهائڻ ۾ مصروف آهن پهريون سکر ۾ ڪجهه وقت پڙهايائون، ۱۹۹۷ع کان ڪراچي ۾ رهائش اختيار ڪيائون جتي پاڻ هن وقت جامع مسجد محمدي ۾ امامت ۽ خطابت سان گڏ قرآن پاڪ جي تعليم ۾ مصروف آهن.

مولانا ظهور احمد انڊڙ

03014354379

نالو ۽ نسب

مولانا ظهور احمد بن ميان عبدالعليم انڊڙ هاليجي شريف ۾ پهرين نومبر۱۹۷۹ء ڏاران پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

ابتدائي تعليم جنيد وقت قطب الاقطاب حضرت حمادالله هاليجوي جن جي فرزند ۽ پنهنجي ناني ولي ڪامل صاحب صدق و صفا حضرت مولانا محمود حسين نور الله مرقده کان حاصل ڪئي ۽ پرائمري به پنهنجي ڳوٺ جي اسڪول ۾ پاس ڪيائون. پوءِ ناظره قرآن ڪريم هڪ مهيني ۾ سکر گول مسجد مدرسه ۾ استاد عبدالڪريم شيخ صاحب وٽ پورو ڪري انهيءَ مدرسي ۾ حفظ قرآن ڪريم استاد مولانا قاري اسدالله ميمڻ صاحب وٽ ۱۹۹۴ ع ۾ پوروڪيائون. ان سان گڏو گڏ ميٽرڪ به پاس ڪيائون.

پوءِ پنو عاقل هائير سيڪنڊري اسڪول ۾۱۹۹۶ ع ۾ انٽر پاس ڪيائون. ان کان بعد به سال صالح تعلقي جي ڳوٺ ڪوٽي ڪپر جي مسجد ۾ نماز ۽ پار پڙهائيندا رهيا. وري استاد مولانا اسدالله ميمڻ صاحب جي حڪم تي۱۹۹۹ ع ۾ عربي تعليم لاءِ مدرسه مفتاح العلوم حيدرآباد ۾ اٺ سال پڙهي۲۰۰۷ ع ۾ دؤره حديث شريف استاد جان محمد راڄپر صاحب وٽ ڪيو. عربي جي استادن ۾ فاضل ديوبند استاد مفتي شمس الدين مهتمم مفتاح العلوم، استاد مولانا جان محمد راڄپر، استاد مولانا غلام محمد جوٽيجو، استاد محمد راشد ڪوسو، مولانا عبدالسلام قريشي، مولانا داد شاهه بروهي، مولانا سيف الرحمان آرائين، مولانا عبدالقيوم پنجاپي، مولانا محمد رمضان ميمڻ ۽ مفتي حبيبالله پناڻ شامل آهن.

درجه اولي جي دؤران ئي شادي پنهنجي مامي ولي ابن ولي حضرت مولانا حافظ احمد ميان حمادي دامت برڪاتهم وٽان ٿي، دؤران طالب علمي جي ئي ڳوٺ محمد يوسف بلوچ ڪوٽڙي ۾۲۰۰۲ ء کان مرڪزي جامع مسجد رحماني ۾ امامت ۽ خطابت سان گڏ و گڏ مسجد جي مدرسه ۾

ناظره ۽ حفظ قرآن ڪريم جو سلسلو ۽ عشاء کان بعد تعليم بالغان جو سلسلو شروع ڪيائون. جنهن ۾ محلي جي سوين ٻارن ۽ وڏن قرآن ڪريم ناظره ۽ ڪجھ حفظ قرآن ڪريم بہ مڪمل ڪيو. دؤران تعليم جمعيت طلباء اسلام ضلع ڄام شورو جو پهريون صدر منتخب ٿيا. بعد ۾ جي يو آء تلقي ڪوٽڙي جو جنرل سيڪريٽري بہ ٿيا. ان دؤران شهيد اسلام علامہ ڊاڪٽر خالد محمود سومرو شهيد سان تمام گهري تعلق سبب ڪافي پرائڻ جو موقعو مليو. ڊاڪٽر صاحب بہ هڪ مربي ۽ محسن جي ان رهنمائي ڪندا هئا ۽ ايندي ويندي رحماني مسجد ۾ اچي نگاه شفقت ڪنداهئا.

ان کان علاوه ڪوٽڙي نانگولين بدعتين رافضين ۽ غير مقلدن جو ڳڙهه هيو اسان جي ديوبند مسلڪ جي هڪ بہ مسجد نہ هئي الحمدللہ بزرگن ۽ استادن جي رهنمائي ۽ حڪمت عملي سان ڪيترين ئي مسجدين مان بدعتين کي ڀڄائي اهي مسجديون ديوبند مسلڪ ۾ رجسٽرڊ ڪرايون ۽ پوري ڪوٽڙي ۽ آسپاس ۾ وڏن وڏن بزرگن عالمن ۽ خطيبن کي گهرائي اصلاحي پروگرام ڪرائي عام مسلمانن جي صحيح رهنمائي ڪرڻ جي ڪوششون ڪيون. ڪوٽڙي نانگو فقير درگاه تي سؤ سالن کان لڳندڙ ميلو سائين عبدالرزاق ڏهراج جي تعاون سان بند ڪرائي ان جڳہ هتي شان اولياآء اللہ جو پروگرام ڪرائيندا پيا اچون. ۽ اهڙن پروگرامن جو ڄار پوري ڪوٽڙي ۾ وڇايو سين جيڪو الحمدللہ اڄ تائين جاري ۽ ساري آهي. ٢٠١٠ء ۾ ڪراچي اردو يونيورسٽي ۾ بطور ليڪچرار اسلاميات هڪ سال ڊيلي ويج تي خدمت بہ ڪيائون. ٢٠١١ء ۾ سنڌ يونيورسٽي ٽيسٽ پاس ڪري ٽيچر ٿيا ايس ٽي مئي ۾ آرڊر مليو ۽ ڳوٺ گنگو شباڻي پرائمري اسڪول ۾ آرڊر ٿيو ۽ ٢٠١٨ء ۾ پنهنجي ڳوٺ درگاه هاليجي شريف جي ڪيمپس هائي اسڪول ۾ بدلي ڪرائي هن وقت هاليجي شريف اسڪول ۾ پڙهائي رهيا آهن.

مولانا امان اللہ سمائر

03023469954

نالو ۽ نسب

مولانا امان اللہ سمائر بن حافظ غلام النبي سمائر ڳوٺ برڙ شريف تعلقہ پنو عاقل ۾ ١٩٧٩ء ڌاران پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ برڙ شريف ۾ حاصل ڪيائون. جڏهن تہ پاڻ حفظ قرآن ڳوٺ صلاحي چاچڙ ۾ پنهنجي عزيز استاد حافظ محمد يوسف سمائر جن وٽ ١٩٩٥ء ۾ مڪمل ڪري حفظ جي دستار ٻڌائون. درس نظامي درگاه عاليہ قادريہ راڊيہ حماديہ جي زيرنگرانيءَ ۾ هلندڙ ديني اداري جامعہ مدينة العلوم (لوڙهي واري) ۾ سڀني علمن جي تڪميل ڪري ٢٠٠٥ء ڌاران سند االفراغ جي سند حاصل ڪيائون. پاڻ بخاري شريف جي ابتدائي سبق مرشد الموحدين ولي ڪامل حضرت مولانا سائين عبدالصمد هاليجوي دامت برڪاتهم جن وٽ پڙهيا. جڏهن تہ ٻين استادن ۾ حضرت مولانا احمد علي مهر شڪارپور وارا. حضرت مولانا مفتي محمد طاهر هاليجوي. حضرت مولانا محمد نواز اوڳاهي غوثپور وارا ۽ حضرت مولانا شبير احمد چاچڙ ميرپور ماٿيلي وارا شامل آهن.

مولانا امان اللہ سمائر بحيثت استاد

ديني علوم جي فراغت کان پوءِ پاڻ پنهنجي ڳوٺ ۾ مدرسو نالي مدرسہ عربيہ شمس الهديٰ حماديہ قائم ڪري ديني علوم پڙهائڻ ۾ مصروف آهن. پاڻ هڪ پاسي مدرسي جا مهتمم آهن. اتي پاڻ مدرس بہ آهن. ان کان سواءِ پاڻ نهايت ئي بهترين خطيب پڻ آهن. پاڻ پنهنجي ڳوٺ جي جامع مسجد قبا جا امام ۽ خطيب آهن ۽ مسجد ۾ روازنو قرآن پاڪ جو درس پڻ ڏيندا آهن. پاڻ جمعيت علماء اسلام جا فعال ۽ سرگرم ڪارڪن آهن.

ڊاڪٽر محمود حسن چنڙ

03003191364

نالو ۽ نسب

مولانا ڊاڪٽر محمود حسن بن حافظ عبدالحق چنڙ. سنڌن ولادت ٤ جنوري ١٩٨٢ء ڌارن ڳوٺ رئيس مبارڪ چنڙ ضلع گهوٽڪي ۾ ٿي.

تعليم ۽ تربيت

پاڻ حفظ ۽ ناظره پنهنجي ڳوٺ ۾ مڪمل ڪيو، عربيءَ جي شروعاتي تعليم بہ پنهنجي ڳوٺ ۾ پنهنجي وڏي ڀاءُ حضرت مولانا نذيراحمد چنڙ جن کان شروع ڪئي. ان کان پوءَ وڌيڪ تعليم جي حصول لاءِ سکر شهر جي عظيم ديني ۽ علمي درسگاهہ جامعہ اشرفيہ والس روڊ سکر ۾ تعليم حاصل ڪندي آخرڪار ۲۰۰۳ع ڌاران فراغت حاصل ڪري سند يافتہ مولوي ٿي ويو. فراغت حاصل ڪرڻ کان پوءِ ڪراچيءَ جي مشهور ديني مدرسي جامعة العلوم الاسلاميہ علامہ بنوري ٽائون ۾ وقت جي جراح عالم دين ۽ محدث دارالعلوم ديوبند جي فاضل حضرت علامہ مولانا عبدالحليم چشتيءَ جي نگرانيءَ ۾تخصص في الحديث جي سند اعليٰ درجي ۾ حاصل ڪئي. ان کان سواءِ پاڻ محقق العصر حضرت مولانا حافظ ڊاڪٽر محمد عبدالشهيد نعمانيءَ جي نگرانيءَ ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ مان ۲۰۱۲ع ڌاران پي ايچ ڊي ڊگري حاصل ڪري ڊاڪٽر بڻيو.

سندن مشهور استاد هي آهن: حضرت مولانا نذيراحمد چنڙ، (سندن وڏو ڀاءُ) استاذالعلماء حضرت مولانا ڊاڪٽر عبدالشهيد نعماني، استادالعلماء حضرت مولانا عبدالحليم چشتي، استاذالعلماء حضرت مولانا عبدالغفار جمالي، استاذالعلماء حضرت مولانا قاري خليل احمد بنڌاڻي، استاذالعلماء حضرت مولانا عبدالمالڪ پيري.

ڊاڪٽر صاحب بحيثت استاد

مولانا ڊاڪٽر محمود حسن چنڙ جن فراغت حاصل ڪرڻ کان پوءِ وفاقي وزارت مذهبي امور اسلام آباد‌جي نگرانيءَ ۾ هلندڙ ماڊل ديني مدرسہ سکر ۾ پنج سال پنهنجي تدريسي ۽ تعليمي خدمت ادا ڪندو رهيو، ۲۰۱۱ع ڌاران سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ۾ عربي زبان جي ليڪچرر امتحان پاس ڪري ليڪچرر جي پوسٽ تي منتخب ٿيا، جيڪي هن وقت تائين سکر ايليمينٽري ڪاليج آف ايجوڪيشن ۾ نهايت ئي ايمانداريءَ سان پنهنجون خدمتون پيش ڪري رهيا آهن.

ڊاڪٽر صاحب بحيثت ليکڪ ۽ ڪالم نگار

سندن سڀ کان پهرئين باقاعده تصنيف سندن پي ايچ ڊي جو

مقالوآهي، سندن مقالي جو عنوان آهي:"منحة الباري في روايات صحيح البخاري"، هي ڪتاب سنڌ جي پراڻي ۽ برک عالم دين ۽ فقيهہ علامہ محمد عابد سنڌي جي مشهور قلمي ڪم تي تحقيق ۽ تخريج ڪري هڪ اهم ۽ تحقيقي ڪم سرانجام ڏنو اٿس. جنهن لاءِ ڊاڪٽر صاحب سڄي سنڌي قوم لاءِ واڌاين ۽ شاباس جو حقدار آهي، جنهن کي ايندڙ نسل ضرور سونهري لفظن ۾ اکرن ۾ ياد ڪندو. ڊاڪٽر صاحب جن جو ٻيو تحقيقي ڪم علامہ قائم سنڌي جي مخطوط ۽ قلمي ڪتاب"فوزالڪرام بما ثبت في وضع اليدين تحت السرة او فوقها عن الشفيع المظلل بالغمام" تي ڪيو آهي. هي ٻئي ڪتاب خالص علمي ۽ فقهي ڪتاب آهن، جن تي ڊاڪٽر صاحب جن خالص علمي نهج وارو ڪم سرانجام ڏنو آهي.

ان کان سواءِ پاڻ عربي، اردو، فارسي، انگريزي ۽ سنڌيءَ جا سٺا ڄاڻو ۽ عالم آهن، پاڻ سڀني ٻولين ۾مضمون ۽ مقالا تقريبا لکندا رهندا آهن، ان سان گڏوگڏ پاڻ هڪ بهترين نقاد پڻ آهن، سندن قلم مان بي شمار علمي ۽ تحقيقي مضمون ۽ مقالا لکجي چڪا آهن.

مولانا فضل الرحمٰن اڄڻ

03029223946

نهايت ئي جاکوڙي جوان، همدرد ڪلٽو ۽ مرڪٽو، ۽ وفادار ساٿيءَ بهترين مدرس ۽ مهتمم.

نالو ۽ نسب

مولانا فضل الرحمٰن بن مولانا عبدالحق اڄڻ ۱۹۸۰ع ڌاران ضلع خيرپور ميرس تعلقي ڪنگري جي هڪ ننڍي ڳوٺ پير چائون ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

تعليم جي ابتدا پنهنجي والد مولانا عبدالحق جن وٽ ڪئي، سندن ڏاڏي جو خيال هو تہ منهنجو پوٽو حافظ ٿئي، پر الله تعاليٰ کي ٻيو ڪجهہ منظور هو. سندس والد گرامي حضرت مولانا عبدالحق صاحب کيس حضرت سائين پير شريف وارن ڏي وٺي ويو ۽ سائين جن کان دعا گهرائڻ

لاءِ عرض ڪيو تہ سائين دعا گهرو تہ هي منهنجو پٽ حافظ ٿئي. حضرت سائين جن فرمايو تہ مان حافظ ٿيڻ جي لاءِ دعا نہ گهرندس، البت هن کي مولوي ڪرائيندين تہ هن لاءِ دعا بہ گهران ٿو ۽ هن لاءِ مصري بہ پڙهي ڏيان ٿو، اللہ تعاليٰ توهان جي پٽ کي عالم بڻائي. حضرت سائين پير وارن جي مشوري سان جامعہ حماديہ خيرپورميرس ۾ داخل ٿيا. اتي ڪجھ سال پڙهڻ کان پوءِ سنڌ جي عظيم اداري جامعہ اسلاميہ شمس الهديٰ ڪولاب جيئل جو رخ ڪيائون، جتي وقت جيد عالم، رازي زمان، استاذالعلماء، استاذالڪل حضرت مولانا غلام محمد پنهور جن جي خدمت ۾ پهچي علم جي تڪميل ڪيائون ۽ ۲۰۰۳ء ڌاران دستار بَنّدي سند يافتہ عالم بڻجي ويو. درس نظامي مڪمل ڪرڻ کان پوءِ ڪراچي جي مشهور ديني مدرسي جامعہ اسلاميہ ڪلفٽن ۾ استاذالعلماء حضرت مولانا مفتي حبيب اللہ شيخ جي نگراني ۾ تخصص في الفقھ (مفتي جو ڪورس) ڪيائون. سندن مشهور استادن ۾ حضرت مولانا مير محمد هنجراھ ميرڪ وارا، حضرت مولانا مفتي اصغر علي آرائين، حضرت مولانا مفتي عبدالقادر پنهور، حضرت مولانا عبدالشڪور پنهور ۽ حضرت مولانا نعمت اللہ نعماني شامل آهن.

مولانا صاحب بحيثيت استاد

پاڻ ديني تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ مختلف ديني مدرسن ۾ تعليمي فرائض سرانجام ڏئي چڪا آهن، جهڙوڪ مدرسہ عربيہ نورالهديٰ گچيرو روڊ مورو،جامعہ رياض العلوم لطيفيہ، ڪنڊيارو، مدرسہ عربيہ انوارالتوحيد گمبٽ ۽ پنهنجي مادر علمي جامعہ اسلاميہ شمس الهديٰ ڪولاب جيئل، جامعہ دارالعلوم حماديہ باگو ڦلپوٽو، هن وقت جامعہ شمس الهدايت ڊپ مهر شاھ ۾ استاذالحديث آهن.

ان کان سواءِ پاڻ مدرسہ عربيہ قوة الاسلام حماديہ جا مهتمم پڻ آهن، مولانا صاحب جن اڻ سان هي مدرسو علمي ترقي ڪري چڪو آهي، سندن اچڻ کان اڳ هن مدرسي ۾ حفظ ۽ ناظره جي پڙهائي ٿيندي هئي. مولانا صاحب جن جي اچڻ سان مدرسو ثانويہ عامہ تائين ترقي ڪري ويو آهي. جڏهن تہ مدرسي پاران سالانہ عظيم الشان جلسو پڻ ڪرائيندا آهن. جنهن ۾ مرڪزي ۽ صوبائي اڳواڻ شرڪت ڪندا آهن، ان سان گڏوگڏ پاڻ بہ جمعيت علماء اسلام جا سرگرم ڪارڪن آهن، ضلعي عمومي جا پڻ ممبر آهن.

مولانا علي اصغر لاڙڪ

03026228611

درس ۽ تدريس سان گڏوگڏ شاعري ۽ مضمون نويسي ڪندڙ نوجوان عالم دين

نالو ۽ نسب

مولانا علي اصغر بن غلام النبي لاڙڪ ڳوٺ موليڏنو تعلقو ڪنڊيارو ضلع نوشهرو فيروز ۾ ۱۹۸۰ء ڌاران پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ موليڏنو لاڙڪ، نزد ٺاروشاھ مان حاصل ڪري وڌيڪ تعليم جي لاءِ سنڌ جي مشهور ديني مدرسي جامعہ ارشادالعلوم ميرڪ ۾ سيپني علمن جي تڪميل ڪري ۱۹۹۹ء ڌاران مڪمل عالم ٿي ويا. سندن مشهور استادن ۾ حضرت مولانا مير محمد هنجراھ، حضرت مولانا مفتي محمد ادريس سومرو، حضرت مولانا عبدالعزيز ڪلوڙ، حضرت مولانا شبير احمد هنجراھ ۽ حضرت مولانا نظر محمد اڄڻ شامل آهن.

مولانا علي اصغر لاڙڪ بحيثيت استاد

ديني علوم جي فراغت کان پوءِ سنڌ جي مختلف ديني مدرسن ۾ تعليمي فرائض سرانجام ڏئي چڪا آهن. جهڙوڪ: مفتاح العلوم عزيزيہ شاهپور چاڪر، اشرف العلوم ٽنڊو باگو ضلع بدين، مدرسہ عربيہ صديقہ ڳوٺ حاجي گل محمد مري نزد ٽنڊو آدم، مدرسہ عربيہ اشاعت القرآن والحديث منيٰ مسجد ڄام شور ۽ هن وقت پاڻ مدرسہ عربيہ دارالقرآن ڪريميہ ڄام شورو ۾ درس نظامي پڙهائي رهيا آهن. ان کان سواءِ پاڻ سنڌ ٽيڪسٽ بورڊ ڄام شور جي مسجد ۾ امام ۽ خطيب آهن.

پاڻ شاعر بہ آهن، سندن شاعري سنڌ جي مشهور نعت خوانن ڳائي آهي. جهڙوڪ: الحاج امداداللہ ڦلپوٽو، نعمت اللہ سولنگي، علي گوهر

ڏاريجو، اظهار الحق صديقي، وقار احمد ڏنگراج جن سندن شاعري ڳائي آهي. ان کان سواءِ پاڻ مختلف ديني رسالن ۾ مضمون نويسي بہ ڪندا رهندا آحن. جهڙوڪ: ماهوار صراط مستقيم لاڙڪاڻو، ماهوار الفاروق ڪراچي ۽ ماهوار گل ڦل ادبي بورڊ ڄام شور ۾ سندن ليک شايع ٿيندا رهن ٿا.

مولانا محمد عارف الحسيني

نالو ۽ نسب

مولانا محمد عارف بن حاجي عنايت الله شيخ ١٩٧٣ء ڌاران ڳوٺ رهڙي تعلقہ ۽ ضلع شڪارپور ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

مولانا محمد عارف الحسيني صاحب جن تعليم جي شروعات جامعہ دارالهديٰ ٺيڙهي حبيب آباد ضلع خيرپور ميرس ۾ ڪئي، ان کان پوءِ وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ جي مشهور ۽ معروف ديني ادارن جو رخ ڪيو. مشهور ديني مدرسن جهڙوڪ: جامعہ فاروقيہ نئون پنڊ سکر، انوارالعلوم باهوڪوسو، جامعہ شمس العلوم ڪرڙاهہ ۾ پنهنجي وقت جي جيد عالمن کان ديني علمن جي تڪميل ڪندي جامعہ دينيہ دارالهديٰ ٺيڙهي حبيب آباد کان ١٩٩٢ء ڌاران دروهءِ حديث پڙهي مولوي ٿيا.

سندس مشهور استادن ۾ استاذالعلماء حضرت مولانا مفتي غلام قادر ميمڻ رحہ، استاذالعلماء حضرت مولانا غلام حسين لاشاري رحہ، استاذالعلماء حضرت مولانا عبدالحي گهوٽو، استاذالعلماء حضرت مولانا عبدالقادر بنگلاٽي، استاذالعلماء حضرت مولانا عبدالحي چنو شامل آهن.

مولانا محمد عارف الحسني بحيثيت مدرس

مولانا جن جيئن تہ ديني علمن جي تڪميل ڪرڻ کان پوءِ سندن محبوب ۽ پيارو مشغلو پڙهڻ پڙهائڻ آهي. ١٩٩٣ء کان هن وقت تائين پاڻ پنهنجي مدرسي، مدرسہ عربيہ دارالقرآن مائيڪرو ٿاور ۾ صدر مدرس آهن. سندن مشهور شاگردن ۾ مولانا شمس الدين شيخ، مولانا عبدالقيوم رند، مولانا مير

محمد ٻجاراڻي، مولانا زبير احمد جمالي، حضرت حفيظ الله شيخ، عبدالغفار ٻرڙو، جيڪي پنهنجن علائقن ۾ دين جو ڪم ڪري رهيا آهن.

مولانا محمد طارق حسين سنڌي

03002818222

خطابت جي ميدان جو راهي، درس ۽ تدريس ۾ پنهنجي علمي صلاحيت خرچ ڪندڙ، جمعيت علماء اسلام جو جيالو ۽ سرگرم ۽ فعال ڪارڪن جمعيت علماء اسلام جي اجلاسن ۾ نهايت ئي جوش ۽ جذبي سان تقرير ڪري ڪارڪن کي گرمائڻ سندن تقرير جي خصوصيت آهي.

نالو ۽ نسب

مولانا مفتي محمد طارق حسين مهر بن گل محمد بن شبهباز خان مهر ١٩٨٠ ڌاران شڪارپور شهر ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

پاڻ پهريون دنيوي تعليم حاصل ڪيائون. ان جو وچور هن هن ريت آهي. ميٽرڪ تائين وزيرآباد لکي غلام شاهہ جي اسڪول ۾ پڙهيا، انٽر تائين شڪارپور ڊگري ڪاليج ۾ پڙهيا.بي اي سي شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپو ميرس مان ڪيائون. ديني تعليم جو آغاز ١٩٩٩ء ۾ ڪيائون. چاڪاڻ تہ سندن والد گرامي کي شوق هو تہ منهنجو پٽ دنيوي تعليم حاصل ڪري وڏو مقام حاصل ڪري. پر قدرت کي ٻيو ڪجهہ منظور هو. ان ڪري پاڻ ديني تعليم نهايت ئي ڏکن ڏاکڙن ۾ حاصل ڪئي آهي. جن مدرسن مان تعليم حاصل ڪئي آهي، اهي هي آهن. جامعہ ارشادالعلوم ڪنڊو واهڻ ۾ استاذالعلماء حضرت مولانا عبدالحميد مهر جن وٽ شروعات ڪيائون، ان کان پوءِ وڌيڪ تعليم پرائڻ لاءِ سنڌ جي مختلف ديني مدرسن جو رخ ڪيائون، جامعہ اشرفيہ سکر، مدرسہ عربيہ فيض القرآن انڙ ڳوٺ لڳ وزيرآباد،جامعہ قاسم العلوم گهوٽڪي، مدرسہ عربيہ سراج العلوم جيڪب آباد مان تعليم حاصل ڪندي سکر شهر جي

مرڪزي ديني اداري جامعہ حماديہ مظهرالعلوم منزل گاهہ سکر مان **۲۰۰۵**ء ڌاران سيني علمن جي تڪميل ڪري سند يافتہ مولوي ٿي ويا. سندن اهم استادن ۾ شيخ الصرف حضرت مولانا عبدالحميد مهر، حضرت مولانا محمد مراد هاليجوي رحہ حضرت مولانا نثار احمد پتافي رحہ، حضرت مولانا عبدالغفار جمالي،حضرت مولانا عبدالقادر چاچڙ رحہ، حضرت مولانا واحد بخش سڏايو دامت برڪاتهم شامل آهن.

مولانا محمد طارق حسين بحيثيت استاد

ديني علوم جي فراغت حاصل ڪرڻ کان پوءِ مختلف ديني مدرسن ۾ بطور استاد رهي چڪا آهن. مدرسہ عربيہ فيض القرآن انڙ ڳوٺ ۾ پنج سال، مدرسہ عربيہ سراج العلوم جيڪب آباد۾ ٽي سال، محبوب ڳوٺ جي قديمي مدرسي ۾ هڪ سال، مدرسہ عربيہ مدينة العلوم لکي ۾ ٻہ سال، جامعہ اشرفيہ سکر ۾ ٽي سال ۽ هن وقت تائين پاڻ مدرسہ عربيہ حزب الابرار چڪ شهر ۾ بطور مدرس آهن. جتي پاڻ درس نظاميءَ جا ڪتاب پڙهائي رهيا آهن.سندن مشهور ۽ اهم شاگردن ۾ مولانا عبدالصمد نوناري ٺل،مولانا عبدالرحيم ڪوسو شهدادڪوٽ ڪچي پل، مولانا خالد حسين مهر وزيرآباد، مولانا عبدالمجيد مهر وزيرآباد، مولانا ضمير احمد مهر وزيرآباد، مولانا عبدالحفيظ مهر وزيرآباد، مولانا ضمير احمد سومرو جونگل ٺل شهر، مولانا گلزار احمد ڪوسو شهداد ڪوٽ ڪچي پل، مولانا امتياز احمد لغاري جيڪب آباد، مولانا امتياز احمد مهر قادرڏنو، مولانا عطاء الله چانڊيو ميروخان، مولانا عبدالغفار ڪوسو جيڪب آباد، مولانا نجيب الله جيڪب آباد، مولانا عبدالشڪور بروهي سلطان ڪوٽ، مولانا عبدالحڪيم بروهي سلطان ڪوٽ، مولانا عبدالاحد مستوئي ميان جو ڳوٺ همايون شريف، مولانا محمد اسماعيل بروهي قمبر علي خان، مولانا امان الله بروهي ڪوئيٽا، مولانا غلام مصطفيٰ بروهي ڪوئيٽا، مولانا محمد يامين لنڊ شامل آهن.

ان کان سواءِ پاڻ بهترين خطيب پڻ آهن. خطابت جي حوالي سان سڄي ملڪ ۾ سندن واعظ ۽ تقريرون ٿينديون رهنديون. پاڻ هڪ پاسي درس نظاميءَ جي نهايت ئي مشڪل مرحلي کي نهايت ئي مرڪندي منهن ڏئي رهيا آهن تہ ٻئي پاسي سفر جون مشڪلاتون برداشت ڪري دين

اسلام جي تبليغ ۾ پنهنجو مثبت ڪردار نڀائي رهيا آهن. سندن خطابت جو انداز جوشيلو هوندو آهي، جنهن ۾ باطل کي للڪار بہ هوندي آهي تہ وري چيلنج بہ. تقرير ۾ جتي پاڻ قرآن حديث جي روشنيءَ جي خوشبو سان معطر ڪندا آهن تہ وري تاريخي حقائق پڻ بيان ڪري مجمع تي جلد ڇائجي ويندا آهن.

مولانا صبغت الله بازري

03003003806

فاضل نوجوان، سياست توڙي تعليمي ۽ تبليغي ڪمن ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪندڙ، ضلعي جام شورو جو اڳوڻو امير، تصنيف ۽ تاليف ۾ بہ سٺي دلچسپي رکندڙ، پنهنجي وڏڙن جي علمي سرمائي کي محفوظ ڪندڙ

نالو ۽ نسب

مولاناصبغت الله بازري بن ابوبڪربن محمد صادق ڪاندڙو **۱۲** فيبروري **۱۹۸۰** ڳوٺ بازاري ڪانڌڙا پوسٽ نصيرآباد ضلع قمبرشهداد ڪوٽ ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

قاعدو پنهنجي ڳوٺ بازاري ڪانڌڙا ۾ حافظ محمد علي ڪانڌڙي وٽ پورو ڪيائون، ان دوران ابتدائي پرائمري تعليم ڳوٺ ابڙا لڳ نصيرآباد ۾ پنجين ڪلاس تائين پڙهيا، پرائمري کان بعد سندن والد ابوبڪر ڪانڌڙي جي دلي خواهش هئي تہ مان پنهنجي هڪ پٽ کي عالم دين ڪندس، جيئن سندس چاچي مرحوم فاضل دارالعلوم ديوبند شيخ التفسير مولانا محمد حسن بازري رحمہ الله جي علمي ورثي کي نصيرآباد شهر ۾ مدرسہ عربيہ اشاعت القرآن ۽ مدينہ مسجد ۾ هڪ ڪتب خانو جنهن ۾ شيخ التفسير حضرت مولانا محمد حسن بازري جي تصنيفات وغيره کي سنڀالي. ناظران قرآن پاڪ تجويد سان پڙهائڻ لاءِ ابوبڪر صاحب مشورو ان وقت موجود نصيرآباد شهر جي عالم قاري محمد صادق شيخ (نابين)

سان ڪيو .قاري محمد صادق شيخ جن ٽي مدرسہ پڏايا. (۱) شهيد اسلام حضرت علامہ ڊاڪٽرخالد محمود جو مدرسو. (۲) پيرشريف جومدرسو. (۳) ميهڙ قاري سعيد احمد ڏيري جو مدرسو.

مولاناصبغت الله بازري جي والد ميهڙ واري مدرسي ڪي تجويز ڪيو .ان جي ڪري جو سندس ماسات قاري محمد حسين ڪانڏڙو ان مدرسي ۾ پڙهائيندو هيو.

قرآن پاڪ تجويذ سان مدرسہ عربيہ دارالقرآن ميهڙ ۾ ۱۹۹۰ ۾ هڪ سال ۾ پوروڪري درس نظامي لاءِ شهيد اسلام حضرت علامہ ڊاڪٽر خالد محمود سومري رحہ جي مدرسي اشاعت القرآن و الحديث دودائي روڊ لاڙڪاڻي ۾ شهيد اسلام حضرت ڊاڪٽر صاحب خود داخل فرمايو. فارسي مڪمل پهلي پارسي آمدنامہ نام حق پندنامو سنڌ جي برڪ عالم دين استاذالعلماء حضرت مولانا علي محمد حقاني رحہ جن وٽ بہ سال پڙهيا. وري ارشادالصرف کان ثالثہ تائين سنڌ جي عظيم ديني درسگاه جامعہ انوارالعلوم ڪنڊيارو ۾ شيخ الحديث حضرت مولانا ڊاڪٽر مفتي محمدادريس سنڌي سومري جن وٽ پڙهيا.

درجہ رابعہ شرح جامي کان دوره حديث تائين جامعہ اشرفيہ سکر مان سپني علمن جي تڪميل ڪري سن ۲۰۰۲ ۾ فراغت ڪيائون.

جڏهن تہ رمضان شعبان جي موڪلن ۾ مختلف دورا پڙهيائون.

ٽي پيرا دورو تفسير استاذالعلماء مولانا قاري خليل احمد بنڊاٽي جن وٽ مرڪزي جامع مسجد بندر روڊ سکر ۾ پڙهيائون ۽ هڪ دفعو دورو صرف ۽ نحو مولانا عبدالحميد مهرڪنڊو واهڻ لڳ سکر ۾ پڙهيا.ان کان سواءِ هڪ دفعو دورو ترڪيب استاد العلماء مولاناعبدالاحد ڪبر ڳوٺ ڪبر نزد ٺري ميرواه ۾ پڙهيا. هڪ دفعو دورو ميراث جامعہ انوارالعلوم ڪنڊيارو ۾ مولانا خير محمد حنفي نانگراج وٽ پڙهيا. هڪ سال فنون جا ڪتاب، ميبذي، سلم، قال اقول، شرح عقائد مدرسہ اشاعت القرآن والحديث رتوديرو ۾ حضرت مولانا دوست محمد جمالي رحہ (پاڻ بهترين شاعر بہ ٿي گذريا آهن) جن وٽ پڙهيائون. جڏهن تہ عصري تعليم ايم اي اسلامڪ ڪلچر سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو، شهادت العالميہ وفاق المدارس العربيہ، شهادت العالميہ جامعہ اشرفيہ سکر

مولانا صبغت الله بازري بحيثيت استاد

فراغت کان بعد والدين جي خواهش موجب پنهنجي ئي شهرجي جماعت جي مشوري سان نصيرآباد شهر جي ڪاٺيا بازار ۾ واقع مدينہ مسجد ۽ مدرسہ ۾ پڙهائڻ لاءِ استاد مقرر ٿيو. ڪن وجوهات جي ڪري ڪجهہ وقت لاءِ نصيرآباد شهر ۾ قاري حافظ محمد صادق مرحوم جي مدرسي ۾ هڪ سال ابتدائي ڪتاب پڙهيائون۲۰۰۳ء جي آخر ۾ مولانا صبغت الله بازري جو قرآن پاڪ جو استاد ۽ عزيز قاري محمد حسين ڪانڏڙو ڄام شوري وٺي آيو. ڄام شوري شهر جي مين بازار ۾ مني مسجد ان وقت موجود متولي ۽ جماعت جي مشوري سان بطور پيش امام ۽ استاد مقرر ٿيا. ڪجہ ڏينهن کان بعد مولانا پنهنجي اساتذه سان مشاورت کان بعد مدرسہ جو بنياد رکيو. مدرسہ عربيہ اشاعت القرآن جي نالي سان افتتاح لاءِ مولانا محمد قاسم سومرو صاحب ڪنڊياري وارا ۽ مولانا مفتي ثناء المومن شيخ الحديث مظاهر العلوم لطيف آباد حيدرآباد وارا. ماشاء الله درجہ خامسہ تائين اسباق ۴ استاد مقامي مسافر ۽ درجہ ناظره حفظ ۽ ۲ استاد ۵۰ طلبا ۽ مسافر ۱۰۰کن مقامي بهترين ڪم ڪندارهيا.

سن۲۰۱۲ ء ۾ ڪجهہ اختلاف جي ڪري پنهنجي استاد مولانا مفتي محمد ادريس سومري جي مشوري سان انهيءَ مدرسي ڪي جماعت جي حوالي ڪرڻ کان پوءِ پاڻ جماعت تبليغ ۾ سال جي لاءِ هليا ويا. واپسي تي ڄام شوري وچ شهر ۾ ۸۰۰۰ پلاٽ خريد ڪري عائشہ مسجد ۽ مدرسہ عربيہ خير المدارس جو بنياد رکيائون.

۲۰۱۷ء ۾عائشہ مسجد جو افتتاح ڪري پنج وقت نمازون جمعہ ۽ عيدن کان سواءِ مقامي ٻارن جي پڙ پڙهائي شروع ٿي چڪي آهي ۽ مدرسہ زيرتعمير آهي. جمعيت علماء اسلام ڄام شوري جو ضلعي ناظم انتخابات پهريون پهريون مولانا صبغت الله بازري رهيا ۽ هڪ دفعو ضلعي ڄام شورو جا امير رهي چڪا آآهن ان وچ ۾۲۰۰۷ ء واري اليڪشن ۾ ڄام شوري جي تاريخ ۾ پهريون عالم جمعيت علماء اسلام جو مولانا صبغت الله بازري هيو، جيڪو اليڪشن ۾ ايم پي اي جي سيٽ تي بيٺو.

اولاد بہ پٽ ۽ بہ نياڻيون هڪ پٽ حافظ سعدالله ٻيو حمادالله درس نظامي زير تعليم مظاهر العلوم لطيف آبا د حيدرآباد منهنجو

مولانا عبيد الله پٽو

03003294783

منهنجو ننڍ پڻ جو ساٿي، دوستن جو دوست، ڀائرن وانگر دوست، سچو ۽ کرو انسان امام انقلاب مولانا عبيدالله سنڌي جو هم نام، آئون کيس محبت ۾ امام انقلاب کري سڏيندو آهيان.

نالو ۽ نسب

مولانا عبيدالله بن حافظ پرفيسر محمد يونس رحہ **١٩٨١**ء **٣ ٦** ڏاران جني شهر ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

ابتدائي تعليم مدرسہ عربيہ دارالسلام جني شريف ۾ ٿي. وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ سنڌ جي مختلف ديني مدرسن جو رخ ڪيو. جهڙوڪ مدرسہ عربيہ ڪنزالعلوم درگاهہ عاليہ سومراٽي شريف، جامعہ دارالفيوض ڪنڊڪوٽ، جامعہ اشاعت القرآن والحديث دودائي روڊ لاڙڪاڻو کان تعليم حاصل ڪندي آخري سال دوره حديث جامعہ مفتاح العلوم حيدرآباد **٢٠٠٥**ء ڏاران دستار بَنڌي سند يافتہ مولوي ٿي ويو. جڏهن تہ دوره حديث پڙهڻ کان پوءِ جامعہ اسلاميہ ڪلفٽن ڪراچي ۾ تخصص الفقه (مفتي جو ڪورس) ڪيائون ۽ تخصص ۾ مدرسي پاران مقالو نماز جي مسائل تي عربي ۾ لکيو، جيڪو اڻ ڇپيل آهي ۽ قلمي صورت ۾ وٽن محفوظ آهي.۽ مدرسہ عربيہ دارالعلوم اسعديہ ڪوٽ سبزل ۾ تڪملہ ڪيائون.

سندن مشهور استادن ۾ مولانا نعمت الله پنهور، مولانا ڪليم الله کهڙو، مولانا شبيراحمد سولنگي، مولانا نعيم الله پٺاڻ، مولانا جان محمد راڄپر، مولانا حبيب الله شيخ، مولانا صوفي عبدالواحد شيخ ۽ مولانا علم الدين مزاري شامل آهن.

مولانا عبيدالله پٽو بحيثيت استاد

ديني علوم کان فراغت حاصل ڪرڻ کان پوءِمدرسہ عربيہ شمس

الهدايت ڏڀ مهر شاهہ چار سال پڙهيائون، ان کان پوءِ هن وقت دارالعلوم امداديہ هير آباد ۾ مدرس آهن. سندن شاگرد بي شمار آهن جيڪي پنهنجي علائقي ۾ دين جو ڪم ڪري رهيا آهن.

مولانا مفتي عبيد الله بکراڻي

03013256265

ماهوار شريعت سکر جو مستقل مضمون نگار ۽ جامعہ دارالعلوم الشريعہ جو استاد

نالو ۽ نسب

مولانا عبيدالله بن عبدالغفور خان بن حاجي خميسو خان بکراڻي ۾ ڳوٺ ڪريم آباد بکراڻي ۾ **١٩٨١**ء تعلقہ و ضلع شڪارپور ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

ابتدائي تعليم پنهنجي علائقي جي مشهور ديني مدرسن جهڙوڪ مدرسہ تاج العلوم حماديہ همايون شريف، مدرسہ سراج العلوم جيڪب آباد، مدرسہ قادريہ شڪارپور، مدرسہ دارالفيوض ڪنڊڪوٽ ۾ حاصل ڪرڻ کان بعد آخري ٻہ سال يعني موقوف عليہ ۽ دوره حديث جامعہ دارالعلوم ڪراچي ۾ پڙهي ڪري سن **٢٠٠٣** ع ۾ سند فراغت حاصل ڪئي.

سندس دوره حديث جي ساٿين ۾ مولانا عبدالحفيظ عباسي، مولانا محمد بلال انڙ، مولانا علي محمد بن مولانا عبدالرحمان جمالي وغيره شامل آهن ۽ تخصص في الفقہ فقيہ سنڌ حضرت سائين مفتي عبدالوهاب چاچڙ جن وٽ مدرسہ جامعہ دارالعلوم الشرعيہ روهڙي ۾ پڙهيو.

اساتذه ڪرام

مولانا صاحب جي استادن ۾ مولانا واحد بخش سڏايو، مولانا غلام قادر پنهوار رحہ، مفتي عبدالغفور جتوئي رحہ، مولانا صوفي عبدالواحد شيخ رحہ، حضرت مولانا مفتي محمد تقي عثماني دامت برڪاتهم

وغيرهم شامل آهن. ان کان علاوه دوره تفسير مولانا علي محمد حقاني رحہ (لاڙڪاڻو) ۽ مولانا نعيم الله پناڻ (ڪوٽ سبزل) دوره سراجي مولانا مفتي غلام قادر قاسمي حب چوڪي، دوره معقولات مولانا جان محمد راڄپر (شِخ الحديث جامعہ اسلاميہ ڪلفٽن) وٽ پڙهيو.

مولانا عبيدالله بڪراڻي بحيثيت استاد

مولانا صاحب فراغت کان بعد درس تدريس ڪي پنهنجو مشغلو بڻايو، هو پنهنجي هم عصر ساٿين ۾ سٺو مدرس شمارٿئي ٿو، خاص ڪري صرف و نحو جي پڙهائي سندس علائقي ۾ مشهور آهي، مولانا صاحب هيٺين مدرسن ۾ تدريس ڪئي آهي، مدرسہ حزب الابرار چڪ ، جامعہ دارالهديٰ ٺيڙهي، جامعہ دارالفيوض ڪنڊڪوٽ، جامعہ دارالعلوم شڪارپور ۽ هن وقت ۾ سنڌ جي عظيم علمي ۽ روحاني شخصيت حضرت سائين مفتي عبدالوهاب چاچڙ دامت برڪاتهم جي قائم ڪيل ديني اداري جامعہ دارالعلوم الشرعيہ روهڙي ۾ استاذ الحديث ۽ نائب مفتي جي حيثيت ۾ خدمتون سر انجام ڏئي رهيو آهي.

تصنيف ۽ تاليف

مولانا صاحب تصنيف ۽ تاليف جو بہ سٺو ذوق ۽ صلاحيت رکي ٿو، سندس هڪ ڪتاب آسان صرف سنڌيءَ ۾ ڇپجي چڪو آهي ۽ ٻيا ڪجھ ڪتاب زير طبع آهن جن ۾ آسان نحو، بخت ۽ برڪت وارا ڪم ۽ موقوف عليہ جي نصاب ۾ داخل ڪتاب التبيان في علوم القرآن جو سنڌيءَ ۾ خلاصو وغيره شامل آهن، ان کان علاوه مولانا صاحب ڪافي ديني ۽ علمي مضمون لکيا آهن، خاص ڪري شڪارپور ضلعي جي اهم شخصيات جي سوانح تي سٺا مضمون لکيا اٿس، جن ۾ حضرت سائين محمد يعقوب سومراڻي رحہ، حضرت سائين محمد عمر سهنڊڙو رحہ، مولانا عبدالرزاق ميڪو رحہ سر فهرست آهن ، مولانا موصوف ڪي جيڪڏهن هن وقت ماهوار شريعت سکر جي مستقل ليکڪن ۾ شمار ڪجي تہ ان ۾ ڪو وڌاءُ نہ آهي .

مولانا خليق الزمان ڪورائي

نالو ۽ نسب:

مولانا خليق الزمان بن خان محمد ڪورائي ڳوٺ حاجي محمد يوسف ڪورائي سنهري فارم ۾ ۲۲ جنوري ۱۹۸۱ء ڌاران پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت:

ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ حاصل ڪيائين. وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ جي مختلف ديني مدرسن جو رخ ڪيائين. جهڙوڪ جامعہ انوارالهديٰ مورو، جامعہ انوارالعلوم ڪنڊيارو، مدرسہ بحرالعلوم حيدرآباد، جامعہ حماديہ حفظ القرآن خيرپور ميرس، جامعہ انوارالعلوم سکر مان تعليم حاصل ڪندي حيدرآباد جي مشهور ديني مدرسي جامعہ مفتاح العلوم مان ۲۰۰۳ء ڌاران سڀني علمن جي تڪميل ڪري مڪمل عالم بڻجي ويا.

دوره حديث ڪرڻ کان پوءِ تخصص في الحديث اداره دعوة والتحقيق مولانا محمد الياس گهمن جي مدرسي سرگودها ۾ ڪيائون. جتي مولانا زاهدالراشدي، مولانا محمود عالم صفدر، مولانا نور محمد تونسوي، مولانا منير احمد منور مفتي امداد الله صاحب ۽ ٻين عالمن کان

سندن مشهور استادن ۾ حضرت مولانا شمس الحق فاضل دارالعلوم ديوبند، حضرت مولانا جان محمد راڄپر، حضرت مولانا ڊاڪٽر مفتي محمد ادريس سومرو، حضرت مولانا سائين عبدالغفور قاسمي رحہ، حضرت مولانا مفتي حبيب الله پناڻ شامل آهن.

فراغت کان پوءِ مختلف ديني مدرسن ۾ عربي جا استاد رهي چڪا آهن. جهڙوڪ جامعہ اسلاميہ ڪلفٽن ڪراچي، ٽنڊو ڄام جي مدرسي ۾ بہ مدرس رهي چڪا آهنئ جڏهن بيعت حضرت مولانا سائين محمد حسن عباسي جن جي هٿ ڪيائون.

اج ڪلھ پاڻ ڪراچي جي مدرسي ۾ مدرس آهن.

مولانا نثار احمد پنهور

03063489052

منهنجو دوره حديث جو ساٿي، مانيٽي طبيعت جو مالڪ، مدرسہ عربيہ بدرالهديٰ محمديہ مدئجي جو مهتمم، جمعيت علماء اسلام تعلقي ڳڙهي ياسين جو نائب امير.

نالو ۽ نسب

مولانا نثار احمد بن مولانا فضل محمد پنهور رحہ ١٩٨٢ع ڌاران ڳوٺ پليجا پنهور لڳ مدئجي ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

ابتدائي تعليم قاعدو، ناظره قرآن پاڪ ۽ پرائمري پنهنجي ڳوٺ پليجا پنهور مان حاصل ڪري وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ جي نهايت ئي قديم ديني درسگاهه جامعہ اسلاميہ شمس الهديٰ ڪولاب جيئل ضلع خيرپور ميرس ۾ استاذالڪل، استاذالعلماء حضرت مولانا غلام محمد پنهور رحہ ۽ سندن پائيٽن حضرت مولانا مفتي عبدالقادر پنهور رحہ، حضرت مولانا عبدالشڪور پنهور رحہ، ۽ ٻين استادن جهڙوڪ حضرت مولانا عبدالرئوف مهر، حضرت مولانا نعمت الله نعماني، حضرت مولانا بلال احمد بروهي جن کان ديني علوم جي تڪميل ڪري ٢٠٠٣ع ڌاران دستار فضيلت ٻڌي عالم دين بڻجي ويا.

مولانا نثار احمد پنهور بحيثيت استاد

ديني علوم جي فراغت کان پوءِ پاڻ پنهنجي والد صاحب استاذالعلماء حضرت مولانا فضل محمد پنهور رحہ جن جو پانهن پيلي بڻجي مدرسہ عربيہ بدرالهديٰ مدئجي ۾ استاد مقرر ٿي دين نبوي جي پالوٽ ڪرڻ ۾ مشغول نظر اچن ٿا. جڏهن پاڻ پنهنجي والد صاحب استاذالعلماء حضرت مولانا فضل محمد پنهور رحہ جي وفات کان پوءِ مدرسي جا مهتمم، مسجد جا خطيب ۽ امام بڻجي پنهنجي والد صاحب جي جانشيني جو حق ادا ڪري رهيا آهن. ان کان سواءِ سياسي ميدان ۾ بہ پاڻ اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. پاڻ جمعيت علماء اسلام تعلقي ڳڙهي ياسين جا سنيئر نائب امير پڻ آهن.

مولانا احمد علي خاصخيلي

03003022415

نالو ۽ نسب

مولانا احمد علي بن عبدالمالڪ خاصخيلي ڳوٺ پائون خان پناڻ ضلع ۽ تعلقہ مٽياري ۾ ١٤ اپريل ١٩٨٢ع ڌاران پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ پائون خان پناڻ ۾ شروع ڪيائون، ان کان پوءِ اٿل پوهيو ضلعي نوشهروفيروز ۾ قرآن پاڪ حفظ مڪمل ڪيائون، قرآن پاڪ حفظ ڪرڻ کان پوءِ استاذ القراء حضرت قاري اميرالدين انور جن وٽ سندن ئي مدرسي، مدرسہ تجويدالقرآن گهوٽڪي ۾ پڙهيا.

درس نظاميءَ جي سنڌ جي مختلف ۽ مشهور ديني مدرسن جو رخ ڪيائون. جهڙوڪ جامعہ قاسم العلوم گهوٽڪي، جامعہ دارالفيوض ڪنڊڪوٽ، جامعہ اسلاميہ اشاعت القرآن والحديث دودائي روڊ لاڙڪاڻو مان تعليم حاصل ڪندي ٢٠٠٦ع ڌاران حيدرآباد جي مشهور ديني درسگاهه جامعہ مفتاح العلوم حيدرآباد ۾ سڀني علمن جي تڪميل ڪري سند يافتہ مولوي ٿي ويا. جڏهن تہ دوره حديث مڪمل ڪرڻ کان پوءِ جامعہ عمر ٿول پلازه ڪراچي ۾ تخصص في اللغة العربيہ پڻ ڪيائون. سندن مشهور استادن ۾ حضرت مولانا عبداللطيف پناڻ، حضرت مولانا حضورالدين بروهي، حضرت مولانا مفتي محمد ادريس سومرو، حضرت مولانا مفتي غلام رسول عباسي، حضرت مولانا سلطان احمد جمالي ، حضرت مولانا صوفي عبدالواحد شيخ ، حضرت مولانا عبدالوحيد چنو، حضرت مولانا مسعود احمد سومرو، حضرت مولانا عبدالباسط آرائين، حضرت مولانا عبدالسلام قريشي، حضرت مولانا سيف الرحمٰن آرائين ۽ حضرت مولانا مفتي حبيب الله پناڻ شامل آهن.

مولانا احمد علي خاصخيلي بحيثيت استاد

ديني علوم جي فراغت کان پوءِ پاڻ پنهنجي ڳوٺ پائون خان پناڻ ۾ امامت، خطابت ۽ درس ۽ تدريس جي محبوب مشغلي ۾ رڌل آهن. پنهنجي ڳوٺ پائون خان پناڻ ۾ مدرسو به قائم ڪيائون جنهن جو نالو دارالعلوم عزيزيه رکيائون، جتي پاڻ ڪجهه وقت پڙهڻ پڙهائڻ واري عمل ۾ مصروف رهيا، ڪن ناگزير وجوهات جي بنا تي ۲۰۱۸ع کان مولانا جن انهيءَ مدرسي جي اهتمام سنڀالڻ کان استيفيٰ ڏنائون، اهو مدرسو اڄ سوڌو جاري آهي. اهو به مولانا جن جو صدقو جاري آهي.

ان کان سواءِ سندن تعلق جمعيت علماء اسلام سان اٿن، پاڻ جمعيت علماء اسلام يونٽ جا امير ۽ ضلعي مٽياري جا ناظم ماليات پڻ آهن.

مولانا سعيد الرحمٰن انڍڙ

03337191984

نالو ۽ نسب

مولانا سعيد الرحمٰن بن مولانا عبدالاحد بن مولانا ابوالخير بن محمد يوسف انڍڙ ۱۹۸۶ع ڌاران جامعه حماديه مظهر العلوم منزل گاهه مسجد بندر روڊ سکر ۾ پيدا ٿيا. سندن وڏڙن جو اباڻو ڳوٺ هاليجي شريف آهي.

تعليم ۽ تربيت

ابتدائي تعليم پنهنجي والد ماجد مولانا عبدالاحد انڍڙ جن وٽ ناظره قرآن پاڪ ستن سالن جي عمر ۾ شروع ڪيائون. (سندن والد مولانا عبدالاحد صاحب مسجد منزل گاهه جا امام ۽ خطيب رهي چڪا آهن) جڏهن ته قاري عبدالخالق ۽ قاري اميرالدين جن وٽ قرآن پاڪ ناظره مڪمل ڪيو. پرائمري گورنمنٽ اسڪول سينٽرل جيل ڪالوني پراڻو سکر ۾ پنج درجا پاس ڪيائون. ان کان پوءِ قرآن پاڪ حفظ سنڌ اسلامڪ سينٽر سکر ۾ ڪيائون، ان کان پوءِ ڇهين درجي کان ميٽرڪ تائين گورنمنٽ هاءِ اسڪول ميناره روڊ سکر ۾ حاصل ڪيائون. ان کان پوءِ درس نظامي جي

لاءِ پنهنجي والد صاحب جن جي نهايت ئي پراڻي دوست قاري اسلام الدين آرائين جن وٽ مدرسه عربيه مدينة العلوم محراب پور ۾ داخل ٿي رابعه تائين اتي پڙهيا. ان کان پوءِ دارالعلوم مظاهرالعلوم حيدرآباد ۾ درجه خامسه ۽ درجه سادسه پڙهيا. ان کان پوءِ موقوف عليه اشرف المدارس ڪراچي ۾ پڙهيا. دوره حديث جامعه فاروقيه ڪراچي ۾ ۲۰۰۹ع ڌاران مڪمل ڪري عالم دين بڻجي ويا. درس نظامي جي فراغت کان پوءِ پاڻ جامعه عمر رضه گڏاپ ٽائون ڪراچي ۾ تخصص في الفقه (مفتي جو ڪورس) ڪيائون. سندن مشهور استادن ۾ قاري اسلام الدين آرائين، مفتي محمد ياسين، مولانا محمد ايوب سومرو، مولانا عبدالصمد انڍڙ، مولانا خالد محمود، مولانا مفتي محمد فصيح، مولانا محمد امين، مولانا عبدالڪريم ڪوسو، مفتي محمد عامر، مولانا عبدالرحمٰن جامي، مولانا عبدالله ميمڻ، مولانا عبدالقيوم آغا، مولانا حضرت علي، مفتي نور الزمان، مولانا سليم الله خان رحہ، مولانا ڊاڪٽر محمد عادل شهيد رحہ، مولانا منظور احمد مينگل، مولانا نور البشر، مولانا مسعود بالله ابن الحسن عباسي رحہ مولانا مفتي محمد ادريس سومرو شامل آهن.

مولانا سعيدالرحمٰن انڍڙ بحيثيت استاد

ديني علوم جي فراغت کان پوءِ پاڻ هڪ سال جامعه حفصه للبنات جامعه دارالعلوم محمديه جي شاخ ۾ پڙهيائون. ان کان پوءِ جامعه ادارة الفرقان الله والي مسجد بندر روڊ سکر ۾ استاذالحديث پڻ آهن، ان کان سواءِ پاڻ جامع مسجد بورڊ آفيس سکر ۾ امامت ۽ خطابت جا فرائض سرانجام ڏئي رهيا آهن.

مولانا جاويد احمد ڦوڙ

03002570828

نالو ۽ نسب

مولانا جاويد احمد بن محمد مٺل ڦوڙ ڳوٺ مصري ڦوڙتعلقه ٽل ضلع جيڪب آباد ۾ ۱۹۸۹ع ڌاران پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائون. ان کان پوءِ مدرسه نورالهديٰ جونگل ۾ پڙهيا، ان کان پوءِ مدرسه عربيه سراج العلوم جيڪب آباد ۾ پڙهيا. دوره حديث جامعه دينيه دارالهديٰ ٺيڙهي مان ۲۰۱۰ع ۾ مڪمل ڪري عالم دين بڻجي ويا. سندن استادن ۾ مولانا محمد امين پهوڙ، مولانا عبدالحئي بنگلاڻي، مولانا واحد بخش سڏايو، مولانا مير محمد ميرڪ وارا شامل آهن. جڏهن ته عصري تعليم ميٽرڪ تائين پڙهيا آهن. سندن استاد ۾ مولانا واحد بخش سڏايو، مولانا مير محمد ميرڪ وارو، مولانا محمد امين پهوڙ، مولانا رياض احمد پهوڙ، مولانا محمد عاقل پهوڙ شامل آهن.

مولانا جاويد احمد پهوڙ بحيثيت استاد

ديني تعليم مڪمل ڪرڻ کان مختلف علائقن ۾ ديني تعليم ڏئي چڪا آهن. جهڙوڪ مدرسه عربيه دارالسلام جنو شريف ۾ هڪ سال، نوري آباد ۾ امامت، دين پور لڳ ٺل ۾ امامت، ۲۰۱۵ع کان هن وقت تائين درگاه عاليه جونگل شريف جي مدرسي ۾ تدريس سان گڏ و گڏ امامت ۽ خطابت ڪن ٿا.

مولانا اسد الله پيهو

03153669613

نالو ۽ نسب

مولانا اسد الله پيهو بن حاجي محمد صالح ڳوٺ ڄام خان پيهو يوسي دنيا پور راڄ غوث بخش بجاراڻي لڳ غوثپور ۾ ۱۹۹۴ع ڌاران پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

تعليم جي شروعات پنهنجي ڳوٺ مان ئي ڪيائون. وڌيڪ تعليم جي حصول ڪرڻ سنڌي جي مختلف ديني مدرسن جهڙوڪ جامعه حماديه مظهر العلوم کهڙا، جامعه اسعديه ڪوٽ سبزل پنجاب ۾ پڙهيا. جڏهن ته اڪثر سنڌ جي نهايت مشهور ديني درسگاهه مدرسه عربيه ڪنزالعلوم

سومراڻي شريف ۾ پڙهيا. درس نظامي جي تڪميل به انهيءَ ساڳئي مدرسي مان ۲۰۱۳ع ڌاران مڪمل ڪري عالم دين بڻجي ويا. جڏهن ته درس نظامي ڪرڻ کان پوءِ لکي ۾ اصحاب صفه ۾ مولانا عبداللطيف مهر جن وٽ تفسير جو درو پڻ پڙهيا. سندن ٻين استادن مولانا عبدالڪريم کهڙو رحہ، مولانا شبير احمد سولنگي، مولانا سائين عبدالله مهر،مولانا عبدالڪريم پيهو، مولانا مفتي عبدالله مهر شامل آهن. جڏهن ته پاڻ عصري تعليم ايم اي اسلامڪ ڪلچر ڊگري ڪاليج ڪنڊڪوٽ مان حاصل ڪئي اٿائون. پاڻ هن وقت غوثپور جي لڳ آر ڊي ۲۱۹ ڳوٺ لعل بخش ميراڻي ۾ حفظ ۽ ناظره جا استاد آهن جتي مامت سان خطابت جا فرائض سرانجام ڏئي رهيا آهن ان کان سواءِ پاڻ جمعيت طلباء اسلام ضلعي ڪشمور جا صدر به آهن.

مولانا عبدالقادر عباسي

03025329023

نالو ۽ نسب

مولانا عبدالقادر بن عبدالله عباسي ڳوٺ محمد چتل لڳ راڻي پور ضلع خيرپور ميرس ۾ ۱۹۸۲ع ڌران پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

تعليم جي شروعات پنهنجي ڳوٺ کان ڪيائون وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ جي مختلف ديني مدرسن جو رخ ڪيائون. جهڙوڪ مدرسه عربيه شمس الهدايت ڊٻ مهر شاهه ضلع خيرپور ميرس، جامعه انوارالعلوم ڪنڊيارو ضلع نوشهرو فيروز مان تعليم حاصل ڪندي جامعه عربيه شمس العلوم ڪرڙاهه ضلع خيرپور ميرس مان ۲۰۰۷ع ڌاران سڀني علمن جي تڪميل ڪري مڪمل عالم دين بڻجي ويا. جڏهن ته پاڻ دوران تعليم موڪلن ۾ حضرت مولانا قاري خليل احمد بنڌاڻي رحہ جن جامع مسجد ۾ سکر ۾ دوره تفسير پڻ پڙهيو. ان کان سواءِ پاڻ ديني علوم جي فراغت کان پوءِ هڪ سال تبليغ ۾ ويا. سندن استادن ۾ حضرت مولانا

ڪليم الله کهڙو، حضرت مولانا عبدالفتاح مهر، حضرت مولانا ڊاڪٽر مفتي محمد ادريس سومرو، حضرت مولانا مفتي خير محمد حنفي، حضرت مولانا سليم الله سومرو، حضرت مولانا محمد الياس سومرو، حضرت مولانا عبدالحق لاشاري، حضرت مولانا عبدالرحمٰن ڦل، حضرت مولانا غلام نبي سولنگي، حضرت مولانا عبدالقيوم خاصخيلي شامل آهن.

مولانا عبدالقادر عباسي بحيثيت استاد

ديني علوم جي فراغت ڪان پوءِ پاڻ مختلف علائقن ۾ ديني، تعليمي ۽ تدريسي خدمتون سرانجام ڏئي چڪا آهن. جهڙوڪ ٽنڊوڄام جي پير ۾ خاصخيلين جي ڳوٺ ۾ هڪ سال پڙهايائون، ان ڪان پوءِ پيير پڊو ۾ ڪجهه وقت پڙهيائون. جڏهن ته پاڻ وقت پنهنجي ڳوٺ جي مسجد ۾ ٻارن کي قرآن پاڪ جي تعليم سان گڏ ڳوٺ رحيم بخش وساڻ جي مسجد امامت ۽ عربي جي تعليم ۽ درس قرآن ڏيندا رهن ٿا. ان ڪان سواءِ پاڻ جمعيت علماء اسلام يوسي جهنڊو مشاخ جا نائب امير پڻ آهن.

مولانا مسعود الحسن پنهور

03002904976

نالو ۽ نسب

مولانا مسعود الحسن بن مولانا محمد حسن پنهور ۱۹۸۴ء ڌاران ڳوٺ لاهوري تعلقي خيرپور ناٿن شاهه ضلعي دادو ۾ پيدا ٿيا. پنهور حضرت زيد بن حارث رضہ جي اولاد مان آهن.

تعليم ۽ تربيت

ديني تعليم جي شروعات هالاڻي شهر جي مشهور ديني اداري جامعه دارالفضل ڪان ڪيائون، جڏهن ته جامعه دارالفيوض ڪنڊڪوٽ ۾ رابعه تائين پڙهي ان ڪان پوءِ حيدرآباد جي مشهور ديني اداري جامعه مفتاح العلوم باقي رهيل علم جي تڪميل ڪري ۲۰۰۳ء ڌاران مڪمل عالم بڻجي

ويا، جڏهن ته دوره تفسير جامعه احسن العلوم گلشن اقبال ڪراچي مولانا مفتي زرولي خان جن وٽ پڙهيو اٿائون.

سندن مشهور استادن ۾ حضرت مولانا جان محمد راڄپر، حضرت مولانا غلام محمد جوڻيجو، حضرت مولانا عبدالرزاق پنهور، حضرت مولانا حضورالدين بروهي، حضرت مولانا سيف الرحمٰن آرائين، حضرت مولانا عبدالسلام قريشي، حضرت مولانا عبدالعزيز سميجو ۽ حضرت مولانا مفتي غلام الله نوناري شامل آهن.

مولانا صاحب بحيثيت استاد

ديني علوم جي فراغت ڪان پوءِ پاڻ حيدرآباد شهر جي جامع مسجد علي المرتضيٰ ۾ امام ۽ خطيب هئڻ سان گڏوگڏ ديني تعليم ۾ پڻ مصروف آهن. ان ڪان سواءِ پاڻ جمعيت علماء اسلام جا سرگرم ۽ فعال رڪن جي حيثيت سان ڪم ڪري رهيا آهن. يونٽ هالا ناڪه جا اطلاعات سيڪريٽري آهن.

مولانا سراج احمد پنهور

03003157578

استاذالڪل حضرت مولانا سائين غلام محمد پنهور رحہ ۽ مفتي عبدالقادر پنهور جو حقيقي جانشين، نوجوان عالم دين پنهنجي وڏڙن جي ترجماني ۽ نمائندگي ڪري رهيو آهي. پڻ وڏڙن جي علمي ورثي کي بہ سنڀالي رهيو آهي. وڏڙن جي قائم ڪيل گلشن جامعه اسلاميہ شمس الهديٰ ڪولاب جيئل جي پنهنجي رت، ست، پگهر ۽ پسيني سان آبياري ڪري رهيو آهي.

نالو ۽ نسب

مولانا حافظ سراج احمد بن مولانا مفتي عبدالقادر بن استاذالعلماء حضرت مولانا مفتي محمد حسن پنهور ۱۹۸۵ء ڌاران ڳوٺ شيخ طيب ضلع خيرپور ميرس تعلقہ ڪنگري ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

جيئن تہ پاڻ هڪ علمي گهراڻي ۾ پيدا ٿيا، پاڻ جنهن گهر ۾ اک کولي ان گهراڻي جي تعليمي، سياسي، سماجي حوالي سان خدمتون مسلم ۽ مڃيل آهن. سنڌن وڏڙن جو ادارو جامعہ اسلاميہ شمس الهديٰ ڪولاب جيئل جي نالي سان قائم ٿيل آهي. جنهن جو فيض ڏيهہ توڙي پرڏيهہ ۾ ڦهليل آهي،ان ڪري پاڻ پنهنجي تعليم پنهنجي وڏڙن جي قائم ڪيل اداري ۾ حاصل ڪئي آهي. پاڻ سڄو علم پنهنجي ئي اداري ۾ پڙهيو آهي. قاعدي کان قرآن پاڪ حفظ ڪرڻ تائين، ان کان پوءِ درس نظامي جي پهلي فارسي کان وٺندي بخاري شريف تائين ان هڪ ئي مدرسي ۾ پڙهيا آهن. پاڻ ۲۰۰۵ء ڌاران سڀني علمن جي تڪميل ڪري دستار فضيلت ٻڌي عالمدين بڻجي ويا.

سنڌن مشهور استادن ۾ استاذالڪل حضرت مولانا غلام محمد پنهور رحہ، استاذالعلماء حضرت مولانا مفتي عبدالقادر پنهور، استاذالعلماء حضرت مولانا عبدالشڪور پنهور رحہ، استاذالعلماء حضرت مولانا نعمت الله نعماني، حضرت مولانا بلال احمد بروهي، حضرت مولانا عبالرئوف مهر شامل آهن.

مولانا سراج احمد پنهوربحيثيت استاد

ديني علوم جي فراغت کان پوءِ ڪين پنهنجي ئي مدرسي ۾ پڙهائڻ جو موقعو مليو، پاڻ فراغت کان پوءِ لڳاتار پڙهائيندا اچن ٿا. ياد رهي تہ پاڻ پنهنجي والد صاحب حضرت مولانا مفتي عبدالقادر پنهور رحہ جن جي زندگي ۾ هڪ پاسي مدرسي جا استاد هئا تہ ٻئي پاسي ناظم پڻ هئا، پاڻ پنهنجي والد صاحب جن جي وفات کان پوءِ پاڻ مدرسي جا استاد ۽ مهتمم پڻ آهن. پاڻ مدرسي جي اهتمام کي نهايت ئي احسن طريقي سان هلائي رهيا آهن.

مولانا محمد سليمان اڇڻ

03023635244

نالو ۽ نسب

مولانا محمد سليمان بن محمد ٻڍل اڇڻ ڳوٺ غلام اڇڻ لڳ ڊٻ مهر شاھ تعلقہ ڪنگري ضلع خيرپور ميرس ۾ ۱۹۸۴ء ڌاران پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

تعليم جي شروعات پنهنجي ئي ڳوٺ غلام اڇڻ ۾ پنهنجي چاچي محمد علي اڇڻ جن وٽ ڪيائون. وڌيڪ تعليم جي حصول جي لاءِ ضلعي خيرپور جي نهايت ئي قديمي ديني اداري جامعہ اسلاميہ شمس الهديٰ جو رخ ڪيائون. جتي جيد عالمن استاذالڪل استاذالعلماء حضرت مولانا غلام محمد پنهور رحہ جن جي نگرانيءَ ۾ ساندهہ ڏھ سال رهي سڀني علمن جي تڪميل ڪري ۲۰۰۳ء ڌاران مڪمل عالم دين بڻجي ويا. سنڌن مشهور ۽ اهم استادن ۾ استاذالڪل حضرت مولانا غلام محمد پنهور رحہ، حضرت مولانا مفتي عبدالقادر پنهور رحہ، حضرت مولانا عبدالشڪور پنهور رحہ، مولانا عبدالرئوف مهر، مولانا گل حسن بروهي، مولانا نعمت الله نعماني، مولانا بلال احمد بروهي، مولانا عبدالباري اڇڻ، مولانا حمد الله ڦلپوٽو، مولانا مختيار احمد پنهور، مولانا عبدالمجيد پنهور رحہ، مولانا عبدالخالق بروهي، مولانا عطاء الله بروهي، مولانا عبدالقادر ابڙو شامل آهن.

مولانا محمد سليمان اڇڻ بحيثيت استاد

ديني تعليم جي فراغت کان پوءِ مختلف ديني مدرسن ۾ عربي جا استاد رهي چڪا آهن. جهڙوڪ مدرسہ واحديہ دارالقرآن وڏا ڪيهر ۾ ٽي سال، هڪ سال مدرسہ ابو هريره رضہ دائود جي وانڍ ضلع شڪارپور، ٻہ سال پير جو ڳوٺ مولانا عبدالغفار ميمڻ جي بنات مدرسي ۾، هڪ سال حڪيم مولانا عبدالواحد بروهي جي مدرسي راڻي پور ۾ ۽ ۲۰۰۹ء کان ۲۰۲۰ تائين پنهنجي مادر علمي جي خدمت ڪيائون. جڏهن تہ پاڻ هن وقت جامعہ محمديہ اشاعت الاسلام سالار محلو پير جو ڳوٺ ۾ عربي جا مدرس ۽ استاد آهن.

مولانا عبدالسلام قريشي

03003453157

نالو ۽ نسب

مولانا عبدالسلام بن عبدالواجد قريشي۱۹۸۵ء ڌاران پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

ابتدائي تعليم مدرسہ عربيہ نورالهديٰ جهٽ پٽ کان ڪئي. ان کان پوءِ وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ جي مختلف ديني مدرسن ڏانهن رخ ڪيو. مدرسہ عربيہ سراج العلوم جيڪب آباد، ٺل شهر جي جامع مسجد، جامعہ حماديہ مظهرالعلوم کهڙا ۾ تعليم حاصل ڪندي آخري سال دوره حديث جامعہ مظهرالعلوم حماديہ منزل گاهہ سکر ۾ پڙهي سپيني علمن جي تڪميل ڪندي دستار فضيلت ڪري سند يافتہ مولوي ٿي ويو. درس نظامي مڪمل ڪرڻ کان پوءِ مختلف فنون جا دورا بہ ڪيائون، جهڙوڪ جامعہ قاسم العلوم ڪوٽ مير محمد ۾ نحو جو دورو ڪيائون ۽ دوره تفسير شيخ القرآن قاري خليل احمد بنڌاڻي جن وٽ جامع مسجد پڙهيو اٿن.سندن مشهور استادن ۾ مولانا عبدالڪريم کهڙو، مولانا واحد بخش سڏايو، مولانا نور محمد جمالي، مولانا محمد مراد هاليجوي، مولانا مفتي شفيع محمد انڊڙ، مولانا علي محمد سهندڙو، مولانا محمد قاسم ملتاني، مولانا قمر الدين ملاڻو، مولانا حضور الدين بروهي، مولانا سلطان احمد جمالي مولانا عبدالاحد قريشي ۽ مولانا محمد رمضان بروهي شامل آهن.

مولانا عبدالسلام قريشي بحيثيت استاد

فراغت کان پوءِ مختلف ديني مدرسن ۾ تعليمي فرائض سرانجام ڏئي چڪا آهن، جن ۾ دارالقرآن محمديہ بوسہ لائين سکر، جامعہ مخزن العلوم ٿرمل پاور سکر، مومن مسجد سکر، مدرسہ عربيہ دارارقم سکر ۽ دارالعلوم راهوجا سکر شامل آهن. جڏهن تہ پاڻ باب المجيد مسجد نزد مصطفائي اسپتال ۾ امامت ۽ خطابت جا فرائض سرانجام ڏئي رهيا آهن. انهيءَ مسجد ۾ روزانو صبح جو درس قرآن ۽ سومهڻي کان پوءِ حديث شريف جو درس ڏيندا آهن.

مولانا فياض احمد ميمڻ

03085640843

مولانا فياض احمد بن حافظ عبدالحليم ميمڻ ۱۳_۲_ ۱۹۸۵ء ڌاران نيڙهي شهر ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

عصري تعليم پرائمري کان ميٽرڪ تائين نيڙهيءَ جي اسڪول ۾ پڙهيا. ديني تعليم جي شروعات بہ نيڙهي کان ڪيائون ۽ حفظ نيڙهي جي قديمي جامع مسجد ۾ ۲۰۰۱ء ۾ مڪمل ڪيائون. ان کان پوءِ عربي جي تعليم لاءِ سنڌ جي مختلف ديني مدرسن جو رخ ڪيو. جهڙوڪ: جامعہ حماديہ حفظ القرآن خاڪي شاهہ پل خيرپور ميرس ۾ خامسہ تائين پڙهيا، ان کان پوءِ باقي سڄو علم دار الفيوض الهاشميہ سجاول ۾ پڙهي سپيني علمن جي تڪميل ڪري ۲۰۱۲ ڌاران سند يافتہ مولوي ٿي ويا.

سندن مشهور استاد

حضرت مولانا محمد اسماعيل ميمڻ، حضرت مولانا محمد افضل جوڻو، حضرت مولانا عبدالغفور قاسمي ، حضرت مولانا محمد صالح الحداد، حضرت مولانا مفتي نذير احمد عمراڻي، حضرت مولانا محمد اسماعيل قاسمي، حضرت مولانا عبدالغفور مهر، حضرت مولانا محمد حسن ٿهيم، حضرت غلام حسين ميمڻ، حضرت مولانا عزيزالرحمٰن عباسي، قاري حزب الله ميمڻ ۽ حافظ منير احمد ميمڻ.

فراغت کان پوءِ ڪيس شوق ٿيو تہ انگريزي پڙهان، ان ڪري پاڻ جامعہ عمرؓ ۾ تخصص في الانجليزيہ ۾ داخلا ورتائون. جڏهن سندن استاد حضرت مولانا عبدالغفور قاسميءَجن ناراضگيءَ جو اظهار ڪيو ۽ فرمايائون تہ اسان توهان کي ان لاءِ نہ پڙهايو هو تہ توهان انگريز ٿيو، بلڪ توهان کي دين جي خدمت ڪرڻ لاءِ پڙهايو آهي. پنهنجي استاد حضرت مولانا عبدالغفور قاسمي جي ناراضگي ڪري جامعہ عمرؓ کي الوداع ڪري پنهنجي مدرسي قائم ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي والد صاحب ۽

پنهنجي ڀائرن سان مشورو ڪيائون. انهن مدرسي جي لاءِ زمين وقف ڪئي. مدرسي جو سنگ بنياد رجب ۱۴۲۳ هجري مطابق ۵ نومبر ۲۰۱۲ء حضرت مولانا عبدالغفور قاسمي جن رکيو. ٽن مهينن ۾ مدرسي جي تعميراتي مکمل ٿي ۽ نالو مدرسہ فيض العلوم قاسميہ رکيائون.

مولانا فياض احمد ميمڻ بحيثيت استاد

جيئن تہ پاڻ پنهنجو مدرسو قائم ڪيائون. ان ڪري پاڻ درس ۽ تدريس جو سلسلو پنهنجي ئي مدرسي ۾ ۱۴۲۳ هجري مطابق ۲۰۱۲ءکان پنهنجي ئي مدرسي ۾ بطور صدر مدرس ۽ مهتمم آهن. پاڻ پنهنجي مدرسي ۾ لڳاتار تفسير، حديث ۽ ٻين فنون جا ڪتاب پڙهائي رهيا آهن. ان ڪري شاگردن جو بہ چڱو خاصو تعداد آهي، جيڪي مختلف ديني مدرسن ۾ پڙهائي رهيا آهن. سندن مشهور شاگردن ۾ مولانا عمران احمد ٿانوري (استاد مدرسہ حزب الابرار چڪ)، مولانا جنيد احمد شاهہ (استاد جامعہ قاسميہ سجاول)، مولانا احسان الله ڦل (استاد مدرسہ دارالقرآن مائيڪرويو ٽاور سکر)، مولانا بشير احمد لغاري (استاد فيض العلوم قاسميہ نيڙهي)، مولانا ابوبڪر بنگلاٽي (استاد مدرسہ همايون شريف) مولانا عبدالوهاب بلوچ ۽ مولانا عبدالله جتوئي شامل آهن.

بيعت

طالبي زماني ۾ حضرت مولانا سائين محمد حسن شاهہ پور چاڪر واران سائيءَ ٿيل هين، سندن وفات کان پوءِ حضرت مولانا عبدالمجيد چني سان بيعت ڪيائون، جنهن وٽ سلسلو هلندڙ اٿن.
سياسي تعلق جمعيت علماء اسلام سان اٿن،پاڻ هن وقت يونٽ نيڙهي جا سنيئر نائب امير ۽ تعلقي جا شورائي ممبر ۽ ضلعي جا عمومي ممبر آهن، جڏهن تہ طالبي دور ۾ جي ٿي آءِ ضلعي خيرپور ميرس جا صدر ۲۰۰۶ء کان۲۰۰۸ء تائين پڻ رهي چڪا آهن.

مولانا حبيب الرحمٰن خيرآبادي کوسو

03087480606

فاضل نوجوان، عالم دين، تحرير، تصنيف ۽ تاليف سان گڏوگڏ درس ۽ تدريس ۽ شاعري جي دنيا ۾ بہ پنهنجو پاڻ متعارف ڪرائيندڙ، انگريزي، عربي، فارسي، اردو ۽ سنڌي ٻوليءَ جو ماهر نام و نمود کان ڪوهين پري.

نالو ۽ نسب

مولانا مفتي حبيب الرحمٰن بن مولانا ڊاڪٽر عبدالله بن واحد بخش بن نبي بخش کوسو. ۱۲ اپريل ۱۹۸۷ء ڌاران ڳوٺ خير آباد تعلقہ شهداد پور ضلع سانگهڙ ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

ابتدائي تعليم پنهنجي والد مولانا ڊاڪٽر عبدالله کوسو جن وٽ شروع ڪيائون. پرائمري ڳوٺ دوست محمد کوسو تعلقہ شهداد پور ضلع سانگهڙ ۾ پنهنجي ناني استاد محمد خان کوسو ۽ استاد ارباب خان کوسو وٽ پڙهيا. ديني تعليم مختلف مدرسن مان حاصل ڪندي جهڙوڪ جامعہ دارالقرآن سرهيہ ڪنڊيارو، جامعہ شمس العلوم ڪرڙاهہ ضلع خيرپور ميرس، مدرسہ عربيہ تعليم القرآن ڪوٽ الاهي بخش کوسو، جامعہ دارالعلوم شهداد پور مان ابتدائي تعليم حاصل ڪندي سڄو درس نظامي جامعہ عربيہ انوارالعلوم ڪنڊيارو مکمل پڙهي ۲۰۰۵ء ڌاران دستار بندي سند يافتہ مولوي ٿي ويا. دوره حديث مکمل ڪرڻ کان پوءِ پاڻ انهيءَ مدرسي، جامعہ انوارالعلوم ڪنڊيارو ۾ تخصص في الفقه پڻ ڪيائون ۽ ان سان گڏوگڏ اتي تدريس بہ ڪيائون. ان کان پوءِ ڪراچي ۾ جامعہ عمر ٽول پلازه ۾ تخصص في اللغة الانجليزيہ پڻ ڪيائون.
سندن مشهور استادن ۾ حضرت مولانا ڊاڪٽر مفتي محمد ادريس سومرو، حضرت مولانا غلام مصطفيٰ راڄپر، حضرت مولانا سليم الله سومرو، حضرت مولانا عبدالاحد ڪبر، حضرت مولانا خير محمد نانگراج، حضرت مولانا محمد الياس سومرو ۽ حضرت مولانا صبغت الله جوڳي شامل آهن.

مولانا صاحب بحيثيت استاد

ديني علوم جي فراغت کان پوءِ پاڻ مختلف ديني مدرسن ۾ پڙهائي چڪا آهن. جهڙوڪ: جامعه انوارالعلوم ڪنڊيارو ۾ هڪ سال، مرڪز عمر فاروق التعليمي منگوچي، ملاوي افريڪا ڪنڊ ۾ چار سال درس نظامي انگريزي ۽ عربي ۾ پڙهايائون.ان کان پوءِ دار القرآن سرهيه مسجد ڪنڊيارو ۾ درس نظامي پڙهايائون. پاڻ هن وقت جامعه عمر ٽول پلازه ڪراچي جي شعبي انگريزي جا استاد ۽ تصنيف ۽ تاليف جي پڻ نگراني ڪن ٿا. پاڻ مختلف ديني توڙي ادبي رسالن مضمون نويسي به ڪندا رهندا آهن. جهڙوڪ ماهوار الفاروق ڪراچي، ماهوار القاسم ڪوٽڙي، جامعه انوارالعلوم ڪنڊيارو مان نڪرندڙ رسالي مخزن الانوار جا ايڊيٽر پڻ آهن.

پاڻ مولانا ڊاڪٽر محمد ادريس السندي دامت برڪاتهم جا علمي ڪم ۾ ٻانهن ٻيلي به آهن ۽ سنڌ جي مشهور علمي تنظيم رابطة علماءِ السند جا نائب جنرل سيڪريٽري به آهن.

مولانا امتياز احمد جمالي

03034516206

باهمت نوجوان، علمي صلاحيت سان مالا مال، نهايت ئي جاکوڙي ۽ ڪاهوڙي، نوجوان علماء تنظيم رابطة علماءِ السند جو نائب صدر، جامعه عمر جي عربي شعبي جو صدر.

نالو ۽ نسب

مولانا امتياز احمد بن عبدالرئوف بن عبد اللطيف بن الحاج غازي بن محبت جمالي، پهرين ڊسمبر ۱۹۸۸ع ڏاران سکر ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

تعليم جي شروعات جامعه اسلاميه سراج العلوم عزيزيه ۾ ڪيائون، انهيءَ مدرسي مان سڄو درس نظاميءَ جو ڪورس مڪمل ڪيائون. ۲۰۰۹ع

ڏاران سيني علمن جي تڪميل ڪري سند يافته مولوي ٿي ويا. درس نظامي مڪمل ڪرڻ کان پوءِ ڪراچي جي مشهور ديني اداري جامعه عمر ڪراچي مان ٻه ساله تخصص في اللغة العربية ڪيائون.ان کان سواءِ پاڻ مختلف علمي دورا به پڙهيا اٿائون. جهڙوڪ: جامعه اسلاميه سراج العلوم عزيزيه ۾ صرف ۽ نحو جو دورو پڙهيائون ۽ جامعة الرشيد ڪراچي ۾ فلڪيات ۽ جغرافيه جو دورو پڙهيو اٿائون.

سندن مشهور استادن ۾ حضرت مولانا مفتي عبدالغفار جمالي، حضرت مولانا سراج احمد جمالي، حضرت مولانا مفتي ڊاڪٽر محمد ادريس سومرو، حضرت مولانا ڊاڪٽر محمد موسيٰ عراقي، حضرت مولانا شيخ محمد جمعه افريقي، مولانا عبد الله ٽنيو، مولانا امداد الله جمالي، حضرت مولانا ڊاڪٽر حزب الله افغاني، مولانا محمد اسحاق اوڳاهي، مولانا جميل احمد جمالي، مولانا عبد الخالق پيٽوءِ حضرت مولانا حبيب الرحمٰن انڊڙ شامل آهن.

مولانا صاحب بحيثيت استاد

پاڻ ديني علوم جي فراغت کان پوءِ مختلف ديني مدرسن ۾ عربي جا دورا پڙهائڻ سان گڏوگڏ مختلف ديني مدرسن ۾ پڙهائي چڪا آهن. جامعه خالد بن وليد وهاڙي، پنجاب، جامعة الحرمين للبنات، سکر، جامعه تعليم القرآن ٺيڙهي ۽ مدرسه عربيه شمس الهداية ڊپ مهر شاهه ۾ عربي جادورا پڙهائي چڪا آهن. ان کان سواءِ پاڻ جامعه باب رحمت گلشن حديد ڪراچي، جامعه تعليم القرآن حماديه ٺيڙهي ۾ به معهد اللغة العربية جي شعبي ۾ تدريس جا فرائض سرانجام ڏئي چڪا آهن.

پاڻ هن وقت جامعه عمر ڪراچي جي تخصص في اللغة العربية جي شعبي جا صدر پڻ آهن. درس تدريس سان گڏوگڏ پاڻ تصنيف ۽ تاليف ۾ پاڻ ملهائيندا رهندا آهن. سندن گهڻو ٽڻو ڪم عربي ۾ اٿن. جهڙوڪ حاشية الامام ابي الحسن السندي الكبير علي سنن الامام الترمذي جي تحقيق ۽ تخريج (هي ڪتاب نهايت ئي شاندار طريقي تي بيروت جي مشهور ڪتب خاني دارالكتب علميه پاران شايع ٿي چڪو آهي). بذل القوة في حوادث سني النبوة مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي قلمي ڪتاب جي تحقيق ۽ تخريج (ڇپائي هيٺ عنقريب شايع ٿي ويندو ان شاء الله العزيز).

ڪيف راعي الاسلام حقوق الانسان (جامعہ عمر ڪراچي جي تخصص دوارن لکيل تحقيقي مقالو)، معلم الانشاء جو اردو ۾ شرح (اڻ ڇپيل).

ان ڪان سواءِ مختلف رسالن جامعہ بيت السلام مان شايع ٿيندڙ عربي رسالي "مجلة السلام"، ديوان العجم ويب سائيٽ تي ۽ ضرب مومن ڪراچي ۾ سندن مضمون ۽ تحقيقي مقالا شايع ٿي چڪا آهن.

مولانا نعيم الله عباسي

03003470750

نالو ۽ نسب

مولانا نعيم الله بن محمد ٻڍل ڳوٺ پير مڱيو تعلقہ ۽ ضلع خيرپور ميرس ۾ ۱۹۹۰ ۾ پيدا ٿيو.

تعليم ۽ تربيت

حضرت مولانا نعيم الله پنهنجي تعليم جي شروعات پنهنجي ڳوٺ جي قائم ڪيل ديني مدرسي جامعہ عربيہ مفتاح العلوم پير مڱيو ۾ ڪئي. اتي ناظره قرآن مجيد کان وٺي درس نظامي جا ڪتاب پڙهيا، انهيءَ مدرسي ۾ پاڻ خامسہ تائين پڙهيا، ان کان پوءِ شهيد اسلام حضرت علامہ ڊاڪٽر خالد محمود سومري جي قائم ڪيل عظيم ديني درسگاهہ جامعہ اسلاميہ اشاعت القرآن والحديث دودائي روڊ لاڙڪاڻي ۾ موقوف عليہ تائين پڙهيو، دوره حديث سنڌ جي ديوبند جامعہ دينيہ دارالهدي ٺيڙهيءَ ۾ پڙهيا، جتان ۲۰۰۶ء ڌاران وقت جي جيد عالمن کان حديث جا آخري ڪتاب پڙهي دستار ٻڌي مولوي ٿي ويو. دستار بند مولوي ٿيڻ کان پوءِ جامعہ حماديہ مظهر العلوم منزل گاهہ سکر کان ۲۰۰۸ء ۾ تخصص في الفقه (مفتي جو ڪورس) ڪيائين. سنڌ مشهور استادن ۾ استاذالعلماء حضرت مولانا سائين مير محمد ميرڪ وارا، استاذالعلماء حضرت مولانا واحد بخش سڏايو، استاذالعلماء حضرت مولانا محمد مراد هاليجوي، استاذالعلماء حضرت مولانا قاري خليل احمد بنڌاڻي، استاذالعلماء حضرت مولانا حزب الله ميمڻ، استاذالعلماء حضرت مولانا قاضي حمد الله، استاذالعلماء حضرت مولانا

صوفي عبدالواحد شيخ، استاذالعلماء حضرت مولانا عبدالاحد ڪبڙ ۽ استاذالعلماء حضرت مولانا عبدالحفيظ ڦلپوٽو شامل آهن.

مولانا نعيم الله بحيثيت استاد

حضرت مولانا نعيم الله صاحب ديني تعليم کان فراغت حاصل ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي مادر علمي جامعہ دينيہ دارالهديٰ ٺيڙهي ۾ چار سال تعليمي فرائض سرانجام ڏيڻ کان پوءِ پنهنجي وڏڙن جي قائم ڪيل ديني مدرسي جامعہ عربيہ مفتاح العلوم پير مڱيو ۾ بطور استاد آهن، جتي پاڻ ديني علمن جي تعليم ۾ مصروف نظر اچن ٿا. پاڻ پنهنجي انهيءَ مدرسي ۾ استاد سان گڏوگڏ نظامت جون ذميواريون پڻ نڀاهي رهيا آهن.ان کان سواءِ پاڻ پنهنجي مدرسي جي جامع مسجد ۾ امامت ۽ خطابت جا فرائض سرانجام ڏئي رهيا آهن. پاڻ هر جمعي تي واعظ ۽ تقرير ڪندا آهن.

سندس سياسي تعلق پاڪستان جي مشهور جمهوري جماعت جمعيت علماء اسلام سان آهي، پاڻ پنهنجي علائقي جمعيت علماء اسلام جا فعال ۽ سرگرم اڳواڻ آهن ۽ يونٽ پير مڱيو جا ناظم عمومي پڻ آهن.

مولانا محمد حاصل چوهاڻ

03033191551

نالو ۽ نسب

مولانا محمد حاصل بن محمد جمن ڳوٺ محمد صالح لڳ پٽ شاهه ضلع مٽياري ۾ ۱۹۹۲ء ڌاران پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

ابتدائي پنهنجي ڳوٺ جي مدرسي مدرسہ تعليم القرآن حماديہ ۾ حفظ قرآن مڪمل ڪرڻ کان پوءِ درس نظامي مختلف مدرسن ۾ پڙهيا. جهڙوڪ مدرسہ انوارالقرآن لطيفيہ پٽ شاهه ۾ پڙهيا. ان کان پوءِ جامعہ اسلاميہ مدينة العلوم ٽنڊو آدم ۾ داخل ٿي اتي ئي درس نظامي مڪمل ڪري ۲۰۱۶ء ڌاران مڪمل عالم دين بڻجي ويا. ان کان پوءِ جامعہ دارالعلوم

اسلاميہ هالا ۾ تخصص في الفقه (مفتي جو ڪورس) ڪيائون. سندن مشهور ۽ اهم استادن ۾ حفظ جا استاد حافظ عبدالڪريم عباسي، قاري عبدالوڪيل، قاري ڏتي بخش لاشاري جڏهن تہ درس نظامي جي استادن ۾ مفتي عبدالمعيد، مولانا انعام الحق، مفتي محمد سلمان، مولانا عبدالشڪور، مولانا محمد خوش، مولانا محمد حيات، حضرت مولانا عبدالحئي بروهي، مولانا محمد هارون، مفتي امان الله بروهي، مولانا امام الدين رند، مولانا عبدالله انصاري، مولانا عبداللطيف، مولانا مفتي محمد خالد ميمڻ مهتمم ۽ شيخ الحديث جامعہ دارالعلوم اسلاميہ هالا، مفتي محمد خالد ملڪ ۽ مفتي محمد طارق پنجاب وارا شامل آهن.

مولانا محمد حاصل بحيثيت استاد

ديني تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ ڳوٺ جي مدرسي مدرسہ تعليم القرآن حماديہ ۾ درس ۽ تدريس سان گڏ و گڏ ڪنڊو اسٽاپ جي جامع مسجد ۾ امامت ۽ خطابت جا فرائض سرانجام ڏئي رهيا آهن.

مولانا خدابخش اچڻ

03002495856

نالو ۽ نسب

مولانا خدابخش بن محمد عمر اچڻ ١٩٩٥ء ڏاران ڳوٺ شاهہ محمد اچڻ رڪياٽي ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

دنيوي تعليم پرائمري پنج درجا ڳوٺ غلام جي گورنمنٽ اسڪول ۾ ميٽرڪ ڏڀ مهر شاهہ جي هاءِ اسڪول ۾ ۽ انٽر کهڙا ۾ ڪيائون. جڏهن تہ ديني تعليم جي شروعات ۽ پڇاڙي هڪ ئي مدرسي ۾ مدرسہ عربيہ شمس الهدايت ڏڀ مهر شاهہ ۾ ڪيائون. حفظ ٢٠٠٨ء ۾ ۽ درس نظامي ٢٠١٧ء ۾ مڪمل ڪري سند يافتہ مولوي ٿي ويا. سندن مشهور استادن ۾ حضرت مولانا ڪليم الله کهڙو، حضرت مولانا عبدالفتاح مهر، حضرت مولانا

عبدالفتاح پيبو، حضرت مولانا اسدالله اوڳاهي، حضرت مولانا قاري عبدالرشيد مهر ۽ حضرت مولانا محمد يونس پيبو شامل آهن.

مولانا خدابخش اچڻ بحيثيت استاد

ديني علوم جي فراغت کان پوءِ پاڻ پنهنجي مربي ۽ استاد حضرت مولانا ڪليم الله جي حڪم تي سندن ئي نگرانيءَ ۾ پنهنجي مادر علمي ۾ مدرسہ عربيہ شمس الهداية ڏڀ مهر شاهہ ۾ استاد آهن، جتي درس نظامي پڙهائي رهيا آهن، ان سان گڏوگڏ پاڻ پنهنجي ڳوٺ شاهہ محمد اچڻ رڪياٽي جي جامع مسجد ۾ امامت، خطابت سان گڏوگڏ ڳوٺ جي ٻارڙن کي قرآن پاڪ جي تعليم ڏئي رهيا آهن. ۽ روزانو صبح جو درس قرآن پڻ ڏيندا آهن.

سندن سياسي تعلق جمعيت علماء اسلام سان آهي ۽ جمعيت علماء اسلام يوسي ڏڀ مهر شاهہ جا جنرل سيڪرٽري پڻ آهن. ان کان سواءِ مدرسي ڏڀ مهر شاهہ پاران شايع رسالي اصلاح ۾ مضمون پڻ لکندا رهندا آهن. هڪ ڪتاب بخاري شريف مان چونڊ هڪ سو واقعا پڻ شايع ٿيل اٿس، ۽ جلسن ۾ اسٽيج سيڪريٽريءَ جا پڻ فرائض سرانجام ڏيندا رهندا آهن.

استاد علي نواز شيخ

استاد علي نواز شيخ صاحب هر دلعزيز انسان عالمن ۽ ديني مدرسن جي طالبن سان سچي محبت ڪرڻ وارو نيڪ انسان هيو، پاڻ جيئن تہ هن فاني جهان کان لاڏاڻو ڪري ويا آهن، پر سندن يادون اسان جي سيني ۾ محفوظ آهن. اهڙا انسان جيتوڻيڪ هن فاني جهان کان هليا ويندا آهن، پر پنهنجي مداحن جي دلين ۾ زنده ۽ جيئرا هوندا آهن، اهڙن ئي پيلارن ۽ نيڪ انسانن لاءِ سنڌ جي سدا حيات شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائي سورهن آنا سچ ۽ صحيح فرمايو آهي: "مري نہ ٿين مات" يعني اهي مري ڪري بہ مرندا نہ آهن، بلڪ زنده ۽ جيئرا هوندا آهن. هتي استاد علي نواز شيخ صاحب جو مختصر تعارف پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪيو وڃي ٿو:

استاد علي نواز، محمد بچل شيخ جي گهر ٨_٤_ ١٩٤٤ع تي پني عاقل ۾ پيدا ٿيا، استاد علي نواز شيخ جي والده ننڍپڻ ۾ ئي وفات ڪري وئي، ان ڪري تربيت ۽ تعليم سندس پڦي ڪئي، جيڪا ڏب مهر شاهه تعلقي ڪنگري ضلعي خيرپور ۾ رهندي هئي.

ابتدائي تعليم

ديني توڙي دنيوي تعليم جي شروعات ڏب مهر شاهه مان حاصل ڪيائون. جڏهن ته ميٽرڪ کهڙا شهر حيدرآباد بورڊ مان ڪيائون. پاڻ نهايت محنتي ۽ ذهين انسان هيا، ملازمت جي شروعات ١٩٦٤ء کان شروع ڪيائون، پرائمري استاد جي حيثيت سان مختلف علائقن ۾ پنهنجي ڊيوٽي سرانجام ڏنائون، جهڙوڪ: ٽنڊومستي، فتح پور ، غلام ڳوٺ، درازا شريف ۽ ڏب مهر شاهه ضلع خيرپور ميرس ۾ ڪيائون. سندن شاگرد تمام گهڻا آهن، سندن شاگرد ۾ هرطبقي سان تعلق رکندڙ ملن ٿا. عالم ۽ حافظ به آهن، ڊاڪٽر ۽ انجينئر به آهن، سياسي ۽ سماجي ورڪر به آهن. مطلب ته زندگيءَ جي هر شعبي سان تعلق رکندڙ شاگرد تمام گهڻي تعداد ۾ ملن ٿا، جن جو ڳاڻيٽو ڪرڻ نهايت ئي مشڪل آهي. ٢٠٠٤ء ڌاران ريٽائر ٿيا.

عالمن ۽ طالبن سان محبت ڪرڻ

استاد علي نواز شيخ صاحب جيئن ته استاد شعبي سان وابسته هيو، ان ڪري پاڻ عالمن، حافظن ۽ ديني مدرسن جي طالبن سان تمام گهڻي محبت ڪندا هئا، آئون جڏهن ڏب مهر شاهه ۾ پڙهندو هئس ته پاڻ مون سان به بي انتها محبت ڪندا هئا، ڪڏهن ڪڏهن مون کي خرچي پڻ ڏيندا هئا. اها ئي محبت سندن لاءِ آخرت جو ذخيرو بڻجندو، ڇاڪاڻ ته نبي ڪريمﷺ جن جو فرمان آهي ته ماڻهو قيامت جي ڏينهن ان سان گڏ هوندو، جنهن سان سندس محبت هوندي. ان کان سواءِ نماز جا پابند هئا، مسجد شريف ۾ سڀ کان اڳ ۾ اچڻ ۽ تڪبير چوڻ سندن معمول ۾ شامل هيو، پاڻ نهايت ئي سچا ۽ کرا انسان هئا، حق چوڻ ۾ بي باڪ هئا، غريبن ۽ ديني مدرسن جا محسن ۽ همدرد هئا، توحيد پرست انسان هئا، هي مرد قلندر حق گو انسان ٧ آگسٽ ٢٠١٩ء مطابق ٥ ذوالحجه ١٤٤١ ڪراچي جي

مشهور اسپتال، لياقت اسپتال ۾ وفات ڪري اسان کان هميشه لاءِ وڇڙي ويو، الله تعاليٰ مٿس ڪروڙين رحمتون نازل فرمائي آمين.

استاد علي نواز شيخ صاحب پنهنجي پنيان ٽي پٽ ڇڏيا آهن، احسان احمد شيخ ڊويزنل اڪائونٽس آفيسر واپڊا، حافظ آفتاب احمد شيخ مينيجر ايڊمنيسٽريشن، يونس ٽيڪسٽائل ملز نوري آباد، شعيب احمد شيخ سنيئر ڪلارڪ لاڙڪاڻو ڊوپپلمنيٽ اٿارٽي.

استاد اسد الله اڄڻ

03023210510

نوجوان باشعور، تاريخ جي مطالعي سان سرشار، غريبن جو هڏ ڏوکي، سماجي ڪمن ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪندڙ، غريب شاگردن جي مالي سهائتا ڪندڙ، ڇهري تي سنت رسولﷺ سجائيندڙ، پنهنجن توڙي پراون لاءِ هڪ جهڙو مانجهي مڙس، صوم ۽ صلاة جو پابند.

نالو ۽ نسب

اسد الله بن محمد ملوڪ ذات اڄڻ، ١٨_ ١٠_ ١٩٨٢ء ڌاران ڏب مهر شاهه ۾ پيدا ٿيو.

تعليم ۽ تربيت

ابتدائي تعليم پرائمري کان مئٽرڪ تائين ڏب مهر شاهه جي اسڪول مان حاصل ڪيائين، جڏهن ته ايم اي. اسلامڪ هسٽري، اسلامڪ ڪلچر بي ايڊ پڻ ٽيل آهي. پاڻ هن وقت گورنمنٽ سچل سرمست ڊگري ڪاليج راڻيپور ۾ اسلاميات جا ليڪچرار آهن. لکڻ پڙهڻ جي مصروفيت سان گڏوگڏ هڪ پرائيوٽ اسڪول نالي ڊان پبلڪ هاءِ اسڪول ڏب مهرشاهه جا پرنسپال پڻ آهن. ان کان سواءِ پاڻ علماء ۽ طلباء سان بي انتها محبت ڪندا آهن.

باب ٽيون

مصنفن ۽ ليکڪن جو تعارف

هن باب ۾ اسان انهن عالمن جو تعارف پيش ڪنداسون، جن تصنيفي ميدان ۾ ڪم ڪري پاڻ ملهايو آهي ۽ سندن شايع ٿيل ڪتابن جو مختصر تعارف پيش ڪنداسون

مولانا محمد قاسم سومرو

03083216800

ساهتي پرڳڻي جي جيد عالم دين ڪيترن ئي ڪتابن جو مصنف ۽ ليڪ پاڻ ڪنهن بہ تعارف جا محتاج نہ آهن،حضرت سائين پير وارن جا فيض يافتہ آهن.

نالو ۽ نسب

مولانا محمد قاسم بن محمد ادريس ۱۰ ڊسمبر ۱۹۴۲ڌاران ڳوٺ چنيهاٽي تعلقي ڪنڊياري ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

پنج درجا سيدو باغ ۾ ۽ بہ فائينل وارا ڪاٽيا ڪلهوڙا ۾ پاس ڪرڻ ڪان پوءِ ديني تعليم جي شروعاتڪنڊياري شهر جي عظيم ديني اداري جامعہ انوارالعلوم حضرت مولانا عبداللطيف ميمڻ جن وٽ ڪيائون. ان زماني ۾ حضرت سائين پير وارا بہ ڪنڊياري ۾ پڙهائيندا هئا. جڏهن حضرت سائين پير وارا ڪنڊياري شهر کي ڇڏي پير شريف ۾ علم جي جوت جلائڻ لاءِ پير شريف آيا تہ مولانا محمد قاسم سومرو بہ پنهنجو سڄو علم پير شريف جي مدرسي جامعہ اسلاميہ سراج العلوم ۾ مڪمل ڪري ۱۹۷۱ء ڌاران فارغ التحصيل ٿيا. ديني علم جي فراغت ڪان پوءِ پاڻ ڪنڊياري شهر جي جامع مسجد ۾ روزانو مغرب ڪان پوءِ درس قرآن ڏيندا رهن ٿا، درس ۾ قرآن پاڪ جي ڪيترائي ختم پورو ڪري چڪا آهن.جيئن تہ سندن گهڻو شوق تصنيف ۽ تاليف سان رهيو آهي، هتي سندن شايع ٿيلڪتابن جو مختصر ۽ جامع تعارف ۽ تبصرو پيش ڪجي ٿو.

مولانا صاحب بحيثيت مصنف

مولانا محمد قاسم سومرو جن کي تصنيف ۽ تاليف جو تمام گهڻو شوق رهيو آهي. سندن لکڻي نهايت ئي سليس آهي، جو هر هڪ ماڻهو

سولائيءَ سان ڪتاب پڙهي ۽ سمجهي ويندو آهي. سندن ٻوليءَ نهايت ئي دلچسپ، وڻندڙآهي. ڪو بہ اديب ۽ اهل سندن ٻوليءَ جي واڪاڻ ڪرڻ کان سواءِ رهي نہ ٿو سگهي. بهرحال الله تعاليٰ کين لکڻ لاءِ سٺو ملڪو ۽ سليقو عطا ڪيو آهي. هتي سندن شايع ٿيل ڪتابن جو تعارف ۽ تبصرو پيش ڪجي ٿو.

(۱) **سچ جي سڃاڻ.** (هي ڪتاب بريلوي مڪتب جي مولوي عبدالرحيم شر جي ڪتاب ديوبندي ڌرم ۽ اهلسنت جا عقيدا جي جواب طور لکيو اٿائون. ڪتاب نهايت ئي جامع اثرائتو آهي. پنهنجي موضوع جو لا جواب ۽ بيمثال ڪتاب آهي).

(۲) **قبا ۽ قبر پرستي** (هي ڪتاب باطل رسمن جي خلاف قرآن ۽ حديث جي روشنيءَ ۾ لکيو ويو آهي. جيڪي قبرن تي ناجائز ريتون ۽ رسمون ٿي رهيون آهن، انهن کي بيان ڪري ان کان باز رهڻ جي تلقين ڪئي وئي آهي.

(۳) **جنازي نماز کان پوءِ دعا جي شرعي حيثيت** جنازي نماز کان پوءِ دعا جي شرعي حيثيت کي بيان ڪيو ويو آهي. ٻڌايو ويو آهي تہ جنازي نماز کان پوءِ دعا گهرڻ جو ثبوت نہ قرآن ۽ حديث ۾ آهي، نہ ئي سلف صالحين جي تعليم ۾ ان جو ثبوت ملي ٿو.

(۴) **حضرت بلال بانگو.** هن ڪتاب ۾ حضرت بلالؓجي سيرت ۽ تاريخ متعلق اهڙي نموني لکيل آهي جو ڪيڏو بہ سنگ دل هن کي پڙهندو تہ اکيڻ مان لڙڪ وهي پوندا.

(۵) **نئون فرقو جماعت المسلمين.** هي ڪتاب نئين فرقي "جماعت المسلمين" جي رد ۾ لکيل آهي، نهايت ئي جامع ۽ پُر مغز ڪتاب آهي.

(٦) ***نیا فرقہ جماعت المسلمین***(هي ڪتاب بہ نئين فرقي جماعت المسلمين جي رد ۾ اردو ٻوليءَ ۾ بهترين ڪتاب آهي)

(7) ***سماجی انصاف واجتماعیت شاہ ولی اللہ کی نظر میں***

(۸) **گلستان.**(شيخ سعدي شيرازي جي جڳ مشهور گلستان جو سنڌي ترجمو، نهايت ئي بهترين سولي، سلوڻي ۽ دلچسپ ٻولي

اٿس، مقبول ترين ڪتاب آهي، جنهن جا ڪيترائي ايڊيشن شايع ٿي چڪا آهن.

(۹) **بوستان.** شيخ سعدي شيرازي جي جڳ مشهور گلستان جو سنڌي ترجمو، نهايت ئي بهترين سولي، سلوٽي ۽ دلچسپ ٻولي اٿس، مقبول ترين ڪتاب آهي، جنهن جا ڪيترائي ايڊيشن شايع ٿي چڪا آهن، اڃا سوڌو هن جا ايڊيشن شايع ٿيندا رهن ٿا).

(۱۰) **قرآني قصا.** ٻارن لاءِ.(ڪجهه وقت اڳ قرآني قصن جو سلسلو جاري ڪيو هئو. ٻارن جي لاءِ تمام مفيد هو. قرآني قصن کي ايتري مقبوليت ملي جو پنجاهه قرآني قصا الڳ الڳ ٿي ڪيترائي ڇپيا، جيڪي سنڌ جي اڪثر علائقن جي ٻارڙن وٽ پهتا. ان کان سواءِ اهي ئي قصا مجموعي جي حيثيت سان ٻن نمونن جي ايڊيشن ۾ ڇپيا. (۱) **۵۰ قصا ۵ جلدن**۾، (۲) **۵۰ قصا هڪ جلد** ۾. جنهن جا چار پنج ڇاپا هلي چڪا آهن، ڇپائيندڙ سنڌ جو مشهور ادارو روشني پبليڪشن آهي. قراني قصن جو آخري جلد سيرت النبي ﷺ جن جي متعلق آهي. ان کين صدارتي ايوارڊ پڻ مليو آهي.

(۱۱) **قصص الانبياء.** نبين سڳورن جي قصن تي تفصيلي ڪم آهي، جيڪو سندن چواڻي ته اهڙو مدلل، مفصل ۽ جامع نه عربي ۾ آهي، نه اردو ۾ ۽ نه ئي ڪنهن ٻي ٻوليءَ ۾ آهي. هن جا ٽي جلد ڇپجي چڪا آهن ۽ چوٿون جلد به ڪمپوزنگ ٿي ويو آهي، اهو به ڇپائي جي مرحلي ۾ آهي.

(۱۲) **پيارو مهينو ۽ پياريون دعائون.**

(۱۳) **اسلامي نصيحتون**

(۱۴) **نبوي نصيحتون**

(۱۵) **سوانح حيات حضرت سائين پير وارا** (هي ڪتاب امام العصر حضرت مولانا سائين عبدالڪريم قريشي جي تعليمات، خيالات، ارشادات، ملفوظات، افڪار، تعليمي، تدريسي تبليغي، سياسي ۽ سماجي، تصنيفي خدمتن تي نهايت ئي تفصيلي ڪتاب آهي،

(۱۶) **اخلاق نامو**

(۱۷) **بناء الاسلام** سولي سنڌي ۾

(۱۸) **سڪ مان سفر.** (حرمين شريفين جي زيارت لاءِ سفر نامو)

(۱۹) **اصلي وڏو قصو حضرت يوسف عليہ السلام ۽ مائي زليخان.**

مولانا مفتي عبدالوهاب چاچڙ

03003122963

اسلامي صحافتي ۽ اشاعتي وسيلي دين اسلام جي خدمت ڪندڙ، تاريخ ساز انسان، تصنيفي ۽ صحافتي ميدان ۾ پنهنجو سڪو ڄمائيندڙ، سنڌ جي حقوق تي قلم جي ذريعي آواز بلند ڪندڙ، سنڌ جي علماء جي تاريخ سهيڙيندڙ، چاليهن سالن کان وڏيڪ اسلامي صحافتي ميدان ۾ راڄ ڪندڙ، پير طريقت رهبر شريعت، حضرت مولانا مفتي عبدالوهاب چاچڙ تصنيفي توڙي تبليغي تعليمي سياسي ۽ سماجي خدمتن ۾ هڪ ڪتاب، هڪ تاريخ، هڪ تنظيم جي برابر آهن. هتي سندن تعارف ۽ ديني سياسي ۽ سماجي خدمتن جي جهلڪ پيش ڪجي ٿي.

نالو ۽ نسب

حضرت مولانا مفتي عبدالوهاب چاچڙ بن حضرت مولانا عبدالقادر ذات چاچڙ، **۸** ربيع الاول **۱۳۶۱** هه مطابق **۲۶** مارچ **۱۹۴۲**ء ڳوٺ ڪنڊو چاچڙ تعلقہ ۽ ضلع گهوٽڪي ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

حضرت مولانا مفتي عبدالوهاب چاچڙ صاحب جن پنهنجي تعليم جو آغاز پنهنجي گهر ۾ پنهنجي والده وٽ ڪيو، ان کان پوءِ وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ جي قديم ۽ مشهور ديني مدرسن قاسم العلوم گهوٽڪي ۽ مدرسہ عربيہ مدينة العلوم پنو عاقل ۾ تعليم حاصل ڪري **۱۹۶۷**ء ۾ سيني علمن جي تڪميل ڪري عالم فاضل ٿي ويا.

سندن مشهور ۽ اهم استادن ۾ استاذالعلماء حضرت مولانا علامہ مظهرالدين انيڙ، استاذالعلماء حضرت مولانا عبدالهادي ميمڻ ،

استاذالعلماء حضرت مولانا عبدالمجيد چاڪي ۽ استاذالعلماء حضرت مولانا عبدالهادي ڪلهوڙو اچ شريف وارا شامل آهن.

مولانا صاحب بحيثيت استاد

حضرت مولانا مفتي عبدالوهاب چاچڙ جيئن تہ مڪمل عالم دين آهن، ديني تعليم کان فراغت حاصل ڪرڻ کان پوءِ پاڻ درس ۽ تدريس جي محبوب مشغلي ۾ نظر اچن ٿا. پاڻ درس ۽ تدريس جي شروعات پنهنجي مادر علمي قاسم العلوم گهوٽڪي مان ڪئي، پاڻ انهيءَ مادر علمي ۾ هڪ سال بنا تنخواهہ جي پڙهايو، ان کان پوءِ مدرسہ مظهرالعلوم منزل گاهہ ۾ بہ تعليمي ۽ تدريسي فرائض ڏئي چڪا آهن. ۱۹۸۱ع کان هن وقت تائين جامعہ دارالعلوم الشرعية روهڙي ۾ تعليمي ۽ تدريسي فرائض ڏيندا رهن ٿا. پاڻ هن وقت استاذ العلماء، ڪهنہ مشق استاد، جهوني استاد جي حيثيت جا مالڪ آهن. پاڻ درس نظاميءَ جي هر فن جا يگانا عالم ۽ استاد آهن. هن وقت جامعہ دارالعلوم الشرعية جا شيخ الحديث، صدر المدرسين، دارالافتاء جا رئيس ۽ ماهوار شريعت سکر جا چيف ايڊيٽر پڻ آهن.

مولانا صاحب بحيثيت خطيب

پاڻ جيئن تہ جهونا عالم دين ۽ محقق علماء مان آهن، ان ڪري سندن خطاب بہ خالص تحقيقي، علمي ۽ دلائل سان مزين ۽ معطر هوندو آهي. سندن خطاب جو انداز بہ علمي هوندو آهي تہ وري خالص اصلاحي بہ هوندو آهي. سندن ڪيل بيان ۽ خطاب ماهوار شريعت ۾ هر مهيني شايع ڪيو ويندو آهي. جنهن جي پڙهڻ سان حضرت مولانا مفتي عبدالوهاب صاحب جن جي بيان ۽ خطاب جو اندازو ڪري سگهجي ٿو.

مولانا صاحب بحيثيت مفتي

پاڻ هڪ بهترين عالم دين هجڻ سان گڏ بهترين مفتي پڻ آهن. حضرت مولانا عبدالوهاب چاچڙ جن قديم ۽ جديد مسائل تي سٺي دسترس رکندڙ محقق مفتي پڻ آهن. پاڻ پنهنجي رسالي ۾ "اوهان جا سوال" جي عنوان سان سائلين جا جواب لکندا رهندا آهن. انهيءَ فتويٰ جي مجموعي جا ٽي جلد الفتاويٰ الشرعيہ نالي سان شايع ٿي مقبوليت ماڻي چڪا آهن. ۽

ٻہ جلد الفتاويٰ الشرعيہ جا رهيل آهن. جيڪي پڻ ڇپائيءَ جا منتظر آهن جڏهن تہ مدرسي جامعہ دارالعلوم الشرعيہ پاران جاري ڪيل فتوائن جو تعداد ان کان جدا آهي، اهي فتوائون بہ ٻن جلدن ۾ فتاويٰ دارالعلوم الشرعيہ روهڙي ڇپائيءَ جي منتظر آهن.

مولانا صاحب بحيثيت مصنف

حضرت مولانا مفتي عبدالوهاب صاحب چاچڙ جن ٻين ڪيترن ئي خوبين سان گڏ بهترين ليکڪ ۽ مصنف آهن. پاڻ سنڌي، عربي ۽اردو ٻوليءَ جا بهترين ليکڪ ۽ مصنف آهن. پاڻ مختلف عنوانن تحت ڪيترائي ڪتاب لکي ۽ شايع ڪري تصنيفي ميدان ۾ بہ پاڻ ملهائي چڪا آهن. سندن لکيل ڪتابن جو وچور هن ريت آهي:

- **تفسير سهل البيان.** (هي قرآن پاڪ جو تفسير نهايت ئي علمي نهج قديم ۽ جديد علمن مان ماخوذ آهي اڳ ۾ هڪ جلد ۾ شايع ٿيو تازو هي تفسير ٻن جلدن ۾ سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي پاران شايع علمي حلقن ۾ مقبوليت ماڻي چڪو آهي.)
- **مرد ڪامل** (هي اصل ۾ ماهوار شريعت جو امام العصر حضرت مولانا سائين عبدالڪريم پير وارن تي خاص نمبر آهي، **بعد** ۾ هن نمبر کي ڪتابي صورت ۾ شايع ڪيو ويو)
- **حرمين جو سفر** (پلي پار جو سفر ۽ زيارتن تي مشتمل بهترين ڪتاب)
- **قرباني ۽ عقيقي جا مسئلا.** (هي ڪتاب قرباني جي مسائل تي مشتمل آهي، ڪتاب نهايت ئي عالمانہ ۽ تحقيقي انداز جو آهي)
- **زڪوات جا مسئلا.**
- **پيغمبر عليہ السلام ۽ نيشنلزم**
- **من جي مالها**
- **فتح القوي في نسب النبيﷺ.** (هي ڪتاب اصل ۾ فارسي ٻوليءَ ۾ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحہ جن جو نبي ڪريمﷺ کان حضرت آدم عليہ السلام تائين آيل نسب تي مشتمل هن علمي ڪتاب جو سنڌي ترجمو حضرت مولانا مفتي عبدالوهاب چاچڙ ڪري پنهنجي اداري شريعت پبليڪشن سکر پاران شايع ڪيو

آهي. ڪتاب ١٨٨ صفحن تي مشتمل آهي، جڏهن تہ ڪتاب جي منڍ ۾ حضرت مولانا عبدالوهاب چاچڙ جن پيش لفظ لکيو آهي جيڪو خالص علمي ۽ تحقيقي انداز ۾ لکيل آهي.)

- **زهره ياسمين تفسير سورت ياسين.** (اڻ ڇپيل)
- **درة التاج عمليات تي مشتمل.** (اڻ ڇپيل)
- **طب نبوي ﷺ**
- **سرڪاري ملازمن جي انشورنس.**
- **اسلامي معيشت. (اڻ ڇپيل)**
- **چنڊ جا مسئلا. (اڻ ڇپيل)**
- *عورت کی وزارت عظمیٰ اور شریعت۔*
- *عورت کی وزارت عظمیٰ۔*
- *کالاباغ کا منصوبہ قرآن وسنت کی روشنی میں۔*
- *عشر آرڈیننس کا علمی جائزہ۔*
- *سندھ کا کیس۔*
- *کلوننگ کی حقیقت اور اس کی شرعی حیثیت۔*(اڻ ڇپيل)
- *رہنماء صرفیاں۔ سوال وجواب۔* (فارسي ۾ اڻ ڇپيل)
- **منار الحسنات في حياة الشيخ محمد حيات.**(هي ڪتاب مخدوم محمد حيات چاچڙ جي سوانح حيات تي بهترين علمي ۽ تحقيقي انداز ۾عربي ٻوليءَ ۾ لکيل آهي)
- **تحقيق تحفة المحبين الاربعين النووية**، للشيخ محمد حيات. عربي ۾
- **انتخاب علمي نڪات تفسير ڪبير.** عربي ۾ (اڻ ڇپيل)
- **تفسير المقادير** (اصول مبادلة الاوزان والمڪائيل المختلف. عربي ۾ (اڻ ڇپيل)
- **تحفة الڪرام بذڪر العشر الحرام.** (ذوالحج جي عشري بابت عربي ۾ اڻ ڇپيل)
- **المختصر في طبقات الصحابة والصحابيات.** (اڻ ڇپيل)
- **اللباب في ابواب الحساب.** (اڻ ڇپيل)

مولانا صاحب بحيثيت صحافي

مولانا مفتي عبدالوهاب چاچڙ ٻين انيڪ خوبين سان گڏ پاڻ بهترين ۽ نامور اسلامي ۽ مذهبي صحافي پڻ آهن، پاڻ چاليهن سالن کان لڳاتار هڪ ادبي، تاريخي، تحقيقي، مذهبي ۽ اصلاحي رسالي ماهوار شريعت سکر جا چيف ايڊيٽر آهن. هي رسالو ١٩٤٣ء کان شروع ٿيو، هن رسالي جا پهريان ٽي پرچا حضرت مولانا فضل الله جي ادارت هيٺ شايع ٿيا، ان کان پوءِ هي رسالو مڪمل حضرت مولانا مفتي عبدالوهاب چاچڙ جي ادارت هيٺ شايع ٿي رهيو آهي، جيڪو اڄ سوڌو سندن ادارت ۽ نگراني ۾ گذريل چاليهہ سالن کان لڳاتار شايع ٿيندو رهي ٿو. رسالي جو اداريو "پنهنجي پچار" حضرت مولانا عبدالوهاب چاچڙ پاڻ لکندا آهن، هي اداريو ملڪي ۽ بين الاقوامي ۽ حالات حاضره تي مشتمل هوندو آهي، اداريو ئي سڄي رسالي جي جان هوندو آهي.

رسالي ۾ اداريو لکڻ سان گڏوگڏ نون ۽ تازن شايع ٿيل ڪتابن تي جامع ۽ جاندار تبصرو بہ حضرت مفتي صاحب جن پاڻ ڪندا آهن.ان کان سواءِ سندن رسالي ماهوار شريعت جي طرفان ڪيترائي خاص نمبر بہ شايع ڪري چڪا آهن.

مولانا ڊاڪٽر محمد اسعد ٿانوي

03008240458

مذهبي ۽ اسلامي اسڪالر، برک عالم دين، سکر شهر جي نهايت ئي وڏي اداري جامعہ اشرفيہ جو اهتمام سنڀاليندڙ، محنت ڪش ۽ جفا ڪش هستي سندن تعارف پيش ڪجي ٿو.

نالو ۽ نسب

مولانا ڊاڪٽر محمد اسعد ٿانوي بن مولانا محمد احمد بن سعيد احمد فاروقي ٿانوي ١٩٤٦ء ڌاران ڪانپور هندستان ۾ پيدا ٿيا. ١٩٤٧ء ڌاران سندن والد گرامي حضرت مولانا محمد احمد ٿانوي رحہ جن پاڻ پنهنجي

ڪٽنب قبيلي سميت هندستان مان هجرت ڪري پاڪستان جي شهر سکر ۾ آيا ۽ سکر کي ئي پنهنجو وطن بڻايائون.

تعليم ۽ تربيت

مولانا ڊاڪٽر محمد اسعد ٿانوي صاحب جن پنهنجي تعليم جي شروعات مدرسہ عثمانيہ سکر ۾ ڪيائون. هي مدرسو سندن والد صاحب جو قائم ڪيل آهي. هن مدرسي ۾ پاڻ ابتدا کان قرآن پاڪ حفظ جا ساڍا ٻاويهہ پارا پڙهيا. ان کان پوءِ باقي رهيل قرآن پاڪ حفظ جامعہ اشرفيہ سکر ۾ **۱۹۵۶ء** ڌاران مڪمل ڪيائون. عربي جي تعليم بہ جامعہ اشرفيہ سکر ۾ پڙهيا. فارسي کان ويندي موقوف عليہ تائين اتي ئي پڙهيا. جڏهن تہ دوره حديث پڙهڻ جي لاءِ جامعہ اشرفيہ لاهور جو رخ ڪيائون. جتي پاڻ **۱۹۶۴ء** ڌاران دوره حديث پڙهي مڪمل عالم دين بڻجي ويا. سندن استادن ۾ حضرت مولانا محمد ادريس ڪانڌلوي رحہ (شيخ الحديث جامعہ اشرفيہ لاهور) حضرت مولانا رسول خان رحہ حضرت مولانا فيض علي شاهہ رحہ، حضرت مولانا عبيدالله رحہ، حضرت مولانا مفتي جميل احمد ٿاونوي رحہ، حضرت مولانا عبدالرحمٰن اشرفي. جڏهن تہ حفظ جي استادن ۾ حافظ نور محمد رحہ، حافظ امير احمد ۽ حافظ فتح محمد شامل آهن.

مولانا ڊاڪٽر محمد اسعد ٿانوي بحيثيت مصنف

پاڻ ديني علوم جي فراغت جي فراغت کان پوءِ مختلف ديني امور جي فرائض سرانجام ڏيڻ سان گڏ و گڏ پاڻ بهترين مصنف ۽ ڪالم نگار پڻ آهن. سندن ليک ۽ مضمون مختلف اخبارن توڙي رسالن ۾ شايع ٿيندا رهن ٿا. سندن مضمون ڪرنٽ اشوز ۽ حالات حاضره تي مبني هوندا آهن. جڏهن تہ سندن پهرين تصنيف پي ايچ ڊي جو مقالو آهي. جيڪو باني دارالعلوم ديوبند حضرت مولانا محمد قاسم نانوتوي رحہ جي زندگي، خدمتن ۽ ڪارنامن تي مشتمل آهي. سندن گائيڊ ڊاڪٽر عبدالرشيد هو. ان کان سواءِ پاڻ پنهنجي استاد حضرت مولانا محمد ادريس ڪانڌلوي رحہ جي بخاري شريف جي پڙهايل اسباق کي سوڌي، سنواري، سينگاري ۽ سهيڙي ڪتابي صورت ۾ پڻ شايع ڪرايو اٿس. ڊاڪٽر صاحب جن پيش لفظ ۾ لکن ٿا:" مون**۱۳۸۳** هجري مطابق **۱۹۶۴ء** ڌاران جامعہ اشرفيہ لاهور

مان دوره حديث پڙهي مڪمل ڪيو هو. بخاري شريف ان زماني جي نهايت ئي مشهور محدث ۽ مفسرحضرت مولانا محمد ادريس ڪانڌلوي رحہ جيڪي بر صغير هند ۽ پاڪ جا مشهور محدث ۽ مفسر هيا. مون سندن "تقرير بخاري" کي **۱۹۶۴ء** مطابق **۱۳۸۳،۸۴** هجري ۾ لکي هيم، هاڻي **۵۶** سالن کان پوءِ الله تعالىٰ ان کي مرتب ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي تہ ان کي ڪمپوزنگ ڪرائي ڪتابي صورت ۾ ڇپرايان ٿو. جيئن حديث جي علم جي اڃارن طالب علم ۽ شوقين خاص ڪري بخاري شريف جا شاگرد منهنجي هن اڻ پوري ڪوشش جي ذريعي استاذالحمدثين والمفسرين حضرت مولانا محمد ادريس ڪانڌلوي رحہ جن جي علم کان فائدو حاصل ڪري سگهن.

مون هن ڪتاب جي هر صفحي جي پهرئين حصي ۾ عربي متن، ٻئي حصي ۾ حديث شريف جو اردو ترجمو، ٽئين حصي ۾ سندن اها (منهنجي) لکيل تقرير جيڪا سبق جي دوران لکي هيم ڏني آهي، چوٿين حصي پنهنجي طرفان ڪن الفاظن جي معنىٰ، ڪن راوين جو تعارف ۽ حديث جو مفهوم سمجهائڻ جي لاءِ ستاري (ﷺ) جي هيٺ ڪهہ تفصيل ڏنو اٿم، جتي جتي استاد صاحب جن جي تقرير آندي اٿم، اتي تاريخ بہ ڏني اٿم ۽ پنهنجي بيماري ۽ موڪلن جي ڪري ڪا تقرير لکي نہ سگهيس تہ اها تقرير ڪتاب ۾ شامل نہ آهي. جيڪڏهن هن ڪتاب مان طالبن ۽ حديث جي پانڌيئڙن کي فائدو پهچي تہ اهو استاد صاحب جو فيض آهي. جيڪڏهن الفاظ نقل ڪرڻ ۾ يا مفهوم بيان ڪرڻ ۾ ڪا غلطي ٿي آهي تہ ان کي منهنجي غلطي سمجهجي، آئون الله تعالىٰ کان دعا ڪريان ٿو تہ شال رب پاڪ مون ناچيز جي خدمت کي قبول ۽ منظور فرمائي. طالبن ۽ حديث جي پانڌيئڙن جي لاءِ فائدي مند بڻائي ۽ منهنجي لاءِ ۽ منهنجي مرحوم والدين ۽ منهنجي گهر ڀاتين جي لاءِ نجات جو ذريعو بڻائي. آمين.

(ڊاڪٽر) محمد اسعد ٿانوي

خادم طلبا جامعہ اشرفيہ والس روڊ سکر **۲** جمادي الاوليٰ **۱۴۴۱** هجري، مطابق **۲۸** جنوري **۲۰۲۰ء**"

جنهن جو پهريون جلد ڇپجي منظر عام تي اچي ويو آهي. ٻيو ۽ ٽيون جلد بہ اشاعت جي مرحلي ۾ آهي. ياد رهي تہ ڊاڪٽر صاحب جن جڏهن جامعہ اشرفيہ لاهور ۾ دوره حديث پڙهندا هئا، ان دوران پنهنجي

استاد حضرت مولانا محمد ادريس ڪانڌلوي رحہ شيخ الحديث جامعہ اشرفيہ لاهور جي بخاري شريف جي پڙهايل اسباق کي ان وقت ئي جمع ڪيو هو. جنهن کي تازو جامعہ اشرفيہ سکر پاران شايع ڪرڻ جو منصوبو جوڙيو اٿس.

ان کان سواءِ پاڻ پنهنجي والد حضرت مولانا محمد احمد ٿانوي رحہ جي وفات کان پوءِ ۱۹۷۶ء کان هن وقت تائين جامعہ اشرفيہ سکر جا مهتمم آهن. پاڻ جامعہ اشرفيہ کي جنهن عروج تي رسايو آهي، اهو سندن همٿ، استقامت جو عمدو مثال آهي. سکر جي مرڪزي عيد گاهہ ۾ عيدن جون نمازون ۽ خطابت جا فرائض سرانجام پڻ ڏيندا رهن ٿا. سندن بيعت حضرت حڪيم الامت حضرت مولانا محمد اشرف علي ٿانوي رحہ جي خليفي ڊاڪٽر عبدالحي عارفي جي هٿن تي ڪيائون.

مولانا سيد محمد حسين شاهہ سجاولي

تصنيف، تاليف ۽ اسلامي صحافت ۾ پنهنجو سڪو ڄمائيندڙ، پاڻ هڪ ئي وقت ۾ مدرس، مصنف، مترجم، مبصر،ڪالم نگار، تجزيہ نگار،خطيب ۽ امام آهن. ان کان سواءِ پاڻ بيشمار خوبين سان مالا مال آهن.

نالو ۽ نسب

مولانا سيد محمد حسين بن محمد ساجن شاهہ سجاول شهر جي ويجهي ۱۴ آگسٽ ۱۹۴۸ء ڌاران پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

قاعدي کان وٺي قرآن پاڪ حفظ ۽ درس نظامي جي سيني ڪتابن جي تعليم سجاول شهر جي مشهور ديني اداري جامعہ دارالفيوض الهاشميہ مان حاصل ڪيائون. تقريبا ۱۹۶۰ء ڌاران سيني علمن جي تڪميل ڪري سند يافتہ مولوي ٿي ويا.

سندن مشهور استادن ۾ حضرت مولانا نور محمد سجاولي رحہ، حضرت مولانا عبدالغفور قاسمي ، حضرت مولانا محمد ابراهيم ميمڻ (مهتمم جامعہ باب الاسلام ٺٽو) ۽ حضرت مولانا محمد صالح الحداد شامل آهن.

مولانا صاحب بحيثيت مصنف

ديني علوم جي فراغت کان پوءِ پاڻ پڙهڻ ۽ پڙهائڻ سان گڏوگڏ تصنيف ۽ تاليف ۾ پنهنجو وقت گذارين ٿا. فراغت کان پوءِ ڪجهہ عرصو پيينڊي شريف جي مشهور ديني مدرسي مدرسہ عربيہ مدينة العلوم ۾ بطور مدرس رهيا، جتي پاڻ ديني علوم، تفسير، حديث، فقهہ، اصول فقهہ ۽ ٻين علمن جا ڪتاب پڙهايائون. پاڻ جنهن زماني ۾ پيينڊي شريف ۾ پڙهائيندا هئا، تڏهن پاڻ انهيءَ مدرسي پاران نڪرندڙ رسالي المدينہ جا ايڊيٽر بہ هئا. ان طرح شاهہ صاحب جن جا جوهر انهيءَ مدرسي مان ظاهر ٿيا.

ان کان پوءِ پاڻ ڪيترائي ڪتاب لکيا جيڪي پڻ شايع ٿيا آهن. سندن شايع ٿيل ڪتاب هن طرح آهن:

قيامت نامو (قيامت جي بيان ۾)هي ڪتاب حضرت شاهہ رفيع الدين دهلوي رحہ جي ڪتاب قيامت نامہ فارسيءَ جو سنڌي ترجمو آهي. هن ڪتاب جا ٽي حصا آهن. پهرئين حصي ۾ حضرت مولانا محمد ابراهيم سجاولي قيامت جي نشانين تي تفصيلي علمي بحث ڪيو آهي. ٻئي حصي ۾ قيامت نامہ جو ترجمو آهي. ٽئين حصي ۾ مترجم جي طرفان قيامت، بهشت، دوزخ، پل صراط وغيره تي ڪن شڪن شبهن جا علمي ۽ تحقيقي جواب لکيا آهن. هي ڪتاب رضوان بڪ ڊپو سري گهاٽ حيدرآباد طرفان ۱۹۸۰ء ۾ ڇپيو. مرڻ کان ڇا ٿيندو خواجہ محمد اسلام جي ڪتاب "مرنے کے بعد کیا ہوگا"جو ترجمو آهي. ڪتاب جا ۳۵۰ صفحا آهن.هي ڪتاب بہ رضوان بڪ ڊپو سري گهاٽ حيدرآباد طرفان ۾ ڇپيو. نقوش سيرت،(حڪيم محمد سعيد شهيد رحہ جي لکيل اردو ڪتاب جو سنڌي ترجمو) صحابہ ڪرام جون حياتيون، حضرت ابوبڪر صديق (حضرت ابوبڪر صديق جي زندگيءَ تي عرب اسلامي اسڪالر جي لکيل عربي ڪتاب جو سنڌي ترجمو سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي پاران شايع ٿيو آهي. معارف الحديث جلد ڇهون ۽ معارف الحديث جلد ستون مولانا منظور احمد نعماني جي ڪتاب جو سنڌي ترجمو. مجموعہ وظائف وظيفن تي مشتمل نهايت ئي بهترين ۽ عمده ڪتاب.حضرت عثمان ذوالنورين علامہ سعيد احمد اڪبر آبادي جي اردو ڪتاب جو سنڌي ترجمو، الدعاء المستجاب، خدمت خلق جي باري ۾ چاليهہ حديثون، حديثن جو گلدستو

رياض الصالحين جو انتخاب جنهن ۾ هڪ هزار پنجاهه حديثون گڏ ڪيل آهن. حج ۽ عمري بابت. دالائل السلوڪ عارف بالله حضرت مولانا الهيار خان جي ڪتاب دلائل السلوڪ جو سنڌي ترجمو آهي، جنهن ۾ تصوف بابت تفصيلي بحث آهي، تصوف جي موضوع تي سنڌي توڙي اردو ۾ هڪ لا جواب ڪتاب آهي. ڪتاب **٣٥٢** صفحن تي مشتمل آهي. *شيعت کا اصلی روپ*، (هي ڪتاب اصل ۾ حافظ غلام محمد ميمڻ جي ڪتاب شيعت جو اصلي روپ جو اردو ترجمو آهي) تفسير هاشمي (موجوده رسم الخط ۾) بهشتي زيور (حضرت مولانا محمد اشرف علي ٿانوي رحہ جي جڳ مشهور ڪتاب بهشتي زيور جو سنڌي ترجمو) تفسير عزيزي جو سنڌي ترجمو (هي ترجمو شاهه صاحب جن ماهوار الفاروق ۾ قسط وار به شايع ڪيو آهي) مشهور عرب مصنف ڊاڪٽر عائض ڪرني جي جڳ مشهور ڪتاب لاتحزن جو سنڌي ترجمو جيڪو شاهه صاحب جن ماهوار الفاروق ۾ پڻ قسط وار شايع ڪيو آهي. ان کان سواءِ حضرت مولانا حڪيم محمد اختر صاحب جي ٽيهن مواعظ جو سنڌي ترجمو ڪيو آهي، جيڪي پڻ شايع ٿي منظر عام تي اچي چڪا آهن.

مولانا صاحب بحيثيت صحافي

پاڻ بين الاقوامي اسلامي اسڪالر هجڻ سان گڏوگڏ بهترين نامور اسلامي صحافي پڻ آهن. ڇاڪاڻ ته پاڻ جامعه فاروقيه ڪراچي مان نڪرندڙ رسالي الفاروق جا ايڊيٽر آهن. هي رسالو سندن ادارت هيٺ ڪيترن ئي سالن کان لڳاتار نڪرندو رهي ٿو. هي رسالو اسلامي مهيني جي ١٠ تاريخ تي شايع ٿي منظر عام تي اچي ويندو آهي. پاڻ هڪ ئي وقت ۾ رسالي جا ايڊيٽر، ڪالم نگار ۽ مبصر آهن. سندن مضمون ۾ حالات حاضره تي بهترين اداريو حال احوال جي عنوان سان ۽ نون شايع ٿيل ڪتابن تي تبصرو ۽ تجزيو سندن ئي قلم سان شايع ٿيندو آهي. پاڻ هن رسالي جي طرفان سنڌ ۾ قرآن پاڪ جي خدمت جي عنوان سان خاص نمبر به شايع ڪيو آهي.

هن رسالي جي ادارت کان اڳ ۾ پاڻ مدينة العلوم پيربنڊي شريف مان نڪرندڙ رسالي المدينہ جا ايڊيٽر هئا. سندن استاد علامه عبدالغفور قاسمي

جن جڏهن جامعہ فاروقيہ جي روح روان حضرت مولانا ڊاڪٽر محمد عادل خان شهيد جن کي چيو هو ته توهان اردو، عربي ۽ انگريزي ۾ رسالا شايع ڪريو ٿا. اهڙي ئي نالي سان سنڌي ۾ به هڪ رسالو جاري ڪيو. ا تي حضرت مولانا محمد عادل خان شهيد وراڻيو ته اسان کي سنڌي رسالي جي لاءِ ماڻهو ڏيو ته اسان رسالو جاري ڪريون ٿا. ان تي سندن استاد حضرت مولانا عبدالغفور قاسمي جن پيربنڊي جي مدرسي مان حضرت مولانا محمد حسين شاهه صاحب جن کي آڻي، حضرت مولانا ڊاڪٽر محمد عادل شهيد جي حوالي ڪيو. ائين پاڻ الفاروق سنڌي جا ايڊيٽر بڻجي ويا. مون کي به الفاروق ڪراچي ۾ لکڻ ۽ سکڻ جو خوب موقعو مليو٢٠٠٣ء ۾ آئون ڪراچي جي بلال ڪالوني ۾ جامع مسجد محمدي ۾ امامت ۽ خطابت مقرر ٿيو هئس ته ان دوران شاهه صاحب سان ملاقاتون پڻ ٿينديون رهيون. ان دوران شاهه صاحب جن لکڻ لاءِ خوب رهنمائي فرمائيندا هئا، پاڻ هن وقت جامعہ فاروقيہ مان نڪرندڙ الفاروق سنڌي جا ايڊيٽر ۽ پنهنجي پاڙي جي جامع مسجد ابراهيم جا امام ۽ خطيب پڻ آهن.

مولانا عبدالقيوم المعروف جوهر بروهي

03004359887

سنڌ جي سرزمين عالمن، حافظن، مصنفن ۽ شاعرن سان ڀري پئي آهي. سنڌ جي عالمن تي لکجي مولانا عبدالقيوم المعروف جوهر بروهي (جنهن کي ميهڙ جو پيٽائي چئجي ته وڌاءُ نه ٿيندو) جو تعارف شامل نه ڪجي ته مان سمجهان ٿو ته تاريخ اڻ پوري ٿي پوندي، ڇاڪاڻ ته پاڻ درس نظاميءَ جا فارغ التحصيل عالم به آهن ته ليکڪ به، شاعر به آهن ته عامل به، مترجم به آهن ته مبصر به، تجزيہ نگار به آهن ته سگهڙ به، ٻين لفظن ۾ هيئن کڻي چئجي ته پاڻ گهڻ رخي شخصيت جا مالڪ آهن.سندن هر رخ تي سڄو مواد گڏ ٿي سگهي ٿو. بهرحال هتي سندن تعارف ۽ ڪيل خدمتن جو مختصر جائزو پيش ڪجي ٿو.

نالو ۽ نسب

مولانا عبدالقيوم المعروف جوهر بروهي بن مولانا قاضي عبدالڪريم ذبيح ۲۸ جنوري ۱۹۵۰ع ڌاران ڳوٺ ٽريچاٽي شريف تعلقي پني عاقل ضلعي سکر ۾ پيدا ٿيا.

تعليم وتربيت

مختلف ديني مدرسن مان تعليم حاصل ڪندي جهڙوڪ مدرسه عربيه محمديه فريدآباد، مدرسه عربيه دارالقرآن ميهڙ، جامعه قاسم العلوم گهوٽڪي دوره حديث جامعه اشرفيه سکر مان ۱۹۷۰ع ڌاران سڀني علمن جي تڪميل ڪري سند يافته مولوي ٿي ويا. دوره حديث مڪمل ڪرڻ کان پوءِ جامعه بدرالعلوم رحيم يارخان ۾ دروه تفسير ۽ مدرسه عربيه دارالقرآن ميهڙ ۾ تجويد پڙهيائون. جڏهن ته ۱۹۹۲ع ڌاران ميهڙ جي هاءِ اسڪول ۾ ميٽرڪ ڪيائون ۽ ۱۹۹۴ع ڌاران بين الاقوامي اسلامي يونيورسٽي اسلام آباد مان دعوت جو ڪورس ڪيائون.

سندن مشهور استادن ۾ حضرت مولانا مفتي عبدالوهاب چاچڙ، حضرت مولانا عبداللطيف پنهڻ، مولانا عبدالغني جاجروي (جنهن وٽ دوره تفسير پڙهيا)، استاذالقراءُ قاري محمد مدني ميهڙ وارا ، (جنهن وٽ قرآن پاڪ جي تجويد پڙهيا) ۽ حضرت مولانا قطب الدين انڍڙ شامل آهن.

مولانا صاحب بحيثيت مصنف

پاڻ جيئن ته ۱۹۷۰ع ڌاران ديني علوم کان فراغت حاصل ڪيائون، ادبي ۽ قلمي دنيا ۾ ۱۹۷۲ع ڌاران قدم رکيائون. اهڙو قدم رکيائون ڪاميابي سندن قدم چمي رهي آهي. پان جنهن به عنوان يا موضوع تي قلم کڻندا آهن ته ان موضوع تي اهڙو ته جاندار ۽ شاندار لکندا آهن، جو پڙهڻ واري جي دل ۾ باقاعدي نقش ۽ چٽجي ويندو آهي.

سندن لکيل ۽ شايع ٿيل ڪتاب هن طرح آهن: شاهه گودڙيو، ختم نبوت، امام العصر، منو مير مدني، اتم انسان، ورندو جو ڪلام، روشني ئي روشني، ڪاچي پئي ڪوڪ، گل ڦل (ٻارن لاءِ شاعري) منزل، نور مبين (بدري اصحابن سڳورن جا نالا مبارڪ) غزليات بيدل، (فقير قادر بخش

جي فارسي ڪلام جو سنڌي ترجمو) ٽماهي سنگت سلسلي براهوئي جا ڇپيل ڪتاب غازي، ڪاروان، فيض، بلسم، سوغات، بشام، سهيل، آدينڪ، غزل رنگ، تاجل (شاعريءَ جي علم عروض بحر ۽ وزن بابت پهريون براهوئي ۾ مضمون) تنهائي، پٽائي نمبر (سر ڪلياڻ جو منظوم براهوئي ترجمو) چلتن، اشاعت خاص، گربام زراب، زِمزر، براهوئي ۾ سندن ڇپيل ڪتاب احوال غم، گوريج، دردانه، شيموس، رَوشنائي، ڊغار، طوبي نارند، شاد و زباد، سيرت رحمة للعالمين، ڪاروان، شڪر ڦل، داستان، لولي، سيرت سيد المرسلين، فريد، لطيفي توار (شاهه لطيف جي سر ڪليان ۽ سر يمن جو منظوم براهوئي ترجمو)طريقہ دعوت (هفيتوار ايلم مستونگ ۾ ڇپيل) حيات اقبال (ترجمو) حرفاتا خوشبو، الله اڪبر، مقالات جوهر (مختلف ديني ادبي رسالن ۾ ڇپيل جنهن جي ترتيب مير علي شير ناز جن ڏني آهي) محمد رسول اللهﷺ نبي ڪريمﷺ جن سيرت مبارڪ تي لکيل سنڌي ڪتاب جو براهوئي ۾ ترجمو) سنڌ رنگ (سنڌي شاعريءَ جو منظوم براهوئي ترجمو) اردو سندن ڇپيل ڪتاب براهوئي تخليقار، گلدسته سنڌ، ڪتاب رنگ (براهوئي تخليقار جو اضافي سان پيو ايڊيشن)، ان کان سواءِ ڪيترائي ڪتاب توڙي مضامين اڻ ڇپيل صورت ۾ وٽن محفوظ آهن. ان کان سواءِ پاڻ مختلف ديني، ادبي ۽ تاريخي رسالن ۾ مضمون نويسي ڪندا رهندا آهن.

جن رسالن ۾ سندن مضمون شايع ٿيا آهن، اهي آهن: هفيتوار ايلم مستونگ، ماهوار الفاروق سنڌي ڪراچي، ماهوار شريعت سکر، ماهوار نصيحت سکر، ماهوار نئين زندگي حيدرآباد، ماهوار السنڌ اسلام آباد، هفتيوار ويجهار حيدرآباد، ماهوار القاسم ڪوٽڙي (هي رسالو احقر راقم الحروف جي زير ادارت ڪوٽڙيءَ مان نڪرندو هيو، جنهن ۾ جوهر صاحب جن جا مضمون ۽ خط پڻ شايع ٿيا آهن) هتي سندن هڪ خط جيڪو ماهوار القاسم ۾ شايع ٿيو هو، نموني جي طور پيش ڪجي ٿو. محترم جناب جوهر بروهي صاحب جو ماهوار القاسم ڪوٽري ڏانهن لکيل خط

“محترم مهربان سليم الله صاحب

السلام عليڪم

القاسم ڏهه عدد موصول ٿيو، سونهن سٽاء متاثر ڪيو، اميد ته ڪوشش محنت سان گڏ رب ڪريم جي توفيق سان القاسم وڏيڪ سگهارو ٿيندو.

عام طور ڪتابي سلسلا اڻ پوري منصوبہ بندي جي ڪري بند ٿي ويندا آهن، الله ڪري ائين نہ ٿئي.
موڪليل ڏهن نسخن جي رقم جي ادائيگي ڪيتري ڪيئن ڪجي، اميد تہ مناسب رهنمائي ڪندا.
والسلام دعاگو جوهر بروهي، فريد آباد، ميهڙ ضلع دادو" (ماهوار القاسم ڪوٽڙي جلد پهريون شمارو ٻيو ذوالقعد، ذوالحجہ ۱۴۲۷ هجري)
انهن ڪان سواءِ ٻين ڪيترن ئي رسالن ۾ سندن مضمون شايع ٿي چڪا آهن.

ان ڪان سواءِ پاڻ ديني علوم جي فراغت ڪان پوءِ ۱۹۷۴ع هن وقت تائين مدرسہ عربيہ محمديہ فريد آباد ۾ استاد آهن، جتي پاڻ درس ۽ تدريس جي محبوب عمل ۾ مصروف آهن. پڙهڻ پڙهائڻ سان گڏوگڏ سماجي ڪمن ۾ ڀرپور حصو وٺندا آهن.

پروفيسر ڊاڪٽر محمد اشرف سمون

03084797574

سنڌ جي تاريخ تي جيڪڏهن نظر ڪبي تہ سنڌ جو لاڙ خطو بہ علم ۽ عرفان، تصنيف ۽ تاليف، تبليغ ۽ ارشاد تصوف ۽ سلوڪ جو نمرڪز رهيو آهي. اتي دين جي مڙني شعبن سان لاڳاپيل شخصيتون آهن جيڪي پنهنجي علمي توڙي عملي ڪمالات سان ٿڀنار آهن. اهڙين ئي شخصيتن ۾ پروفيسر ڊاڪٽر محمد اشرف سمون صاحب بہ هڪ آهي، جنهن تصنيفن جي ذريعي بي مثال ڪردار ادا ڪيو آهي. هتي سندن تعارف ۽ تصنيفن جو مختصر جائزو پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪجي ٿو.

نالو ۽ نسب

پروفيسر ڊاڪٽر محمد اشرف سمون جو تعلق سنڌ جي مردم خيز لاڙ جي علائقي ضلع ٺٽي ۾ ۲۱-۳-۱۹۵۱ع ۾ پيدا ٿيو سندن ڳوٺ جو نالو راڄو نظاماڻي لڳ جهرڪ ضلعو ٺٽو.سندن والد سنڌ جو مشهور عالم حضرت مولانا عبدالله سمون جيڪو علامہ محمد عثمان قرانيءَ جو شاگرد هو.

تعليم ۽ تربيت

ڊاڪٽر صاحب پرائمري جي تعليم پنهنجي ڳوٺ راڄو نظاماڻيءَ ۾ حاصل ڪيائون، پنج درجا پاس ڪرڻ ڪان پوءِ پنهنجي والد حضرت مولانا عبدالله سمون ڪيس فارسي ۽ عربي جي تعليم ڏني.ڊاڪٽر صاحب گلستان، فارسي بوستان ۽ سڪندر نامہ تائين پنهنجي والد صاحب وٽ حاصل ڪيائون، سندن ذاتي ڪتبخانو تمام وڏو هو، جنهن ۾ ڪيترائي قلمي ۽ مطبوعہ ڪتاب هئا. جيئن تہ سندن والد صاحب جي مٽئي، ٿر، عمرڪوٽ جي ولهاري بزرگن سان هئي. جن جا بہ ڪافي قلمي ڪتاب سندن ڪتبخاني ۾ هئا. ياد رهي تہ ولهاري سمن ۾ وڏا عالم بزرگ پيدا ٿيا جن ۾ ميان ابراهيم ولهاري ميان عبدالله ولهاري، عبدالله ثاني ولهاري، جيڪو حضرت مولانا عبدالله سمون جو ڪلاس فيلو ۽ قراني محترم جو شاگرد هو، سندن ڪتاب اڄ بہ سنڌ آرڪائيوز ۾ موجود آهن. ڊاڪٽر صاحب جي والد تي انهن جو اثر زياده هو. حادثاتي طور تي ڪتب خاني ڪي باهہ لڳي ۽ ڪتب خانو سڙي خاڪ ٿي ويو.

فارسي جي تعليم ڪان پوءِ پاڻ اڪثر ڪتاب پنهنجي والد وٽ پڙهيائون، ڪجهہ عرصو مٽياري ۾ حضرت مولانا محمد معروف وٽ بہ تعليم حاصل ڪيائون.ڊاڪٽر صاحب پنهنجي ان علمي سفر جي دوران ۱۹۶۹ع ۾ دوره تفسير پڙهڻ مخزن العلوم خانپور ويا، جتي مولانا عبدالله درخواستيقرآن پاڪ جو دوره ڪرائيندو هو. پوءِ جلدي ڪراچيءَ جو سفر ڪيائون، جتي پاڻ موقوف عليہ جا ڪتاب ۽ دوره حديث مدرسہ مظهرالعلوم ڪڏي مان ڪيائون گڏو گڏ ڪراچي ۾ فاضل عربيءَ جو امتحان پاس ڪري ڪراچي يونيورسٽيءَ مان ايم – اي اسلاميات فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪري ۱۹۸۲ع ۾ پبلڪ سروس ڪميشن جو امتحان ڏئي ليڪچرار مقرر ٿيا ۽ گورنمنٽ ڪامرس ڪاليج جا پرنسپل مقرر ٿيا، پاڻ ڳچ عرصو ڪراچي يونيورسٽيءَ جي بورڊ آف اسلامڪ اسٽڊيز جي ميمبر هجڻ سان گڏ ۱۵ سال ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ وزٽنگ پروفيسر رهيا، جتي ڪيترن ئي شاگردن سندن رهنمائيءَ ۾ ايم فل ۽ پيايڇڊي جي ڊگري حاصل ڪئي، پاڻ پنهنجي ان ديني ۽ علمي سرگرمين سان گڏ ڪيترن علمي ملڪي ۽ غير ملڪي ڪانفرنسن ۾ شريڪ رهيا۽ پنهنجا مقالا پڙهيائون. اسلام آباد جي هڪ نمائينده اجلاس ۾ پاڻ ويڪسين پوليو جي

قطرن پيارڻ تي هڪ مختصر نوٽس تي عالمن جي اجتماع ۾ مذڪوره موضوع جي جواز تي هڪ مقالو پڙهيائون. جيڪوانٽررليجس ڪائونسل فار هيلٿ جي طرفان منعقد ٿيل هو. وڏي داد حاصل ڪيائون اهو مقالو بعد ۾ يونيسف جي طرفان ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيو.

ڊاڪٽر محمد اشرف سمون صاحب جا اسلامي تحقيقي سماجي ڪيترن موضوعن تي مقالا ۽ تحريرون ملڪ جي مختلف اخبارن ۾ شائع ٿي چڪا آهن. ڊاڪٽر صاحب جن بهترين ليکڪ هجڻ سان گڏ بهترين مقرر اقباليات ۽ شاهه صاحب جي شاعري تي وڏو عبور رکن ٿا. پاڻ هن وقت به سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري ۾ اسلامڪ اسٽيڊيز جي بورڊ جا ميمبر هئڻ سان گڏ پيايڇڊي جا ممتحن پڻ آهن. پاڻ ملڪ جي نشرياتي اليڪٽرانڪ ميڊيا تي اسلام ۽ تاريخ جي ڪيترن موضوعن تي ليڪچر گڏو گڏ اينڪر جي حيثيت سان منسلڪ رهيا آهن.

ڊاڪٽر بحيثيت مصنف

ڊاڪٽر صاحب پنهنجي معروف ۽ ڀرپور زندگيءَ سان گڏ ڪافي ڪتابن جا مصنف ۽ مترجم پڻ رهيا آهن.سندن تصنيفن جو هتي مختصر جائزو پيش ڪجي ٿو.

۱:**پاڻ سڳورنﷺ جن جا خط:** هي ڪتاب ٽن سئو صفن تي مشتمل آهي، جيڪو وڏي تحقيقي انداز ۾ لکيو اٿن ۽ ڪيترا ايڊيشن مهراڻ اڪيڊمي مان ڇپجي چڪا آهن. ساڳيو ڪتاب حيدرآباد جي مشهور اداري روشنيءَ مان به شائع ٿي چڪو آهي.

۲. سندن ٻيو ڪتاب علامه ابوالحسن صغير جي عربي مخطوطو:"**انباءُ الانباء في حيات الانبياء**" جنهن تي محترم ڊاڪٽر محمد ادريس جن نهايت ئي تفصيلي مقدمو لکيو پاڻ نه صرف ترجمو ڪيائون، پر ان تي تعليقات پڻ لکيائون جيڪو حيدرآباد جي "روشني پبليڪشن" وارن شائع ڪيو. ڪتاب جو نالو مختصر ڪري "حيات انبياء" جي نالي سان پبلش ڪرايائون.

۳. اهڙي طرح ڊاڪٽر صاحب کي قلمي مخطوطات تي ڪم ڪرڻ جو وڏو شوق رهيو آهي. پاڻ هڪ ڪتاب شيخ الاسلام مخدوم محمد هاشم جو "التحفة المرغوبة في افضلية الدعا بعد المكتوبة" يعني فرض نماز

کان پوءِ دعا جي فضيلت ۾ اردو ۽ سنڌيءَ ترجمو ڪيائون سنڌي ڪتاب جو نالو "سهڻي سوغات" آهي. جيڪو شيخ عبدالله ڪوهستاني عباس فائونڊيشن وارن جي طرفان ڇاپيو. هن جو مقدمو به حضرت مولانا ڊاڪٽر محمد ادريس سومري صاحب جن لکيو آهي. جڏهن ته اردو ايڊيشن جو نالو "*فرض کے بعد دعا*" جي نالي سان راشد اڪيڊميءَ ڪراچي مان ڇپيو.

۴. مخدوم محمد هاشم جو ڪتاب "الوصية الهاشمية" هڪ وصيت نامو آهي، جيڪو مخدوم صاحب پنهنجي پٽن ۽ عام ماڻهن لاءِ لکيو هو. اصل ڪتاب عربيءَ ۾ آهي ڊاڪٽر صاحب هن ڪتاب جو ترجمو سنڌي زبان ۾ ڪيو، هيءَ ڪتاب پڻ راشد اڪيڊمي جي طرفان ڇپجي چڪو آهي. هڪ "منظوم فارسي مخطوط" مثنوي قادري شاهه غلام رسول قادري جو فارسي ڪلام آهي، جنهن جو اردو زبان ۾ ترجمو ڪيائون. هيءَ ڪتاب قادري فائونڊيشن ڪراچي جي طرفان ڊاڪٽر فريدالدين جي مقدمي سان ڇپجي چڪو آهي.

۴- ڊاڪٽر صاحب جو هڪ مشهور ڪتاب جيڪو پنهنجي آتم ڪتاب سان گڏو گڏ خاڪن تي مبني آهي "لڪا پٽن لوڪ ۾" جي نالي سان شايع ٿي چڪو آهي. هي ڪتاب ڊاڪٽر صاحب پنهنجي آتم ڪٿا سان گڏو گڏ پنهنجي تجرباتي ۽ مشاهداتي دنيا ۾ آيل راين، تبصرن ۽ تجزين کي گڏ ڪيو آهي. ياد رکڻ گهرجي ته مذڪوره ڪتاب حيدرآباد روشني پبليڪيشن جي طرفان ڇپيو آهي.

ان کان سواءِ ڊاڪٽر محمد اشرف سمون پنهنجي پي-ايچ-ڊي جو مقالو برصغير جي مشهور عالم علامه علامه مصطفيٰ قاسميءَ جي رهنمائي ۾ لکي تيار ڪيو. جنهن تي کيس ڊاڪٽريٽ جي ڊگري ۱۹۸۹ ۾ ملي.

ياد رکڻ گهرجي ته ۱۹۸۹ کان پوءِ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ علم حديث تي جيڪو به ڪم ٿئي ٿو، هن مقالي کي هر طالب العلم پيش نظر رکي ٿو هونئن ته ڊاڪٽر صاحب کي مجتا طور ڪيترائي ايوارڊ ملي چڪا آهن. پر تازو ۲۰۱۹ء ۾ علامه غلام مصطفيٰ قاسمي چيئر جي طرفان کيس مجتاطور تي حيدرآباد جم خانه ۾ علامه غلام مصطفيٰ قاسمي ايوارڊ پڻ عطا ڪيو ويو.

ڊاڪٽر صاحب ڪيترا سال انٽر رليجس ڪائونسل فار هيلٿ سنڌ جو سيڪريٽريجنرل رهيو آهي. جنهن ۾ پاڻ تمام گهڻو ڪم ڪيو اٿن. پاڻ هن وقت به جزوي طورتي سنڌ يونيورسٽيءَ سان لاڳاپيل آهن.

ڊاڪٽر صاحب ڪراچيءَ وارن ڏينهن ۾ سنڌ يونيورسٽي جي موجوده وائيس چانسلر ڊاڪٽر فتح محمد برفت صاحب جڏهن ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ ڪرمنالاجيءَ جو چيئر مين هو ته ڊاڪٽر سمون صاحب اسلامڪ لا جا ڪلاس ڪرمنالاجيءَ ۾ وٺندوهو. کين اسلامڪ لا ۽ مغربي لاتي ٻـ کين مڪمل عبور آهي. جڏهن ته ڊاڪٽر محمد اشرف سمون صاحب جا ڪراچي منسلڪ رهيا، ايم-اي ۽ ايم فل جي ڪلاسز جا استاد پڻ رهيا آهن، ان حوالي سان سندن شاگردن جو وڏو تعداد آهي، جيڪي هن وقت ملڪ جي وڏن ادارن ۾ ڪم ڪري رهيا آهن، جن ۾ مولانا ڊاڪٽر مسعود اڄڻ صاحب بين الاقوامي اسلامڪ يونيورسٽي اسلام آباد ۾ پروفيسر آهن. ان پڻ ڊاڪٽر سمون صاحب جي رهنمائيءَ ۾ ڊاڪٽريٽ جي ڊگري حاصل ڪئي اهڙِ طرح مفتي لطف الله بروهي شڪارپور، ڊاڪٽر افتخار احمد، ڊاڪٽر عارف علي شاهه، ناصرالدين وغيره شامل آهن.

مولانا حافظ مفتي ڊاڪٽر عبدالقيوم سنڌي

عرب دنيا ۾ علمي لاٽ ٻاريندڙ، عرب ۽ عجم ۾ پنهنجي ڌاڪ ۽ هاڪ ويهارندڙ، سنڌي عالمن جو عرب دنيا ۾ تعارف ڪرائيندڙ، ام القريٰ يونيورسٽي مڪ مڪرمه ۾ قرآني علوم جي پالوٽ ڪندڙ، ڪيترن ئي ڪتابن جو مصنف، محقق العصر، برک عالم دين، سبعه عشره جو قاري، عاجزي ۽ انڪساري جو مجسمو، پاڻ هن وقت ام القريٰ يونيورسٽي مڪ مڪرمه ۾ پروفسير آهن. رهندا ٻـ سعودي عرب ۾ئي آهن.

نالو ۽ نسب

مولانا قاري مقري مفتي ڊاڪٽر پروفيسر عبدالقيوم بن عبدالغفور بن قمرالدين ميراٽي سنڌي. پاڻ ۳۱ مارچ سن ۱۹۶۰ع= ۱۳۸۰ هه ۾ (شناختي ڪارڊ مطابق) صوبه سنڌ جي ضلعي جيڪب آباد جي غوثپور شهر جي ويجهو ڳوٺ مياٽي سهراب خان ميراٽي ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

حضرت ڊاڪٽر عبدالقيوم سنڌي صاحب جن پنهنجي والد محترم

وٽ ئي قرآن مجيد پڙهڻ شروع ڪيو، ان کان پوءِ استاد الله بخش سومرو وٽ ملتاني قاعدو پڙهڻ شروع ڪيو، جيڪو فقط ۹ ڏينهنِ ۾ پڙهي پورو ڪيائون، پوءِ سوره فاتحه کان ابتداء ڪيائون ۽ اهڙي طريقي سان ڪجهه حصو سوره بقره جو انهن وٽ پڙهيائون، اڃا وٽن ڪجهه وقت ئي مسَ گذريو هو جو سندس استاد صاحب وفات ڪري ويو.

استاد مذڪور جي وفات کان پوءِ حضرت ڊاڪٽر صاحب پنهنجي والد محترم جي خدمت ۾ واپس ڳوٺ آيو، ان وقت پاڻ اسڪول جي پهرئين درجي ۾ داخل ٿيا، ۽ پنهنجي والد وٽ ئي ننڍڙيون سورتون حفظ ڪرڻ شروع ڪيائون، ايسيتائين جو جڏهن سوره الشمس يا سوره البلد تي پهتا ته سندس والد جي ڪجهه ساٿين مشورو ڏنو ته اوهان جو پٽ پهريون قرآن ڪريم ناظره پڙهي، پوءِ حفظ ڪري تنهن تي سندس والد غوثپور شهر جي وڏي جامع مسجد ۾ پڙهڻ لاءِ موڪليو، جتي الله جي فضل سان پاڻ قرآن مجيد ناظره فقط ٻن مهينن ۾ پورو ڪري ورتو.

ان وقت پاڻ اسڪول جي ٻئي درجي ۾ پڙهندا هئا، ۽ انهيءَ جامع مسجد ۾ حضرت مولانا عبدالڪريم عباسي وٽ قرآن ڪريم حفظ ڪرڻ شروع ڪيائون، جيڪي سندن گهڻو خيال رکندا هئا ۽ پاڻ حفظ ٿيل قرآن ٻڌندا هئا ۽ پاڻ هڪ استاد کان ٻئي استاد ڏي منتقل ٿيندا رهيا تان جو پرائمري مڪمل ڪري مڊل اسڪو ل ۾ داخل ٿيا. پوءِ پنهنجي والد صاحب جي ڪجهه دوستن جي مشوري سان حفظ قرآن لاءِ مڪمل طرح فارغ ٿيا تان جو استاد صوفي غلام قادر سومرو صاحب وٽ ۱۱ سالن ۾ (سن ۱۹۷۱ع ۾) پنهنجي ڳوٺ ۾ئي قرآن شريف حفظ ڪري ورتائون. حفظ ڪرڻ کان پوءِ وڌيڪ تعليم پڙهڻ جي لاءِ مولانا محمد حيات لاشاري سان علائقي ڪن ديني مدارس جو رخ ڪيو، جتي پاڻ فارسي، عربي، علم الصرف والنحو جي ابتدائي تعليم، ادب ۽ بلاغت، فقه، حديث، اصول فقه ۽ اصول حديث، تفسير وغيره جا گهڻا ڪتاب پڙهيا.

ان وقت مولانا محمد حيات لاشاري جن جي مشوري سان مشهور علامه مقريءِ عبدالقادر لغاري سنڌي وٽ علم تجويد ٻن دورن ۾ پڙهيائون ۽ انهن وٽ علم تجويد جا ڪجهه رسالا نظم ۾ ۽ نثر ۾ پڙهيائون، جيئن اَلمقدمه الجزريه ۽ تحفة الاطفال ۽ عربي تعليم جيڪب آباد، دڙي، ڳڙهي ياسين ۽ ڪنڌڪوٽ جي مختلف مدرسن ۾ حاصل ڪيائون.

دوره حديث شريف پڙهڻ لاءِ جامعه علوم اسلاميه، علامه بنوري ٽائون ڪراچي ويا، ۱۹۷۹ء ڌاران درس نظامي جي تڪميل ڪري سند يافته مولوي ٿي ويا. سندن مشهور استادن ۾ مولانا علامه مفتي ولي حسن خان ٽونڪي، مولانا محمد ادريس ميرٺي، مولانا علامه عبدالرشيد نعماني، مولانا سيد مصباح الله شاهه ۽ مولانا علامه بديع الزمان شامل آهن. ان کان پوءِ مولانا مفتي ولي حسن خان ٽونڪي جن جي نگراني ۾ ٻه ساله تخصص في الفقه الاسلامي (مفتي جو ڪورس) ڪيائون. ۽ رد مذاهب باطله جو ڪورس مناظر اسلام مولانا منظوراحمد چنيوٽي، جن وٽ رد قاديانيت ۽ مناظر اسلام حضرت مولانا عبدالستار تونسوي، جن وٽ رد شيعت پڙهيائون. سن ۱۹۸۲ع ۾ مدينه منوره سعودي عرب جو رخ ڪيائون ۽ اتي اسلامڪ يونيورسٽي مدينه منوره ۾ پڙهڻ لاءِ ويا. اتي قرآن ڪريم ۽ اسلامڪ اسٽڊيز فيڪلٽي ۾ داخلا ورتائون ۽ سن ۱۹۸۵ع ۾ بيچلر جي ڊگري ممتاز پوزيشن سان حاصل ڪيائون.

ديني علوم جي فراغت کان پوءِ سندن خيال هو ته پاڪستان موٽي دين جي خدمت ڪجي، پر اتان جي شفيق استادن سندن علمي قابليت ۽ ذهانت کي نظر ۾ رکندي ام القري يونيورسٽي مڪه مڪرمه ۾ تدريس لاء مقرر ڪرڻ جي خواهش ظاهر ڪئي ۽ پاڻ مشاورت کان پوءِ سندن حڪم تي لبيڪ چئي، ۽ سن ۱۹۸۸ع ۾ اتي مدرس مقرر ٿيا .ان کان پوءِ سن ۱۹۹٦ع ۾ سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو سنڌ ۾علامه غلام مصطفي قاسمي جن جي نگرانيءَ ڊگري حاصل ڪيائون ۽ پوءِ سن ۱۹۹۷ع ۾ اُتي ئي (اُم القري يونيورسٽي مڪه مڪرمه ۾) اسسٽنٽ پروفيسر جي طور پوسٽنگ ٿين ۽ ۱۲ سالن تائين ان عهدي تي فائز رهيا، بعد ۾ سن ۲۰۰۹ع ۾ ترقي ڪري ايسوسيئيٽ پروفيسر جي عهدي تي منتخب ٿيا، هن وقت تائين ان عهدي تي فائز آهن.

ڊاڪٽر عبدالقيوم سنڌي بحيثيت مصنف

پاڻ جيئن ته بلند پائي جا عالم ۽ مدرس آهن، ان ڪري ڪين لکڻ پڙهڻ جو سنو ڏانءُ ۽ سليقو اٿن. سندن شايع ٿيل ڪتابن جو مختصر ۽ تعارف پيش ڪجي ٿو.

(۱) مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي عربي ڪتاب (ڪشف الرين عن مسئلة رفع اليدين) جي جامعه اسلاميه بنوري ٽائون ڪراچي ۾ سن ۸۰ - ۱۹۸۱ع ڌاران ايڊٽ، تحقيق ۽ تخريج ڪيائون. جيڪو سن ۲۰۰۲ع ۾ جامعه دار الفيوض ڪنڊڪوٽ پاران ڪراچي مان شائع ٿيو.

(۲) **إرشاد القاري إلیٰ حياة الشيخ محمد عابد السندي الانصاري** (اڻ ڇپيل)

(۳) **الامام أبو الحسن السندي الكبير حياته وآثاره**، پي ايڇ ڊيسز (اڻ ڇپيل) هي ڊاڪٽر صاحب جو پي ايڇ ڊي مقالو آهي، جيڪو ڊاڪٽر صاحب جن علامه غلام مصطفیٰ قاسمي رحه جن جي نگرانيءَ ۾ سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو مان پي ايڇ ڊي ڪيائون

(۴) **الامام الجعبري واختياراته في علم القراءات**، من خلال الجزء المطبوع من كتابه (كنز المعاني في شرح حرز الاماني) عرض ودراسة، مركز البحوث والدراسات الاسلامية، كلية دار العلوم، جامعة القاهرة، مصر، سال : ۴، شمارو : ۷، سن : ۱۴۳۰ھ جي ساليانه ميگزين ۾ ڇپيل.

(۵) الامام محمد هاشم السندي وكتابه (**الشفاء في مسئلة الراء**)، الدراسات الاسلامية جامعة اسلامية عالمية إسلام آباد پاڪستان ميگزين ۾ سن ۱۴۱۹ھ ڇپيل.

(٦) **أيسر السبل لرواية الامام حفص بقصر المنفصل**، مٿي ڄاڻايل ميگزين جي شماري: ۳، محرم - ربيع الاول سن : ۱۴۱۷ھ ۾ڇپيل، مكتبة اسديه مكة المكرمة، ط۱، سن : ۱۴۲۵ھ پاران ڇپيل.

(۷) **البرهان الاصدق والصراط المحقق في منع الغنة للازرق**، للعلامة أحمد المتولي (ت۱۳۱۳ھ)، دراسة وتحقيق، معهد الامام الشاطبي جدة ميگزين جي شماري : ۱۳، سال ۷، جمادیٰ الآخرة ۱۴۳۳ھ ۾ڇپيل.

(۸) **بم عرفت ربک؟** (دهرين ۽ ملحدن جي رد ۾ نهايت ئي مدلل انداز ۾ لکيل آهي، جيڪو اڻ ڇپيل صورت ۾ موجود ۽ محفوظ آهي)

(۹) **تبيان الحكم بالنصوص الدالة علىٰ الشرف من الامام**، تاليف امام عبد القادر بن أبي بكر الصديقي (ت۱۱۳۸ھ)، تحقيق، أوقاف آل المفتي الصديقي، مكة المكرمة، ط۱، **۱۴۳۶ھ** پاران ڇپيل.

(۱۰) تحقيق وترجمة رسالة : (**تحفة القاري بجمع المقاري**) تاليف امام محمد هاشم التتوي السنڌي، ندوة خدام التجويد السند پاڪستان سن **۱۴۲۱ھ** پاران ڇپيو آهي.

(۱۱) تهذيب وتعديل ومراجعة ترجمة معاني القرآن الكريم إلىٰ اللغة السندية علامة الشيخ تاج محمود أمروتي (ت: ۱۳۴۸ھ) مجمع الملك فهد لطباعة المصحف الشريف بالمدينة المنورة، ط۱، عام : **۱۴۲۳ھ** ، ط۲، عام : **۱۴۳۴ھ** ۾ڇپيو آهي.

(۱۲) **التسهيل في قواعد الترتيل**، مكتبة امدادية، مكة المكرمة سن: **۱۴۱۵ھ**، ٻيو ڇاپو، مكتبة أسدية، العزيزية، مكة المكرمة، عام : **۱۴۳۳ھ** ۾ ڇپيو آهي.

(۱۳) تعديلات بعض شراح الشاطبية وتقييداتهم في أبياتها، البحوث والدراسات القرآنية ميگزين، مجمع الملك فهد لطباعة المصحف الشريف بالمدينة المنورة، شمارو۲، سال۲، محرم **۱۴۲۸ھ** ۾ ڇپيل.

(۱۴) **تنوير المصباح علىٰ كتاب الايضاح**، تعليقات علىٰ شرح الدرة المضية في القراءات الثلاث المتممة للعشر للعلامة الشيخ عبد الفتاح القاضي (ت۱۴۰۳ھ)، مكتبة الاسديہ، مكة المكرمة، ط۱، **۱۴۲۹ھ**، ط۲، **۱۴۳۴ھ** ۾ ڇپيو آهي.

(۱۵) **جمع القرآن الكريم في عهد الخلفاء الراشدين**، مجمع الملك فهد لطباعة المصحف الشريف المدينة المنورة پاران سن : **۱۴۲۱ھ** ۾ ڇپيل.

(۱۶) تحقيق رسالة (**الجنة في عقيدة أهل السنة**) تاليف علامة الشيخ محمد حيات بن إبراهيم السندي المدني (ت:۱۱۶۳ھ) مكتبة اسدية، مكة المكرمة، سن **۱۴۲۵ھ** ۾ ڇپيل.

(۱۷) تحقيق رسالة (**الحجة القوية في الرد علىٰ من قدح في الحافظ ابن تيمية**) تاليف امام محمد هاشم بن عبد الغفور ٺٽوي، مكتبة اسدية، العزيزية، مكة المكرمة، سن : **۱۴۲۳ھ** ۾ ڇپيل.

(۱۸) تهذيب وترتيب رسالة : (**خلاصة التجويد**) للشيخ عبد القادر بن محمود اللغاري السندي (ت:۱۴۱۹ھ)، انجمن خدام التجويد سنڌ پاڪستان پاران، سن **۱۴۲۰ھ** سنڌي زبان ۾ ڇپيو آهي.

(۱۹) دراسة لبعض الترجمات لمعاني القرآن الكريم إلىٰ اللغة السندية، مجمع الملك فهد لطباعة المصحف الشريف المدينة المنورة پاران، سن : **۱۴۲۳ھ** ۾ ڇپيل.

(۲۰) سنڌي ترجمو مقالہ بعنوان : علامة محمد أشرف علي ٿانوي، السنڌ ميگزين اسلام آباد، پاڪستان ، سن : **۱۴۱۵ھ** ۾ ڇپيل.

(۲۱) السداد في ترجمة الشيخ نور محمد السجاولي الحداد، السنڌ ميگزين اسلام آباد پاڪستان، سن : **۱۴۱۵ھ** ۾ ڇپيل.

(۲۲) **سليل السلسبيل لتجميل السبيل** تعليقات علىٰ رسالة (السبيل إلىٰ ضبط كلمات التنزيل)، في علم الضبط، للعلامة الشيخ أحمد محمد أبو زيتحار، (اڻ ڇپيل).

(۲۳) **السيف الجلي علىٰ ساب النبيﷺ**، تاليف علامة محمد هاشم بن عبد الغفور ٺٽوي، تحقيق، أوقاف آل المفتي الصديقي، مكة المكرمة، ط۱، **۱۴۳۸ھ** ۾ ڇپيل.

(۲۴) (**الشفاء في مسئلة الراء**) تاليف علامة محمد هاشم بن عبد الغفور ٺٽوي، تحقيق، جامعة بنورية ڪراچي پاڪستان پاران، سن : **۱۴۲۰ھ** ۾ ڇپيل.

(۲۵) **صفحات في علوم القراءات**، مكتبة امدادية، مكة المكرمة، سن **۱۴۱۵ھ** کان **۱۴۴۰ھ** تائين متعدد ايڊيشن، إدارة النور ڪراچي پاڪستان ۾ سن : **۱۴۳۳ھ** (مصنف جي بنا اجازت جي ڇاپيو آهي) ۽ ان جو ٻيو اردو ترجمو لاهور پاڪستان ۾ بہ مصنف جي بنا اجازت جي ڇپيو آهي.

(۲۶) تحقيق رسالة (**الضابطية للقصيدة الشاطبية**) للامام علي بن سلطان القاري المكي (ت۱۰۱۴ھ)، (اڻ ڇپيل).

(۲۷) اقوال الامام طاهر بن عرب الاصفهاني وآراؤه في شرح الشاطبية، جمع ودراسة من المقدمة إلىٰ باب مذاهبهم في

الراءات، ازهر يونيورسٽي مصر جي ميگزين ۾ ڇپائي لاءِ منظور ٿيل.

(۲۸) **الظريف في علم التصريف** (اڻ ڇپيل).

(۲۹) فهرس مخطوطات علماء السند في مكتبات الحرمين الشريفين، (اڻ ڇپيل).

(۳۰) تحقيق رسالة في الخلق والكسب، للعلامة الشيخ أبي الحسن بن محمد صادق السندي (الصغير) المدني (ت:۱۱۸۷ھ) (اڻ ڇپيل).

(۳۱) **القاديانية وتحريفها في القرآن الكريم**، (M.A) لاءِ سپليمينٽل ريسرچ (اڻ ڇپيل)

(۳۲) تصحيح ومراجعة وتعليق علىٰ رسالة (القواعد الغراء في تتميم خلاصة الاملاء) تاليف : الاستاذ العلامة الشيخ / شيخ بن علي بابصيل (اڻ ڇپيل)

(۳۳) تحقيق منظومة ألفية : (**كفاية القاري**) في مشتبهات القرآن الكريم، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، مكتبة امدادية، مكة المكرمة، ومؤسسة الريان للطباعة والنشر والتوزيع، بيروت، ط۱، ۱۴۲۸ھ ۾ڇپيل.

(۳۴) تحقيق رسالة : (اللؤلؤ المكنون في تحقيق مد السكون) مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، جامعة بنورية ڪراچي پاڪستان پاران، سن : ۱۴۲۰ھ ۾ ڇپيل.

(۳۵) المتنبئ القادياني وتفسيره للقرآن الكريم، بحث كلية القرآن الكريم الجامعة الاسلامية المدينة المنورة سن : ۱۴۰۵ھ، ، (اڻ ڇپيل).

(۳۶) المدخل إلىٰ علم القراءات، معهد الامام الشاطبي للقرآن وعلومہ جدة سعودي عرب ضمن سلسلة المقررات الدراسية (۸)، ط۱، سن : ۱۴۳۹ھ ۾ ڇپيل.

(۳۷) المدخل إلىٰ علم القراءات، معهد الامام الشاطبي للقرآن وعلومہ جدة سعودي عرب ضمن سلسلة المقررات الدراسية (۸)، ط۱، سن : ۱۴۳۹ھ ۾ڇپيل.

(۳۸) المدخل إلىٰ علم القراءات، معهد الامام الشاطبي للقرآن وعلومہ جدة سعودي عرب ضمن سلسلة المقررات الدراسية (۸)، ط۱، سن

: ۱۴۳۹ھ ۾ ڇپيل.

(۳۹) مسئلة كتابة الآيات القرآنية بالرسم العثماني في غير المصاحف، الدراسات الاسلامية ميگزين جامعة اسلامية عالمية اسلام آباد پاڪستان، شمارو : ۴، ربيع الثاني ۔ جمادیٰ الاخریٰ سن : ۱۴۱۵ھ ۾ ڇپيل.

(۴۰) المسنَّد في ترجمة المقرئ محمَّد، "نصيحت" ميگزين سکر سنڌ، پاڪستان سن : ۱۴۱۶ھ ۾ڇپيل.

(۴۱) مسند الحجاز ورئيس علماء المدينة الامام محمد عابد السندي الانصاري، الدراسات الاسلامية جامعة اسلامية عالمية إسلام آباد پاڪستان سن ۱۴۲۱ھ ميگزين ۾ ڇپيل.

(۴۲) مصطلح الركوع في المصاحف : مدلوله، نشاته، وأقوال العلماء فيه، تبيان للدراسات القرآنية، التابعة للجمعية العلمية السعودية للقرآن الكريم وعلومه بالرياض، شمارو : ۲۴، سن ۱۴۳۷ھ ميگزين ۾ ڇپيو آهي.

(۴۳) پي ايچ ڊي ٿيسز جو اردو خلاصو، (البنورية) ميگزين ڪراچي، پاڪستان، سن : ۱۴۱۶ھ ۾ ڇپيل.

(۴۴) المنتقىٰ من مسائل الوقف والابتداء، ط۲، سن ۱۴۴۰ھ، الاسدي ڪتبخانہ مكة المكرمة پاران ڇپيل.

(۴۵) من حياة الامام أبي الحسن السندي الكبير، پي ايچ ڊي ٿيسز جو سنڌي خلاصو، (الرحيم) حيدر آباد سنڌ پاڪستان سن ۱۴۱۶ھ ميگزين ۾ ڇپيو آهي.

(۴۶) منظومتان في متشابهات القرآن، هداية المرتاب للسخاوي، وكفاية القارئ للتتوي، عرض ودراسة، مجلة جامعة أم القرىٰ لعلوم الشريعة واللغة العربية وآدابها، جلد ۱۷، شمارو ۳۲، ذو الحجة ۱۴۲۵ھ رسالي ۾ ڇپيو آهي.

(۴۷) نثر الجواهر والدرر بشرح أرجوزة السراج في نظائر السور، للامام أبي محمد جعفر بن أحمد بن الحسين السرَّاج البغدادي القارئ (ت۵۰۰ھ)، دراسة وتحقيق وشرح، مجلة البحوث والدراسات القرآنية، مجمع الملك فهد لطباعة المصحف الشريف بالمدينة المنورة جي ميگزين ۾ڇپائي لاءِ منظور.

مولانا ڊاڪٽر مفتي محمد ادريس سومرو

03003144668

علم ۽ ادب، قلم ۽ صحافت، تحقيق ۽ جستجو، درس ۽ تدريس، تصنيف ۽ تاليف جي دنيا ۾ اڻ مٽ نقش ڇڏيندڙ ساهتي پرڳڻي ۾ جنم وٺندڙ علم ۽ عالمن جو آفتاب استاذالعلماء حضرت مولانا ڊاڪٽر مفتي محمد ادريس سومرو بن حضرت مولانا محمد قاسم سومرو **٢٧** سيپٽمبر **١٩٦١**ء ڌاران ڪنڊياري جي ويجهي ڳوٺ چنيهاٽي ۾ پيدا ٿيو. سندن والد بزرگوار حضرت مولانا محمد قاسم سومرو جن باقاعده عالم دين هئڻ سان گڏوگڏ ڪيترن ئي ڪتابن جو ليکڪ پڻ آهن.

تعليم ۽ تربيت

جيئن حضرت مولانا محمدادريس سومرو جن هڪ علمي گهراڻي ۾ جنم ورتو آهي، ان ڪري ڪين ديني تعليم جو شعور پنهنجي گهر کان ئي مليو. پاڻ مڪمل درس نظامي ارشاد العلوم ميرڪ ضلع خيرپور ميرس ۾ پڙهيو ۽ انهيءَ مدرسي مان ئي **١٩٨٢**ء ڌاران دستار بڌي مولوي ٿي ويو. جڏهن تہ درس نظامي مڪمل ڪرڻ کان ڪجھ وقت حضرت علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي جن وٽ شاھ ولي الله اڪيڊمي ۾ امام شاھ ولي الله محدث دهلوي جو فسلفو پڙهيو، ان کان پوءِ سنڌ يونيورسٽيءَ اسلامي ثقافت ۾ حضرت علامہ غلام مصطفيٰ قاسميءَ جي نگرانيءَ ۾ پي ايچ ڊي ڪري ڊاڪٽر بڻيو.

مولانا صاحب بحيثيت استاد

جيئن تہ حضرت مولانا ڊاڪٽر مفتي محمد ادريس سومرو جن پنهنجي تعليم جي شرعات ۽ پڄاڻي ارشادالعلوم ميرڪ ۾ ڪئي هئي، ان ڪري عملي قدم يعني درس ۽ تدريس جو سلسلو بہ پنهنجي انهيءَ مادر علمي کان ئي شروع ڪيو. ڏھ سال پنهنجي انهيءَ مادر علمي ۾ علم ۽ درس ۽ تدريس جا جوهر ڏيکاريندا رهيا. **١٩٨٣**ء کان **١٩٩٢**ء تائين پنهنجي مادر علمي ۾ استاذالحديث جي طور تي تعليم ڏيندا رهيا. ان کان پوءِ

ڪنڊيارو ۾ جامعہ انوارالعلوم ۾ شيخ الحديث جي طور تي پنهنجي تعليمي ۽ تدريسي فرائض سرانجام ڏيندا رهيا. پاڻ هن وقت تائين جامعہ انوارالعلوم ڪنڊيارو ۾ صدرالمدرسين ۽ شيخ الحديث جي منصب تي فائز آهن. جڏهن تہ پاڻ ڪراچي جي جامعہ عمرؓ ٽول پلازه ڪراچي ۾ نائب مهتمم، ناظم اعليٰ ۽ استاد پڻ آهن، پاڻ هر مهيني ڪنڊيارو ۽ ڪراچي ۾ تعليم ڏيندا آهن. يعني پندرهن ڏينهن ڪنڊيارو ۽ پندرهن ڏينهن ڪراچيءَ ۾ تعليمي ۽ تدريسي خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن. سندن پڙهائي جو انداز نهايت ئي سولو، سنهجو ۽ آسان هوندو اٿن.

مولانا صاحب بحيثيت مفتي

فتويٰ ڏيڻ يا فتويٰ لکڻ هڪ اهم منصب آهي، اسان جا پراڻا سڀ سنڌي عالم هڪ پاسي ماهر ۽ کهنہ مشق استاد هوندا هئا، اهي ٻي پاسي مظبوط ۽ مستند مفتي بہ هوندا هئا. اهڙن ئي مظبوط ۽ مستند عالمن ۾ استاذالعلماء حضرت مولانا مفتي محمد ادريس سومرو جن بہ آهن. سندن شمار سنڌ جي وڏن مفتين ۾ ٿيندو آهي. ڪين قديم، جديد مسائل ۽ عصر حاضره تي سٺي ڄاڻ رکندڙ مفتي آهي.

مولانا صاحب بحيثيت ڪالم نگار ۽ ليکڪ

حضرت مولانا مفتي محمد ادريس جن جيئن تہ عالم دين آهن تہ پاڻ هڪ بهترين قلم جا ڌڻي پڻ سندن قلم مان بيشمار تحقيقي، تاريخي ادبي ۽ اصلاحي مضمون ۽ مقالا نڪتا آهن. جيڪي سنڌ جي مشهور علمي، قلمي تاريخي ۽ تحقيقي رسالن جهڙوڪ: ماهوار شريعت سکر، ماهوار النصيحت سکر، ماهوار الصادق ڪراچي، ماهوار القاسم ڪوٽڙي، ٽماهي منبرالاسلام ڪراچي، ماهوار وفاق المدارس ملتان، ٽماهي العلم سکر، ماهوار الولي حيدرآباد، ماهوار الرحيم حيدرآباد، ٽماهي مهراڻ ڄام شورو، ٽماهي صدائي حريت پنڊي، ٽماهي صدائي محمود ڪراچي، ماهوار عزم نو، ماهوار الهلال ۾ شايع ٿي منظر عام تي اچي چڪا آهن. سندن هڪ مضمون ۽ مقالو علم، معلومات سان ٽمٽار هوندو آهي. سندن مضمونن ۽ مقالن جو چڱو ڀلو دستاويز محفوظ اٿن. ياد رهي تہ حضرت مولانا مفتي محمدادريس سومرو جن جيئن ڪالم نگار آهن، ائين پاڻ بهترين ليکڪ ۽

محقق پڻ آهن. سنڌن جا جا ڪيترائي ڪتاب لکيل آهن. انهن ڪتابن مان هڪ پي ايڇ جو تحقيقي مقالو پڻ شامل آهي. ان مقالي کان سواءِ ٻيا به ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن. جنهن جو وچور هن ريت آهي:

- پندنامو (هي ڪتاب نظم ۾ آهي، جيڪو اصل پندنامي جو سنڌي منظوم ترجمو آهي، هي ڪتان روشني پبليڪشن ڪنڊيارو پاران شايع ٿيو آهي. هن ڪتابن وڏن عالمن جهڙوڪ: استاذالعلماء حضرت مولانا علامہ سائين غلام مصطفيٰ قاسمي رحہ، استاذالعلماء حضرت مولانا سائين عبدالڪريم قريشي رحہ ۽ استاذالعلماء حضرت مولانا سائين مير محمد ميرڪ وارن جون تقريظون ڪتاب جي افاديت تي مهر ثابت ڪري ڇڏي آهي)
- **النهر الفائض في الحساب والفرائض**، هي ڪتاب سراجي جو سنڌي ٻوليءَ ۾ بهترين شرح آهي، جيڪو پاڻ جامعہ ارشاد العلوم ميرڪ ۾ شاگردن کي دوري دوران پڙهايو آهي، ان کي نئين ترتيب سان رابطة علماء سنڌ پاران شايع ڪيو ويندو.
- شذرات جلد پهريون: هي ماهوار الولي حيدآباد جو اداريو آهي، جيڪي حضرت علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي جن پنهنجي رسالي الولي جي ايڊيٽر جي حيثيت سان ملڪي توڙي غير ملڪي حالات حاضره تي سير حاصل بحث لکندا هئا. انهن ئي ادارن کي حضرت مولانا مفتي محمد ادريس سومرو جن تحقيق ۽ جاڪوڙ ڪري گڏ ڪتر ڪتابي صورت ۾ شذرات جو پهريون جلد علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي چيئر سنڌ يونيورسٽي پاران ۲۰۰۶ء شايع ڪري هڪ اهم علمي ۽ تحقيقي ڪم سرانجام ڏنو اٿس.
- شذرات جلد ٻيو: هي ماهوار الولي حيدآباد جو اداريو آهي، جيڪي حضرت علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي جن پنهنجي رسالي الولي جي ايڊيٽر جي حيثيت سان ملڪي غير ملڪي حالات حاضره تي سير حاصل بحث لکندا هئا. انهن ئي ادارين کي حضرت مولانا مفتي محمد ادريس سومرو جن تحقيق ۽ جاڪوڙ ڪري گڏ ڪري ڪتابي صورت ۾ شذرات جو پهريون جلد علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي چيئر سنڌ يونيورسٽي پاران ۲۰۰۷ء شايع ڪري هڪ اهم علمي ۽ تحقيقي ڪم سرانجام ڏنو اٿس.

- شذرات جلد ٽيون: هي ماهوار الولي حيدرآباد جو اداريو آهي، جيڪي حضرت علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي جن پنهنجي رسالي الرحيم جي ايڊيٽر جي حيثيت سان ملڪي غير ملڪي حالات حاضره تي سير حاصل بحث لکندا هئا. انهن ئي ادارين کي حضرت مولانا مفتي محمد ادريس سومرو جن تحقيق ۽ جاڪوڙ ڪري گڏ ڪري ڪتابي صورت ۾ شذرات جو پهريون جلد علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي چيئر سنڌ يونيورسٽي پاران ۲۰۱۰ء شايع ڪري هڪ اهم علمي ۽ تحقيقي ڪم سرانجام ڏنو اٿس.
- **ڇپيل اسلامي ڪتابن جو تنقيدي جائزو:** هي ڪتاب حقيقت ۾ حضرت مولانا مفتي محمد ادريس سومرو جن جو پي ايڇ ڊي لاءِ لکيل مقالو آهي. جيڪو سنڌي ادبي بورڊ طرفان ۲۰۱۲ء ڌاران شايع ٿيو آهي. ڪتاب پنج سو صفحن کان وڌيڪ علمي ۽ تحقيقي مواد تي مشتمل آهي. جڏهن هي ڪتاب شايع ٿي منظر عام تي آيو، حضرت مولانا مفتي محمد ادريس سومرو جن احقر راقم الحروف کي تحفي طور عنايت فرمايو. ڪتاب تي هي لفظ لکيائون:" برادرم مولانا سليم الله چوهاڻ لاءِ هديو". هي ڪتاب نهايت عالمانہ آهي. ۱۹۴۷ء کان ۱۹۸۷ء تائين اسلامي ءِسنڌي ڪتابن جي نہ رڳو ڇاڻ ملي ٿي پر انهن ڪتابن جو تعارف ۽ تبصرو ۽ تنقيد بہ شامل آهي. جڏهن تہ مختلف عالمن ۽ اديبن جي ڪتابن جي لکيل مهاڳ جو تعداد ۷۰ کان وڌيڪ آهي ۽ سندن تحقيقي مقالن توڙي مضمونن جو تعداد بہ ۷۰ کان وڌيڪ آهي. حضرت مولانا مفتي محمد ادريس سومرو جن جا مقالا توڙي ۽ مهاڳ جدا ڪتاب جي حيثيت جا آهن. اهي بہ ڪتابي صورت ۾ پڻ تيار آهن، جيڪي پنهنجي وقت تي ضرور شايع ٿيندا.
- تصنيف کان سواءِ حضرت مولانا مفتي محمدادريس سومرو جن ڪيترن ئي ڪتابن تي تحقيقي مقدما (مهاڳ) پڻ لکيا آهن. انهن مقدمن جو بہ وڏو تعداد آهي، اهي مقدما مستقل ڪتاب جي صورت ۾ وٽن محفوظ ۽ موجود آهي. اڳون نهايت ئي خوش قسمت آهيان حضرت مولانا مفتي محمدادريس سومرو جن منهنجي هڪ ڪتاب "نبوي خط" تي پڻ تفصيلي مقدمو لکيو آهي.

ان کان سواءِ حضرت مولانا ڊاڪٽر مفتي محمد ادريس هڪ محسن، همدرد ۽ قلم دوست انسان آهن. وٽن هر گهڙيءَ علم دوستن انسانن جو ميلو متل هوندو آهي. آئون جڏهن بہ حضرت مولانا ڊاڪٽر مفتي محمد ادريس جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيندو آهيان تہ پاڻ مون کي تحفي طور ڪو نہ ڪو ڪتاب ڏيندا آهن. منهنجي لاءِ هي بہ اعزاز آهي پاڻ منهنجي اداري مدرسہ عربيہ دارالتعليم حماديہ راڄو ڳوٺ ضلع شڪارپور ۾ پڻ تشريف فرما ٿيا آهن. احقر راقم الحروف جي مدرسي لاءِ بهترين تاثرات قلم بند فرمايائون، جيڪي مدرسي جي تاثراتي بوڪ ۾ محفوظ آهن.

مولانا غلام محمد ميمڻ

03013886207

نالو ۽ نسب

مولانا غلام محمد بن حافظ احمد ميمڻ پريالو شهر ۾ **۱۹۶۰ء** پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

عصري تعليم پرائمري پريالو شهر جي اسڪول ۾ پاس ڪيائون، ان کان پوءِ ميٽرڪ ۽ خيرپور ميرس مان پاس ڪيائون. فسٽيئر سکر بورڊ مان، بي اي ۽ ايم اي شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس مان پاس ڪيائون. جڏهن تہ ديني تعليم پريالو جي شهر جي مشهور ۽ قديم دينيمدرسي، مدرسہ عربيہ تعليم الدين ۾ سڄو علم انهيءَ مدرسي مان حاصل ڪيائون، دوره حديث جي لاءِ سنڌ جي نهايت ئي قديمي ۽ مشهور ديني مظهرالعلوم کڏي ڪراچي ۾ **۱۹۸۱ء** ڌاران دستار ٻڌي سند يافتہ مولوي ٿي ويا.

سندن مشهور استادن ۾ حضرت مولانا عبدالحميد مهر ڪنڊو واهڻ وارا، حضرت مولانا عبدالهادي ميمڻ ، حضرت مولانا مفتي حبيب الله شيخ ، حضرت مولانا حافظ محمد اسماعيل ، حضرت مولانا عبدالقادر لغاري (جنهن وٽ تجويد پڙهي) حضرت مولانا عبدالغني پٺاڻ (فاضل دارالعلوم

ديوبند)حضرت مولانا محمد ادريس ڪانڌلوي ، حضرت مولانا سيد فتح الله شاهہ بخاري ۽ حضرت مولانا رسول خان شامل آهن.

مولانا صاحب بحيثيت مصنف

پاڻ بهترين ليکڪ ۽ مصنف آهن. هتي سندن شايع ٿيل ڪتابن جو مختصر تعارف پيش ڪجي ٿو.

(۱) **رمضان جا مسائل** (هي ڪتاب رمضان شريف جي مسئلن تي مشتمل آهي، جيئن نالي مان ظاهر آهي. ڪهڙن ڪمن ڪرڻ سان روزو ٽٽي پوي ٿو ۽ ڪهڙن ڪمن سان روزو نٽو ٽٽي پوي ۽ ڪهڙن ڪمن سان روزو مڪره ٿئي ٿو. روزي جا آدب ۽ فضيلت بيان ٿيل آهي. هي ڪتاب ٽي ڀيرا شايع ٿيو آهي.

(۲) **کائڻ پيئڻ جا آداب.** (قرآن ۽ حديث ۾ کائڻ جا آداب بيان ٿيل آهن، انهن کي مختصر طريقي تي هن ڪتاب ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي)

(۳) **عورتن جي اصلاح**

(۴) **عورتن جا خاص مسائل.** (عورتن جي خاص مسئلن بيان ڪيو ويو آهي، ايام مخصوصہ (حيض، نفاس ۽ استحاضي) ۾ عورت نماز، روزو، حج ۽ ٻيا احڪام ادا ڪري سگهي ٿي يا نہ؟ انهن خاص مسئلن کي هن ڪتاب ۾ بيان ڪيو ويو آهي)

(۵) **معصوميت انبياء** (هي ڪتاب نبين سڳورن جي معصوميت بابت آهي، يعني سڀ نبي سڳورا گناهن کان پاڪ ۽ معصوم آهن. قرآن ۽ حديث جي روشنيءَ ۾ نهايت مفصل ۽ ڪتاب)

(۶) **ٻچڙن جي تربيت ڪيئن ڪجي؟** (اولاد جي تربيت تي نهايت بهترين ۽ اهم ڪتاب آهي)

(۷) **عورتن جي اصلاح**

(۸) **اڇو تہ نماز سکون.**

(۹) **اڇو تہ نماز درست ڪريون**

(۱۰) **ڪتاب الڪبائر جو سنڌي ترجمو.**

(۱۱) **احڪام الجنائز.**

(۱۲) **هي مسجد آهي.** (مسجد جي فضيلت ۽ آداب تي مشتمل

(۱۳) پونت ڇا آهي
(۱۴) حج ۽ عمري بابت

ان ڪان سواءِ پاڻ مختلف ديني رسالن ۾ مضمون پڻ لکندا رهندا آهن. سندن پھريون مضمون ماهوار الصادق ڪراچي ۾ **۱۹۸۲ع** ڌاران شايع ٿيو. ان ڪان پوءِ ماهوار الصادق ڪراچي ۽ ماهوار شريعت سکر ۾ مستقل مضمون شايع ٿيندا رهن ٿا.

جڏهن ته ديني علوم جي فراغت ڪان پوءِ پاڻ مختلف ديني مدرسن ۾ تعليمي ۽ تدريسي فرائض سر انجام ڏئي چڪا آهن. جھڙوڪ دارالعلوم صرافہ بازار ڪراچي ۾ هڪ سال، مظهرالعلوم کڏي ڪراچي ۾ ٻہ سال ۽ ٻہ سال دارالفيوض آگره ڪالوني ڪراچي ۾ پڙهائي چڪا آهن. جڏهن ته **۱۹۸۶ع** پريالو شهر ۾ عربي ٽيچر ٿيا ته پاڻ پنهنجي مادر علمي تعليم الدين پريالو شهر ۾ استاد ۽ مدرسہ ام المومنين خديجة الڪبريٰ رضي الله عنها للبنات جا نگران، مدرسہ ارشادالقرآن پريالو جي نگراني ۽ ٿلهي واري مسجد ۾ خطابت ڪندا آهن.

بيعت

پھرئين بيعت حضرت مولانا سائين حافظ محمود اسعد هاليجوي سان ڪئي اٿائون ۽ سندن وفات ڪان پوءِ حضرت مولانا سائين عبدالصمد هاليجوي دامت برڪاتهم سان بيعت ڪئي اٿائون.

هڪ شادي ڪئي اٿائون، جنهن مان کين ڇهہ پٽ ٿيا آهن. (۱) مولانا سفيان محمد جامعہ (حماديہ مظهرالعلوم منزل گاهہ سکر جو فاضل آهي) (۲) مولانا مفتي نعمان محمد (شمس العلوم رحيم يارخان جو فاضل جامعہ فيض العلوم قاسميہ ۾ استاد آهي) (۳) مولانا حافظ حسان محمد (دالعلوم سکر جو فاضل ۽ اقصيٰ مسجد پريالو ۾ استاد آهي) (۴) مولانا حافظ سلمان محمد (دارالعلوم عثمانيہ سکر جو فاضل تخصص في القرائت جامعة الرشيد ڪراچي، تخصص في اللغة العربية جامعہ ابن عباس ڪراچي ۽ احسن آباد ڪراچي ۾ استاد آهي) (۵) مولانا صفيان محمد (شمس العلوم رحيم يار خان جو فاضل ۽ ارشاد القرآن پرياليو ۾ استاد آهي) (۶) حافظ زين العابدين ڳاڙهي موري ۾ عربي جي تعليم حاصل ڪري رهيو آهي. ۽ ٻہ نياڻيون سي بہ عالمہ آهن.

مولانا محمد رمضان ڦلپوٽو

03073604061

تصنيف ۽ تاليف جي ميدان ۾ ڏاڪ ۽ هاڪ ويهاريندڙ ڪيترن ئي ڪتابن جي مصنف جڳ مشهور عالم دين حضرت مولانا سائين محمد رمضان ڦلپوٽو جو تعارف پيش ڪجي ٿو:

نالو ۽ نسب

مولانا محمد رمضان ڦلپوٽو بن حاجي محمد سچل **۱۶** جنوري **۱۹۶۸ع** ڌاران ڳوٺ ٻاگو ڦلپوٽو تعلقي ڪنگري ضلع خيرپور ميرس ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

تعليم جي شروعات پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ ٻاگو ڦلپوٽو ۾ پڙهڻ سان ڪئي قاعده ۽ ناظره قرآن شريف جي تعليم پنهنجي ڳوٺ جي جامع مسجد حاصل ڪيائون. ان ڪان پوءِ وڌيڪ ديني تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ جي مشهور ديني مرڪز جامعہ اسلاميہ شمس الهديٰ ڪولاب جيئل ضلع خيرپور ميرس ۾ داخلا ورتائون. جتي فارسيءَ جا ابتدائي ڪتاب پڙهيائون، ان ڪان پوءِ مدرسہ عربيہ مفتاح العلوم عزيزيہ پير جو ڳوٺ ۾ فارسي جا رهيل ڪتاب پورا ڪيائون. ان ڪان پوءِ جامعہ شمس العلوم ڪرڙاهہ ضلع خيرپور ميرس عربي تعليم جي شروعات ڪيائون. اتي ڪجهہ وقت پڙهيا، ان ڪان پوءِ مدرسہ عربيہ مظهرالعلوم حماديہ کھڙا ۾ باقي رهيل سڄي تعليم مڪمل ڪيائون. سن **۱۹۸۹ع** سڀني علمن جي تڪميل ڪري باضابطہ سند يافتہ عالم دين ٿي ويا. جڏهن ته اعليٰ عربي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ حضرت مولانا علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي جن وٽ شاهہ ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد ۾ شاهہ ولي الله جي فلسفي جا ڪتاب پڙهيائون. علم ميراث حضرت مولانا عبدالهادي صاحب ٽيڙهي وارن وٽ پڙهيو. حديث جو علم حضرت مولانا قطب الدين انڊڙ ۽ مولانا مفتي غلام قادر ميمڻ جن وٽ پڙهيا.

جڏهن ته عصري تعليم لاءِ ميڊل اسڪول ٻھارو لاڙڪ ۽ ميٽرڪ

گورنمنٽ هاءِ اسڪول کهڙا مان پاس ڪيائون ۽ فرسٽ ايئر ۽ انٽر ڊگري ڪاليج راڻي پور مان پاس ڪيائون ۽ ۱۹۹۱ء ۾ ايم اي اسلامڪ ڪلچر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي مان پاس ڪري عصري تعليم جي پڻ تڪميل ڪيائون.

ديني تعليم کان فراغت حاصل ڪرڻ کان پوءِ مسلسل تعليمي، تدريسي، تبليغي ۽ تصنيفي خدمتون نهايت ئي جوش ۽ جذبي سان ملهائي رهيا آهن. تقريبا پندرهن سالن کان قرآن پاڪ جو تفسير ۽ صحيح بخاري شريف ٻيا ديني علوم پڙهائڻ ۾مصروف آهن. پاڻ هر گهڙي ديني ڪم ۾ رڌل نظر ايندا آهن. سندن هن وقت ٽيهارو ڪن ڪتاب ڇپجي منظر عام تي اچي چڪا آهن، ايترو ئي تعداد قلمي صورت ۾ محفوظ آهن، جيڪي ڇپائي جا پڻ منتظر آهن. هتي پڙهندڙن جي خدمت ۾ سندن تصنيفي خدمتن تي سرسري جائزو پيش ڪجي ٿو:

مولانا صاحب بحيثيت مصنف ۽ ليکڪ

تفسير فيض القرآن: هي قرآن پاڪ جو ترجمو ۽ مختصر تفسير آهي، جيڪو ٻن جلدن تي مشتمل آهي. مشهور عربي ۽ اردو تفسيرن مان تيار ڪيل آهي. جهڙوڪ تفسير ابن ڪثير، تفسير روح المعاني، تفسير مظهري، تفسير الڪشاف، تفسير عثماني، تفسير احسن البيان، تفسير معارف القرآن ۽ تفسير موضح القرآن مان ماخوذ آهي. نهايت ئي سليس ۽ عام سولو ۽ سنهجو تفسير آهي. هن تفسير جي اهم خوبي هي آهي ته هن ۾ عام مسلمانن جي سطح جي سمجهه کي اڳيان رکي عام فهم، سليس تفسير بيان ڪيو ويو آهي. منڍ ۾ هڪ تفصيلي عالماڻو مقدمو، جنهن ۾ قرآن ڪريم جي فضيلت، قرآن ۽ حديث جي روشنيءَ ۾ پيش ڪئي وئي آهي. جنهن ۾ چاليهه کان وڌيڪ آيتون ۽ حديثون پڻ ڏنيون ويون آهن. ارڙهن سون کان وڌيڪ صفحن تي پکڙيل هڪ اهڙو مستند ۽ مظبوط تفسير آهي، جيڪو ٻن جلدن تي مشتمل آهي.

احسان الباري شرح صحيح بخاري: هي ڪتاب ديني مدرسن ۾ پڙهائي ويندڙ مشهور ۽ معروف ڪتاب بخاري شريف جو سنڌي ترجمو ۽ شرح آهي، جيڪو اٺن جلد تي مشتمل آهي، جنهن جا چار جلد ڇپجي منظر عام تي اچي ويا آهن، اسڪولن، ڪاليجن يونيورسٽين جي تعليم يافته ۽

عام مسلمانن جي لاءِ حديث شريف جو هڪ قيمتي ذخيرو ۽ تحفو. ديني مدرسن جي شاگردن توڙي استادن لاءِ هڪ جهڙو مفيد آهي.

قرآن ۽ قرآني علم: جنهن ۾ قرآن پاڪ جي گڏ ٿيڻ، تفسير ۽ تاويل ۾ فرق، تفسير جي لغوي ۽ اصطلاحي معنيٰ جهڙا سوين عنوان قائم ڪري قرآن پاڪ جي حوالي سان سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ مستند ۽ معتبر ڪتاب بلڪ جيڪڏهن سنڌي ٻوليءَ ۾ قرآن پاڪ جو انسائيڪلو پيڊيا چئجي ته وڌاءُ نه ٿيندو.

پيارو پيغمبرﷺ پراون جي نظر ۾: هي ڪتاب نبي ڪريمﷺ جي سيرت مبارڪ تي غير مسلم دانشورن جا تاثرات آهن. غير مسلم به ٻنهي جهانن جي سردار حضرت محمد ڪريمﷺ جن کي ساراهيو آهي. هن ڪتاب ۾ نبي ڪريمﷺ جن جي مبارڪ زماني کان ڏيڍ هزار سال اڳ کان غير مسلم دانشوران کان وٺي چوڏهين صديءَ جي غير مسلمن جي خراج عقيدت جا گل وکريا آهن، قديم ۽ جديد غير مسلم دانشورن جي خراج عقيدت جو هڪ بهترين گلدستو آهي. پنهنجي موضوع تي هڪ جامع ڪتاب آهي، ڪتاب وڏي سائز ۾ ۵۴۴ صفحن تي مشتمل آهي، هر گهر توڙي لائبريري ۾ هئڻ ضروري آهي. ياد رهي ته هي ڪتاب صدارتي ايوارڊ يافته پڻ آهي.

پيارو پيغمبرﷺ پروانن جي نظر ۾: نبي ڪريمﷺ جن جي ساراهه ۽ ثنا ۾ پروانن جا روح کي راحت ڏيندڙ خراج عقيدت نوري، ناري ۽ خاڪي مخلوق جو مديني جي مير مٺي محبوب ﷺ جن جي مقدس دربار ۾ دل جي اٿاهه گهرائين سان پيش ڪيل نرالا نذرانه عقيدت مصطفيٰﷺ جي مدح ۽ ثنا ۾ معصوم پيغمبرن جا پيار ۽ پاٻوهه ڀريا ترانا، آسمان جي معصوم مخلوق ملائڪن جو من موهيندڙ خراج عقيدت. اصحابن سڳورن جي سونهن ڀري ساراهه مطلب ته اعليٰ کان وٺي ادنيٰ تائين پرواني جهلڪ، جنهن سان نبي ڪريمﷺ جي ساراهه جي هٻڪار هڪ دفعو ساري ملڪ ۾ پکڙبي. اٺن سو صفحن کان وڌيڪ قيمتي تي مشتمل پنهنجي موضوع تي هڪ بهترين علمي سوکڙي آهي.

وظائف مصطفيٰﷺ: اسلام جي روحاني نظام جي بنيادي موضوع دعا ۽ ورد وظائف تي مشتمل قرآني ۽ نبوي دعائن جو هڪ بهترين روح کي راحت ڏيندڙ مجموعو. جنهن ۾ قرآن، حديث ۽ سلف صالحين جون

دعائون سنڌي ترجمي سان گڏ ذڪر ٿيل آهن. دعائن جي جيڪا فضيلت حديث شريف ۾ آيل آهي سا بيان ڪئي وئي آهي. پنهنجي زندگي تي نبوي انوار جا آثار پيدا ڪرڻ لاءِ هڪ خوبصورت تحفو. ڊيمي سائيز جي ۱۸۸ صفحن تي مشتمل نهايت ئي قيمتي تحفو آهي. هر گهر توڙي لائبريري جي ضرورت پڻ آهي.

اسلام ۽ جديد سائنس: اڄ ڪلھ جي جديد دور جو جديد (انگريزي) تعليم يافتہ نوجوان جيئن تہ قرآن ۽ سنت جي تعليم ۽ عمل کان ٿورڙو پرپرو آهي تنهن ڪري جديد دور جي ڏاهن ۽ مفڪرن جا اثر انهن جي ذهنن تي ڇانيل آهن. اهڙن دوستن جي ذهني تسلي ۽ تشفي لاءِ جديد دور جي سائنسدانن، فلاسفرن، ڏاهن ۽ دانشورن جا اهي قول، تجربا ۽ مشاهدا بہ دين اسلام جي حقانيت ۽ صداقت لاءِ مددگار ۽ معاون بڻجن ٿا جيڪي انهن قرآن ڪريم جي مختلف آيتن بابت سائنسي مشاهدن ۽ تجربن جي روشني ۾ قائم ڪيا آهن ۽ پوءِ پنهنجي مڪمل سچائي ۽ خلوص سان اهي قوم تائين پهچايا آهن.

مسلمان سائنسدان: اسلام ۽ سائنس جي تاريخي پس منظر جي نقاب ڪشائي ڪرڻ کان پوءِ مسلمان سائنسدانن جي سونهري ڪارنامن جي هڪ سهڻي جهلڪ ڏيکاري وئي آهي ۽ مسلمان سائنسدانن جهڙوڪ: ابوموسيٰ خوارزمي، جابر حيان، ابو زڪريا رازي، ابن الهيثم، بوعلي سينا، يعقوب ڪندي، عمر خيام ۽ ابوريحان البيروني وغيره ۽ ٻين گهڻن ئي مسلمان سائنسدانن جي مڪمل سوانح حيات. هن ڪتاب جي ترتيب ۾ نائين درجي کان وٺي ايم اي تائين نصاب ۾ شامل مسلمان سائنسدانن جي حالات کي اڳيان رکيو ويو آهي. تنهن ڪري شاگردن لاءِ هي ڪتاب خاص اهميت رکي ٿو. هڪ سو صفحن تي مشتمل جامعہ مظهرالعلوم حماديہ کهڙا مان شايع ٿيو آهي.

ڊارون جو ارتقائي نظريو ۽ اسلام: هن ڪتاب جي منڍ ۾ هي ثابت ڪيو ويو آهي تہ ارتقائي نظريو پنهنجي پيدائشي سرزمين يورپ ۾ پيانڪ شڪست کائي چڪو آهي. يورپي سائنسدان هن نظريئي کي غير ثابت شده ۽ جڙتو ٿيوري قرار ڏين ٿا. ارتقائي نظريئي جو سائنسي پوسٽ مارٽم ڪرڻ کان پوءِ ٻڌايو آهي تہ اسلام، انساني تخليق جي متعلق ڪهڙو نظريو پيش ڪري ٿو. قرآن، حديث ۽ مسلمان سائنسدانن ۽ فلاسفرن جي اقوال سان

ٿيڻٿار حق ۽ صداقت جي پانڌيئڙن جي لاءِ هڪ بهترين سوکڙي آهي ۱۲۰ صفحن تي مشتمل جامعہ مظهرالعلوم حماديہ کهڙا مان شايع ٿيو آهي.

مهراڻ جو موتي: حضرت مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي سوانح تي لکيل هن ڪتاب جي تفصيلي مقدمي ۾ سنڌ جي اسلامي عظمت کي اجاگر ڪيو ويو آهي ۽ سنڌ جو اسلام سان گهرو تعلق، سنڌ جي قديم بزرگن، عالمن، اديبن ۽ شاعرن جو مختصر پر جامع تذڪرو ڪيل آهي. مخدوم صاحب جي ابتدائي زندگي، تعليم پرائڻ، سندس استادن ۽ همعصرن جو احوال پيش ڪرڻ کان پوءِ سندس علمي ڪارنامن، تصنيفي ۽ قلمي خدمتن جو جامع تذڪرو ڪرڻ کان پوءِ سندس ڪتابن جي جامع فهرست ڪتابن جي مختصر تعارف سان ڏني وئي آهي. ۱۰۰ صفحن تي مشتمل هي ڪتاب جامعہ مظهرالعلوم حماديہ کهڙا مان شايع ٿيو آهي.

انهن ڪتابن کان سواءِ ٻيا بہ سندن ڪيترائي ڪتاب ڇپجي منظر عام تي اچي چڪا آهن، جهڙوڪ حديث ۽ علم حديث، مني مرسل جا معجزا، مرد مجاهد استاد غلام محمد پنهور جي تفصيلي سوانح حيات تي ۱۰۰۰ صفحن تي مشتمل، هوندا سي حيات، ملفوظات پيران عبدالقادر جيلاني رحہ، *رب کے در پر، آپ قرآن کیسے پڑھیں، جمعیت العلماء اور خدمات علماء سندھ*، طالبان جي ديس ۾ (سفر نامو سنڌي) سيرت جا عملي پهلو. *طالبان کے دیس میں* (سفر نامه اردو) مني مرسل ﷺ جا معجزا. *تقریر ختم صحیح بخاری*، ڪبيرا گناھ، تذڪرة الصالحين ملفوظات حضرت سائين عبدالله شيخ دوست شاخ وارا خليفہ حضرت لاهوري رحہ، الباقيات الصالحات في تحفة الذاڪرين والذاڪرات، طالبن جيئن ڏٺامون، ينابيع الحياةالابديہ، (تصوف جي مشهور فارسي ڪتاب جوسنڌي ترجمو) اسلام ۽ پاڪستان جي خلاف سامراجي سازشون، سنڌ جا حق اسلام جي نظر ۾، گلزارِ سنت، سيرت النبي ﷺ (ڪجھ مضمون) هونداسي حيات (سوانحي خاڪا) ڪاميابي جي منزل (سياسي مضمون) خلفاءِ راشدين (ڇپائي هيٺ، فضائل قرآن بابت چاليھ حديثون، ڪبيرن گناهن بابت چاليھ حديثون، استغفار بابت چاليھ حديثون، توبہ بابت چاليھ حديثون، نفلي نمازُن بابت چاليھ حديثون

سچي سرور ﷺ تي صلواتون، سوانح حيات ۽ ملفوظات حضرت سائين مولانا عبدالصمد هاليجي شريف، حقاني عالمن جو شاندار ماضي،

حرمين شريفين جو سفر، اصحابن سڳورن جا حيرت انگيز واقعا، الله وارن جي مجلس ۾، *صد سالہ عالمی اجتماع کا آنکھوں دیکھا احوال*، ضلع خيرپور جا حقاني عالم (سوانحي خاڪا) منهنجا محسن استاد سوانح حيات شيخ التفسير حضرت مولانا محمد عمر کهڙو، منهنجي ڪتابن جا تعارف ۽ تبصرا، تقريظون ۽ مقدما، محبت نامون (سنڌي خطن جو مجموعو) *نامہ زرین* (اردو خطن جو مجموعو) منهنجا علمي سفر (ملڪي سفر نامون) تاريخ جمعية علماءِ اسلام ضلع خيرپور، تاريخ جمعية علماءِ اسلام صوبہ سنڌ، *نامے میرے نام* (مصنف ڏي آيل اردو خطن جو مجموعو) سڄڻ ساريو (مصنف ڏي آيل سنڌي خطن جو مجموعو) *امام اعظم ابو حنیفہ رحہ اور علم حدیث*، حق چاريار، قرآن شريف ۽ حديثن جي روشني ۾ چئن يارن جو شان ۽ مان، *کراچی سے کندھار تک (سفر نامہ)*، عين المعاني شرح اسماء رباني، ڏهين صدي هجري جي فارسي ڪتاب جو سنڌي ترجمو، آزادي مارچ اسلام آباد ۾ جمعيت ضلع خيرپور جو ڪردار، چاليهہ حديثون-(ديني علم جي فضيلت بابت)، نيل الثواب في جمع الاحاديث الثُلاث (عربي)، مناقب الامام ابي حنيفة و صاحبيہ (عربي)

ان ڪان سواءِ حضرت مولانا جن ڪيترن ئي اردو ۽ سنڌي رسالن ۾ تحقيقي مضمون لکندا رهندا آهن ۽ ڪيترن ئي ڪتابن تي تقريظون پڻ لکيون آهن. پاڻ منهنجي ڪتابن تي تقريظون لکي منهنجي حوصلہ افزائي ڪئي.

بهرحال حضرت سائين محمد رمضان ڦلپوٽو صاحب جن هڪ تاريخ، هڪ تنظيم، هڪ جماعت ۽ گهڻ رخي شصيت جا مالڪ آهن. ان ڪان سواءِ پاڻ جامعہ دينيہ دارالهديٰ ٺيڙهي (حبيب آباد) جا شيخ الحديث، دارالعلوم حماديہ ڳوٺ باگو ڦلپوٽو جا مهتمم ۽ جمعيت علماء اسلام ضلع خيرپور ميرس جا امير پڻ آهن.

نور احمد ميمڻ

03132707097

سنڌ جي سياسي ڪارڪنن توڙي سڌارڪ ڌارا ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهن لاءِ سائين نور احمد ميمڻ جو نالو اوپرو ڪونهي. ستر ۽ اسي جي ڏهاڪي جي شاگرد سياست ۽ نوي ڪان هيستائين جي قومي سرگرمين ۾ ۽ علمي ميدان ۾ سندن ڪوششون مثالي نظر اچن ٿيون. سڀ ڪان وڏي ڳالهہ تہ هو سنڌ ۾ ڪيترن ئي ادارن ۽ تحريڪن جا باني بہ رهيا آهن ۽ روح روان بہ رهيا آهن. جتي بہ رهيا آهن سندن فعال ڪردار اسان کي نمايان نظر اچي ٿو.

هو ساڳي وقت ناشر بہ آهن، ليکڪ بہ آهن ۽ قومي ۽ سماجي ورڪر بہ آهن. سنڌ جو مشهور اشاعتي ادارو سنڌيڪا سندن مٿاهين صلاحيتن ۽ وڏي علمي حيثيت جو ساکي آهي. سنڌيڪا اداري سنڌ ۾ ڪتابن جي اشاعت جا نوان لاڙا متعارف ڪرايا. جنهن ڪري اهو ادارو سنڌ جو سڀ کان وڏو اشاعتي ادارو ٿي سامهون آيو. سنڌ جي علمي ۽ ادبي ڪيتر ۾ دين ۽ قرآن جي سچي فڪر کي سنڌ جي نوجوانن ۽ عوام تائين پهچائڻ ۽ مڃائڻ ۾ سائين نور احمد ميمڻ جي ڪوششن کي هرگز وساري نہ سگهبو. ۲۰۰۸ع ۾ ڪراچيءَ اندر قرآني علمن جو ادارو حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ قائم ڪيائون. جنهن ۾ هڪ طرف قرآني علمن تي تحقيق جو آغاز ٿيو ۽ ٻئي طرف سڄي سنڌ ۽ ملڪ جي شاگردن کي قرآن جي فهم، تدبر ۽ حڪمت جا فاصلاتي ڪورس ڪرايا پئي ويا. هن وقت بہ اهو ادارو قرآن جي اسپيشلائيزيشن (تخصص) جي تعليم جو مرڪز بڻيل آهي. سائين نور احمد ميمڻ سنڌ ۾ ترقي پسند سوچ، سڌارڪ ڌارا ۽ ديني فڪر جي گڏيل ٿمورتي آهن جنهن جي تحريرن ۽ سرگرمين کي وڏي مڃتا حاصل آهي. سنڌ جي اڻ ڳڻين تعليمي ادارن ۾ ڪين گهرائي استادن ۽ شاگردن جي تربيت ۽ شخصيت سازيءَ لاءِ ليڪچر ڪرايا وڃن ٿا. اهڙي طرح سندن تحريرون سنڌ جي سڌارڪ ڌارا جو انمول خزانو آهن. جنهن مان موجوده نسلن سان گڏ ايندڙ نسل بہ ضرور فيضياب ٿيندا.

هو قرآن حڪيم جي موجوده دؤر ۾ اعليٰ انساني فڪرتي ڄاڻ جو خزانو آهن ۽ ان جي تحقيق سان گهاٽائي رکي ان کي ڦهلائڻ ۾ ڏينهن رات

مصروف آهن. امام انقلاب مولانا عبيدالله سنڌي رحہ جي فڪر ۽ فلسفي جا پرچارڪ آهن. مولانا ابوالڪلام جا مداح ۽ محبتي، شيخ الهند حضرت مولانا محمود حسن ديوبندي جا عاشق ۽ شيدائي آهن ۽ انهن ٺنهي بزرگن جي قرآن حڪيم جي ڪيل خدمت کان ماڻهن کي روشناس ڪرائڻ ۾ سندس وڏو ڪردار آهي.

نالو ۽ نسب

محترم نور احمد بن حاجي خير محمد ميمڻ ١٩٥٨ع ڌاران پريالو شهر ضلعو خيرپور ميرس ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

پرائمري گورنمنٽ پرائمري اسڪول پريالوءِ مان پاس ڪيائون، سيڪنڊري تعليم گورنمنٽ هاءِ اسڪول پريالوءِ مان پاس ڪيائون. انٽر سائنس سپريئر سائنس ڪاليج خيرپور ميرس مان پاس ڪيايون، جڏهن تہ گريجوئيشن شاھ عبداللطيف ڪيمپس خيرپور ميرس مان ڪيائون ۽ پوسٽ گريجوئشن ڪراچي يونيورسٽي مان ڪيائون. جڏهن تہ درس نظاميءَ جا ڪجھ ڪتاب حضرت مولانا شبير احمد پٽي رحہ ۽ مولانا غلام قادر پنهوار رحہ جن وٽ پڙهيا.

پاڻ جمعيت علماء اسلام جي ذيلي تنظيم جمعيت طلباء اسلام ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو آهي. پاڻ يونٽ جي سطح کان ويندي ضلعي، صوبائي ۽ مرڪزي عهدن تي عهديدار ۽ اڳواڻ رهي چڪا آهن.

نوراحمد ميمڻ بحيثيت مصنف

محترم نوراحمد ميمڻ جن کي لکڻ جو قدرت پاران ملڪو عطا ٿيل آهي. پاڻ ڪالم نگار بہ آهن مصنف بہ آهن مترجم بہ آهن، سندن شايع ٿيل ڪتاب ٢٥ کان مٿي آهن، ان کان سواءِ سندن ١٠٠ کان مٿي تحقيقي مضمون، مقالا ۽ ڪالم سنڌ جي مشهور مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿي چڪا آهن. سندس جي شايع ٿيل ڪتابن جا نالا هيءُ آهن:

(١) :انسان جي فطرت، وصفون ۽ بشري ڪمزوريون (٢)شاھ لطيف وٽ عشق جا ڏھ اصول (٣) ماڻهوءَ جو اصل امتحان (٤) اي سنڌ جا سنڌيو!

اوهان ڏانهن (٥) قرآن جو پيغام (٦) اسماءُ الحسنيٰ جو انساني زندگيءَ تي اثر (٧) خواتين اسلامي انسائيڪلوپيڊيا (اردو ۾ سندن لکيل هي ڪتاب تقريباً ٿي لک تعداد ۾ ڇپجي چڪو آهي.) (٨) ٻارن جو پيٽائي(٩) وتايو فقير ۽ خيرات جي ماني (١٠) احسان جو بدلو (١١) ڪائنات جا مٺ مائٺ (١٢) قدرت جا نظارا ۽ ٻيا شامل آهن. سندن تحرير جي خوبي آهي جو مٿين سڀني ڪتابن جا ايڊيشن وري وري ڇپبا رهيا آهن.

ان کان علاوه هيٺيان ڪتاب سندس سهيڙيل/ترتيب ڏنل آهن (١٣) : ڇپر جا سونهان (١٤) فڪري تحريرون (١٥) قديم سنڌ جي تاريخ (١٦) جيئڻ جيئڻ پرين پسن (١٧) انساني ڀلاين جو ديني شعور (١٨) مولانا عبيدالله سنڌي (انقلابي شخصيت ۽ انقلابي ڪارناما) (١٩) ايئن چيو محمدﷺ(٢٠) قرآني الاهيات (٢١) شاعريءَ جو سجدو (٢٢) ڪالاباغ ڊيم (٢٣) مشهور پيغمبر ۽ سڌارڪ (٢٤) مشهور عالم ۽ مفڪر (٢٥) مشهور قومي اڳواڻ (٢٦) مشهور فاتح ۽ سورما (٢٧) مشهور حڪمران (٢٨) مشهور سنڌي سپوت (٢٩) تو سنڌ ڪپائي زرداري (٣٠) اسلام میں زمین کی ذاتی ملکیت کا کوئی وجود نہیں (٣١)علوم القرآن (اردو) (٣٢) رسول اللهﷺ کي سيرت کي عملي پهلو (اردو) ۽ ٻيا شامل آهن.

هن وقت بہ ڪراچيءَ ۾ سنڌيڪا اڪيڊميءَ جي سربراھ جي حيثيت سان، سنڌ جي علمي شعور جي اضافي لاءِ پنهنجو ڪم جاري رکيو ويٺا آهن. سنڌيڪا اڪيڊمي جتي سنڌ جي تعليمي، تاريخي، تربيتي ضرورتن کي پورو ڪيو آهي اتي سنڌيڪا جو سڀ کان وڏو ڪم قرآن حڪيم جي ترجمن ۽ تفسيرن کي شايع ڪري سنڌ ۾ علم جي لاٽ کي ٻاريون اڇن ٿا، ديني ڪتابن کان سواءِ پاڻ مشهور عالمن جي قرآن پاڪ جي ترجمن کي شايع ڪري قرآن جي سمجهڻ لاءِ راھ هموار ڪرڻ ۾ پنهنجي رت ست پگهر ۽ پسينو صرف ڪري رهيا آهن ۽ حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ پڻ هلائي رهيا آهن.

منهنجي پنهنجي زندگيءَ جو هي مشاهدو آهي تہ مون کين هميشہ هڪ سچي خدا پرست وانگر هڪ عملي انسان دوست طور زندگي گذاريندي ڏٺو آهي. انهن ماڻهن جي لسٽ ۾ سائين نور احمد ميمڻ جو نالو بيحد نمايان رهندو جن پنهنجي قوم جي ماڻهن جي سهائتا کي پنهنجي زندگيءَ جو اصل مقصد پئي سمجهيو آهي. اهوئي سبب آهي جو هنن زندگيءَ جو هڪ هڪ

پل بامقصد گذارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پاڻ پٽائي جي هن سٽ ”تتي ٿڌي ڪاهه ناهي ويل ويهڻ جي“ جو مصداق آهن. پاڻ هر وقت ڪنهن نہ مهم ۾ مصروف ٿي جاکوڙ ۽ جتن ڪري رهيا هوندا آهن.

موجوده سنڌ ۾ جيئن علمي، فڪري ۽ دعوتي ڪوششن ۾ سندن خدمتون ناقابل فراموش آهن. تيئن ڪتابن جي ڦهلاءَ ۽ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڪتابن کي رسائڻ لاءِ بہ نمايان ڪوششون آهن. ان مقصد جي لاءِ سنڌيڪا اڪيڊميءَ جي پاران ڪميونٽي لائبريريز نيٽ ورڪ قائم ڪرڻ جنهن ۾ تقريباً **٥٠٠** لائبريريون سنڌ جي مختلف علائقن ۾ قائم ٿيون ۽ انهن لائبريرين جي ذريعي علمي، ادبي، فڪري ۽ نظرياتي ڪتاب سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهتا. اهڙي طرح شاگردن جي لاءِ وزڊم لائبريري متعارف ڪرائي وئي تہ جيئن موجوده دور جي علمي، فڪري ۽ ديني تقاضائن هيٺ شاگردن جي ذهن سازي ڪري سگهجي. سنڌ ۾ قائم مسجدن کي اسلامڪ ڪميونٽي سينٽر ۽ لائبريرين جو مرڪز بڻائڻ لاءِ پڻ هڪ اسڪيم تيار ڪري سڄي سنڌ ۾ ان جو نيٽ ورڪ جوڙيو ويو ۽ **٣٠٠** کان وڌيڪ مسجد لائبريريون قائم ڪيون ويون. ان مقصد جي لاءِ مسجد کي اسلامي ڪميونٽي سينٽر جو درجو ڏيڻ لاءِ سائين نور احمد ميمڻ جي پاران جيڪو ڊرافٽ تيار ڪري موڪليو ويو سو هن ريت هو:

محترم ________________

السلام عليڪم ورحمتہ الله و برڪاتہٗ

اميد تہ اوهان پنهنجي اهل و عيال سان خوش هوندئو.

الله تعاليٰ اوهان کي هي موقعو عطا ڪيو آهي تہ توهان دين اسلام جي ڀلائي واري پيغام جا ڪتاب پنهنجي مسجد جي لائبريءَ ذريعي الله تعاليٰ جي ٻانهن تائين پهچايو ۽ انهن ڪتابن جي ذريعي الله تعاليٰ جي معرفت، پيغمبر ڪريم ﷺ جي سيڪاريل دين، مسلمانن جي اسلامي زندگي، آخرت جي تياري ۽ دين دنيا جي ڀلاين جو پيغام الله جي ٻانهن تائين پهچائي سگهو.

مسجد لائبريريءَ لاءِ چونڊيل انهن ڪتابن جو تعلق ڪنهن بہ مسلڪي وابستگيءَ سان نہ آهي، هن مقصد لاءِ انهن ڪتابن جو انتخاب ڪيو ويو آهي، جيڪي ڪتاب معرفت الاهي، پيغمبر ﷺ جو اسوه حسنہ، دين اسلام جي شعوري ڄاڻ، ۽ ماڻهن جي اخلاقي ۽ معاشرتي اصلاح جي

لاءِ اثرائتا ۽ ڪارائتا هجن. اُن ڪري هي ڪتاب سڀني مسلمانن جي لاءِ ديني ڀائپي ۽ وحدت جو ذريعو پڻ بڻبا.

موجوده دور ۾ طرف هڪ طرف عام مسلمانن جي عملي زندگين ۾ انهن اخلاقن جي ڪمي نظر اچي ٿي جيڪي اخلاق هڪ مثالي امت جي طور تي مسلمانن کي عطا ٿيا تہ ٻيا ماڻهو عملن جو اهو نمونو، اها سچائي، اها رحمدلي، اها سخاوت ۽ اها ڀائپي ڏسي ٻين مذهبن جا ماڻهو ريس ڪندا ۽ پوءِ اهي بہ دين اسلام کي انسانيت جو ڀرجهلو سمجهي ان جي ڇانوَ ۾ پنهنجي آسيس محسوس ڪندا. ان جي ابتڙ هينئر حالت هي بڻبي پئي وڃي جو جهالت سببان ڀاءُ ڀاءُ کان بيزار آهي ۽ ماڻهو معمولي ڳالهين تي هڪٻئي سان دشمنيون ۽ ڪدورتون رکي ٿا ويهن. ٻئي طرف لادين طبقا ابلاغ جي ذريعن سان بي دينيءَ جي ڳالهين کي وڏي پيماني تي ڦهلائي رهيا آهن پر بدقسمتيءَ سان اسان جا ڪيترا ديندار طبقا پنهنجي مسلڪ کي مٿاهون ثابت ڪرڻ لاءِ فرقيواريت جي ڏيڻ ۾ ڦاٿل آهن، ان جي نتيجي ۾ جيڪو نئون نسل تيار ٿي رهيو آهي اهي نسلي طرح مسلمان ڪاتي ۾ تہ ضرور شامل آهي پر انهن جو ذهن، فڪر، سوچ ۽عمل لادينيت جي گهيري ۾ انتشار جو شڪار آهي. ڪيترا ماڻهو جهالت جي گهيري ۾ آهن ۽ ڪيترا ماڻهو شڪ ۽ هيجان جو شڪار آهن.

انسانيت جي لاءِ رهبر ۽ رهنما دين اسلام، ڪامل دين جي طور تي مسلمانن کي عطا ٿيو آهي ۽ ان دين جو رهبر ۽ رهنما دنيا جي ڪامل ۽ اڪمل ترين شخصيت حضرت محمد ﷺ جهڙي ذات اقدس جو مثالي نمونو اسان جي لاءِ مشعل راهہ آهي. پاڻ ڪريمن ﷺ کي خاتم نبوت جي مهر عطا ٿي ۽ هاڻي دين جي دعوت جو پيغام سندس پوئلڳن کي سپرد ٿيو تہ اهي ڪار نبوت ۾ سرڪار دو عالم ﷺ جا صحابي ۽ ساٿاري بڻجن. الله تعاليٰ پنهنجي وحي واري هدايت جو پيغام قرآن مجيد جي محفوظ صورت ۾ اسان تائين پهچايو آهي. قرآن مجد جي سنڌي ترجمي ۽ پيغمبر اسلام جي اسوة حسنة کي اسان پنهنجي چوڌاري ماڻهن تائين پهچايون تہ ان سان اسان جو پنهنجو فائدو آهي بہ آهي جو ان سان الله تعاليٰ جي رضا ۽ ان جي محبوبيت حاصل ٿيندي. ساڳئي وقت اسان جي مسلمان ڀائرن جو ڀلو ٿيندو. انهن جي سوچ صالح ٿيندي، انهن جي فڪر جي اصلاح ٿيندي، انهن ۾ خدا پرستي ۽ انسان دوستي پيدا ٿيندي تہ اهي

سماج جا ڪارآمد فرد ثابت ٿيندا. خاص ڪري نئون نسل دين اسلام جو شعوري مطالعو ڪري پختو مسلمان ٿئي ۽ جڏهن انجو لادين طبقن سان واسطو پوي تہ هو پختي ذهن جي ڪري انهن جي فتنن کان بچي سگهي.

مسجد الله تعاليٰ سان سندس ٻانهن جي ملاقات جو هنڌ آهي. پيغمبر اسلام ﷺ فرمايو تہ ٻانهو سڀ کان وڌيڪ سجدي جي حالت ۾ الله تعاليٰ جي ويجهو ٿي ويندو آهي. مسجد دين اسلام جو مرڪز آهي جو اتي دين جي تعليم ۽ تبليغ مسلمانن کي ملي ٿي. مسجد مسلمانن جي ڀلائيءَ جو مرڪز آهي جو اتي مسلمانن جو ميڙ ٿئي ٿو. مسلمان نماز جي هر ٻن ڇئن رڪعتن کان پوءِ ساڄي پاسي وارن ماڻهن کي بہ چئي ٿو تہ اوهان تي الله تعاليٰ جي سلامتي ۽ انهن جون رحمتون هجن ۽ کاٻي پاسي وارن مسلمانن کي بہ چوي ٿو تہ اوهان تي الله تعاليٰ جي سلامتي ۽ رحمتون هجن. هڪ نمازيءَ جو اها سلامتي ۽ رحمت آڇڻ صرف لفظن جي صورت ۾ ناهي پر ان جو عملي اظهار بہ هئڻ گهرجي. جيئن پيغمبر اسلام ﷺ جن سلام ورائڻ کان پوءِ پنهنجي ساٿين کان خير عافيت جو احوال وٺندا هئا، انهن جي ضرورتن ۾ مددگار ٿيندا هئا ۽ جيڪڏهن ڪو بيماريءَ سبب موجود نہ هوندو هو تہ پاڻ يا ساٿين سان گڏ ان جي عيادت لاءِ ويندا هئا. مسجد ۾ اٺهوند وارا غريب ماڻهو پنهنجي ضرورتن کي پيش ڪندا هئا ۽ رسول ڪريمﷺ ۽ سندس ساٿي انهن جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. پاڻ سڳورا ﷺ جون اهي سنتون بہ اسان جي لاءِ زندگيءَ جو هڪ وڏو سبق ۽ عملي نمونو آهن. مسجدون هر ڳوٺ ۽ محلي ۾ قائم آهن. اتي ڏينهن ۾ ۵ دفعا لڳاتار ماڻهن جو اجتماع ٿئي ٿو تہ ان اجتماع کي انسانن جي لاءِ وڌيڪ فائديمند بنائڻ جي ڳڻ ڳوت ۽ پلاننگ ڪري انسانن جي ديني ۽ سماجي ڀلائي جا رنگ رچائي سگهجن ٿا.

انهيءَ ڳالهہ کي ڳڻيندي اوهان کي گذارش ڪيون ٿا تہ اسان پنهنجي مسجدن کي مسجد نبويءَ جي طريقي تي مسلمانن لاءِ اسلامي ڪميونٽي سينٽر جي حيثيت ڏيون جيڪو طريقو انسانن سان ڀلائي جي صورت ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن عملي طرح ڪري ڏيکاريو هو. اسان جون مسجدون تہ اڳ ۾ئي اتي عبادت ۽ ديني تعليم جو مرڪز آهن پر ان دائري کي اڃا بہ وڌايو وڃي تہ مسلمانن جي ديني ۽ دنياوي ڀلائيءَ جا خاطر خواهہ مقصد آسانيءَ سان حاصل ڪري سگهجن ٿا.

مسجد ۾ اسلامي ڪميونٽي سينٽر جا ڪيترائي شعبا ٿي سگهن ٿا انهيءَ جو دارومدار مسجد جي ڪشادگي، وسيلن ۽ اتي نمازين جي تعداد تي بہ آهي. ان جي باوجود هيٺيان ٿي شعبا تہ هر مسجد ۾ کولي سگهجن ٿا:

1. **ڀائپي لائبريري** 2. **ڪمپيوٽر ٽريننگ سينٽر** 3. **ڀائپي ڪلينڪ** 4. **ڀائپي سهائتا**

1. **ڀائپي لائبريري:**

ڀائپي لائبريري لازمي طرح مسجد جي اندر ئي قائم ڪرڻ گهرجي. ان مقصد لاءِ هڪ الماري وقف هئڻ گهرجي جنهن ۾ بنيادي ديني ڪتاب قرآن مجيد جا سنڌي ترجما، حديث ۽ فقهہ جا سنڌي ترجمي وارا روزمرهہ مسئلن سان لاڳاپيل ضروري ڪتاب، دين جو تعارف ۽ اصول، مسلمانن جي عملي زندگي، دين جون ڀلايون، دين تي عمل جون برڪتون، انسانن سان ڀلاين جو نفعو ۽ برڪتون ۽ دين جا بنيادي مسئلا، اهڙا ئي ٻيا ضروري ڪتاب ان لائبريريءَ ۾ رکيا وڃن جنهن سان مسلمانن جي اندر ڀائپيءَ جو جذبو سگهارو ٿئي.

هي ڀائپي سماج پاران ۳۰ ڪتابن جو ابتدائي تحفو ڀائپي لائبريريءَ لاءِ ڏنو پيو وڃي، جيڪڏهن مسجد جي انتظاميہ انهن ڪتابن جو لائبريري نظام جوڙيو ۽ ڪتاب نمازين ۽ پاڙي جي ماڻهن کي پڙهايا تہ ضرور خود نمازين جي پاران بہ انهن ڪتابن ۾ اضافو ٿيندو ۽ ڀائپي سماج وقت بوقت وڌيڪ ڪتاب انهن لائبريرين لاءِ موڪليندو رهندو.

ڪتابن مان ڀرپور فائدو وٺڻ لاءِ هيٺين صلاحن تي غور ويچار ڪري عمل ۾ آڻجي:

۱. هنن ڪتابن جو مواد ڪنهن بہ مسلڪ جي ترجماني ناهي، پر دين اسلام جي بنيادي تعليمات کي سامهون رکي ڀائپي سماج طرفان هنن ڪتابن جي چونڊ ڪئي وئي آهي. هن دور ۾ الحاد جهڙي بڇڙي شرڪ ۽ لادينيءَ جا نوجوانن تي خراب اثر پئجي رهيا آهن. ان ڪري اهڙي فتني کان بچڻ لاءِ ذهن استوار ڪندڙ ڪتاب بہ هن ۾ شامل ڪيا ويا آهن. انهيءَ ڪري سڀني مسلڪن سان لاڳاپيل پيش امامن کي مسلڪي نسبت پنهنجي جاءِ تي رکي نمازين ۽ محلي وارن ماڻهن کي هي ڪتاب پڙهڻ جو موقعو ڏنو وڃي. ماڻهو پڪا ديندار بڻبا تہ پاڻهي

چڱي ۽ ڀلي، ڪسي ۽ ڪانڌي جي تميز ڪري ونڌا. اسان کي دين اسلام جي سچاين تي يقين هئڻ گهرجي ۽ اها ڪوشش ڪرڻ گهرجي ته ماڻهو سڀ کان اول دين حنيف جا سچا مسلمان هئڻ گهرجن ۽ الله تعاليٰ کي اها ئي پسند ڳالهه آهي.

۲. نمازين کي آماده ڪجي ته اهي اٺن يا ۱۵ ڏينهن لاءِ هڪ ڪتاب جاري ڪرائن. مسجد ۾ انهن جاري ڪيل ۽ واپس ڪيل ڪتابن جو رجسٽر هئڻ گهرجي. نمازين کي توجهه ڇڪائجي ته انهن جو اولاد جيڪو اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ پڙهي رهيو آهي، انهن کي ڪتاب پڙهڻ لاءِ ڏين. بلڪه ڪوشش ڪن ته گهر ۾ روزانو اڌ ڪلاڪ سڀ ياتي گڏجي ويهي مطالعو /اسٽڊي ڪن. هڪ ياتي ڪتاب پڙهي ۽ ٻيا ان کي ويهي ٻڌن. جتي اجتماعي مطالعو نه ٿي سگهي ته اتي اڪيلو اڪيلو هر فرد واري واري سان ڪتاب پڙهي. نمازين کي ڪتاب موٽائڻ ۾ وڌيڪ ڏينهن لڳي وڃن ته انهن کي اهو موقعو ڏجي. جيڪڏهن اتفاق سان ڪو ڪتاب ڦاٽو آهي يا گم ٿي ويو آهي ته نمازين تي سختي نه ڪجي. ان جو اطلاع پاڻپي سماج جي نمبر تي ڪجي ته جيئن اهو ڪتاب وري لائبريريءَ جي زينت بڻجي.

۳. ڪتاب پنهنجي محلي جي پڙهيل ماڻهن خاص ڪري نوجوانن کي به پڙهڻ لاءِ ڏيڻ جون ڪوششون جاري رکجن. جيڪي ماڻهو نمازي ناهن، انهن کي نمازي مائٽن ۽ دوستن جي ذريعي ڪتاب ڏئي سگهجي ٿو يا مسجد ۾ نهيل اسلامي ڪميونٽي سينٽر جي ڪاميٽيءَ جا دوست ۽ رضاڪار انهن ماڻهن سان ميل جول وڌائي انهن کي ديني پلائيءَ جو پيغام ڪتابن جي ذريعي پهچائي دعوت واري ڪم جي سعادتمندي حاصل ڪري سگهن ٿا.

اسان هتي ڪراچيءَ جي ڀراڙيءَ ۾ اهو ڪم شروع ڪيو ته اسان کي ڀلي موٽ ملي. خاص ڪري قرآن مجيد جو سنڌي ترجمو ماڻهن وڏي خوشيءَ سان قبول پئي ڪيو. سنڌي ترجمو بازار مان وٺي اسان پنهنجو خير ان ۾ شامل ڪري ۱۰۰ روپيين ۾ هڪ نسخو ماڻهن کي پهچايوسي پئي ته انهن فراخدليءَ سان قبول پئي ڪيو ۽ ڪجهه صفا غريب ماڻهن کي اهو بنا هديي جي ڏنو پئي ويو. قرآن حڪيم جو اهو معجزو آهي ته اهو ماڻهوءَ تي هدايت جو رنگ لائي ٿو ڇڏي. قرآن مجيد ۾ ٻڌايل آهي ته "اسان قرآن

کي آسان بڻايو آهي پوءِ آهي ڪو نصيحت وٺڻ وارو؟" جيڪو نصيحت وٺڻ جي نيت ۽ تمنا رکي ته قرآن ان سان وڏا وڙ ڪري ٿو ڇڏي. قرآن مجيد گهر گهر پهچايون ته جيڪر اسان جو رسول ڪريمﷺ قيامت جي ڏينهن جيڪا الله تعاليٰ جي دربار ۾ دانهن ڏيندو ته "اي منهنجا رب! منهنجي هن قوم منهنجي قرآن کي پاسيرو ڪري ڇڏيو هو / ڀُلائي ڇڏيو هو." اهڙي دانهن ۽ فرياد جا ملزم / سزاوار بڻجڻ کان بچي وينداسين.

اسان لائبريريءَ جي لاءِ ڪتابن جي اهڙي چونڊ ڪيون جنهن سان ماڻهو ڀلا انسان، ڀلا مسلمان، ڀلا شهري، ڀلا پاڙيسري ۽ هڪٻئي جا پيار بڻجي سگهن. ڪوشش ڪري انهن ڪتابن کي عوام تائين پهچڻ نه ڏيون، جن سان ويتر نفرتون ۽ بيزاريون وڌن ۽ مسلمانن ۾ فرقيواريت وڌي.

2. **ڪمپيوٽر ٽريننگ سينٽر:**

جن مسجدن ۾ ڪمرن جي هڪ کان وڌيڪ گنجائش آهي ته انهن مسجدن ۾ ڪمپيوٽر ٽريننگ سينٽر به کولجي. پاڙي جي ٻارن لاءِ ڪمپيوٽر ڪوبه مخير ماڻهو وڏي خوشيءَ سان عطيو ڪري سگهي ٿو ۽ ان کي سيکارڻ لاءِ به نمازي ماڻهن مان ڪونه ڪو موجود ٿي پوندو. يا وري پنهنجي آسپاس ۾ مسجد جي ٽريننگ سينٽر ۾ سکيا لاءِ ڪنهن کي به آماده ڪبو ته ماڻهو سيکارڻ لاءِ تيار ٿي ويندا. موجوده دور ۾ ڪمپيوٽر انساني سکيا ۽ مهارتن جي لازمي ضرورت بڻيل آهي. ان ۾ اسان ماڻهن جا مددگار ٿينداسون ته ان جا بهتر نتيجا سامهون ايندا.

3. **پاڻپي ڪلينڪ:**

مسجد خاصي آباد آهي ته اتي پاڻپي ڪلينڪ کولڻ جو بندوبست ڪجي. ان آبادي / ڳوٺ / محلي ۽ شهر ۾ ڪو نه ڪو ڊاڪٽر هوندو. هر اٺين ڏينهن يا هفتي ۾ ٻه دفعا هڪ ڪلاڪ جي ڪلينڪ جو وقت مقرر هجي. اتي آسپاس جا ڊاڪٽر رضاڪارانه خدمتون ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ويندا. ڳوٺ، محلي ۽ شهر جي مخير هوند وارن ماڻهن سان ملي انهن کي آماده ڪجي ته اهي غريبن لاءِ قائم ڪيل ڪلينڪ واسطي اُهي ضروري دوائون وٺي ڏين جيڪي ڊاڪٽر تجويز ڪري. انهيءَ ڪم کي رڳو هڪ جذبي سان شروع ڪجي، ماڻهن کي ان جو فائدو پهچائجي ته پوءِ الله تعاليٰ جو هي قانون جڙيل آهي ته جيڪو انهيءَ جي رستي ۾ پلائيءَ جي لاءِ قدم اڳتي وڌائيندو آهي ته الله تعاليٰ انهيءَ لاءِ پنهنجا رستا کوليندو ويندو آهي.

هنن ڪمن ۾ نيت ۽ عمل جي سچائي وڏا رزلٽ ڏيندي آهي. هي ڪم جيڪڏهن هڪ نظم ناهي پائيپي ڪاميٽين ذريعي ٿيندو ته ان جا ضرور وڏا نتيجا ملندا.

4. پائيپي سهائتا:

مسجد ۾ جيڪي ماڻهو نماز پڙهن ٿا انهن کي ٻڌايو وڃي ته هي نمازون، هي روزا، هي صلواتون هي زڪواتون ۽ ٻيا عبادتن جا عمل الله تعاليٰ وٽ تڏهن قبول آهن جڏهن الله تعاليٰ جي ٻانهن سان ڀلايون آهن. پنهنجي روين جون ڀلايون، پنهنجي مال جون ڀلايون، پنهنجي مرتبن ۽ عهدن جون ڀلايون ۽ پنهنجي گڏيل ڪوشش جون ڀلايون. نماز الله تعاليٰ انهيءَ لاءِ رکي آهي ته سندس ٻانها سجدي ۾ پنهنجي عبديت جا اقراري ٿين ۽ سندس رضا جا طلبگار ٿين. الله تعاليٰ پنهنجي رضا انسانن جي ڀلاين ۾ رکي آهي ۽ قرآن مجيد ۾ ورائي ورائي ٻڌايل آهي ته الله تعاليٰ ڀلايون ڪندڙن (محسنن) کي پسند ڪري ٿو. هو چاهي ٿو ته سندس ٻانها انسانن سان ڀلايون ڪري الله تعاليٰ جي حضور ۾ اچي رپورٽ پيش ڪن ته “اي منهنجا الله مان تنهنجي رضا خاطر تنهنجي حڪمن جي بجاآوري ڪندي تنهنجي ٻانهن سان هي هي ڀلايون ڪيون آهن. سڀ ساراهه تنهنجي آهي جو تون هڪبئي سان ڀلائي جي جوڙ ناهي آهي. هاڻي منهنجي عبديت جي ان اظهار کي قبول ڪر، منهنجي هر قسم جي سگهه وڌاءِ، مون کي عافيت ڏي مون کي برڪت ڏي.” ٻانهو جڏهن پنهنجا چڱائي وارا عمل الله جي حضور ۾ پيش ڪري ٿو ته پوءِ اوڏانهن به چڱائيءَ جو دروازو کلي ٿو.

رسول الله ﷺ جن مسجد نبويءَ ۾ انسانن سان ڀلاين جو اهو نظام جوڙيو هو ۽ اتي ضرورت مندن جي سهائتا ضرور ٿيندي هئي. جيڪڏهن اسان پيغمبر ڪريم ﷺ جا سچا پيروڪار آهيون ته ان نظام کي پنهنجي مسجدن ۾ جاري ڪيون. اسلامي ڪميونٽي سينٽر جي ڪاميٽي ان لاءِ ڳوٺ / محلي ۽ شهر جي هوندوارن ماڻهن سان رابطاڪاري ڪري سهائتا جو نظام جوڙي.

دين اسلام اسان کان مسلمانن واري عملي زندگيءَ جي تقاضا ڪري ٿو. پيغمبر ڪريم ﷺ جي عملي زندگي ان لاءِ اسان جي اڳيان

مثالي نمونو آهي. پيغمبر جو اتباع رڳو وضع قطع ۾ ناهي پر پيغمبر جي سڄي اسوه حسنه ۾ آهي. پيغمبر جو اتباع هن ڳالهه ۾ به آهي ته ٣-٣ ڏينهن گهر جو چلهو نه ٻري ۽ مختصر ستو ۽ ڪارڪن تي گذران ٿيندو هجي. پغمبر جو اتباع هن ڳالهه ۾ به آهي ته الله جي مخلوق ضرورتمند هجي ۽ تقاضا ڪري ته پنهنجي لاءِ رکيل به انهن جي حوالي ڪري ڇڏجي. پيغمبر جو اتباع هن ڳالهه ۾ به آهي ته انسانن جي الله سان ڳانڍاپي لاءِ فڪرمندي ۽ سرگرمي هجي ۽ انهن کي جهنم جي باهه کان بچائڻ جي ڳڻ ڳوت هجي. دين جي سربلنديءَ لاءِ رات ڏينهن جون ڪوششون ۽ بي چيني هجي. انسانن جي لاءِ وسعت هجي ۽ رحمت جو جذبو هجي. هي اسان جي ذميواري بڻيل آهي ته اسان پيغمبر ڪريم ﷺ جي رحمة العالميني جا عملي مظهر بڻجي پنهنجي چوڌاري ماڻهن کي انهن رحمتن جو فائدو ڏيون.

هنن ڪمن ۾ ٿوري محنت آهي ۽ ٿوري قرباني آهي. الله تعاليٰ جي رضا ۽ محبوبيت حاصل ڪرڻ جي تمنا آهي ته پوءِ اها محنت ۽ قرباني ڪرڻي پوندي. اسان کي روايتي دينداريءَ مان نڪري اها بيدار ۽ روشن فڪر دينداري اختيار ڪرڻي پوندي جنهن سان اسان جي شخصيت جي اهڙي تعمير ۽ اوسر ٿئي جيڪا اسان کي الله تعاليٰ جي دوستي / ولايت عطا ڪري. جنهن سان اسان الله تعاليٰ جي يُخۡرِجُهُمۡ مِّنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوۡرِ واري مشيت جا دوست بڻجي پئون. هُن جي ان مشيت جا مددگار بڻجي پئون جنهن ۾ هُن اسان کي ڪونوا ربانيين جو حڪم ڪيو آهي ۽ جنهن ۾ كُوۡنُوۡۤا اَنۡصَارَ اللّٰهِ جو اذن ڏنو ويو آهي.

اوهان جي مسجد ڪميونٽي لائبريريءَ جا ڪتاب رسيد ۾ ڏنل ائڊريس تي موڪليا ويا آهن، اوهان هن خط سان گڏ موڪليل اُها رسيد ان ۾ لکيل هنڌ تي جمع ڪرائي پنهنجا ڪتاب وصول ڪري ايندا. اوهان هن ننڍڙي پر بيحد ڪارائتي شروعات سان هڪ وڏي عملوالصالحات جي ڪم جو بنياد وجهي رهيا آهيو. الله جي ٻانهن کي الله طرف سڏڻ جو ۽ انهن کي باهه جي ڪناري کان بچائڻ جو ڪم آغاز ڪري رهيا آهيو. اوهان جو پوکيل اهو ٻوٽو هڪ ڏينهن وڏو وڻ ٿي اڀرندو ۽ اوهان جي نيڪ عملين جي شاهدي ڏيندو. الله تعاليٰ اوهان جو حامي ۽ ناصر رهندو. والسلام.

ڊاڪٽر رفيق احمد مگريو

03002812284

حضرت مولانا قاري رفيق احمد مگريو صاحب هڪ پاسي عالم، حافظ ، قاري تہ ٻي پاسي هو پي ايچ ڊي ڊاڪٽر پڻ آهي. پاڻ ڪيترن ئي ڪتابن جا مصنف پڻ آهن. پاڻ تعليم جي شعبي سان لاڳاپيل آهن. سندن ليک مشهور رسالن توڙي اخبارن ۾ شايع ٿيندا رهندا آهن. هتي سندن تعارف پيش ڪجي ٿو.

نالو ۽ نسب

حضرت مولانا قاري ڊاڪٽر رفيق احمد صاحب مگريو بن لعل محمد ١٦. ١٠. ١٩٦٢ع جمعہ جي ڏينهن بازيدپور تعلقي ڪنڊياري ضلعي نوشهروفيروز ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

١٩٦٨ع پنهنجي ڳوٺ جي پرائمري اسڪول ۾ داخل ٿيو. سنڌي پنج درجا پاس ڪرڻ کان پوءِ مڊل اسڪول سعيد پور ۾ داخل ٿيو، انين درجي تائين سعيد پور ۾ پڙهيو، ان کان پوءِ ١٩٧٦ع ۾ ڪنڊيارو شهر جي هاءِ اسڪول ۾ داخل ٿيو، جتي ١٩٧٨ع ۾ ميٽرڪ پاس ڪيائين، انگريزي تعليم دوران ڳوٺ جي جامع مسجد جي پيش امام مرحوم نظام الدين مگرئي وٽ ناظره قرآن مجيد پڙهيو.

جيئن تہ حضرت مولانا قاري رفيق احمد مگرئي جو خاندان منڍ کان ئي مذهبي رهيو آهي، ان ڪري ڳوٺ ۽ آس پاس جا ماڻهو کين آخوند ڪري سڏيندا آهن. جڏهن تہ حضرت مولانا قاري رفيق احمد صاحب جو والد ميان نور بخش نقشبندي ڦلڻ شريف(تعلقي علي پور ضلعي مظفر ڳڙهہ پنجاب) وارن جو خليفہ مجاز هو. انهيءَ ڪري شروعات کان وٺي دين اسلام ڏانهن لاڙو هو، ميٽرڪ پاس ڪرڻ کان پوءِ ستت ئي ديني تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ سيپٽمبر ١٩٧٨ع ڪنڊياري جي مشهور مدرسہ جامعہ انوارالعلوم ۾ داخل ٿيو، جڏهن تہ قرآن پاڪ حفظ قاري فيض الله

ڪوريجو وٽ پڙهيائين(قاري صاحب سبعہ عشر جو قاري ۽ تجويد جو ماهر هو) ۽ جامعہ ارشادالعلوم ميرڪ ۾ سيپني علمن جي تڪميل ڪري آخرڪار جامعہ انوارالعلوم ڪنڊيارو ۾ دوره حديث پڙهي مڪمل عالم دين بڻجي ويو. سندس مشهور استادن ۾ استاذالعلماء حضرت مولانا مير محمد ميرڪ وارا، استاذالعلماء حضرت مولانا مفتي محمد ادريس سومرو، استاذالعلماء حضرت مولانا عبدالعزيز ڪلوڙ ۽ حضرت مولانا شبير احمد هنجراه شامل آهن.

ديني تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ حضرت مولانا قاري رفيق احمد صاحب کي وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ جو شوق هو، ١٩٨٩ع ۾ سنڌ يونيورسٽي مان ايم(اسلاميات) فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيائين. ١٩٩٤ع ۾ علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي جي نگرانيءَ ۾ مدينہ جي محدث ۽ سنڌ جائي عالم مخدوم محمد حيات ڇاڇڙ جي سوانح حيات ۽ سندس علمي خدمتن تي تحقيقي مقالو لکي ٢٠٠٣ ۾ پي ايچ ڊي جي ڊگري حاصل ڪيائين.

ڊاڪٽر رفيق احمد بحيثيت مصنف

حضرت مولانا قاري ڊاڪٽر رفيق احمد صاحب ديني ۽ دنيوي علمن جو سٺو عالم ۽ ڄاڻو آهي، پاڻ عربي، فارسي، انگريزي سنڌي ٻوليءَ جو ماهر آهي. پاڻ جيئن تہ هڪ محقق ۽ سٺا مصنف آهن. ان ڪري هتي سندن ڪتابن جو تعارف پيش ڪجي ٿو:

شرح اربعين ملا علي قاري: ملا علي (وفات ١٠١٤ هه) پاران ترتيب ڏنل "اربعن" تي ڪيترن ئي عالمن پنهنجا شرح لکيا ۽ ڪيترن ئي بزرگن انهن چاليهہ حديثن جا "چهل حديث" جي نالي سان ترجما ڪيا. ان سلسلي ۾ سنڌ جي برک عام دين ۽ مدينہ جي محدث شيخ محمد حيات سنڌي ملا علي قاري واري اربعين شرح ڪيو. هن ڪتاب تي حضرت مولانا ڊاڪٽر رفيق احمد صاحب تحقيق، تخريج ۽ تعليقات لکيا، هن ڪتاب تي سندس استاد حضرت مولانا مفتي محمد ادريس سومرو جن تفصيلي مقدمو لکيو.

عيادت جو ۽ ڪهڙي طرح: هي ڪتاب اصل ۾ حافظ نذير احمد لاهور واري جو اردو ۾ لکيل آهي، هن ڪتاب ۾ قرآن ۽ حديث مطابق بيان ڪيو ويو آهي تہ مريض جي عيادت ڪهڙي طريقي سان ڪرڻ گهرجي، سندس

کھڙي خدمت ڪري سگھجي ٿي، وٽس عيادت لاءِ ڪيئن وڃجي ۽ ڪيترو وقت ساڻس گڏ گذاري سگھجي ٿو. ڊاڪٽر رفيق احمد هن ڪتاب جو سليس سنڌي ٻوليءَ نہ رڳو ترجمو ڪيو، پر ان تي پنهنجي حاشيا ۽ اضافا بہ لکيا آهن.

تاريخ بازيد پور: هي ڪتاب ڊاڪٽر صاحب پنهنجي ڳوٺ بازيد پور بابت "تاريخ بازيد پور" جي نالي سان لکيو ۽ سن ٢٠١٧ء ۾ "بايزيد پبليڪشن بازيدپور" پاران پاڻ ئي شايع ڪيو. ڊاڪٽر صاحب هن ڪتاب ۾ ڪل پندرهن باب قائم ڪيا آهن، هر باب ۾ نهايت ئي تفصيلي مواد آهي. پاڻ هي ڪتاب مون کي هديو ۾ عنايت ڪيائون. جنهن تي هن طرح لکيائون: "نوجوان اديب ۽ صحافي جناب مولوي سليم الله چوهاڻ صاحب جي مطالعي لاءِ" ڊاڪٽر رفيق ٢٥. ٥. ٢٠١٧ء

شيخ محمد حيات سنڌي: هي ڪتاب اصل ۾ ڊاڪٽر صاحب جو پي ايڇ ڊي جو مقالو آهي، جيڪو سنڌي ادبي بورڊ طرفان سن ٢٠٠٩ء ۾ شايع ٿيو آهي. هي ڪتاب مخدوم محمد حيات چاچڙ جي زندگي، احوال تعليمي، تدريسي ۽ تصنيفي خدمتن تي مشتمل آهي، نهايت ئي تفصيل ۽ تحقيق سان لکيل آهي. هڪ علمي ۽ قلمي سوکڙي آهي.

مخدوم محمد عابد سنڌي مخدوم عابد انصاري اصل سيوهڻ جو هو، ٽن سالن جي ڄمار ۾ پنهنجي وڏن سان گڏ يمن لڏي ويو.

ڊاڪٽر صاحب مخدوم عابد تي پڻ دل کولي لکيو آهي. هي ڪتاب بہ سنڌي ادبي بورڊ طرفان ٢٠١٨ء ۾ شايع ٿي منظر عام اچي ويو آهي. انهن ڪتابن کان سواءِ ڊاڪٽر صاحب جا هي ڪتاب بہ قابل ذڪر آهن:

١. پاڳيا منهنجي پونءِ جا.
٢. غريبن جو ورثو
٣. مقدمہ بر ڪتاب مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي .

انهن ڪتابن کان سواءِ ڊاڪٽر صاحب جا سنڌ جي مشهور علمي ۽ تحقيقي رسالن ۾ مضمون ۽ مقالا شايع ٿيندا رهندا آهن. پاڻ هن وقت مسلم ڪاليج حيدرآباد ۾ بطور پروفيسر تعليمي ۽ تدريسي خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن.

ڊاڪٽر عبدالوحيد انڍڙ

03009314631

تحقيق، تصنيف ۽ تاليف جو شهسوار، تعليمي ۽ تدريسي خدمتون سرانجام ڏيندڙ واديءِ مهراڻ جو ڏاهو، اسلامي اسڪالر ۽ فلاسفر ڊاڪٽر عبدالوحيد انڍڙ صاحب جهڙو محقق ۽ دانشور سنڌ ڌرتي لاءِ اعزاز آهي. پاڻ هرگھڙي تحقيق، جستجو، تصنيف ۽ تاليف جي ڪم ۾ رڌل نظر ايندا آهن. پاڻ قديم ۽ جديد علمن جا سنا عالم آهن.

نالو ۽ نسب

ڊاڪٽر عبدالوحيد انڍڙ بن ميان عبدالحليم انڍڙ پهرين مئي ١٩٦٣ء ڌاران سنڌ جي مشهور درگاهہ هاليجي شريف ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

ڊاڪٽر عبدالوحيد انڍڙ جن پنهنجي تعليم جو آغاز پنهنجي ڳوٺ (ميل انڍڙ) مان ڪيو، وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ جي مختلف ديني مدرسن جو رخ ڪيو، جهڙوڪ: مدرسہ شمس الهديٰ دولت خان چاچڙ تعلقہ مير پور ماٿيلو، جامعہ اشرفيہ سکر جامعہ دارالعلوم تعليم القرآن صرافہ بازار ڪراچي، جامعہ مخزن العلوم خانپور ڪٽوره پنجاب، مدرسہ انوار التوحيد آباد لاڪا ضلع سکر ۽ دارالعلوم ڪراچي ۾ مشهور عالمن کان علم حاصل ڪري ١٩٨٦ء ڌاران سنڌ جي مشهور ۽ قديمي ديني درسگاهہ جامعہ اشرفيہ سکر ۾ شهادت العالميہ وفاق المدارس پاران پاس ڪيائين. سندن مشهور استادن ۾ استاذالعلماء حضرت مولانا قطب الدين انڍڙ، استاذالعلماء حضرت مولانا مفتي حبيب الله شيخ ، استاذالعلماء حضرت مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي ، حضرت مولانا عبدالقادر چاچڙ، قاري خليل احمد بنڌاڻي ۽ مولانا عبدالقادر لغاري داد لغاري شامل آهن.

ديني تعليم حاصل ڪرڻ سان گڏوگڏ عصري تعليم بہ حاصل ڪئي اٿائون، عصري تعليم جو وچور هن ريت آهي: ايم اي اسلامڪ ڪلچر ۽ ايم عربي، ايم اي شاهہ عبداللطيف يونورسٽي خيرپور ۾ فرسٽ ڪلاس ۾

پھرين پوزيشن حاصل ڪيائون، بي ايڊ ايل ايل بي بہ شاھ عبداللطيف يونورسٽي خيرپور مان ڪيائون جڏھن تہ مدرسہ مظھرالعلوم کڏي ڪراچي جي ديني ۽ سياسي خدمتون جي عنوان تحت پي ايڇ ڊي سنڌ يونيورسٽي ۾**١٩٩٨ء** علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي جي نگرانيءَ ۾ ڪيائون.

مولانا صاحب بحيثيت استاد

جيئن تہ ڊاڪٽر عبدالوحيد انڙ جن ديني ۽ عصري تعليم کان مڪمل فراغت حاصل ڪرڻ کان پوءِ پاڻ ديني توڙي عصري تعليم پڙھائڻ ۾ مصروف نظر اچن ٿا. پاڻ ديني تعليم سنڌ جي مختلف مدرسن ۾ ڏني آھي، ھي آھن: جامعہ دارالعلوم الشرعيہ روھڙي ۽ جامعہ مخزن العلوم ٿرمل پاور سکر، ۾ ڪيترائي سال ديني تعليم ڏنائون، ان کان سواءِ پاڻ جن ادارن ۾ تعليمي خدمتون سرانجام ڏنيون آھن، انھن جو وچور ھن ريت آھي:

- پاڪستان آرمي ۾ جونيئر ڪميشن آف ايجوڪيشن ڪور، **١٩٨٧ء** کان وٺي **١٩٩٣ء** تائين.
- **١٩٩٣ء** کان عطا حسين ڊگري ڪاليج روھڙي ۾ بطور ليڪچرر
- **٢٠٠٤ء** ۾ ڪميشن پاس ڪري **١٨** گريڊ اسسٽنٽ پروفيسر جي عھدي تي فائز ٿيو.
- **٢٠٠٦ء** ۾سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن پاس ڪري ايسوسي ايٽ پروفيسر **١٩** گريڊ ۾ (پرنسپال) بيورو ڪريڪيولم سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو
- گورنمنٽ ماڊل ديني مدرسہ حج ڪيمپس سکر (وفاقي مذھبي امور جي ماتحت) بطور ڊيپوٽيشن ۾ پنج سال تدريس سان گڏ پرنسپال جي طور تي خدمتون سرانجام ڏنائون.
- پاڻ ھن وقت گورنمنٽ ايليمنٽري ڪاليج (مين سکر) ۾ تدريس ۽ پرنسپال جون خدمتون سرانجام ڏئي رھيا آھن.
- **٢٠١٤ء** ۾ شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ ايم فل ۽ پي ايڇ ڊي ڪلاسز شعبہ اسلامڪ اسٽڊيز ۾ وزيٽنگ پرفيسر، ان سان گڏ شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ ايم فل، پي

ايڇ، ڊي جو سپروائيزر، گائيڊ ۽ اسڪروٽنگ ٽيم جو ممبر، ۽ عربي ۽ اسلامڪ ڪلچر جو ممبر بورڊ آف اسٽڊيز ۽ سنڌ يونيورسٽي ۾ بہ ايم فل ۽ پي ايڇ ڊي جو گائيڊ ۽ سپروائيزر جي طور تي پنھنجون خدمتون سرانجام ڏئي رھيو آھي.

مولانا صاحب بحيثيت ليکڪ ۽ ڪالم نگار

پاڻ بھترين ليکڪ، مصنف محقق ۽ ڪالم نگار آھن. سندن ھن وقت پنجاھ کان وڌيڪ ڪتاب شايع ٿي مقبوليت ماڻي چڪا آھن. سندن اھم ۽ مشھور تحقيقي، تاريخي ۽ علمي ڪتابن مان ڪجھ ھي آھن:

- *سکھر تاریخ وتمدن*۔(ھي ڪتاب سکر جي تاريخي، تمدني، مذھبي ۽ مشھور علمي سياسي شخصيات تي مشتمل آھي.)
- **سکر ڏسٽي.**
- **ملفوظات مالڪان.** ھن ڪتاب جو فارسي مان سنڌي ترجمو حضرت مولانا ڊاڪٽر عبدالوحيد انڙ جن ڪري ھڪ اھم علمي ادبي ڪم سرانجام ڏنو اٿس.
- **گھوٽڪي ضلعو تاريخ ۽ ثقافت.** (ھي ڪتاب گھوٽڪي ضلعي جي تاريخي، تمدني، مذھبي ۽ مشھور علمي سياسي شخصيات تي مشتمل آھي. ڇھن سؤ صفحن تي مشتمل ھي علمي، تاريخي ۽ تحقيقي ڪتاب گھوٽڪي جي تاريخ تي پھريون ھي ضخيم ڪتاب آھي بلڪ گھوٽڪي ضلعي جو انسائيڪلو پيڊيا جي حيثيت جو بھترين قيمتي مواد تي مشتمل ھڪ بھترين ڪتاب آھي.)
- **مدرسہ مظھرالعلوم کڏو ڪراچي جون ديني ۽ سياسي خدمتون.** (ھي ڪتاب مدرسي مظھرالعلوم جي تعليمي تدريسي، سياسي، ديني ۽ مذھبي خدمتن تي ھڪ تحقيقي ڪتاب آھي، جيڪو حقيقت ۾ ڊاڪٽر صاحب جو پي ايڇ ڊي جو ٿيسز آھي،**٤٥٠** صفحن تي مشتمل مدرسي مظھرالعلوم کڏي جي تاريخي، ديني توڙي سياسي خدمتن تي ھڪ لا جواب ۽ بيمثال ڪتاب آھي)

انھن ڪتابن کان سواءِ بہ ڊاڪٽر صاحب جن جا ڪيترائي تحقيقي،

علمي ۽ تاريخي ڪتاب لکيل آهن. انهن ڪتابن ڪان سواءِ ڊاڪٽر صاحب جن سنڌ جي مختلف علمي ۽ ادبي، تاريخي ۽ تحقيقي رسالن جهڙوڪ ماهوار الصادق ڪراچي، ماهوار شريعت سکر ۽ ٻين ڪيترن ئي رسالن ۾ مضمون ۽ مقالا لکندا رهندا آهن. انهن مقالن کي گڏ ڪجي ته هڪ تحقيقي ۽ تاريخي ڪتاب تيار ٿي سگهي ٿو. ڊاڪٽر صاحب جن سنڌ ۾ ٿيندڙ علمي، ادبي، ديني ۽ مذهبي سيمنارن ۾ مقالن پڻ پڙهندا آهن. ان ڪان سواءِ پاڻ ريڊيو ۽ ٽيليويزن ۾ به اسلامي ۽ مذهبي حوالي سان خالص علمي ۽ تحقيقي مقالا ۽ تقريرون ڪري هڪ ديني ڪم سرانجام ڏئي چڪو آهي.

پروفيسر ڊاڪٽر عبدالقادر چاچڙ

03003193424

ماهوار شريعت سکر رسالي ۾ پنهنجي عظيم والد حضرت علامه مفتي عبدالوهاب چاچڙ سان ٻانهن ٻيلي ٻڌجي رسالي جي ڪمپوزنگ، ايڊٽنگ ڪان ويندي ڇپائيءَ جي سڀني مرحلن ۾ جاکوڙيندڙ، متحرڪ ۽ سرگرم. پاڻ هن وقت گورنمنٽ ڊگري ڪاليج گهوٽڪي ۾ پرنسپال طور تي پنهنجون خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن. درس نظامي جو فاضل، تصنيف ۽ تاليف سان گڏوگڏ تعليمي ۽ تدريسي خدمتون سرانجام ڏيندڙ.

نالو ۽ نسب

پروفيسر ڊاڪٽر عبدالقادر بن علامه مفتي عبدالوهاب بن مولانا عبدالقادر بن مولانا نورمحمد چاچڙ ڳوٺ مولوي محمد يوسف چاچڙ تعلقه ۽ ضلع گهوٽڪي ۾ ۱۵ آگسٽ ۱۹۶۹ع ڌاران پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

پاڻ پنهنجي ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائون. پرائمري گورنمنٽ اسڪول محمد علي چاچڙ مان ماسٽر علي نواز چاچڙ ۽ ماسٽر محمد ابراهيم ملاح ڪان حآصل ڪيائون. ناظره قرآن مجيد ملا محمد اسحاق چاچڙ جن وٽ پڙهيا. وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ جامعه

قاسم العلوم گهوٽڪي، جامعه دارالعلوم الشرعيه روهڙي ۾ درس نظامي جي تعليم حاصل ڪيائون. جڏهن ته درس نظامي جي تڪميل جي لاءِ دوره حديث جامعه اشرفيه سکر ۾ ۱۹۹۰ع ڌاران مڪمل ڪيائون. سندن استادن ۾ مولانا عبدالحق چنو، مولانا سيد خليل احمد شاهه، مولانا عبدالحڪيم پناڻ، مولانا محمد اسماعيل چاچڙ، مولانا مفتي عبدالوهاب چاچڙ، مولانا عبدالغفور ڪوسو، مولانا ڪريم بخش جڪرو، مولانا غلام حسين جتوئي، مولانا عبدالهادي ميمڻ رحه، مولانا عبدالمجيد رياستي، مولانا قاري خليل احمد بنڌاڻي رحه، مولانا مفتي محفوظ احمد رياستي، مولانا عبدالحق رياستي ۽ مولانا عبدالاحد شامل آهن. جڏهن ته پاڻ ديني تعليم سان گڏ و گڏ دنيوي تعليم به جاري رکي. ۱۹۹۰ع ۾ گورنمنٽ هاءِ اسڪول روهڙي مان ميٽرڪ پاس ڪيائون. ۱۹۹۳ع گورنمنٽ عطا حسين شاهه ڊگري ڪاليج مان انٽر پاس ڪيائون. شاهه عبداللطيف يونيورسٽي مان ۱۹۹۷ع ۾ اي فل (ماسٽر آف فلاسافي) پي ايڇ ڊي ڪيائون. پي ايڇ ڊي ۾ سندن گائيڊ پروفيسر حافظ محمد يوسف ميمڻ مٽياري وارو هيو.

پروفيسر ڊاڪٽر عبدالقادر چاچڙ بحيثيت استاد

پاڻ درس نظامي جا بهترين مدرس ۽ استاد به رهي چڪا آهن. پاڻ درس نظامي جي تڪميل ڪرڻ ڪان پوءِ پنهنجي والد علامه مفتي عبدالوهاب چاچڙ جي نگراني ۾ سندن ئي اداري جامعه دارالعلوم الشرعيه جا ڪيترائي سال مدرس رهيا، جتي پاڻ درس نظامي جا اسباق پڙهائڻ سان گڏ و گڏ ماهوار شريع سکر جا اعزاي ايڊيٽر به رهي چڪا آهن. جڏهن ته پاڻ هن وقت گورنمنٽ ڊگري ڪاليج گهوٽڪي جا پرنسپال آهن. جتي پاڻ تعليمي ۽ تدريسي، انتظامي امور نهايت ئي احسن طريقي سان نڀائي رهيا آهن. پاڻ ڪاليج کي جنهن ترقي ۽ عروج تي رسايو آهي، اهو سندن همٿ، جرئت ۽ علمي صلاحيت جو اعليٰ مثال آهي. پاڻ ۲۲ فيبروي ۱۹۹۲ع ۾ اورينٽل ٽيچر جي حيثيت ۾ گورنمنٽ جي ملازمت اختيار ڪيائون. ۱۹۸۸ع ۾ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ذريعي گورنمنٽ اسلاميه آرٽس ۽ ڪامرس ڪاليج سکر ۾ اسلامڪ ڪلچر جو ليڪچر مقرر ٿيا، نومبر ۲۰۰۳ع ۾ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ذريعي اسلامڪ اسٽڊيز ۾ اسسٽنٽ پروفيسر طور پاس ٿيا آهن.

پروفيسر ڊاڪٽر عبدالقادر چاچڙ بحيثيت مصنف

پاڻ جيئن تہ هڪ پاسي مدرس ۽ استاد آهن، ائين پاڻ بهترين مصنف پڻ آهن. جو سندن والد گرامي حضرت علامہ مفتي عبدالوهاب صاحب دامت برڪاتهم جن بهترين مصنف آهن. ان ڪري پروفيسر صاحب بہ پنهنجي والد صاحب جن کان لکڻ جي سکيا ورتي. سندن شايع ٿيل ڪتاب هي آهن.

عورتن لاءِ سوکڙي، خطبات (حضرت مولانا سائين عبدالڪريم قريشي رحہ جن جي تقريرن جو مجوعو) صدارتي تقرير، سنڌي کان عربي ڊڪشنري، سنڌي عالمن جون آتم ڪهاڻيون، ميت جا مسائل، افغانستان جو سفر نامو، شرح وقايہ جي اهميت ۽ ان آيل حديثن جي تخريج، (هي سندن پي ايڇ ڊي جو تحقيقي مقالو آهي. اولاد ٽي پٽ حافظ عبدالسلام، عبدالهادي، عبدالحي ۽ ٽي نياڻيون اٿس.

ڊاڪٽر مولانا محمد انس راڄپر

03003098951

ڊاڪٽر مولانا محمد انس ولد قاري محمد عمر ولد نبي بخش راڄپر جي ڳوٺ ڏنگيجا، لڳ پڊعيدن، ضلعو نوشهرو فيروز ۾ ۳۰ سيپٽمبر ۱۹۶۹ع ڌاري ولادت ٿي.

سندس والد، جيڪو قاري محمد ميهڙ واري جو شاگرد هو، پنهنجي ئي ڳوٺ ۾ آخر عمر تائين قرآن شريف قرائت تجويد سان پاڙهيندو رهيو، تنهن ڪيس پاڻ ئي قاعدي کان پڙهائڻ جي شروعات ڪئي ۽ ڳوٺ جي اسڪول ۾ پڻ داخل ڪرايو، قران جا ڪي سيپارا ناظره ڳوٺ جي حافظ علي اڪبر کان پڻ پڙهيو ۽ ٽي درجا سنڌيءَ جا پڻ ڳوٺ ۾ پڙهي پاس ڪيائين.

وڌيڪ ديني تعليم لاءِ پرواري ڳوٺ گهيڙ گجوءَ جي مدرسي ۾ ڪيس داخل ڪيو ويو، جتي قرآن شريف جا ست سيپارا حفظ ڪيائين ۽ چوٿون ۽ پنجون ڪلاس پڻ پاس ڪيائين. پنجين ڪلاس کان پوءِ ڪيس فارسي ۽ عربي پڙهائڻ لاءِ نوشهرو فيروز پيرن واري مسجد جي مدرسي شمس الهدي ۾ داخل ڪيو ويو ۽ ان سان گڏ مدرسہ هاءِ اسڪول نوشهري

فيروز ۾ ڇهين ڪلاس ۾ داخل ٿيو. مدرسي جي ماحول ڪيس انگريزيءَ کان ايترو متنفر ڪري ڇڏيو جو ڇڪي ڇڪي ستين ڪلاس تائين پڙهي سگهيو. انهين ڪلاس جي پڙهائي هلندي وچ سال ۾ اڳتي پڙهڻ کا صفا گهُر ڪري بيهي رهيو. والد صاحب بي وس ٿي نهايت ڏک مان ڪيس اهو چئي هٿ ڪڍيو، تہ "پٽ ملا توکي برباد ٿا ڪن، انگريزي نہ پڙهندين تہ اڳتي هٿ هٽندين، مون توکي هڪ ئي وقت ڊاڪٽر ۽ عالم ڏسڻ ٿي چاهيو، پر تون نٿو چاهين تہ پيلا ديني تعليم تہ سٺي نموني سان پڙهجان، ائين نہ ٿئي جو پاڻ ڪي ڪنهن پاسي جو بہ نہ ڇڏين!"

اڳئين سال ۱۹۸۴ع ۾ نوشهرو فيروز ڇڏي ڳوٺ ميرڪ لڳ هنگورجا تعلقو راڻي پور ضلعو خيرپور ميرس مدرسہ ارشاد العلوم ميرڪ ۾ اچي داخل ٿيو، جتي ارشاد الصرف، نحو مير شرح ماة عامل، هداية النحو، قدوري وغيره ڪتاب پڙهيائين، ۱۹۸۶ع ۾ مدرسہ شمس العلوم ڪرڙاه تعلقو ميرواه ضلعو خيرپور ميرس ۾ داخل ٿيو، جتي موقوف عليہ تائين پڙهيو، دوره حديث جامعہ مفتاح العلوم حيدر آباد ۾ ۱۹۹۰ ۾ پڙهي دستاربندي ڪيائين. ان کان پوءِ علامہ غلام مصطفي قاسميءَ وٽ شاه ولي الله جا ڪتاب: سطعات، همعات، لمعات، بدور البازغہ، فلسفي ۾ ميبذي، حديث ۾ موطا امام مالڪ، ترمذي ۽ اصول حديث ۾ نخبة الفڪر پڙهيائين.

مفتاح العلوم ۾ دوره حديث واري سال عرس مسجد ڪاهي روڊ ۾ موذن طور نوڪري ڪيائين، اڳئين سال۱۹۹۱ ۾ جامع مسجد النور ۾ امام مقرر ٿيو، جتي اڃا تائين خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي. ۲۰۰۴ ۾ انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجيءَ ۾ شعبہ مخطوطات جو انچارج مقرر ٿيو، ۲۰۱۲ ۾ پي ايڇ ڊي ڪيائين. ۲۰۱۳ ۾ وائيس چانسلر ڊاڪٽر نذير مغل ٽيچنگ لاءِ اسلامڪ ڪلچر ڊپارٽمنٽ ۾ سندس مقرريءَ جو حڪم جاري ڪيو، جتي هاڻي تائين تعليمي سرگرميون سرانجام ڏئي رهيو آهي.

تصنيفي خدمتون

۱۹۹۴/ ۱۹۹۵ جي زماني کان تصنيف ۽ تاليف جي ذوق منجهس ڪر ڪنيو، مضمونن لکڻ سان ان جي شروعات ڪيائين. ماهوار رسالو "مهاڏو" جاري ڪيائين. ٽن سالن ۱۹۹۷ کان پوءِ رسالو بند ٿي ويو، جنهن کان پوءِ رسالي "سنڌ فورم" ۽ پوءِ ماهوار "توحيد" ۾ مضمون لکندو رهيو، جيڪو

سلسلو اڃا تائين جاري آهي، بلڪ هاڻي تہ موقر قومي بين الاقوامي علمي ۽ تحقيقي جريدن ۾ سنڌس تحقيقي مقالا ڇپجندا رهن ٿا. ان کان علاوه ڪوڙ دلچسپيءَ وارن ڪتابن جا ترجما پڻ ڪندو رهيو آهي. سڀ کان پهريون ڪتاب، جيڪو ترجمو ڪيائين، سو هو مولانا عبيد الله سنڌيءَ جو ڪتاب "قرآن ڪا مطالعہ ڪيسي ڪيا جائي" ان کان پوءِ جيڪي ڪتاب ترجمو ڪيائين، انهن جي فهرست هن ريت آهي:شريعت جا اسرار، شرح حجۃ الله البالغہ مولانا عبيد الله سنڌي، مذهب جو فلسفو، مولانا عبيد الله سنڌي، الفوز الڪبير، شاه ولي الله دهلوي، امام شاه ولي الله جو فلسفو، مولانا عبيد الله سنڌي، حيات محمد، محمد حسين هيڪل، حيات عمر، محمد حسين هيڪل، عالمي مذهبن جو تقابلي مطالعو، مفتاح الصلوۃ، مخدوم فتح الله سيوهاڻي، رسائل سيوستاني، مخدوم عبد الواحد سيوهاڻي، فرائض الاسلام، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، المفيد في العدد الهندي، شيخ عبد الله عمويہ، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، زندگي ۽ خدمتون، مخدوم محمد معين ٺٽوي ۽ سنڌس فلسفو، سنڌ جي مشاهير علماء جا خط، رسائل مخدوم محمد معين ٺٽوي، ڇا ڪائنات قديم آهي؟ مخدوم محمد معين ٺٽوي.

حضرت الاستاذ ڪليم الله کهڙو

اسان جي سنڌ هر دور ۾ لکن بلڪ بي شمار عالمن کي جنم ڏنو آهي. جن دين توڙي سماج جي ڀرپور نموني خدمت ڪئي آهي، جن جو اٿڻ ويهڻ، ڪردار گفتار نبي ڪريمﷺ جن جي سيرت جي مطابق هوندو آهي، اهڙن ئي عظيم هستين ۾ منهنجو استاد، منهنجو محسن، منهنجو رهبر، استاذالعلماء حضرت مولانا ڪليم الله بہ هڪ آهي، جنهن پنهنجي پاڻ کي دين ۽ سماجي ڪمن ۾ مصروف ڪري ڇڏيو آهي. حضرت مولانا ڪليم الله بن گل محمد کهڙو جي گهر ۾ ۱۹۷۵ء لڳ کهڙا تعلقہ گمبٽ ضلع خيرپور ميرس ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

حضرت مولانا استاد ڪليم الله کهڙو پنهنجي تعليم جي شروعات ۾

پڇاڻي هڪ ئي مدرسي ۾ مدرسہ عربيہ مظهرالعلوم حماديہ کهڙا ۾ ڪئي. انهيءَ مدرسي ۾ پاڻ ديني مدرسن جو ڪورس جنهن کي درس نظامي چيو ويندو آهي، پنهنجي وقت جي جيد عالمن جهڙوڪ: استاذالعلماء حضرت مولانا عبدالڪريم کهڙو (مهتمم ۽ شيخ الحديث مدرسہ عربيہ مظهرالعلوم حماديہ کهڙا) استاذالعلماء شيخ القرآن محمد عمر کهڙو ۽ استاذالعلماء حضرت مولانا محمد رمضان ڦلپوٽو (شيخ الحديث جامعہ دينيہ دارالهديٰ ٺيڙهي (حبيب آباد) کان ۱۹۹۶ء پڙهي مڪمل عالم بڻجي ويو. فراغت کان پوءِ پاڻ تعليمي ۽ تصنيفي ڪمن ۾ مصروف نظر اچن ٿا.

مولانا صاحب بحيثيت استاد

جيئن تہ حضرت الاستاذ ڪليم الله کهڙو ديني تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ پاڻ درس ۽ تدريس جي محبوب مشغلي سان سلهاڙجي ويو. فراغت کان پوءِ سينارجا پير سان هڪ سال پڙهايائون، ان کان پوءِ ضلعي شڪارپور جي مشهور ديني درگاه سومراڻي شريف جي مدرسي مدرسہ عربيہ ڪنزالعلوم سومراڻي شريف ۾ پڙهايائون، پاڻ هن وقت ڊپ مهر شاه ضلع خيرپور ميرس تعلقہ ڪنگري جي مدرسي، مدرسہ عربيہ شمس الهدايت ڊپ مهر شاه جا مهتمم، صدر مدرس ۽ ڊپ مهر شاه جي جامع مسجد جا خطيب آهن، جڏهن تہ ڊپ مهر شاه جو مرڪزي عيدگاه بہ سندن ئي حوالي آهي، جتي خطابت سان گڏوگڏ عيدن جي نماز جي امامت پڻ ڪرائيندا آهن.

مولانا صاحب بحيثيت مصنف

حضرت الاستاذ بهترين مصنف پڻ آهن، سندن هن وقت تائين پنجويهن کان وڌيڪ ڪتاب ڇپجي منظر عام تي اچي ويا آهن. جنهن مان ڪجهہ هي آهن:

- **درس قرآن:** هي قرآن پاڪ جو سنڌي ٻولي ۾ درس تي مشتمل آهي، پاڻ جڏهن ڊپ مهر شاه پڙهڻ لاءِ آيا هئا تہ، سندس ذميواري ۾ امامت ۽ خطابت هئي، صبح جي نماز کان پوءِ درس قرآن ڏيندا هئا، ان وقت ئي کين هي احساس ٿيو تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ درس قرآن لکجي، انهيءَ احساس کي پوري ڪرڻ خاطر سائين

هي درس قرآن لکيو، درس قرآن عوام ۽ خواص جي لاءِ بهترين علمي سوکڙي آهي. هن درس قرآن جا چار جلد شايع ٿي منظر عام تي اچي ويا آهن. جڏهن ته هي درس قرآن ڇهن جلدن تي مشتمل هوندو.

- **موبائيل جون خرابيون.**
- ***ايک سو سوالات:*** هي ڪتاب اصل ۾ فارسي ٻولي ۾ لکيل آهي ان جو اردو ترجمو ڪري شايع ڪيو اٿس، ڪتاب ۾ شيعت بابت هڪ اهم سوالن جا جواب آهن، نهايت ئي اصلاحي انداز سان لکيل آهي.
- **اسلامي زندگي گذارڻ جو طريقو:** هي ڪتاب اسلامي زندگي بابت لکيل آهي ته هڪ مسلمان ڪي ڪيئن زندگي گذارڻ گهرجي، ان لاءِ هي ڪتاب بهترين رهنمائي ڪندو.
- **عقيدي بابت.**

انهن ڪتابن کان سواءِ ٻه ٻيا ٻه ڪتاب اڻ ڇپيل جي صورت ۾ آهن، جڏهن ته پاڻ سلسلوا رسالي الحماد جا چيف ايڊيٽر پڻ آهن. پاڻ سنڌ جي مشهور رسالن ۾ ٻه مضمون ۽ مقالا لکندا رهندا آهن. جهڙوڪ: ماهوار شريعت سکر، ماهوار النصيحت سکر ۽ ماهوار الفاروق ڪراچي.

رسول بخش تميمي (ٿهيم)

03033110353

پنهنجي قوم ۽ قبيلي سان محبت ڪندڙ، خُلق ۽ قرباني جي جذبي سان سرشار، خوش طبعي، خوش اخلاق، ساحت جو شوق رکندڙ، انسانيت جي خدمت جو جذبو رکندڙ، تصنيف ۽ تاليف ۾ پنهنجي صلاحيت ۽ توانائي خرچ ڪندڙ.

نالو ۽ نسب

رسول بخش بن محمد عمر ۱ اپريل **۱۹۵۳**ء ڌاران جاتي ضلعي ٺٽي ۾ پيدا ٿيا. سندن خاندان جو سلسلوعرب قبيلي بنو تميم سان اٿن، جيڪو هتي ٿهيم سان مشهور آهي. مختلف وقتن ۾ برصغير ۾

هن قبيلي جا ماڻهو ايندا رهيا آهن، هن وقت هن قبيلي جا ماڻهو پاڪستان ۽ هندستان ۾ آباد آهن.

تعليم ۽ تربيت

ناظره قرآن مجيد پرائمري جي استاد حاجي محمد خان ٿهيم وٽ پڙهيا، پرائمري پنهنجي ڳوٺ جي اسڪول ۾ پڙهيا، ثانوي تعليم سجاول جي ڪاليج ۾ پڙهيا، ايم اي اسلامڪ ڪلچر، ايم اي مسلم هسٽري سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو مان ڪيائون.

رسول بخش تميمي (ٿهيم) بحيثيت مصنف

پاڻ قلمي ۽ ادبي ڪيتر ۾ **۱۹۷۴**ء ڌاران قدم رکيائون. پنهنجي استاد محمد يوسف ٿهيم ۽ پنهنجي ذاتي دوست محمد نسين ڪٿري جي ترغيب سان لکڻ ڏانهن مائل ٿيا. وري سندن استاد عزيزي جعفراڻي جي وڏيڪ تربيت ۽ صحبت ۾ لکڻ ۾ نکار پيدا ڪيائون. اهڙي ريت پاڻ مصنف، مترجم ۽ مضمون نگار ٿي اُڀريا. سندن ڪيترائي ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. سندن شايع ٿيل ڪتاب هي آهن: شيخ سلامت عرف مغليين، تاريخ جاتي، محمد رسول اللهﷺ (پاڻ ڪريم ﷺ جن جي سيرت مبارڪ تي بنا نقطي لکيل صدارتي ايوارڊ يافته) محمدﷺ ڪارٽي ترارن جي ڇانو ۾، عرب ۽ هند جا لاڳاپا (ترجمو) تباهيون طوفان جون، سيد عبدالهادي عرف جميل شاھ گرناري، سراج السالڪين، علامہ علي محمد مهيري جو رسالو، مدح رسولﷺ (بي نقط ديوان) تفسير تميمي (قرآن ڪريم جو بي نقط تفسير) ضرب تميم (شاعري ۾) ضرب وطن (شاعري ۾) تاريخ تميم (تميم قبيلي جي تاريخ تي اردو ۾ جامع ڪتاب) تارخ زط جت، تاريخ تميمي (ٺٽو ۽ سجاول ضلعن جي تاريخ) مضامين تميم (مختلف رسالن لاءَ لکيل مضمون) جاتي حال ۽ماضي جي آئيني ۾ ٿهيم تاريخ جي آئيني ۾، ٻاراڻو رسالو جڳمڳ (ٿي پرچا شايع ڪيائون) تاريخ سنڌستان. ان کان سواءِ پاڻ مهمان نواز هر دلعزيز پڻ آهن.هر وقت لکڻ ۾ مصروف رهندا آهن. ان کان سواءِ پاڻ بهترين شاعر پڻ آهن.

پروفيسر بشير احمد ميمڻ

03013605929

صاحب سيرت ۽ اخلاق، تعليمي ۽ تبليغي خدمتون سرانجام ڏيندڙ.

نالو ۽ نسب

پروفيسر حافظ بشير احمد بن محمد موسيٰ ميمڻ **١٩٥٦ء. ۴. ۵.** مٽياري شهر ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

پرائمري کان انٽر تائين مٽياري شهر ۾ پاس ڪيائون. جڏهن ته ديني تعليم قرآن ناظره ۽ حفظ مٽياري شهر جي مشهور استاذالحفاظ حافظ محمد بادل جن وٽ پڙهيا، **١٩٧٢ء** ڌاران قرآن پاڪ مڪمل حفظ ڪيائون. جڏهن ته ڪجھ فارسي ۽ عربي جا ڪتاب مولانا محمد معروف ميمڻ جن پڙهيا، پاڻ مڪمل درس نظامي ته نه پڙهي سگهيا، البت سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو مان ايم اي اسلامڪ ڪلچر اي گريڊ ۾ پاس ڪيائون. ۽ مولوي فاضل، مولوي عربي فاضل حيدرآباد بورڊ مان پاس ڪيائون.

پروفيسر صاحب بحيثيت مصنف

پاڻ جيئن ته تعليمي حوالي سان مختلف عهدن تي رهي چڪا آهن. جهڙوڪ پرائمري ٽيچر، عربي ٽيچر، مٽياري ڊگري ڪاليج جا پروفيسر ايسوسي ايٽ پروفيسر رهي چڪا آهن. ان ڪري ڪين لکڻ سان به سٺي دلچسپي رکن ٿا. سندن شايع ٿيل ڪتاب هي آهن. عشق مصطفيٰ ﷺ شرط ايمان و اسلام (هي ڪتاب نبي ڪريم ﷺ جن جي سيرت مبارڪ تي لکيل آهي، مختصر ۽ جامع انداز ۾ آهي) تحفة المؤذن والامام. مسلمانن نوجوان. حافظن لاءِ تحفو. تحفة الطالبات. ڇھ نمبر (تبليغي جماعت جي ڇهن نمبرن ڪي نهايت ئي مختصر انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي. ان کان سواءِ پاڻ پنهنجي مسجد جامع مسجد آخوند ۾ امامت ۽ خطابت جا فرائض سرانجام ڏئي رهيا آهن. ۽ مدرسہ فاطمة الزهرا جي

نظامت به سنڀالي رهيا آهن. سندن اصلاحي تعلق پهرين بيعت حضرت سائين حافظ محمود اسعد هاليجوي وارن سان انهن جي وفات کان پوءِ مولانا عبدالحفيظ مڪي ۽ ان جي وفات کان سندن فرزند مولانا عمر فاروق مڪي جن سان بيعت ڪيائون.

اولاد ۾ پٽ حافظ عبدالوهاب، حافظ سراج احمد ۽ چار نياڻيون اٿن.

مولانا سعد الله سومرو

03013431187

نالوءِ نسب

مولانا سعد الله بن جان محمد سومرو **١٩٧٠-١-٥** ڳوٺ خانپور جوڻيجہ نزد شاه حسين باءِ پاس خيرپور ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

پنهنجي ڳوٺ خانپور جوڻيجہ نزد شاهد حسين باءِ پاس خيرپور ۾ شروع ڪيائون. حفظ **١٩٨٦**ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪرڻ کان پوءِ مدرسہ حفظ القرآن المجيد خيرپور ۾ ڪئي. **١٩٨٩**ع ۾ جامعہ حيدريہ ۾ حفظ مڪمل ڪياون. جڏهن ته درس نظامي خيرپور جي عظيم ديني درسگاهہ جامعہ اسلاميہ حماديہ ۾ **١٩٩٢**ع ۾ شروع ڪندي **٢٠٠٣**ع ۾ دوره حديث پڙهيو پڙهائي دوران **١٩٩٣**ع ۾ سرڪاري نوڪري ملي جنهن ڪري نوڪري ڪرڻ سان گڏوگڏ پڙهندا به رهيا. قائد ملت اسلاميہ حضرت مولانا فضل الرحمٰن صاحب جن جي هٿن سان دستاربنديءَ جو شرف حاصل ڪيائون. سندن مشهور استاد حضرت قاري سعيد الرحمٰن صاحب، حضرت قاري محب الله ڦلپوٽو، حضرت قاري محمد عثمان مگريو صاحب، حضرت قاري نذير احمد خواجہ صاحب، حضرت قاري محمد محسن بروهي صاحب. (هي حفظ جا استاد اٿس) درس نظاميءَ جا استاد: مولانا مفتي اصغر علي آرائين صاحب، حضرت مولانا عبدالله عباسي صاحب، حضرت مولانا محمد نواز اوڍاهي صاحب، حضرت مولانا عبدالقادر شيخ صاحب.

تصنيف:

(۱) ديني مسئلا ۽ ان جو حل: هي ڪتاب جمعيت علماء اسلام سٽي خيرپور طرفان ٿيندڙ ماهانه "درس قرآن" ۾ ايندڙ برک عالمن کان عوام طرفان ٿيندڙ سوالن جي جوابن تي مشتمل آهي.

(۲) اسلامي زندگي: حضرت مولانا سيد محمد ميانؒ جي ڪتاب جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي.

(۳) موتيءَ داڻا: (اڻ ڇپيل) حديثن تي مشتمل آهي.

(۴) تعارف جمعيت علماءِ اسلام: تعارف جمعيت طلباءِ اسلام.

سياسي سرگرمي: حفظ ڪرڻ کان پوءِ جلد ئي ۱۹۸۹ع ۾ جمعيت طلباءِ اسلام ۾ شموليت اختيار ڪري جماعت ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيائون. يونٽ، ضلع، صوبہ سطح تي ذميدار جي حيثيت سان خوب محنت ڪندي ۱۹۸۹ع ۾ جمعيت علماءِ اسلام جو فارم ڀريندي خيرپور ۾ جماعت جو ڪم ڪرڻ شروع ڪيائون سٽي خيرپور جي جنرل سيڪريٽري جي عهدي تي رهي ڪم ڪندا رهيا، تقريباً ۱۲ سال مرڪزي مجلس عموميءَ جو ميمبر رهيا، هينئر صوبائي عموميءَ جو ميمبر آهن.

۱۹۹۴ع ۾ ڳوٺ خانپور کان لڏي شهر خيرپور جي محلہ غريب آباد ۾ رهائش اختيار ڪيائون.

پرائمري اسڪول ٽيچر سان گڏ پنهنجي محلي غريب آباد جي جامع مسجد ابراهيم جي خادم جي حيثيت سان خدمت ڪري رهيا آهن.

مولانا مفتي نعيم الله هاليجوي

03333903191

نالو ۽ نسب

مولانا مفتي نعيم الله هاليجوي بن مولانا اميرالدين بن مولانا قطب الدين هاليجوي (جيڪي دارالعلوم ديوبند جا فاضل هئا) ذات انڌڙ هاليجي شريف ۾۱۹۷۱ء ڌاران پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۽ سنڌ جي مشهور روحاني مرڪز هاليجي شريف کان ڪيائون. وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ جي مختلف ۽ مشهور ديني درسگاهن ۾ تعليم حاصل ڪيائين. جهڙوڪ جامعہ فاروقيہ نئون پنڊ سکر، جامعہ اشرفيہ سکر، جامعہ رحمانيہ ڪراچي ۾ مختلف استادن وٽ تعليم حاصل ڪندي آخرڪار ڪراچيءَ جي مشهور ديني ۽ علمي مرڪز دارالعلوم ڪراچيءَ مان ۱۹۹۴ء ڌاران سيني علمن جي تڪميل ڪري دستار ٻڌي سند يافتہ مولوي ٿي ويو. مولوي ٿيڻ کان پوءِ پاڻ مفتي جو ڪورس بہ ڪيائون. سندن مشهور استادن ۾ استاذالعلماء حضرت مولانا مفتي حبيب الله شيخ، شيخ الاسلام مفتي محمد تقي عثماني، استاذالعلماء حضرت مولانا محمد اسماعيل ميمڻ.

مولانا صاحب بحيثيت مدرس

پاڻ فراغت کان پوءِ سنڌ جي مختلف ديني مدرسن ۾ تعليم ڏئي چڪا آهن. پاڻ هن وقت ڪراچي شهر جي مشهور مدرسي، جامعہ اسلاميہ مفتاح العلوم منگهو پير ۾ استاد ۽ مدرس آهن، جتي پاڻ پراڻن استادن ۾ شامل آهن، پاڻ بهترين مدرس آهن حديث، فقه فلسفي جا ڪتاب پڙهائي رهيا آهن.

مولانا صاحب بحيثيت مصنف

پاڻ بهترين مصنف بہ آهن. سندن قلم مان بي شمار تحقيقي ڪتاب لکجي چڪا آهن، جن مان ڪجهه ڇپجي منظر عام تي اچي ويا آهن. شايع ٿيل ڪتابن ۾ احڪام نماز ۽ احڪام زڪوٰة سندن ٻنهي ڪتابن تي جڳ مشهور مفتي استاذالعلماء حضرت مولانا مفتي حبيب الله جون تقريظون ڪتاب تي چار چنڊ لڳائي ڇڏين ٿيون. سندن ڪتاب احڪام نماز تي جڳ مشهور مفتي، مفتي حبيب الله شيخ پنهنجي تقريظ ۾ لکن ٿا:

"برادرم مفتي نعيم الله هاليجوي جي تاليف جنهن جو تعلق فتاويٰ سان آهي، مطالعو ڪيو، مفتي صاحب وڏي محنت ۽ ڪاوش سان هي ڪم سرانجام ڏنو آهي، هڪ نادر تحفو آهي، جو هن ۾ اهڙين فتاون جو بہ ذڪر ۽ تفصيل آهي، جيڪو عام فتويٰ جي ڪتابن ۾ نہ آهي".

مفتي نعيم الله صاحب جي هڪ ٻئي ڪتاب احڪام زڪوات تي

حضرت مولانا مفتي حبيب الله شيخ پنهنجي تقريظ ۾ هن طرح لکن ٿا:
“الحمدلله ڪتاب احڪام زڪوٰة مفتي نعيم الله هاليجويءَ جو لکيل آهي، جنهن ۾ زڪوٰة وصدقات ۽ قرباني ۽ صدقہ فطر جي احڪامن کي قرآن ۽ حديث جي روشنيءَ ۾ حوالن سان مزين ڪري جمع ڪيو ويو هي ڪتاب سنڌ واسين لاءِ هڪ عظيم تحفو آهي، ۽ اهڙو مجموعو سنڌي ٻوليءَ ۾ موجود نہ آهي. الله پاڪ مولف جي محنت کي قبول فرمائي ۽ عام مسلمانن کي ان مان مستفيد ٿيڻ جي توفيق عطا فرمائي آمين. هڪ ٻيون ڪتاب جيڪو روزن جي احڪام بابت آهي جيڪو ڇپائي جي منظر آهي، اهو سنت ئي ڇپجي مظر عام تي ايندو ان شاء الله.

مولانا صاحب بحيثيت ڪالم نگار

پاڻ بهترين ڪالم نگار پڻ آهن، سندن ڪالم سنڌ جي مشهور اخبارن ۽ رسالن جهڙوڪ: روزاني خبرون، روزاني نئون سج، روزاني سچ، روزاني مقدمو، ماهوار الفاروق ڪراچي ۽ ماهوار المفتاح ڪراچي ۾ سندن ڪالم ۽ مضمون لڳاتار شايع ٿيندا رهندا آهن، پاڻ اردو، سنڌي انگريزي ۽ عربي جا بهترين ڪالم نگار آهن. ان سان گڏوگڏ پاڻ گورنمنٽ آرٽس اينڊ ڪامرس ڪاليج سعود آباد ڪراچيءَ ليڪچرار پڻ آهن.

مفتي نذير احمد عثماني

03013869511

مانيٽي طبيعت جو مالڪ، علم ۽ عمل جو پيڪر، درس ۽ تدريس، تصنيف ۽ تاليف ۾ پنهنجي زندگي ارپيندڙ، قال الله ۽ قال الرسول جون صدائون بلند ڪندڙ، تماهي العلم جو چيف ايڊيٽر حضرت مولانا مفتي نذير احمد مهر عثماني انيڪ خوبين جو مالڪ. هتي سندن مختصر تعارف پيش ڪرڻ گهران ٿو.

مولانا مفتي نذير احمد ولد حاجي الله داد مهر ١٩٧٦ء ڌاري رستم لڳ ڳوٺ ٿانئري مهر تعلقہ لکي ضلع شڪارپور ۾ هڪ ديندار ۽ مذهبي گهراڻي ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

ابتدائي ديني تعليم جو آغاز قاعدو ۽ ناظره، رستم شهر ۾ حافظ عبدالمجيد مهر شهيد جي مدرسي ۾ ڪيائون. اسڪول جي بنيادي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ ئي حاصل ڪيائون. ان ڪان پوءِ وڌيڪ ديني تعليم ۽ حفظ القرآن لاءِ مدرسہ اعزازالعلوم گول جامع مسجد سکر جي باني ۽ بزرگ شخصيت حضرت مولانا قاري محمد اسماعيل ميمڻ جي خدمت ۾ گول مسجد سکر ۾ داخل ٿيا، جتي مڪمل قرآن پاڪ ياد ڪري حفظ جي دستار بندي ڪيائون.

حفظ پوري ڪرڻ ڪان پوءِ حضرت سائين قاري محمد اسماعيل جي حڪم ۽ مشوري سان عربي تعليم ۽ درس نظامي پڙهڻ لاءِ محقق العصر حضرت مولانا مفتي محمد ادريس سومرو ڪنڊياري وارن جي خدمت ۾ ويا، جيڪي ان وقت مدرسہ ارشادالعلوم ميرڪ ضلع خيرپور ۾ پڙهائيندا هئا. انهن وٽ عربي تعليم جي ابتدا ڪيائون. هڪ سال ڪان پوءِ جڏهن مولانا مفتي محمد ادريس سومرو صاحب، ميرڪ مدرسي کي ڇڏي پنهنجيشهر ڪنڊيارو وارن خاص ڪري مولانا عبداللطيف ميمڻجي اصرار تي شهر جي پراڻي علمي مرڪز جامعہ انوارالعلوم ڪنڊيارو کي هڪ ڀيرو ٻيهر اچي آباد ڪيو تہ پاڻ بہ پنهنجي عظيم استاد حضرت مولانا مفتي محمد ادريس سومري سان گڏ جامعہ انوارالعلوم ڪنڊيارو ۾ آيا، جتي ساندهہ ڪجهہ سال پڙهي سن ١٩٩٧ع ۾ درس نظامي ۽ سڀني علمن جي تميل ڪري دستاربندي ڪيائون.

مولانا صاحب بحيثيت مصنف

تحفة الطالبين، هي ڪتاب نصيحت آموز قصن ۽ واقعن تي مشتمل ١٨٤ صفحن جو هي ڪتاب **٢٠٠١** ۾ پاڻ ليڪ ڇپرايو)

نبوي باغ جي خوشبوءِ، (اصل عربي ۾ عبدالنافع رفاعي جو لکيل **١٠٣** صفحا صادق علي بلوچ **٢٠٠٣** ۾ سکر مان ڇپرايو)

تسهيل الوصول اليٰ علم الاصول، (هي ڪتاب اصل ۾ حضرت مولانا خير محمد جالنڌري جي مختصر رسالي خيرالاصول في حديث رسول جو نهايت ئي جامع ۽ تفصيلي شرح آهي جيڪو سنڌي ٻوليءَ ۾ حديث نبوي

جي اصول سمجهڻ لاءَ بهترين علمي سوکڙي آهي ڪتاب تي جڳ مشهور عالم دين حضرت مولانا ڊاڪٽر مفتي محمد ادريس سومري جو تفصيلي مقدمو لکيل آهي. ڪتاب ١٣٠ صفحن تي مشتمل ٢٠٠٦ ۾ شايع ٿي علمي حلقن ۾ مقبوليت ماڻي چڪو آهي)

رمضان المبارڪ ۽ اعتڪاف جا مختصر مسئلا ۽ فضيلتون، هي ڪتاب رمضان شريف ۽ اعتڪاف جي مسئلن ۽ فضيلت تي مشتمل آهي. ڪتاب جا ٤٤ صفحا آهن. بلال سپر اسٽور سکر پاران ڇپيو)

بداية النحو (سنڌي ۽ اردو) هي ڪتاب درس نظامي جي مشهور نحو جي فن ۾ لکيل ڪتاب هداية النحو جو شرح آهي. اردو شرح١٣٠ صفحن تي مشتمل آهي جيڪو ٢٠٠٩ ۾ ڇپيو. جڏهن سنڌي شرح ڇپائي هيٺ آهي، جيڪو سنت ئي ڇپجي منظر عام تي ايندو.

النڪت المفحمات شرح المقامات، (هي ڪتاب مقامات جو سنڌي شرح آهي جيڪو اڻ ڇپيل آهي، ڇپائيءَ جي منتظر آهي)

ان کان سواءِ پاڻ سن ٢٠١٢ء کان پنهنجي مدرسہ عثمانيہ (دارالعلوم) سکر مان ٽماهي العلم سکر جي شروعات ڪيائون. هي رسالو سندن ادارات ۽ نگرانيءَ هيٺ نڪرندو آهي. پاڻ ٽماهي العلم ۾ اداريو، ڪتابن تي تبصرو ۽ مضمون بہ لکندا رهندا آهن. پنهنجي رسالي العلم کان سواءِ ٻين مختلف رسالن ۾ مختلف عنوانن موضوعن تي مضمون لکندا آهن جن رسالن ۾ سندن مضمون ۽ مقالا شايع ٿيا آهن اهي هي آهن: ماهوار شريعت سکر، ماهوار نصيحت سکر، ماهوار الفاروق ڪراچيشامل آهن.پاڻ هن وقت جامعہ دارالعلوم سکر جا روح روان مهتمم پڻ آهن.

عبدالقدير ڪاجون

03023197230

عبدالقدير ڪاجون پهرين جنوري ١٩٥٩ع تي ڳوٺ باهو ڪاجون، تعلقو ڏهرڪي ضلعو گهوٽڪي (اڳوڻو تعلقو اوٻاوڙو ضلعو سکر) ۾ پنهنجي وقت ۽ علائقي جي مشهور استاد، اديب، شاعر، حڪيم حافظ محمد اسماعيل ڪاجون صاحب رحه جي گهر ۾ جنم ورتو. سندن والد

صاحب حضرت سائين حمادالله هاليجوي سان بيعت هئا ۽ سندن خاص مريدن ۾ شامل هئا. جمعيت علماءِ اسلام جا سچا خادم هئا. ١٩٧٠ع ۾ ٿيندڙ عام چونڊن کان اڳ ۾ جمعيت طرفان هڪ سياسي جلسو ٿيو هو، جنهن ۾ مولانا مفتي محمود صاحب ۽ مولانا غلام غوث هزاروي صاحب جن خاص خطاب ڪيو هو. پروگرام کان پوءِ ٻنهي خاص مهمانن جي ماني جو بندوبست حافظ محمد اسماعيل پاڻ ڪيو هو. سندن انتقال مڪة المڪرمه ۾ ٿيو ۽ تدفين "جنة المعليٰ" ۾ ٿي.

عبدالقدير ڪاجون پرائمري چار درجا پنهنجي ڳوٺ جي اسڪول "گورنمينٽ پرائمري اسڪول باهو ڪاجون" مان پاس ڪيا ،انهي وچ ۾ قرآن مجيد ناظره پنهنجي والد صاحب وٽ گهر ۾ پڙهي پورو ڪيائون .چوٿين درجي پاس ڪرڻ تائين پاڻ پرائمري اسڪول باهو ڪاجون جي هڪ ڪاٺ جي پيٽي تي مشتمل "لائبريري" ۾ رکيل ٻارن لاءِ لکيل سڀ ڪتابڙا پڙهي ويا. پرائمري پنجون درجو " گورنمينٽ مين پرائمري اسڪول ڏهرڪي" مان پاس ڪيائون.

ڇهين کان ميٽرڪ تائين " گورنمينٽ (پ) هاءِ اسڪول ڏهرڪي" ۾ پڙهيا. پاڻ ١٩٧٥ع ۾ حيدرآباد بورڊ مان ميٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائون. اسڪول ۾ ذهين شاگردن ۾ ڳڻيا ويندا هئا. ١٩٧٣ع ۾ ضلعي سکر جي هاءِ اسڪولن جي شاگردن وچ ۾ ٿيندڙ تقريري مقابلي ۾ حصو وٺڻ لاءِ چونڊيا ويا، جنهن جو عنوان هو" اسان پنهنجن ابن ڏاڏن کان وڌيڪ خوش آهيون"يا " اسان جا ابا ڏاڏا (فور فادرس) اسان کان وڌيڪ خوش هئا"

١٩٧٢-٧٣ ۾ ڏهرڪي ۾ سندن والد صاحب ۽ ٻين نيڪ مردن جي ڪوششن سان ديني تعليم جو هڪ ادارو " مدرسه عربيه بحرالهديٰ" قائم ٿيو. پاڻ ديني تعليم لاءِ اتي داخل ٿيا. جتي عربي گرامر جا بنيادي ڪتاب ۽ "گلستان" تائين فارسي پڙهيا. سندن مدرسي جي استادن ۾ مولانا محمد احمد لغاري ۽ مولانا عبد الله لغاري صاحب آهن جيڪي هن وقت "سنڌ ساگر پارٽي" جا سربراه آهن . باقاعده "فارغ التحصيل" نه هجڻ جي باوجود عربي علم و ادب، اسلامي تاريخ ، تهذيب ۽ تمدن بابت سٺي ڄاڻ رکن ٿا. ان جو وڏو سبب هي آهي جو سندن والد صاحب تاريخ جا وڏا ڄاڻو، عالم ۽ اديب هئا.عبدالقدير ڪاجون صاحب ايم.اي، ايم ايڊ

۽ مولوي عربي آهن. پاڻ مئٽرڪ پاس ڪرڻ کان پوءِ ڪجهه وقت بجلي جو ڪم سکيا، ان کان پوءِ ڪجهه مهينا ڏهرڪي شهر ۾ ڪرياني جو دڪان به کوليائون،جيڪو ڪن سببن ڪري صحيح هلي نه سگهيو. جنهنڪري ڪجهه وقت اينگرو ياڻ فئڪٽري ڏهرڪي ۽ ايف.ايف.سي ميرپور ماٿيلو ۾ مزدوري ڪيائون. ۱۹۷۸-۷۹ ع ۾ ڪين ايليمينٽري ڪاليج آف ايجوڪيشن شڪارپور روڊ سکر ۾ پرائمري ٽيچرس ڪورس (پي.ٽي.سي) ۾ داخلا ملي. تنهن وقت ڪاليج جا پرنسيپال علم دوست ۽ ملنسار طبيعت جا مالڪ مرحوم احمد بخش ميراڻي صاحب هئا. ۱۹۷۸-۷۹ع ۾ پي.ٽي.سي ڪيائون ۱۹۷۹ع جي وچ ڌاري جيئن ئي پي.ٽي.سي جو رزلٽ آيو، ڪين ۱۲ ڊسمبر ۱۹۷۹ع تي پرائمري استاد طور مقرري جو آرڊر مليو. ڪجهه وقت ماسڪ اسڪول پروگرام ۾ ريسورس پرسن (اسڪول سپروائزر) رهيا. ۱۹۹۱ع ۾ هاءِ اسڪول ٽيچر(ايچ.ايس.ٽي) طور پروموٽ ٿيا. پاڻ ۴۰ سال تعليمي خدمت سرانجام ڏيندي ۳۱.۱۲.۲۰۱۸ع تي رٽائرڊ ٿيا آهن.

ڪاڇون صاحب جون علمي ۽ ادبي خدمتون

عبدالقدير ڪاڇون صاحب کي شروع کان ئي علمي ۽ ادبي ماحول مليو، تنهنڪري سندن طبيعت علم ۽ ادب ڏانهن مائل ٿي وئي. پاڻ اڃا نائين ڪلاس ۾ پڙهندا هئا ته ڪين ۵۰ شعر ياد هئا. پاڻ پهرين ڪهاڻي "عزم" به نائين ڪلاس ۾ پڙهڻ دوران ئي لکيائون. سندن پهرين ڪهاڻي " ڏکن جو ڏاج" ۱۹۸۰ع ۾ سکر مان نڪرندڙ روزاني اخبار " نواءِ انقلاب" ۾ ڇپي. سندن پهريون مضمون " هلال پاڪستان" ۾ ڇپيو. ان کان پوءِ سندن لکڻيون اخبارن توڙي رسالن ۾ مسلسل ڇپجڻ لڳيون. جن ۾ " عبرت"، "ڪاوش" ، "الوحيد" ، " عبرت مئگزين" رسالن۾ " سنڌو ڊائجسٽ"، "وينجهار"، "شريعت" "الفاروق"، "النصيحت"، "بيداري" ۽ ٻيا رسالا شامل آهن.سندن ترتيب، تاليف، تصنيف ۽ترجمو ڪيل ڇپيل ڪتاب هن ريت آهن:

"سچا ساٿي". ٽيون ايڊيشن. مهراڻ اڪيڊمي شڪار پور.

"جِيئَرِيَ پَسَڻُ پِرِيَنِ جو" مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور.

" قوميت هڪ تجزيو هڪ مطالعو" ٻيون ايڊيشن. سنڌ نيشنل اڪيڊمي حيدر آباد.

ننڍڙا ڪتابڙا ۽ پمفليٽ:

"نماز جي اهميت" والدين جو مرتبو ٿي قصا وغيره. سورهن ڪهاڻين جو مجموعو "جنم قيدي" اڻ ڇپيل.

ان کان سواءِ ڪاڇون صاحب پنهنجي والد صاحب جي ياد ۾ ۱۹۹۳ع ۾ قائم ڪيل علمي، ادبي ۽ اخلاقي خدمت جي اداري "الحافظ اڪيڊمي ڏهرڪي" جي پليٽ فارم تان هرسال مختلف قسم جا ديني، علمي ، ادبي ۽ اخلاقي پروگرام ڪندا رهن ٿا.

ان کان سواءِ ڪاڇون صاحب جن مختلف وقتن تي ٿيندڙ مختلف علمي ۽ ادبي پروگرام ڪرايا جنهن ۾ خاص مهمان جي حيثيت سان شريڪ ٿيندڙ ڪجهه شخصيتون:

- محترم سائين پير عبدالخالق صاحب سجاده نشين درگاهه ڀرچونڊي شريف.
- محترم سائين مفتي عبدالوهاب چاچڙ صاحب، ايڊيٽر ماهوار " الشريعت" روهڙي.
- محترم جناب پروفيسر اسد اللهؒ ڀٽو صاحب باني صدر "تنظيم فڪر و نظر سنڌ."
- سردار آغا احمد يار خان شر اڳوڻا ايم.پي.اي ۽ پارلياماني سيڪريٽري سنڌ اسيمبلي.
- محترم جناب پروفيسر عبدالخالق سهرياڻي صاحب- ڪنڌڪوٽ اديب- ليکڪ
- محترم جناب حزب اللهؒ.آءِ. سومرو صاحب خيرپور ميرس- مشهور ليکڪ ۽ نقاد.
- پروفيسر غلام رسول اڪرم سومرو صاحب ميرپور ماٿيلو- مضمون نگار - تاريخدان ۽ تاريخ نويس.
- جناب غازي خان پتافي صاحب سابق ڊپٽي ڊائيريڪٽر اسڪول ايجوڪيشن سکر ريجن- اديب، سُگهڙ.

- جناب ڄام عبدالفتاح سميجو ايڊووڪيٽ صاحب قانوندان، سماجي ڪارڪن ايس.ٽي.پي سنڌ جو موجوده ڪنوينر.
- جناب مريد ڪاظم شاهه صاحب سماجي ۽ علمي شخصيت.
- جناب محمد عيدن ناز ميراڻي صاحب استاد ۽ مشهور شاعر.
- محترم جناب پروفيسر اسرار احمد علوي صاحب شڪارپور.
- محترم جناب خورشيد گيلاني صاحب لاهور.
- محترم جناب ارباب نيڪ محمد صاحب عمر ڪوٽ- مشهور ڪالم نگار.
- محترم جناب نور احمد ميمڻ صاحب چيئرمين "سنڌيڪا اڪيڊمي" ڪراچي.
- پروفيسر اصغر مجاهد مهر صاحب اڳوڻا اِي.ڊِي.او گهوٽڪي.
- محترم جناب استاد عبدالمجيد ڪاڇون صاحب سماجي ۽ علمي شخصيت.
- محترم جناب فضل الله مهيسر صاحب پنو عاقل سابق صدر "تنظيم فڪر و نظر سنڌ".
- محترم جناب سردار احمد گڏاڻي صاحب سوشل ويلفيئر آفيسر ضلع گهوٽڪي.
- جناب محمد دين راڄڙي صاحب ليڪچرر شاعر- ليڪ
- جناب جميل احمد سومرو صاحب استاد، مشهور شاعر- ليڪ.
- جناب پريم پتافي صاحب استاد مشهور شاعر- ليڪ.
- محترم جناب عاشق راڄڙ صاحب شاعر- اديب.
- محترم جناب زاهد پينگر صاحب صحافي- شاعر-اديب.
- جناب فدا ملڪ صاحب ، شاعر _ليڪ
- جناب ڊاڪٽر سيد سجاد شاهه حيدر صاحب سماجي شخصيت
- جناب ميان شفيق احمد صاحب اڳوڻا تعلقه چيئرمين ڏهرڪي.
- جناب ڪريم بخش دادا سنڌي صاحب اديب، تاريخدان۽ تاريخ نويس.

- پروفيسر محمد پنهل ڏهر صاحب ليڪ- تاريخدان ۽ تاريخ نويس.
- محترم جناب منظور احمد نائچ صاحب ڊي.اي.او سيڪنڊري ضلعو گهوٽڪي.
- محترم جناب پروفيسر محمد فاضل شيخ صاحب مشهور اديب، شاعر ۽ تعليمدان.
- محترم جناب شنڪر لال صاحب نيشنل ميڊيڪل اسٽور ڏهرڪي صدر سمال ٽريڊرز يونين ڏهرڪي.
- محترم جناب رميش ڪمار بي.ايم صاحب صحافي ۽ سماجي ڪارڪن.
- محترم جناب پروفيسر سرور سيف پنوي اديب، شاعر۽ علمي شخصيت.
- محترم جناب محمد سليمان مهر صاحب ڪالم نگار - سماجي شخصيت.
- محترم جناب استاد بشير احمد ڪاڇون صاحب ليڪ، علمي ۽ ادبي شخصيت.

مولانا سليم الله سومرو

03013211633

درس ۽ تدريس سان گڏوگڏ تصنيف ۽ تاليف ۽ مدرسي جي نظامت سنڀاليندڙ فاضل نوجوان

نالو ۽ نسب

مولانا سليم الله بن مولانا محمد قاسم بن محمد ادريس سومرو ۱۰ مئي ۱۹۷۲ء ڏاران ڪنڊياري پر سان اولهه طرف چار ڪلو ميٽر پري ڳوٺ چنيهاڻي ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

تعليم جي پنهنجي والد حضرت مولانا محمد قاسم سومرو جن وٽ ڪيائون، پرائمري چنيهاٽي جي اسڪول مان پاس ڪرڻ ڪان پوءِ ديني تعليم جي شروعات جامعہ ارشادالعلوم ميرڪ ۾ ڪيائون، ميرڪ ۾ درجہ خامسہ تائين پڙهيا، ان ڪان پوءِ پاڻ پنهنجي وڏي ڀاءُ حضرت مولانا ڊاڪٽر مفتي محمد ادريس سومرو جن سان گڏجي ڪنڊياري شهر جي مشهور ديني مدرسي جامعہ انوارالعلوم ڪنڊياري ۾ پنهنجي رهيل تعليم مڪمل ڪري ١٩٩٦ء ڌاران سڀني علمن جي تڪميل ڪري سند يافتہ مولوي ٿي ويا.

سندن مشهور استادن ۾ مولانا محمد قاسم سومرو، استاد عمرالدين سومرو، استاد حاجي محمد الياس عباسي، استاد تاج محمد عباسي، استاد محمد موريل عباسي، استاد محمد مريد ابڙو (هي سندن پرائمري استاد آهن) جڏهن تہ درس نظاميءَ جا استاد هن ريت آهن: حضرت مولانا مير محمد هنجراھ، حضرت مولانا ڊاڪٽر مفتي محمد ادريس سومرو، حضرت مولانا عبدالعزيز ڪلوڙ، حضرت مولانا شبيراحمد هنجراھ شامل آهن.

سندن اولاد چار پٽ مولانا خبيب احمد، مولانا صهيب احمد، محمد حذيفہ محمد طلحہ جيڪي زير تعليم آهن. ۽ ٻہ نياٽيون ام لبابہ ۽ ميمونہ هي ٻئي عالمہ آهن جيڪي پنهنجي والد صاحب جي قائم ديني اداري جامعہ فاطمة الزهرا ۾ معلمہ آهن.

مولانا سليم الله سومرو بحيثيت مصنف

ديني علوم جي فراغت ڪان پوءِ پاڻ پنهنجي مادر علمي جامعہ انوارالعلوم ڪنڊيارو ۽ جامعہ فاطمة الزهرا ۾ استاد هجڻ سان گڏوگڏ پاڻ تصنيف ۽ تاليف بہ ڪندا رهن ٿا، هتي سندن شايع ٿيل ڪتابن جو مختصر ۽ جامع تعارف پيش ڪجي ٿو.

ڏوهن جا ڏونگر ۽ بخشش جي برسات. (هي ڪتاب جبال الذنوب وسيلان الغفران جو سنڌي ترجمو آهي، ٢٠٠صفحن تي مشتمل روشني پاران شايع ٿيو آهي)، قرآني نصيحتون (هي ڪتاب اصل ۾ مولانا محمد اويس جي ڪتاب تعليم القرآن جو سنڌي ترجمو آهي جيڪو روشني پبليڪشن

پاران شايع ٿيو آهي)، منتخب احاديث دعوت ۽ تبليغ جي ڇهن نمبر بابت هن ڪتاب ۾ حديثون جمع ڪيون ويون آهن، اصل ۾ عربي ٻوليءَ ۾ مولانا محمد يوسف ڪانڌلوي جو لکيل آهي، جنهن جو اردو ترجمو سندس پوٽي مولانا محمد سعيد جن ڪيو آهي، سنڌي ترجمو مولانا سليم الله سومري جن ڪيو آهي روشني پبليڪشن پاران شايع ٿيو آهي)، سخن سچي سردار جا ﷺ (هي ڪتاب ديني مدرسن جي نصاب ۾ شامل جامع حديثن جو مجموعو“ زادالطالبين” جي نالي سان مولانا محمد عاشق الاهي بلند شهري جن جو عربي ۾ لکيل آهي، هي ان جو سنڌي ترجمو آهي). جنت النعيم في فضائل القرآن الڪريم (هي ڪتاب اصل ۾ قاضي القضاة مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحہ جو لکيل آهي، ان جي تحقيق ۽ تخريج ۽ سنڌي ترجمو آهي) نبوي درود ۽ دعائون وڏو (سندن تخليقي ۽ تصنيف لطيف آهي، جيڪو شاھ لطيف ڪتاب گهر پارن شايع ٿيو آهي) نبوي درود ۽ دعائون (جيبي سائز) ڳوڙها پيم ڳڙي (علامہ ابن جوزي رحہ جي جڳ مشهور عربي ڪتاب بحرالدموع جو سنڌي ترجمو روشني پبليڪشن پاران شايع ٿيو آهي) نصيحت ڀريا گفتا (هي ڪتاب حلاوة الفم جو ترجمو ۽ تشريح آهي ٢٠٠ صفحن تي مشتمل روشني پبليڪشن پاران شايع ٿيو آهي)، النورالمبين في جمع اسماء البدريين (مخدوم محمدم محمد هاشم ٺٽوي جي عربي ڪتاب مخطوطي جي تحقيق ۽ تخريج آهي، جيڪو بدري اصحابن سڳورن جي نالن تي مشتمل آهي مڪتبہ قاسميہ ڪنڊيارو پاران شايع ٿيو آهي)، تحفہ رمضان االمبارڪ (رمضان المبارڪ جون فضيلتون مختصر طور تي ذڪر ڪيون ويون آهن١٥٢ صفحن تي مشتمل روشني پبليڪشن پاران شايع ٿيو آهي)،ڪامياب زندگي نبوي حديثن جي روشنيءَ ۾(روشني پبليڪشن پاران شايع ٿيو آهي)، ڪبيرا گناھ امام ذهبي جي ڪتاب الڪبائر جي ڪجھ بابن جو سنڌي ترجمو آهي، مڪتبہ حماديہ هاليجي شريف پاران شايع ٿيو آهي)، ذڪرالله معارف ۽ مسائل (هي ڪتاب حضرت سائين حمادالله هاليجوي جن جي ملفوظات مان انهن ملفوظن کي گڏ ڪريترتيب ڏنو ويو آهي، جنهن ۾ ذڪر بابت مواد گڏ ڪيو ويو آهي. مڪتبہ حماديہ هاليجي شريف پاران شايع ٿيو آهي). دلائل التوحيد (توحيد جي عقيدي بابت پنجاھ سوالن جي جوابن تي مشتمل) صحابہ سڀ ستارا (صحابہ جي شان ۽ مان بابت نهايت جامع ۽ مختصر

درگاهه هاليجي شريف ۽ روشني پبليڪشن ڪنڊيارو پاران شايع ٿيو آهي) آسان نماز ۽ چاليهه نبوي دعائون. نماز هيئن پڙهجي. فرائض الاسلام فضائل درود ۽ سلام. درودن جو خزانو (مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي عربي ڪتاب ذريعة الوصول اليٰ جناب الرسول ﷺ جو سنڌي ترجمو روشني پبليڪشن پاران شايع ٿيو آهي) مجموعہ وظائف النبي ﷺ نبوي دعائن بابت نهايت تفصيلي ۽ جامع ڪتاب ۴۸۸ صفحن تي مشتمل روشني پبليڪشن پاران شايع ٿيو آهي) زندگي جا ادب ۽ اصول (امام غزالي جي ڪتاب الادب جو سنڌي ترجمو روشني پبليڪشن پاران شايع ٿيو آهي) اوهان جي خدمت ۾ (مولانا محمد ڪليم صديقي هندستاني جي اردو ڪتاب جو سنڌي ترجمو آهي) مختصر سيرت النبي ﷺ سوالن جوابن ۾ سٽرنهن وظيفن سان آسان زندگي.

جڏهن ته اڻ ڇپيل ڪتابن مان هي آهن: رياض الصالحات، دلائل الخيرات، رمضان المبارڪ جون فضيلتون ۽ مسئلا، بداية النحو، منتخب المشڪات، منافقن جا مهٽا ۽ مرسل ﷺ جي ماڻ، اسماء الحسنيٰ فضيلتون ۽ خصوصتون، بدري اصحابن سڳورن جا نالا مبارڪ، فضائل جهاد (سنڌي) مولانا مسعود اظهر جي اردو ڪتاب جو سنڌي ترجمو

مولانا شعيب الرحمان ڪهڙو

03062040285

نئين ٿهيءَ جي عالم دين تصنيف ۽ تاليف جي ميدان ۾ پنهنجو سڪو ويهاريندڙ، جاڪوڙي جوان سنڌن هتي تعارف پيش ڪجي ٿو.

نالو ۽ نسب

مولانا شعيب الرحمان بن شمس الدين ذات ڪهڙو، ڳوٺ محمد صالح ڪهڙوضلع خيرپور ميرس ۾۲۰ اپريل۱۹۸۲ءڌارن پيدا ٿيو.

تعليم ۽ تربيت

مولانا شعيب الرحمان ڪهڙو جن پنهنجي تعليم جي شروعات

پنهنجي ڳوٺ محمد صالح ۾ ڪئي وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ڪهڙا شهر جي مشهور ديني ۽ روحاني درسگاهه جامعہ حماديہ مظهر العلوم ڪهڙا جو رخ ڪيو، جتي ڏهه سال سانده پڙهي پنهنجي وقت جي عظيم ۽ جيد عالمن ڪان علم حاصل ڪري انهيءَ مدرسي ۾ دستار بَڌي سند يافتہ مولوي ٿي ويو.

ان ڪان سواءِ پاڻ علامہ غلام مصطفيٰ قاسميءَ جن ڪان بہ امام شاهه ولي الله محدث دهلويءَ جو فلسفو پڙهيو ۽ شيخ القرآن مولانا نعيم الله پناڻ جن وٽ ڪوٽ سبزل پنجاب ۾ تفسير جو دورو پڻ پڙهيو.

سنڌن مشهور استادن ۾ استاذالعلماء حضرت مولانا عبدالڪريم ڪهڙو ، استاذالعلماء شيخ القرآن حضرت مولانا محمد عمر ڪهڙو ، واديءِ مهراڻ جو عظيم ڏاهو حضرت مولانا محمد رمضان ڦلپوٽو دامت برڪاتهم. فراغت ڪان پوءِ سنڌن مشغلو پڙهڻ پڙهائڻ، تصنيف ۽ تاليف، تبليغ ۽ تدريس آهي.

مولانا صاحب بحيثيت استاد

پاڻ سچي تعليم جامعہ حماديہ مظهرالعلوم ڪهڙا ۾ حاصل ڪئي، ۽ مدرسو سنڌن چاچي ۽ استاد حضرت مولانا عبدالڪريم جن جو هيو، پاڻ بہ سچي تعليم پنهنجي چاچي جي نگرانيءَ هيٺ حاصل ڪيائون، ان ڪري ڪيس پڙهائڻ جو موقعو بہ انهي مدرسہ ڪان ئي مليو. پاڻ انهيءَ مدرسي ۾ پورا ست سال تعليم ڏنائون، ان ڪان سواءِ پاڻ حڪمت قرآن ڪراچيءَ جا ريسرچ انچارج بہ رهي چڪا آهن ۽ ڪجهه وقت جي لاءِ ٽاٽہ بولاخان جي جامعہ مسجد ۾ خطابتءِ ان سان ملحق مدرسہ ۾ تعليم پڻ ڏنائون ۽ ڪجهه وقت صوپوديرو جي جامعہ مسجدہ خطابت ۽ تعليم جو فريضو سرانجام ڏنائون. ديني ادارن سان گڏ پاڻ ڪجهه وقت تائين عصري ادارن ۾ پڻ اسلاميات جي تعليم جو فريضو سرانجام ڏنائون جنهن۾ ايورشائن هاءِ اسڪول صوپوديرو ۽ هاءِ اسڪول پيلهاڙو شامل آهي .

مولانا صاحب بحيثيت ڪالم نگار

سنڌن شمار انهن ناليوارن ڪالم نگارن ۾ ٿئي ٿو، جن جو شمار مٿاهين سطح جي ڪالم نگارن ۾ آهي، سنڌن قلم مان بي شمار تحقيقي،

تاريخي، تعليمي، تعارفي، ادبي ۽ سياسي مضمون ۽ مقالا سنڌ جي مشهور تحقيقي ۽ ادبي رسالن ۾ شايع ٿي چڪا آهن. جهڙوڪ: ماهوار آبادگار حيدرآباد، ماهوار النصيحت سکر، ماهوار شريعت سکر، ماهوار الحماد ڪراچي، ماهوار الفاروق ڪراچي، ماهوار بيداري حيدرآباد، ماهوار القاسم ڪوٽڙي، ماهوار السند اسلام آباد، ماهوار باب الاسلام لاهور، ماهوار سڪ راڻي پور، ماهوار سار راڻي پور، ماهوار توحيد ڪراچي، ماهوار الجمعيت راولپنڊي، ماهوار صداءِ حريت راولپنڊي، ۾ سنڌن علمي، ادبي ۽ تحقيقي مضمون شايع ٿي چڪا آهن. مولانا موصوف سنڌ جي مشهور اخبار روزانہ سنڌ ايڪسپريس حيدرآ باد جي اسلامي پرچي ۾ گذريل ڪيترن ئي سالن کان مستقل طور تي اسلامي مضمون لکندا رهن ٿا.

مولانا صاحب بحيثيت ليکڪ ۽ مصنف

پاڻ بهترين مصنف ۽ ليکڪ آهن سندن شايع ٿيل ڪتاب هن ريت آهن:

- **پياري پيغمبرﷺ جون پياريون دعائون.** (نبوي دعائن جو مستند مجموعو).
- **پياري پيغمبرﷺ جي پياري زندگي.** (نبي پاڪﷺ جي پاڪيزه زندگيءَ جو مستند تذڪرو، خوبصورت انداز ۾)
- **اسان جا اسلاف.** (هند ۽ پاڪ جي ٻاويهه نامور عالمن جو تذڪرو)
- **معين الخطيب.** (سڄي سال جي پنجاهه جمعن جي خطبن تي مشتمل مواعظ حسنہ جو بيش بها ذخيرو)
- **انوارالخطيب.** (سڄي سال جي پنجاهه جمعن جي خطبن تي مشتمل مواعظ حسنہ جو بيش بها ذخيرو، صديق حيدر ڪتاب گهر شڪارپور پاران شايع ٿيو آهي، هن جا هن وقت ٻہ ايڊيشن شايع ٿي چڪا آهن)
- **تصوف جي حقيقت.** (ينابيع الحياة الابديہ جو فارسيءَ مان سنڌي ترجمو)
- **آسان فقهه.** (عرب جي مشهور ڪتاب الفقه الميسر جو سنڌي ترجمو)

- **منتخب الاحاديث.** (دعوت ۽ تبليغ جي ڇهن صفتن تي جوڙيل ڪتاب جو سنڌي ترجمو)
- **قرآن تي عمل.** (قرآني آيتن تي عمل تي خواتين جي تجربن تي مشتمل ڪتاب)
- **انساني شخصيت جي ترقي قرآن جي روشنيءَ ۾. (ترجمو)**
- **قرآن اوهان کي ڇا ٿو چوي.** (قرآن مجيد جي حڪمت تي مشتمل بهترين ڪتاب)
- **سيرت رسولﷺ.** (سوال ۽ جواب ۾)
- **اسلام جي ڇاڻ.** (سوال ۽ جواب ۾)
- **موت جو منظر ۽ مرڻ کان پوءِ ڇا ٿيندو. (ترجمو)**
- **خلفاءِ راشدين.** (سيرت، ڪردار، تاريخ ۽ ڪارناما)
- **پيران پير جا قول.** (ترجمو)
- **تاريخ اسلام.** (اسلام جي شروعات کان سلطنت عثمانيہ تائين اسلام جي تمدني، علمي، تهذيبي، سياسي ۽ سماجي تاريخ) ان کان سواءِ ڪيترائي ڪتاب اڻ ڇپيل آهن ۽ ڪيترائي ڪتاب ڇپائيءَ هيٺ پڻ آهن.

مولانا رحيم بخش انڊڙ

03003135630

نوجوان عالم دين، جيڪو پڙهڻ پڙهائڻ سان گڏوگڏ تصنيف ۽ تاليف جي ميدان ۾ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيندڙ، ٿورڙي ئي عرصي ۾ تاليف جي ميدان ۾ پنهنجي ڏاڪ ويهاريندڙ، مدرسہ عربيہ صديقيہ جو مدرس.

نالو ۽ نسب

مولانا رحيم بخش بن مولانا حبيب الرحمٰن انڊڙ پني عاقل لڳ چنيڙ ڳوٺ ۾ ۱۹۷۹ء ڌاران پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ جي اسڪول حاجي رحيم بخش ۾ پنج پاس ڪري، سنڌ جي قديمي ۽ روحاني درگاهه هاليجي شريف جو رخ ڪيو. جتي استاذالعلماء حافظ دوست علي لکڻ جن وٽ حفظ مڪمل ڪيو. عربي تعليم جي لاءِ سنڌ جي مشهور ديني درسگاهن ۾ وڃي درس نظامي مڪمل ڪيو. جن مشهور ديني درسگاهن ۾ تعليم حاصل ڪيائون اهي هي آهن: مدرسه عربيه مدينة العلوم پنو عاقل، مدرسه عربيه مفتاح العلوم لنجاري شريف، جامعه اشرفيه سکر، جامعه مظهر العلوم حماديه کهڙا ۽ جامعه مفتاح العلوم مان تعليم پرائيندي سنڌ جي مشهور ديني اداري جامعه دينيه دارالهديٰ ٺيڙهيءَ مان **۲۰۰۱**ء ڌاران دستار بندي سند يافته مولوي ٿي ويا. جڏهن ته سکر بورڊ مان ميٽرڪ، بي اي شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، او ٽي سي حيدرآباد بورڊ مان ۽ مولوي عربي سکر بورڊ مان مولوي عالم سکر بورڊ مان، مولوي فاضل سکر بورڊ مان حاصل پاس ڪيائون.

تعليم کان فارغ مختلف علائقن ۾ تعليمي، تدريسي ۽ تبليغي خدمتون سرانجام ڏئي چڪا آهن. جهڙوڪ: ڪوٽڙي جي ٽي بي اسپتال جي مسجد جي امامت ۽ خطابت. نگينه ڪاٽن مل ۾ به امامت ۽ خطابت جون ذميواريون احسن طريقي نڀائي رهيا آهن. پاڻ هن وقت مدرسه عربيه صديقيه ڳوٺ محمد حسن مڪراني ضلع مٽياري ۾ استاد آهن. جتي پاڻ تعليم ۽ تعلم، پڙهڻ ۽ پڙهائڻ سان گڏوگڏ تصنيف ۽ تاليف جي ميدان ۾ سرگرم آهن.

مولانا رحيم بخش انڊڙ بحيثيت مصنف

جيئن ته پاڻ بهترين عالم دين آهن، ان ڪري کين لکڻ سان به سٺي دلچسپي رکن ٿا. هتي سندن شايع ٿيل ڪتاب جو مختصر تعارف پيش ڪجي ٿو.

(۱) **مومن جو هٿيار.** (هي ڪتاب نبوي دعائن تي مشتمل آهي، مختصر هجڻ سان گڏوگڏ جامعيت جو انداز جو ڪتاب آهي)

(۲) **زبان جي حفاظت.** (زبان جي حفاظت تي قرآن ۽ حديث جي روشنيءَ ۾ سلف صالحين جي تعليمات تي مشتمل)

(۳) **علم لکان يا تهجد پڙهان.** علم جي فضيلت تي مشتمل نصيحتن ۽ واقعن سان معطر نهايت ئي مختصر پر پُر مغز)

(۴) **خطبات رحيميه** (مختلف موضوعن تي تقريرن جو مجموعو)

(۵) **گلدسته هاليجوي**

(۶) **تربيت جي اهميت**

(۷) **سيرت عمر فاروقؓ (اڻ ڇپيل)**

(۸) **طب نبوي (اڻ ڇپيل)**

(۹) **استاد جو مرتبو اڻ ڇپيل)**

(۱۰) **عورت جو مرتبو (اڻ ڇپيل**

(۱۱) **مومن جي طاقت (اڻ ڇپيل**

(۱۲) **هزار اسلامي سوال اڻ ڇپيل**

(۱۳) **سچا قول (اڻ ڇپيل**

(۱۴) **پرين جا پيغام (اڻ ڇپيل**

مولانا مفتي ولي الله مهر

03003149252

نوجوان عالم دين، جاکوڙي جوان، وضع قطع عالمانه، رنگ ۽ ڍنگ شريعت جي مطابق، دارالعلوم سکر ۾ تدريس جا فرائض نڀائيندڙ، ادبي، تحقيقي، تاريخي ۽ علمي رسالي ٽماهي العلم سکر جي اشاعتي ٽيم ۾ اهم ڪم نڀائيندڙ مرد قلندڙ نوجوان عالم دين حضرت مولانا مفتي ولي الله مهر جو تعارف ۽ سندس ديني خدمتون پڙهندڙن آڏو پيش ڪرڻ گهران ٿو.

حضرت مولانا مفتي ولي الله مهر قاري سيف الله مهر جي گهر **۱۸** جون سن **۱۹۸۵**ء مطابق **۲۸** رمضان المبارڪ **۱۴۰۵** هجري ڌاري سکر شهر ۾ پيدا ٿيا. جيئن ته سندس والد صاحب استاد قاري سيف الله مهر، درگاهه هاليجي شريف سان متعلق هيو ۽ قطب الاقطاب حضرت مولانا سائين

حماداللهؒ هاليجوي جو صحبتي، خادم ۽ خاص مريد هو. ان ڪري سنڌس ڄمڻ تي پنهنجي مرشد ثاني حضرت مولانا حافظ محمود اسعد هاليجوي جي خدمت ۾ نالي رکڻ بابت عرض ڪٽي ويو تہ سائين جن سنڌس نالو ”ولي الله“ رکيو.

تعليم ۽ تربيت

ابتدائي ديني تعليم قاعدو ۽ قرآن پاڪ ڏسيپنهنجي گهر ۾ پنهنجي ئي امڙ وٽ پڙهيائين، سن ١٩٩١ع ۾ پرائمري تعليم لاءِ پنهنجي پاڙي جي گورنمينٽ پرائمري اسڪول بشير آباد سکر ۾داخل ٿيو. جتي سن ١٩٩٦ع ۾ پنج درجا پرائمري پڙهي فارغ ٿيو. اسڪول جي تعليم دوران ئي مدرسہ اشاعت القرآن حماديہ بشيرآباد سکر ۾ استاد قاري محمد حنيف گاڏهي بلوچ وٽ قرآن پاڪ ياد ڪرڻ شروع ڪيائين. سن ١٩٩٧ع ۾ ٻارهن سالن جي عمر ۾ پورو قرآن پاڪ ياد ڪري ورتائين. ٻئي سال ساڳي استاد وٽ تجويد، قرائت ۽ قرآن پاڪ جو دور ياد ڪيائين.

سن ٢٠٠٠ع ۾ مدرسہ اعزازالعلوم گول جامع مسجد سکر ۾ عربي تعليم درس نظامي پڙهڻ لاءِ داخل ٿيو. جتي پهرئين سال ارشاد الصرف پڙهيائين. سنڌس محنت ۽ ذهانت سبب استاد مفتي نذير احمد عثماني کيس ساڳي سال نحومير بہ پڙهائي ڇڏي.

ٻئي سال ساڳي ئي مدرسي ۾ ثانيہ عامہ، ان ڪان پوءِ ساڳي ريت ثالثہ، رابعہ ۽ خامسہ جا ڪتاب شيخ الحديث مولانا مفتي نذير احمد عثماني، شيخ الحديث مولانا علي حسن ٻرڙو، مولانا مفتي عبدالماجد ۽ مولانا قاري اسدالله ميمڻ وٽ پڙهيائين.

شعبان، رمضان جي موڪلن ۾مدرسہ انوارالعلوم سکر ۾ جامع المعقول و المنقول شيخ الحديث مولانا جان محمد راڄپر وٽ شرح جامي، شرح تهذيب ۽ قال اقول وغيره پڙهيائين.

سن ٢٠٠٥ع ۾ جامعہ دارالعلوم اسعديہ ڪوٽ سبزل ضلعي رحيم يار خان پڙهڻ ويو. جتي جامع المعقول و المنقول شيخ الحديث حضرت مولانا شبير احمد، حضرت مولانا مفتي سيف الله تونسوي ۽ شيخ الحديث حضرت مولانا نعيم الله پناڻ وٽ سادسہ درجي جا ڪتاب پڙهيائين ۽ شعبان جي موڪلن ۾ موقوف عليہ درجي جو مشهور ڪتاب بيضاوي

شريف استاد مولانا شبير احمد وٽ مهيني ۾ پڙهي پورو ڪيائين. ساڳي مدرسي ۾ منطق ڪبريٰ ۽ فنون جا ڪتاب: حمدالله، قاضي، مير زاهد، ملا جلال، صدرا، شمس بازغہ، شرح چغمني، التصريح، تحرير اقليدس، خلاصة الحساب، خيالي ۽ مسلم الثبوت وغيره پڙهيائين. انهن ڪتابن مان خيالي گرمين جي موڪلن ۾ ڇهن ڏينهن ۾ پڙهيائين.

ان ڪان پوءِ سن ٢٠٠٧ع ۾ عظيم ديني درسگاهہ جامعہ دارالعلوم ڪراچي ۾ دوره حديث شريف ڪيائين. جتي شيخ الاسلام مولانا مفتي محمد تقي عثماني، مفتي اعظم پاڪستان مولانا مفتي محمد رفيع عثماني، مولانا مفتي محمود اشرف عثماني، مولانا مفتي عزيزالرحمٰن سواتي، مولانا مفتي عبدالروف سکروي، مولانا مفتي عبدالله برمي، مولانا رشيد اشرف سيفي ۽ مولانا محمد اسحاق جهلمي وٽ حديث پاڪ جا ڪتاب پڙهي دستاربندي ڪيائين. دوره حديث شريف جو امتحان، امتيازي نمبرن سان پاس ڪيائين. جنهن تي کيس مفتي اعظم پاڪستان مفتي محمد رفيع عثماني، فتح الملهم، تڪملہ فتح الملهم، امداد الفتاويٰ ۽ ملفوظات حضرت ٿانويجا سيٽ انعام طور پنهنجي هٿن سان ڏنا.

فراغت ڪان پوءِ سن ٢٠٠٨ع ۾ تخصص في الافتاء لاءِ ساڳي اداري جامعہ دارالعلوم ڪراچي ۾داخلا ورتائين. جتي ساندهہ ٽي سال رهي شيخ الاسلام مولانا مفتي محمد تقي عثماني، مفتي اعظم پاڪستان مولانا مفتي محمد رفيع عثماني، مولانا مفتي محمود اشرف عثماني، مولانا مفتي عبدالرئوف سکروي، مولانا مفتي عبدالمنان، مولانا مفتي عبدالله، مولانا مفتي اصغر علي رباني، مولانا مفتي سيد حسين احمد کان فتويٰ جي تربيت ورتائين.

تخصص دوران ٽي سال جامعہ دارالعلوم ڪراچي ۾ ئي سر عبدالقادر وٽ انگلش جو اسپوڪن ڪورس بہ ڪيائين. آخري سال ۾ ڊاڪٽر مفتي خليل احمد اعظمي وٽ اسلامي بينڪنگ ۽ تڪافل بابت هيئة المحاسبة والمراجعة للموسسات المالية الاسلامية طرفان جوڙيل ڪتاب المعايير الشرعيہ جو درس ورتائين.آخري سال ۾ تخصص جي مقالي طور مفتي اعظم پاڪستان مولانا مفتي محمد شفيع جي دارالعلوم ديو بند ۾ لکيل فتوائن (جيڪي رجسٽرن جي صورت ۾ غير مطبوع هيون) جي تبويب، ترتيب، تخريج ۽ تعليق جو ڪم شيخ الاسلام مولانا مفتي محمد تقي

عثماني جي نگرانيءَ ۾ ڪيائين. سن ۲۰۱۰ع استادن جي هٿان تخصص في الافتاء جي دستار بندي ڪري فارغ ٿيو. فراغت ڪان پوءِ عصري تعليم پرائيندي انٽر جو امتحان به پاس ڪيائين.
پاڻ بهترين مفتي پڻ آهن سندس اچڻ سان مدرسه عثمانيه / جامعه دارالعلوم سکر ۾ "دارالافتاءِ" جو شعبو قائم ٿيو، جنهن جو پاڻ هن وقت صدر مفتي ۽ رئيس دارالافتاءِ آهي. پاڻ مدرسي جي فتوائن ڪان سواءِ پنهنجي رسالي ٽماهي العلم سکر ۾ "پڇو پڙهين ڪان "اوهان جي سوالن جا مدلل ۽ تحقيقي جواب لکندا رهندا آهن. ان ڪان علاوه جامعه دارالعلوم سکر ۾ تدريس سان گڏوگڏ پاڻ مدرسي جي انتظامي عهدن ۾ "ناظم اعلٰي" طور به خدمتون سر انجام ڏئي رهيو آهي.

مولانا مفتي ولي الله مهر بحيثيت مصنف

پڙهائڻ ۽ انتظامي مصروفيتن جي باوجود پاڻ ڪجھ ڪتاب به لکيا اٿس. جيڪي مسودي جي صورت ۾ وٽس محفوظ آهن.

- نخب الافكار في بيع الثمار (باغ جو ٺيڪو) هي ڪتاب اصل ۾ سندس هڪ تفصيلي فتويٰ آهي، جيڪا اسان جي علائقي ۾ هلندڙ باغن جي ٺيڪن بابت جائز ۽ ناجائز صورتن کي بيان ڪري ٿي. هيءَ فتويٰ وقتائتي ۽ نهايت ضروري هجڻ ڪري، ڪتابي صورت ۾ جامعه دارالعلوم سکر جي شعبي دارالعلم والتحقيق طرفان هينئر شايع ٿيو آهي.
- *فقہائے سندھ اور ان کی فقہی خدمات* (اردو)هي ڪتاب اجا پورو نه ٿيو آهي. اهو تحقيقي پروجيڪٽ هلندڙ آهي ۽ عنقريب پورو ٿيڻ وارو آهي.
- اصول ميراث
- ٽماهي العلم جو خاص نمبر " سنڌ ۾ فقه ۽ فتويٰ"

پاڻ پنهنجي مربي استاد مولانا مفتي نذير احمد عثماني جي حڪم تي مدرسه عثمانيه /جامعه دارالعلوم سکر ۾ پڙهائڻ شروع ڪيائين. هن وقت جامعه دارالعلوم سکر جي اهم ۽ وڏن استادن ۾ ٿئي ٿو، جتي پاڻ قرآن، حديث، فقه ۽ اصول فقه ۽ ٻين سيني فنن جي ڪتاب پڙهائي رهيا آهن. ۽

جامعه دارالعلوم سکر مان نڪرندڙ رسالي ٽماهي "العلم" سکر جي ايڊيٽر طور به فرائض سر انجام ڏئي رهيا آهن. هن وقت تائين العلم جا **۱۹** پرچا سندس ادارت هيٺ نڪري چڪا آهن ۽ خاص اشاعت سنڌ ۾ فقه ۽ فتويٰ نمبر به سندس ترتيب ۽ ايڊيٽنگ سان ڇپجي چڪي آهي. ان ڪان سواءِ ماهوار شريعت سکر، ماهوار الفاروق ڪراچي، ۽ ٻين ڪيترن علمي ۽ ديني رسالم ۾ سندن جا مضمون ۽ مقالا شايع ٿيندا رهندا آهن.

مولانا اسد الله ناريجو

03082877473

نوجوان عالم دين، درس ۽ تدريس سان گڏوگڏتصنيف ۽ تاليفجي ميدان ۾ پنهنجو پاڻ متعارف ڪرائيندڙ.

نالو ۽ نسب

مولانا اسدالله بن مولانا جان محمد ناريجو **۱۹۸۶** ڳوٺ خاندو ناريجو ۾ تعلقه گمبٽ ضلع خيرپور ميرس ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

شروعاتي تعليم پنهنجي ئي ڳوٺ خاندو ناريجو ۾ پنهنجي ناني حضرت مولانا غلام النبي ناريجي جن وٽ جڏهن ته گمبٽ تعلقي جي نهايت ئي مشهور ديني اداري مدرسه عربيه عطاء العلوم رپڙي قرآن پاڪ حفظ مڪمل ڪيو. عربي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ جي مختلف ديني ادارن جو رخ ڪيو. جهڙوڪ مفتاح العلوم عزيزيه پير جو ڳوٺ، جامعه حماديه خيرپور ميرس، مان تعليم حاصل ڪندي آخر ڪار ڪراچي جي مشهور ديني اداري **۲۰۰۸**ء جامعه دارالعلوم ڪراچي مان دوره حديث پڙهي سند يافته عالم بڻجي ويا. فراغت ڪان پوءِ هڪ جامعه احتشاميه جيڪب لائين ڪراچي مان تخصص في الفقه والفتويٰ (فتويٰ جو ڪورس) ڪيائون، جتي پاڻ ماهر ۽ تجربيڪار مفتين جي نگراني ۾ سو ڪان وڌيڪ فتوائون لکيون.
تخصص في الفقه والفتويٰ جو ڪورس ڪرڻ ڪان پوءِ پنهنجي ئي مادر

علمي ۾ بطور مدرس مقرر ٿيا آهن. فراغت کان پوءِ لڳاتار انهيءَ مدرسي ۾ تدريس جا فرائض سرانجام ڏئي رهيا آهن. تدريس سان گڏوگڏ پاڻ فتوائون بہ جاري ڪندا آهن. سندن لکيل ۽ جاري ڪيل فتوائن جو تمام گهڻو تعداد وٽن موجود ۽ محفوظ آهي. ياد رهي تہ فتويٰ جي مزيد سکيا ۽ مشق فقيهہ سنڌ حضرت مولانا مفتي عبدالوهاب چاچڙجن جي نگراني ۾ ڪندا آهن.

سندن مشهور استادن ۾ حضرت مولانا منظور احمد گلال، حضرت مولانا فضل الله ڪانهر، حضرت مولانا امدادالله گلال، حضرت مولانا نعمت الله پنهور، شيخ الاسلام حضرت مولانا مفتي محمد تقي عثماني، حضرت مولانا محمد رفيع عثماني، حضرت مولانا عزيزالرحمٰن، حضرت مولانا مفتي عبدالرئوف سکروي، حضرت مولانا مفتي محمود اشرف عثماني، حضرت مولانا ثناء الله محمود، حضرت مولانا عبدالله حسن زئي ۽ حضرت مولانا مفتي فاروق احمد صاحب شامل آهن.

مولانا اسدالله ناريجو بحيثيت مصنف

جيئن تہ مولانا صاحب جن مضبوط ۽ مستند عالم دين آهن، ان ڪري ڪين لکڻ پڙهڻ جو ڏانءُ طريقو ۽ سليقو بہ اٿن. هتي سندن شايع ٿيل ڪتاب هي آهن.

حقوق والدين. (والدين جي حقوق تي قرآن ۽ حديث، اڪابرين امت جي تعليمات تي مشتمل نهايت ئي بهترين ڪتاب آهي) (۲) **حقوق الزوجين.** (زال ۽ مڙس جي حقن بابت نهايت ئي بي مثال ۽ لاجواب ڪتاب (۳) **المهند علي المفند عقائد علماء ديوبند (۴) زائفان نماز ڪيئن پڙهي، (۵) اولاد جي تربيت ڪيئن ڪجي. (۶) ٽن طلاقن جي شرعي حيثيت. (۷) وياج خورن جو عبرت ناڪ انجام (۸) علم ڪيئن پرائجي (۹) نفس اماره ۽ شيطان کان بچڻ جو آسان طريقو (ترجمو) (۱۰)** والدین کی عظمت کے تڑپا دینے والے واقعات۔ (11) **مرڻ کان پوءِ جيئرو ٿيندڙ جا عبرت ناڪ واقعا** (علامہ ابن جوزيجي ڪتاب من عاش بعد الموت جو سنڌي ترجمو اضافي سان گڏ) (۱۲) **نصاب براءِ معلمين حضرات** (ترجمو) (۱۳) **نصر ربي شرح ايساغوجي** (سنڌي) (۱۴) **مسلمانن جا عقيدا (۱۵) فتاويٰ براءِ خواتين** (تحقيق ۽ تخريج ٻن جلدن ۾)

مفتي خالد محمود جوڻو

03002212612

نوجوان عالم دين قلم ۽ ڪتابن سان چاهہ رکندڙ، اسلامي صحافت ۾ پنهنجا پير ڄمائيندڙ، ماهوار رهبر شريعت حيدرآباد جي ادارت ڪندڙ

نالو ۽ نسب

مفتي خالد محمود جوڻو بن غلام رسول ذات **۱۹۸۲**ء ڏاران ڳوٺ مير محمد جوڻو تعلقہ قاضي احمد ضلع نواب شاهہ ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مير محمد جوڻي تعلقہ قاضي احمد ضلع نواب شاهہ ۾ پرائمري ۽ ناظره قرآن پاڪ پڙهيو، جڏهن حفظ سکر شهر جي مشهور قديمي مدرسي اعزازالعلوم ۾ قاري ڪفايت الله ميمڻ جن وٽ مڪمل ڪيائين، جڏهن تہ درس نظامي جي تعليم سنڌ جي مشهور ۽ قديمي مدرسن ۾ حاصل ڪيائين. جهڙوڪ: جامعہ انوارالعلوم ڪنديارو، جامعہ حفظ القرآن حماديہ خيرپور ميرس، جامعہ دالفيوض سجاول مان تعليم حاصل ڪندي سنڌ جي نهايت ئي قديمي ديني دسگاهہ جامعہ مفتاح العلوم حيدرآباد **۲۰۰۷**ء ۾ درس نظامي جي تڪميل ڪري سند يافتہ مولوي ٿي ويو.

فراغت کان پوءِ پنهنجي ڳوٺ مير محمد جوڻو تعلقہ قاضي احمد ضلع نواب شاهہ ۾ هڪ ديني ادارو نالي دارالعلوم قاسميہ قائم ڪري قرآن پاڪ جي تعليم ڪي عام ڪرڻ لڳو. اتي ڪجهہ سال تعليم ڏيڻ کان پوءِ حيدرآباد ۾ دين جي تعليم سان گڏوگڏ تصنيف ۽ تاليف ۾ اهم ۽ ڀرپور ڪردار ادا ڪري رهيو آهي، سماجي خدمتون بہ قابل تعريف ۽ قابل تحسين آهن.

مفتي خالد محمود جوڻو بحيثيت مصننف

سندن لکيل ڪتابن جو انگ درزن کان وڌيڪ آهي. سندن لکيل ڪتابن مان هي آهن.

شهيد اسلام (شهيد اسلام حضرت علامہ ڈاڪٽر خالد محمود سومري

جي زندگيءَ تي مشتمل بهترين جاندار ڪتاب) شهيد اسلام نمبر (ماهوار رهبر شريعت طرفان شهيد اسلام جي زندگيءَ تي مختلف ليکڪن جي مضمونن جو مجموعو) ماءُ جي عظمت، شرعي پردو، عورت جي عظمت ۽ ان جي ذميداري، مقالات سيرت طيبہ، حضرت ابوبڪرؓ جا سو قصا، حضرت عمرؓ جا سو قصا، حضرت عثمان غنيؓ جا سو قصا، حضرت عليؓ جا سو قصا، حضرت فاطمہ عليها السلام جا سو قصا، حضرت حسنؓ جا سو قصا، حضرت حسينؓ جا سو قصا، حضرت امير معاويہؓ جا سو قصا، حضرت ابو هريرهؓ جا سو قصا، تسهل الصرف، تسهيل النحو، فيوضات قاسمي و خلاصة حسامي (جامع المعقول والمنقول استاذالعلماء حضرت مولانا سائين عبدالغفور قاسمي جي پڙهايل حسامي جي اسباق کي ترتيب ڏئي سوڏي، سموهي سنواري سينگاري ۽ ايڊٽ ڪري شايع ڪيائين)

ان ڪان سواءِ ماهوار رهبر شريعت جا ايڊيٽر پڻ آهن، مخلتف سنڌي اخبارن جهڙوڪ: روزاني سنڌ ايڪسپريس حيدرآباد، روزاني عبرت حيدرآباد، روزاني سڪار ڪراچي ۾ سندن مضمون شايع ٿي چڪا آهن. پاڻ هر وقت لکڻ پڙهڻ جي علمي مشغلي ۾ رڌل رهندا آهن.

مولانا جاويدالرحمٰن ڦل

03033290001

نالو ۽ نسب

مولانا جاويدالرحمٰن ۲۴ آگسٽ ۱۹۸۱ء ڌاران ڦل شهر ضلعي نوشهرو فيروز ۾ پيدا ٿيو.

تعليم ۽ تربيت

مولانا جاويدالرحمٰن ڦل پرائمري تعليم ڦل شهر جي اسڪول ۾ حاصل ڪئي، ميٽرڪ هاءِ اسڪول ۱۹۹۷ء ڦل شهر ۾ حاصل ڪئي، انٽر ڊگري ڪاليج نوشهرو فيروز ۱۹۹۹ء ۾ ڪيائين. جڏهن تہ ديني تعليم سنڌ جي نهايت ئي قديمي مدرسي، مدرسہ عربيہ شمس العلوم ڪرڙاهہ ضلع خيرپور ميرس ۾

تعليم حاصل ڪيائين. پاڻ ديني علم جي شروعات ۽ پڇاڙي بہ انهيءَ مدرسي ۾ ڪيائين، جتي قرآن ۽ حديث، فقهہ ۽ اصول فقهہ، منطق ۽ فلسفو، تاريخ ۽ علم الڪلام سڀني علمن جي تڪميل ڪري پنهنجي وقت جي جيد عالمن جهڙوڪ: استاذالعلماء حضرت مولانا رشيد احمد سومرو، استاذالعلماء حضرت مولانا عبدالرحمٰن صفدر استاذالعلماء حضرت عبدالحق لاشاري، حضرت مولانا عبدالحق ڦل، جن ڪان علم حاصل ڪري آخرڪار ۲۰۰۸ء ڌاران دستار بَنڌي سند يافتہ مولوي ٿي ويو. البت ڪجهہ ٻين عالمن ڪان خاص علم تفسير، نحو ۽ صرف جا دور بہ پڙهيا جهڙوڪ: حضرت مولانا قاري خليل احمد بنڌاڻي جن وٽ تفسير جو علم پڙهيو.

مولانا صاحب بحيثيت مصنف

پاڻ سٺا محقق ۽ مصنف پڻ آهن. سندن بہ ڪتاب ڇپجي منظر عام تي اچي ويا آهن. هڪ "ميڙيل موتي"، ٻيو "ماڻڪ موتي" سندن ڪتاب نهايت ئي محنت ۽ تحقيق سان لکيل آهن. سندن تحقيق ۽ تصنيف جا شاهڪار آهن. سندن ڪتاب ماڻڪ موتي تي ساهتي پرڳڻي جي مشهور عالم دين ڪيترن ئي ڪتابن جي مصنف حضرت مولانا محمد قاسم سومرو صاحب تقريظ ۾ لکن ٿا:

":مولانا جاويدالرحمٰن صاحب، علم پڙهائڻ سان تہ مشغول آهي، تہ ان سان گڏوگڏ تصنيف ۽ تاليف سان پڻ شوق رکي ٿو. فارسي ۾ چوندا آهن:"عطر آن است ڪہ خود ببويد نہ ڪہ عطار بگويد" يعني عطر اهو آهي، جيڪو پاڻ سُرهاڻ پکيڙي. اهو عطر ئي کهڙو جو عطر وارو چوي تہ هيءُ عطر آهي. سو مولوي جاويدالرحمٰن جو هيءُ ڪتاب پنهنجو فائدو پاڻ ئي ڏيکاريندو، آئون ڪتاب لاءِ مفيد چوان يا نہ چوان. الله تعاليٰ مولوي صاحب جي هن ڪتاب کي صدقہ جاريہ ۽ علم ينتفع طور قبول فرمائي. (آمين)" ماڻڪ موتي ڪتاب تي جڳ مشهور عالم دين جي حضرت مولانا محمد قاسم سومرو جن جي تقريظ ۽ تبصرو. ان مان چڱي طرح اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ مولانا جاويدالرحمٰن هڪ بهترين مدرس هئڻ سان گڏو گڏ سٺا مصنف بہ آهن. جنهن جي شاهدي وڏا عالم بہ ڏين ٿا.

انهن ڪتابن ڪان سواءِ ڪافي ڪتاب اڻ ڇپيل جي صورت ۾ وٽن موجود ۽ محفوظ آهن، جيڪي ڇپائيءَ جي انتظار ۾ آهن. جيڪي پنهنجي

وقت تي ضرور شايع ٿي منظر عام تي ايندا ان شاء الله. اڻ ڇپيل ڪتابن ۾ (۱) شمسي شرح پهلي فارسي، (۲) الصدف شرح ارشاد الصرف، (۳) السعي القصير شرح نحومير، (۵) پڇڻا نه منجهڻا. شرعي مسئلن جي سوال جي جوابن ۽ فتوائن جو مجموعو. ان کان سواءِ پاڻ پنهنجي علائقي ۾ سياسي، سماجي ۽ فلاحي ڪمن ۾ مصروف نظر ايندا آهن. پاڻ جمعيت علماء اسلام جا فعال ۽ سرگرم ڪارڪن آهن. پاڻ پنهنجي مدرسي، مدرسه عربيه مخزن العلوم ڦل شهر ۾ صدر مدرس آهي، جتي پاڻ قرآن ۽ حديث، فقه ۽ اصول فقه ۽ ٻين علمن جي تعليم ڏئي رهيا آهن. پاڻ انهيءَ مدرسي، مدرسه عربيه مخزن العلوم جا مهتمم پڻ آهن.

مولانا عبدالسلام سومرو

03003146165

نالو ۽ نسب

مولانا عبدالسلام بن عبدالرزاق ذات سومرو ۲۹ جون ۱۹۸۶ع ڌاران خانپور شهر ۾ پيدا ٿيو.

تعليم ۽ تربيت

دنيوي تعليم هن ريت اٿن. پرائمري جامي خان ڪلهوڙو ۾، ميٽرڪ ۽ انٽر خانپور شهر ۾ ڪيائين، جڏهن ته بي اي، سي اينڊ ايس ڪاليج شڪارپور ۾ ڪيائين ۽ ايل ايل بي ڪراچيءَ جي مشهور ايس ايم لاءِ ڪاليج ۾ ۲۰۱۶ع ڪيائين. سندس ديني تعليم هن طرح آهي، فارسي جي شروعات مشهور عالم دين بزرگ شخصيت حضرت مولانا محمد عمر سهنڊڙي جن وٽ ڪيائين، جڏهن ته وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ جي مختلف ۽ مشهور ديني درسگاهن جو رخ ڪيائين، جهڙوڪ: ارشادالعلوم ڪنڊو واهڻ، جامعه حماديه مظهرالعلوم کهڙا، مدرسه عربيه اشاعت القرآن والحديث دودائي روڊ لاڙڪاڻو ۾ ديني تعليم حاصل ڪندي آخرڪار ڪراچي شهر جي مشهور ديني درسگاهه جامعه اسلاميه ڪلفٽن ۾ دورهءَ حديث ۲۰۰۸ع ڌاران پڙهي سند يافته مولوي ٿي ويو، ان کان پوءِ ڪراچي شهر جي مشهور ديني مدرسه جامعه عمرؓ ٽول پلازه ۾ انگريزيءَ ۾ تخصص ڪيائين.

مولانا صاحب بحيثيت مصنف

پاڻ سٺا مصنف ۽ محقق آهن، سندن قلم مان هڪ ڪتاب انگريزيءَ ۾ امام انقلاب مولانا عبيدالله سنڌيءَ بابت لکيل آهي. ڪتاب نهايت ئي تحقيق ۽ جاکوڙ سان لکيل آهي. جيڪو اڻ ڇپيل جي صورت ۾ آهي، عنقريب شايع ٿي ويندو.

ان کان سواءِ هڪ ڪتاب مفتي اعظم مفتي ڪفايت الله جي ڪتاب تعليم الاسلام جو پڻ سنڌي ترجمو ڪيو آهي، جيڪو حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ ڪراچي پاران شايع ٿي چڪو آهي.

مولانا عبدالسلام جن قرآن پاڪ جو سنڌي ترجمو پڻ ڪيو آهي جنهن کي مشهور اشاعتي اداري سنڌيڪا ڪراچي پاران شايع ڪيو آهي. ان کان سواءِ سندن ڪالم سنڌ جي مشهور رسالن ۾ شايع ٿي چڪا آهن. جهڙوڪ: ماهوار توحيد ڪراچي، ماهوار الفاروق ڪراچي، ٽماهي سومرا سماچار لاڙڪاڻو. ۽ پاڻ ديني تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ ديني مدرسن ۾ تعليم ڏئي چڪا آهن، جهڙوڪ ڪراچيءَ جي مشهور مدسي، مدرسه عربيه فرقانيه قائدآباد ۾ ۽ مدرسي جامعه ڪريميه لي مارڪيٽ ۾ پڻ عربي شعبي تدريسي ۾ خدمتون سرانجام ڏئي چڪا آهن.

مولانا محمد ابوبڪر ڪاڪيپوٽو

03003724993

نالو ۽ نسب

مولانا محمد ابوبڪر بن مولانا عبدالعزيز ڪاڪيپوٽو ڳوٺ دُرويش تعلقي شڪارپور ۾ ۲۰ مئي ۱۹۸۵ ڌاران پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ پنهنجي ئي والد صاحب مولانا عبدالعزيز ڪاڪيپوٽي جن کان حاصل ڪئي. وڌيڪ حفظ قرآن جامعه حماديه مظهر العلوم کهڙا ۾ ۱۹۹۹ع ڌاران مڪمل ڪيائون. عربي تعليم پنهنجي والد حضرت مولانا عبد العزيز ڪاڪيپوٽي وٽ مدرسه شمس

الهدیٰ محمديہ ڳوٺ درويش ڪاڪيپوٽي ۾ شروع ڪيائون. پوءِ سنڌ جي مختلف ديني ادران جهڙوڪ ارشاد القرآن نموهرو، جامعہ اسلاميہ اشاعت القرآن دودائي روڊ لاڙڪاڻومان تعليم حاصل ڪنديسنڌ جي عظيم ديني اداري حماديہ مظهر العلوم منزل گاهہ سکر مان ۲۰۱۰ء ڌاران سڀني علمن جي تڪميل ڪري سند يافتہ مولوي ٿي ويا. سندن مشهور استادن ۾ حضرت عبدالڪريم ڪهڙو ، حضرت مولانا محمد مراد هاليجوي ، حضرت مولانا محمد ابراهيم ڪورائي، حضرت مولانا عبداللطيف مهر، شهيد اسلام حضرت علامہ ڊاڪٽر خالد محمود سومرو ، حضرت مولانا مسعود احمد سومرو، مولانا عبدالحميد ڪُبر، مولانا مفتي غلام رسول عباسي ۽ حضرت مولانا عبدالباسط آرائين شامل آهن.

مولانا صاحب بحيثيت مصنف

پاڻ ديني علوم جي فراغت ڪان پوءِ درس نظامي پڙهائڻ سان گڏوگڏ تصنيف ۽ تاليف بہ ڪن ٿا. سندن شايع ٿيل ڪتاب هي آهن.

(۱) زيارت گنبذ خضراءُ. (۲) قرآن مان علاج.

(۳)احسن التدبير شرح سنڌي نحو مير.

(۴) اصول حديث.

(۵) وياج جي حرمت.

(٦) هدية الحفاظ جنهن ۾ پنج مسئلا بيان ٿيل آهن.

(۷) دعائن جو پس منظر.

ان ڪان سواءِ پاڻ مدرس بہ آهن مدرسہ اصحاب صفہ ۾ مدرس ۽ پنهنجي قائم ڪيل ديني مدرسي، مدرسہ عربيہ عبدالله بن عباس واڳڻو در شڪارپور ۾ صدر مدرس آهن.

مولانا عبدالوهاب (جاويد) شيخ

03003007917

نالو ۽ نسب

مولانا عبدالوهاب (جاويد) بن مولانا امان الله شيخ ۱۴۰۴ بمطابق ۱۹۸۳ء ڌاران نيڙهي ۾ پيدا ٿيا.

تعليم جي شروعات پنهنجي ئي مدرسي مدرسہ عربيہ خضرالهدیٰ حماديہ محموديہ نزد الشيخ هوٽل نيڙهي ۾ ڪيائون.

ڪجھ عرصو جامعہ دينيہ دارالهدیٰ نيڙهي، ذوالحج ڪان پوءِ مرشد الموحدين حضرت مولانا سائين عبدالصمد صاحب هاليجوي جن جي قائم ڪيل مدرسي جامعہ حماديہ خيرالمدارس شادي شهيد روڊ خيرپور ميرس ۾۲۰۰۷ء ڌاران درسن نظامي مڪمل ڪرڻ ڪان پوءِ جي مشهور ديني اداري جامعہ اسلاميہ ڪلفٽن ڪراچيءَ مفتي حبيب الله شيخ جن جي نگراني ۾ تخصص في الفقه (فتویٰ جو ڪورس ڪيو)

سندن مشهور استادن ۾ مفتي اعظم حضرت مولانا سائين مفتي غلام قادر ڪنڊا ڪاهي نوشهرو فيروز وارا، حضرت مولانا علي دوست بروهي صاحب شامل آهن.

مولانا صاحب (جاويد شيخ) بحيثيت مصنف

ديني علوم جي فراغت حاصل ڪرڻ ڪان پاڻ پنهنجي مدرسي خضرالهدیٰ نيڙهي ۾ مدرس هئڻ سان گڏوگڏ تصنيف ۽ تاليف بہ ڪن ٿا. سندن شايع ٿيل ڪتاب هي آهن.

(۱) **مؤمنن جون امڙيون،** جيڪو حضور اڪرمﷺ جن جي بيبين سڳورينجي بابرڪت حياتين تي لکيل آهي.

(۲) **خاتون اول ۽ چار شهزاديون:** حضور اڪرمﷺ جن جي پهرين بيبي سڳوري حضرت بيبي خديجة الڪبریٰ ﷺ ۽ چئني نياڻين حضرت بيبي زينب ﷺ، حضرت بيبي رقيہ ﷺ، حضرت بيبي ام ڪلثوم ﷺ ۽ حضرت بيبي فاطمة الزهرا ﷺ جي بابرڪت حياتي تي لکيل آهي. ڇپائي هيٺ آهي.

(۳) منٽي محبوبﷺ جي راڻي حضرت بيبي عائشہ صديقہﷺ، ڇپائي هيٺ آهي.

(۴) **پيارو پيغمبرﷺ**، ڇپائي هيٺ آهي.

(۵) **سيرت سرور ڪونينﷺ**، ڇپائي هيٺ آهي.

(٦) **ختم نبوت مختصر** (حضرت مولانا مفتي محمد شفيع عثماني) جي لکيل ڪتاب جو سنڌي ترجمو.

باب چوٿون

سياسي اڳواڻن ۽ رهنمائن جو تعارف

هن باب ۾ اسان (جمعيت علماء اسلام جي) سياسي اڳواڻن ۽ رهنمائن جو تعارف پيش ڪنداسون. هن ۾ جن شخصيات جو تعارف هوندو انهن جي نالن جي ترتيب عهدن جي لحاظ کان هوندي. مرڪزي، صوبائي، ضلعي ۽ تعلقي جي عهديدارن جو تعارف ترتيب وار

علامه ڊاڪٽر خالد محمود سومرو

اسان جي دلين جي ڌڙڪن واديءِ مهراڻ جي عظيم اسڪالر، نامور صحافي ۽ خطيب قائد سنڌ حضرت علامه ڊاڪٽر خالد محمود صاحب سومرو **۲۹** نومبر **۲۰۱۴**ء صبح جي نماز پڙهندي شهيد ٿي ويا. پاڻ هميشه پنهنجي تقرير جي شروعات توڙي اختتام تي هي لفظ وڏي واڪي چوندا هئا ته:"اسان شهادت جي موت کي ڳوليندا ٿا وتون". ۽ پڻ پنهنجي آخري تقرير ۾ شهادت جي تمنا ظاهر ڪيائون ۽ شهيد ٿي پيتائيءَ جي هن سٽ جو:" مري ٿيا نه مات" مصداق بڻجي ويا. حضرت علامه ڊاڪٽر خالد محمود سومرو شهيد رحه جي زندگيءَ جا مختلف پهلو آهن. سندن هر پهلوءَ تي ڪتاب لکجي سگهجي ٿو.

هتي پڙهندڙن جي خدمت ۾ سندن تعارف ۽ ڪيل خدمتن جي هڪ جهلڪ پيش ڪجي ٿي.

حضرت علامه ڊاڪٽر خالد محمود شهيد **۷** مئي **۱۹۵۹**ء ڌاران استاذالعلماء حضرت مولانا علي محمد حقاني جي گهر لاڙڪاڻي کان چار ميل فاصلي تي عاقل نالي ڳوٺ ۾ پيدا ٿيا ۽ سندن والد گرامي حضرت مولانا علي محمد حقاني پنهنجي ڳوٺ عاقل ۾ ئي ديني مدرسو کوليو هو، پر ڪن سببن جي ڪري تقريبا **۱۹۶۹**ء ۾ لاڙڪاڻي شهر آيا ۽ لاڙڪاڻي شهر جي دودائي روڊ تي "جامعه اسلاميه اشاعت القرآن والحديث" جو بنياد رکيو، جيڪو اڳتي هلي سنڌ جي ديني مدرسن ۾هڪ عظيم ديني مدرسو ثابت ٿيو. جنهن ۾ هن وقت تائين ڪيترائي عالم ۽ حافظ ٿي نڪتا آهن.

حضرت علامه ڊاڪٽر خالد محمود سومرو شهيد جن ابتدائي تعليم پنهنجي والد حضرت مولانا علي محمد حقاني جن کان حاصل ڪئي. پنهنجي ڳوٺ کان ابتدائي تعليم پاس ڪري ميٽرڪ گورنمينٽ هائر سيڪنڊري لاڙڪاڻي کان**۱۹۷۴**ء ۾ حاصل ڪئي ۽ انٽر **۱۹۷۶**ء ۾ ، جڏهن ته ايم بي بي ايس چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج لاڙڪاڻي مان **۱۹۸۳**ء ۾ ان وقت جڏهن جنرل ضياء الحق جي خلاف ايم آر ڊي جي تحريڪ وڏي زور ۽ شور سان هلي رهي هئي ته ان تحريڪ ۾ حضرت علامه ڊاڪٽر خالد محمود

سومري شهيد جن به اهم ۽ سرگرم ڪارڪن هئا، وقت جي ظالم حڪمرانن کي حضرت علامه ڊاڪٽر خالد محمود سومري شهيد جي آزادي برداشت نه ٿي ته کين فائينل امتحان دوران گرفتار ڪيو ويو. ڪجھ وقت لاڙڪاڻي جيل ۾ رکڻ کان پوءِ سکر سينٽر جيل آندو ويو، جيل ۾ به ديني تعليم کي جاري رکيائون، استاذالعلماء حضرت مولانا غلام قادر پنهوار جن وٽ درس نظامي جا ڪتاب پڙهيا، ۽ ڊاڪٽر صاحب جن پنهنجو فائينل امتحان گرفتاريءَ جي دوران ئي پورو ڪيو، پاڻ دنيوي تعليم سان گڏوگڏ ديني تعليم به مسلسل جاري رکي فراغت کان پوءِ ڪجھ وقت چانڊڪا ميڊيڪل ۾ هائوس جاب ڪئي.

ان کان سواءِ حضرت علامه ڊاڪٽر خالد محمود شهيد جن سنڌ يونيورسٽي مان اسلامي ڪلچر ۾ ماسٽر جي ڊگري فرسٽ پوزيشن ۾ حاصل ڪئي ۽ انٽر نيشنل اسلامي يونيورسٽي اسلام آباد مان امامت جو ڪورس ڪيو ۽ امتحان ۾ پوزيشن ڪٽڻ جي ڪري يونيورسٽي پاران اعزازي طور تي عمرو ڪرايو ويو. ۽ الازهر يونيورسٽي قاهره مصر مان "تقابل اديان" جو ڪورس ڪيو. طالب علمي واري زماني ۾ پاڻ شاگردن جي تنظيم (جمعيت علماء اسلام جي ذيلي تنظيم) جمعيت طلباء اسلام ۾ پنهنجي سياسي ڪم جي شروعات ڪئي. جيئن ته جمعيت طلباء اسلام ۾ به حضرت علامه ڊاڪٽر خالد محمود سومرو جن جو ڪردار بهترين هو، ان ڪري فراغت کان پوءِ جمعيت علماء اسلام ۾ به پنهنجا جوهر ڏيکارڻ شروع ڪيا، ٿوري ئي وقت ۾ جمعيت علماء اسلام صوبي سنڌ جا جنرل سيڪريٽري چونڊجي ويا. (شهادت کان پوءِ سندن لائق ۽ فائق فرزند حضرت مولانا راشد محمود کي صوبي سنڌ جو جنرل سيڪريٽري چونڊيو ويو آهي)

ڊاڪٽر صاحب جي زندگيءَ جي مختلف پهلوئن ۽ رخن تي سرسري جهلڪ پيش ڪجي ٿي.

ڊاڪٽر صاحب جن بحيثيت خطيب

ڊاڪٽر صاحب پنهنجي پڙهائي جي زماني کان وٺي شهادت تائين مختلف علائقن توڙي ٻاهرين ملڪن ۾ وڃي دين اسلام جي تبليغ ڪرڻ خاطر ڏينهن رات، صبح ۽ شام تقريرون ڪندي پيئي نظر آيا، اچ سکر، سيهاڻي شڪارپور، وري خبر پوندي هئي ته ڊاڪٽر صاحب جن تبليغ جي

سلسلي ۾ پرڏيھ ويل آهن. مطلب تہ جهد مسلسل سان دين اسلام جي تبليغ ڪري ماڻهن کي گهر گهر اسلام جو پيغام پهايو. حضرت علامہ جن هر موضوع تي بي شمار تقريرون ڪيون آهن. جيڪي ريڪارڊ ۾ محفوظ آهن. سندن تقريرون سندن ئي رسالي ماهوار “صراط مستقيم” ۾ سندن زندگيءَ ۾ شايع ٿيڻ شروع ٿي ويون هيون. سندن تقريرن تي تيزيءَ سان ڪم ٿي رهيو آهي. ان شاء اللّٰہ سنت ئي لائق فرزند علمي جانشين حضرت مولانا ناصر محمود سومرو انهن تقريرن کي “خطبات محمود” جي نالي سان ڇپرائيندا. ٿي جلد شايع ٿي منظر عام اچي ويا آهن.

ڊاڪٽر صاحب بحيثيت سياسي رهنماء

حضرت علامہ ڊاڪٽر خالد محمود سومرو شهيد جمعيت طلباء اسلام کان وٺي جمعيت علماء اسلام جا صوبائي سيڪريٽري جنرل جي اهم عهدي تي رهي ملڪي سطح جا ليڊر ثابت ٿيا. ان حوالي سان سياسي ۽ ملڪي صورتحال بابت رايا، تجزيا ۽ تبصرا نهايت ئي ڪارائتا هوندا آهن، سياسي ڪرنٽ اشوز تي ڳالهائڻ جي قدرتي ڏات جا مالڪ هئا. سياسي راين ۽ تجزين بابت مختلف اخبارن، رسالن توڙي اليڪٽرانڪ ميڊيا ۾ انٽرويوز جي صورت ۾ تمام گهڻو مواد ٽڙيل پکڙيل آهي، اهو بہ ريڪارڊ تي محفوظ آهي.

ڊاڪٽر صاحب بحيثيت مهتمم مدرسہ

حضرت علامہ ڊاڪٽر خالد محمود شهيد جيئن تہ ڪيترن ئي خوبين سان مالا مال هئا، پاڻ هڪ اعليٰ پائي جا مهتمم پڻ هئا. پاڻ پنهنجي اداري جامعہ اسلاميہ اشاعت القرآن والحديث جي سڀني طالبن توڙي استادن سان تمام گهڻو پيار ڪندا هئا، هر هڪ طالب کي پنهنجي اولاد جيان سمجهندا هئا، انهيءَ ڪري مدرسي جا طالب حضرت علامہ ڊاڪٽر خالد محمود سومري شهيد جن کي ادب، پيار ۽ محبت سان “پائو خالد” يا “پائو وڏو” ڪري سڏيندا هئا. حضرت علامہ ڊاڪٽر خالد محمود سومري شهيد جن بہ طالبن تي هر قسم جي سخا ڪندا هئا، ڪڏهن ڪڏهن ائين ٿيندو هو جو حضرت علامہ ڊاڪٽر خالد محمود سومري شهيد جن سڀني طالبن کي گهرائي انهن کي پئسا ۽ ٻيا تحفا ۽ سوکڙيون ڏيندا هئا. ان کان سواءِ

حضرت علامہ ڊاڪٽر خالد محمود سومري شهيد جن پنهنجي مدرسي ۾ هر خميس جي ڏينهن طالبن جي سکيا لاءِ تقريرن جو مقابلو ڪرائيندا هئا، جيڪي طالب پوزيشن کٽندا هئا تہ انهن کي سوکڙيون پاڪڙيون ڏئي انهن جي همت افزائي ڪندا هئا.

ڊاڪٽر صاحب بحيثيت ليکڪ

جيئن حضرت علامہ ڊاڪٽر خالد محمود سومرو شهيد جن تقرير جا ماهر هئا، ائين ئي پاڻ تحرير جي ميدان جا شهسوار هئا. پاڻ مختلف رسالن جهڙوڪ: ماهوار الفاروق ڪراچي، (اردو ۽ سنڌي) ماهوار شريعت سکر، ماهوار نصرة العلوم گوجرانوالہ، هفت روزه ختم نبوت ڪراچي، ۽ مختلف اخبارن جهڙوڪ: روزاني جنگ ڪراچي، روزاني ڪاوش حيدرآباد، روزاني سوڀ حيدرآباد، ۾ مختلف وقتن توڙي ڪرنٽ اشوز تي تمام گهڻو لکيو آهي.

مولانا سائين عبدالقيوم هاليجوي

03003139873

هاليجي شريف جي تاريخ لکجي تہ ان ۾ جيڪڏهن حضرت مولانا سائن عبدالقيوم هاليجوي مد ظلہ مرڪزي نائب امير جمعيت علماء اسلام جن جو ذڪر خير نہ ڪجي تہ آئون سمجهان ٿو تہ هاليجي شريف جي تاريخ اڻ پوري ۽ نامڪمل رهجي ويندي. ان ڪري هتي حضرت مولانا سائين عبدالقيوم دامت برڪاتهم العاليہ جو تعارف پيش ڪجي ٿو.

نالو ۽ نسب

حضرت مولانا عبدالقيوم بن حضرت مولانا سائين حافظ محمود اسعد درگاه عاليہ قادريہ راشديہ ۾١٩٦٠ء ڌاران پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

پاڻ جيئن تہ هڪ علمي، مذهبي ۽ روحاني گهراڻي ۾ پيدا ٿيا،

حضرت مولانا سائين عبدالقيوم هاليجوي جن پنهنجي تعليم جي شروعات درگاهه عاليه قادريه راشديه هاليجي شريف مان ڪئي. وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ جي مختلف ۽ مشهور ديني ادران جهڙوڪ: مدرسه عربيه تعليم الدين پرياڻوءِ ضلع خيرپور ميرس، مدرسه مدينة العلوم پنو عاقل ضلع سکر ۾حاصل ڪرڻ کان پوءِ ۱۹۸۱ع ڏاران سڀني علمن جي تڪميل ڪري حديث جا سڀئي ڪتاب پڙهي مڪمل عالم دين ٿي ويا. ان کان سواءِ پاڻ دوره تفسير حضرت مولانا عبدالغني جاجروي جن پڙهيا. جن مشهور استادن کان علم پرايو آهي اهي آهن: حضرت مولانا سائين محمد عمر سهندڙو، حضرت مولانا شبير احمد پٽو، حضرت مولانا نثار احمد پٽافي، حضرت مولانا عبدالحڪيم ۽ حضرت مولانا عبدالحميد مهر.

مولانا صاحب بحيثيت استاد

جيئن ته حضرت مولانا سائين عبدالقيوم هاليجوي دامت برڪاتهم العاليه پنهنجي تعليم جي شروعات درگاهه عاليه قادريه راشديه هاليجي شريف مان ڪئي هئي، ان ڪري پنهنجي تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي مادر علميءَ ۾ دين جي جوت جلايائون ڪيترن علم جي اڃارن کي سيراب ڪيو. جماعتي ۽ سياسي مصروفيتن جي ڪري پاڻ هن وقت پڙهائن نٿا، البت پاڻ هر وقت هر گهڙي تنظيمي ۽ جماعتي ذميوارين کي چڱي طرح نڀائي رهيا آهن، حضرت مولانا سائين عبدالقيوم دامت برڪاتهم العاليه جن مرڪزي نائب امير جي حيثيت سان جماعتي ڪاز تي ڀرپور نموني ڪردار ادا ڪري رهيا آهن.

مولانا صاحب بحيثيت خطيب

جيئن ته حضرت مولانا سائين عبدالقيوم هاليجوي دامت برڪاتهم العاليه جن پنهنجي اسلاف جي نشاني ۽ جمعيت علماء اسلام جا مرڪزي ليڊر به آهن، ان ڪري پاڻ ٻين سڀني خوبين سان گڏ خطابت جا به ڌڻي آهن. سندن تقريرون سياسي به هونديون اٿن ته مذهبي به هونديون، عام جلسن توڙي ڪانفرنسن ۾ خطاب ڪندا آهن ته جمعن ۾ به خطاب ڪندا آهن. تقرير ۾ رنگ ۽ ڍنگ پنهنجي وڏڙن وانگر اٿن. نهايت جامع ۽ اثرائتي تقرير ڪندا آهن. تقرير ۾ جوش ۽ جذبو به سمايل هوندو آهي ته

وري ڪڏهن سريلي آواز سان تقرير ڪري مجمع تي ڇانئجي ويندا آهن. بهرحال جيئن حضرت مولانا سائين عبدالقيوم هاليجوي دامت برڪاته العاليه جن ٻين انيڪ خوبين جا مالڪ آهن اتي تقرير جي ميدان جا پڻ شهسوار آهن.

مولانا سائين عبدالقيوم بحيثيت سياسي اڳواڻ

سندن والد بزرگوار حضرت مولانا سائين حافظ محمود اسعد جن جمعيت علماء اسلام جي ابتدائي ماڻهن مان هئا، ان ڪري حضرت مولانا سائين عبدالقيوم دامت برڪاتهم العاليه جن کي سياسي تربيت به پنهنجي وڏڙن کان ملي آهي. پاڻ پڙهائي جي زماني ۾ جمعيت علماء اسلام جي ذيلي شاگردن جي تنظيم جمعيت طلباء اسلام ۾ شامل ٿي پنهنجي سياسي ڪيرئر جي شروعات ڪئي. پنهنجي تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ باقاعده طور تي جمعيت علماء اسلام ۾ شامل ٿي پنهنجي وڏڙن جي نقش قدم تي هلي پنهنجون سڀ صلاحيتون جمعيت علماء اسلام کي مظبوط ڪرڻ ۽ جماعتي ڪم کي عام ڪرڻ لاءِ وقف ڪري ڇڏيون آهن. انهن تنظيمي صلاحيتن ۽ فڪرن کي اڳيان رکندي سکر جي مجلس عمومي ڪين ۱۹۹۰ع ضلعي سکر جو جنرل سيڪريٽري جي عهدي تي مقرر ڪيو. مسلسل ٽي ڀيرا انهيءَ عهدي تي رهي جماعتي پروگرام ۽ ڪاز کي عام ڪيو. جڏهن ته ۲۰۰۲ع کان مسلسل ضلعي سکر جا امير ٿيندا اچن ٿا. ان کان سواءِ پاڻ جمعيت علماء اسلام صوبائي نائب امير پڻ آهن. ۱۹۹۰ع ۽ ۲۰۱۰ع ۾ مرڪزي شوريٰ جا رڪن ۽ ۲۰۱۴ع ۾ مرڪزي نائب چهارم امير ٿيا آهن. ان کان سواءِ ۱۹۹۰ع ۽ ۱۹۹۳ع ۾ ضلعي گهوٽڪي مان قومي ۽ صوبائي سيٽ تي جماعت جي طرفان اليڪشن ۾اٿيا ۽ ظالمن جون ننڊون حرام ڪري ڇڏيائون. جڏهن ته ختم نبوت ۽ ايم آرڊي جي تحريڪن ۾ قائدانه ڪردار ادا ڪيو. انهن تحريڪن ۾ حصو وٺڻ جي ڪري ڪين جيل به وڃڻو پيو، پر پنهنجي پروگرام ۽ مشن کان تر جيترو به نه هٽيا. ۽ ڪارڪن کي هي پيغام ڏنائون ته ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ، شهر شهر، ڳوٺ ڳوٺ ۾ جمعيت جي پيغام کي عام ڪريو. دعا آهي ته الله تعاليٰ حضرت سائين عبدالقيوم هاليجوي دامت برڪاتهم العاليه جن جي عمر دراز فرمائي آمين.

قائد سنڌ علامہ راشد محمود سومرو

03336660003

حضرت علامہ ڊاڪٽر خالد محمود سومري جو سياسي جا نشين سندن سياست جي ميدان ۾ صحيح معنيٰ ۾ ترجماني جو حق ادا ڪندي حقاني عالمن جو بول بالا ڪري ڇڏيو اٿس، هتي سندس تعارف پيش ڪجي ٿو.

نالو ۽ نسب

علامہ راشدمحمود بن علامہ ڊاڪٽر خالدمحمود بن علامہ علي محمد حقاني ذات سومرو.

پيدائش

سندن پيدائش لاڙڪاڻي شهر ١٩ ٠٦ ١٩٨٤ع رمضان شريف جي ١٩ تاريخ هئي.

تعليم ۽ تربيت

جيئن تہ حضرت علامہ راشد محمود صاحب جن هڪ علمي ۽ روحاني گهراڻي جا چشم ۽ چراغ آهن، ان ڪري سندن ابتدائي تعليم دنيوي پنهنجي آبائي ڳوٺ عاقل ۾ گورنمنٽ پرائمري ۾ پنج پاس ڪري وڌيڪ تعليم گورنمنٽ هائر سيڪنڊري اسڪول لاڙڪاڻو، شاه عبداللطيف يونورسٽي خيرپور ۾ پولٽيڪل سائنس ۾ ماسٽر جي ڊگري حاصل ڪئي. ديني تعليم جي شروعات پنهنجي گهر کان ئي ڪئي. قرآن پاڪ ناظره ۽ فارسيءَ جا ابتدائي ڪتاب پنهنجي عظيم ڏاڏي استاذالعلماء حضرت مولانا علي محمد حقانيجن وٽ پڙهيائون. ان کان پوءِ وڌيڪ ديني تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ڪراچيءَ جي مشهور ديني درسگاهن جو رخ ڪيو. جهڙوڪ جامعہ بنوريہ سائٽ ڪراچي مفتي محمد نعيم صاحب جي مدرسي ۾ پنج سال لڳاتار ثانيہ (ٻئي درجي) کان خامسہ (پنجين درجي) تائين تعليم حاصل ڪئي. ان کان پوءِ علامہ راشدخالد محمود صاحب جن سادسہ (ڇهين درجي) کان دورهءِ حديث (آخري درجي تائين) ڪراچيءَ جي نهايت

ئي عظيم ديني درسگاه جامعة العلوم الاسلاميہ بنوري ٽائون ۾ پڙهي سن ٢٠٠٧ع ڌاران سڀني علمن جي تڪميل ڪري سند يافتہ مولوي ٿي ويا. ان کان سواءِ پاڪستان ۽ ٻين ملڪن جي عالمن کان ڪين اعزازي طور سند اجازت حديث پڻ مليل اٿن. جهڙوڪ: قائد جمعيت حضرت مولانا فضل الرحمن صاحب دامت برڪاتهم، استاذالعلماء حضرت مولانا سائين عبدالغفور قاسمي ، حضرت مولانا پير ذوالفقار احمد نقشبندي دامت براڪاتهم، استاذالعلماء حضرت مولانا مرغوب الرحمن دارالعلوم ديوبند انڊيا، استاذالعلماء حضرت مولانا عبدالحميد سائوٿ آفريڪا ۽ ٻين ڪيترن ئي عالمن کان ڪين اعزازي طور تي اجازت حديث مليل آهي، اهو سندن اعزاز آهي، جو وڏن ۽ برک عالمن حضرت علامہ راشد محمود جن تي اعتماد ڪندي ڪين حديث جي اجازت ڏنائون.

بيعت

علامہ راشدمحمود صاحب جن بہ پهريون حضرت مولانا خواجہ خان محمد ڪنديان شريف وارن سان بيعت ڪئي، سندن وفات کان پوءِ سائوٿ آفريڪا جي مشهور ۽ روحاني بزرگ حضرت مولانا عبدالحميد صاحب جن جي هٿن تي بيعت ڪئي.

علامہ راشد محمود بحيثيت سياسي ليڊر

فراغت کان پوءِ سندن زندگيءَ ٻيو دور سياست ۾ حصو آهي، ڇاڪاڻ تہ سندن والد شهيد اسلام علامہ ڊاڪٽر خالد محمود سومرو جن سياست جي ميدان ۾ شهسوار هئا، ان ڪري ان جا اثر ۽ ڪرٽا سندن اولاد تي پيا، حضرت علامہ راشدمحمود شاگردي واري زماني ۾جمعيت علماء اسلام جي ذيلي تنظيم جمعيت طلباء اسلام لاڙڪاڻي شهر ۾ ڀرپور نموني ڪردار ادا ڪيو، ان ڪري ڪين جمعيت علماء اسلام ۾ ڪم ڪرڻ جا وڌيڪ موقعا مليا. پاڻ جميعت علماء اسلام ضلعي لاڙڪاڻي مارچ ٢٠١٤ع جا امير بڻيا، جيئن تہ ٢٩ نومبر ٢٠١٤ع تي هڪ عظيم حادثو ٿيو، جنهن ۾ حضرت علامہ ڊاڪٽر خالد محمود سومرو صاحب جن تي بزدلاڻو ۽ قاتلاڻو حملو ٿيو، جنهن ۾ علامہ ڊاڪٽر خالد محمود سومرو صاحب شهادت ماڻي سڄي جماعت کي يتيم ڪري ويو. جيئن تہ ڊاڪٽر صاحب جن اسان کان وڇڙيا

ضرور آهن، پر وسريا نہ آهن. سندن شهادت کان پوءِ جماعت جي متفقہ فيصلي سان جماعت جا صوبائيسيڪريٽري جنرل منتخب ٿي پنهنجي عظيم والد جي جانشيني جو حق ادا ڪري رهيا آهن.پاڻ پنهنجي عظيم والد جيان هر ميدان تي جاکوڙ ۽ جتن ڪري رهيا آهن. حضرت علامہ جن هر صوبائي اجلاس ۾ بهادرانہ ۽ جرئت واري انداز ۾ نظر ايندا آهن. ننڍي عمر هجڻ جي باوجود صوبائي سڄي باڊي تي حاوي نظر ايندا آهن. سندن رايا توڙي فيصلا وڏي اهميت رکندا آهن. مون ڪي صوبائي جي عمومي اجلاسن ۾ اعزازي طور تي شريڪ ٿيڻ جو اعزاز حاصل آهي. هي بہ علامہ راشد محمود جن جو ئي ڪردار آهي جو سندن والد صاحب جي پوکيل ٻوٽي کي پنهنجو پگهر ۽ رت ست ڏئي آبياري ڪري رهيا آهن. جهر جهنگ ۾ سندن جلوا پيا نظر اچن ٿا.

علامہ راشد محمود بحيثيت خطيب

جيئن تہ حضرت علامہ راشد محمود صاحب جن کي خطابت، سياست سيادت قيادت ۽ شجاعت جو سبق پنهنجي عظيم والد کان ئي مليو آهي، ان ڪري پاڻ انهن سڀني خوبين سان مالا مال آهن. جيڪي سندن عظيم والد حضرت علامہ ڊاڪٽر خالد محمود صاحب سومرو جن ۾ هيون. ان ڪري پاڻ هڪ خطيب جي حيثيت سان بہ سڃاتا ويندا آهن. روزاني سندن ڪيترائي پروگرام هوندا آهن. ديني ۽ سياسي، ملڪي ۽ غير ملڪي حالات تي گهري نظر رکندا آهن. سندن خطابت جو انداز نهايت بهترين وڻندڙ هوندو اٿن. سندن خطابت ۾ پنهنجي عظيم والد صاحب جون جهلڪيون ڏسڻ ۽ پسڻ ۾ ايندڀون آهن.

علامہ راشد محمود بحيثيت ڪالم نگار

پاڻ بهترين ڪالم نگار پڻ آهن. اسان کي سندن پهريون ڪالم ۽ مضمون پنهنجي والد صاحب جن جي زندگيءَ تي مليو ٿو. جيڪو اردو ۾ ماهوار الجمعيت ۾ ڇپيو هو. جنهن جو عنوان هو "*ميرے محسن ميرے والد*"جنهن جو مون سنڌي ۾ ترجمو ڪري مفتي خالد محمود صاحب جوٽي جي رسالي ماهوار رهبر شريعت جي خاص ايڊيشن ۾ شايع ڪرايو هو. ان کان سواءِ پاڻ مختلف وقتن مختلف اخبارن ۾ ملڪي ۽ غير ملڪي مسئلن

تي لکندا رهندا آهن. ڪرنٽ اشوز تي سندن ڪالم ۽ مضمون اخبارن جي زينت بڻيل رهندا آهن.. مضمونن ۽ ڪالم نگاري کان سواءِ پاڻ پنهنجي عظيم والد جيان سنڌ جي ليکڪن جي ڪتابن تي تقريظون پڻ لکندا آهن. ائين منهنجي هڪ ڪتاب "نبوي جهنڊو (جمعيت جو جهنڊو) حديثن جي روشنيءَ ۾" هڪ شاندار ۽ تاريخي تقريظ لکي منهنجي حوصلہ افزائي فرمايائون.

علامہ راشد محمود بحيثيت سماجي ورڪر

حضرت علامہ راشد خالد محمود صاحب جن جيئن تہ هڪ سياسي ليڊر ۽ رهنماء پڻ آهن. ان ڪري سياسي ليڊر لاءِ هي ڳالهہ نهايت ئي اهميت واري هوندي آهي تہ هو پنهنجي ڪارڪنن توڙي عام ماڻهن سان سٺو ۽ بهترين سلوڪ رکي. حضرت علامہ راشد خالد محمود جن جيئن تہ پنهنجي ڪارڪنن سان سٺي ۽ سهڻي طريقي سان پيش ايندا آهن. ان ڪري پاڻ هرهڪ ماڻهو سان بہ سٺي طور طريقي سان پيش ايندا آهن. غريب ۽ ڏتڙيل عوام جي ڀرپور امداد ڪندا آهن. پاڻ پنهنجي عظيم والد صاحب جي قائم ڪيل سماجي ۽ سوشل اداري "المحمود ويلفيئر سوشل ٽرسٽ" پاران هر سال غريب عوام جي ڀرپور امداد ڪندا رهن ٿا. هر سال هزارن ۽ لکن روپين جي ماليت جو راشن ۽ ٻيو سامان تقسيم ڪري غريب عوام جي ڀرپور خدمت ڪرڻ ۾ پاڻ ملهائي رهيا آهن. ان کان سواءِ غريب عوام جي روزگار جي لاءِ روزگار مهيا ڪرڻ لاءِ انهن جون گهربل ضرورتون پوريون ڪندا رهن ٿا. جنهن کي هاڻوڪي توڙي ايندڙ نسل سونهري لفظن ۾ ضرور ياد ڪندي.

حضرت علامہ جن جا غير ملڪن ۾ ڪيل سفر

حضرت علامہ راشد خالد محمود صاحب جن تبليغي ۽ جماعتي حوالي سان بہ ڪيترن ئي مشهور ۽ اهم غير ملڪن جا سفر ڪيا آهن. اهي هي آهن. سعودي عرب. بحرين. عمان. قطر. دبئي. سائوٿ آفريڪا. جاپان. چائنا. هانگ ڪانگ. سينگاپور. ملائيشا. ٿائيليند. آمريڪا. سوئزرليند. انهن ملڪن ۾ حضرت علامہ جن دين مبين جي تبليغ جي سلسلي پنهنجو سکو ڄمائي چڪا آهن.

هي هو حضرت علامہ جن جو مختصر تعارف ان کان سواءِ حضرت علامہ جن جون ٻہ شاديون آهن. جنهن مان حضرت جن کي ٽي نياٽيون ۽ ٽي پٽ آهن پٽن جا نالا هي آهن:

(۱) ارشد محمود، (۲) اسجد محمود، (۳) اسعد محمود.

مولانا عبدالڪريم عابد

03332111895

قائد ڪراچي، ڪراچي شهر جي قيادت ۽ سيادت جي واڳ سنڀاليندي نظر اچن ٿا. پاڻ هڪ پاسي سياسي اڳواڻ آهن تہ ٻي پاسي سماجي ۽ فلاحي ڪمن ۾ جاکوڙ ۽ جتن ڪندي نظر اچن ٿا.

نالو ۽ نسب

مولانا عبدالڪريم عابد بن عبدالحڪيم نيلي شنگ ضلع بٽگرام جون ۱۹۵۴ء ڌاران پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

پرائمريتعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪري درس نظامي پنهنجي علائقي جي مختلف مدرسن مان تعليم حاصل ڪري جامعہ فرقانيہ راولپنڊي ۾ مولانا عبدالحڪيم جن موقوف عليہ تائين پڙهي ڪراچي جو رخ ڪيو ۽ ۱۹۸۳ء ڌاران ڪراچي جي مشهور ۽ قديمي ديني درسگاهہ جامعہ فاروقيہ شاهہ فيصل ڪالوني ۾ داخل ٿي پنهنجي وقت جي محدث حضرت مولانا سليم الله خان جن وٽ دوره حديث پڙهي سند يافتہ مولوي ٿي ويا.

مولاناصاحب بحيثيت سياسي اڳواڻ

سياسي طور تي جمعيت علماء اسلام سان تعلق ڪين وارثت ۾ ملي آهي، ڇاڪاڻ تہ سندن تعلق هڪ نيڪ ۽ ديندار گهراڻي سان آهي. طالبي زماني ۾ جمعيت علماء اسلام سان نظرياتي تعلق مضبوط ٿي ويو. ان ڪري ديني علوم جي فراغت کان پوءِ پاڻ درس ۽ تدريس، امامت ۽

خطابت سان گڏوگڏ جمعيت علماء اسلام جي پليٽ فارمسان اسلام جي نفاذ جي لاءِ پاڻ کي وقف ڪري ڇڏيو آهي. پاڻ پهريون ڀيرو ۱۹۸۹ء ڌاران ڪراچي شرقي جا امير منتخب ٿيا. ۱۹۹۰ء کان لڳاتار صوبائي نائب ٿيندا اچن ٿا. جڏهن تہ ۱۹۹۹ء ۾ صوبائي سيڪريٽري اطلاعات ۽ انهيءَ دوران جمعيت علماء اسلام ڪراچي ڊويزن جي رابطہ ڪميٽي جا چيئرمين جي عهدن تي رهي چڪا آهن. ۽ ۲۰۰۶، ۲۰۱۰ء ۽ ۲۰۱۴ء ۾ مرڪزي شوريٰ جا رڪن بہ مقرر رهي چڪا آهن.

مولانا سعود افضل هاليجوي

03337100578

نالو ۽ نسب

مولانا سعود افضل بن فقيهہ العصر مولانا محمد مراد ذات انڙ ۱۹۸۰ء ڌاران پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

جيئن تہ مولانا سعود افضل صاحب جن هڪ عظيم اسلامي اسڪالر جڳ مشهور عالم دين فقيهہ العصر حضرت مولانا محمد مراد صاحب انڙ هاليجوي جن جا چشم ۽ چراغ آهن. پاڻ سڄو علم پنهنجي عظيم والد استاذالعلماء حضرت مولانا محمد مراد هاليجوي جن وٽ ۽ ڪجهہ ٻين مشهور عالمن جهڙوڪ: حضرت مولانا محمد قاسم ملتاني ، حضرت مولانا حضورالدين بروهي، حضرت مولانا محمد ابراهيم ڪورائي، حضرت مولانا علي محمد سهنڊڙو ۽ حضرت مولانا عبدالحڪيم پناڻ صاحب جن کان سيني علمن جي تڪميل ڪندي جامعہ حماديہ مظهرالعلوم منزل گاهہ سکر ۲۰۰۲ء ڌاران دستار بَنڌي سند يافتہ مولوي ٿي ويا، ياد رهي تہ پاڻ فتويٰ جو ڪورس بہ انهيءَ مدرسي ۾ ڪيو.

مولانا سعود افضل بحيثيت مدرس

پاڻ پنهنجي عظيم والد فقيهہ العصر مولانا محمد مراد هاليجوي جن

جي قائم ڪيل اداري جي آبياري ڪري رهيا آهن. پاڻ انهيءَ مدرسي ۾ صدر مدرس ۽ استاد آهن. جتي پاڻ قرآن ۽ حديث، فقه ۽ اصول فقه، تاريخ، منطق ۽ فسلفو پڙهائي رهيا آهن. پاڻ انهيءَ مدرسي ۾ شيخ الحديث جي منصب تي پڻ فائز آهن.

مولانا سعود افضل بحيثيت خطيب

مولانا سعود افضل صاحب مدرس، مفتي هئڻ سان گڏوگڏ اعليٰ پائي جا خطيب پڻ آهن. پاڻ خطابت جي ميدان جا به شهسوار آهن. دين جي تبليغ جي حوالي سان پاڻ الله تعاليٰ ۽ سندس رسول ڪريمﷺ جي پيغام کي سنڌ، بلوچستان ۾ دين جي تبليغ جو حق ادا ڪري رهيا آهن. پاڻ هن حديث "بلغوا عني ولو آية" جو عملي تفسير نظر اچي رهيا آهن.

مولانا سعود افضل بحيثيت سياسي رهنماء

پاڻ سياسي رهنماء پڻ آهن. پاڻ شاگردي واري دور ۾ جمعيت علماء اسلام جي ذيلي جماعت جمعيت طلباء اسلام ۾ ڀرپور ۽ نمايان ڪردار ادا ڪيو، انهيءَ ڪري ڪين جمعيت علماء اسلام ۾ به ڪم ڪرڻ ۽ جوهر ڏيکارڻ جو موقعو مليو. پاڻ جمعيت علماء اسلام ضلعي نائب امير ۽ سٽي سکر امير رهڻ کان پوءِ صوبائي ناظم ماليات ۽ هن وقت پاڻ صوبائي ڊپٽي سيڪريٽري هئڻ سان گڏوگڏ مرڪزي شوريٰ جاميمبر پڻ آهن.

مولانا مفتي احسان الله ڳمڀير

03003110620

نالو ۽ نسب

مولانا احسان الله ولد محمد علي ذات ڳمڀير ڳوٺ پير منگيو ۾ سندن ولادت ۱۹۷۳ء ڌارن ٿي.

تعليم

پرائمري پنهنجي ڳوٺ ۾ پاس ڪري ديني تعليم جي شروعات به

قرآن پاڪ جي ناظره پنهنجي ڳوٺ ۾ پڙهي وڌيڪ حفظ جي لاءِ ٺيڙهيءَ جي مشهور مدرسي دارالقرآن ۾ ۱۹۸۸ء ڌاران قرآن پاڪ حفظ مڪمل ڪيو، ان کان پوءِ درس نظامي پڙهڻ لاءِ سنڌ جي ديوبند دارالهديٰ ٺيڙهيءَ عربي ۽ فارسي جي شروعات ڪيائين، سنڌ جي مشهور مدرسن ۽ علمي درسگاهن جهڙوڪ جامعه حماديه خاڪي شاه پل، دارالهديٰ ٺيڙهيءَ ۾ وڏن ۽ جيد عالمن کان ديني تعليم حاصل ڪندي آخرڪار ۱۹۹۹ء ڌاران سکر شهر جي عظيم ديني ۽ روحاني درسگاه جامعه حماديه مظهرالعلوم منزل گاه سکر ۾ درس نظامي ۽ عربي ۽ فارسي سڀني علمن جي تڪميل ڪري دستار ٻڌي مولوي ٿي ويو. دستار ٻڌڻ کان پوءِ هڪ سال ڪراچيءَ جي مشهور علمي ۽ ديني درسگاه جامعه اسلاميه ڪلفٽن ۾ ۲۰۰۰ء ڌاران تخصص الفقهه (مفتيءَ جو ڪورس، جيڪو پي ايڇ ڊي جي برابر آهي) سند يافته مولوي سان گڏوگڏ سند يافته مفتي پڻ ٿي ويا.

حضرت مولانا مفتي احسان الله ڳمڀير جي مشهور استادن ۾حضرت مولانا مفتي غلام قادر ميمڻ ٺيڙهي وارا، حضرت مولانا مفتي حبيب الله شيخ، حضرت مولانا محمد مراد هاليجوي، حضرت مولانا حضورالدين بروهي، حضرت مولانا علي محمد سهندڙو، حضرت مولانا عبدالاحد ڪُبر، حضرت مولانا محمد اسماعيل ميمڻ، شهيد قاري فقير الله ميمڻ شامل آهن.

بيعت

پهريون ۱۹۹۳ء ڌاران حضرت مولانا سائين عبدالڪريم پير شريف وارن جي هٿن تي بيعت ڪيائون، سائين جن وفات کان پوءِ حضرت مولانا فضل ڪريم ٽوبي صوابي(جيڪي جامعه دارالعلوم اکوڙه خٽڪ جي اڳوٽي شيخ الحديث حضرت مولانا مفتي فريد احمد صاحب جن جا خليفا آهن) جي هٿن تي ۲۰۰۸ء ڌاران نقشبندي سلسلي ۾ بيعت ڪيائون. انهن کان حضرت مولانا جن کي اجازت به مليل آهي. جامع المعقول والمنقول استاذالعلماء حضرت مولانا عبدالاحد ڪُبر صاحب جن کان به سلسله قادريه ۾ به اجازت ۽ خلافت مليل اٿن ۽ هن وقت مستقل اصلاحي تعلق محبوب العلماء والصلحاء پير طريقت حضرت مولانا پير محمد شاه قريشي نقشبندي مجددي مسڪين پور شريف وارن سان آهي، سائين جن کان اجازت ۽ خلافت ۽ سند به مليل اٿن.

ان کان سواءِ حضرت مولانا مفتي احسان الله ڳنڀير جن سياسي ميدان ۾ بہ سنئي حيثيت رکن ٿا. پاڻ هن وقت جمعيت علماء اسلام تعلقي خيرپور جا جنرل سيڪريٽري ضلعي خيرپور جا سنيئر نائب امير ۽ صوبائي شوريٰ ۽ صوبائي عمومي جا ميمبر پڻ آهن پاڻ پنهنجي قائم ڪيل ديني مدرسي جامعہ ابن عباس حماديہ نيڙهي باءِ باس جا مهتمم صدر مدرس پڻ آهن. جتي پاڻ تفسير، حديث ۽ ٻين فنن جا ڪتاب پڙهائي رهيا رهيا آهن پاڻ مصنف بہ آهن. انهن مان هڪ ڪتاب "مشنري ذبيحہ" مشن سان جيڪو جانور ذبح ڪيو وڃي ٿو اهو حلال آهي يا حرام ان جي شرعي حيثيت ڇا آهي. ان بابت حضرت مولانا جن جو هي ڪتاب نهايت ئي تحقيقي آهي جيڪو دلائل ۽ براهين جو هڪ انسائڪلوپيڊيا پڻ آهي، ڇپائيءَ هيٺ سنت ئي ڇپجي پڌرو ٿي ويندو. ان کان سواءِ هڪ ٻيو ڪتاب نقشبندي جي سلسلي جي طور ۽ طريقي ۽ ان جي ذڪر ڪرڻ جي طريقي تي مشتمل نالي "سلسلہ مبارڪہ" ڇپائي هيٺ هي بہ سنت ئي ڇپجي پڌرو ٿي ويندو.

مولانا ثناء الله جمالي

03003104859

نالو ۽ نسب

مولانا ثناء الله جمالي بن مولانا نور محمد ۱۴/۸/۱۹۸۶ء ۾ ڳوٺ محمد رفيق تعلقو ڪنگري ضلع خيرپور ميرس، جمالي ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

مولانا ثناء الله جمالي صاحب پنهنجي تعليم جي شروعات پنهنجي ئي ڳوٺ محمد رفيق جمالي ۾ ڪيائين، پرائمري پنج انهيءَ ڳوٺ ۾ پاس ڪرڻ پوءِ ديني تعليم جي شروعات بہ انهيءَ ڳوٺ ۾ ڪيائين، ناظره قرآن پاڪ بہ ڳوٺ ڪيائين جڏن تہ حفظ قاري حزب الله مڱٽيجي وٽ مڪمل ڪيائين، درس نظامي سنڌ جي مختلف ۽ مشهور ديني مدرسن ۾ حاصل ڪيائين جهڙوڪ: جامعہ اسلاميہ بدرالعلوم بچل شاه مياڻي سکر ۽ پنهنجي والد صاحب حضرت مولانا نور محمد جمالي جي قائم ڪيل ديني

ادري جامعہ قاسم العلوم ڪوٽ مير محمد ۾ ۲۰۰۵ء ڌاران درس نظامي جي تڪميل ڪري دستار ٻڌي مولوي ٿي ويو. جڏهن تہ درس نظامي کان فراغت حاصل ڪرڻ پوءِ ڪجھ تخصصات بہ ڪيائين. جهڙوڪ: جامعہ اسلاميہ ڪلفٽن ڪراچي ۾ ۲۰۰۶ء تخصص في الفقه ۽ جامعہ عمر ڳڏاپ ٽائون ڪراچي ۾ ۲۰۰۷ء ۾ تخصص في انجليزية ڪيائين.

استادن ۾ حضرت مولانا نور محمد جمالي، حضرت مولانا مفتي حبيب الله شيخ، مولانا نجيب الله مڱٽيجو، قاري محمد حسن بروهي ۽ سر شاهد حسين شامل آهن.

سنڌن سياسي تعلق جمعيت علماء اسلام سان اٿس، پاڻ جمعيت علماء اسلام جي مختلف عهدن تي رهي چڪا آهن، جهڙوڪ: يونٽ ڪوٽ ميرمحمد شهر جو امير، تعلقي ڪنگري جو خزانچي، تعلقي ڪنگري جو ڊپٽي سيڪريٽري، تعلقي ڪنگري جو امير هن وقت ضلعي خيرپور ميرس جا جنرل سيڪريٽري آهن، نهايت ئي همت ۽ جذبي سان جماعتي ڪم ڪري رهيا آهن. جماعت جي هر اجلاس ۾ شريڪ ٿيڻ جي ڪوشش ۾ هوندا آهن.

پاڻ هن وقت جامعہ قاسم العلوم جا ۲۰۰۸ء استاد، صدر مدرس، مهتمم ۽ جامع مسجد جا خطيب پڻ آهن.

حافظ گل محمد مري

ضلعي خيرپور ميرس جو پريس سيڪريٽري، ضلعي جماعتي خبرن کي اخبارن جي زينت بڻائيندڙ

نالو ۽ نسب

حافظ گل محمد بن حاجي محمد صالح مري ۱۹۷۰ء ڳوٺ شير محمد مري لڳ گمبٽ اسٽيشن ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

پرائمري پنهنجي ڳوٺ شير محمد مري لڳ گمبٽ اسٽيشن مان پاس ڪري ميٽرڪ گمبٽ اسڪول مان پاس ڪري حفظ مدرسہ عربيہ

مطلع العلوم رحمانيہ فاروق اعظم چوڪ گمبٽ ۾ قاري عبدالحق ۽ حافظ ظهور احمد شيخ جن وٽ قرآن پاڪ حفظ ١٩٨٨ع مڪمل ڪريپنهنجي مادر علمي ۾ئي استاذالڪل سائين غلام محمد پنهور رحہ جي نظر انتخاب سان، استاد طور مقرر ٿيا. اتي پاڻ ساندهہ ٽيوين سالن تائين قرآن ڪريم جي خدمت سرانجام ڏيندا رهيا. پاڻ جمعيت علماء اسلام جي پليٽ فارم تان ڀرپور ڪردار ادا ڪري رهيا آهن.

سياسي سرگرميون

جمعيت علماء اسلام سان عقيدت ۽ محبت ڪين پنهنجي استادن ڪان ملي آهي، مولانا عبدالغني شيخ جن جي تربيت هيٺ سياسي ميدان ۾ قدم رکيو. پاڻ طالبي دور ۾ جمعيت علماء اسلام جي ذيلي تنظيم جي ٽي آءِ جي مختلف عهدن تي رهي چڪا آهن. جهڙوڪ گمبٽ جا ڪنوينر، نائب صدر جي ٽي آءِ گمبٽ، جڏهن تہ جمعيت علماء اسلام سٽي گمبٽ جا پريس سيڪريٽري، تعلقي گمبٽ جا پريس سيڪريٽري ضلعي ڊپٽي سيڪريٽري هن وقت پاڻ ضلعي خيرپور ميرس جا پريس سيڪريٽري آهن. ان ڪان سواءِ پاڻ بخارا پيٽرول پمپ گمبٽ جي جامع مسجد جا امام ۽ خطيب آهن. وٽن هر گهڙي صوبائي قيادت، علماءِ ڪرام ۽خطيب حضرات ايندا رهندا آهن. وٽن شهيد اسلام حضرت علامہ ڊاڪٽر خالد محمود سومرو ۽ قائد سنڌ حضرت علامہ راشد محمود سومرو، ٻيا صوبائي اڳواڻ ايندا رهندا آهن.

مولانا عبدالرحمن ڏنگراج

03003217610

ضلعي نوشهروفيروز جي قيادت ۽ سيادت جي واڳ سيالينديَ
جمعيت علماء اسلام جي فليٽ فارم تان حق ۽ صداقت جو بول بالا ڪندڙ

نالو ۽ نسب

مولانا عبدالرحمٰن بن قاري بهادر خان ڏنگراج ڳوٺ وڏا ڏنگراج منياٽي روڊ ضلع نوشهروفيروز ۾ ١٩٥٩ع ڌاري پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

پنهنجي ڳوٺ وڏا ڏنگراج جي اسڪول مان پرائمري پنج پاس ڪرڻ ڪان پوءِ ديني تعليم جو آغاز شمس الهديٰ پيرن واري مسجد نوشهرو فيروز ڪان ڪيائون. جڏهن تہ وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ جامعہ انوارالعلوم ڪنڊيارو ۾ تعليم حاصل ڪندي ۽ دروه حديث جامعہ دينيہ دارالهديٰ ٺيڙهي (حبيب آباد) ڪان ١٩٨٣ع ڌاران پڙهي مڪمل عالم دين بڻجي ويو.

درس نظامي ڪان سواءِ مختلف دورا بہ پڙهيا اٿائون. جهڙوڪ دوره تفسير حضرت مولانا عبدالغني جاجروي جن وٽرحيم يارخان ۾ ۽ رد مذاهب باطلہ مناظر اسلام حضرت مولانا عبدالستار تونسوي جن پڙهيو اٿائون.

سندن مشهور استادن ۾ حضرت مولانا مفتي غلام قادر ميمڻ، حضرت مولانا عبدالهادي ميمڻ، حضرت مولانا عبداللطيف ميمڻ، حضرت مولانا محمد امين ميمڻ، حضرت مولانا عبدالحي گهوٽو، حضرت مولانا بلال احمد موروجو ۽ حضرت مولانا محمد حسن لانگاهہ شامل آهن.

مولانا صاحب بحيثيت سياسي اڳواڻ

مولانا عبدالرحمٰن ڏنگراج ديني علوم جي فراغت ڪان پوءِ جمعيت علماء اسلام جي فليٽ فارم تان جدوجهد ڪرڻ لڳا، سياسي ميدان ۾ پنهنجي قوت ۽ همت پيش ڪري رهيا آهن. پاڻ ضلعي نوشهروفيروز جي مطتلف اهم عهدن تي ڪم ڪري پاڻ ملهائي رهيا آهن. جهڙوڪ: ١٩٨٥ع ڪان ١٩٩١ع تائين بہ ڀيرا تعلقي نوشهروفيروز جا جنرل سيڪريٽري رهي چڪا آهن. ١٩٩١ع ڪان ٢٠٠٠ تائين تعلقي نوشهروفيروز جا ٽي ڀيرا امير رهي چڪا آهن. ٢٠٠٠ع ڪان ٢٠١٢ع تائي چار ڀيرا ضلعي نوشهروفيروز جا جنرل سيڪريٽري رهي چڪا آهن. ۽ ٢٠١٢ع ڪان هن وقت تائين ضلعي نوشهروفيروز جا امير آهن. پاڻ نهايت ئي جوش، همت ۽ جرئت سان پنهنجي ضلعي جي قيادت جي واڳ سنڀالي رهيا آهن. ۽ مرڪزي مجلس عمومي جا ممبر بہ آهن، ان ڪان سواءِ صوبائي عمومي ۽ شوريٰ جا پڻ ممبر آهن.جڏهن تہ پاڻ هڪ ديني اداري مدرسہ عربيہ دارالقرآن رحمانيہ جامهتمم پڻ آهن ۽ جمعيت تعليم القرآن شاخ نوشهروفيروز جا سيڪريٽري بہ آهن.

ڊاڪٽر عبدالغني (اي جي) انصاري

03003171811

نالو ۽ نسب

ڊاڪٽر عبدالغني (اي جي) حاجي شيخ محمد انصاري **١٥** آڪٽوبر **١٩٥٩**ع ڏاران ضلعي جيڪب آباد جي وڏي آبادي واري شهر ٺل جي انصاري پاڙي ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

سندن خاندان ديني گهراڻي سان لاڳاپيل آهي، **١٩٧٥**ع گورنمينٽ هاءِ اسڪول ٺل ۾ نائين ڪلاس ۽ ميٽرڪ پاس ڪرڻ بعد ان وقت ٺل ۾ ڪاليج نه هئڻ سبب ڊگري ڪاليج جيڪب آباد ۾ فرسٽ ايئر جي داخلا ورتائون. انٽر ۾ سٺي پوزيشن ماڻڻ ڪان پوءِ ڪين چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج ۾ داخلا ميرٽ جي بنياد تي ملي. چانڊڪا ڪاليج ۾ ڊاڪٽري ڪرڻ ڪان پوءِ پاڻ ڪجھ وقت چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج ۾ هائوس جاب، ميڊيسن، سرجري ٻارن جي بيمارين ۽ ڪن نڪ ڳلي ۾ ڪرڻ بعد جيڪب آباد شهر جي وچ ۾ ڪلينڪ کولڻ وقت هڪ دوست **١٠** هزار رپين ۾ سرڪاري نوڪري وٺي ڏيڻ جي آڇ ڪئي، پر ڊاڪٽر صاحب جن جماعتي ڪم ڪرڻ کي ترجيح ڏني. ٿورڙي ئي وقت ۾ انگريزي جي مشهور اخبار ڊان جو ڊسٽرڪٽ رپورٽر ٿي ويو، ان ڪان بعد ڊسٽرڪٽ يونين آف جرنلسٽس پريس ڪلب جيڪب آباد جو صدر پڻ چونڊجي ويو، جڏهن تہ پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس صوبي سنڌ جو نائب صدر ۽ ان سان گڏ سنڌ صحافي سنگت جو مرڪزي اڳواڻ پڻ رهيو، صحافت دوران صحافين جي مسئلن لاءِ بهتر ڪردار ادا ڪيو.

ڊاڪٽر صاحب بحيثيت سياسي اڳواڻ

ڊاڪٽر صاحب جن شاگردي دور ۾ ئي جمعيت علماء اسلام جي ذيلي تنظيم جمعيت طلباءِ اسلام (جي ٽي آءِ) ۾ شموليت اختيار ڪئي. جي ٽي آءِ جي مختلف عهدن تي ڀرپور ڪردار اداڪيو. مقامي سطح ڪان صوبائي سطح تائين جي ٽي آءِ جا فعال ۽ سرگرم رڪن رهيا. يعني پاڻ شاگردي

واري دور ۾ جي ٽي آءِ ۾ ڪين ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو. ڊاڪٽر صاحب جن ڊاڪٽري پاس ڪرڻ ڪان پوءِ جيڪب آباد اچڻ سان ئي جي يو آءِ تعلقي جيڪب آباد جو جنرل سيڪريٽري ۽ بعد ۾ ضلعي پريس سيڪريٽري ۽ ڪافي وقت ٻن بزرگن مرحوم سيد احمد شاهہ ۽ مرحوم مولانا ڏٽي بخش بنگلاڻي جي صدارت ۾ ضلعي جنرل سيڪريٽري طور ڪم ڪيو. ان ڪان پوءِ جي يو آءِ جو صوبائي فنانس سيڪريٽري، صوبائي پريس سيڪريٽري، صوبائي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري ۽ ضلعي امير پڻ منتخب ٿيو ۽ هن وقت بہ ضلعي امير آهن. نوجواني دوران ڪم ڪرڻ جو سندن وڏو جنون هو جو هڪ ئي وقت جي يو آءِ اڳواڻ، صحافي، ڊاڪٽرن جي تنظيم پي ايم اي اڳواڻ ۽ شهري اتحاد جو جنرل سيڪريٽري رهيو.

ڊاڪٽر صاحب جن جنهن بہ شعبي ۾ پير رکيو تہ ان ۾ مرڪزي ڪردار ادا ڪري ڏيکاريو ۽ هميشہ مرڪز، صوبي ۽ ضلعي جي فيصلي تحت رکيل هر پروگرام کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ عملي طور ڪردار ادا ڪيائون، مختلف موقعن تي جدوجهد ڪرڻ جي نتيجي ۾ ڪافي ڪيس داخل ٿيا، خاص ڪري افغانستان تي آمريڪي بمباري خلاف سخت احتجاج ڪرڻ تي دهشتگردي ايڪٽ سميت ٻيا بہ ڪيترائي ڪيس داخل ڪيا ويا ۽ گرفتار ڪرڻ سان گڏ ڪجهہ ڏينهن گهر ۾ نظربند پڻ ڪيو ويو، هڪ ڪيس جيڪب آباد جي هندو ٻار جي اغوا خلاف سخت احتجاج ۽ مظاهرا ڪرڻ تي داخل ٿيو، ان مظاهري ۾ پاڙي واري بازار جي تمام دڪانن کي بند ڪرائي زبردست مظاهرو ڪڍيو.

٢٠١٣ع جي عام چونڊن ۾ جي يو آءِ ٺل جي صوبائي اميدوار جهانگير خان بنگلاڻي، مير هزار خان بجاراڻي سان اليڪشن ۾ سخت مقابلو ڪيو ۽ پرزائيڊنگ آفيسرن جي ڏنل رزلٽ مطابق جي يو آءِ جو اميدوار هزارين ووٽن جي ليڊ سان ڪامياب هو، پر ان وقت جي آر او جيڪو هڪ جج هو وڏي رشوت عيوض رزلٽ بدلايو. مير هزار خان بجاراڻي ان حقيقي رزلٽ ڪان ڊڄي جي يو آءِ جي اميدوارن کي ووٽ ڏيندڙن خصوصن ڀهراڙي جي ڳوٺاڻن خلاف رڻ ٻاري ڏنو، ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائي گرفتاريون ڪرائي تشدد ڪرايو ۽ گهرن کي باهيون ڏياريون نتيجي ۾ جي يو آءِ ضلعي فيصلي تحت ڊاڪٽر اي جي انصاري انهن زيادتين خلاف جيڪب آباد ۾ تاريخي احتجاجي مظاهرو ۽ سخت احتجاج جاري رکيو، نتيجي ۾ مير

هزار خان بجاراڻي جي چوڻ تي ان وقت جي ڊي سي رينجرس ۽ پوليس جا وڏا اتالا موڪلي ڊاڪٽر اي جي انصاري جي پيءُ ڊاڪٽر عبدالڪريم انصاري جي قائد اعظم روڊ وٽ هلندڙ جاءِ جو ڪم بند ڪرائي وڏي مشينري ذريعي ڍهيل جاءِ ڪيرائي لکين رپين جو سامان ڪٽائي نقصان پهچايو. ان ۾ درجنين رينجرس ۽ پوليس جون گاڏيون شهر جي وچ قائد اعظم روڊ تي شهرين ۽ دوڪاندارن کي حراسان ڪري جڳهہ ڍهرائي.

ڊاڪٽر اي جي انصاري ڪافي دفعا جيڪب آباد ۾ ايم پي اي ۽ ٢٠١٨ جي عام چونڊن ۾ ضلعي جيڪب آباد جي قومي اسيمبلي جي سيٽ تي اميدوار طور اليڪشن لڙي. ان وقت کانئس هٿ کڻڻ لاءِ وڏيون لالچون ڏنيون ويون پر فارم تان هٿ نہ کنيو ۽ ان ۾ ١٣ هزار کان وڌيڪ ووٽ کنيا هئا.

ڊاڪٽر اي جي انصاري ٻڌايو تہ منهنجي ڊاڪٽر ٿيڻ ۾ منهنجو وڏو پيءُ ڊاڪٽر عبدالڪريم انصاري ۽ جماعت جو وڏو هٿ هو جيڪڏهن اهي ٻئي نسبتون نہ هجن ها تہ هن وقت جي پوزيشن ۾ نہ هجان هان. ڊاڪٽر اي جي انصاري جو هڪ فرزند حماد الله انصاري جيڪو جي ٽي آءِ جو سابقہ صوبائي جنرل سيڪريٽري جنهن تي ننڍي هوندي ظلم خلاف آواز بلند ڪرڻ تي ايف آءِ آر داخل ٿي ضمانت لاءِ شناختي ڪارڊ جي عمر نہ هجڻ ڪري ڪورٽ ۾ فوٽو جمع ڪرايا ويا ۽ ٻيو فرزند تاج محمود انصاري جيڪو جي ٽي آءِ جيڪب آباد جو صدر آهي ان سميت سمورو گهر الله پاڪ جي مهرباني سان ديندار ۽ جماعت ۾ ايڪٽيو آهي جنهن تي کين فخر آهي.

ڊاڪٽر صاحب جن جي يو آءِ جي ضلعي امير هجڻ سان گڏوگڏ شهر جي سياسي، سماجي، ديني ۽ واپاري تنظيمن تي مشتمل شهري اتحاد جيڪب آباد جو جنرل سيڪريٽري، هيومن رائيٽس آرگنائيزيشن جو چيئرمين ۽ انصار اخبار جو چيف ايڊيٽر/ پبلشر آهي.

جي ٽي آءِ پاران شايع ٿيندڙ الهلال رسالي جو ڪافي سال ايڊيٽر طور ڪم ڪيو، جڏهن تہ ان رسالي جو نگران شهيد علامہ ڊاڪٽر خالد محمود سومرو جن هئا ۽ پنهنجي ”انصار“ اخبار جي نالي سان رسالو پڻ شايع ڪيو، ڊاڪٽر اي جي انصاري ڊان اخبار کان سواءِ روزاني جنگ، ڊيلي دي نيوز، سنڌ جي پهرين رنگين اخبار روزاني الوحيد، روزاني سرواڻ، روزنامہ جرئت ۽ ٻين اخبارن ۾ پڻ ڪم ڪيو آهي.

ڊاڪٽر اي جي انصاري جا ٽي پٽ آهن (١) عبيدالله انصاري، (٢) تاج محمود انصاري، (٣) حماد الله انصاري آهن.

مولانا عبدالباسط شاھ

03023176703

درس ۽ تدريس سان گڏ ضلعي جيڪب آباد ۾ سياسي ميدان ۾ پنهنجا جوهرپيش ڪندڙ

نالو ۽ نسب

مولانا سيد عبدالباسط بن سيد خير محمد شاھ ١٩٧٠ع ڌاران ڳوٺ ڪاڪا خير محمد شاھ تعلقي ٺل ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

حفظ پنهنجي ڳوٺ ڪاڪا خيرمحمد شاھ ۾ ١٩٨٥ع ڌاران مڪمل ڪري درس نظامي جي لاءِ سنڌ جي مختلف ديني مدرسن امروٽ شريف، هاليجي شريف، مدرسہ حزب الابرار چڪ، جامعہ حماديہ ڪهڙا مان تعليم حاصل ڪندي جامعہ دار الفيوض الهاشميہ سجاول ۾ ١٩٩٣ع ڌاران سيني علمن جي تڪميل ڪندي سند يافتہ مولوي ٿي ويا. ١٩٩٤ع ۾ جامعہ حماديہ شاھ فيصل ڪالوني ڪراچي مان تخصص في الفقه ڪيائون.

سندن مشهور استادن ۾ حضرت مولانا عبدالڪريم ڪهڙو، حضرت مولانا محمد عمر ڪهڙو، حضرت مولانا عبدالغفور قاسمي، حضرت مولانا محمد صالح الحداد، حضرت مولانا مفتي حبيب الله شيخ، حضرت مولانا غلام محمد سومرو، استاد حافظ دوست علي لکڻ ۽ قاري محمد اسماعيل شامل آهن.

مولانا عبدالباسط شاھ بحيثيت اڳواڻ

پاڻ طالبي دور کان ئي سياسي ذهن جا مالڪ آهن. پاڻ جي ٽي آءِ يونٽ ڪهڙا جا صدر، خيرپور ميرس ضلعي جا نائب صدر ۽ ٺٽي ضلعي جا صدر پڻ رهي چڪا آهن. جڏهن تہ عالم ٿيڻ کان پوءِ جمعيت علماء اسلام ۾ بہ ڀرپور ڪردار ادا ڪري رهيا آهن ۽ جمعيت علماء اسلام جي مختلف عهدن تي فائز رهي چڪا آهن. جهڙوڪ ١٩٩٩ع ۾ ٺل سٽي جو امير، ضلعي

جيڪب آباد جا ناظم انتخاب ان کان پوءِ تعلقي ٺل جا ٽي ڀيرا بنا مقابلي امير رهي چڪا آهن. پاڻ هن وقت ضلعي جيڪب آباد جا بنا مقابلي جنرل سيڪرٽري مقرر ٿيا آهن.

ان کان سواءِ فراغت کان پوءِ مختلف ديني مدرسن ۾ استاد رهي چڪا آهن. جهڙوڪ: دار العلوم صرافه ڪراچي، جامعه عائشه صديقه للبنات خير پور ميرس. ١٩٩٩ء ۾ حضرت مولانا سائين محمد عالم ڀهوڙ جن جي مشوري سان ٺل شهر ۾ نياڻين جو مدرسو نالي جامعه عربيه عائشه صديقه ۽ ٢٠٠٥ء جامعه المرڪز الاسلامي علي بن طالب رضه قائم ڪيو. پاڻ انهيءَ ٻنهي ديني مدرسن جا مهتمم شيخ الحديث ۽ صدر المدرسين آهن. جتي پاڻ ديني علوم جي پالوٽ ڪري رهيا آهن. ان کان سواءِ پاڻ جامع مسجد عائشه صديقه ۾ روزانو درس قرآن پڻ ڏيندا رهندا آهن، جتي پاڻ ٻه قرآن پاڪ جا ختم ڪري چڪا آهن.

مولانا قاري ڪامران احمد

03009372147

سياست سان گڏو گڏ پاڻ خطابت جي ميدان جا شهسوار ۽ راهي آهن. هتي سندن مختصر تعارف ۽ زندگيءَ جي جهلڪ پيش ڪجي ٿي.

نالو ۽ نسب

مولانا قاري ڪامران احمد بن هزار الله ٢٥ آگسٽ ١٩٦٩ء ڌران حيدرآباد ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

پرائمري حيدرآباد جي اسڪول ۾ پڙهڻ کان پوءِ قرآن پاڪ حفظ جامعه امداديه ۾ ڪيائون. حفظ ڪرڻ کان پوءِ درس نظاميءَ حيدرآباد جي مدرسي ۾ ۽ ميٽرڪ به حيدرآباد جي اسڪول ۾ پوزيشن ۾ پاس ڪيائون. ان کان پوءِ عربي تعليم جي لاءِ پاڪستان جي مختلف ۽ مشهور ديني مدرسن جو رخ ڪيائون. جهڙوڪ: جامعه قاسم العلوم ملتان، جامعه اشرفيه

لاهور مان تعليم حاصل ڪندي دوره حديث جامعه اسلاميه قوة الاسلام حيدرآباد مان پڙهي سند يافته مولوي ٿي ويا. دوره حديث ڪرڻ سان گڏو گڏ پاڻ سنڌ يونيورسٽي مان ريگولر ايم اي اسلامڪ ڪلچر ڪيائون. جڏهن ته پاڻ جامعه نصرة العلوم گوجرانواله ۾ مولانا سرفراز خان صفدر جن وٽ دوره تفسير پڙهيائون. اسلامڪ يونيورسٽي مان تربيت آئمه ڪورس ۾ نمايان پوزيشن حاصل ڪيائون.

مولانا بحيثيت سياسي اڳواڻ

پاڻ شاگردي واري دور ۾ جمعيت علماء اسلام جي ذيلي تنظيم جمعيت طلباء اسلام ۾ ڀرپور ڪردار ڪيائون. جمعيت طلباء اسلام جي ضلعي عهدن تي ڪم ڪريپاڻ ملهايو آهي. پاڻ جنهن زماني ۾ لاهور جامعه اشرفيه ۾ پڙهندا هئا ان زماني ۾ پاڻ جي ٽي آءِ جا ضلعي صدر ۽ ٻين عهدن تي جماعتي ڪم ڪيو.پاڻ شهيداسلام حضرت علامه ڈاڪٽر خالد محمود سومري جي دور ۾ جمعيت علماء اسلام صوبي سنڌ جا ٻه ڀيرا ڊپٽي سيڪريٽري به رهي چڪا آهن، جڏهن ته پاڻ هن وقت جمعيت علماء اسلام صوبي سنڌ جي شوريٰ جا رڪن پڻ آهن.ان کان سواءِ پاڻ بهترين خطيب پڻ آهن خطابت جو آغاز لاهور فيصل ٽائون مان ڪيائون جو اتي پاڻ جمعي جي لاءِ خطيب مقرر ٿيا. خطابت ۾ جمعيت علماء اسلام جي پيغام کي ڦهلائڻ ۾ پنهنجو ڪردار نڀائي رهيا آهن.خطابت جي حوالي سان سڄي ملڪ ۾ ويندا رهندا آهن، پاڻ هڪ ڀيري اسان جي ڳوٺ راڄو چوهاڻ ۾ حضرت والد گرامي جناب صوفي خدابخش چوهاڻ جن جي دعوت تي تشريف فرما ٿيا آهن. سندن بيعت حضرت مولانا خواجه خان محمد ڪنديان شريف وارن سان ٿيل اٿن. جڏهن ته پاڻ جامعه شمس العلوم حيدرآباد ۾ خطابت جا فرائض سرانجام ڏيڻ سان گڏوگڏ ناظم تعليمات ۽ عربي جا استاد به رهي چڪا آهن. ٢٠٠٤ء ۾ پنهنجو مدرسو معارف القرآن جي نالي سان قائم ڪري نبوي دين عام ڪري رهيا آهن. سندن مدرسي جو سنگ بنياد شهيد اسلام حضرت مولانا مفتي نظام الدين شامزئي رحه جن رکيو.

حافظ محمد اعظم جهانگيري

03003090903

سياسي ۽ سماجي ڪمن ۾ همہ وقت مصروف ترين شخصيت، نسيم نگر چوڪ قاسم آباد حيدرآباد ۾ سالانہ عشق رسولﷺ ڪانفرنس جو باني، جمعيت علماء اسلام ضلعي حيدرآباد جو پريس سيڪريٽري ۽ ان کان سواءِ ڪيترن ئي خوبين سان مالا مال بهترين شخصيت جو مالڪ.

نالو ۽ نسب

حافظ محمد اعظم جهانگيري بن عبداللطيف پٺاڻ ١٩٧٧ء. ٣. ١ ڌران اڏيرو لال اسٽيشن ضلع مٽياري ۾ پيدا ٿيا. سندن آباٽو ڳوٺ ريتڙه چترپلن ضلع مانسهره آهي. سندن والد محترم جناب ميان عبداللطيف پٺاڻ صاحب سرڪاري ملازم هو، جيڪو اڏيرو لال اسٽيشن ۾ رهائش پذير هو، ان ڪري حافظ صاحب جي پيدائش بہ اتي ٿي. سندن والد محترم جناب ميان عبداللطيف پٺاڻ صاحب جن وفات ۽ تدفين اڏيرو لال اسٽيشن ۾ آهي.

تعليم ۽ تربيت

حافظ محمد اعظم جهانگيري صاحب پنهنجي تعليم جي شروعات بہ اڏيرو لال اسٽيشن ۾ وقت جي ولي قاري عزيزالله ابڙو رحہ جن وٽ ڪئي حفظ قرآن بہ انهيءَ استاد وٽ ڪيائون. (قاري عزيزالله ابڙو صاحب جن امام العصر حضرت مولانا سائين عبدالڪريم قريشي پير واران جا هم عصر هئا) جڏهن تہ حافظ صاحب گردان دارالعلوم شهدادپور ۾ قاري عبدالرشيد جن وٽ ڪيائون. جڏهن تہ دنيوي تعليم سنڌ يونيورسٽي مان ايم اسلاميات ڪيائون، ان کان سواءِ پاڻ حضرت علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي رحہ جن وٽ شاهہ ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد ۾ شاهہ ولي الله محدث دهلوي رحہ جو جو فلسفو پڻ پڙهيا.

حافظ محمد اعظم جهانگيري بحيثيت سياسي اڳواڻ

پاڻ جمعيت علماء اسلام جي ذيلي تنظيم جمعيت طلباء اسلام ۾

دوران تعليم يونٽ جي سطح کان ويندي مرڪزي عهدن تي ڀرپور ڪردار ادا ڪيو. تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ پاڻ جمعيت علماء اسلام ۾ باظابطہ شموليت اختيار ڪئي. ٢٠٠١ کان جمعيت علماء اسلام ضلعي حيدرآباد جا پريس سيڪريٽري ۽ مرڪزي ڪائونسل جا ممبر پڻ ٿيندا اچن ٿا. پاڻ جمعيت علماء اسلام جي ڪارروايون، اجلاسن ۽ ٻين اهم اشوز کي مختلف اخبارن ۾ شايع ڪري پريس جي ذميواري بهترين طريقي سان نڀائي رهيا آهن. ان ڪري مرڪزي قيادت ۽ صوبائي قيادت جو مٿس اعتماد آهي. ان کان سواءِ جڏهن شهيد سلام حضرت علامہ ڊاڪٽر خالد محمود سومرو رحہ جن ڪالا باغ ڊيم ٺهڻ جي خلاف اتحاد اينٽي ڪالا باغ ڊيم ايڪشن ڪميٽي ۾ بہ پاڻ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو. هن ڪميٽي جا ممبر نثار کهڙو، محترم جناب بشير خان قريشي رحہ، رسول بخش پليجو، ڊاڪٽر قادر خان مگسي ۽ جلال محمود شاهہ جهڙا ممبر هئا. ڪالا باغ ڊيم جي خلاف ڇهريون ڪيس حافظ صاحب جن تي مڙهيو ويو.

اعزاز

هي ڳالهہ سندن لاءِ نهايت ئي اعزاز جي آهي تہ سندن نڪاح قائد ملت اسلاميہ حضرت مولانا فضل الرحمٰن صاحب جن ٢٠٠٧ء ڌاران پڙهايو. سندن نڪاح جا شاهد استاذالعلماء حضرت مولانا عبدالغفور قاسمي رحہ شهيد اسلام حضرت مولانا ڊاڪٽر خالد محمود سومرو رحہ جڏهن تہ سندن نڪاح جا وڪيل حضرت مولانا سيد سراج احمد شاهہ امروٽي ۽ حضرت مولانا عبدالڪريم عابد جن هئا. ان کان سواءِ پاڻ نسيم نگر چوڪ قاسم آباد حيدرآباد ۾ ٢٠٠١ کان عشق رسولﷺ ڪانفرنس جو بنياد رکيو. جيڪو هن تائين پنهنجي آب ۽ تاب سان جاري ۽ ساري آهي هر سال نهايت جوش ۽ جذبي سان منعقد ٿيندو رهي ٿو. هن جلسي ۾ مرڪزي صوبائي اڳواڻ جلسي کي مان بخشيندا رهندا آهن. جهڙوڪ حضرت مولانا عبدالغفور حيدري، حضرت مولانا سائين عبدالقيوم هاليجوي، حضرت مولانا اسعد محمود صاحب، شهيد اسلام حضرت مولانا ڊاڪٽر خالد محمود سومرو رحہ استاذالعلماء حضرت مولانا سائين عبدالغفور قاسمي رحہ، حضرت مولانا مير محمد ميرڪ وارو، حضرت مولانا سينيٽر حافظ حسين احمد، حضرت مولانا سينيٽر حافظ حمد الله قائد سنڌ حضرت علامہ راشد محمود سومرو،

جانشين حضرت قاسمي حضرت مولانا سائين محمد اسماعيل قاسمي، حضرت مولانا اسدالله کهڙو، حضرت صبغت الله جوڻي، حضرت مولانا گل حسن زئور حضرت مولانا خان محمد پنهان جڏهن ته نعت خوانن ۾ الحاج امداد الله ڦلپوٽو، محترم جناب سلطان احمد چنو، جميل الرحمٰن گندرو، اظهار الحق صديقي، ذوالقرنين حيدري ۽ استاذالقراء قاري امير علي رند شامل آهن.

جڏهن ته حافظ صاحب جن سماجي خدمتن ۾ پاڻ اهم ڪرادر ادا ڪيو آهي. جهڙوڪ: بالا ڪوٽ جي زلزلي جي متاثرين جي لاءِ نقد ۽ راشن پڻ تقسيم ڪيائون. اهڙي ريت ضلعي جيڪب آباد جي ٻوڏ متاثرين جي لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو. پاڻ قاسم آباد ۾ ڪيمپ قائم ڪري ٻوڏ متاثرين جي روڪ رقم ۽ راشن جمع ڪري متاثرين تائين پهچايائون.

مولانا حفيظ الرحمٰن فيض

03018356202

ميرپور خاص جو مور، ضلعي ميرپور خاص جي قيادت ۽ سيادت جي واڳ سڀاليندي سماجي ڪمن ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪندڙ، نون مسلمانن لاءِ آٿت ۽ سهارو، دين اسلام جي تبليغ جي جذبي سان معطر ۽ منور.

نالو ۽ نسب

مولانا حفيظ الرحمٰن فيض بن مولانا فيض الله بروهي **۱۹۷۸**ع ڌاران پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

ديني تعليم جي شروعات پنهنجي والد گرامي حضرت مولانا فيض الله بروهي وٽ شروع ڪئي، (سندن والد گرامي حضرت مولانا فيض الله بروهي حضرت مولانا عبدالعزيز پانڌوي رتيديري واران جا شاگرد هئا). وڌيڪ تعليم لاءِ سجاول جي مشهور ديني مدرسي گلشن حضرت قاسمي ۾ جامعہ قاسميہ سجاول ۾ موقوف عليہ تائين پڙهيا ۽ دوره حديث حيدرآباد

جي مشهور ديني اداري جامعہ مفتاح العلوم ۾ **۲۰۰۳**ع ڌاران سيني علمن جي تڪميل ڪري سند يافتہ مولوي ٿي ويا.

سندن استادن ۾ حضرت مولانا عبدالغفور قاسمي ، حضرت مولانا محمد صالح الحداد، حضرت مولانا مفتي نذيراحمد عمراڻي، حضرت مولانا محمد اسماعيل قاسمي ، حضرت مولانا جان محمد راڄپر، حضرت مولانا ڊاڪٽر سيف الرحمٰن آرائين، حضرت مولانا عبدالسلام قريشي، حضرت مولانا مفتي حبيب الله پناڻ ۽ حضرت مولانا داد شاهه شامل آهن.

مولانا صاحب بحيثيت سياسي اڳواڻ

سياسي تعلق پاڪستان جي مشهور جمهوري جماعت جمعيت علماء اسلام سان اٿن، پاڻ چار ڀيرا جمعيت علماء اسلام ضلعي ميرپور خاص جا امير ٿيا آهن. هن وقت بہ پاڻ ميرپور خاص جا امير آهن. پاڻ جمعيت علماء اسلام جي پليٽ فارم تي نهايت بهرين انداز ۾ ڪم ڪري رهيا آهن. پاڻ ميرپور خاص جي سياسي حوالي سان مرڪزي ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. سياست گڏوگڏ سماجي حوالي سان بہ سندن ڀرپور ڪردار آهي. پاڻ ڪيترن ئي غير مسلمانن کي مسلمان ڪري انهن جي هر قسم جو سهڪار ڪرڻ ۾ بہ ڀرپور ڪردار ادا ڪري رهيا آهن.

ان ڪان سواءِ پاڻ ميرپور خاص جي مرڪزي جامع مسجد مدينہ جا خطيب ۽ امام آهن، (انهيءَ مسجد ۾ سندن والد گرامي حضرت مولانا فيض الله بروهي جن جون خدمات قابل تعريف آهن جو انهن پنجاهه سالن تائين امامت ۽ خطابت جا فرائض سرانجام ڏنا). ان ڪان سواءِ پاڻ مدرسہ عربيہ مدينة العلوم جا مهتمم ۽ صدر مدرس پڻ آهن.

قاري عبدالقيوم چنو

03003035031

نالو ۽ نسب

قاري عبدالقيوم بن مولانا محمد هاشم چنو ڳوٺ نباهو خان پرهياڙ تعلقہ سڪرنڊ ضلع نواب شاهه ۾ **۱۹۷۳**ع ڌاران پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

قائدو ۽ ناظره پنهنجي ڳوٺ مان پڙهي حفظ سڪرنڊ شهر جي نهايت ئي مشهور دين مدرسي، مدرسہ تجويدالقرآن سڪرنڊ ۾ استاذالقراءُ قاري گل محمد ملڪ جن وٽ ١٩٩٣ء ڌاران حفظ مڪمل دستار فضيلت ڪيائون، جڏهن تہ ڪجھ وقت جامعہ انوارالعلوم سڪرنڊ ۾ شيخ العرب والعجم استاذالقراءُ قاري محمد علي مدني جن وٽ بہ تجويد جو دورو پڙهيائون.

قاري صاحب بحيثيت سياسي اڳواڻ

جيئن تہ قاري صاحب جن جمعيت علماء اسلام جي مدرسن ۾ تعليم حاصل ڪيائون، ان ڪري ڪين جمعيت علماء اسلام سان محبت ۽ تعلق ڪين سُتي ۾ ملي. پاڻ شاگردي واري دور ۾ جمعيت علماء اسلام جي ذيلي تنظيم ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيائون. جي ٽي آءِ جي مختلف عهدن تي فائز رهيا. جهڙوڪ: تعلقي سڪرنڊ جا جنرل سيڪريٽري ۽ ضلعي نواب شاهہ جا جنرل سيڪريٽري ۽ صدر رهي چڪا آهن. ١٩٩٦ء کان جمعيت علماء اسلام ۾ قدم رکيائون، پهريون جمعيت علماء اسلام تعلقي سڪرنڊ جا ڪجھ وقت امير ان کان پوءِ ضلعي نواب شاهہ جا جنرل سيڪريٽري ۽ هن وقت پاڻ ضلعي نواب شاهہ جا امير آهن.پاڻ ضلعي نواب شاهہ جي ضلعي قيادت ڪي نهايت ئي جوش، جذبي، همت ۽ حوصلي سان هلائي رهيا آهن.
سياست سان گڏوگڏ پاڻ سڪرنڊ شهر ۾ هڪ بهترين ادارو جامعہ عبدالله بن مسعودؓ هلائي رهيا آهن، جتي مسافر توڙي مقيم طالبن کي حفظ ناظره ۽ تجويد سان گڏوگڏ پرائمري جي تعليم ڏني ويندي آهي. ان سان گڏوگڏ مختلف ديني رسالن ۾ مضمون نويسي پڻ ڪندا رهندا آهن.

مفتي محمود احمد ڪورائي

03000300646

نوجوان عالم دين حضرت مولانا مفتي محمود احمد ڪورائي علمي حلقن ۾ مشهور ۽ مقبول شخصيت جو نالو آهي. حضرت مولانا مفتي محمود احمد ڪورائي صاحب درس و تدريس، تصنيف ۽ تاليف، سياست

۽ خطابت ۾ پاڻ ملهائي چڪو آهي. هتي سندن تعارف ۽ ديني خدمتن جي هڪ جهلڪ پيش ڪجي ٿي.

نالو ۽ نسب

مولانا مفتي محمود احمد حاجي محمد حيات ڪورائي جي گهر شعبان ١٣٩٧ هجري مطابق آگسٽ ١٩٧٧ء ڌاران ديهہ ١٠ نصرت دوڙ ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

مولانا محمود احمد ڪورائي صاحب تعليم جي شروعات پنهنجي ڳوٺ ۾ ڪئي، وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ جي مشهور مدرسن ۾ جهڙوڪ: مدرسہ عربيہ تفهيم القرآن نواب شاهہ، جامعہ نورالهديٰ مورو ۾ علم حاصل ڪري آخرڪار ١٤١٧ هجري سنڌ جي مشهور علمي مرڪز جامعہ شمس العلوم ڪرڙاهہ ۾ وقت جي جيد عالمن مولانا رشيد احمد سومرو، مولانا مفتي عبدالرحمٰن صفدر، مولانا عبدالحق ڪوثر، مولانا عبدالحق لاشاري جن وٽان حديث جا آخري ڪتاب پڙهي دستار بڌي عالم بڻجي ويو.
ان کان بعد تعليمي سرگرمين ۾ سلهاڙجي ويو. پاڻ ڪجھ سال جامعہ فاروقيہ ٽنڊو الهيار ۾ پڙهايائون، هن وقت پاڻ دوڙ شهر ۾ پنهنجو مدرسو جامعہ عائشہ صديقہ قائم ڪري اتي ديني علم پڙهائي رهيا آهن. پاڻ ان مدرسي ۾ صدر مدرس آهن. ان سواءِ پاڻ ليکڪ ۽ ڪالم نگار پڻ آهن.
سندن مضمون ماهوار الفاروق ڪراچي، ماهوار شريعت سکر، ماهوار الجمعيت پنڊي.

مولانا محمود احمد ڪورائي بحيثيت سياسي اڳواڻ

سپ کان پهريان سن ٢٠٠٢ ع ۾ جمعيت علماء اسلام سٽي دوڙ جا جنرل سيڪريٽري منتخب ٿيا ۽ لاڳيتو ٦ سالن تائين ان عهدي تي ڪم ڪيائون. ٢٠٠٨ع ۾ جمعيت علماء اسلام ضلعو نواب شاهہ جا ناظم مقرر ڪيا ويا جڏهن ضلعي امير مولانا عبدالڪريم بروهي ۽ جنرل سيڪريٽري قاري عبدالقيوم چنہ هيا. پوءِ ٢٠١٠ ع ۾ رڪنيت سازي لاءِ تعلقي دوڙ جا ناظم انتخابات مقرر ٿيا ۽ ان موقعي تي تنظيم سازي دوران جمعيت علماء اسلام ضلع نواب شاهہ جا ڊپٽي جنرل سيڪريٽري مقرر ٿيا.

۲۰۱۵ جي بلدياتي اليڪشن ۾ سڄي تعلقي دوڙ جي يونين ڪائونسلن ۽ ٽائون ڪميٽيز ۾ جمعيت جا چيئرمين ۽ ڪائونسلر اميدوار بيهاري ضلع نواب شاهه ڀرپور ڪردار ادا ڪيو.

۲۰۱۸ع جي قومي اليڪشن ۾ صوبائي اسيمبليءَ جي پي ايس۳۷ دوڙ تان آصف علي زرداري جي ڀيڻ ڊاڪٽر عذرا ايم پي اي جو مقابلو ڪيو ۽ جمعيت جي قومي اسيمبلي جي اميدوار مولانا احمد حسين جمالي سان گڏ جي ڀرپور اليڪشن مهم هلائي جمعيت علماء اسلام جو هزارن جو ووٽ بينڪ محفوظ ڪيو.

هن وقت پاڻ جمعيت علماء اسلام ضلع شهيد بينظيرآباد جا نائب امير آهن ۽ گڏ و گڏ صوبائي ۽ مرڪزي مجلس عمومي جا پڻ ممبر آهن.

سندن فرزند مفتي سفيان محمود ڪورائي به جمعيت طلبه اسلام ضلع نواب شاهه جا ڪنوينر ۽ جي ٽي آئي جي مرڪزي مجلس عمومي جا ممبر پڻ آهن.

مولانا محمد انور ڪوهارو

03003973349

ضلعي دادو جي سياسي حوالي سان نهايت مثبت ڪردار ادا ڪندڙ

نالو ۽ نسب

مولانا محمد انور بن مولانا تاج محمد بن مولانا محمداسحاق بن مولانا حافظ تاج محمد ذات ڪوهارو ڳوٺ ڪڙيو غلام الله ضلع دادو ۾ فيبروري ۱۹۸۴ء ڌاران پيدا ٿيو.

تعليم ۽ تربيت

سندن تعليم جي شروعات پنهنجي وڏڙن جي قائم ڪيل ديني، علمي ۽ روحاني قديمي ديني درسگاهه مدرسه عربيه قاسم العلوم ۾ مولانا محمد مسلم جن وٽ شروع ٿي. حفظ جي تعليم پنهنجي وڏي ڀاءُ حافظ محمد اسحاق جن وٽ مدرسه تاج العلوم خيرپور ناٿن شاهه ۾ ڪيائين.جڏهن ته درس نظاميءَ جي شروعات دادو شهر جي قديمي مدرسي

مدرسه عربيه دارالفيوض ۾ شروع ڪيائين ۽ سڄو درس نظامي به انهيءَ مدرسي ۾ مڪمل ڪيائين، آخرڪار ۲۰۱۲ء ڌاران سڀني علمن جي تڪميل ڪندي دستار بندي سند يافته مولوي ٿي ويو. البت ڪجھ وقت ٻين مشهور مدرسن ۾ به ڪين تعليم حاصل ڪرڻ جو موقعو مليو، جهڙوڪ: جامعه ڪريميه ڪراچي، جامعه دارالفيوض ڪراچي ۽ جامعه تراث العلوم ۾ تفسير جو دورو پڙهيو. ان ڪان سواءِ مولانا محمد الياس گهمن سرگوڌا وارن وٽ مسائل جي تحقيق جو دورو پڙهيو. ان ڪان سواءِ جامعه ابن عباس ڪراچيءَ ۾عربي لينگوئج جو ڪورس به ڪيائون. دنيوي تعليم ميٽرڪ تائين حاصل ڪيائين.

سندن مشهور ۽ اهم استاد هي آهن: استاذالعلماء شيخ الحديث حضرت مولانا منظور احمد سومرو دامت برڪاتهم، حضرت مولانا نواز الله الحسني، حضرت مولانا محمد اسماعيل لاسي، حضرت مولانا ارشاد احمد حقاني، حضرت مولانا محمد الياس گهمن، حضرت مولانا ابن الحسن عباسي ۽ حافظ محمد اسحاق ڪوهارو.

مولانا صاحب بحيثيت سياسي اڳواڻ

سياسي تعلق پاڪستان جي مشهور جماعت جمعيت علماء اسلام سان اٿس، شاگردي واري دور ۾ پاڻ جمعيت علماء اسلام جي ذيلي جماعت جمعيت طلباء اسلام جا صوبائي جنرل سيڪريٽري به رهي چڪا آهن، تعليم حاصل ڪرڻ ڪان پوءِ جمعيت علماء اسلام ۾ به ڀرپور ڪردار ادا ڪيو، ان ڪري ڪين ضلع دادو جو جنرل سيڪريٽري پڻ چونڊيو ويو، پاڻ هن وقت جمعيت علماء اسلام ضلع داودو جا جنرل سيڪريٽري آهن

پنهنجي وڏڙن جي قائم ڪيل ديني مدرسي مدرسه عربيه تاج العلوم ۾ استاد آهن.پنهنجي مدرسي جي جامع مسجد مدينه ۾ روزانو درس قرآن ۽ درس حديث ڏيندا آهن. روزانو مغرب ڪان پوءِ حديث جو درس جڏهن ته سومهڻي ڪان پوءِ قرآن پاڪ جو درس ڏيندا آهن. ان ڪان سواءِپاڻ بهترين ڪالم نويس ۽ ليکڪ به آهن، سندن ليک مشهور اخبارن ۾ شايع ٿيا آهن، جهڙوڪ: روزاني اسلام ڪراچي، روزاني ڪوشش حيدرآباد، روزاني ڪاوش حيدرآباد، روزاني عبرت حيدرآباد، روزاني فيصلو ڪراچي، روزاني عوامي آواز حيدرآباد ۽ روزاني هلچل حيدرآباد ۾ شايع ٿيا آهن.

مولانا عبدالله مهر

03003105327

تعلقي لکي غلام شاهہ ۽ ضلعي شڪارپور ۾ سياسي لحاظ کان راڄ ڪندڙ، بي باڪ، نڊر ۽ جرئت مند انسان ظالمن ۽ جابرن سان اکيون اکين ۾ ملائي واڪو ڪندڙ.

نالو ۽ نسب

حضرت مولانا عبدالله بن حضرت مولانا سائين محمد يعقوب مهر ۵ جنوري۱۹۷۳ء ڌاران سنڌ جي عظيم ديني ۽ روحاني درگاهہ سومراٽي شريف ضلع شڪارپور ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

ابتدائي تعليم پنهنجي مدرسي، مدرسہ عربيہ ڪنزالعلوم سومراٽي شريف ۾ پنهنجي مربي ۽ والد حضرت مولانا سائين محمد يعقوب مهر جن جي نگراني ۾ شروع ڪيائون، وڌيڪ تعليم جي حصول جي لاءِ سنڌ جي مختلف ديني مدرسن جو رخ ڪيائون. جهڙوڪ جامعہ حماديہ مظهرالعلوم کهڙا ضلع خيرپور ميرس ۽ رحيم يارخان جي مدرسي مان تعليم حاصل ڪندي جامعہ دينيہ دارالهديٰ ٺيڙهي مان **۱۹۹۳**ء ڌاران مڪمل درس نظامي مڪمل ڪري دستار فضيلت ٻڌائون.
سندن مشهور استادن ۾ حضرت مولانا نعمت الله پنهور، حضرت مولانا محمد عمر کهڙو ، حضرت مولانا محمد رمضان ڦلپوٽو، حضرت مولانا عبدالڪريم کهڙو، حضرت مولانا مفتي غلام قادر ميمڻ ، حضرت مولانا حزب الله ميمڻ، حضرت مولانا غلام مصطفيٰ جمالي ۽ حضرت مولانا قاضي سليم الله ٺيڙهي وارا شامل آهن.

درس نظامي جي فراغت کان پوءِ پاڻ ڪجهہ وقت پنهنجي ئي مادر علمي مدرسہ عربيہ ڪنزالعلوم سومراٽي شريف ۾ پڙهايو اٿائون. ان دوران آئون وٽن مختصر القدوري پڙهيو آهيان. مون سان گڏ مولانا عبيدالله پيٽو بہ پڙهندو هو.

مولانا صاحب بحيثيت سياسي اڳواڻ

پاڻ جيئن تہ هڪ علمي، روحاني ۽ سياسي گهراڻي سان تعلق رکن ٿا. جو سندن والد بزرگوار حضرت مولانا سائين محمد يعقوب مهر جن هڪ پاسي پنهنجي دور جا روحاني پيشوا ۽ اڳواڻ هيا، بهترين ڪامياب مدرس هيا، پنهنجي ديني مدرسي، مدرسہ عربيہ ڪنزالعلوم سومراٽي شريف ۾ ڪيترن سالن تائين درس نظامي ۽ ديني علوم جي پالوٽ ڪندا رهيا. تہ ٻي پاسي سياسي ميدان ۾ بہ شهسوار هيا. پاڻ جمعيت علماء اسلام ضلعي شڪارپور جي قيادت ۽ امارت جا فرائض سرانجام ڏئي چڪا آهن. ان ڪري حضرت مولانا عبدالله مهر صاحب جن جي تربيت اهڙي ماحول ۾ ٿي. مولانا عبدالله مهر صاحب جن سياسي ميدان پنهنجي والد جي نمائندگي ۽ ترجماني ڪندي نظر اچن ٿا. پاڻ هن وقت جمعيت علماء اسلام ضلعي شڪارپور جا جنرل سيڪريٽري آهن. هن کان اڳ پاڻ جمعيت علماء اسلام تعلقي لکي غلام شاهہ ٻہ پيرا امير رهي چڪا آهن. پاڻ نهايت ئي دلير، مجاهد، بي باڪ آهن حق ۽ سچ چوڻ ۾ ڪنهن بہ مصلحت جو شڪار نہ ٿيندا آهن. جمعيت علماء اسلام جي پروگرام کي نهايت جوش ۽ جذبي ۽ ايماني قوت سان اڳتي وڌائي رهيا آهن. ڏينهن رات جمعيت علماء اسلام جي لاءِ محنت ۽ جاکوڙ ڪري رهيا آهن.

حضرت مولانا عبدالحق ڦل

03063909787

سنڌ جي مشهور ۽ قديمي مدرسي شمس العلوم جو مهتمم تعلقي ٺري مير واهہ جا امير ديني، سياسي ۽ سماجي جي جذبي سان سرشار

نالو ۽ نسب

مولانا عبد الحق بن حاجي علي اڪبر **۱۹۵۸**ء ڌاران ڪرڙاهہ شهر ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

تعليم جي شروعات ١٩٦۴ع پنهنجي ئي مدرسي شمس العلوم ڪرڙاھ ۾ ڪيائون. انھيءَ مدرسي ۾ ئي پنهنجي تعليم ١٩٧٢ع ڌاران مڪمل ڪيائون. جڏهن تہ دوره تفسير حضرت مولانا عبدالغني جاجرويءَ جن وٽ پڙهيا.

پاڻ جن استادن وٽ علم پرايو آهي انهن ۾ حضرت مولانا رشيد احمد سومرو ، حضرت مولانا جان محمد راڄپر، حضرت مولانا محمد عباس موروجو، حضرت مولانا دوست محمد قريشي ، (جنهن کان رد مذاهب باطلہ جو ڪورس پڙهيا) حضرت مولانا عبدالستار تونسوي، (جنهن کان رد مذاهب باطلہ جو ڪورس پڙهيا)حضرت مولانا عبدالرحيم منهاج شامل آهن.

مولانا عبدالحق ڦل بحيثيت سياسي اڳواڻ

پاڻ جمعيت علماء اسلامجا رهنماء ۽ سياسي اڳواڻ آهن. پاڻ جمعيت علماء اسلام تعلقي ٺري مير واھ جا امير آهن. نهايت جوش ۽ جذبي سان جميعت علماء اسلام جي پروگرام پليٽ فارم تي سچائي ۽ اخلاص سان ڪم ڪري رهيا آهن. سياسي ڪمن سان گڏوگڏ پاڻ سماجي ڪمن ۾ بہ ڀرپور حصو وٺندا رهندا آهن.ان کان سواءِ پاڻ پنهنجي مدرسي شمس العلوم ڪرڙاھ جا مهتمم آهن، هن مدرسي جو اهتمام سندن والد صاحب حاجي علي اڪبر رحہ جي وفات کان پوءِ ١٩٨٢ع ڌاران حوالي ٿيو آهي. ياد رهي تہ هي مدرسو ڪرڙاھ جي اهم شهرين حاجي علي اڪبر ڦل ۽ حاجي روشن الدين ۽ حاجي حسين علي ڀين گڏجي ١٩۴۴ع ۾ قائم ڪيو هو. ڪرڙاھ مدرسي جا سالانہ جلسا بہ نهايت ئي مشهور آهن، جنهن ۾ وڏا عالم سڳورا شريڪ ٿيندا رهيا آهن. جهڙوڪ حضرت مولانا سائين عبدالڪريم قريشي پير شريف وارا، حضرت مولانا احمد علي لاهوري، حضرت مولانا دوست محمد قريشي، حضرت مولانا عبدالعزيز پانڊوي، حضرت مولانا عبدالله چانڊيو، حضرت مولانا عبدالڪريم چشتي، حضرت مولانا عبدالله درخواستي رحہ، مناظر اسلام حضرت مولانا سيد عبدالله شاھ بخاري رحہ، حضرت مولانا عبدالرئوف غزنوي، استاذالعلماء حضرت مولانا علي محمد حقاني رحہ، استاذالعلماء حضرت مولانا سائين درمحمد ميمڻ رحہ، استاذالعلماء حضرت مولانا عبدالڪريم ڪهڙو رحہ، حضرت مولانا مفتي احمد الرحمٰن (اڳوڻو مهتمم جامعہ العلوم علامہ بنور ٽائون ڪراچي) حضرت مولانا سليم الله خان (اڳوڻو صدر وفاق المدارس العربيہ پاڪستان) موجوده وفاق جو ناظم اعليٰ حضرت مولانا قاري محمد حنيف جالندهري، حضرت مولانا سائين عبدالغفور قاسمي، حضرت مولانا مفتي محمد زرولي خان ۽ شهيد اسلام حضرت مولانا ڊاڪٽر خالد محمود سومرو شامل آهن.

پاڻ ديني علوم کان فراغت حاصل ڪرڻ کان ڪجھ وقت پنهنجي ئي مدرسي ۾ پڙهايو اٿن، جڏهن تہ سندن والد صاحب جي وفات کان پوءِ مدرسي جو اهتمام سندن حوالي ٿيو تہ پاڻ هن وقت مدرسي جي اهتمام ۽ سياسي سرگرمين جي ڪري نٿا پڙهائن. سندن مشهور شاگردن ۾ حضرت مولانا عبدالرحمٰن صفدر، شيخ الحديث جامعہ عربيہ شمش العلوم ڪڙراھ، حضرت مولانا غلام مصطفيٰ جمالي (اڳوڻو شيخ الحديث جامعہ اسلاميہ ڪلفٽن ڪراچي) حضرت مولانا عبدالحق لاشاري اڳوڻو شيخ الحديث جامعہ اسلاميہ ڪلفٽن ڪراچي) حضرت مولانا غلام النبي سولنگي استاذالحديث جامعہ عربيہ شمش العلوم ڪڙراھ شامل آهن.

مولانا غلام علي ڏيپر

03003181086

نالو ۽ نسب

مولانا غلام علي بن رسول بخش ڏيپر ڪنڊرا لڳ ضلع سکر ۾ ١٩٧۴ع ڌاران پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

پنهنجي تعليم جي شروعات مدرسہ عربيہ ناشرالعلوم راضي ڳوٺ ضلع خيرپور ميرس ۾ ڪيائون، جڏهن تہ درس نظامي جا سڀئي ڪتاب جامعہ دينيہ دارالهديٰ ٺيڙهي ضلع خيرپور ميرس ۾ پڙهيا اٿن، ١٩٩٢ع ڌاران سڀني علمن جي تڪميل ڪري سند يافتہ مولوي ٿي ويا، سندن استادن ۾ حضرت مولانا عبدالهادي ميمڻ رحہ، حضرت مولانا مفتي غلام قادر ميمڻ رحہ، حضرت مولانا عبدالحي گهوٽو رحہ، حضرت مولانا حزب الله ميمڻ،

حضرت مولانا عبدالحي چنو شامل آهن. جڏهن ته درس نظامي کان سواءِ دوره تفسير حضرت مولانا قاري خليل احمد بنڊاٺي جن وٽ جامع مسجد بندر روڊ سکر ۾ پڙهيا آهن.

مولانا غلام علي ڏيپر بحيثيت سياسي اڳواڻ

ديني تعليم جي فراغت کان پوءِ پاڻ درس ۽ تدريس، خطابت سان گڏ و گڏ سياسي ميدان ۾ به پاڻ نهايت ئي ڀرپور ۽ شاندار ڪردار ادا ڪيو آهي، ڪين جمعيت علماء اسلام جو خطيب هئڻ جو شرف حاصل آهي، هڪ ڀيري آئون ڪين خطيب اسلام سان مخاطب ٿيم ته مون کي چيائون ته ادا خطيب اسلام ته ڪوڙ آهن، پر مان خطيب جمعيت آهيان، ان مان معلوم ٿيو ڪين جمعيت سان ڪيتري محبت اٿس. پاڻ جمعيت علماء اسلام جي مختلف عهدن تي ڪم ڪري جمعيت سان وفاداري جو ثبوت ڏنو اٿس. جن اهم عهدن تي جماعتي ڪم ڪري پاڻ ملهايو آهي، اهي هن ريت آهن. ضلعي خيرپور ميرس جا ناظم نشر و اشاعت ۱۹۹۲ء کان ۱۹۹۵ء تائين، جنرل سيڪريٽري جمعيت علماء اسلام تعلقہ صالح پٽ، ناظم جمعيت علماء اسلام ضلع حيدرآباد، ناظم جمعيت علماء اسلام ضلع سکر جڏهن ته پاڻ هن وقت جمعيت علماء اسلام ضلعي سکر جا نائب امير پڻ آهن.

ان کان سواءِ پاڻ سنڌ جي مختلف ديني مدرسن ۾ تعليمي فرائض سرانجام ڏئي چڪا آهن، جڏهن ته پاڻ هن وقت جامع مسجد ڳوٺ بهادر مهر ٽائون ڪميٽي صالح پٽ وارڊ ۴ سکر ۾ خطابت ۽ امامت سان ٻارن کي ديني تعليم به ڏئي رهيا آهن. سندن بيعت حضرت سائين حافظ محمود اسعد هالجوي رحہ واران سان ٿيل اٿن.

مولانا محمد سليم عاطف

03012289513

نالو ۽ نسب

مولانا محمد سليم بن جنگو چانڊيو ڳوٺ عمر چانڊيو نزد ور شهر تعلقي ميرپور ساڪري ۾ ۱۹۶۴ء ڌاران پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

پرائمري ور شهر جي مقامي اسڪول ۾ پاس ڪرڻ کان پوءِ مڊل ور شهر جي هاءِ سيڪنڊري جي اسڪول ۾ حاصل ڪئي. ديني تعليم مختلف ديني مدرسن مان حاصل ڪيائون جهڙوڪ حفظ دارالقرآن هاشميہ ور شهر ۾ ڪيائون. مدرسہ دارالقرآن ڳوٺ حاجي احمد سومرو، مدرسہ عربيہ دارالفيوض الهاشميہ سجاول، نوراني مسجد صرافہ بازار ميٺادر ڪراچي مان تعليم حاصل ڪندي باب الاسلام ٺٽي ۾ ۱۹۸۸ء ڌاران دوره حديث پڙهي مڪمل عالم دين بڻجي ويا.

سندن مشهور استادن ۾ حضرت مولانا سائين عبدالغفور قاسمي رحہ، حضرت مولانا مفتي حبيب الله شيخ، قائم الدين اوٺو رحہ، حضرت مولانا محمد ابراهيم ميمڻ، حضرت مولانا عبدالله ميمڻ رحہ، حضرت مولانا مفتي نذيراحمد عمراڻي، حضرت مولانا محمد صالح الحداد، حضرت مولانا عبدالله ٿهيم، قاري محمد رمضان سومرو حافظ محمد حسن سومرو، حافظ محمد ايوب آڱرو شامل آهن.

مولانا صاحب بحيثيت سياسي اڳواڻ

پاڻ شاگردي واري دور ۾ جمعيت علماء اسلام جي ذيلي تنظيم جمعيت طلباء اسلام ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو آهي، ان ڪري تعليم جي فراغت کان پوءِ ڪين جمعيت علماء اسلام ۾ به ڀرپور ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو اٿن، پاڻ جمعيت علماء اسلام يونٽ جي سطح کان ضلعي جي مختلف عهدن تي ڪم ڪري چڪا آهن. جهڙوڪ: يونٽ ور شهر جا امير، جنرل سيڪريٽري ۽ پريس سيڪريٽري رهي چڪا آهن ۽ تعلقي گهوڙا ٻاري جو امير، جنرل سيڪريٽري پڻ رهي چڪا آهن. جڏهن ته پاڻ ضلعي ٺٽي جا جنرل سيڪريٽري، ڊپٽي سيڪريٽري، پريس سيڪريٽري ۽ سنيئر نائب امير به رهي چڪا آهن. ان کان سواءِ پاڻ جمعيت علماء اسلام جي ٽڪيٽ تي متحده مجلس عمل جي پليٽ فارم تان اليڪشن ۾ به اٿيا، پنهنجا جوهر ڏيکاريائون. وقت جي جابرن جون ننڊون حرام ڪري ڇڏيائون. جڏهن ته پاڻ مختلف ديني مدرسن ۾ تعليمي فرائض سرانجام ڏئي چڪا آهن.

۱۹۸۶ع ۾ پنهنجي چاچي جي نياڻي سان شادي ڪيائون، جنهن مان ڪين ٽي ٻار پيدا ٿيا، هڪ نياڻي ۽ ٻه پٽ هڪ مولانا محمد وسيم چانڊيو، (جيڪو ور شهر جي جامع مسجد جو امام ۽ خطيب آهي. ٻيو مولانا محمد نعيم عاطف چانڊيو (جيڪو پنهنجي ڳوٺ جي مدرسي مدرسہ انوارالقرآن عمر چانڊيو ۾ حفظ ۽ ناظره جي شعبي ۾ استاد آهي)

حضرت مولانا محمد عمر کهڙو

جامعہ حماديہ مظهرالعلوم کهڙا جو شيخ الحديث،استاذ العلماء، حضرت مولانا محمد عمر کهڙو، پنهنجي اخلاق، ڪردار، تعليم ۽ تربيت جي ڪري صدين تائين ياد رهندو. پاڻ بهترين ۽ محقق عالمن مان هو. هتي سندن تعارف پڙهندڙن جي خدمت پيش ڪرڻ گهران ٿو.
استاذالعلماء حضرت مولانا محمد عمر کهڙو تعلقي گمبٽ، ضلعي خيرپور ميرس جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ محمد صالح کهڙو ۾ ۱۹۴۷ع ڌاران پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

حضرت مولانا محمد عمر کهڙي پنهنجي تعليم جي شروعات پنهنجي ڳوٺ ۾ ڪئي، ان کان وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ جي مختلف ۽ مشهور ديني ادارن جو رخ ڪيائون. جهڙوڪ: مدرسہ عربيہ ڪنزالعلوم سومراٽي شريف، قاسم العلوم گهوٽڪي ۽ جامعہ حماديہ مظهر العلوم منزل گاه سکر ۾ تعليم حاصل ڪري آخري سال ڪراچي جي مشهور ديني اداري جامعة العلوم الاسلاميہ بنوري ٽائون ڪراچي ۾ تعليم مڪمل ڪري دستار ٻڌي عالم بڻجي ويو. سندن مشهور استادن ۾ حضرت مولانا عبدالڪريم کهڙو، حضرت مولانا مظهرالدين انڊڙ ۽ حضرت مولانا محمد يوسف بنوري شامل آهن.

مولانا صاحب کهڙو بحيثيت استاد

حضرت مولانا سائين محمد عمر کهڙو پنهنجي تعليم مڪمل ڪري مختلف ديني ادارن ۾ درس ۽ تعليم ڏنائون. جهڙوڪ: محبوب ڳوٺ

ضلعو شڪارپور، جهٽ پٽ بلوچستان ۾ پڙهيائون. جڏهن سندن وڏو ڀاءُ ۽ مربي حضرت مولانا عبدالڪريم کهڙو پنهنجي علائقي ڪي دين جي رنگ سان رنگڻ چاهيو پئي تہ پاڻ پنهنجي ڀاءُ ۽ مربي حضرت مولانا عبد الڪريم کهڙو جو ٻانهن ٻيلي بڻجي مرڻ گهڙي تائين ساٿ نڀايائين، پاڻ پنهنجي ڀاءُ جي مدرسي جي تعليمي ڪم ۽ اندرون نظام سنڀاليندو هو. خود حضرت مولانا عبدالڪريم کهڙو جو بيان مختلف دوستن کان ٻڌڻ ۾ آيو آهي تہ، جيستائين حضرت مولانا محمد عمر کهڙو جيئرو رهيو تہ ڪيس مدرسي جي اندروني معاملات جي ڳڻتي نہ هوندي هئي، حضرت مولانا عبدالڪريم کهڙو مدرسي جو ٻاهريون ڪم بہ سنڀاليندو هو تہ مدرسي تعليمي نظام ڪي سندس ڀاءُ حضرت مولانا محمد عمر کهڙي اهڙو سنڀاليو جو حضرت مولانا عبدالڪريم کهڙي جن ڪي ڳڻتي نہ ٿيندي هئي. حضرت مولانا محمدعمر درس نظاميءَ جي سڀني فنن جا ماهر استاد هئا، وسيع مطالعو شاگرد جي صلاحيت جي آڌار تي سمجهائڻ جو قدرتي ملڪو حاصل هو.

مولانا صاحب بحيثيت سياسي اڳواڻ

پاڻ جيئن تہ درس ۽ تدريس جي ڏکي ڪم ۾ مشغول هوندا هئا، پر جماعت ڪي بہ وقت ضرور ڏيندا هئا.
سنڌ جو برک عالم دين استاذالعلماء حضرت مولانا محمد رمضان ڦلپوٽو صاحب پنهنجي ڪتاب *خدمات علماء سندھ اور جمعيت العلماء* ۾ لکن ٿا:
“جمعيت علماء اسلام تعلقي گمبٽ جا ٽي ٻيرا ٻڌيا ۽ جمعيت تعلقي گمبٽ منظم ۽ فعال ڪيو. پاڻ جمعيت علماء اسلام مخلص رهنما هئا. جڏهن پهريون ڀيرو تعلقي گمبٽ جا بنا مقابلي امير منخب ٿيا تہ مجلس عمومي جي اجلاس ۾ افتتاحي خطاب ۾ فرمايو: توهان مون تي ڳرو بار رکيو آهي، هاڻي مون تي فرض آهي تہ جمعيت جو پيغام تعلقي گمبٽ جي گهر گهر پهچايان، ان جي لاءِ اوهان منهنجا ٻانهن ٻيلي ٿيو. جيڪڏهن توهان ٻانهن ٻيلي ٿيندؤ تہ پوءِ مون ڪي هي عهدو قبول آهي، تہ نہ پوءِ هاڻي هن عهدي کان معذرت ڪريان ٿو. سڀ مجلس عمومي چيو تہ اسان توهان جا ٻانهن ٻيلي ٿينداسون، پوءِ پاڻ ان عهدي ڪي قبوليائون. (*خدمات علماء سندھ اور جمعيت العلماء* صفحو ۴۳۶)

مولانا شعيب الرحمان کهڙو لکن ٿا:

"پاڻ جمعيت علماء اسلام ضلعي گمبٽ تي پيرا امير ٿيا هئا. جماعت جو ڪم ثواب سمجهي ڪندا هئا ۽ ٻين کي به ترغيب ڏيندا هئا. سياست ۾ وسيع ۽ ڪشادي نظر هوندي هين. سياسي امور تي تجزيو ٻڌڻ وٽان هوندو هو. حالات تي اهڙو بحث ڪندا هئا، جو سو فيصد ٺهڪي ايندو هو. ڪشاده دل ۽ وسيع نظر هوندا هئا. ڪيڏو به نظرياتي مخالف ڇو نه هجي ان کي هڪ ئي ڪچهريءَ ۾ پنهنجي موقف جو قائل ڪري وٺندا هئا. پنهنجو موقف مدلل نموني بيان ڪندا هئا. جيڪڏهن ڪو به فتنو ۽ فساد اٿندو هو ته ان کي اتي ئي دٻائي ڇڏيندا هئا". (اسان جا اسلاف صفحو: ١٥١، ١٥٢)

مولانا غلام رسول مينگل مدظله

مولانا غلام رسول مينگل صاحب ملڪ جي مذهبي ۽ سياسي حلقن ۾ ڪنهن تعارف جو محتاج نه آهي. پاڻ نهايت جاکوڙيءَ محنتي عالمدين آهن. پاڻ هن وقت سعودي عرب ۾ رهائش پذير آهن، جمعيت علماء اسلام جا فعال ۽ سرگرم رهنمائن مان آهن. هتي سنڌن تعارف پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪرڻ گهران ٿو.

مولانا غلام رسول مينگل ١٩٦٨ع ڌارن ضلع شڪارپور جي ڳوٺ اعتبار خان بروهي ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

مولانا غلام رسول مينگل جن پنهنجي تعليم جي شروعات پنهنجي علائقي جي مشهور بزرگ شخصيت حضرت مولانا سائين عبدالله دوست شاخ کان ڪئي، ان کان پوءِ وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ جي مختلف ۽ مشهور ديني مدرسن ۾ تعليم حاصل ڪيائين. جن ۾ مولانا غلام رسول مينگل صاحب تعليم حاصل ڪئي آهي اهي هي آهن: شڪارپور شهر جي قديم ۽ پراڻي مدرسي جامعه اشرفيه ۾ داخل ٿي شيخ الحديث حضرت مولانا علي نواز بروهي، حضرت مولانا محمد يوسف بروهي خان پور وارو ۽ حضرت مولانا غلام سرور بروهي جن وٽ سيني ديني علمن جي تڪميل ڪري مڪمل عالم دين بڻجي ويو. جڏهن ته دعوه

اڪيڊمي بين الاقوامي اسلامي يونيورسٽي اسلام آباد مان ڇئن مهينن جو ڪورس ڪيائين.

سياسي سرگرمي

مولانا غلام رسول مينگل صاحب شاگردي واري دور ۾ شاگردن جي تنظيم جمعيت طلباء اسلام ۾ ڀرپور حصو ورتو، جنهن زماني ۾ دعوه اڪيڊمي بين الاقوامي اسلامي اسلام آباد ۾ پڙهندو هو ته پاڻ اتي جي ٽي آءِ جو يونٽ قائم ڪري نوجوانن کي جماعتي ڪم لاءِ بيدار ڪيو. ١٩٩٠ع ۾ ضلعي شڪارپور جو پريس سيڪريٽري مقرر ٿيو ۽ ڇهه سال تائين انهيءَ عهدي تي جماعتي ذميواريون ڇڱي نموني نڀائيندو رهيو. ١٩٩٦ع ۾ حرمين شرفين حج ڪرڻ لاءِ ويو. بيت الله جو حج ڪرڻ کان پوءِ مڪي پاڪ جي العزيزيه ۾ الشيخ عبدالمالڪ بن دهيش جي مسجد ۾ امام مقرر ٿيو، اتي ڇهه سالن تائين جمعيت علماء اسلام سعودي عرب جو جنرل سيڪريٽري جا فرائض ڏيندو رهيو. پاڻ هن وقت جمعيت علماء اسلام مڪي پاڪ جا جنرل سيڪريٽري آهن تقريبا ٢٢ سالن کان عالم اسلام جي جي مقدس سرزمين ۾ دين اسلام جي خدمت ڪري رهيا آهن. ان کان سواءِ پاڻ بهترين شاعر پڻ آهن، سنڌن شاعري مختلف ٻولين ۾ موجود آهي. سنڌن شاعري الحاج امداد الله صاحب ڦلپوٽي پڻ ڳائي آهي.

حافظ حاجن خان لغاري

03073276325

اڳوڻو قائد طلباء مرڪندڙ ۽ ڪلندڙ سياڳو ۽ هر دلعزيز

نالو ۽ نسب

حافظ حاجن خان بن جان محمد ذات لغاري ڳوٺ ولي محمد لغاري تعلقه خيرپور ضلع دادو ۾ ١٩٧٢ع ڌاران جنم ورتو.

تعليم ۽ تربيت

تعليم جي شروعات پنهنجي ڳوٺ ولي محمد لغاري ۾ ڪيائين،

وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ دادو شهر جو رخ ڪيائين، قرآن پاڪ حفظ ڪرڻ لاءِ دادو شهر جي مشهور مدرسي، مدرسہ دارالقرآن المحمديہ شاهاڻي محلہ ۾ قرآن پاڪ حفظ شروع ڪيو ۽ انهيءَ مدرسي ۾ ئي ۱۹۸۸ء ڌاران حفظ مڪمل ڪيو. ان ڪان پوءِ عربي فارسيءَ جي شرعات دادو شهر جي عظيم ديني مدرسي مدرسہ عربيہ دارالفيوض المحمدية ۾ عربي ۽ فارسي جي تعليم جو آغاز ڪيو. جتي پنهنجي دور جي جيد عالمن جهڙوڪ استاذالعلماء حضرت مولانا منظور احمد سومرو ۽ ٻين عالمن ڪان ديني علم پرايو، سندن دنيوي تعليم انٽر تائين حاصل ڪئي اٿن.

حافظ صاحب بحيثيت سياسي رهنما

حافظ صاحب جن جيئن تہ شاگردي دور ڪان وٺي قيادت ۽ سيادت ڪندي پئي نظر آيا، شاگرد تنظيم جمعيت طلباء اسلام ضلع دادو جا ۱۹۹۰ء ڌاران صدر ٿيا، ان ڪان پوءِ سندن وڌيڪ جوهر نکري نروار ٿيا جو پاڻ جمعيت طلباء اسلام جي صوبائي صدر بہ منتخب ٿي ويا. تعليم ڪان فراغت ڪان پوءِ پاڻ جمعيت علماء اسلام ۾ قدم رکيو تہ ان ۾ بہ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو، پاڻ ضلع دادو جا سيڪريٽري جنرل بہ رهي چڪا آهنسندن ماهوار الفاروق ڪراچي ۽ تنظيمي رسالي "عزم نو" ۾ مضمون شايع ٿي چڪا آهن. پاڻ پنهنجي جامع مسجد النور گوزو تعلقہ خيرپو ناٿن شاھ ۾ خطيب بہ آهن تہ امام بہ آهن.

مولانا سيد ولي الله شاھ امروٽي

03002514787

واديءِ مهراڻ جي خانقاه عاليہ قادريہ راشديہ امروٽ شريف اهوشاندارخطو ۽ مرڪزآهي، جنهن جيروشن ۽ چمڪندڙ آسمان تي شريعت، طريقت، سياست ۽ جهاد چنڊ، تارن ۽ سج وانگر هر گهڙي جرڪندا رهيا آهن. قافلہ حريت ۾ خانقاه عاليہ قادريہ راشديہ امروٽ شريف جي بزرگن ۽ وڏڙن اهي عظيم ڪارناماڏنا آهن، جنهن جومثال تاريخ ۾ تمام ٿورو ملي ٿو.

سيد ولي الله شاھ امروٽي جمعية طلباء اسلام جو اڳوڻو مرڪزي نائب صدر ۽ صوبي سنڌ جو صدر پڻ رهي چڪو آهي، جمعيت علماء اسلام ضلع شڪارپور جا جنرل سيڪريٽري پڻ رهي چڪا آهن.

حضرت مولانا سيد ولي الله شاھ امروٽي جن جي پيدائش ۱۹۷۲ جمعية المبارڪ جي ڏينهن ٿي آهي، سندن خاندان جي بزرگن ۽ وڏڙن جو امام شاھ ولي الله محدث دهلوي سان گهري نسبت ۽ محبت هجڻ ڪري سندن نالو "سيد ولي الله شاھ" رکيو ويو. سيد ولي الله شاھ امروٽي جن جو جنم هڪ علمي، روحاني ۽ سياسي گهراڻي ۾ ٿيو ان ڪري سندن تعليم ۽ تربيت جي شروعات بہ خانقاھ عاليہ قادريہ راشديہ امروٽ شريف ڪان ٿي. شروعاتي تعليم ناظره قرآن مجيد ۽ فارسيءَ جاڪجھ ڪتاب خانقاھ عاليہ قادريہ راشديہ امروٽ شريف جي مدرسي تاج المدارس منيريہ ۾ حاصل ڪئي ۽ دنيوي تعليم بہ مڊل تائين خانقاھ عاليہ قادريہ امروٽ شريف ۾ حاصل ڪيائين. ان ڪان پوءِ حفظ ۽ قرئت پڙهڻ لاءِ شڪارپور ۽ گهوٽڪيءَ جو رخ ڪيو. درس نظامي جي لاءِ سنڌ جي عظيم ديني درسگاھ دارالهديٰ ٺيڙهيءَ جو رخ ڪيو. دنيوي تعليم ۾ سائنس ۾ گريجوئشن ڪرڻ ڪان پوءِ سوشيالوجي ۾ ماسٽر ڊگري حاصل ڪيائين بہ سال ايل ايل بي ۾ پڙهندا رهيا، پر ڪورس ٿي سالن ۾ ڪيو ويو هو، ان ڪان پوءِ سنڌ يونيورسٽي مان ايم اي عربڪ جي اعزازيڊگري حاصل ڪيائون.

شاھ صاحب جن ديني توڙي دنيوي تعليم حاصل ڪرڻ ڪان پوءِ پاڻ سياست ۾ قدم رکيو، حضرت مولانا سيد ولي الله شاھ امروٽي جن تي پنهنجي وڏڙن ۽ بزرگن جو گهرو اثر رهيو آهي، ان ڪري شاھ صاحب جن بہ جمعية علماء اسلام جي ذيلي جماعت جمعية طلباء اسلام ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو، ان ۾ پنهنجا خوب جوهر ڏيکاريا. پاڻ جمعية طلباء اسلام جا مرڪزي نائب صدر ۽ صوبي سنڌ جا صدر پڻ رهي چڪا آهن. جيئن تہ شاھ صاحب جن جو جمعيت طلباء اسلام ۾ ڀرپور ڪردار رهيو آهي، انهيءَ ڪري ڪيس جمعية علماء اسلام ضلع شڪارپور جا ضلعي جنرل سيڪريٽري بہ رهي چڪا آهن.

شاهہ صاحب بحيثيت سياسي رهنماء

جيئن تہ شاهہ صاحب پاڪستان جي سڀ کان وڏي سياسي جماعت جمعية علماء اسلام جا ضلعي جنرل سيڪريٽري بہ رهي چڪا آهن، ان ڪري شاهہ صاحب جن جي سياسي حيثيت مڃيل آهي،سندن سياسي تجزيا ۽ رايا پڻ وڏي اهميت جا هوندا آهن ان سان گڏوگڏ حالات حاضره تي پڻ گهري نظر هوندي اٿن.

مولانا غلام الله مهر

03002972775

درگاهہ سومراٽي شريف جو چشم ۽ چراغ، نوجوان عالم دين، درس ۽ تدريس سان گڏوگڏ سياست جي ميدان ۾ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيندڙ.

نالو ۽ نسب

مولانا غلام الله بن حضرت مولانا سائين عبدالله مهر ۱۹۹۱ء ڌاران سومراٽي شريف تعلقہ لکي ضلع شڪارپور ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

مولانا غلام الله مهر صاحن جن هڪ علمي ۽ روحاني گهراڻي ۾ پيدا ٿيا، ان ڪري سندن تعليم جي شروعات پنهنجي ئي ديني اداري مدرسہ عربيہ ڪنزالعلوم سومراٽي شريف ۾ ٿي. جڏهن تہ وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ جي مختلف ديني ادارن ۾ جهڙوڪ: جامعہ حماديہ مظهرالعلوم کهڙا ضلع خيرپور ميرس، جامعہ عربيہ دارالفيوض رستم، جامعہ اسلاميہ سراج العلوم عزيزيہ سکر ۽ جامعہ اسلاميہ اعزاز العلوم گول مسجد سکر مان تعليم حاصل ڪري جامعہ حماديہ مظهرالعلوم منزل گاهہ سکر مان ۲۰۱۴ء سيپني علمن جي تڪميل ڪري سند يافتہ مولوي ٿي ويا.

سندن مشهور استادن ۾ حضرت مولانا سائين محمد يعقوب مهر، حضرت مولانا سائين عبدالحي مهر، حضرت مولانا عبدالڪريم کهڙو، حضرت مولانا محمد رمضان ڦلپوٽو، حضرت مولانا حضورالدين بروهي،

حضرت مولانا مفتي سعود افضل هاليجوي ۽ حضرت مولانا محمد ابراهيم ڪورائي شامل آهن.

مولانا صاحب بحيثيت سياسي اڳواڻ

پاڻ جيئن تہ علمي، روحاني ۽ سياسي گهراڻي سان تعلق رکن ٿا، ڇاڪاڻ تہ سندن ڏاڏو بقية السلف حضرت مولانا سائين محمد يعقوب سومراٽي شريف وارا ضلعي امير رهي چڪا آهن، ۽ سندن والد گرامي حضرت مولانا سائين عبدالله مهر صاحب جن پهريون تعلقي لکي جا امير ۽ هن وقت ضلع شڪارپور جا جنرل سيڪريٽري جي عهدي تي فائز آهن. ان ڪري ان جو اثر مٿس رهيو آهي. پاڻ پهريون يوسي عظيم آباد تعلقہ لکي جا امير ۽ هن وقت تعلقي لکي جا امير آهن. جمعيت علماء اسلام تعلقي جي امارت ڀرپور ۽ احسن نموني سان نڀائي رهيا آهن. ان سان گڏوگڏ پاڻ پنهنجي مدرسي، مدرسہ عربيہ ڪنزالعلوم سومراٽي شريف ۾ عربي جا استاد پڻ آهن.

مولانا تاج محمد مهر

03003156674

تعلقي لکي جي سياسي ڪمن ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪندڙ

نالو ۽ نسب

مولانا تاج بن احمد الدين ذات مهر ڳوٺ نموهرو ۾ سندن ولادت ۱۹۶۸ء ڌاران ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مدرسہ ارشاد القرآن ۾ حاصل ڪئي. ان کان پوءِ وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ جي مشهور ديني مدرسن جهڙوڪ مدرسہ دار السلام جنو، مدرسہ عزيزيہ رتوديرو ۾ تعليم حاصل ڪندي آخرڪار سنڌ جي ديوبند دارالهدیٰ ٺيڙهي حبيب آباد ۾ ۱۹۹۰ء ڌاران پنهنجي وقت جي مشهور ۽ جيد عالمن کان سيپني علمن جي تڪميل

ڪندي دستار فضيلت ٻَڌي سند يافتہ مولوي ٿي ويا.

مولانا صاحب جي مشهور استادن ۾ حضرت مولانا عبدالحي گهوٽو، حضرت مولانا مفتي اعظم پاڪستان مفتي غلام قادر ميمڻ نيڙهي وارا، حضرت مولانا هدايت الله ميمڻ، حضرت مولانا حزب الله ميمڻ، حضرت مولانا محمد بلال موروجو، حضرت مولانا غلام مصطفيٰ جمالي، حضرت مولانا حاجي علي مهر، حضرت مولانا عبدالرحمن پٽو شامل آهن.

مولانا صاحب بحيثيت سياسي رهنما

جيئن تہ حضرت مولانا جن جو تعلق پاڪستان جي مشهور مذهبي ۽ سياسي جماعت جمعيت علماء اسلام سان آهي، سندن تعلق بہ جمعيت جي اڪابرين سان اٿس، ان ڪري پاڻ بہ سٺا سياسي رهنماء پڻ آهن، پاڻ جمعيت علماء اسلام تعلقي لکي غلام شاهہ جا جنرل سيڪريٽري پڻ آهن، پاڻ تعلقي لکي هر اجلاس جي جان هوندا آهن.

ان کان سواءِ مختلف ديني مدرسن ۾ جهڙوڪ: هڪ سال ارشادالقرآن نموهوو، ٻہ سال مدرسہ عثمانيہ سانگي ۾، مدرسہ عربيہ تاج المدارس شڪارپور، مدرسہ عربيہ بحرالعلوم واري تڙ ۽ مدرسة الصالحات باغ حيات ۾ پڙهائڻ کان پوءِ هن وقت لکي غلام شاهہ ۾ پنهنجي قائم ڪيل نياڻين جي مدرسي ۾ بطور صدر مدرس آهن.

سندن مشهور شاگردن ۾ مولانا نويد احمد عباسي، (مهتمم جامعہ عثمانيہ سانگهي)، مولانا نصير احمد عباسي، مولانا افروزاحمد عباسي، مولانا عبدالعزيز چنو، هوٿي ۽ مولانا عبدالڪريم مهر (جيڪي ڪراچيءَ ۾ امام ۽ خطيب آهن) شامل آهن.

ان کان سواءِ پاڻ درسي ڪتابن جا سنڌيءَ ۾ شرح لکيا اٿائون، جيڪي هي آهن (١) معلم الصرف، هي ڪتاب علم صرف جي سجهاڻي تي سولي ۽ سهنجي طريقي تي مشتمل آهي، (٢) معلم النحو، هي ڪتاب علم النحو جي سمجهاڻي تي مشتمل آهي. ۽ سنڌ جي مشهور علمي، تاريخي، ادبي، ۽ مذهبي رسالن جهڙوڪ: ماهوار شريعت سکر، ماهوار النصيحت سکر، ۾ مضمون شايع ٿيل آهن. حضرت مولانا جن کي اولاد ٽي پٽ هڪ مولوي فضل الرحمن، ٻيو قاري عزيز الرحمن، (جيڪو سندن نائب پڻ آهي) ٽيون پٽ محمود الرحمن.

مولانا نصيراحمد پٽو

03337523519

نالو ۽ نسب

مولانا نصيراحمد بن محمد پناهہ پٽو ڳوٺ وانڍ خدابخش پٽو نزد ڪيهر تعلقو ڏوڪر ضلع لاڙڪاڻو ۾ ١٩٨٣ع ڌاران پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

پرائمري پنهنجي ڳوٺ وانڍ خدابخش پٽو مان پاس ڪري ڇهون درجو هاءِ اسڪول ڪيهر ستين درجي کان ايم اي اسلامڪ ڪلچر تائين قمبر ۾ پڙهيا. جڏهن تہ ديني تعليم جي شروعات قمبر شهر جي مشهور ديني درسگاهہ دارالعلوم الشرعيہ قمبر ۾ استاذ القراء قاري محمد عالم عباسي ۽ قاري عبدالستار عباسي جن وٽ ٢٠٠٠ع ڌاران حفظ مڪمل ڪيو. جڏهن تہ درس نظامي جي لاءِ لاڙڪاڻي جي مشهور ديني درسگاهہ جامعہ اسلاميہ اشاعت القرآن والحديث دوادئي روڊ لاڙڪاڻي جو رخ ڪيو. انهيءَ مدرسي ۾ درس نظامي مڪمل ڪري ٢٠١٠ع ڌاران مڪمل عالم دين بڻجي ويا. درس نظاميءَ جي تڪميل ڪرڻ کان پوءِ ٢٠١١ع ۾ جامعہ ابن عباسؓ ڪراچي مان تخصص في اللغة العربية ۽ ٢٠١٢ع ۾ مدينة العلوم نارٿ ناظم آباد مان تخصص في الفقه ڪيائون.

سندن مشهور استادن ۾ حضرت مولانا مفتي حبيب الله شيخ، صوفي عبدالواحد شيخ، حضرت مولانا عبدالحميد ڪبر، شيخ موسيٰ عراقي حضرت مولانا مفتي غلام رسول عباسي، حضرت مولانا مسعود احمد سومرو، حضرت مولانا عبدالباسط آرائين ۽ حضرت مولانا احمد الدين لنجار شامل آهن.

ديني علوم جي فراغت کان پوءِ ڪجهہ وقت ديني علوم بہ پڙهيائون جهڙوڪ: تعلقي ڏوڪري باڍهہ جي پير سان مدرسہ تعليم القرآن محموديہ ۾ درس تدريس سان گڏوگڏ اهتمام بہ سندن ئي حوالي آهي.

مولانا صاحب بحيثيت سياسي اڳواڻ

پاڻ جيئن تہ شاگردي دور کان جمعيت علماء اسلام جي ذيلي تنظيم جمعيت طلباء اسلام ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو. جمعيت طلباء اسلام يونٽ جي صدر کان ضلعي ۽ صوبائي صدر رهي چڪا آهن. ان ڪري ڪين جمعيت علماء اسلام ۾ بہ ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو. پاڻ جمعيت علماء اسلام ضلعي تعلقي ڏوڪري جي مختلف عهدن تي ڪم ڪري پاڻ ملهائي رهيا آهن. پاڻ جمعيت علماء اسلام تعلقي ڏوڪري جو هڪ ڀيرو امير رهي چڪا آهن ۽ ٻہ ڀيرا تعلقي ڏوڪري جا جنرل سيڪريٽري بنا مقابلي رهي چڪا آهن. ان کان سواءِ پاڻ جمعيت علماء اسلام ضلعي لاڙڪاڻي جا ٻہ ڀيرا ناظم انتخاب بہ رهي چڪا آهن. ۽ هن وقت جمعيت علماء اسلام ضلعي لاڙڪاڻي جا نائب امير، تعلقي ڏوڪري جا جنرل سيڪريٽري، صوبائي شوريٰ جا رڪن ۽ مرڪزي عمومي جا رڪن پڻ آهن.

سندن روحاني تعلق حضرت مولانا سائين محمد حسن عباسي جن سان ۲۰۱۱ء ۾ بيعت ڪيائون، سندن وفات کان پوءِ محبوب العلماء والصلحاء پير ذوالفقار جن جي هٿن تي بيعت ڪيائون.

مولانا سلطان احمد لاشاري

03000031444

سياست هجي يا خطابت، علمي ميدان هجي يا عملي ميدان، درس تدريس هجي يا ٻيو ڪهڙو بہ ميدان هجي پاڻ هر ميدان جا شهسوار ۽ راهي نظر پئي ايندا. ان ميدان جي هر ڏکيائين کي مرڪي منهن ڏيڻ سندن فطرت ثاني آهي. پاڻ پنهنجي ۽ پراوي ننڍي ۽ وڏي سان اٿي ويهي ٻاڪر پائي ملڻ سندن طبيعت ثاني آهي. هتي سندن تعارف ۽ زندگيءَ جي جهلڪ پيش ڪجي ٿي.

نالو ۽ نسب

مولانا سلطان احمد بن غلام رسول لاشاري ڳوٺ محمد خان بنگلاڻي

۾ ۳ مارچ ۱۹۸۳ء ڌاران پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

پنهنجي ڳوٺ محمد خان بنگلاڻيءَ ۾ پرائمري پنج درجا پاس ڪرڻ کان پوءِ قرآن پاڪ حفظ بہ پنهنجي ئي ڳوٺ ۾ استاد حافظ گل حسن لاشاري جن وٽ ڪيو. ان کان پوءِ درس نظاميءَ سنڌي جي مختلف ديني مدرسن ۾ پڙهيو. جهڙوڪ: مدرسہ عربيہ محمديہ درگاهہ جرار شريف، دارالعلوم اسعديہ ڪوٽ سبزل ۽ جامعہ اسلاميہ ڪلفٽن ڪراچي مان تعليم حاصل ڪندي دوره حديث سنڌ جي مشهور ديني اداري جامعہ مفتاح العلوم حيدرآباد مان ۲۰۰۸ء ڌاران سيني علمن جي تڪميل ڪري سند يافتہ مولوي ٿي ويا. جڏهن تہ درس نظاميءَ کان سواءِ جامعہ شمس العلوم رحيم يار خان پنجاب ۽ جامعہ احسن العلوم گلشن اقبال ڪراچي ۾ دوره تفسير بہ پڙهيو اٿائون.

سندن مشهور استادن ۾ حضرت مولانا سائين محمد عالم ڦهوڙ، حضرت مولانا محمد مراد هاليجوي، حضرت مولانا نور محمد جمالي، حضرت مولانا صوفي عبدالواحد شيخ، حضرت مولانا نظر محمد ڦهوڙ، حضرت مولانا مفتي حبيب الله شيخ، حضرت مولانا نعيم الله ڪوٽ سبزل وارا، حضرت مولانا جان محمد راڄپر، حضرت مولانا شريف الله خان ۽ حضرت مولانا مفتي زرولي خان شامل آهن.

سياسي رهنماء

سندن سياسي تعلق جمعيت علماء اسلام سان آهي. پاڻ هر گهڙي جمعيت علماء اسلام جي پروگرام ۽ مشن تي ڪم ڪري رهيا آهن. سنڌ جي سدا حيات شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحہ جي هن سٽ جو مصداق آهن: "تني ڏٿي ڪاهہ ناهي ويل ويهڻ جي" پاڻ بنا ڪنهن عهدي جي جمعيت علماء اسلام جي ڪم کي پنهنجي ذميواري محسوس ڪندي ان جو حق ڪندا رهندا آهن. جمعيت علماء اسلام جي فنڊ ۾ پنهنجو ڀرپور حصو شامل ڪندا آهن. پاڻ نهايت ئي مهمان نواز سماجي ماڻهو آهن، پاڻ غريبن جي مدد ۽ سهڪار ڪرڻ لاءِ هر وقت ڪوشان رهندا آهن.

مولانا رحيم بخش مهر

03007159272

نالو ۽ نسب

مولانا رحيم بخش ولد حاجي رئيس غلام مصطفيٰ عرف مشتاق علي ذات مهر ڳوٺ غلام مصطفيٰ مهر لڳ لکي غلام شاهه ۾ ١٩٨٢ء ڌاران پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

حضرت مولانا رحيم بخش مهر صاحب پنهنجي تعليم جي شروعات لکي شهر جي مشهور ديني درسگاهه مدرسه عربيه مدينة العلوم حماديه ۾ ڪئي. ان کان پوءِ وڌيڪ علم حاصل ڪرڻ لاءِ پاڪستان جي مشهور ۽ اهم ديني مدرسن جهڙوڪ جامعه احسن العلوم ڪراچي ۽ جامعه فاروقيه نئون پنڊ سکر ۾ مختلف عالمن کان علم حاصل ڪندي آخرڪار سکر شهر جي مشهور علمي ۽ ديني مرڪز جامعه حماديه مظهرالعلوم منزل گاهه سکر ۾ سڀني علمن جي تڪميل ڪري دستار بَڌي سند يافته مولوي ٿي ويا.

سندس مشهور استادن ۾ حضرت مولانا محمد اسماعيل لاشاري حضرت مولانا مفتي زرولي خان ڪراچي، حضرت مولانا محمد مراد هاليجوي ، حضرت مولانا مفتي شفيع محمد انڍڙ، حضرت مولانا مفتي سعود افضل هاليجوي، حضرت مولانا غلام حسين لاشاري ۽ حضرت مولانا احمد دين ڪولاچي شامل آهن.

حضرت مولانا بحيثيت سياسي رهنماء

جيئن ته حضرت مولانا جن پاڪستان جي مشهور ۽ معروف مذهبي ۽ سياسي جماعت جمعيت علماء اسلام سان سلهاڙيل آهن. فراغت کان پوءِ جمعيت علماء اسلام ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. پاڻ هن وقت تائون لکي جا جنرل سيڪريٽري آهن ۽ تعلقي لکي جا ڊپٽي جنرل سيڪريٽير پڻ آهن. ان کان سواءِ پاڻ لکي شهر ۾ هڪ مدرسي جا مهتمم پڻ آهن.

مولانا غلام ياسين گهوٽو

03223080102

نالو ۽ نسب

مولانا غلام ياسين بن خير محمد گهوٽو ڳوٺ جهنگل گهوٽو نزد حسين ٻيلي ضلع گهوٽڪي ۾ ١٩٩٢ء ڌاران پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

پرائمري پنهنجي ڳوٺ جهنگل گهوٽو نزد حسين ٻيلي ۾ پاس ڪيائون. ديني تعليم جي شروعات مدرسه عربيه نورالقرآن حماديه صحافي ڪالوني حيدرآباد ۾ ڪيائون. دار العلوم امينيه سٽيزن ڪالوني ۾ ٢٠٠٥ء ڌاران قرآن پاڪ حفظ مڪمل ڪري درس نظاميءَ جي لاءِ سنڌ جي مختلف مدرسن جو رخ ڪيائون. جهڙوڪ مدرسه عربيه نوالقرآن حماديه صحافي ڪالوني حيدرآباد، جامعه عثمانيه ٽنڊوآدم، مدرسه عربيه قوة الاسلام حيدرآباد، مدرسه عربيه ڪريميه نوراني بستي حيدرآباد مان تعليم حاصل ڪندي جامعه اسلاميه گلشن عمر بختاور ڪالوني قاسم آباد حيدرآباد مان سڀني علمن جي تڪميل ڪري ٢٠١٤ء ڌاران سند يافته مولوي ٿي ويا.

سندن مشهور استادن ۾ مولانا عبدالرشيد چنو، مولانا سعيد احمد جدون، قاري محمد عارف، مولانا مفتي فضل احمد اشرفي، مولانا جنيد احمد اشرفي، مولانا غلام محمد مير بحر، مولانا غلام محمد سومرو، مولانا عبدالرحيم پٽي، مولانا عبدالرحيم بليدي، مولانا جان محمد راڄپر، مولانا عبدالسميع عباسي، مولانا محمد انور، مولانا غلام صديق، مولانا مخدوم محمد روشن صديقي شامل آهن.

مولانا صاحب بحيثيت سياسي رهنماء

پاڻ طالبي واري دور ۾ جمعيت علماء اسلام جي ذيلي تنظيم جمعيت طلباء اسلام ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو آهي. پاڻ جي ٿي آءِ ۾

يونٽ جي سطح کان ضلعي، صوبائي ۽ مرڪزي سطح تائين ڀرپور نموني سان تنظيمي ڪم ڪري چڪا آهن. پاڻ ٻه ڀيرا جتي آءِ جا ضلعي جنرل سيڪريٽري، هڪ ڀيرو صوبائي جوائنٽ سيڪريٽري، هڪ ڀيرو صوبائي پريس سيڪريٽري ۽ هڪ ڀيرو مرڪزي ڪنوينئنگ باڊي ۾ پريس جو معاون رهي چڪا آهن. ان ڪري جمعيت علماء اسلام ۾ ڪين ڪم ڪرڻ جو خوب موقعو مليو. پاڻ هن وقت جمعيت علماء اسلام سٽي حيدرآباد اطلاعات سڪريٽري آهن.

ان کان سواءِ گذريل ڪيترن ئي سالن کان قادري مسجد صحافي ڪالوني ۾ امامت، خطابت سان گڏوگڏ مقامي ٻارن کي ديني تعليم ڏئي رهيا آهن.

حافظ محمد اياز بنگلاڻي

نالو ۽ نسب

حافظ محمد بن حافظ محمد سومر ڳوٺ عرضي خان بنگلاڻي تعلقہ ٺل ضلع جيڪب آباد ۾ ۱۱ آگسٽ ۱۹۹۰ء ڌاران پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

عصري تعليم بي ايڊ تائين حاصل ڪئي اٿس، جڏهن تہ ديني تعليم جي شروعات پنهنجي ڳوٺ ۾ ڪيائين. قرآن پاڪ ڳوٺ ڪريم بخش کوسي جي مدرسي، مدرسہ عربيہ شمس الهديٰ ۾ مڪمل ڪرڻ کان پوءِ فارسي ۽ عربي جا ڪجھ ڪتاب ضلعي خيرپور ميرس جي نهايت ئي قديم مدرسي، مدرسہ عربيہ قاسم العلوم ڪوٽ مير محمد ۾ استاذالعلماء حضرت مولانا نور محمد جمالي جن وٽ پڙهيائين. ڪن مجبورين سبب ديني تعليم مڪمل ڪري نہ سگهيا. البت پاڻ عالمن، حافظن ۽ ديندارن سان محبت ڪندا آهن. ۲۰۱۱ء ڌاران مديني منوره شفٽ ٿي ويا آهن

سياسي سرگرميون

جيئن تہ حافظ صاحب جمعيت علماء اسلام جي مدرسن ۾ تعليم حاصل ڪئي آهي، ان ڪري ڪيس جمعيت علماء اسلام سان محبت ۽ تعلق

پنهنجي استادن کان مليو آهي، پاڻ مديني منوره ۾ بہ جمعيت علماء اسلام جي پليٽ فارم تان ڪم ڪري رهيا آهن. جمعيت علماء اسلام مدينہ منوره ۾ مختلف عهدن تان پنهنجا جوهر ڏيکاري رهيا آهن، جهڙوڪ مدينہ منوره جا ناظم ماليات رهي چڪا آهن. هن وقت جمعيت علماء اسلام مدينہ منوره جا پريس سيڪريٽري آهن. پاڻ مديني پاڪ ۾ جمعيت علماء اسلام جي تنظيمي حوالي سان نهايت ئي ڀرپور ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. جمعيت علماء اسلام جي اڪابرين سان بي پناه محبت ڪندا آهن.

باب پنجون

سنڌ جي قارين ۽ حافظن جو تعارف

هن باب ۾ اسان سنڌ جي قارين ۽ حافظن جو
تعارف پيش ڪنداسون

قاري المقري محمد علي مدني

قرآن پاڪ جي خدمت ۾ پنهنجي زندگي وقف ڪندڙ، يگانه روزگار
قاري المقري، استاذالقراء شيخ العرب والعجم

نالو ۽ نسب

قاري محمد علي بن امير بخش کهڙو ڳوٺ ڦلو تعلقه گمبٽ ۾ ۱۹۴۲ء ڌاران پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

شروعات ۾ پنهنجي ڳوٺ جي پير سان ڀرواڙيءَ جي مختلف مدرسن ۾ پڙهندا رهيا، ڳوٺ ڦلو ۾ هڪ صاحب وٽ سادي نموني قرآن پاڪ ياد ڪيو. ڪجهه وقت ڪرڙاهه ۾ به حافظ رحيم بخش امروٽي وٽ قرآن پڪو ڪيائون. قرآن پاڪ حفظ ڪرڻ کان پوءِ حضرت مولانا عبدالعزيز جن وٽ ڪجهه فارسيءَ جا ڪتاب پڙهيائون، ان کان پوءِ حضرت مولانا عبدالغفار جن وٽ ميرپور پُٺي ۾ صرف ۽ قرآن پاڪ جو ترجمو پڙهيائون. ان کان پوءِ کين حرمين شريفين وڃڻ جو شوق ٿيو ته اتي وڃي قرآن پاڪ پڙهان. ربيع الاول ۱۳۷۰ هجري مطابق ۱۹۵۸ء ڌاران هتان روانا ٿيا. ان زماني ۾ وڃڻ لاءِ ايتريون گهڻيون رڪاوٽون نه هونديون هيون، پهريون گوادر ويا، پوءِ مسقط جي بندرگاهه ۾ ترسي، پوءِ مڪليٰ ۽ عدن (جنوبي يمن) شمالي يمن جي رستي کان ٿيندي سعودي عرب ۾ داخل ٿيا، ذوالقعد جي پڇاڙيءَ جده پهتا. هي سفر ڪڏهن اٺن تي، ته وري ڪڏهن لانچن تي ۽ ته وري ڪڏهن پنڌ به ٿي رهيو هو. آخرڪار ڪيترين تڪليفون برداشت ڪري سرزمين سعودي پهچي ويا. پاڻ جڏهن هتان پاڪستان کان روانا ٿيا هئا کين پيسا ڏوڪڙ به ايترا نه هئا، پهريون حج ڪيائون.

حج ڪرڻ کان پوءِ پاڻ مديني رهي پيا، چاڪاڻ کين قرآن پاڪ جي تعليم حاصل ڪرڻ جو حد کان وڌيڪ شوق هيو.پاڻ جيئن ته قرآن پاڪ سادي نموني سان پڙهيو هيائون، ان ڪريپيهر قرآن پاڪ پڙهڻ ۾ تمام گهڻي محنت ڪرڻي پئي. سندن استاد محمد عباس بخاري کين تمام گهڻي محنت ڪرائي، هڪ نئون مسلم ساٿي اسلام الدين روزانو اڌ پارو

پڙهندو هيو، اڌ پارو استاد پاڻ به پڙهندو هيو. قاري صاحب نهايت ۽ هوشيار هئا، پاڻ قرآن جي پڙهڻي چڱي ٿي وئي.

ان کان پوءِ قرائت جا ڪتاب شروع ڪيائون. شاطبي (سبع قرئت ۾ جيڪو امام شاطبي ۱۱۷۳ شعرن ۾ لکيو آهي. ياد ڪيائون. ان کان سواءِ راعيه (علم رسم الخط ۾) ۽ ناظمة الزهر (قرآني آيتن جي ڳاڻيٽي بابت) سو به ياد ڪيائون. هي ٻئي ڪتاب امام شاطبي جا آهن. طيبة النشر (جيڪو امام جزري ۱۰۰۰ بيتن ۾ لکيو آهي) مقدمه ابن جزري(تجويد جي علم بابت آهي) الفية ابن مالڪ ۽ تلخيص المفتاح به ياد ڪيائون، علامه ابن جزري جو ٽن قرائتن بابت ڪتاب الدرة المضيئة به پڙهيائون، اهي سڀ ڪتاب اڍائي سالن ۾ مڪمل ڪيائون. علم قرائت جو اجراءُ حضرت شيخ القراءُ شيخ حسن بن ابراهيم شاعر صاحب کين ٽن سالن ۾ ڪرايو. شيخ صاحب کان قرائت جي سند ورتائون، ان لاءِ شيخ صاحب جن گهر ۾ تقريب منعقد ڪئي.

ان کان پوءِ ڪجهه وقت اتي پڙهائيندا رهيا، پاڪستان اچڻ کان پوءِ مدرسه عربيه اشرفيه ڪجهه سال پڙهائڻ کان پوءِ ۱۹۷۱ء ۾ شڪارپور شهر ۾ ئي دار القرائت جي نالي سان قائم ڪيائون. جنهن مان ڪيترائي طالب فيضياب ٿي چڪا آهن. جڏهن طالبن جو هجوم ٿيو ته اهو مدرسو تنگ ٿي ويو. ان ڪري کين خيال ٿيو ته ٻي ڪنهن هنڌ تي پلاٽ خريد ڪري هڪ وسيع مدرسو کوليو وڃي. ان ڪري پاڻ ۱۹۹۸ء شڪارپور شهر نيو فوجداري روڊ تي ۲۷۰۰۰ هزار فٽ پلاٽ خريد ڪري ۱۸ ذوالقعد ۱۴۲۳ هجري مطابق ۲۲ جنوري ۲۰۰۳ء تي نئون مدرسو نالي جامعه مدنيه کوليائون، جنهن جو سنگ بنياد حضرت مولانا سائين عبدالصمد هاليجوي ۽ ٻين بزرگن رکيو. جتي هاڻي الحمدلله عاليشان مدرسو آهي، جتي پاڻ ۽ سندن فرزند قاري مجيب الرحمٰن مدني قرآن پاڪ جي تعليم لاءِ جاکوڙ ۽ جتن ڪري رهيا آهن.

سندن مشهور استاد

(۱) رحيم بخش امروٽي (جنهن وٽ قاري صاحب جن قرآن مجيد پڪو ڪيو)
(۲) حضرت مولانا عبدالعزيز صاحب (جنهن وٽ ڪجهه فارسي جا ڪتاب پڙهيائون)
(۳) حضرت مولانا عبدالغفار (جنهن وٽ صرف ۽ قرآن پاڪ جو ترجموپڙهيائون)

(۴) قاري محمد عباس بخاري (جنهن وٽ پاڻ علم تجويد ۽ علم قرئت جا ڪتاب پڙهيائون)
(۵) شيخ قاري حسن بن ابراهيم شاعر (جنهن وٽ علم قرائت جو اجراءُ ڪيائون.

سندن مشهور شاگرد

حضرت قاري صاحب جن جا شاگردن جو تمام گهڻو آهي ملڪ توڙي ٻاهرين ملڪن ۾ قرآن جي تعليم عام ڪري رهيا آهن هتي سندن مشهور شاگردن جو ذڪر ڪجي ٿو.

(ا) قاري امير الدين انور ملڪ (مدرس جامعہ مدنيہ تجويد القرآن گهوٽڪي)
(۲) قاري عبدالمالڪ ضلع رحيم يار خان وارو مڪي پاڪ جو شيخ القراء آهي مسجد سليمان خياط ۾ امامت سان گڏوگڏ قرئت عشره جي تدريس ۾ مشغول آهي ۽ جامعہ ام القريٰ مڪي پاڪ ۾ استاد پڻ آهي.
(۳) قاري محمد عالم عباسي. (استاد دارالعلوم الشرعيہ قمبر)
(۴) قاري جاويد احمد سيٺار (محبوب جي قديمي مدرسي ۾ شعبہ حفظ ۽ قرئت جو استاد)

اولاد سنڌ موٽي اچڻ کان پوءِ پنهنجي سوٽ سان شادي ڪيائون، جنهن مان ٻہ پٽ مجيب الرحمٰن، الطاف الرحمٰن ۽ هڪ نياٽي نالي فاطمہ آهي.

قاري ابوالحسن

قرآني تعليم کي عام ڪرڻ لاءِ پنهنجي زندگي ارپيندڙ، مرڪزي جامع مسجد سکر ۾ سالن جا سال تراويح پڙهائيندڙ، جامعہ اشرفيہ سکر جي حفظ شعبي جو اڳوڻو استاد

نالو ۽ نسب

قاري ابوالحسن بن حافظ منصب علي بن ڪرامت علي بن مقدم علي راجپوت **۱۳۳۰** هجري مطابق **۱۹۲۲**ع ڳريڙهي محي الدين ضلع سهارپور هندستان ۾ پيدا ٿيا. پاڻ ڄائي ڄم کان نابين آهن.

تعليم ۽ تربيت

يارهن سالن جي عمر ۾ قاري ضياء الدين وٽ قرآن پاڪ حفظ ڪيائون. قاري ضياء الدين قاري عبدالخالق جو شاگرد هيو. ۽ قاري عبدالخالق مدرسہ صولتيہ ۾ قاري عبدالله بن بشير وٽ پڙهيا. ان کان پوءِ قاري ابو الحسن قاري عبدالخالق وٽ جامع مسجد سهارنپور ۾ چار سال حفص جي روايت ۾ تجويد پڙهي.

قاري صاحب بحيثيت استاد

قاري ابوالحسن صاحب جن قرآن حفظ ۽ تجويد مڪمل ڪرڻ کان پوءِ مختلف ديني مدرسن ۾ قرآن پاڪ جي تعليم ڏئي چڪا آهن. جهڙوڪ: قاري ضياء الدين جي مدرسي انوار مصطفيٰ ۾ ٻہ سال پڙهيائون، مدرسہ مدينة العلوم اِڪلا خانپورضلع ميرٺ، سهارپور ۾ ٽي سال پڙهايائون. مدرسہ خادم العلوم، باغوالي ڳوٺ ۾ ٽي سال پڙهيائون، مدرسہ محسن العلوم رٿول بستي ضلع ميرٺ مدرسہ اوقاف دهلي ۾ ٽي سال پڙهايائون. **۱۹۵۷**ع ڌاري پاڪستان آيا، آخر ۾ جامعہ اشرفيہ والس روڊ سکر ۾ استاد مقرر ٿيا. هن وقت تائين پڙهائي رهيا آهن.

شادي

پهرين شادي هڪ نابينا ۽ مفلوج عورت سان ٿي. جنهن مان ڪيس اٺ پٽ ۽ نياٽيون ٿيون. ٻي شادي سهارنپور مان نابينا عورت سان ڪيائون، جنهن مان ڪيس چار نياٽيون ۽ ٻہ پٽ ٿيا.

قاري جاويد احمد سيٺار

پنهنجي سڄي زندگي قرآن پاڪ جي خدمت ڪندڙ، هزارن قارين جو استاد، محبوب ڳوٺ جي قديمي مدرسي مظهرالهديٰ حماديہ کي پروان چڙهائيندڙ، دُريش صفت انسان، نام ۽ نمود کان ڪوهين ڏور، شيخ العرب والعجم استاذالقراء جو ناميارو شاگرد

نالو ۽ نسب

استاذالقراء قاري جاويد احمد بن محمد رمضان سيٺار ڳوٺ مريد سيٺار ضلع شڪارپور ۾ **١٩٥٥ع** ڌاران پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مريد سيٺار مان حاصل ڪيائون. پرائمري، قائدو ۽ ناظره قرآن مجيد مولانا سلطان احمد سيٺار وٽ پڙهيا. ان کان پوءِ حفظ استاد حافظ الله بخش مهر وٽ پڙهيا. قرآن پاڪ حفظ مڪمل ڪرڻ کان پوءِ ڪجهه وقت جهٽ پٽ ۾ قرآن جي تعليم ڏيڻ کان پوءِ ڪين قرائت پڙهڻ جو شوق ٿيو. ان ڪري پاڻ امام القراء شيخ العرب والعجم استاذالقرء قاري محمد علي مدني جن وٽ سندن ئي مدرسي دارالقرائت شڪارپور ۾ قرائت جو فن پڙهيا.

قاري جاويد احمد سيٺار بحيثيت استاد

قاري جاويد احمد سياٺار جن پنهنجي استاد امام القراء شيخ العرب والعجم استاذالقرء قاري محمد علي مدني جن وٽ قرائت پڙهڻ کان پوءِ اتي ئي پنهنجي عظيم استاد جي رهبري ۽ نگرانيءَ ۾ ڪين پڙهائڻ جو موقعو مليو. پاڻ پنهنجي استاد جي نگرانيءَ ۾ اهڙا يگانہ ٿي نڪتا ڪراچي ۽ ٻين مشهور ديني مدرسن ۾ پڙهائڻ جي آڇ ٿي. تمام گهڻيون سهولتون پڻ آڇيون ويون، پر قاري صاحب جن سڀني پيشڪشن کي رد ڪري اچ بہ قاري صاحب جن هڪ ننڍڙي محبوب ڳوٺ ضلع شڪارپور جي نهايت ئي قديمي مدرسي مدرسہ عربيہ مظهرالهديٰ حماديہ ۾ رڳو قرآن پاڪ جي خدمت جي جذبي سان نهايت ئي معمولي پگهار تي پڙهائي رهيا آهن. سندن شاگردن جو تعداد تمام گهڻو آهي، جيڪي مختلف علائقن ۾ قرآن پاڪ جي خدمت ڪري رهيا آهن. پاڻ نهايت ئي ڪسري نفسي ڪندي پنهنجي شاگردن جو ذڪر ڪرڻ کان معذرت ڪيائون. سندن بيعت حضرت سائين حافظ محمود اسعد هاليجوي رحہ واران سان ٿيل اٿن.

قاري فقير الله چوهاڻ

راڄي ڳوٺ تعلقي لکي غلام شاهہ ضلعي شڪارپور کي مذهبي لحاظ کان نهايت ئي اهم حيثيت حاصل آهي. هن ڳوٺ ۾ حافظ، قاري عالم، مصنف، دُرويش، سماجي ورڪر ۽ سياسي ماڻهن جنم ورتو آهي. جن پنهنجي ڳوٺ جي مذهبي توڙي سياسي ۽ سماجي حوالي سان مان مٿاهون ڪيو آهي. هن ڳوٺ ۾ جنم وٺندڙ محترم جناب استاد قاري فقير الله چوهاڻ بہ هڪ هو، جيڪو هڪ پاسي قرآن پاڪ جو حافظ، قاري تہ ٻي پاسي مختلف گورنمنٽ هاءِ اسڪولن ۾ عربي ٽيچر پڻ رهيو. هتي سندن مختلف تعارف پيش ڪجي ٿو.

نالو ۽ نسب

قاري فقير الله بن محمد پيارو **٢ نومبر ١٩٦١ع** ڌاران ڳوٺ راڄي چوهاڻ ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

ديني ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ راڄي چوهاڻ ۾ جناب حافظ الاهي بخش پنجابي کان حاصل ڪيائون. جڏهن تہ قرآن پاڪ حفظ ۽ تجويد جامعہ اسلاميہ بدرالعلوم حسينيہ بخاري محلہ ٻچل شاهہ مياڻي سکر ۾ استاذالقراءُ قاري گل محمد ملڪ جن وٽ پڙهيا. ڪجهه وقت گهوٽڪي جي مشهور ديني اداري جامعہ قاسم العلوم ۾ بہ پڙهيو اٿائون. تقريبا **١٩٨٠ع** ڌاران قرآن پاڪ حفظ ۽ تجويد سان مڪمل ڪيائون. جڏهن تہ سندن دنيوي تعليم هن طرح آهي پرائمري پنهنجي ڳوٺ مان پاس ڪيائون، ميٽرڪ، انٽرميڊئيٽ لکي غلام شاهہ جي هاءِ اسڪول مان حاصل ڪيائون ۽ گريجوئيشن شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي مان ڪيائون.

قاري فقير الله چوهاڻ بحيثيت استاد

پاڻ سنڌ جي مختلف ديني مدرسن ۾ قرآن پاڪ جي تعليم ڏنائون. جامعہ فاروقيہ نئون پنڊ سکر، مدرسہ عربيہ مدينة العلوم لکي غلام شاهہ،

دارالعلوم فضليہ وسريو واهڻ ضلع خيرپور ميرس ۾ پڙهائي چڪا آهن. ان کان سواءِ پاڻ ڪراچي ۾ امامت ۽ ٻارڙن کي قرآني تعليم بہ ڏئي چڪا آهن. ان کان سواءِ کين ١٩٨٨ع ۾ گورنمنٽ جاب مليي. پاڻ هاءِ اسڪولن ۾ عربي ٽيچر رهيا، پاڻ جن اسڪولن ۾ تعليمي فرائض سرانجام ڏنا آهن. اهي هي آهن: گورنمنٽ هاءِ اسڪول لکي غلام شاهہ، گورنمنٽ بوائز هاءِ اسڪول وزير آباد، گورنمنٽ هاءِ ساڪول بنگل دين چوهاڻ ڳوٺ راڄو چوهاڻ، گورنمنٽ مڊل اسڪول جامڙا ۾ تعليمي ۽ تدريسي فرائض سرانجام ڏئي چڪا آهن. عربي ٽيچر هئڻ جي باوجود پاڻ مختلف مسجدن ۾ رمضان المبارڪ ۾ بنا معاوضي تراويح پڙهائيندا هئا، جهڙوڪ الله واري مسجد وزير آباد، جيڪب آباد، ڪراچي ۾ ۽ گيس ڪمپني لڳ راڄو ڳوٺ ۾ تراويح پڙهائي چڪا آهن. پاڻ نهايت ئي نيڪ دل صاحب اخلاق بهترين انسان هئا.

پاڻ هن فاني دنيا مان ٦ جولاءِ ٢٠٠٥ع ڌاران لاڏاڻو ڪري ويا آهن کين پنهنجي اباڻي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو. الله تعالي کين جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا ڪري. اولاد ۾ چار نياٽيون ۽ چار پٽ آهن. ثناء الله چوهاڻ، حمادالله چوهاڻ، حفيظ الله چوهاڻ ۽ اسدالله چوهاڻ آهن.

قاري هدايت الله چوهاڻ

03153592194

نالو ۽ نسب: قاري هدايت الله بن محمد رمضان چوهاڻ ١٩٦٠ع ڌاران راڄو ڳوٺ ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

پرائمري پنهنجي ڳوٺ ۾ پاس ڪرڻ کان پوءِ قرآن پاڪ جي تعليم جي شروعات بہ پنهنجي ڳوٺ جي قديمي مسجد جامع مسجد اقصيٰ ۾ استاد حافظ الاهي بخش پنجابي وٽ ڪيائون. سندن والد پڙهيل نہ هو. ان ڪري پاڻ گهر جي ڪم ڪار سان گڏوگڏ قرآن پاڪ جي تعليم بہ پڙهندا رهيا. آخر ڪار ١٩٧٤ع ڌاران قرآن پاڪ حفظ مڪمل ڪيائون. جڏهن تہ تجويد جي لاءِ لاهور جامعہ مدنيہ ڪريم پارڪ ۾ ٻہ سال پڙهيا.

قاري هدايت الله چوهاڻ بحيثيت استاد

جيئن تہ قاري هدايت الله چوهاڻ جو استاد الاهي بخش پنجابي قاري صاحب جي حفظ مڪمل ڪرڻ سان ئي پنهنجي ڳوٺ پنجاب هليو، ان ڪري قاري صاحب پنهنجي ڳوٺ راڄي چوهاڻ جي جامع مسجد اقصيٰ ۾ امامت ۽ ڳوٺ جي ٻارن کي قرآن پاڪ جي تعليم ڏيڻ لڳا. تقريبا پنهنجي ڳوٺ ۾ پندرهن سال پڙهيائون. ان کان پوءِ مختلف ديني مدرسن ۾ پڙهيائون. جهڙوڪ: ستن ڏڙو نزد روهڙي، منڊو ديرو، وڏي پٽڙي نزد روهڙي، مولانا محمد عيسيٰ جي مدرسي نزد سبزي منڊي سکر، ڊٻ ميراڻي پيارو واهہ نزد روهڙي ۽ جامعہ مخزن العلوم ٽرمل پاور ۾ استاد هجڻ سان گڏوگڏ ناظم بہ رهيا. سندن شاگردن ۾ حافظ غلام نبي چوهاڻ، حافظ عزيزالله چوهاڻ، حافظ عبدالفتاح سومرو، حافظ عبدالعزيز سومرو، حافظ شير گل چوهاڻ، حافظ عبدالقادر سومرو، حافظ محمد عمر سومرو، حافظ امان الله چوهاڻ، حافظ عبدالستار چوهاڻ شامل آهن.

حافظ غلام النبي چوهاڻ

03003988572

راڄي ڳوٺ جي تاريخ ۾ جن ماڻهن جو اهم حصو آهي، انهن ۾ حضرت والد گرامي صوفي خدابخش چوهاڻ (باني مدرسہ عربيہ دارالتعليم حماديہ راڄوڳوٺ) محترم جناب قاري فقير الله چوهاڻ ، محترم جناب ملا بنگل الدين چوهاڻ ۽ محترم جناب حاجي ڪمال الدين چوهاڻ سرفهرست آهن. انهن ۾ جناب حافظ غلام النبي چوهاڻ بہ هڪ آهن. پاڻ راڄي ڳوٺ جي قديمي جامع مسجد اقصيٰ جا امام ۽ خطيب آهن.

نالو ۽ نسب

حافظ غلام النبي بن در محمد چوهاڻ ١٩٦٦ع ڌاران راڄي ڳوٺ تعلقہ لکي غلام شاهہ ضلع شڪارپور ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

پاڻ ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ راڄي ۾ شروع ڪيائون، پنهنجي ئي ڳوٺ ۾ استاد قاري هدايت الله چوهاڻ وٽ ۱۹۷۰ع ڌاران مڪمل ڪيائون. ان کان سواءِ پاڻ ڪجهه وقت جامعه اسلاميه بدرالعلوم حسينيه بخاري محله بچل شاهه مياڻي سکر ۽ جامع گول مسجد سکر قرآن پاڪ جو دور پڪو ڪرڻ ويا.

فراغت کان پوءِ پاڻ پنهنجي ڳوٺ جي جامع مسجد اقصيٰ ۾ امامت،خطابت ۽ رمضان المبارڪ ۾ ڪيترن ئي سالن کان لڳاتار تراويح پڻ پڙهائيندا رهندا آهن. ڪيترائي قرآن پاڪ جا ختم تراويح ۾ پڻ پڙهائي چڪا آهن. ۽ انهيءَ مسجد ۾ پاڻ جمعه ۽ عيدون به پڙهائيندا آهن. ياد رهي ته ڳوٺ ۾ مدرسي نهڻ کان اڳ پاڻ ڪيترائي سال مسجد ڳوٺ جي ٻارن کي قرآن پاڪ جي تعليم ڏيندا رهيا. تقريبا ڳوٺ جا ٻار سندن شاگرد اٿن. آئون پاڻ به وٽن پڙهيو آهيان. جڏهن ڳوٺ ۾ حضرت والد گرامي صوفي خدابخش چوهاڻ جن ۲۰۱۰ع ۾ مدرسي جو بنياد وڌو ۽ ڏسندي ئي ڏسندي هڪ شاندار مدرسو، مدرسه عربيه دارالتعليم حماديه قائم ٿي ويو آهي. هن وقت ڳوٺ جي ٻارن جي تعليم هن مدرسي ۾ ٿيندي آهي. مدرسي ۾ ٻه استاد پڙهائي رهيا آهن. هڪ محترم جناب قاري عبدالمجيد بنگلاڻي، ٻيو محترم جناب قاري نورالدين چوهاڻ.

قاري غلام الله مهر فاروقي

03023627297

لکي شهر ۾ مرد قلندر سان مشهور، بي باڪ نڊر، حَق گو ۽ ارڏو، بهادر ۽ دلير.

نالو ۽ نسب

قاري غلام الله فاروقي بن حاجي سلطان ذات مهر۲۰ فيبروري ۱۹۶۷ع ڌاران نموهرو تعلقه لکي غلام شاهه ضلع شڪارپور ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

قاري غلام الله فاروقي جن پنهنجي ڳوٺ جي قديمي مدرسه عربيه ارشاد القرآن نموهرو ۾ پنهنجي تعليم جي شروعات ڪئي، ان کان پوءِ محبوب ڳوٺ جي نهايت ئي قديمي مدرسه ۾ جڳ مشهور قاري، قاري القراءُ جاويد احمد سيٺار جن وٽ قرآن حفظ ۽ قرئت جو فن مڪمل ڪري ۱۹۸۴ع ڌاران فراغت حاصل ڪئي، سندن استادن ۾ استاد القراء قاري جاويد احمد سيٺار، قاري حبيب الله جتوئي ۽ قاري فيض محمد جتوئي شامل آهن.

قاري صاحب بحيثيت مدرس

پاڻ فراغت کان پوءِ هن وقت تائين لڳاتار قرآن پاڪ جي تعليم ڏيڻ ۾ مصروف آهن، پاڻ جامعه عزيزيه رتوديرو ۾ ٻه سال(۱۹۸۵ع _ ۱۹۸۶ع) قرآن پاڪ جي تعليم ڏني، ان کان پوءِ خيرپور شهر جي مشهور مدرسه جامعه حيدريه ۾ هڪ سال پڙهيائون، ان کان پوءِ نوَ سال ورايو ڳوٺ ۾ پڙهيائون. ۱۹۹۶ع کان هن وقت تائين لکي شهر ۾ قرآن پاڪ جي تعليم ۾ مصروف آهن، لکي ۾ پاڻ مدرسه جامعه عمر بن خطابؓ جي نالي سان مدرسه قائم ڪيائون، جتي پاڻ به انهي مدرسي ۾ قرآن پاڪ جي تعليم سان ڏيڻ ۾ مصروف آهن. سندن شاگردن جو تعداد به تمام گهڻو آهي. هتي ڪجهه مشهور شاگردن جو ذڪر ڪجي ٿو. جيڪي مختلف علائقن ۾ قرآن پاڪ جي تعليم ۾ مصروف آهن. قاري منظور احمد اوڳاهي، قاري نور حسن اوڳاهي، قاري بشير احمد اوڳاهي، قاري عبدالوحيد ميمڻ لکي ۾ امامت ڪن ٿا. قاري عمران احمد ميمڻ (مسجد نور لکي ۾ امام آهن) قاري عابد احمد مهر (جيڪي جامعه عمر بن خطابؓ ۾ پنهنجي استاد جا ٻانهه ٻيلي ٿي قرآن پاڪ جي تعليم عام ڪرڻ ۾ مصروف آهن)

ان کان سواءِ قاري غلام الله فاروقي جن لکي شهر جي مشهورجامع مسجد، مسجد عمرؓجا امام آهن، پاڻ انهيءَ مسجد ۾ خطابت جون ذميواريون به سنڀالي رهيا آهن.

سندن تعلق پاڪستان جي مشهور مذهبي ۽ سياسي جماعت جمعيت علماء اسلام سان آهي، پاڻ جمعيت علماء اسلام لکي ٿائون لکي جا امير آهن، ان کان سوءِ پاڻ تعلقه لکي جي عمومي ۽ شوريٰ جا ميمبر پڻ آهن.

سندن روحاني تعلق ۽ نسبت حضرت مولانا عزيزالرحمن هزاروي سان اٿن، **۱۹۹۳ع** ڌاران حضرت مولانا عزيزالرحمن جي هٿن تي سلسلهٔ چشتيه ۾ بيعت ڪيائون، انهن کان ئي اجازت به مليل اٿن.

قاري منير احمد پهوڙ صديقي

03003155913

نالو ۽ نسب

قاري منير احمد صديقي بن علي محمد پهوڙ ڳوٺ مسو پهوڙ تعلقه خانپور ضلع شڪارپور ۾ **۱۹۷۷ع** ڌاران پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

ابتدائي تعليم قاعدو، ناظره قرآن مجيد ۽ ست سيپارا حفظ پنهنجي ڳوٺ استاد صوفي خير محمد پهوڙ جن وٽ پڙهيا، ان کان پوءِ خانپور شهر جي مشهور ديني مدرسي دارالعلوم اسلاميه ۾ قاري نذير احمد منگي جن وٽ باقي رهيل سڄو قرآن پاڪ مڪمل حفظ ڪيو. پاڻ ڪجهه عربي به پڙهي پر ڪن مجبورين سبب اڳتي پڙهي نه سگهيا. ان کان سواءِ دنيوي تعليم ميٽرڪ تائين گورنمنٽ هاءِ اسڪول خانپور شهر مان حاصل ڪيائون.

قاري منير احمد پهوڙ صديقي بحيثيت استاد

پاڻ قرآن پاڪ حفظ مڪمل ڪرڻ کان پوءِ مختلف علائقن ۾ قرآن پاڪ جي تعليم ڏئي چڪا آهن. جهڙوڪ ڳوٺ رئيس مشتاق احمد مهر نزد لکي غلام شاهه ۾ ڪجهه سال پڙهيائون، ان کان پوءِ عمر مسجد ميمڻ محله ۾ ڪجهه سال امامت جا فرائض سرانجام ڏئي چڪا آهن. ان کان پوءِ **۱۹۹۸ع** ڌاران قاري صاحب پنهنجي محسن محترم جناب ڊاڪٽر فضل الله سينار جن جي اصرار تي سندن مسجد مدني سينار محله خانپور ۾ اداره ٽرسٽ جمعيت تعليم القرآن جي زير نگراني جنهن ۾ ان وقت استاد القراء قاري محمد عاقل رحه جن هئا انهن وٽ قرئت جو ڪورس پڙهيائون. **۱۹۹۸ع** کان ئي پنهنجي محسن محترم جناب ڊاڪٽر فضل الله سينار جي شفقتن سان

پنهنجي ئي ڳوٺ ۾ اداره جمعيت تعليم القرآن جي نگرانيءَ ۾ استاد مقرر ٿيا. هن وقت تائين قاري صاحب جن وٽ پڙهندڙن جو تعداد هزارن ۾ آهي. جيڪي اڪثر ڪري اداره جمعيت تعليم القرآن ۾ استاد آهن. جنهن ۾ سندن ننڍو ڀاءُ قاري علي اصغر پهوڙ جيڪي اداره جمعيت تعليم القرآن جي طرفان مقامي ممتحن پڻ آهن. قاري صاحب نهايت ئي محنت ۽ جاکوڙي انسان آهن. قاري صاحب کي اعلي ڪارڪردگيءَ جي بنياد تي ڪيس اداره جمعيت تعليم القرآن پاران انعامن ۽ اعزازن سان نوازيو ويو آهي. مرڪزي دفتر عالمگير مسجد بهادر آباد جي انتظاميه **۲۰۰۴ع** ڌارن حسن ڪارڪردگيءَ جي ڪري ڪيس سنڌ ۽ بلوچستان لاءِ ممتحن يعني انسپيڪٽر جي طور تي مقرر ڪيائون جنهن ۾ خوب خدمتون ادا ڪيائون ۽ **۲۰۰۶ع** کان تربيتي ڪورس جو معلم يعني استاد مقرر ٿيا آهن. پاڻ هن وقت جمعيت تعليم القرآن ٽرسٽ جي طرفان سنڌ ۽ بلوچستان ۾ منعقد ٿيندڙ تربيتي ڪورس ۾ قرآن پاڪ جي تعليم ڏئي رهيا آهن. سندن شاگردن جو تعداد تمام گهڻو آهي. هتي سندن مشهور ۽ اهم شاگردن جو ذڪر ڪجي ٿو. قاري محمد جابر بن مرشد الوحدين حضرت مولانا سائين عبدالصمد هاليجوي، حضرت مولانا سائين نصرالله بن حضرت مولاناعبيدالله هالجوي، حضرت سائين احسان الله بن سائين غلام الله هاليجوي، حضرت سائين انعام الله بن سائين غلام الله هاليجوي، قاري بشير احمد پهوڙ مصري پهوڙ، قاري امير احمد پهوڙ مصري پهوڙ شامل آهن.

ان کان سواءِ قاري صاحب جن اداره جمعيت تعليم القرآن ٽرسٽ ۾ سنڌ جي ڪن علائقن جا ناظم طور تي خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن. جنهن **۵۵۰** مڪاتب جي نگراني ڪن ٿا، **۲۳** ممتحن سندن نگراني هيٺ ڪم ڪري رهيا آهن.

قاري امير علي رند

03012226799

حسن قرائت جي محفلن کي رونق بخشيندڙ، نهايت ئي سريلي آواز جو مالڪ

نالو ۽ نسب

قاري امير علي ولد شير محمد ذات رند ڳوٺ بخشو خان ضلعي نوشهروفيروز ۾ ۲، ۱۰، ۱۹۷۸ع ڌاران پيدا ٿيو.

تعليم ۽ تربيت

حضرت قاري امير علي رند تعليم جي شروعات پنهنجي ڳوٺ جي جامع مسجد ۱۹۸۲ع ڌاران ڪئي. پرائمري تعليم نوشهروفيروز کان حاصل ڪئي. ان کان پوءِ قرآن پاڪ حفظ پنهنجي وقت جي امام القراءُ حضرت قاري محمد اشرف شيخ جن وٽ ڪئي،حضرت قاري امير علي رند جن پنهنجي عظيم استاد امام القراءُ حضرت قاري محمد اشرف شيخ جن وٽ مدرسه شمس الهديٰ پيرن واري مسجد نوشهروفيروز شهر ۾ ۱۹۹۳ع ڌارانقرآن پاڪ مڪمل حفظ ڪيو. حضرت قاري امير علي رند قرآن پاڪ ناظره، حفظ ۽ تجويد هڪ ئي استاد وٽ پڙهي پورو ڪيو.پاڻ هن وقت نوشهروفيروز جي مشهور مسجد پيرن واري مسجد ۾ الله تعاليٰ جي قرآن پاڪ پڙهائي رهيا آهن، سندن خدمت ۾ پڙهندڙن جو تعداد تمام گهڻو آهي، هن وقت سوين شاگرد قرآن پاڪ پڙهي پنهنجن علائقن ۾ قرآن پاڪ جي تعليم ۾ مصروف آهن.

قاري امير علي رند قرآن پاڪ حفظ ڪرڻ کان پوءِ سنڌ ۽ سعودي عرب جي سرزمين تي قرآن پاڪ جي منڙي ۽ من موهيندڙ آواز ۾ ڪيترائي ختم پڙهائي چڪا آهن. پهريون ختم ۱۹۹۴ع ڌاران ڳوٺ دريا خان جلباڻي نزد پريا روڊ، پڙهايو اٿن، ان کان پوءِ يارهن سال حرمين شريفين جي سرزمين تي قرآن پاڪ پڙهايو اٿن. مسجد عبدالله راشد ريح الڪوحل مڪ پاڪ ۽ مسجد حيدري مڪ پاڪ ۾ به قرآن پاڪ جو ختم پڙهايو اٿن.

ان کان سواءِ پاڻ هڪ سال مٽياريءَ جي مدرسه، مدرسه عربيه ڪنزالعلوم ۾ حفظ ۽ تجويد جي شعبه ۾ پڙهايو آهي.

۱۹۹۵ع کان هن وقت تائين نوشهروفيروز شهر جي مشهور مسجد پيرن واري مسجد قرآن پاڪ جي تعليم ڏئي رهيا آهن.

قاري صاحب جا مشهور شاگرد

قاري عطاءالرحمن، نوشهروفيروز (استاد جامعة الرشيد، ڪراچي)، قاري محمد قاسم شيخ، (جيڪو هن وقت سعودي عرب ۾ قرآن پاڪ جي تعليم ڏئي رهيو آهي)، قاري محمد اسلم ڏاهري، (جيڪو هن وقت جامعه فاروقيه ڪراچي ۾ شعبه حفظ ۽ تجويد جو استاد آهي.) قاري الاهي بخش چانڊيو، (جيڪو هن وقت ابراهيم خليل الله مسجد حيدرآباد ۾ امام ۽ خطيب آهي) قاري عبدالواحد ڪوسو، (جيڪو هن وقت شمس العلوم حيدرآباد ۾ پڙهائي رهيو آهي) ۽ قاري عبدالحق رند استاد مدرسه شمس الهديٰ نوشهروفيروز.

قاري صاحب مختلف ديني مدرسن جي سرپرستي ۽ نگراني ڪري رهيا آهن جهڙوڪ: (۱) جامع مسجد طوبيٰ ۽ مدرسه اشرف العلوم المدنيه باءِ پاس نوشهروفيروز، (۲) مدرسه شمس الهديٰ نوشهروفيروز، (۳) مدرسه فاطمة الزهرا هي نياڻين جو مدرسو آهي جتي ۲۰۰ جي لڳ ڀڳ نياڻيون قرآن پاڪ جي تعليم حاصل ڪري رهيون آهن. (۴) مدرسه سبيل السلام نواب شاهه. هي سڀ مدرسه حضرت قاري صاحب جي نگرانيءَ هيٺ هلي رهيا آهن.

اولاد

قاري صاحب جن کي ٻه پٽ هڪ قاري محمد طيب، (جيڪو حضرت قاري صاحب جو نائب پڻ آهي) ٻيو محمد عاصم، ۽ پنج نياڻيون.
قاري صاحب جن جي بيعت حضرت سائين عبدالڪريم پير شريف وارن سان ٿيل آهي.

قاري عبداللطيف تنيو

03003178437

نوجوان قاري صاحب قرآن پاڪ جي خدمت جي جذبي سان شرسار نيڪ دل انسان، نهايت همت جرئت مند ۽ جاڪوڙي جوان، هر وقت قرآن پاڪ جي خدمت جو جذبو رکندڙ.

قاري عبداللطيف بن عبدالغفور ذات ٽنيو ۱۳، ۱۰، ۱۹۷۶ ۾ مھرو ماڙي ۾ پيدا ٿيو.

پنھنجي ڳوٺ مھرو ماڙي تعلقہ خانپور ضلع شڪارپور پرائمري پنج پاس ڪيائين ۽ قرآن پاڪ بہ ناظره پنھنجي ئي ڳوٺ ۾ شروع ڪيائين، جڏھن تہ حفظ جي لاءِ مشھور قاري استاذالقراء قاري جاويد احمد سيٺار جي خدمت ۾ محبوب ڳوٺ جي نھايت ئي قديمي مدرسي ۾ داخل ٿي ۱۹۸۸ء ۾ قرآن پاڪ حفظ ۽ تجويد مڪمل ڪيائون. جڏھن تہ تجويد جا ڪجھ سبق استادالقراء، استادالمجودين شيخ العرب والعجم قاري محمد علي مدني جن وٽ بہ بطور برڪت ۽ شاگرديءَ جو شرف پڻ حاصل ڪيائين. دنيوي تعليم انٽر تائين حاصل ڪيائين. بيعت امام العصر جي جانشين حضرت مولانا سائين عبدالعزيز قريشي دامت برڪاتھم العاليہ جي ھٿن تي ٿيل اٿن.

حفظ ۽ تجويد مڪمل ڪرڻ کان پوءِ سنڌ جي مختلف مدرسن ۾ شعبہ قرئت ۾ بھترين خدمتون سرانجام ڏئي چڪا آھن. قرآن پاڪ حفظ مڪمل ڪرڻ کان پوءِ پنھنجي مربي ۽ استاد، استاذالقراء قاري جاويد احمد سيٺار جي نگرانيءَ ۾ پڙھائڻ جو موقعو مليو. جڏھن تہ ٻين ديني مدرسن ۾ بہ قرآن پاڪ جي خدمت جي حوالي سان پاڻ ملھائي چڪا آھن، جھڙوڪ: مدرسہ عربيہ مدينۃ العلوم پنو عاقل، مدرسہ تجويدالقرآن ڳوٺ حاجي قمرالدين ڏوگر نزد ٽنڊو آدم، مدرسہ دعوت القرآن گوليمار سکر، جامعہ اسلاميہ بدرالعلوم بچل شاھ مياڻي سکر، مدرسہ عربيہ مدينۃ العلوم بشيرآباد سکر، جامعہ انوارالعلوم سکر،

پاڻ قرآن پاڪ جا ۲۹ ختم تروايح ۾ پڙھائي چڪا آھن.سندن مشھور شاگردن ۾ قاري غلام مصطفيٰ سميجو(ھن وقت مدره عربيہ دعوت القرآن گوليمار سکر ۾ استاد آھي) قاري عبدالحميد سولنگي، قاري علي محمد اوڳاھي (ڪراچي ۾ قرئت جي شعبي ۾ استاد آھي) قاري محمد يونس سولنگي شامل آھن. ان سواءِ پاڻ پنھنجي ڳوٺ مھرو ماڙي جي مسجد ۽ مدرسي تعليم القرآن جا مھتمم پڻ آھن.

قاري مشتاق علي جوڻيجو

03013402340

حافظ مشتاق علي بن امداد علي خانپور جوڻيجو تعلقو ۽ ضلعو خيرپور ميرس ۾ ۱۹۷۱ء ڌاران پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

پرائمري پنھنجي ڳوٺ خانپور جوڻيجو ۾ پاس ڪيائين، جڏھن تہ ميٽرڪ ۽ انٽر ناز ھاءِ اسڪول خيرپور ۽ ممتاز ڪاليج خيرپور ميرس ۾ پاس ڪيائين. جڏھن تہ قرآن پاڪ حفظ جامعۃ العلوم الاسلاميہ ۾ ۱۹۹۰ ۾استاد قاري عبدالستار گھانگري وٽ مڪمل ڪري حافظ قرآن بڻجي ويو.

حفظ ڪرڻ کان پوءِ حافظ صاحب مختلف ديني مدرسن ۾ قرآن پاڪ جي تعليم ڏيڻ ۾ مصروف نظر اچي ٿو. پاڻ حفظ مڪمل ڪرڻ پوءِ ڪيترائي سال پنھنجي ڳوٺ خانپور جوڻيجو ۾ قرآن پاڪ جي تعليم ڏني. پاڻ ھن وقت ڪوٽڙي پاور ھائوس ۾ جامع مسجد بيت المڪرم ۾ قرآن پاڪ جي تعليم سان گڏوگڏ امامت ۽ خطابت جا فرائض سرانجام ڏئي رھيا آھن.

پاڻ جمعيت علماء اسلام جا فعال ڪارڪن آھن، شاگردي واري زماني ۾ جمعيت طلباء اسلام ۾ پڻ ڀرپور حصو ورتائون، تعليم جي فراغت کان پوءِ پاڻ جمعيت علماء اسلام يوسي خانپور جوڻيجو ضلعو خيرپو ميرس جا اميﷺر پڻ رھي چڪا آھن، ان سواءِ پاڻ نھايت ئي محبتي ماڻھو با اخلاق باڪردار انسان آھن. پاڻ ھن وقت تراويح ۾ ڪيترائي قرآن پاڪ ختم پڙھائي چڪا آھن. ۱۹۹۶ کان ھن وقت تائين جمعيت تعليم القرآن ٽرسٽ ۾ بطور استاد آھن. نھايت ئي محنتي ۽ جاکوڙي استاد آھن، جمعيت تعليم القرآن جي امتحاني ٽيم طرفان بہ اھڙا ريمارڪس ۽ تاثرات موجود آھن، جنھن ۾ لکيل آھي تہ حافظ صاحب نھايت ئي محنتي ۽ جاکوڙي استاد آھن، شاگردن تي ڀرپور توجھ ۽ ڌيان ڏيندا آھن.

قاري علي محمد چوهاڻ

نوجوان باصلاحيت قرآن مجيد جي خدمت سان سرشار، قاري مدني جو ناميارو شاگرد، ڪيترن ئي ديني مدرسن ۾ قرآن پاڪ جي لاٽ ٻاريندڙ، جنهن جا بيشمار شاگرد مختلف علائقن ۾ قرآن پاڪ جي خدمت ڪن ٿا، هتي سندن مختصر تعارف پيش ڪجي ٿو.

نالو ۽ نسب

قاري علي محمد بن محمد پياروچوهاڻ ١٩٧٣ء ڌاران ڳوٺ راڄو چوهاڻ ضلع شڪارپور تعلقه ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

پرائمري پنهنجي راڄي چوهاڻ ۾ پاس ڪرڻ کان پوءِ ديني تعليم جي شروعات به پنهنجي ڳوٺ مان ڪيائون. وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي مربي ۽ محسن ۽ وڏي ڀاءُ استاد قاري فقيرالله چوهاڻ سان گڏجي سکر شهر جي نهايت ئي قديمي مدرسي جامعه فاروقيه نئون پنڊ سکر ۾ پڙهيا. ان کان پوءِ سڪرنڊ جي مشهور ديني مدرسي جامعه عربيه محمديه تجويدالفرقان ۾ استاذالقراءُ قاري گل محمد ملڪ جن وٽ پڙهيا، قرآن پاڪ حفظ به انهيءَ مدرسي ۾ ڪري دستار فضيلت ٻڌائون. قرآن پاڪ حفظ ڪرڻ کان پوءِ استاذالقراءُ قاري اميرالدين انور ملڪ ۽ شيخ العرب والعجم استاذالقراءُ قاري علي محمد مدني جن وٽ تجويد پڙهيا. فراغت کان پوءِ پنهنجي ئي مادر علمي جامعه عربيه تجويدالفرقان سڪرنڊ ۾ شعبي حفظ جا استاد مقرر ٿيا. اتي ڪجهه سال پڙهايائون، ان پوءِ لکي شهرمدرسه عربيه مدينة العلوم حماديه ۾ ٻه سال پڙهايائون، ان کان سواءِ پاڻ مختلف شهرن ۾ قرآن پاڪ جي تعليم ڏئي چڪا آهن. جڏهن ته سکر شهر جي جامعه اداراة الفرقان الله والي مسجد ۾ حفظ جي شعبي ۾ استاد ۽ ناظم رهيا آهن.

سندن مشهور شاگردن ۾ قاري ثناء الله چاچڙ، قاري حبيب الله هڪڙو، قاري امتياز احمد، قاري محمد صالح ملڪ، قاري شبير احمد ملڪ

پنو عاقل قاري عبدالقدوس لاڙڪ، قاري فرمان علي جتوئي، قاري عبدالرحمٰن گڏاڻي، قاري محد الياس ڪوسو سکر، قاري شفيع محمد جمالي شامل آهن. ان کان سواءِ ڪيترائي سندن شاگرد آهن جيڪي قرآن پاڪ جي خدمت ۾ مصروف آهن.

قاري عطاء الله عباسي

03013687547

نالو ۽ نسب

عطاء الله بنيار محمد عباسي ڳوٺ چونگها ضلع سکر تعلقي پني عاقل ۾ ١٩٧٦ء ڌاران پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

پنهنجي ڳوٺ چونگها ضلع سکر تعلقي پني عاقل ۾ پرائمري پاس ڪيائون، ميٽرڪ پبلڪ اسڪول پني عاقل شهر جي اسڪول مان پاس ڪيائين، قرآن پاڪ ناظره ۽ حفظ جا ١٣ پاره پنهنجي ڳوٺ جي مدرس جامعه عربيه تجويد القرآن عزيزيه چونگها ضلع سکر تعلقي پني عاقل ۾ پڙهي ان کان پوءِ رحيم يار خان جي پير ۾ وستي اسلام آباد مدرسه بدرالعلوم حماديه ۾ ١٩٩٠ء ڌاران حفظ مڪمل ڪيو. سندن استادن ۾ قاري فضل الرحمٰن انڊڙ ۽ حضرت مولانا عبدالخالق چوهاڻ شامل آهن. قرآن پاڪ حفظ ڪرڻ کان پوءِ تعليم القرآن جو ڪورس به ڪيائون. ان کان پوءِ مختلف مدرسن ۾ قرآن پاڪ جي تعليم ڏئي چڪا آهن. جهڙوڪ دارالعلوم حماديه ڳوٺ دوست محمد ابڙو نزد پير جو ڳوٺ، مدرسه تعليم القرآن مردا ڳوٺ نزد گهوٽڪي، حسين پيلي روڊ ۾ تعليمي فرائض سرانجام ڏئي چڪا آهن. ٢٠٠٧ء ڪراچي صفورا ڳوٺ ۾ پلاٽ خريد ڪري مدرسو قائم ڪيائون جنهن جو نالو خالد بن وليدؓ رکيائون، مدرسي جو سنگ بنياد پنهنجي استاد قاري محمد عثمان عباسي کان رکرايائون.

سندن مشهور شاگرد هي آهن. قاري عبدالوحيد ڪيهر. قاري ڪريم بخش گهوٽو، قاري امان الله (مدرسه دارالقرآن حماديه صابو ڳوٺ ۾ ناظم

آهي) قاري اشفاق احمد ڪيهر (استاد مدرسہ خالد بن وليد، قاري محمد صالح ابڙو. ان ڪان سواءِ هڪ ٻيو مدرسو ساڳئي نالي سان سپر هاءِ وي تي هلي رهيا آهن. ياد رهي تہ هي جڳهہ ماستر عبدالعزيز گبول پنهنجي والد صاحب جي ايصال لاءِ وقف ڪئي آهي.

قاري حفيظ الرحمان عمراڻي

03082021748

نالو ۽ نسب

حضرت مولانا قاري حفيظ الرحمان بن مولانا الاهي بخش ذات عمراڻي، شڪارپور شهر ۾ ۷، ۷، **۱۹۸۲ء** ڌاري پيدا ٿيو.

تعليم ۽ تربيت

قاري حفيظ الرحمان پنهنجي تعليم جي شروعات پنهنجي والد مولانا قاضي الاهي بخش جي نگراني ۾ ڪئي. حضرت مولانا قاري حفيظ الرحمان جن قرآن پاڪ حفظ ڪراچي شهر جي مدرسي جامعہ قرآنيہ نزد عائشہ منزل ڪراچي ۾ ڪيو. قرآن پاڪ حفظ مڪمل ڪرڻ بعد فارسي ۽ عربي جي شروعات پنهنجي والد حضرت مولانا قاضي الاهي بخش جن وٽ ڪئي. وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ڪراچي جي مشهور ديني ۽ روحاني مرڪزن جو رخ ڪيو. جهڙوڪ: جامعہ تعليم الاسلام گلشن اقبال ڪراچي، جامعہ معهدالخليل بهادر آباد، ڪراچي، جامعہ عربيہ حفظ القرآن حماديہ نزد خاڪي شاهہ پل خيرپور ميرس، ۽ جامعہ اشرف المدارس گلشن اقبال ۽ ڪراچي جي مختلف مدرسن ۾ مختلف استادن جهڙوڪ: حضرت مولانا احسان الله چانڊيو، حضرت مولانا نور محمد بروهي، حضرت مولانا محمد حسن بروهي (خطيب ۽ امام ايئرپورٽ مسجد ڪراچي) حضرت مولانا عبدالقادر سمون ۽ پنهنجي والد حضرت مولانا الاهي بخش عمراڻي جن وٽ ديني تعليم حاصل ڪندي آخر ڪار **۲۰۰۲ء** ڌاران تعليم الاسلام گلشن اقبال ڪراچي ۾ سڀني علمن جي تڪميل ڪري دستار ٻڌي سند يافتہ مولوي ٿي ويو

سندن تعلق پاڪستان جي اهم ۽ مشهور جماعت جمعيت علماء اسلام سان آهي، پاڻ جمعيت علماء اسلام گلشن اقبال ڪراچي جا سرگرم ۽ فعال ڪارڪن آهن.

قاري حماد الله شيخ

03003490163

نالو ۽ نسب

قاري حماد الله بن حاجي عنايت الله شيخ **۱۹۷۹ء** ڌاران سکر ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

پرائمري تعليم مائڪروويو سکر مان پاس ڪري ديني تعليم جي شروعات پنهنجي ئي جامعہ اسلاميہ دارالقرآنوالحديث مائڪروويو ٽاور سکر ۾ ڪيائون.جڏهن تہ قرآن پاڪ حفظ جي لاءِ سنڌ جي مختلف ديني مدرسن جو رخ ڪيائون. جهڙوڪ: جامعہ مدنيہ تجويد القرآن گهوٽڪي، جامعہ شمس الهدايت ڊٻ مهر شاهہ ضلع خيرپور ميرس ۽ ڪجهہ وقت محبوب ڳوٺ جي قديمي مدرسي ۾ استاذ القراء قاري جاويد احمد صاحب سيٺار وٽ بہ پڙهيا. سندن دستار فضيلت پنهنجي ئي مدرسي، جامعہ اسلاميہ دارالقرآن والحديث مائڪروويو ٽاور سکر ۾ **۲۰۰۲**ءڌاران ٿي. سندن مشهور استادن ۾ استاذالقراء قاري امير الدين انور گهوٽڪي وارا، قاري علي محمد سومرو، قاري سعيد احمد بنگلاٽي ۽ قاري نور احمد بروهي شامل آهن.

حفظ قرآن پاڪ جي تڪميل ڪرڻ ڪان پوءِ پاڻ جامعہ اسلاميہ دار القران والحديث مايڪروويو ٽاور ۾ حفظ جي شعبي جا استاد آهن، جتي پاڻ قرآن پاڪ جي تعليم سان گڏوگڏ مدرسي جي ڪمن ۾ بہ ڀرپور ڪردار ادا ڪندا رهن ٿا، ياد رهي تہ جنهن مدرسي ۾ پاڻ استاد آهن. ان مدرسي جو مهتمم مولانا محمد عارف الحسيني سندن وڏو ڀاءُ آهي.

قاري غلام رسول هاشمي

03004327684

تعلقي ڪوٽڙي جي جلسن ۾ اسٽيج سيڪريٽري جا فرائض سرانجام ڏيندڙ، دارالعلوم هاشميہ جو مهتمم

نالو ۽ نسب

قاري غلام رسول هاشمي بن غلام سرور وارھ لڳ ۱۹۸۳ع ڌاران پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

ابتدائي تعليم وارھ شهر جي نهايت ئي قديمي ديني درسگاھ جامعہ مصباح العلوم ۾ ڪيائون، جڏهن تہ ٻين ديني ادران جهڙوڪ خادم العلوم ميهڙ، جامعہ بنوريہ سائٽ ڪراچي، جامعہ احسن العلوم گلشن اقبال ڪراچي مان تعليم حاصل ڪيائون. جڏهن تہ قرآن پاڪ حفظ جامعہ مصباح العلوم وارھ مان ۱۹۹۶ع ۾ مڪمل ڪري دستار فضيلت ٻَڌائون.

پاڻ هن وقت ڪوٽڙي خورشيد چوڪ جي جامع مدينہ مسجد جا امام ۽ خطيب آهن، ڪوٽڙيءَ ۾ گوهر شاهي جي آستاني جي پر ۾ هڪ ديني ادارو قائم ڪري قرآن پاڪ جي تعليم ۾ مصروف آهن. ان ڪان سواءِ پاڻ جلسن جي اسٽيج سيڪريٽري پڻ ڪندا رهندا آهن ۽ جمعيت علماء اسلام تعلقي ڪوٽڙي جا فعال ۽ سرگرم رڪن آهن.

قاري عبدالواحد چاچڙ

03013888971

نالو ۽ نسب

قاري عبدالواحد بن حاجي بخشڻ ڳوٺ شبير علي بجاراڻي ضلع ڪشمور ۾ ۱۹۸۳ع ڌاران پيداٿيا.

تعليم ۽ تربيت

پرائمري پنهنجي ڳوٺ ۾ پاس ڪيائين، جڏهن تہ ديني تعليم جي شروعات پنهنجي پيءُ مولانا خدابخش چاچڙ وٽ ڪيائين. حفظ قران سنڌ جي مختلف ديني مدرسن ۾ پڙهي، مدرسہ عربيہ شمس الهداية ڏڀ مهر شاھ ضلع خيرپور ميرس ۾ ۱۹۹۷ع ڌاران حافظ عبدالقادر چاچڙ جن وٽ مڪمل ڪري دستار فضيلت ڪيائين، سندن دستار فضيلت شهيد اسلام حضرت علامہ ڊاڪٽر خالد محمود سومري جن ڪرائي، حفظ مڪمل ڪرڻ ڪان پوءِسنڌ جي مشهور ديني مدرسي محبوب ڳوٺ ۾ قاري جاويد احمد سيٺار جن تجويد جو دورو پڙهايائون. ان ڪان پوءِ پاڻ پنهنجي مدرسي ۾ مدرسہ عربيہ اسلاميہ سراج الهديٰ عثمانيہ مائڪرو ٽاور ڪالوني سکر ۾ حفظ شعبي ۾ استاد آهن، سندن مشهور شاگردن ۾ حافظ غلام ياسين چاچڙ، حافظ محمد صديق مستوئي، حافظ غلام اصغر لاشاري، حافظ غلام اڪبر لاشاري شامل آهن. جڏهن تہ سياسي تعلق جمعيت علماء اسلام سان اٿس ۽ جمعيت علماء اسلام جا ضلعي سالار پڻ آهن.

قاري ظهور احمد اڇڻ

03087020826

نالو ۽ نسب

قاري ظهور احمد بن گل محمد اڇڻ ۱۹۸۶ع ڌاران ڏڀ مهر شاھ ضلع خيرپور ميرس ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

تعليم جي شروعات ڏڀ مهر شاھ جي قديمي مدرسي مدرسہ عربيہ شمس الهدايت ڏڀ مهر شاھ ۾ ڪيائون، جڏهن تہ ٻين ديني مدرسن ۾ بہ پڙهيا آهن. جهڙوڪ جامعہ فاروقيہ نئون پنڊ سکر ۽ محبوب ڳوٺ جي قديمي مدرسي ۾ استاذالقراءُ قاري جاويد احمد سيٺار جن پڙهيا. سندن استادن ۾ قاري عبدالقادر چاچڙ مرحوم، قاري نوراحمد بروهي ۽ قاري عبدالرشيد مهر شامل آهن. فراغت ڏڀ مهر شاھ ۾ ڪري اتي ئي ڪين

پڙهائڻ جو موقعو مليو. پاڻ پنهنجي مادر علمي ۾ پورا سانده پنج سال پڙهيائون. ان کان سواءِ پاڻ ڏپ مهر شاھ جي پرائيوٽ اسڪول ڊان پبلڪ اسڪول ۾ بہ پڙهائيندا آهن. ان کان سواءِ پاڻ ڏپ باءِ پاس شيل پيٽرول پمپ جي جامع مسجد ۾ امامت ۽ خطابت ڪندا آهن.

قاري امير احمد ڦوڙ

03022589933

نالو ۽ نسب

قاري اميراحمد بن محمد ڪامل ڦوڙ ڳوٺ مصري ڦوڙ ۾ ۱۹۸۷ع ڌاران پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

پرائمري پنهنجي ڳوٺ ۾ پاس ڪيائون. ميٽرڪ گورنمنٽ هاءِ اسڪول ميرپور ٻرڙو مان پاس ڪيائون.جڏهن تہ ديني تعليم جي شروعات پنهنجي ڳوٺ جي جامع مسجد بزرگ عالم دين حضرت مولانا محمد صالح ڦوڙ جن وٽ قاعدو پڙهيا، ان جي وفات کان پوءِ حافظ مير محمد ڦوڙ جن وٽ ناظره قرآن پاڪ پڙهيائون، ان کان پوءِ رستم شهر جي قديمي مدرسي مدرسہ عربيہ دارالفيوض ۾ پنهنجي وڏي ڀاءُ مولانا رياض احمد ڦوڙ سان گڏجي پڙهڻ ويا، ان کان پوءِ ميرپور ٻرڙي جي مشهور مدرسي لوڙهي واري مدرسي ۾ استاد قاري علي حسن ڀٽي وٽ پڙهيا، ان کان پوءِ باهو ڪوسو ۾ استاد قاري علمي محمد سومري وٽ پڙهيا، ان کان پوءِ مدرسہ اشاعت القرآن ڳوٺ شنگر ٽانوري لڳ ميرپور ٻرڙو ۾ قرآن پاڪ حفظ مڪمل ڪيو. سندن دستار مشهور مبلغ اسلام حضرت مولانا عبدالرزاق ميڪي جي هٿن سان ٿي. قرآن پاڪ حفظ مڪمل ڪرڻ کان پوءِ جامعہ اسلاميہ اشاعت القرآن والحديث لاڙڪاڻي ۾ تجويد قاري مبشر احمد عباسي وٽ پڙهيا. فراغت کان پوءِ پاڻ پنهنجي ڀاءُ سان گڏجي مدرسہ عربيہ رياض العلوم حماديہ ميرپور ٻرڙو ۾ پڙهيائون. ان کان سواءِ مختلف علائقن ۾ ڪيترائي ڀيرا تراويح ۾ قرآن پاڪ جا ختم پڙهائي چڪا آهن.

حافظ علي گل چوهاڻ

03052185874

حافظ علي گل بن علي حسن چوهاڻ ۱۹۹۱ ڌاران ڳوٺ راڃي چوهاڻ تعلقہ لکي ضلع شڪارپور ۾ پيدا ٿيا. پنهنجي تعليم جي شروعات پنهنجي ئي ڳوٺ ۾ ڪري وڏيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ مختلف ديني مدرسن ۾ پڙهيا آهن. جهڙوڪ سڪرنڊ جي مشهور ديني مدرسي ۽ ٻين مدرسن مان قرآن پاڪ حفظ ڪندي آخرڪار لکي شهر جي مدرسہ عمر فاروق مسجد ۾ قاري غلام الله فاروقي جن وٽ حفظ مڪمل ڪري حفظ جي دستار ٻڌائين حفظ ڪرڻ کان پوءِ ڳوٺ راڃي چوهاڻ جي مدرسي مدرسہ عربيہ دارالتعليم حماديہ ۾ شعبہ حفظ ۽ ناظره جا استاد رهي چڪا آهن. پاڻ نهايت محنت ڪش ۽ جاکوڙي انسان آهن. پاڻ هڪ پاسي مدرسي ۾ٻارن کي قرآن پاڪ جي تعليم ڏيڻ ۾ مصروف ۽ مشغول رهندا هئا، تہ وري ٻي پاسي انهن ئي ٻارن کي اسڪول جي تعليم پڻ ڏيندا رهيا. ان کان سواءِ دنيوي تعليم بيچلر آف سائنس انفارميشن ٽيڪنالوجي زرعي يونيورسٽي ٽنڊو ڄام مان ۲۰۱۶ع ۾ ڪيائون.

قاري بشير احمد ڦوڙ

نالو ۽ نسب

قاري بشير احمد بن نظر محمد ڦوڙ ڳوٺ مصري ڦوڙ تعلقہ ٺل ضلع جيڪب آباد ۾ ۱۹۹۲ع ڌاران پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مصري ڦوڙ ۾ استاد مير محمد ڦوڙ جن وٽ پڙهيا، ان کان پوءِ مدرسہ عربيہ مدينة العلوم حماديہ ۾ پڙهيا، ان کان پوءِ دارالفيوض رستم ۾ پڙهيا، ان کان پوءِ ڪنڌ ڪوٽ شهر جي مشهور ديني مدرسي دارالفيوض ۾ پڙهيا، ۲۰۰۷ع ڌاران دارالفيوض ڪنڌ

ڪوٽ استاذالقراء قاري حمادالله شيخ جن وٽ حفظ مڪمل ڪيائون. فراغت کان پوءِ جمعيت تعليم القرآن ٽرسٽ جي طرفان استاذالقراء قاري منير احمد صديقي جن وٽ قرئت جو ڪورس ڪيائون. ڪورس ڪرڻ کان پوءِ پاڻ علائقن ۾ قرآن پاڪ جي تعليم ڏئي چڪا آهن. جهڙوڪ مدرسہ عربيہ رياض العلوم حماديہ ميرپور ٻرڙو ۾ هڪ سال پڙهيائون، ان کان پوءِ جمعيت تعليم القرآن ٽرسٽ جي طرفان ڳوٺ شادي خان لڳ جونگل ۾ هل سال پڙهيائون. ان کان پوءِ پاڻ مختلف علائقن ۾ جمعيت تعليم القرآن ٽرسٽ طرفان پڙهائيندي هن پاڻ پنهنجي ڳوٺ مصري پهوڙ ۾ جمعيت تعليم القرآن ٽرسٽ جي طرفان استاد مقرر آهن، جتي پاڻ پنهنجي ڳوٺ جي ٻارڙن کي قرآن پاڪ جي تعليم ڏيڻ سان گڏوگڏ مسجد جي امامت ۽ ڪيترن ئي سالن تراويحون پڙهائيندا رهن ٿا.

قاري ثناء الله اڄڻ

03063685161

نالو ۽ نسب

قاري ثناء الله اڄڻ بن حاجي محمد امين اڄڻ ڳوٺ رڪياٽي لڳ ڊپ مهرشاه ۾ ١٩٨٨ء پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

تعليم جي شروعات پنهنجي ڳوٺ مان ڪري وڏيڪ ڊپ مهر شاهه جي قديمي مدرسي مدرسہ عربيہ شمس الهدايت ڊپ مهر شاهہ، مدرسہ تعليم القرآن محمدي مسجد شاهي مسجد، دارالفيوض راٽي پور ۾ ٢٠٠٦ء ڌاران قرآن پاڪ حفظ مڪمل ڪري حفظ جي دستار ٻڌي پنهنجي ئي مادر علمي ۾ پڙهائڻ جو ڪين موقعو مليو.سندن استادن ۾ قاري نوراحمد بروهي، قاري اميراحمد سومرو، قاري عبدالرشيد مهر شامل آهن ان کان پوءِ پنهنجي ڳوٺ رڪياٽي جي جامع مسجد ۾ بہ پڙهيائون ۽ هن وقت ڊپ باءِ پاس ۾ پي ايس او پيٽرول پمپ جي مسجد ۾ امامت ڪن ٿا.

قاري محمد حنيف اڄڻ شهيد

نالو ۽ نسب

قاري محمد حنيف بن ملان متل لڳ ڊپ مهرشاه ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

تعليم جي شروعات ڊپ مهر شاهه جي قديمي مدرسي مدرسہ عربيہ شمس الهدايت ڊپ مهر شاهه ۾ ڪيائون. قائدي کان ويندي حفظ تائين انهيءَ مدرسي پڙهيا. حفظ ڪرڻ کان پوءِ ڳوٺ غلام اڄڻ ۾ پڙهائڻ جي شرعات ڪيائون، نهايت ئي محنت جاکوڙ سان ڪم ڪري ٿورن ئي ڏينهن ۾ پنهنجي علائقي ۾ سٺو مان، مرتبو ۽ مقام حاصل ڪري ورتو. قرآن پاڪ جي تعليم سان گڏوگڏ پاڻ ڊپ مهر شاهه جي پرائيوٽ جي اسڪول ۾ بہ پڙهائيندا رهيا آهن. آئون جنهن زماني ۾ ڊپ مهر شاهه ۾ پڙهندو هئس تہ انهن ڏينهن ۾ قاري محمد حنيف شهيد، قاري ظهور احمد اڄڻ، قاري ثناء الله اڄڻ، حافظ مير گل چوهاڻ، حافظ رياز علي چوهاڻ ۽ عبدالحفيظ اڄڻ (جيڪو قاري محمد حنيف اڄڻ جو سؤٽ آهي) ساٿي هئاسون. آئون ۽ عبدالحفيظ اڄڻ شعبہ عربي ۾ پڙهندا هئاسون، باقي ٻيا شعبہ حفظ ۾ پڙهندا هئا. پر اسان سڀني جو کائڻ پيئڻ، گهمڻ ڦرڻ ۽ جلسن وغيره ۾ وڃڻ تقريبا گڏ هوندا هئاسون. اسان سڀني ۾ محترم جناب قاري محمد حنيف اڄڻ شهيد رحہ نهايت کلڻو ۽ مرڪڻو، بهادر ۽ دلير هو. پاڻ هر ڪم نهايت ئي دليريءَ ۽ بهادريءَ سان سرانجام ڏيندو هئا. الله تعاليٰ قاري صاحب مرحوم کي صبر، شڪر، برداشت حلم بردباري جي خوبين سان نوازيو هو. مون کي ياد نٿو اچي تہ ڪڏهن قاري صاحب مرحوم ڪنهن ڳالهه تي ڪاوڙ يا ناراضگي جو اظهار ڪيو هجي. ڪين هر وقت کلڻ ۽ مرڪڻ ۾ ڏسبو هو. بهرحال نهايت ئي سچو، کرو انسان هو. يائرن جهڙو دوست هو، جنهن جي خوبين جي واکاڻ پنهنجا بہ ڪن ٿا تہ پراوا بہ ڪن ٿا. اهڙي نيڪ دل انسان جي وڇوڙي تي لڙڪ هارڻ هڪ فطري عمل آهي. جنهن جي جدائي سندن مٺ مائٽن کي جهوري ڇڏيو آهي تہ اسان دوستن کي بہ هو هر وقت ياد رهندو آهي. شال الله پاڪ کين جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي آمين.

ان کان سواءِ پاڻ هڪ رسالو بہ توحيد بابت ترتيب ڏنو هو، جنهن کي مون ايڊٽ ڪري شايع ڪيو آهي.

قاري نورالدين چوهاڻ

03063617145

نالو ۽ نسب

قاري نورالدين چوهاڻ بن امير بخش چوهاڻ ڳوٺ راڄو چوهاڻ ۾ پيدا ٿيا. پاڻ عالم بہ آهن، حافظ بہ آهن تہ قاري بہ آهن.

تعليم ۽ تربيت

تعليم جي شروعات پنهنجي ڳوٺ مان ڪيائون. وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ڪراچي جي مختلف ديني مدرسن مان تعليم حاصل ڪري جامعة العلوم الاسلاميہ بنوري ٽائون ڪراچي مان دوره حديث مڪمل ڪري عالم دين بڻجي ويا. دوره حديث مڪمل ڪرڻ کان پوءِ فقيھ سنڌ مفتي اعظم حضرت مولانا مفتي حبيب الله شيخ رحہ جن جي نگراني ۾ تخصص في الفقھ (مفتي جو ڪورس) ڪيائون. فراغت کان پوءِ متصل احقر راقم الحروف جي فرمائش تي منهنجي مدرسي، مدرسہ عربيہ دارالتعليم حماديہ راڄو ڳوٺ ۾ پڙهائڻ جو سلسلو شروع ڪيو. جتي پاڻ ٻارڙن کي قرآن پاڪ جي تعليم ڏئي رهيا آهن. ان کان سواءِ سندن سياسي تعلق جمعيت علماء اسلام سان اٿس، جمعيت علماء اسلام تعلقي لڪي جا عمومي جا ممبر پڻ آهن.

قاري عبدالسميع اڄڻ

03060505132

نالو ۽ نسب

قاري عبدالسميع بن استاد حسين بخش اڄڻ وانڊ ڪالوني ڏڀ مهر شاه تعلقہ گمبٽ ضلع خيرپور ميرس ۾ ۱۹۹۶ء ڌاران پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

ابتدائي تعليم مدرسہ تعليم القرآن الحسينيہ وانڊ ڪالوني ڏڀ مهر شاه مان حاصل ڪيائون، ان ئي مدرسي مان پاڻ قرآن پاڪ استاد قاري فريد احمد اڄڻ جن وٽ ۲۰۰۸ء ڌاران مڪمل ڪيو. حفظ مڪمل ڪرڻ کان پوءِ پاڻ ساڳئي مدرسي مدرسہ تعليم القرآن الحسينيہ وانڊ ڪالوني ڏڀ مهر شاه ۾ ئي ڪين پڙهائڻ جو موقعو مليو. شعبہ حفظ ۽ ناظره جا استاد هئڻ سان گڏ وگڏ امامت ۽ خطابت جا فرائض سرانجام ڏئي رهيا آهن. ان کان سواءِ پاڻ علماء ڪرام جو تمام گهڻو احترام ۽ قدر ڪندا آهن. جيڪڏهن سندن مسجد سڳوريءَ ۾ ڪو عالم سڳورو اچي وڃي تہ مصلو ان جي حوالي ڪري ڇڏيندا آهن. اهڙي ريت جيڪڏهن ڪو عالم جمعہ جي ڏينهن اچي وڃي تہ تقريرجي لاءِ بہ ان عالم سڳوري کان وعظ ٻڌي استفادو ڪندا آهن. اهڙن عالمن جو بہ وڏو تعداد آهي، جهڙوڪ استاذالعلماء حضرت مولانا محمد رمضان ڦلپوٽو امير جمعيت علماء اسلام ضلع خيرپور ميرس، استاذالعلماء حضرت مولانا مير محمد ميرڪ، استاذالعلماء حضرت مولانا نعمت الله نعماني شيخ الحديث جامعہ اسلاميہ شمس الهديٰ ڪولابا جيئل احقر راقم الحروف کي بہ سندن مسجد ۾ ڪيترائي ڀيرا تقرير ڪرڻ جو موقعو مليو آهي. پاڻ نهايت ئي خدمت جي سرشار ٿي عالمن ۽ صالحن جي چڱي نموني خدمت ڪندا رهندا آهن.

قاري عبدالحڪيم گلال

03083488680

نالو ۽ نسب

قاري عبدالحڪيم بن قادربخش گلال ۱۹۹۹ء ڌاران ڏڀ مهر شاه ضلع خيرپور ميرس ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

پرائمري ڏڀ مهر شاه مان پاس ڪيائون. ديني تعليم جي شروعات بہ ڏڀ مهر شاه جي قديمي مدرسي مدرسہ عربيہ شمس الهدايت ڏڀ

مهرشاهه ۾ ڪيائون، اٺن سالن جي عمر ۾ قرآن پاڪ حفظ ڪرڻ لڳا ۽ يارنهن سالن جي ڄمار ۾ قرآن پاڪ ڏڀ مهر شاهه جي مدرسي ۾ استاد قاري عبدالرشيد مهر جن وٽ حفظ مڪمل ڪيو. قرآن پاڪ حفظ مڪمل ڪرڻ کان پوءِ محبوب ڳوٺ ۾ استاذالقراءَ قاري جاويد احمد سيٺار جن وٽ تجويد پڙهيائون. ان کان پوءِ درس نظامي جي شروعات جامعہ ارشادالعلوم ڪنڊو واهڻ ۾ استاذالعلماء حضرت مولانا عبدالحميد مهر جن وٽ صرف ۽ نحو پڙهيا، ان کان پوءِ مدرسہ عربيہ شمس الهدايت ڏڀ مهر شاهه ۾ استاذالعلماء حضرت مولانا ڪليم الله کهڙو، حضرت مولانا عبدالفتاح مهر ۽ ٻين عالمن وٽ پڙهيا، ان کان پوءِ دوره حديث جامعہ حماديہ خيرپور ميرس ۾ استاذالعلماء حضرت مولانا ميرمحمد هنجراهه، استاذالعلماء حضرت مولانا اصغر علي آرائين جن وٽ پڙهي **٢٠٢١**ع ڏاران سند يافتہ عالم ٿيا. ان کان سواءِ پاڻ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي مان ايم اي اسلامڪ پڻ ڪئي آهي. هن وقت جامع مسجد فردوس ۾ نائب امام ۽ مدرسي ۾ شعبي عربي جا استاد آهن.

باب ڇهون

سماجي ورڪرن جو تعارف

هن باب ۾ اسان سماجي رهنمائن جو تعارف پيش ڪنداسون، جيڪي ڏينهن رات عوام جي ڀلائيءَ جي ڪمن ۾ پاڻ پتوڙي رهيا آهن.

صوفي خدا بخش چوهاڻ

باني مدرسه عربيه دارالتعليم حماديه گلشن امام سنڌي، ڳوٺ راڄو چوهاڻ ۾ ديني جلسن جو بنياد رکندڙ، بي لوث انسان، ماڻڪ ۽ موتي، درويش صفت انسان

ماڻهو سڀ نه سهڻا ، پکي سڀ نه هنج،
ڪنهن ڪنهن ماڻهو منجهه اچي بوءِ بهارجي

هن دنيا جي جهان ۾ روزانو ڪيترائي انسان جنم وٺن ٿا. ڪيترائي انسان وفات ڪن ٿا. هي دنيا جو دستور ۽ معمول قيامت تائين هلندو رهندو.پر ڪن انسانن جو جنم توڙي وفات تاريخ ۾ اهم جڳهه والاريندي آهي. مطلب ته سندن جنم سوڀيا هوندو آهي ته وفات ڪنهن وڏي حادثي کان گهٽ نه هوندو آهي. اهڙن انسانن مان منهنجو محسن منهنجو مربي منهنجو والد محترم صوفي خدا بخش چوهاڻ به هو. هتي سندن تعارف ۽ ديني خدمتن جي جهلڪ پيش ڪجي ٿي.

نالو ۽ نسب

صوفي خدابخش بن الله بخش چوهاڻ.

ولادت

۱۹۴۴ع ۾ راڄو ڳوٺ تعلقه لکي غلام شاه ضلع شڪارپور ۾ ٿي.

تعليم

جيئن ته پاڻ عالم نه هئا. البت عالمن، صالحن، بزرگن ۽ نيڪوڪارن جا صحبتي هئا. سندن زندگيءَ جي هر گهڙي الله تعالىٰ جي پيارن سان گذري. پاڻ فقط قرآن پاڪ ۽ پنج درجا اسڪول پڙهيا هئا.

عملي زندگي

مون جڏهن شعور واري زندگي تي قدم رکيو ته حضرت بابا سائين

جن کي رات جو اسر ويل اٿندي تهجد پڙهندي، ذڪر اذڪار ڪندي ڏٺم، سفر ۾ هجن توڙي گهر ۾ پاڻ تهجد کي فرض وانگر پابنديءَ سان پڙهندا هئا. قرآن جي تلاوت تمام گهڻي ڪندا هئا. ديني ۽ مذهبي ڪتابن جو مطالعو وڏي شوق سان ڪندا هئا، مون ڪين هنن ڪتابن جو مطالعو ڪندي ڏٺم: تفسير تنويرالايمان، تحفة الفقيہ، حڪايت صحابہ وغيره ان کان سواءِ پاڻ امام انقلاب مولانا عبيدالله سنڌي جا مداح ۽ سچا عاشق هئا، مولانا عبيد الله سنڌي جي شخصيت تي ٽي ڪتاب مون کي سندن مطالعي ۾ نظر آيا .

بيعت

بابا سائين جن قطب الاقطاب حضرت مولانا سائين حمادالله هاليجوي جي جانشين حضرت مولانا حافظ محمود اسعد هاليجوي جن سان بيعت هئا. انهيءَ فيض جي برڪت هئي جو پاڻ تہ ڪنهن مجبوريءَ ڪري ديني تعليم حاصل نہ ڪري سگهيا پر پنهنجي پاڻ اولاد کي ديني تعليم ڏياريائون. پاڻ زندگي نهايت سادگي سان گذاريائون. پنهنجي لاءِ ڪجهہ بہ گڏ نہ ڪيائون، حاصل ٿيندڙ مال ملڪيت الله تعالىٰ جي واٽ ۾ خرچ ڪيائون.

ديني خدمتون

ديني جلسا ڪرائڻ

حضرت بابا سائين پنهنجي ڳوٺ ۾ ١٩٨١ع ۾ ديني جلسن ڪرائڻ جو بنياد وڌو سندن زندگيءَ جو پهريون شاندار جلسو ١٩٨١ع ۾ ٿيو، جنهن جو مهمان خاص امام المجاهدين حضرت مولانا ابو المنير سيد محمد شاه امروٽي جن هئا.

بابا سائين جيڪي جلسا پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪرايا هئا، انهن ۾ سنڌ پنجاب جا مشهور خطيب ايندا هئا، جهڙوڪ: حضرت مولانا محمد امين نيڙهي وارا، حضرت مولانا سيد عبدالله شاه بخاري، حضرت مولانا محمد ڪبر ٽري مير واه وارا، حضرت مولانا سيد سراج احمد شاه امروٽي دامت برڪاتهم، حضرت مولانا سائين محمد مراد هاليجوي، حضرت مولانا مير محمد ميرڪ وارا، حضرت مولانا عبدالغفورحقاني پنجاب وارا، حضرت

شهيد اسلام علامہ ڊاڪٽر خالد محمود سومرو ۽ ٻيا عالم سڳورا پڻ جلسن ۾ ايندا هئا. اهو سلسلو اڃا سوڌو جاري آهي، هي جلسا احقر راقم الحروف جي نگرانيءَ ۾ هلن ٿا.

حضرت شهيد اسلام علامہ ڊاڪٽر خالد محمود سومرو غالباً **١٩٩٥** کان وٺي مسلسل هر سال بابا سائين جي جلسي ۾ ايندا هئا، هي غالباً **٢٠١١**ع جو سال هو، حضرت شهيد اسلام علامہ ڊاڪٽر خالد محمود سومرو جن اسلام آباد سينيٽ جي اجلاس ۾ هئا، تنهن ڪري پاڻ بابا ڏانهن پيغام موڪليو تہ آئون هتي اسلام آباد۾ اجلاس ۾ آهيان. آئون نہ ٿو اچي سگهان. اتفاق سان جلسو آچر تي هو ۽ ان ڏينهن اجلاس جو وقفو هو، سو بابا سائين عرض ڪيو تہ اوهان لازمي اچو، اوهان جي اسلام آباد کان راڇو ڳوٺ اچڻ جو خرچو آئون ڀريندس، حضرت شهيد اسلام علامہ ڊاڪٽر خالد محمود سومرو جن فرمايو تہ آئون اوهان کي تڪليف نہ ٿو ڏيڻ چاهيان، بهرحال بابا سائين جن جي جذبي جي ڪري حضرت شهيد اسلام علامہ ڊاڪٽر خالد محمود سومرو جن اسان جي آڱڻ تي آيا، جلسي کي مان ڏنائون.

جلسي کان پوءِ حضرت شهيد اسلام علامہ ڊاڪٽر خالد محمود سومرو جن واپس ورڻ لڳا تہ ڪن دوستن بابا سائين کي چيو تہ حضرت شهيد اسلام علامہ ڊاڪٽر خالد محمود سومرو جن فقط اوهان جي جلسي جي ڪري آيا آهن، ان ڪري اوهان اسلام آباد جيترو ڪرايو ڏيو. حضرت شهيد اسلام علامہ ڊاڪٽر خالد محمود سومرو جن کي خبر پئي تہ انهن کي سختيءَ سان منع ڪيائون تہ اوهان صوفي صاحب کي تنگ نہ ڪريو، آئون ظالم پيءُ جو پٽ نہ آهيان، جو منهنجي ڪري جماعت ۽ صوفي صاحب کي تڪليف ٿئي.

مسجد ۽ مدرسا تعمير ڪرائڻ

بابا سائين جن جي زندگيءَ جو ٻيو اهم مقصد مسجدون ۽ مدرسا تعمير ڪرائڻ هو، پاڻ هن ميدان۾ گهڻو ڪم ڪري ويا آهن، جيڪو سندن لاءِ نجات جو سبب آهي. ان ۾ جامع مسجد اقصىٰ راڇو ڳوٺ ۽ مچ واري مسجد، مدرسہ عربيہ دارالتعليم حماديہ راڇو ڳوٺ جي تعمير شامل آهي

ڳوٺ جي ٻن مسجدن جي تعمير کان فارغ ٿيا تہ ڪين فڪر ٿيو تہ هاڻي ڳوٺ ۾ هڪ ديني ادارو هجي، جيڪو ڳوٺ توڙي آس پاس جي ٻارن

جي تعليمي اخلاقي ۽ اصلاحي تربيت ڪري. مدرسہ لاءِ ڪنهن مناسب جاءِ جو مسئلوهو. ڳوٺ جي ٻاهران هڪ جاءِ سنڌن ذهن ۾ هئي پران جا مالڪ جڳهہ ڏيڻ لاءِ تيار نہ هئا. بابا سائين پاڻ بہ دعائون گهرندا هئا ۽ ولي ڪامل حضرت مولانا سائين محمد يعقوب مهر سومراڻي وارن کان بہ دعائون گهرائيندا هئا. نيٺ دعائن رنگ لاتو ،انهن ماڻهن بابا سائين کي سڏي چيو تہ هي جڳهہ اسان اوهان کي مدرسہ لاءِ وقف ڪري ٿا ڏيو.

وفات

جيئن بابا سائين جي زندگي شاندار گذري، ائين وفات بہ شاندار ٿي پاڻ پنهنجي قائم ڪيل اداري ۾ مغرب جي نماز پڙهي رهيا هئا، پهرئين رڪعت جو پهريون سجدو ڏيندي تاريخ ۲۰۱۵- ۸-۲ جان، جان پيدا ڪندڙ جي حوالي ڪيائون.

سندن جنازي نماز مدرسہ عربيہ دارالتعليم حماديہ راڄو ڳوٺ ۾ سيد السادات حضرت مولانا حافظ سيد سعيد احمد شاہ بخاري ابن مناظره اسلام حضرت مولانا سيد عبدالله شاہ بخاري جن پڙهائي.

اولاد

ٻہ پٽ (۱) مولانا ابو محمد چوهاڻ سليم الله سنڌي. (هن ڪتاب جو ليکڪ فاضل جامعہ اسلاميہ شمس الهديٰ ڪولاب جيئل خيرپور) (۲) عطاءُ الله چوهاڻ ۽ ٽي نياٽيون.

الله پاڪ، بابا سائين جي قبر کي جنت جو باغ بڻائي.آمين.

ڊاڪٽر محمد صالح ميمڻ

03008249108

سماجي باب ۾ جن اهم شخصيتن جو تذڪرو آهي، انهن ۾ محترم جناب ڊاڪٽر محمد صالح ميمڻ جو نالو نمايان آهي. ڊاڪٽر صاحب اکين جي علاج جو سڄي سنڌ ۾ نالي وارو ڊاڪٽر آهي. پروفيسر جي حيثيت ۾ جناح ميڊيڪل ڪاليج (هاڻوڪي جناح سنڌ ميڊيڪل يونيورسٽي) مان

ريٽائر ٿيا. جناح يونيورسٽي واري نوڪري جي عرصي ۾ سرڪاري ڊيوٽيءَ تي توڙي پرائيويٽ پريڪٽس ۾ ماڻهن سان ڀلايون ۽ غريبن جي همدرديءَ ۾ ڊاڪٽر صاحب وڏو نالو ڪمايو. ريٽائر ٿيڻ کان پوءِ اسريٰ اسلامڪ فائونڊيشن جي پليٽ فارم تي پنهنجي دوستن سان گڏ اسريٰ يونيورسٽي ۽ الابراهيم آئي اسپتال جو بنياد وڌو. پاڻ الابراهيم آئي اسپتال جا ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر آهن. ڊاڪٽر صاحب جن تي پنهنجي مربي، محسن ۽ مرشد امام العصر حضرت مولانا سائين عبدالڪريم قريشي پير شريف جن جو اثر غالب رهيو آهي. پاڻ ڊاڪٽر شعبي سان لاڳاپيل هجڻ جي باوجود پاڻ نهايت ئي صوم صلوٰة جو پابند ۽ ڇهري تي سنت رسولﷺ سجائيندڙ، غريب ماروئڙن جي پرگهور ڪندڙ هي مانجهي مڙس اڄ ڪلهہ ميمڻ ڳوٺ ڪراچي الابراهيم اسپتال ۾ انتظامي خدمتن سان گڏ ماڻهن جي اکين جي علاج لاءِ پنهنجون خدمتون پنهنجي وڏي عمر باوجود جاري رکندا اچن ٿا.

سندن نگراني ۾ اسريٰ ٽرسٽ طرفان دنيا ڀر جي مختلف ملڪن ۾ انڌاپڻ کي روڪڻ لاءِ ڪيمپون لڳايون وڃن ٿيون. جتي غريب ۽ بي پهچ ماڻهن جو مفت علاج ڪيو ويندو آهي. ان سان قرآن شريف جي ترجمن ۽ اسلامي ڪتابن جي مفت ۽ گهٽ قيمت تي فراهمي بہ ڪئي ويندي آهي. ڊاڪٽر صاحب پنهنجي پروفيشنل ذميدارين سان گڏ سنڌيت جي جذبي سان سرشار، انسان دوستي ۽ خدا پرستيءَ جو مجسمو آهن. خدمتِ خلق سندن زندگيءَ جو نصب العين آهي ۽ شاهہ لطيف جي هن سٽ:

”جان جان هئي جيئري، ورچي نہ ويٺي“

جو عملي نمونو آهن. ديني ۽ دنياوي لحاظ سان ماڻهن جي خدمت ڪندڙ اهڙا ماڻهو تمام اڻ لڀ آهن. سنڌ ۾ جڏهن بہ مثالي ماڻهن جي فهرست ٺاهي وئي تہ ڊاڪٽر صاحب جن جو نالو انهيءَ ۾ نمايان هوندو.

پاڻ جيڪڏهن چاهين ها تہ هڪ پرائيويٽ اسپتال کولي دنياوي نفعو ڪمائن ها پر خلق جي خدمت کي ترجيح ڏنائون.

الله تعاليٰ کان دعا آهي تہ سندن سايو صحت سان سلامت رکي.

ان کان سواءِ پاڻ بهترين ليکڪ ۽ مضمون نگار پڻ آهن. پاڻ پنهنجي فن ۾ ڊاڪٽري شعبي اکين بابت ڪيترائي مضمون پڻ لکيا آهن.۽ پاڻ پنهنجي مربي، محسن ۽ مرشد امام العصر حضرت مولانا سائين عبدالڪريم قريشي پير وارن تي ماهوار شريعت سکر ۾ پڻ مضمون لکيو.

پروفيسر حماد الله پٽو

03337542010

تعليمي، تبليغي، سياسي، سماجي توڙي تصنيفي خدمتن لاءِ پنهنجي زندگي وقف ڪندڙ، نيڪ سيرت، صورت ۽ صاحب اخلاق.

نالو ۽ نسب

پروفيسر حماد الله بن فيض محمد پٽو ۲۵ آگسٽ ۱۹۷۰ع ڌاران ڳوٺ بنگل ديرو تعلقو رتوديرو ضلعو لاڙڪاڻو ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

جيئن ته سندن والد محترم جناب فيض محمد پٽو پرائمري استاد هئا، ان ڪري پرائمري پنهنجي والد فيض محمد وٽ پڙهيا. سندن ڏاڏو مولانا عبدالحق پٽو صاحب حضرت مولانا ڪهاڙي صاحب جن جو شاگرد هو انهن کين ڪوٽ لعل بخش مهيسر ۾ ديني تعليم ۽ جامع مسجد جا فرائض سنڀالڻ لاءِ اتان جي ڳچ مڙسن جي درخواست تي ديني تعليم جو سلسلو شروع ڪيائون ۽ سندن والد محترم پرائمري ٽيچر رهيا تنهن ڪري سندن ابتدائي تعليم جو سلسلو ڪوٽ لعل بخش مهيسر جي پرائمري اسڪول ۽ جامع مسجد مان شروع ٿي. ٽي درجا پورا ڪيائون ته سندن خاندان لاڙڪاڻي شفٽ ٿيو، پنجو درجو (PC) اسڪول ۾ پڙهيائون ان کان بعد ڇهين جماعت کان مئٽرڪ تائين گورنمينٽ پائلٽ اسڪول ۾ پڙهيا. ٻارهين جماعت گورنمينٽ ڪمرشل ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ (D:com) جي نالي سان حاصل ڪيائون.

B:Com گورنمينٽ ڪامرس ڪاليج لاڙڪاڻي مان حاصل ڪيائون، ان بعد حضرت سائين مولانا عبد الڪريم قريشي صاحب سان مشورو ڪيو ته يونيورسٽي ۾ پڙهڻ چاهيان ٿو، سندن اجازت ۽ دعا سان منهنجي داخلا M:Com ۾ ٿي وئي. سائين پير وارن هڪ تاريخي جملو فرمايو ته M:Com جي تعليم "يعني وٽ تارازين جو علم" پٽ اوهان ضرور پڙهو قوم کي وڏو فائدو ٿيندو.

مئٽرڪ کان وٺندي M:Com تائين سندن تعلق عالمن، بزرگن ۽ الله وارن سان رهيو. جنهن ۾ حضرت سائين مولانا عبد الڪريم قريشي صاحبؒ پير شريف، سندن ڏاڏو حضرت مولانا عبد الحق، مولانا عبد الحق پٽو صاحب، بابا سائين استاد فيض محمد پٽو ، سندن چاچو استاد خادم حسين پٽو، حضرت سائين محمد موسيٰ پٽو صاحب حيدرآباد، حضرت مولانا محمد امين ميمڻ صاحب ٽيڙهي وارا ۽ حضرت سائين مولانا پروفيسر غلام سرور لغاري جن سندن روحاني پيشوا رهيا. سندن ئي محبت، صحبت ۽ ڏيان کين پارس بڻائي ڇڏيو. جمعيت طلباء اسلام ۽ جمعية علماء اسلام ۾ سياسي ۽ مذهبي وابستگي رهي.

تعليمي سلسلو اڳتي وڌائيندي (M.A Ecnomics) خيرپور لطيف يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪئي. انٽر ڊرائينگ جو ڪورس پڻ ڪيو. ٽيڪنيڪل ايڊيوڪشن مان. سنڌي ٽائيپ ڪورس، انگلش ٽائيپ ڪورس، انگلش شارٽ هينڊ ڪورس اسريٰ يونيورسٽيءَ جي طرفان ٽي سال فهم دين ڪورس مڪمل ڪيو جنهن ۾ سنڌ ليول تي پهرين پوزيشن حاصل ڪيائون.

سن ۱۹۹۳ ۾ ليڪچراريءَ جي امتحان لاءِ حيدرآباد ويا، جتي ۴۰۰ اميدوار هيا، پر جڏهن رزلٽ آئوٽ ٿيو ۽ لسٽ لڳي ته ۱۴ اميدوار پاس ٿيا، جنهن ۾ سندن نالو به هيو. پهرين پوسٽنگ گورنمينٽ ڪمرشل ڪاليج ميمڻ ڳوٺ ڪراچيءَ ۾. ان کان بعد ۱۹۹۷ ۾ گورنمينٽ ڪمرشل ڪاليج لاڙڪاڻي ۾. سن ۲۰۰۰ کان گورنمينٽ ڪاليج آف ٽيڪنالاجيءَ ۾ سروس ڪري رهيا آهن. پڙهائڻ سان گڏوگڏ پيون اسائن مينٽس جنهن ۾ ڪاليج جو وائس پرنسپال طور خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن.

ان دوران جامعه اسلاميه ۾ ڊاڪٽر خالد محمود صاحب جن هڪ فيصله ڪميٽي جوڙي جنهن ۾ حضرت مفتي غلام الرسول عباسي صاحب، حضرت مولانا احمد الدين لنجار صاحب ۽ کين مقرر ڪيو. فيصله ڪميٽي ۷ سال تائين بهترين ڪارڪردگي ڏيکاري سوين فيصله ٿيا جنهن ۾ پوليس جي طرفان، ڪورٽن جي طرفان ۽ خانداني جهڳڙن کي تاريخي انداز سان فيصله ڪيا ويا.

سن ۱۹۹۹ کان ٽرسٽ جمعيت تعليم القرآن ڪراچيءَ سان وابستگي ٿي جتي لاڙڪاڻي جو قاري غلام الرسول عباسي صاحب (صدر) طور ڪم

ڪندا هيا، پر پيريءَ جي ڪري ڪراچيءَ جي اجلاس ۾ اهو مشورو ٿيو تہ آئينده بطور صدارت حماد الله پٽو جو نالو پيش ڪيون ٿا ۽ اميد ڪيون ٿا تہ پنهنجي صلاحيتن کي استعمال ڪندي بهترين ڪارڪردگي ڏيکاريندا. الله جي فضل سان پنهنجي ٽيم جي دعائن جنهن ۾ محترم لالہ عبدالرحيم پنهور جنرل سيڪريٽري، محترم استاد عبدالحميد جروار خازن ۽ هينئر مولانا حافظ احسان الله ميمڻ صاحب جنرل سيڪريٽري خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن. الحمد لله هن وقت ۳۰ مدرسہ لاڙڪاڻي ۾ خدمتون ڏئي رهيا آهن. جنهن جو مڪمل رڪارڊ نگراني، سروي ۽ ماهوار اجلاس مستقل نموني سان ٿي رهيو آهي.

ان کان سواءِ ڪتابت جي شعبي ۾ ۽ خطاطيءَ جي ميدان ۾ ڪجهہ ڪتاب حضرت مولانا علي محمد حقاني رحہ جن جا ڪتابت ڪيائون ۽ حضرت ڊاڪٽر شهيدؒ جي سياسي خدمت ۾ سندن ڀرپور ڪردار رهيو آهي.

تصنيفات:

- ديني تعليم ۽ اسان جي اولاد
- ماءُ جي جهوليءَ کان قبر جي جهولي تائين
- پنهنجي گهر کي باہ لڳل آهي پهريان اها وسايو
- اسلاميات يارهين ۽ ٻارهين جماعت لاءِ گائيڊ بوڪ
- اسلام جي بنيادي تعليم (سنڌ جي قيدن جيلن لاءِ)
- (جيڪي لکن جي تعداد ۾ شايع ٿيو)
- بنيادي دينيات (ٽرسٽ جي ڪورس ۾ رکي وئي لکن ۾ شايع ٿي)
- ڇهين جماعت جو ورڊ بوڪ

سرڪاري طرح سان ڪافي ٽريننگس حاصل ڪيون جنهن ۾ جرمنيءَ طرفان ٽيچنگ ميٿڊس تي جرمن استادن کان ٽريننگ حاصل ڪئي انهن وڏا انعام ۽ تحفا ڏنا. پوءِ ماسٽر ٽرينر طور مقرر ٿيا پورو سال استادن کي پڙهائڻ جا بهترين آسان طريقہ سيکاريا لاڙڪاڻي ڊويزن جا سوين استاد هن ٽريننگ مان فائدو حاصل ڪري پنهنجي ادارن ۾ ماهرانہ انداز سان شاگردن کي سکيا ڏئي رهيا آهن.

سماجي خدمتون

ان ميدان ۾ پنهنجي ديني، مذهبي ۽ مائٽن جي حلقي کان تعاون حاصل ڪندي هزارين نلڪا غريب خاندانن جي گهرن ۾ لڳايا وڃن ٿا، لکن جي تعداد ۾ سنڌ اندر وڻ لڳايا ويا آهن، غريب نياڻين جون شاديون، مسڪين، لاچار، معذور گهراڻن ۾ راشن، سرديءَ جي موسم ۾ ڪوٽ، سوئيٽر ۽ گرم ڪپڙا تقسيم ڪرڻ، هزارين ٻارن جا طوهر اجتماعي ڪئمپ لڳائي مفت دوائون، قرآن پاڪ، اسوة رسول اڪرمﷺ ۽ ديني ڪتاب تقسيم، سنڌ اندر مساجد ۽ مدارس ۾ شهيد قرآن پاڪ کي شرعي طريقن سان تدفين ڪندي ڪندي ۴۰ ٽرڪون ڪڍي چڪا آهن، غريب ۽ هوشيار شاگردن کي پڙهائڻ ۾ تعاون ڪري کين نوڪري تائين رسائي ڏيڻ، ڪجهہ مسجدن جي تعميرات ۽ جزوي مرمت، عالمن سڳورن، حافظن سڳورن، ديندار ماڻهن جي خدمت پنهنجو فخر سعادت سمجهن ٿا، معذور ماڻهن ۾ ويل چيئر، ٽراءِ سائيڪل ۽ گهر ۾ ڪمرو ٺهرائي ڏيڻ جي عمده تعاون ۽ حوصلو رکن ٿا.

قومي ۽ خانداني خدمتن جي حوالي سان: پٽو ويلفيئر آرگنائزيشن سنڌ ۾ پنهنجن توڙي پراون جي خدمت ڪندڙ سماجي تنظيم آهي. ٿوري وقت ۾ گهڻن تنظيمن کان اڳ ڪڍيون پئي وڃي. تنظيم جا معمار جناب عبدالحميد پٽو صاحب FIA ڊائريڪٽر ۽ جناب محمد صالح پٽو صاحب ڊائريڪٽر پرائيويٽ اسڪول ڪراچي جيڪي شخص اداري طور سڃاتا وڃن ٿا. انهن بهترين شخصيتن سان موصوف بحيثيت سينئر نائب صدر جڙيا رهيا، اڳتي ٻڌايائون تہ اسان جي مهربان محمد صالح پٽو صاحب (جنرل سيڪريٽري) کي جان ۾ تڪليف محسوس ٿين لڳي، ڏس پتا علاج ڪرائيندي معلوم ٿيو تہ ڪينسر ٽريس ڪيو ويو آهي پوءِ سائين کي آغا خان اسپتال ۾ زير علاج رکيو ويو تقريباً هڪ مهيني تائين روز بروز بيماري جڙ پڪڙيندي وئي آخري ڏينهن ۾ مون کي فون ڪيائين تہ مون وٽ اچو ۽ مون کي ڪجهہ ٽائيم ڏيو ڇو تہ اوهان جي اچڻ سان منهنجي تڪليف گهٽجي وڃي ٿي. پوءِ بنا دير آءٌ ڪراچي پهتس. سائين سان ملاقات ٿي اکين مان لڙڪ وهائي چيائين تہ شايد مان اسپتال کان واپس نہ موٽان، زندگيءَ تي ڪوئي ڀروسو نہ آهي اڳتي BWO جي پارٽ اٿئو ۽

جناب عبدالحميد پنهور صاحب سان گڏجي جڏهن آخري ملاقات ڪئي ته اتي چيائين ته منهنجو عهدو يعني جنرل سيڪريٽري حماد الله جي حوالي ڪيو. هن پيلاري سماجي سپوت ٢٥ آگسٽ ٢٠١٨ تي هن فاني جهان ڪان موڪلائي وڃي حقيقي مالڪ سان مليا. الله پاڪ ڪان دعا آهي ته سندس قبر تي ڪروڙين رحمتون وسنديون رهن. ڪراچي واري تعزيتي ميڙاڪي ۾ جناب عبدالحميد صاحب منهنجي نالي جو اعلان ڪيو بطور جنرل سيڪريٽريءَ جي. جيتوڻيڪ پورفيسر حمادالله پنهور صاحب بار بار معذرت ڪندا رهيا.

خير جي ڪمن ۾ تعاون ۽ برائي جي ڪمن ۾ ڪنهن به قسم جو تعاون نه ڪرڻ جي جذبي تحت معاشري جي اصلاح، ضرورت مند ماڻهن سان جهگڙن ۾ زندگي گذاريندڙ ماڻهن ۾ صلح، غريب شاگردن جي پڙهائي ۾ سهائتا، ظلم جي چڪيءَ ۾ پسجندڙ ماڻهن ڪي سپورٽ، ميڊيڪل مفت ڪئمپ، اکين جي آپريشن جون ڪئمپون لڳائي دوا، آپريشن، لينس ۽ چشما ڏنا وڃن ٿا. پنهور توڙي غير پنهور جي هڪ ئي نظر سان خدمت جي جذبي تحت اڳتي وڌي رهيا آهيون ٢٠١٧ ۾ عمري جو ارادو ڪيو ته جن دوستن ٻڌو اُهي سڀ تيار ٿيڻ لڳا تقريباً ١٢٥ ماڻهن جو وڏو انگ تيار ٿي ويو، ان سعادت ڀري سفر ۾ سندن والد، امڙ، ڀائر، ڀيڻيون، پنهنجي ٻچن سان وڃڻ جي سعادت نصيب ٿي. الحمدلله رب العالمين. هن وقت گورنمينٽ ڪاليج آف ٽيڪنالاجي لاڙڪاڻي ۾ وائيس پرنسپال طور خدمتون ڏئي رهيا آهن.

محترم جناب سيد احمد شاهه

03008315033

سياسي توڙي سماجي ۽ فلاحي ڪمن ۾ اهم ڪردار ادا ڪندڙ، جامعه عطاء العلوم رپڙي ڪي پروان چڙهائيندڙ، عالمن ۽ طالبن سان حد درجي جي محبت ڪندڙ، مسڪين ۽ ماروئڙن جي لاءِ آٿت ۽ سهارو

نالو ۽ نسب

سيد احمد شاهه بن سيد حاڪم علي شاهه بن سيد ڇٽل شاهه بن سيد

امير علي شاهه. سندن شجره نسب حضرت عبدالقادر جيلاني سان ملي ٿو. ڏاڏنگ ۾ حضرت حسن بن علي رضه ۽ نانڪ ۾ حضرت حسين بن علي رضه سان ملي ٿو يعني خانداني طور تي حسني ۽ حسيني سادات سان تعلق آهي، جنهن جو شجرو وٽن موجود ۽ محفوظ آهي.

هينئر رپڙيءَ لڳ ڳوٺ ٽاڳڙو ۾ رهائش پذير آهن. پر سندن پڙڏاڏو سيد امير علي شاهه شيخ طيب قبرستان لڳ ماڙي ڳوٺ ڪان لڏي آيا هيا.

ولادت اسڪول جي ريڪارڊ مطابق ڇهرين اپريل ١٩٦٨ع آهي. البت حقيقي پيدائش ١٩٦٧ع آهي.

تعليم عصري پرائمري پنج درجا پرائمري اسڪول رپڙيءَ مان پاس ڪيائين، مئٽرڪ هاءِ اسڪول رپڙيءَ مان، انٽر سائنس ڊگري ڪاليج گمبٽ، بي. اي ۽ ايم. اي شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور، بي ايڊ علامه اقبال اوپن يونيورسٽي اسلام آباد ۽ ايم ايڊ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور.

ديني تعليم پرائمري دوران پنهنجي مدرسي ۾ استاد قاري محمد انور پنهور صاحب جن وٽ سورت فتح تائين حفظ ڪيائون. قاري صاحب جي مدرسي ڇڏڻ بعد والدين ديني تعليم لاءِ باوجود چاهت جي نه ڇڏيو پوءِ رُخ عصري تعليم ڏانهن ٿي ويو.

ڪين دين سان لڳاءُ آهي، ننڍپڻ ڪان ئي توحيد پرستي نصيب ٿين. هوش سنڀالڻ سان ڪڏهن نماز ۽ روزو قضا نه ڪيائون. ننڍپڻ ۾ ئي تبليغي جماعت سان لڳاءُ هين. ١٩ جون ١٩٨٧ع ۾ پرائمري اسڪول ٽيچر جو آرڊر مليو. ١٩٨٧ع جي اليڪشن ڪان اڳ جمع نماز تي پنهنجي ڳوٺ جي جامع مسجد ۾ ڇهرين تقرير ۽ ڇهرين جمع نماز پڙهايائون.

١٩٨٧ع ۾ ڇهريون دفعو پنهنجي مربي محترم مرحوم استاد نصرالله سان گڏ رائيونڊ تبليغي اجتماع ۾ ويا، ان ڪان بعد تبليغ جو شوق اجاگر ٿيو. پنهنجي علائقي جي ڳوٺن ۾ تبليغ جو ڪم نهايت ئي جوش جذبي تحت ڪندا رهن ٿا.

١٩٨٩ع جي جون ۾ ڇهريون دفعو تبليعي چلو لڳايائون ۽ ڇهريون بيان بهاولپور جي مرڪز ۾ (صبح جو بيان) شب جمعه ۾ مولانا محمّد احمد بهاولپوريءَ جي موجودگيءَ ۾ ڪيائون. ٢٠١٣ع تائين تبليغي اعمال سان جڙيل رهياسون. سالانه اجتماع جو ڪڏهن به ناغو نه ڪيائون آهي.

اصلاحي تعلق شاگردي واري زماني ۾ حضرت سائين حافظ محمود اسعد صاحب کان ذکر ورتائون. بعد ۾ حضرت سائين عبدالصمد مدظله العالي کان. کين سنڌ جي سڀني درگاهن سان گهري نسبت اٿن. البت سڀ کان وڌيڪ پيار ۽ شفقت حضرت سائين محمد يعقوب سومراٽي شريف وارن کان مليو اٿن. مولانا عزيزالرحمٰن هزاروي جن وٽ ٻه مولانا مسعودالرحمٰن سومرو جن سان گڏ اعتڪاف ڪيو. هينئر پير سيد محمّد شاهه مسڪين پور وارن سان ٻه چڱو تعلق آهي.

جامعه عربيه عطاءُ العلوم رپڙيءَ سان تعلق ۽ ذميواري

١٩٨٩ع ۾ جماعت کان واپس اچڻ بعد ديني فڪر پيدا ٿيو ۽ ان سال ئي جون جي موڪلن ۾ رسول بخش شنباٽي جي اسڪول جا پنجين ۽ چوٿين ڪلاس جا شاگرد وٺي اچي مدرسي ۾ رهايم. ان وقت مدرسو طالبن جي رهائش قابل نه هيو، ننڍڙي ٻن شهتيرن جي مسجد هڪ ڪچو هال نه ديوار نه ليٽرين، پر الله پاڪ جي فضل سان ان سال کان ئي مدرسي جي باقاعده ابتدا ٿي. انهن شاگردن مان ٻن شاگردن ١٩٩٤ع ۾ حفظ مڪمل ڪيو ۽ ١٩٩٤ع ۾ دستاربنديءَ جو پهريون جلسو ٿيو ۽ هر سال دستاربنديءَ جا سالانه جلسه ٿيندا رهن ٿا.

مدرسي جي ذميواري: ٢٥ شعبان ١٤٠٨ھ مطابق ٨ اپريل ١٩٨٨ع بروز جمعة المبارڪ استاد العلماءِ حضرت مولانا غلام محمّد پنهور جن جي صدارت ۾ مدرسي جو اجلاس ٿيو، جنهن ۾ مون کي نائب ناظم مقرر ڪيو ويو. ان ڏينهن کان وٺي مدرسي جون سڀ ذميواريون عملي طور منهنجي حوالي رهيون.

الحمدلله صرف رب پاڪ جي ئي فضل ۽ ڪرم سان اڄ اُهو ننڍڙو ادارو جامعه عربيه عطاءُ العلوم جي صورت ۾ موجود آهي. هينئر مدرسي ۾ ٢٥٥ مسافر طلباء موجود آهن الحمدلله دوره حديث تائين مڪمل تعليم تمام اعليٰ معيار جي هلي رهي آهي بنات جي مدرسي ۾ ١٧٥ بنات زير تعليم آهن.

مزيد ديني سرگرميون: پاڻ پنهنجي علائقي ۾ ۽ ڪجهه پرپاسي ذاتي ڪوشش سان ١٦ مسجدون تعمير ڪرائي چڪا آهن. هر مسجد سان گڏ مڪتب ٻه قائم ٿيل آهي جتي ٻارڙن جي ديني تعليم ڏني وڃي ٿي.

سماجي سرگرميون: علائقي ۾ مفت ميڊيڪل ڪئمپون لڳرايون خصوصاً اکين جون ڪئمپپون. سنت طُهر سَون جي تعداد ۾ گهرن ۽ رستن تي نلڪا لڳرايا. بيوه عورتن ۽ يتيم ٻارن سان خصوصي تعاون ڪيو ويندو آهي، سوين بيوه عورتن کي ڳئون، ٻڪريون ۽ سلائي مشينون ڏنيون ويون. هر سال سوين گهرن ۾ رمضان راشن ۽ عيد راشن تقسيم ڪيو ويندو آهي.

علائقي طور تي الله تعاليٰ ڪانئنس صلح ۽ ميڙن جو ڪم ٻه وٺي ٿو.

ڊاڪٽر عبدالباسط علوي

03142477365

ڊاڪٽر صاحب هن ڏتڙيل ظلمن ۾ وڪوڙيل سماج جي دردن جو درمان ڪندڙ، مختلف علائقن ۾ سنڌ ڌرتي تي رهندڙ اهي سماجي ۽ مذهبي اڳواڻ ۽ رهبر آهن. جن پنهنجو قيمتي وقت ڪڍي ڏتڙيل مظلوم ماروئڙن جي بي لوث خدمت ڪئي آهي. اهڙن پاڪ پرين ۽ نيڪ بخت انسانن مان ڪوٽڙي جي علائقي ۾ جنم وٺندڙ ڊاڪٽر عبدالباسط علوي اعواڻ ٻه هڪ آهي.

ڊاڪٽر صاحب ظاهري لحاظ کان دنيوي تعليم يافته ايم بي بي ايس ڊاڪٽر آهي، پر مٿس شريعت جو رنگ ۽ ڍنگ چڙهيل آهي. ڊاڪٽر عبدالباسط علوي اعواڻ جن هڪ عملي گهراڻي ۾ جنم ورتو آهي، سندس والد بزرگوار مولانا محمود احمد اعواڻ آهي، جيڪو باضابط، مظبوط ۽ مستند عالم دين هو. حضرت مولانا محمود احمد اعواڻ پنهنجي دور جو مجاهد عالم دين ۽ ختم نبوت لاءِ بيشمار قرباني پيش ڪري چڪو آهي. پاڻ مولانا منظور احمد چنيوٽي جا شاگرد هئا. اصل ۾ فيصل آباد جا رهندڙ هئا. پر جڏهن مولانا محمود احمد صاحب قاديانين جي خلاف جدوجهد ڪئي ته ان تحريڪ هلائڻ جي ڪري قاديانين جون ننڊون حرام ٿي ويون. قاديانين حضرت مولانا محمود احمد صاحب جن تي قاتلاڻا حملا ٻه ڪيا. پر جنهن کي ”رب رکي تنهن کي ڪير چکي“. بهرحال حضرت مولانا محمود احمد فيصل آباد کان هجرت ڪري ڪوٽڙيءَ ۾ رهائش پذير ٿيا،

هجرت ڪرڻ جي ڪوٽڙيءَ ۾ ديني حوالي سان تمام گهڻو ڪم ڪيائون.
حضرت مولانا محمود احمد اعوان صاحب جن جي تربيت جو اثر آهي، جو ڊاڪٽر عبدالباسط علوي اعوان ظاهري دنيوي تعليم يافته هجڻ جي باوجود پاڻ شريعت جا پابند آهن

ڊاڪٽر عبدالباسط علوي اعوان حضرت مولانا محمود احمد جي گهر ڪوٽڙي ۾ **۱۰** آگسٽ **۱۹۷۵ء** پيدا ٿيا.

ڊاڪٽر عبدالباسط علوي اعوان تعليم جي شروعات ڪوٽڙي ڪان ڪئي. **۱۹۸۵ء** پرائمري پنج ڪلاس مڊل اسڪول واپڊا ڪالوني **۲** ۾ فرسٽ پوزيشن ۾ پاس ڪيائين، جڏهن ته ديني بنيادي تعليم ڪوٽڙي شهر جي مشهور قاري فيض الله شاڪر وٽ ناظره قرآن مجيد تجويد پڙهيائون. ياد رهي ته قاري فيض الله شاڪر هن وقت مدينه منوره ۾ مسجد نبوي ۾ استاد آهي. ميٽرڪ گورنمنٽ بوائز اسڪول ڪوٽڙيءَ **۱۹۹۰ء** ۾ فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيائون، جڏهن ته فرسٽ ايئر ۽ انٽر لطيف آباد پبلڪ اسڪول پري ميڊيڪل **۱۹۹۳ء** ۾ ڪيائون.

ڊاڪٽر صاحب انٽر ڪرڻ کان پوءِ چار مهينا تبليغ ۾ پڻ وقت لڳايا. **۱۹۹۴ء** ۾ لياقت ميڊيڪل ڄام شورو ۾ داخلا ورتائون. **۲۰۰۰ء** ۾ ايم بي بي ايس جي ڊگري ماڻي مڪمل ڊاڪٽر بڻجي ويا. ڊاڪٽر عبدالباسط علوي اعوان جي مشهور ساٿين ۾ ڊا ڪٽر سڪندر شورو، ڊاڪٽر ارشد ابڙو، (جيڪو لياقت ميڊيڪل ۾ ڊاڪٽر آهي) ڊاڪٽر ڊاڪٽر عبدالرب شيخ، جيڪو هلال احمر حيدرآباد ۾ دل جو اسپيشلسٽ آهي) ڊاڪٽر عتيق الرحمان اچڻ، (جيڪو هن وقت ڪراچي هڪ سماجي ويلفيئر ٽرسٽ هلائي رهيو آهي جتي غريب مريضن جو مفت علاج ڪيو ويندو آهي)

ڊاڪٽر صاحب جي ديني غيرت

ڊاڪٽر عبدالباسط علوي اعوان جيئن ته هڪ علمي گهراڻي سان تعلق رکي ٿو، جو سندس والد بزرگوار حضرت مولانا محمود احمد مضبوط ۽ مستند عالم دين هو. ڊاڪٽر صاحب جي تربيت سندن والد بزرگوار خوب ڪئي. ڊاڪٽر صاحب ٻڌايو ته آئون جڏهن فرسٽ ايئر ۽ انٽر لطيف آباد ۾ داخل ٿيس ته سڄي اسڪول ۾ ڪنهن به شاگرد کي ڏاڙهي نه هئي، فقط مون کي ٿي ڏاڙهي رکيل هئي اڃا ڏاڙهي پوري به نه آئي هئي،

بس نبي ڪريم ﷺ جن جي سنت تي عمل ڪرڻ جو شوق ۽ ذوق هو، اسڪول جي وائيس پرنسپال سيف الدين روزاني مون کي ڏاڙهي ڪوڙائڻ لاءِ چوندو هو، سڄي اسيمبلي جي ڇوڪرن مان فقط مون کي ٻاهر ڪڍي چوندو هو ته پنهنجو حليو ته ٺيڪ ڪر. ڊاڪٽر صاحب ٻڌائي ٿو ته هڪ ڏينهن مون وائيس پرنسپال کي چيو ته آئون نبي ڪريم ﷺ جن جي سنت هرگز نه ڪوڙائيندس، اوهان کي جيڪڏهن منهنجي داخلا ڪينسل ڪرڻي آهي ته ڀلي ڪريو، پر آئون ڪنهن به صورت ۾ ڏاڙهي نه ڪوڙائيندس. الله تعاليٰ جو فضل هي ٿيو جو ان اسڪول ۾ پهريون فقط ڊاڪٽر صاحب کي ڏاڙهي هئي، ڊاڪٽر صاحب جي جرئت ۽ ديني غيرت کي ڏسي ٻين شاگردن به ڏاڙهي رکڻ شروع ڪئي. آخرڪار وائيس پرنسپال پوءِ ڏاڙهي بابت چوڻ ئي ڇڏي ڏنو. ان ڏاڙهي تي غيرت ڪرڻ جي ڪري ڊاڪٽر صاحب کي ان زماني ۾ ئي نبي ڪريم ﷺ جن جي زيارت نصيب ٿي. هي سعادت تمام گهٽ ماڻهن کي نصيب ٿيندي آهي، هي الله تعاليٰ جو فضل آهي، جنهن کي عطا ڪري.

سماجي ڪمن ۾ ڊاڪٽر صاحب جو حصو

ڊاڪٽر صاحب نهايت نيڪ دل انسان غريب ماڻهن جي مدد ڪرڻ ۾ هر وقت رڌل نظر ايندا آهن. سندن هي به خوبي آهي، جو پاڻ غريب مريضن جو مفت ۽ سستو علاج ڪندا آهن. جڏهن ته ڊاڪٽر صاحب جن وٽ عالمن ۽ حافظن جو هر وقت هجوم ۽ ميلو متل رهندو آهي، پاڻ مدرسن جي استادن ۽ طالبن جو مفت علاج ڪندا آهن.

ڊاڪٽر صاحب جو سڄو گهراڻو علمي گهراڻو آهي، سندس گهرواري به عالمه فاضله اٿن، جيڪا پنهنجي گهر ۾ ٻارڙن کي ديني تعليم ڏيندي آهي. ڊاڪٽر صاحب جن جو سهرو ڊاڪٽر نذير وڙائچ به نيڪ انسان شريعت جو پابند آهي ۽ تبليغي جماعت ذميوار ۽ اهم فردن ۾ هڪ آهن.

بيعت جي حوالي سان ڊاڪٽر صاحب جي پهرين بيعت حضرت مولانا انعام الحسن سان ٿيل آهي، ان بابت ڊاڪٽر صاحب ٻڌايو لاهور ۾ هڪ اهم اجتماع هو، جنهن ۾ لکن جو مجمع هو، ان لکن جي مجمع ۾ حضرت مولانا انعام الحسن فقط هڪ سو ماڻهن جي بيعت ڪئي هئي، انهن سو ماڻهن ۾ ڊاڪٽر صاحب به شامل هو. حضرت مولانا انعام الحسن جي وفات کان پوءِ

ڊاڪٽر صاحب جن ڀي بيعت قاضي شوڪت هالا وارن سان ڪئي آهي، جيڪو هن وقت تائين سلسلو هلندڙ آهي.

ڊاڪٽر صاحب کي اولاد ۾ ٻه پٽ نالي محمد دانيال جيڪو قرآن پاڪ حفظ ڪري رهيو آهي. ٻيو احمد، هي به قرآن پاڪ حفظ ڪري رهيو آهي، هڪ نياڻي عائشه آهي، هي پنهنجي ماءُ وٽ گهر ۾ قرآن پاڪ جي تعليم حاصل ڪري رهي آهي. ڪوٽڙي ۾ تبليغ جماعت جي حوالي سان ڊاڪٽر صاحب جو اهم ڪردار رهيو آهي. آئون دعا ٿو ڪريان شال رب پاڪ ڊاڪٽر صاحب جي عمر ۾ برڪت عطا ڪري جيئن مظلوم ماروئڙن جي ڀرپور خدمت ڪرڻ سان گڏوگڏ ديني ڪم به ڀرپور نموني ڪري سگهن. آمين.

شيخ عبد الله ڪوهستاني (اڳوڻو چوئٿرام)

03002346354

اسلام هڪ بين الاقوامي، آفاقي ۽ لافاني مذهب آهي. دين اسلام تي هلڻ ئي انسان جي ڪاميابي آهي، اسلام پنهنجن لاءِ ڇپر ۽ ڇانءُ آهي ته غيرن لاءِ به اسلام جون ڀلايون ۽ چڱايون قابل ذڪر آهن. اسلام جي حقانيت جي لاءِ هي دليل آهي ته اڄ مغرب ممالڪ جا فلاسفر به مطالعو ۽ غور فڪر ڪري اسلام قبول ڪري اسلام جي دامن ۾ پناهه ڳولين ٿا، اهڙن نون مسلمانن جي اسلام قبول ڪرڻ جو تمام وڏو داستان آهي. اهڙن نون مسلمانن ۾ شيخ عبدالله ڪوهستاني به هڪ آهي،جنهن پنهنجي اباڻي مذهب کي الوداع ڪري اسلام جي دامن ۾ اچي پنهنجي آخرت جي ڪاميابي ڏانهن قدم وڌايو.

شيخ عبدالله ڪوهستاني ۵. ۷. ۱۹۶۷ع پوهو مل جي گهر ۾ پيدا ٿيو. پاڻ پنهنجي ذاتي مطالعي ۽ ڪجهه دوستن جي ترغيب سان اسلام ڏانهن مائل ٿيو. آخرڪار ۱۹۸۶ع جامعة العلوم الاسلاميه علامه محمد يوسف بنوري جي اڳوڻي مهتمم امام المجاهدين حضرت مولانا مفتي احمدالرحمٰن جي هٿن تي اسلام قبول ڪري چوئٿرام کان شيخ عبدالله ڪوهستاني بڻجي پاڻ کي دين اسلام ۽ سماجي خدمتن لاءِ وقف ڪري ڇڏيو. هتي سندس تعارف پيش ڪجي ٿو.

شيخ عبدالله ڪوهستاني اسلام قبول ڪيو ته هن ديني تعليم حاصل ڪرڻ جو پڪو پهه ڪري ڇڏيو. ديني تعليم جي شروعات قاري محمد اسماعيل گول مسجد سکر وارن جي خدمت ۾ ڪئي، سنڌ جي مختلف ديني مدرسن ۾ ديني تعليم پرائي درس نظامي جي سند حيدرآباد جي مشهور ديني مدرسي مدرسه عربيه قوة الاسلام مان حاصل ڪئي جڏهن ته شهادت العالميه جي سند قاسم العلوم گهوٽڪي مان حاصل ڪئي، جڏهن ته سندن عصري تعليم انٽر تائين حاصل ڪئي اٿائون.

سماجي ڪارڪن جي حيثيت سان

جيئن ته شيخ عبدالله ڪوهستاني اسلام قبول ڪيو ته سندس دل ۾ غريبن جي لاءِ همدرديءَ جو جذبو بيدار ٿيو، ڇاڪاڻ ته پاڻ اسلام قبول ڪرڻ کان پوءِ تمام گهڻين تڪليفن مان گذريو آهي، ان ڪري پاڻ هن وقت غريب ماروئڙن جي مختلف طريقن سان مدد ڪندا آهن. جنهن جو وچور هن ريت آهي:

پاڻ غريب ماروئڙن جي اجتماعي شاديون ڪرائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. شادي ۾ نئين جوڙي لاءِ گهريلو ضروري سامان مهيا ڪرڻ آهي. هن وقت تائين شيخ عبدالله ڪوهستاني هزارن جي تعداد ۾ اجتماعي شاديون ڪرائي چڪا آهن. غريب عوام لاءِ راشن جو انتظام ڪرڻ، غريب ماروئڙن جي لاءِ دوا جو انتظام ڪرڻ ان کان سواءِ ڪيترن ئي طريقن سان غريب عوام جي مدد ڪرڻ پاڻ ملهائي رهيا آهن.

ڪالم نگار جي حيثيت ۾

پاڻ سنڌ جي مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ مضمون نويسي ڪري چڪا آهن. سندن مضمون ماهوار شريعت سکر، ماهوار السنڌ اسلام آباد، پريت پبليڪشن ڪوهستان، ڪوهستان منظر، ماهوار الصادق ڪراچي، ماهوار القاسم ڪوٽڙي ۽ ٻين مختلف رسالن توڙي اخبارن ۾ سندن مضمون شايع ٿي چڪا آهن. جڏهن ته پاڻ ڪنهن زماني ۾ هڪ اخبار سلسيوار عباس خبر نامو جي نالي سان پڻ شايع ڪندا هئا. ان کان سواءِ پاڻ مختلف سنڌ جي عالمن جا ڪتاب به شايع ڪرائي چڪا آهن. جهڙوڪ: سهڻي سوغات هي ڪتاب اصل ۾ عربي ۾ لکيل آهي جيڪو قاضي القضاة مخدوم محمد

هاشم ٺٽوي جو دعا بابت آهي جيڪو فرضي نماز کان پوءِ دعا جي ثبوت لاءِ مخدوم صاحب جو هي ڪتاب نهايت ئي بهترين علمي سوکڙي آهي هڪ ٻيو ڪتاب مرڪون ۽ محبتون جيڪو شاعري جو آهي، هي شاعري قمر ڪوهستاني جي هن ڪتاب کي شيخ عبدالله ڪوهستاني ترتيب ڏئي پنهنجي اداري عباس ڊولپيمنٽ فائونڊيشن پاران شايع ڪيو آهي ۽ شاعر اسلام جناب ڏٽي بخش چاچڙ جي شاعريءَ جو ڪتاب پڻ پنهنجي اداري عباس ڊولپيمنٽ فائونڊيشن پاران شايع ڪيو آهي. سندن سياسي تعلق پاڪستان جي جمهوري جماعت جمعيت علماء اسلام سان پاڻ جمعيت علماء اسلام ضلعي ڄام شوري جا سرپرست آهن.

مولانا اسد الله کهڙو

03003083603

سنڌ ۽ بلوچستان جو مشهور خطيب، شاهه عبداللطيف جو پارکو، منفرد نوعيت جو خطيب، جنهن کي پنهنجا به ٻڌن ته پراوا ٻڌن، خطابت جي ميدان ۾ پنهنجو سڪو ڄمائيندڙ، هر دلعزيز

نالو ۽ نسب

مولانا اسد الله بن گل محمد کهڙو جي گهر ۾ ١٩٧٥ء لڳ کهڙا تعلقه گمبٽ ضلع خيرپور ميرس ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

حضرت مولانا اسد الله کهڙو پنهنجي تعليم جي شروعات ۽ پڄاڻي هڪ ئي مدرسي ۾ مدرسه عربيه مظهرالعلوم حماديه کهڙا ۾ ڪئي. پنهنجي وقت جي جيد عالمن، بزرگن ۽ استادن جهڙوڪ: استاذالعلماء حضرت مولانا عبدالڪريم کهڙو (مهتمم ۽ شيخ الحديث مدرسه عربيه مظهرالعلوم حماديه کهڙا) استاذالعلماء شيخ القرآن محمد عمر کهڙو ۽ استاذالعلماء حضرت مولانا محمد رمضان ڦلپوٽو (شيخ الحديث جامعه دينيه دارالهديٰ ٺيڙهي (حبيب آباد) کان ١٩٩٦ء پڙهي مڪمل عالم بڻجي ويو.

مولانا صاحب بحيثيت خطيب

ديني علوم جي فراغت کان پوءِ سندن شهرت خطابت سان اٿن. پاڻ جنهن نموني سان خطاب ڪري دين جي تبليغ ڪن ٿا، اهو پنهنجي مثال پاڻ آهي. سندن خطاب جو چرچو آهي. نهايت ئي مقبول ۽ عوامي خطيب آهن. سندن خطاب ۾ هڪ جملو واهه جو مشهور آهي، ڇا ته خلق آهي. واقعي سندن تقرير ماڻهن جو ميلو متل هوندو آهي. ماڻهو مولانا اسد الله کهڙو جو جلسن ۾ نالو ٻڌي الائجي ڪٿان ڪٿان ڇڪجي گڏ ٿي ويندا آهن. سندن تقرير ۾ قرآن ۽ حديث سان گڏوگڏ شاهه عبداللطيف جي بيتن سان ٿٻٽار هوندي آهي. موقعي مناسبت سان قرآن جي آيت ۽ حديث شريف مٿان وري ڀٽائي صاحب جو شعر چٽي مجمع تي ڇائجي ويندا آهن. تقرير ڪڏهن جوش ۽ جذبي سان، ڪڏهن سريلي آواز ۾ ۽ ڪڏهن موقعي مناسبت سان لطيفو ٻڌائڻ سندن ئي تقرير جي خصوصيت آهي.

مولانا محمد راشد رباني

03003728437

سماجي ۽ فلاحي ڪمن ۾ سرگرم ،نيڪ سيرت ۽ نيڪ صورت،

نالو ۽ نسب

مولانا محمد راشد رباني بن مولانا مير محمد هنجراهه ميرڪ لڳ هنگورجا ضلع خيرپور ميرس ۾ ١٣ اپريل ١٩٧٣ء ڌاران پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

پرائمري پنهنجي ڳوٺ مان پاس ڪيائون، ميٽرڪ ۽ انٽر هنگورجا مان پاس ڪرڻ کان پوءِ ديني تعليم پنهنجي ئي مدرسي جامعه ارشاد العلوم ميرڪ ۾ ڪيائون، جڏهن ته هالاڻي شهر جي قديمي مدرسي دارالفضل مان قرآن پاڪ حفظ ١٩٨٦ء ڌاران مڪمل ڪيائون ۽ درس نظامي فارسي کان دوره حديث تائين پنهنجي ئي مدرسي، جامعه ارشادالعلوم

ميرڪ ۾ پنهنجي ئي والد صاحب حضرت مولانا مير محمد صاحب جن وٽ پڙهي مڪمل ڪيو. ڪجهه حضرت مولانا مفتي محمد ادريس سومري ۽ حضرت مولانا عبدالعزيز ڪلوڙ جن کان ڪن ڪتابن جو سماع به ڪيائون، ان کان سواءِ امام العصر حضرت مولانا سائين عبدالڪريم پير شريف وارن جي خدمت ۾ وڃي بخاري شريف جي پهرين ۽ آخري حديث پڙهي اعزازي شاگرديءَ جو شرف حاصل ڪيائون. ۱۹۹۸ء ڌاران دستار فضيلت ٻڌي سند يافته مولوي ٿي ويا.

فراغت کان پوءِ پنهنجي ديني اداري جامعه ارشادالعلوم ميرڪ جي ۲۰۱۶ء تائين نظامت ڪيائون، ان کان سواءِ جمعيت علماء اسلام ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيائون. تعلقي سوپيڊيري جو امير به رهيا. پاڻ وقت سماجي ڪمن ۾ مصروف آهن، ۽ ايل ايل بي ڪن ٿا. ان کان سواءِ ڪيترن ئي رسالن توڙي اخبارن ۾ سياسي ۽ سماجي ٻين موضوعن تي مضمون لکندا رهندا آهن.

مولانا خدابخش چاچڙ

03003123863

نالو ۽ نسب

مولانا خدابخش بن حاجي بخشڻ ذات چاچڙ ۱۵ اپريل ۱۹۷۰ ڌاري پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

ابتدائي تعليم حاجي خان ڪلهوڙي جي مدرسي مدرسه عربيه سراج العلوم ۾ شروعات ڪندي وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ جي مختلف ديني ادارن ڏانهن رخ ڪيو، جهڙوڪ: مدرسه عربيه دارالعلوم ڳڙهي پناڻ، جامعه اشرفيه سکر ۽ جامعه حماديه مظهرالعلوم منزل گاهه سکر ۾ دوره حديث پڙهي ۱۹۹۲ء ڌاران مڪمل عالم دين بڻجي ويو. جڏهن ته دوره تفسير حضرت مولانا ڏٽي بخش مهر رستم وارن وٽ پڙهيو. آخري سيپاري جو تفسير مولانا مفتي عبدالوهاب چاچڙ جن وٽ به پڙهيوز

سندن استادن ۾ مولانا رحيم بخش سومرو ، حضرت مولانا خان محمد چاچڙ، حضرت مولانا حبيب الله ڪوهارو ، حضرت مولانا قاري خليل احمد بنڌاڻي ، حضرت مولانا قاري اسلام الدين آرائين ، مولانا مفتي محفوظ الرحمٰن، مولانا مفتي عبدالمجيد دين پوري، حضرت مولانا قاضي عبدالحق، مولانا محمد مراد هاليجوي، مولانا محمد ابراهيم ڪورائي، مولانا علي محمد سهنڊڙو، مولانا عبدالڪريم شيخ شامل آهن.

مولانا چاچڙ صاحب ديني تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ ڳوٺ مشتاق احمد ٻجاراڻي لڳ ڪرم پور ۾ اٺ سال مسجد جي امامت ۽ خطابت سان گڏو گڏ تعليم به ڏيڻ کان پوءِ ۱۹۹۷ء کان هن وقت تائين پنهنجي قائم ڪيل ديني اداري مدرسه عربيه اسلاميه سراج الهديٰ عثمانيه مائڪرو ٽاور ڪالوني ۾ امامت ۽ خطابت سان گڏو گڏ عمليات جو ڪم به ڪن ٿا. پهرين بيعت سائين محمد عالم ڀهوڙ جن سان ڪيائون، سندن وفات کان پوءِ مفتي عبدالوهاب چاچڙ جن کان نقشبندي طريقي تي بيعت ڪيائون.

مولانا محمد هاشم سومرو

03103838897

نالو ۽ نسب

مولانا محمد هاشم بن محمد ايوب ذات سومرو، ڳوٺ ڀاڏيو تعلقو ۽ ضلو عمر ڪوٽ ۵ جولائي ۱۹۸۶ع ۾ پيدا ٿيو.

تعليم ۽ تربيت

مولانا محمد هاشم سومرو پنهنجي تعليم جي شروعات پنهنجي ڳوٺ ۾ شروع ڪئي، جتي هن پرائمري ۽ ناظره قرآن پاڪ پڙهيو. وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ مختلف ديني مدرسن ۾ جهڙوڪ دارالعلوم قاسميه چور، ضلع عمر ڪوٽ ۽ مدرسه عربيه دارالفيوض القاسميه سجاول ۾ مختلف ديني علم پڙهندي آخرڪار ۲۰۰۸ء ڌاران مدرسه عربيه دارالعلوم حسينيه شهدادپور ۾ سيني علمن جي تڪميل ڪندي دستار فضيلت ٻڌي سند يافته مولوي ٿي ويو.

دين علم جي فراغت کان پوءِ مدرسه عربيه تجويدالقرآن ۾ شعبه عربيءَ ۾ ديني تعليم ڏئي چڪا آهن. ان کان سواءِ پاڻ مختلف رسالن توڙي اخبارن ۾ مضمون لکندا رهندا آهن، جهڙوڪ روزاني جرئت اخبار، ماهورا الجمعيت راولپنڊي ۽ ماهورا رهبر شريعت حيدرآباد ۾ سندن مضمون ۽ مقالا شايع ٿيا آهن.

پاڻ تعلقي ميرپور جا جمعيت علماء اسلام جا جنرل سيڪريٽري پڻ رهي چڪا آهن، ان سان گڏوگڏ پاڻ سماجي ڪمن ۾ به ڀرپور نموني سان جدوجهد ڪري رهيا آهن، پاڻ ڪجھ وقت اڳ پنهنجي ساٿي مولانا عبدالله ظهور سان گڏجي منهنجي مدرسه عربيه دارالتعليم حماديه ڳوٺ راڄو چوهاڻ ۾ آيا ته آئون ساڻس ڪچهري ڪري ڪجھ معلومات وٺي پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪيم، جيئن اسان پنهنجي سنڌي عالمن جي تاريخ کي محفوظ ڪري سگهون.

ڊاڪٽر فتح علي ٽالپر مخلص

ڊاڪٽر فتح علي بن الله بخش ٽالپر (بلوچ) ڳوٺ درياء خان ٽالپر تعلقه مٽياري ۽ ضلع مٽياري ۾ پيدا ٿيا.

سندن والد بزرگوار محترم جناب الله بخش ٽالپر هڪ عظيم ۽ انتهائي نيڪ ۽ حساس طبع انسان هو. درد مند دل رکندڙ، غريبن جي مدد ڪرڻ وارو هو. انگريزن جي دور ۾ پرائمري استاد ٿيو ۽ اي. ڊي. آء. ايس. جي طور تي رٽائر ٿيو. ڳوٺ جي ڪيترن ئي ماڻهن کي پنهنجي طرفان خرچ ڏئي پڙهاياائين ۽ نوڪريون به ڏياريائين. سنڌي، سرائڪي، فارسي ۽ رياضي جو تمام گهڻو ماهر هو. سنڌي گرامر ۽ رياضيء تي مستند ڪتاب پڻ لکيائين جيڪي ڪافي عرصو ٽيچرز ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد ۾ پڙهايا ويندا هئا. ان کان علاوه ناول، ناٽڪ، مضامين وغيره جا ڪتاب لکيائين. پهرئين درجي کان وٺي اٺين درجي تائين جي درسي ڪتابن جي مصنفين ۾ شامل هو. مرڻ گهڙي تائين سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ۽ لاهور ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جو ميمبر هو. هو شاديون ڪيون هئائين.

ڊاڪٽر فتح علي ٽالپر صاحب نه رڳو پنهنجي خاندان ۾ يا ڳوٺ ۾، پر پوري ديهه لِٽيون ۾ پهريون ڊاڪٽر آهن ۽ اڪيلو آرمي آفيسر. ان کان

پوءِ ڊاڪٽر ته ٿيا آهن، پر فوجي آفيسر اجا تائين ٻيو ڪير به نه ٿيو آهي. ڊاڪٽر صاحب جن پهريون ڪجھ عرصو ٽيچر رهيا آهن پوءِ ميڊيڪل ڪاليج ۾ سليڪٽ ٿيا ۽ ڊاڪٽري پڙهيا.

ڳوٺ درياء خان ٽالپر ۾ پرائمري تعليم مڪمل ڪري ڀٽ شاهه مڊل اسڪول ۾ داخلا ورتائون. (بعد ۾ اهو هاءِ اسڪول بڻجي ويو.) ڇهين درجي کان مئٽرڪ تائين پنج سال ڀٽ شاهه ۾ پڙهيا. فرسٽ ايئر پري ميڊيڪل جي داخلا حيدرآباد شهر ۾ ڪاري موري واري ڊگري ڪاليج ۾ ورتائون پر ڪن مجبورين سبب انٽر ۾ سروري اسلاميه ڪاليج هالا نيو ۾ ٽرانسفر ڪرايائون ۽ اتي ئي انٽر ڪيائون. ضياءُ الحق جو ظالمانه دور هو. سنڌ جا وڏا تعليمي ادارا مهينن جا مهينا بند ٿي ويندا هئا. ميڊيڪل ڪاليج جي داخلا لاءِ ڊاڪٽر صاحب جن کان سينئر بئچ انتظار ۾ هئي. هڪ ته اها صورتحال ڏسي ۽ ٻيو پنهنجي فيمليءَ جي مالي حالت ڏسي وڃي نوڪري ڪيم ۽ مڊل اسڪول وسي ملوڪ شاهه (ٽکڙ) ۾ جي ايس ٽي ٿيا. سندن گهر وارن کي اهو پسند نه هو ته ڊاڪٽر صاحب جن نوڪري ڪن. سڀني جي خواهش هئي پاڻ ڊاڪٽر ٿين ان ڪري جڏهن سندن بئچ جو سليڪشن جو وارو آيو ته سندن ڀاءُ حسن علي سندن لاءِ ميڊيڪل ڪاليج مان ايڊميشن فارم وٺي آيو. ان وقت پاڻ ٽيچر هئا. لياقت ميڊيڪل ڪاليج ڄام شورو ۾ ايم بي بي ايس ۾ سليڪٽ ٿي ويا. ٨ جولاءِ ١٩٨٠ سندن ميڊيڪل ڪاليج ۾ پهريون ڏينهن هو. ماستريءَ واري نوڪري ڇڏي ڏنائون ۽ حيدرآباد ۾ اريگيشن ڊپارٽمينٽ ۾ پارٽ ٽائيم تي پهرين سب داروغو بڻيا ۽ پوءِ ٽيليفون آپريٽر جي نوڪري ڪيائون. سال کان پوءِ اها نوڪري به ڇڏيائون ۽ شاگردن کي ٽيوشن پڙهائڻ شروع ڪيائون. ان کان علاوه ٻن نيڪ شخصن منهنجي مالي مدد ڪئي جيڪا ١٩٨٥ جي ايم آر ڊي جي تحريڪ تائين جاري رهي. (هڪ جتوئي هو ۽ ٻيو جلباڻي هو. سندن منع ڪرڻ سببان انهن جا نالا ڪونه ٿو ٻڌايان.) ١٩٨٥ ۾ پاڻ پنهنجي ڳوٺ دريا خان ٽالپر ۾ ڪلينڪ کولي. صبح جو ڪاليج ۾ ۽ شام جو ڪلينڪ تي، ائين ٽائيم گذري ويو. جنرل ضياء الحق جي مهربانين سان ٥ سالن واري ڊگري ٧ سالن ۾ ملي. ١٩٨٧ ۾ پاڻ ڊاڪٽر ٿيا.

ڊاڪٽر صاحب جن سماجي خدمتون پڻ ادا ڪندا رهندا آهن. پاڻ نهايت درد دل رکندڙ بهترين انسان آهن.

علي حسن چوهاڻ

03063906436

ڳوٺ راڄي چوهاڻ جي تعمير، ترقي، بناوت ۽ سجاوٽ ۾ سندن اهم ڪردار رهيو آهي. پاڻ هر وقت پنهنجي ڳوٺ جي فلاح ۽ بهبود جي لاءِ ڪوششون ڪندا رهيا آهن.

نالو ۽ نسب

علي حسن بن ملا بنگل دين چوهاڻ ۱۹۴۹ع ڌاران ڳوٺ راڄو چوهاڻ ضلع شڪارپور ۾ پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

قرآن پاڪ ۽ ديني تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائون. جڏهن ته پرائمري به پنهنجي ئي ڳوٺ ۾ پڙهيا. ميٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول شڪارپور ۾ پڙهيا انٽر ڊگري ڪاليج شڪارپور ۾ پڙهيا. جڏهن ته ديني تعليم شڪارپور ضلع جي نهايت ئي قديم ۽ مشهور ديني اداري مدرسه عربيه ڪنزالعلوم سومراٽي شريف ۽ رستم جي مدرسي ۾ مولانا عبدالقيوم مهر ۽ مولانا عبدالستار مهر جن وٽ پڙهيا.

سماجي ڪم

تعليم جي فراغت ڪان پوءِ پاڻ سنڌ گورنمينٽ جا ملازم رهيا آهن. تعليم جي دوران ڪين القو هو ته پنهنجي ڳوٺ کي ڪيئن سنوارجي ۽ سينگار جي ان تمنا کي پوري ڪرڻ خاطر پاڻ پنهنجي ڳوٺ جي تعمير ترقي سنوارڻ ۽ سينگارڻ لاءِ ڏينهن رات هڪ ڪري ڀرپور ڪردار ادا ڪيو. ڳوٺ ۾ جيڪي سماجي ڪم ڪيائون، اهي هن ريت آهن. سندن محنت ۽ ڪوشش سان پنهنجي ڳوٺ ۾ پرائمري بوائز اسڪول ۽ پرائمري گرلس اسڪول مڊل بواءِ اسڪول ۽ گورنمينٽ هاءِ اسڪول پوسٽ آفيس، ڊرينج سسٽم، فون ايڪسچيج، ڪولرايائون سندن عزم هو ته پنهنجي ڳوٺ کي تعلقي لکي جو اهم ۽ خوبصورت ڳوٺ بڻايان، پر ڪن نا عاقبت

انديش ماڻهن جي چرچ تي مٽن الزام مڙهيو ته پاڻ ڳوٺ مان هجرت ڪري وزيرآباد کي پنهنجو وطن بڻايائون. سندن وڃڻ ڪان پوءِ ڳوٺ جي ترقي ۽ تعمير رڪجي وئي آهي. پاڻ هن وقت وزير آباد ۾ رهن ٿا. کين پنج پٽ (۱) عبدالقيوم (جيڪو روڊ حادثي ۾ شهيد ٿي ويو آهي) (۲) عبدالغفور پاڻ نيو سکر سٽي ۾ اڪائونٽنٽ مينجر آهن (۳) حافظ علي گل (۴) ڊاڪٽر عبدالفتاح وٽرنري جانورن جو ڊاڪٽر آهي روهڙي ۾ پنهنجي پرائيوٽ جانورن جي اسپتال هلائيندو آهي. (۵) افضل خان ۽ پنهنجي اولاد کي ديني ۽ دنيوي تعليم ڏياري اٿن ۽ سندن اولاد دنيوي ڪمن ۾ پڻ ڀرپور ڪردار ادا ڪري رهي آهي.